
سائين جي ايم سيد جون تحريرون

ڀاڱو 5



جي ايم سيد

# پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني

# سائين جي-ايم- سيد

# جون تحريرون

## (پاڱو ٻيو)

رهاڻ- سيد ميران محمد شاهه جا خط

خط ۽ مضمون- پير علي محمد شاهه راشديءَ جا خط

ساهڙ جا سينگار- علامه آءِ. آءِ قاضيءَ جا خط

مرتب:

ناز سنائي



**جي- ايم- سيد اڪيڊمي. سن**

ضلع ڄامشورو سنڌ

2009ع

ڊائرين ۾ ڪيڏي تاريخ محفوظ آهي. ڪاش! سائينءَ جي پوئلڳن کي اهو پتو هجي ۽ ان سان گڏ اهو احساس بہ.

انهن ڊائرين کي ورهائي، ترتيب ڏيڻ وارو ڪم بہ هڪڙي سادات تي نڪتو پر پوءِ بہ ڪو ڪم نہ ٿي سگهيو ۽ اڳتي هلي انهن جو ڇا ٿيندو. ان جو ڪو پتو ڪونهي.

علامہ آءِ آءِ قاضي سنڌ جو يگانو مفڪر هو. سائين ان بابت لکي ٿو: "سندن ملاقاتن ۽ محبت مان جا معلومات ميسر ٿي. سا مشڪل سان سون ڪتابن پڙهڻ مان حاصل ٿي سگهي ها."

قاضي صاحب جي خطن بابت سائين لکي ٿو:

هي خط مختلف موقعن تي لکيل آهن. جي منهنجي لکيل خطن جي جواب ۾ يا روبرو ڪيل گفتگوءَ جي سمجهاڻيءَ لاءِ لکيل هئا. مون کي خبر نہ آهي تہ منهنجا خط قاضي صاحب مرحوم جي ڇڏيل ڪاغذن جي ذخيري ۾ محفوظ آهن يا نہ؟ سندن هڪ خط ۾ اهڙو اشارو ڪيل آهي. جنهن مان معلوم ائين ٿئي ٿو تہ اُهي خط پاڻ بہ محفوظ ڪيا اٿن. بهرحال سندن هنن خطن جي پس منظر ۾ ڪيل ملاقاتن وقت ٿيل گفتگو ۽ منهنجي لکيل خطن ۾ ظاهر ڪيل خيالن کي ڪافي دخل آهي. تنهنڪري مناسب ائين سمجهيو اٿم تہ ضرورت سارو اڪثر خطن جي مختصر نوٽن ۾ انهن جي پس منظر معلوم ڪرائڻ لاءِ "شان مڪتوب" بہ پيش ڪريان"

آءُ سمجهان ٿو تہ جڏهن هنن ٽنهي ڪتابن کي گڏي، مطالعي هيٺ آندو ويندو تہ سياست ۽ ادب جي سنگم هنن خطن مان، اسان کي گهڻو ڪجھ حاصل ٿي سگهندو.

ساڳي وقت موقعو غنيمت سمجهندي. آءُ سائين جي ايم سيد جي پيروڪارن ۽ عقيدت مندن کي گذارش ڪندس تہ هو سائين جي ايم سيد جي خطن، بيانن، تصويرن، ۽ سمورين تحريرن کي يڪجا ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ۽ رهنمائي ڪن.

حيدرآباد سنڌ

7- اپريل 2009

0300-3946518

0222 780701

**ناز سنائي**

# رهاڻ

سائين جي– ايم– سيد ۽ ميران محمد شاھ

جي خط و ڪتابت

# رهاڻ

## سيد ميران محمد شاهہ مرحوم جا چونڊ خط

(1924 - 1963ع)



**سيد ميران محمد شاهہ**

جنم: 19 مارچ 1898ع

وفات: 16 نومبر 1963ع

زندگيءَ وانگر عارضي آهن، جنهن کي سائيهه تو ڄاڻجي. سي ڳالهيون مانجهاندي جو ماڳ آهن. ماڻهوءَ جي آتت لاءِ، ٻئي جنم ۾ ڳڌجڻ جو دلاسو ڏنو، سڀ ڪجهه ڪيو، ليڪن يقين سان ڪجهه چوڻ جي اهل نه بنيو آهي.

هن ڌرتيءَ تي لکا ورهين کان زندگيءَ جا آثار ڏسڻ ۾ اچن ٿا. شايد اڳتي به زندگي هلندي اچي. اهي سڀ ثبوت حياتِ ڪل جا آهن. ليڪن شخصي زندگيءَ جو تسلسل اڃا به تشنه ثبوت رهيو پيو آهي. جهڙيءَ طرح شخصي حيات جو تسلسل مشڪوڪ آهي، اهڙيءَ طرح سان شخصي خوشي به عارضي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ويچارن فيلسوفن گهڻي متا ماري ڪئي آهي. ڪي رهبانيت جا قائل ٿي، هن زندگيءَ کي عارضي سمجهي، دائمي زندگي ۽ دائمي خوشيءَ جي ڳولا ۾ سرگردان رهيا. ته ڪي رند بنجي، ايپيڪيورين فلسفي جا پوئلڳ ٿي، نقدِ حيات حاصل ڪرڻ ۾ مستغرق رهيا. پر ڏسڻ ۾ شايد ائين اچي ٿو ته ٻنهي ڌرين شخصي زندگيءَ جي تسلسل تي بنياد رکي پنهنجا نظريا بنايا آهن. بهرحال، جيستائين زندگيءَ جو تعلق آهي، دائمي حيات ۽ دائمي خوشيءَ جي کوجنا جاري رهندي:

"جيڪر قيامَ مِڙن، ته ڪَرَ اوڏا سپرين."
(شاهه)

**غلام مرتضيٰ**
سن 14-12-1963ع

# فصل پهريون

# ميران محمد شاهہ جي زندگيءَ جو مختصر احوال

## خاندان جو احوال

شاهہ صاحب، مٽياري سيدن جي منعمائي پاڙي جي ٽڪڙ ۾ وينل ساداتن مان هو. سندن وڏي ڏاڏي سيد عبدالڪريم شاهہ شهيد (جنهن جي پاءَ سيد شهمير ٽڪڙ جو ڳوٺ ٻڌو هو) کي ٻہ فرزند ٿيا: سيد بادو شاهہ، ۽ سيد قاسم شاهہ.

الف: سيد بادو شاهہ جي فرزند سيد عبدالحڪيم شاهہ مان سيد اسدالله شاهہ وڏو ڇائو، جنهن کي وري سيد الهہ بخش شاهہ فرزند ٿيو. سيد الهہ بخش شاهہ جا پنج فرزند ٿيا: (1) سيد حاجي عبدالحڪيم شاهہ (2) سيد حاجي غلام شاهہ (3) سيد حاجي قاضي اسدالله شاهہ (4) سيد حاجي محمد حافظ شاهہ ۽ (5) سيد حاجي علي اصغر شاهہ.

ب: سيد عبدالحڪيم شاهہ شهيد جي ٻئي فرزند سيد قاسم شاهہ کي چار فرزند ٿيا: (1) سيد چڱل شاهہ (2) سيد محمد شاهہ حڪيم (3) سيد شرف علي شاهہ (4) سيد حسين شاهہ. انهن مان پهريون لاولد وفات ڪري ويو. ۽ پوئين جو اولاد اڳتي هلي بند ٿيو.

نمبر 3. سيد اشرف علي شاهہ، جي اولاد مان سيد عبدالهادي شاهہ، لطف علي شاهہ ۽ حاجي غلام احمد شاهہ آهن.

نمبر 2. سيد حڪيم محمد شاهہ، کي ڇهہ فرزند ٿيا: (1) سيد غلام نبي شاهہ (2) سيد چڱل شاهہ (3) سيد حافظ ميران محمد شاهہ وڏو (4) سيد حاجي محمد رحيم شاهہ (5) سيد فيض محمد شاهہ ۽ (6) سيد حاجي غلام نبي شاهہ حڪيم.

انهن مان نمبر 1، 2، 4 ۽ 5 لاولد ٿيا.

نمبر 6، جي اولاد مان سيد فيض احمد شاهہ وارا ٿيا.

نمبر 3، سيد حاجي ميران محمد شاهه حڪيم، متوفي 1309هه مطابق 1845ع کي، چار فرزند ٿيا: (1) سيد محمد شاهه مجذوب (2) سيد زين العابدين شاهه عرف چڳل شاهه (3) حاجي عبدالقادر شاهه (4) سيد محمد شاهه دوم.

انهن مان نمبر 3، حاجي عبدالقادر شاهه جي اولاد ۾ حاجي محمد رحيم شاهه ۽ ٻيا ٿيا.

نمبر 4، سيد محمد شاهه دوم مان سيد محمد اڪرم شاهه ۽ سيد محمد اشرف شاهه ٿيا.

نمبر 2، سيد زين العابدين شاهه کي ٻه فرزند ٿيا: (1) سيد ميران محمد شاهه ۽ (2) سيد قاسم شاهه. هتي آءٌ ميران محمد شاهه جي زندگيءَ جو مختصر احوال پيش ڪريان ٿو.

## شخصي زندگي

سيد ميران محمد شاهه 19 مارچ 1898ع تي حيدرآباد ضلعي جي ٽنڊي محمد خان تعلقي جي ٽکڙ ڳوٺ ۾ ڄائو هو. ابتدائي تعليم حافظ محمد يوسف ۽ حافظ محمد هارون وٽ حاصل ڪيائين. پوءِ پرائمري اسڪول مان چار درجا پاس ڪري، ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسة الاسلام ۾ پڙهي، 1921ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين. بعد ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿيو، جتان بي. اي ۽ ايل. ايل. بي جا امتحان ڏيئي، 1924ع ڌاري حيدرآباد ۾ وڪالت شروع ڪيائين.

اول ۾ مسٽر سنتداس منگهارام وڪيل جي فرم ۾ داخل ٿي وڪالت ڪرڻ لڳو. وڪالت ۾ معمولي قابليت ڏيکاريائين. سرڪاري نوڪريءَ لاءِ ٻه-ٽي دفعا ڪوشش ڪيائين، پر ڪانه ملي سگهيس. وڪالت جي ڪري، لڏي اچي حيدرآباد ويٺا، جتي اڄا تائين سندس خاندان رهي ٿو. ڪيس مائٽاڻي زمين ۽ وڪالت مان پيدائش ٿيندي هئي. ليڪن اها سندس والد جي ڪفايت شعاريءَ جي باوجود پوري نه ٿ ي هئي. آخري وقت ۾ هو بيمار ٿيو. سياست کان ٻاهر زندگي گذاري رهيو هو. کيس هڪ فرزند سيد قبول محمد شاهه ٿيو، جو جوانيءَ ۾ پيءُ کي داغ فرقت ڏيئي وفات ڪري ويو. ٻيو ڪو نرينو اولاد ڪونه آهي. کيس ٻه نياڻيون آهن، جن مان هڪ حاجي غلام احمد شاهه جي گهر ۾، ۽

هڪ سندس ڀائٽي قمر الزمان جي گهر ۾ آهي. سندس والد 5 فيبروري 1950ع ۾ وفات ڪئي هئي.

# سماجي ۽ سياسي زندگي

هي ننڍي هوندي کان سندس عزيز ۽ بزرگ، حاجي اسدالله شاھ مرحوم جي خلافت تحريڪ ۾ حصو وٺڻ وقت، باوجود پڙهڻ جي، سياسي ماحول ۾ پلبو هو.

مارچ 1924ع تي، سن ۾، متياري سيدن جي ڪانفرنس ۾ حصو ورتائين. ان کان پوءِ سنڌ ايڊيوڪيشن ڪانفرنس، منعقده حيدرآباد، جو جوائنٽ سيڪريٽري ٿي ڪم ڪرڻ لڳو.

1925ع ۾، حيدرآباد ميونسپالٽيءَ جو ميمبر چونڊيو. انهيءَ سال ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ، اسڪولبورڊ حيدرآباد جو چيئرمين چونڊيو.

1928ع ۾، سر غلام حسين هدايت الله جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جي ميمبر مقرر ٿيڻ بعد، سندس خالي ٿيل جاءِ تي، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ مرزا سڪندر بيگ جي مقابلي ۾ بمبئي ڪائونسل تي ميمبر چونڊيو.

1929ع ۾، حيدرآباد ضلعي لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ چونڊيو. بمبئي ڪائونسل ۾ انهن ڏينهن ۾ جي سنڌ طرفان هشيار ۽ تعليم يافته ميمبر چونڊيل هئا، انهن مان هي هڪ هو.

صوبي بمبئيءَ طرفان سائمن ڪميشن کي مدد ڏيڻ لاءِ جا ڪميٽي مقرر ٿي هئي، ان تي به ميمبر ٿي ڪم ڪيائين. ان ڪميٽيءَ اڳيان سنڌ جي جدائيءَ بابت جڏهن سوال آيو ته سنڌ جي هڪ ميمبر سر شاهنواز خان ڀُٽي جڏهن سرڪاري رپورٽ تي سنڌ کي جدا ڪرڻ جي خلاف ووٽ ڏنو، ته هن ان ۾ اختلافي نوٽ لکي، سنڌ جدا ڪرڻ تي زور ڏنو.

1936ع تائين پاڻ بمبئي ڪائونسل جو ميمبر هلندو آيو. ان کان پوءِ هڪ سال لاءِ سنڌ ڪائونسل جو ميمبر ٿي رهيو. 1937ع ۾ جڏهن آزاد سنڌ اسيمبليءَ جون چونڊيون ٿيون، ته مسٽر نور محمد وڪيل ۽ مرزا سڪندر بيگ جي مقابلي ۾، حيدرآباد شهر ۽ تعلقي مان سنڌ اسيمبليءَ تي چونڊجي آيو. ڪجهه وقت سر غلام حسين جي وزارت ۾ پارليامينٽري سيڪريٽري هو، ۽ پوءِ سنڌ

اسيمبليءَ جي اسپيڪر، ديوان ٻوجسنگ جي انتقال ڪرڻ تي، 1938ع ۾، سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر چونڊيو، جنهن عهدي تي هو 1946ع تائين قائم رهيو.

ان کان پوءِ سنڌ سرڪار ۾ وزارت جي عهدي تي، مختلف چيف منسٽرن جي وزارتن ۾ 1952ع تائين هلندو آيو.

1952ع ۾، پاڪستان طرفان کيس اسپين جو سفير مقرر ڪيو ويو. جتان 1953ع ۾، سرڪار جي انهن عهدن تي سرڪاري عملدار مقرر ڪرڻ جي پاليسيءَ ڪري پوئتي هٽايو ويو.

ان کان پوءِ کيس ڪراچي امپروومينٽ ٽرسٽ جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو، جنهن عهدي تي 1957ع تائين فائز رهيو.

1940ع کان 1952ع تائين، سنڌي ادب جي ترقي لاءِ ٺهوڪيءَ سنڌ سرڪار جي قائم ڪيل مرڪزي صلاحڪار بورڊ جو چيئرمين رهيو ۽ ان کان پوءِ "سنڌي ادبي بورڊ" جو آخر تائين ميمبر هو. پوين ڏينهن ۾، ڪجهه وقت بورڊ جي اعزازي سيڪريٽريءَ طور به ڪم ڪيائين.

1932ع ۾، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ميلي جي موقعي تي ادبي ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو بنياد وڌائين. 1950ع ۾، وزير ٿيڻ تي، شاهي رستي کان ڀٽ شاهه تائين پڪو رستو ٺهرائي، ادبي ڪانفرنس کي نئون رنگ ڏنائين.

ڪيترو وقت "شاهه لطيف ڪلچرل ڪميٽيءَ" جو چيئرمين ٿي رهيو.

"سنڌ آزاد ڪانفرنس" جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو سيڪريٽري ٿي به ڪم ڪيو هئائين.

جڏهن کان مسلم ليگ طاقت ۾ آئي، تڏهن کان مسلم ليگ جو ميمبر رهندو آيو.

سندس سياسي زندگي سنڌ جي اڪثر تعليم يافته ميمبرن وانگر هئي.

## ادبي ۽ ثقافتي زندگي

شاهه صاحب ننڍي هوندي کان شعر چوندو هو. سندس تخلص "مير" "ميران" ۽ "مهجور" رهيا آهن. ڪيترا شعر ڇپيا اٿس. نثر جو به سٺو لکندڙ هو. سواءِ چند مضمونن جي، نثر ۾ ڪو ڪتاب ڪونه لکيو اٿس. شعر ۾ سندس

مقناطيس اوهان جو نفس نفيس آهي.

اڄ سارو ڏينهن درد سريءِ ۾ فڪرات ۾ گذريو. انهيءَ حالت جا هڪ ڪان گهڻا وجهه آهن، تنهن ڪري انهن جو بيان هن بيگاهه وقت ۾ قرتاس جي تنگ ميدان تي ڪرڻ کان قاصر آهيان. انهيءَ فڪرات جي بحر بي ساحل ۾ غوطه زني ڪندي، اوهان جي موڪليل خط جي يادگيري آئي. يقيناً، اهو بُڏيءَ کي تار ۾ ترهو ٿي پيو.

تعليمي ڪانفرنس جي موقعي تي اوهان جي رهڻ جي جاءِ لاءِ انتظام ڪيو اٿم.

سياٽي ڪوئيٽا ميل ۾، گورنر بمبئيءَ کي لاڙ ڊويزن جي زميندارن پاران ائڊريس ڏيڻ لاءِ ڪراچيءَ وڃي رهيو آهيان.

## (5)

حيدرآباد، سنڌ

21- ڊسمبر 1924ع

اوهان کي ڪانفرنس جي موقعي تي ڏنل واعدي مطابق، آءٌ تاريخ 23- سن ۾ ايندس. پوءِ پروگرام هيٺينءَ طرح رٿيو:

24- ڊسمبر سن ۾ رهبو.

25- ڊسمبر شڪار تلورن جو ڪبو.

26- ڊسمبر ڪاڇين کان هالا هلبو.

27- ڊسمبر پٽ شاهه هلبو.

28- تاريخ موٽي حيدرآباد اچڻو اٿم، جو 29- تاريخ چاچي محمد شاهه جو بارهو آهي.

[نوٽ: هي گشت سندس سياست ۾ داخلا لاءِ تعارف طور رٿيل هو. انهيءَ موجب، پهرين ڪاڇين ۾ رئيس فقير بخش خان وٽ وياسون. اتان پاٽوٽ جي سيدن ۾ وياسون، جتان هالن پراڻن مان ٿي، مخدومن وٽ هالن ۾ وياسون. اتان پٽ شاهه تي وڃڻ ٿيو.]

---

اُوهين هن ناچيز کي سنيءَ نظر سان ڏسو ٿا. پڪ اٿم تہ اوهان کي منهنجي نقصن جو پتو نہ آهي، يا اوهين انهن تي پرده پوشي ڪري نظر استحسان سان ڏسڻ گهرو ٿا. ٻاهر سير لاءِ حال ڪونہ ٿو وڃان.

اوهان مون کي بمبئي ڪائونسل لاءِ اميدوار بيهارڻ جو خيال ڪيو آهي، ان لاءِ آءٌ پاڻ کي ڪم- حيثيت ٿو تصور ڪريان. هيءَ اوهان جي شفقت ۽ عنايت آهي، جا اوهان کي منهنجي عزت افزائيءَ لاءِ آماده ڪري رهي آهي.

منهنجي دل جي تقويت واسطي اوهان جي وڏيڪ مشوري ۽ ترغيب جي ضرورت آهي. ملاقات جو وجهہ ملي تہ عزم بالجزم ڪيو وڃي. پير غلام حيدر شاهہ بلڙيءَ واري سان جلد ملڻ جو خيال اٿم. پير صاحب مون سان بہ اهڙي گفتگو ڪئي هئي.

’انجمن سادات مٽياري‘ کي پڪي پايي تي بيهارڻ لاءِ ڪوشش ورڻ گهرجيو. سيڪريٽريءَ جو خط پهتو هوندو.

---

حاضر هئا. ملاقات جو نتيجو بروقت معلوم ٿيو: ميان رحيم بخش شيخ ۽ محمد بخش ميمڻ ۽ ٻن هندن جي سفارش تي آهي. اسان کي نوڪريءَ جي ٽوڪريءَ کان خدا بچائي ورتو! قوم جي خدمت ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو. سون اوهان جهڙن دوستن جو چيو ڪري، نوڪريءَ لاءِ ڪوشش ڪئي هئي، ڪاميابي قادر جي اختيار هئي.

پير ٻلڙيءَ وارو بمبئيءَ کان پهچي ويو آهي. صلاح آهي ته گڏجي ٽکڙ ۽ سعيد پور، فاتحه خوانيءَ لاءِ هلجي. ان موقعي تي ڪائونسل بابت ڪجهه پتو پئجي ويندو.

(4)

حيدرآباد

30- مئي 1926ع

هڪ خط اڳي موڪليو اٿم، جواب ڪونه مليو. سبب ججي نه ملي. دل ڪانه هيم، پر روزگار جي تنگيءَ ان لاءِ مجبور ڪيو هو. الله تعاليٰ ڪن کي پکن سان پيدا ڪيو آهي، ڪي ٻي پر پيدا ڪيا اٿس. مون لاءِ اوهان جهڙيءَ هستيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو دوست ۽ مددگار ڪونه آهي. هاڻ هڪ دفعو وري اوهان سان صلاح ڪرڻ گهران ٿو ته آئيندي لاءِ منهنجو پروگرام ڪهڙو هئڻ گهرجي.

سعيدپور ۽ ٽکڙ، فاتح خوانيءَ لاءِ ڪڏهن اچڻ جو ارادو رکو ٿا؟

(5)

حيدرآباد سنڌ

2- سيپٽمبر 1926ع

چيئرمين ضلعي لوڪلبورڊ اسڪول بورڊ جي چونڊ جو وقت ويجهو اچي ويو آهي. اوهين 5 سيپٽمبر آچر ڏينهن هتي پهچندا. اسڪولبورڊ جي چونڊ سومر ڏينهن 6 سيپٽمبر 1926ع تي، 8 وڳي صبح جو ٿيڻي آهي. سستي ڇڏي مهرباني ڪري ضرور ايندا.

نلمر تازو: ڪاغذ موضع گاندربل جي پوسٽ ۾ وجهان ٿسو. هن ڳوٺڙي ۾ هر طرف سني پاڻيءَ جا چشما آهن. ميحيءَ جو شڪار آهي. هر طرف چنار ۽ سفيدي جي وڻن جي قطار آهي. درياءَ ڇڇي، بن ٿن شاخن ۾ ٿي ريو آهي. جبلن جي دامن ۾ باغ ۾ ياڇيون هزارها نمونن جون آهن، جي ڏسي دل کي فرحت اچي ٿي. آبهوا بلڪل خوشگوار اٿس. اسين ٻه ڏينهن هتي رهي، سرينگر موٽنداسون.

---

# سال 1928ع

حيدرآباد سنڌ

22- جنوري 1928ع

خط پهتو. ڪراچيءَ سب ججيءَ جي انٽرويو لاءِ ويل هوس، جتان نقشِ طالع معڪوس نظر آيو. حياتي جي دور، دورِ گردون جي نقشِ قدم تي هلڻ جو هميشہ لاءِ فيصلو ٿي ويو.

آءٌ ڪو نااهل نہ هوس، مگر منهنجي طالع ۾ قوم جي خدمت جو طوق دايہ ازل وجهي ڇڏيو هو. جنهن کان ڪنڌ ڪير ڪڍائي. شايد قسمت ۾ آرام ۽ آسائش جي حياتي روز ازل لکيل نہ هئي. زماني جي بحر اشتغال ۾ غوطہ زني ڪرڻي اٿم، جيئن ڇهہ سال اڳي پنهنجي هڪ غزل ۾ چيو هوم:

اصل کان "مير" مگر خلقيا آهن خالق،

غمن جي غلہ ڪشي لاءِ دل ۽ دوش سندم.

هاڻ اوهان ڏسي ورتو تہ منهنجو ڪوبہ قصور نہ آهي: آءٌ آرام جي زندگيءَ ۽ ادبي خدمت لاءِ نوڪري پنيان هوس، مگر قدرت کي اهو منظور نہ هو. هاڻ منهنجي حياتيءَ جي ڪشتي اوهان جي ناخداتيءَ جي خواستگار ۽ طلبگار آهي. جي رهنمائي ڪندا تہ ساحلِ مراد کي پهچي ويندي، ورنہ حياتي بحرِ زخار ۾ ڪنهن نہ ڪنهن ٽڪريءَ تي ٽڪرائجي، راهِ عدم ڏي رواني ٿي ويندي.

چڱو ٿيو جو مون تان سن ڪانفرنس جي پريزيڊنٽيءَ جو بار لاٿو. بزرگن جي وچ ۾ صدر ٿيان ڪونہ ها. چوندا تہ "ناني رڌڻ واري، ڏوهٽا ڪائڻ وارا." منهنجي خيال ۾، ان لاءِ ميرزا قليچ بيگ موزون ٿيندو. طبيعت جي علالت ڪري، 28 تاريخ شام جو ايندس.

(2)

حيدرآباد

25- جنوري 1928ع

خط سن جي ميلي تي اچڻ لاءِ پهتو:

حيدر تہ نهندس. رئيس فقير بخش خان کي ونـي، مخـدوم صـاحب کـي اڳ ۾ ملي، واعدو ونـڻ گهرجي. آءٌ 18- تـاريخ شـام جـو، چنچـر ڏينهـن، هـالا پهچندس. 19 تاريخ هالا جي اسڪول ۾ جلسو آهي، اوهيَن مهربـاني ڪري رئيس صاحب کي وٺي اتي ايندا. هي وقت مدد جو آهي.

(4)

حيدرآباد

7- مارچ 1928ع

خط پهتو. زماني جي احوال بسنت عرض تہ ميان غـلام حيـدر صـاحب جـو نياپو پهتو آهي تہ مخدوم صـاحب وڏو 15- مـارچ هـالن ۾ واپـس ايندو. ڪيس جلدي ملو. اوهين رئيس فقير بخش خان کي وٺي، هالن ۾ 18، 19- تاريخن تـي ايندا، پر جي رمضان جي ڪري تڪليف ٿئي تہ پـوءِ عيـد کـان پـوءِ هلجي. اتـان پٽاين تائين هلبو.

پـر احسان الله شـاهہ جهنـدي واري کـي بـہ چـوڻ گهرجـي. آءٌ حيدرآبـاد ميونسپالٽيءَ لاءِ بہ اميـدوار بيـٺو آهيـان. قـاضي عبدالقيـوم ۽ ميـان اميـن الدين بہ اميدوار آهن. ان تڪ مان چار ميمبر چوندجڻا آهن. انهـيءَ واردِ ۾ سيد منن شاهہ ۽ شـير علـي شـاهـہ، ٽنـدي غـلام حسـين وارو، مڪيـہ باشـندا آهن. منـن شـاهہ، قـاضي صاحب جو خليفـو آهـي. جتـي بـہ قـاضي هونـدو، مجبوري ڏيڪاريندو.

(5)

حيدرآباد

20- مارچ 1928ع

منهنجي حالتِ زار اچي ڏسو. هڏن جو پڃرو ٿي ويو آهيان. آسمان جي رخ تي ابر سياه ٿو ڏسان. ظلمتڪدي ۾ گامزن آهيان. اوهان جي خضر رسائيءَ جي ضرورت آهي. هڪ طرف ميونسپالٽي، ٻئي طرف ڪائونسل آهـي. اچـو، اچـي منهنجي مدد ڪريو. مخالف ڏر جي ڪوشش ڏسان ٿو تہ دل ڪنبيو وڃي.

(6)

حيدرآباد

20- اپريل 1928ع

آءُ اربع ڏينهن صبح جو لاهور ميل ۾ ڪراچيءَ پهچندس. حاجي علي اصغر شاهه حج تي وڃي ٿو، ان ڪي اماڻڻ اچان ٿو.

(7)

حيدرآباد

2- مئي 1928ع

مخدوم ميان غلام حيدر جي شادي 5- مئي تي آهي. مون ڪي 12- مئي تي گهرايو اٿس. شايد جدا جدا وقتن تي ماڻهو گهرايل آهن.

(8)

حيدرآباد

28- مئي 1928ع

ڪائونسل جو ڪم قريب آهي. 20- جون تي جاءِ خالي ٿيندي. 20- جولاءِ چونڊ ٿيندي. اوهين اجا ماٺ ۾ آهيو! اچو ته ڪم جي ورچ ڪجي.

شيخ صاحب جي آفيس 2- جون ڪُلي ويندي. مرزا جو ڪم به زور آهي. عيد ذوالحج کان پوءِ هتي ايندا چاچي ولي محمد شاهه ڪائونسل ۾ مدد جو انجام ڪيو هو. پاڻوني سيدن، زير پير وارن سيدن ۽ ٻين ڪي چوڻو اٿوَ.

(9)

حيدرآباد

20- جون، 1928ع

اڄ صبح جو، خدا جي مهربانيءَ سان ميونسپالٽيءَ جي اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيس. پهريون نمبر آيس. قاضي ميان عبدالقيوم جو فخر ٽُٽي پيو. هن ڪهنه مشق جي سامهون آءٌ ضعيف البدن ۽ ڪمزور ڇا هوس، پر خدا جي مهرباني ٿي.

(10)

حيدرآباد

28- جون 1928ع

بمبئي ڪائونسل جي اليڪشن جي تاريخ مقرر ٿي ويئي آهي. نامينيشن فارم 2- جولاءِ تي پريو ۽ اسڪروٽني 5- جولاءِ تي، چونڊ 17- جولاءِ تي ٿيندي. هاڻ غفلت ڪرڻ پاڻيهي شڪست کي دعوت ڏيڻي آهي. اوهين پنهنجي ڪمن ۾ مشغول آهيو. هاڻي تاريخ بڌڻ بعد اميد ته جلد ايندا ته مٿيارين مان ٿي پوءِ هالن ۾ گڏجي هلون. چاچا ولي محمد شاهه کي ڏسجو. پير فتح محمد شاهه آراضيءَ جا مريد، ٽنڊي ولي محمد ۾ آهن. لڪيءَ جي سيدن جا مريد، حيدرآباد آهن.

(11)

ايجنٽ نامو

سيد غلام مرتضيٰ شاهه ولد سيد محمد شاهه کي بمبئي ڪائونسل جي ضمني چونڊ لاءِ، هالا ميونسپل آفيس جي پولنگ لاءِ، ايجنٽ مقرر ڪريان ٿو.

چونڊ 17- جولاءِ 1928ع تي ٿيندي- ميران محمد شاهه

(12)

حيدرآباد

31- جولاءِ، 1928ع

تار

مبارڪون! مون کي 2424 ووٽ، شيخ صاحب کي 1693 ووٽ ۽ مرزا کي 1519 ووٽ مليا.

[بمبئي ڪائونسل جي چونڊ ۾ ڪاميابيءَ بابت.]

(13)

ڪائونسل هال، پونا

13- جولائي، 1928ع

خيريت سان پوني پهتس. سر غلام حسين جي موٽر بيٺي هئي. ان ۾

سوار ٿي وٺس ويس. سندس بنگلي ۾ مهمان آهيان. محمد ڪامل شاهه به اتي آهي. آبهوا خوشگوار آهي. آءٌ طبيعت ۾ خوش نه آهيان. ذات ۾ سور اٿم. قبضيت به اٿم. الله جو فضل ٿيندو.

هينئر ڪائونسل ۾ وينو آهيان. وطندار ائڪٽ ۾ درستيءَ بابت بحث هلندڙ آهي. ان جو تعلق دکن جي جاگيردارن سان آهي. هائوس جو توجهه ڪونه آهي. ان ڪري قلم ڪڻي اوهان ڏانهن خط لکيو اٿم. پهرين تاريخ "سائمن ڪميشن" جي بائيڪاٽ جو نهراءُ پيش ٿيندو، جنهن لاءِ ٻنهي ڌرين، يعني پبلڪ ۽ سرڪار طرفان ڪنويسنگ (Canvassing) هلي رهي آهي. منهنجو پهريون ڏينهن آهي، پيو حالتون جاچيان. مسلمانن جي، ڪائونسل ۾ ڪابه وقعت نه آهي. هڪ پارٽي پُسٽي صاحب جي، ٻي مسٽر نور محمد جي، ٿي پريزيڊنسيءَ جي مسلمانن جي: آءٌ ان ڳالهه ۾ مشغول آهيان ته مسلمان اتفاق ڪن، ۽ جيڪو قدم کڻن سو گڏجي کڻن، نه ته قوم جو خدا حافظ آهي. ڪائونسل ۾ عزت بجاءِ ذلت ٿئي ٿي. اڄ هڪ ميٽنگ شام جو 6 بجي سڏايل آهي، خدا ڪري ڪو نتيجو نڪري. وڌيڪ احوال پوءِ عرض رکندس. ڪائونسل جو اجلاس 6-7 ڏاري پورو ٿيندو. 12- تاريخ موٽي حيدرآباد ايندس. خبر ڏيندا ته آئيندي اوهان ڪراچي ضلعي مان ڪائونسل لاءِ بيهندا يا نه؟ صرف احوال معلوم ڪرڻ گهران ٿو.

## (14)

ڪائونسل- هال، پونا

4- آگسٽ، 1928ع

هڪ خط اڳي موڪليو اٿم، جواب ڪونه پهتو آهي. هتي جو احوال هي آهي ته "سائمن ڪميشن" سان تعاون ڪرڻ جو نهراءُ پاس ٿي ويو. مسلمانن يڪمشت ٿي، ڪميشن سان تعاون ڪرڻ جي فائدي ۾ ووٽ ڪيو.

هڪ ڪميٽي، ڪائونسل پنهنجي پاران چوندي، سائمن ڪميشن سان گڏ ڪم ڪرڻ لاءِ موڪلي آهي، جنهن جا ست ميمبر آهن، انهن ۾ بندو به هڪ آهي. وڏو ڪم آهي، ۽ وڏي جوابداري آهي. سر پٽو سنڌ مان ٻيو ميمبر آهي. مسلمانن جي حقن جي پوري نمائندگي ڪرڻي آهي. سنڌ ۾ اچڻ بعد، اخبارن

ذريعي، مسلمانن کان رايا گهرائيندس.

آءٌ هتي لئنڊ روينيو ڪوڊ جي درستيءَ جي بل لاءِ ترسيل آهيان. اهو زميندارن جي خلاف آهي. اڳاري ڏينهن حيدرآباد روانو ٿيندس. لوڪل بورڊ جو نامينيشن پيپر مختيارڪار روڪيو آهي، ان لاءِ اپيل ڪندس.

## (15)

حيدرآباد

12- آگسٽ 1928ع

ٽيون ڏينهن هتي پهتو آهيان. پاڻ کي هڪ ٻئي سان ملڻ گهرجي. اوهان سان سنڌ جي مستقبل بابت ذڪر ڪرڻو اٿم. سنڌ جو جدا ٿيڻ، اسان جي لاءِ موت ۽ حياتيءَ جو سوال آهي. ان سوال تي غور ڪري، احوال موڪليندا.

شيخ صاحب وارا اليڪشن جي ڪري ناراض آهن. انهن کي پرچائڻو آهي، ان ۾ اوهين مدد ڪندا.

## (16)

حيدرآباد، الهندو ڪَچو

28- نومبر 1928ع

اميد ته اوهان ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جي پريزيڊنٽ چونڊجڻ بعد، ان ڪم ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي هوندي. اميد ته ماڻهن جي اميدن موجب صحيح نڪرندا. ڪڏهن بنگلو مسواڙ تي وٺندا، ۽ ڪڏهن موٽر وٺندا؟

آءٌ بمبئي 2- تاريخ ڊسمبر ويندس، 19- تاريخ موٽندس.

---

# سال 1929ع

(1)

حيدرآباد

2- جنوري 1929ع

"انجمن نصرت الاسلام" نالي سان حيدرآباد ۾ هڪ جماعت قائم ڪئي وئي آهي. 12- جنوري 1929ع تي، هومسٽيڊ هال ۾، آريہ سماج سان مناظري ڪرڻ لاءِ، هندستان ڪان وڏا عالم، مولوي ثناءُ الله امرتسري، محمد ابراهيم سيالڪوٽي، بابا خليل داس، وغيره ايندا. اوهان کي ان ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ دعوت ڏجي ٿي.

(2)

حيدرآباد

7- فيبروري 1929ع

خط پهتو. آءٌ انهيءَ وقت نصرپور، خانپور، تاجپور، هالا، ڪنڊو ۽ سيڪات طرف گشت تي ويل هوس. اتي تعليم ڏانهن ماڻهن جو توجهه چڪايم. خاطو نہ آهي جو احوال اخبارن کي موڪلي. آءٌ پنهنجي پڄنديءَ آهر، حتي المقدور، قوم جي خدمت ڪري رهيو آهيان.

ڪالهہ آرين جي مقابلي ۾ هندستان جي عالمن جو جلسو ٿيو، ان جي بہ صدارت مون کي ڪرڻي پيئي.

اوهان جي ڪار گذاريءَ جا احوال اخبارن ذريعي پيا معلوم ٿين. خدا اوهان کي نيڪ ارادن ۾ ڪامياب ڪري.

(3)

حيدرآباد

25- مارچ 1929ع

خط پهتو. اوهان جي ڳوٺ سڌار هلچل جي سلسلي ۾ ڪيل ڪوشش جو احوال اخبارن ۾ پيو پڙهان. سياڻ رات دهليءَ وڃان ٿو. اتي مسلم ليگ ۽ سائيمن ڪميشن جون ڪانفرنسون آهن. 8- تاريخ مهابليشور پهچندس. 15- اپريل حيدرآباد ايندس. ڪائونسل جڙن چوندون نزديڪ ٿينديون وڃن. چونڊ

ٿيندي، مخالف کھڙا بيھندا. ان جو پتو نہ آهي. شيخ عبدالمجيد جو گھڻو خيال اٿم تہ شل هو هتان نہ بيهي، ڪيس ايڏهين ڪٽي بيهاريندا. قاضي عبدالقيوم واعدو ڪيو آهي تہ شيخ صاحب کي حيدرآباد بيهارڻ جي خيال کان هٽائيندو. منهنجي ٿوري عرصي واري ڪم جي خبر، بابا مير محمد بلوچ کان پوندي.

(4)

دهلي، راءِ سينا

8- اپريل 1929ع

بيا بنگر نسيم، و نهر، گل، بلبل بهارستان،
نواي نائي وني بشنو، ببين ناز نگارستان.

مدت کان هن شحر جي جديد حصي ۾ مقيم آهيان، جنهن کي 'راءِ سينا' يا نئين دهلي سڏجي ٿو. شايد اوهان بہ هن يشت نشان حصي جو معانو ڪيو هجي. پر موسمِ بهار ۾ هن جي لطافت فردوسِ برين جي مشابھ آهي. جنهن ڪري جڏهن صبحگاھ ان جي چمنن جي چهچٽي ۽ سڙڪن جي سينگار، گلن جي بهار تي نظر وجهجي ٿي تہ دل کي نهايت شگفتي حاصل ٿئي ٿي.

هفتي کن کان مسلم ليگ آل پارٽيز ڪانفرنس، اسيمبلي، پروانشل ڪميشن جي ڪانفرنس ۽ سائمن ڪميشن سان صبح جو سچو وقت بحث مباحثي ۾ ويندو هو. الحمدلله، شام جو هر روز هڪ نہ ٻيءَ بزمِ الفت جو سامان ميسر هوندو هو. پارٽين، ائٽ هوم، ڊنرن جي ڌماڌم هئي. هن وقت بہ ڊنر لاءِ سوٽ پايو، تيار ٿيو ويٺو آهيان. نہ رڳو ايترو، پر رات جو اجا بہ محمد شاھ جو پاڻ کي مهمان تصور ڪري، عشرت ڪدي ۾ لطفِ صحبت ۾ حظِ الفت وٺڻ کان دريغ نٿو ڪريان، جنهن جو احوال روبرو پيش ڪندس. انهيءَ صحبت ۾ يارانِ طريقت بہ شريڪ آهن. انهن جي ترغيب ڪري، هيڪاري دلِ بيتاب کان صبر ۽ استقلال پائمال ٿيو وڃي ۽ حافظ ياد اچي ٿو:

دوش از مسجد سوي ميخانہ آمد پير ما،
چيست يارانِ طريقت بعد ازين تدبير ما.

دهليءَ جي ديوار کي ڏسي، سندس گذريل شاهي شان ياد اچي ٿو. آءٌ بہ حافظ شيرازيءَ جي پوري تقليد ڪري رهيو آهيان.

مي بده، مي بستان، دست بزن، پاي بکوب،
بخرابات نہ از بهر نماز آمده.

(6)

بمبئي

12- مارچ 1930ع

مون ڪراچي لوڪل بورڊ جي گرانٽ ڪليڪٽر جي بند ڪرڻ بابت سَر پُـتي، خانبهادر کهڙي، خانبهادر الهه بخش، هري لعل ڊيسائي کي ڏنو آهي. ڊيسائي صاحب ڪائونسل ۾ چيو آهي تہ ڪمشنر يا ڪليڪٽر کي گرانٽ رد ڪرڻ جو ڪريہ حق ڪونہ آهي. گزدر لاءِ مسٽر غلام حسين چوي ٿو تہ هن مون سان گهٽيون برايون ڪيون آهن، پر هو سندس خلاف نہ آهي، قسم پيو کڻي. سرڪار جاري ڪيل سرڪيولر (جنهن ۾ گزدر کي سرڪاري نوڪريءَ ۾ نہ رکڻ جو حڪم ڪيل آهي) بابت چوي ٿو تہ ڪئبينٽ جو پاس ڪيل آهي، سو رد نہ ٿيندو، وغيره.

(7)

حيدرآباد

17- مارچ 1930ع

اڄ حيدرآباد پهتو آهيان، 23- تاريخ ڪراچيءَ ايندس.

(8)

حيدرآباد

20، جون 1930ع

سن مان لکيل خط پهتو. پوني ويو هوس، آفيسون بند هيون. وزير سان مليس، ان چيو تہ گزدر جا ڪاغذ اجا وٽس ڪونہ پهتا آهن، اچڻ بعد غور ڪندو. چيو اٿس تہ گزدر ڪائونسل جي اجلاس جي وقت پوني ۾ اچي. آءٌ 23- تاريخ ڪراچيءَ ايندس. گزدر کي چوندا تہ پوني لاءِ تيار ٿئي.

(9)

حيدرآباد

20- سيپٽمبر 1930ع

تار

مبارڪون هجنوا مون کي 4026 ووٽ مليا. سير بنده علي خان کي 4280 ووٽ مليا ۽ مسٽر نور محمد کي 4214 ووٽ مليا.

# سال 1931ع

(1)

حيدرآباد

1- جنوري، 1931ع

جيڪب ڪانفرنس تي ضرور هلجو. اوهان ڪان سواءِ ان ۾ ڪوبہ مزو نہ هوندو. 7، 8- تاريخ اتي رهي، 9- تاريخ واپس اچڻ تي قلندر جو ميلو ڏسندا ايندا سون.

[نوٽ:خانبهادر الهہ بخش، جيڪب ۾ گهوڙن جي نمائش جي موقعي تي، لوڪل بوردن جي پريزيڊنٽن ۽ سياستدانن جي ڪانفرنس گهرائي هئي.]

(2)

بمبئي

2- فيبروري 1931ع

اوهان ڪان موڪلائي جهاز ۾ چڙهي، بمبئيءَ پهتس. ڊاڪٽر دائود پوٽي وٽ. باندرا ۾ رهان ٿو. شاهہ جو رسالو پڙهي، لطف وٺي رهيو آهيان.

(3)

بمبئي

10- مارچ 1931ع

اوهان جو خط پهتو، مهرباني. اوهين سدائين ياد آهيو. اجا تائين ڪوبہ اهڙو دوست پيدا ڪونہ ٿيو آهي، جو اوهان جو مقابلو ڪري سگهي.

در ضمير من نمي گنجد بغير از دوست ڪس،
هر دو عالم را بہ دشمن ده ڪہ مارا دوست بس
خاطرم وقتي هوس ڪردي ڪہ بينم چيزها،
تا ترا ديدم نڪردم جز بديدارت هوس.

اسين اڄڪلهہ نهايت مشغول رهون ٿا. بمبئي ڪائونسل جي تاريخ ۾ سرڪار کي هيتري مقابلي جو سامهون ڪڏهن بہ ڪونہ پيو آهي، جهڙو اڄڪلهہ

اٿس. نهايت ڪمزور بہ همٿ جهلي ويو آهي ۽ عام ماڻهن طرفان آواز پيو ڪڍي.

دادو ضلعي لاءِ سرڪاري تجويز پاس ڪرائي ويئي. باوجود اسان جي مخالفت جي ڪوٽڙي ڊويزن جي قسمت جو فيصلو ٿي ويو. اوهين پلي ٺهراءُ پاس ڪريو، ميٽنگون سڏايو، تہ اوهين ڪراچيءَ کان جدا ٿيڻ نٿا گهرو. مون سوال پڇيو هو، سرڪار جواب ڏنو، معاملو زير ويچار آهي. گزدر جي سوال لاءِ جنهن صورت ۾ هن وقت سرڪار جي خلاف آهيون، ڪين وجي عرض ڪرڻ مناسب نٿو نظر اچي. آفيسر هن وقت سخت ناراض آهن.

آءٌ ڪراچي ڪانگريس واري اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ گهران ٿو، اتي جڳهہ لاءِ انتظام ڪرائجو.

## (4)

بمبئي

19- مارچ 1931ع

عجب آهي، منهنجي اڳي موڪليل خط جو جواب ڪونہ موڪليو اٿوَ! آءٌ ۽ خانبهادر کهڙو، ٻئي ڪراچيءَ ۾ آل انڊيا ڪانگريس جي اجلاس ڪي ڏسڻ گهرون ٿا. اسان جي سيٽ رزرو ڪرائجو.

## (5)

حيدرآباد

26- مارچ 1931ع

آءٌ هتي پهتو آهيان. 28- تاريخ مارچ، صبح جو ڪراچيءَ پهچي ويندس. ڪانگريس اجلاس لاءِ ٽڪيٽ وٺي ڇڏيندا. آءٌ سبجيڪٽس ڪميٽيءَ جي ميٽنگ بہ ڏسڻ گهران ٿو، ان جي ٽڪيٽ بہ وٺي ڇڏيندا.

## (6)

ڪراچي

1- سيپٽمبر 1931ع

جدائيءَ لاءِ ڪم ڪن: اُوهين جي اچي نڪرو، تہ چگو:

چہ خوش است پيش زلفت سر شڪوه باز ڪردن،
گل هـاي روز هجـران بـہ شـب دراز ڪـردن.

(7)

ڪراچي

2- سيپٽمبر، 1931ع

ڪالهہ خط موڪليو اٿم. ريلوي لائين پڇڻ ڪري، فنانس ڪميٽيءَ جا ميمبر دهليءَ کان ڦري ايندا. اوهين ان ڪري چنچر ڏينهن ايندا.

(8)

ڪراچي

3- سيپٽمبر 1931ع

اوهين ڪونہ آيا. شيخ صاحب کي زياده تڪليف ڏيڻ جي عيوض، سامان ڪٽي الهہ بخش انصاري وٽ وجي رهان ٿو. ولايت لاءِ فيصلو ٿيو تہ چار ڄڻا وڃن: الهہ بخش، کهڙو، شيخ صاحب ۽ آءٌ. خرچ سڀ ڪو پاڻ پريندو. هاڻ آئون ڪٿان آٽيندس؟ چاچا غلام نبي شاهہ رٽ ڏني تہ ميران محمد شاهہ کي پبلڪ خرچ تي موڪلجي، پر رٽ بحال نہ ٿي.

(9)

ڪائونسل- حال، پونا

29- سيپٽمبر 1931ع

آءٌ هتي ڪالهہ پهتو آهيان ۽ نئشنل هوٽل ۾ رهان ٿو. خوش نصيبي سان هن دفعي مون کي تو وارو روم الاٽ ٿيو آهي، جنهن ۾ تون جولاءِ ۾ رهيو هئين. هتي همخيال ساٿي ڪونہ اٿم، پر تنهن هوندي بہ وقت کي مختلف مشغولين ۾ صرف ڪري رهيو آهيان. وڌيڪ احوال موڪليندو رهندس.

مون پنهنجي ڪلارڪ کي چيو آهي تہ منهنجي 'رسائيءَ ۽ لاپي' تي ڪائونسل ۾ ڪيل تقرير جو ترجمو ڪرائي، توڏانهن موڪلي تہ "الوحيد" ۾

۾ جدا نہ رک، ۽ گڏ هلاءِ، تہ خلق خدا جي خدمت ڪري سگهون!‘

ڪائونسل 9- تاريخ پوري ٿيندي، پوءِ موٽي ملڪ ايندس.

(11)

بمبئي

1- ڊسمبر 1931ع

خدا جي مهربانيءَ سان، اسان ”سڪسيشن ڊيوٽي بل“ کي 34-69 جي اڪثرت سان ٽڙي ڇڏيو. گذريل ٻن سالن ۾ سرڪار کي هيءَ پهرين شڪست آهي. اتفاق جو اهو فائدو آهي! هن دفعي سنڌي ميمبرن همت جهلي پاڻ ملهايو. چار جان محمد جوڻيجو اڪيلو انسان هو جنهن بل تي سرڪار سان ووٽ ڪيو!

مون ۽ کهڙي گڏجي، مسٽر گزدر لاءِ سر رستم وڪيل، وزير لوڪل سيلف گورنمينٽ، کي ڏٺو آهي. هن واعدو ڪيو آهي تہ هو هن مسئلي تي همدرديءَ سان غور ڪندو.

اميد تہ ڪراچيءَ ۾ 10، 11- تاريخ بئنڪ جي ميٽنگ تي ملنداسون.

(12)

حيدرآباد

15- ڊسمبر 1931ع

شاهہ عبداللطيف جي عرس مبارڪ تي اوهان کي ڳالهائڻو آهي، تقرير لکي تيار ڪريو اچجو.

---

# فصل ٽيون

## سال 1932ع

(1)

حيدرآباد سنڌ

11- فيبروري 1932ع

ميان مقبول شاهه کان معلوم ٿيو ته اوهين به بمبئيءَ هلو ٿا. آءٌ به هلان ٿو. 17- تاريخ تي ڪراچي ايندس. 18- تاريخ جهاز "وينا" ڇٽندو. گڏجي هلنداسون. ساڳيءَ ڪئبن ۾ سيٽ رزرو ڪرائجو. 17- تاريخ "سنڌ سينٽرل ڪو آپريٽو بئنڪ" جي ميٽنگ تي ملنداسون.

(2)

ڪائونسل هال، بمبئي،

10- مارچ، 1932ع

اسان جو سيشن جلد پورو ٿيندو. تو اتي جو احوال ڪونه موڪليو آهي. اسان جا ڊزن کن ميمبر لاهور ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ تيار ٿيا آهن. تون به هل، بشرطيڪ فنڊ ۽ گهرو حالتون اجازت ڏين. اها ڪانفرنس مسلمانن جي تاريخ ۾ اهميت ٿيندي. ساري هندستان کان ان ۾ عيوضي ايندا. 21- تاريخ لاهور وڃڻو آهي. اسين اسلاميه ڪاليج ۾ رهنداسون.

(3)

حيدرآباد

19- اپريل، 1932ع

چيف آفيسر عبدالرحمان کي سرڪار سنڌ- ڪائونسل تي مقرر ڪيو آهي. مسٽر گبسن کيس سرڪار جي خدمت جي صلي ۾ مقرر ڪرايو آهي.

(4)

حيدرآباد

4- جون، 1932ع

تجويز آهي تہ "سنڌ جي ڪلچر ۽ زندگيءَ تي صوفي متي جو اثر" جي عنوان تي شاهہ لطيف جي ميلي تي ليڪچر ڪرائجن. اوهان کي عرض ڪجي ٿو تہ سنڌي اديبن ۽ روحاني رمزن کي سمجهڻ وارن صاحبن کي ميلي تي اچڻ لاءِ دعوت ڏيندا. ان موقعي تي صوفي ڪانفرنس سڏائڻ جي تجويز رٿيل آهي، جتي بهترين اديب ۽ درويش خيالن جا ماڻهو ڪٺا ڪرڻ جي مراد اٿئون. هيٺين ماڻهن جي مدد گهري اٿئون:

(1) غلام مرتضيٰ شاهہ (2) ڊاڪٽر گربخشاڻي (3) چينمل پرسرام (4) لعل چند امر ڏنو مل (5) منگهارام ٺهلراماڻي (6) صوفي عبدالستار صاحب، جهوڪ (7) صوفي روشن الدين، ڊورو نارو ۽ (8) نواب غلام حيدر خان صاحب، ٽاجپور.

(5)

حيدرآباد

8- جون، 1932ع

ميلو شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو 18- جون کان 22- جون تائين آهي. ان تي ڪيترائي ڪم رٿيل آهن، جهڙوڪ:

(1) بازار جي، صحت جي نقطہ نگاهہ کان جوڙجڪ ڪرائڻ.
(2) زرعي نمائش جو انتظام ڪرائڻ.
(3) سوديشي نمائش جو انتظام ڪرائڻ.
(4) مڪاني هنرن جي نمائش ڪرائڻ.
(5) ڪو آپريٽو ڪانفرنس ڪرائڻ.
(6) زمينداري ڪانفرنس ڪرائڻ.
(7) عڪس- بتيءَ ذريعي صحت ڪاتي جو پرچار ڪرڻ.
(8) اسڪولي شاگردن جو، تعليم لاءِ پرچار ڪرڻ.
(9) صوفي مجلس سڏائڻ.

ميز تي چانديءَ جون ڪٽوريون، ٿالهيون ۽ گڏون به موجود هئا، تہ ڪانٽا، ڇريون ۽ پليٽون بہ مهيا هيون. انگريزي کاڌو بہ ميسر هو تہ تہ مُغلائي مڪلف طعام بہ موجود هئا. مغرب ۽ مشرق جو پورو مرڪب هو. هرهڪ کي معشوق پهلوءَ ۾ وينل هو، جن کي انهن پريروين جي پرداخت ۽ نگهداشت ڪرڻي پيئي ٿي.

ڊنر بعد راڳ ۽ سرود جو وارو آيو، جنهن جو ذڪر مٿي ڪري چڪو آهيان، ۽ دل جي ڪيفيت بہ بيان ڪري آيو آهيان. مجلس جو رنگ روپ 2 بجي صبح تائين برار هليو. ان کان پوءِ نازڪ بدنن رخ بہ نقاب ڪيو، ۽ اسين سڪ جا ستايل، طوائف جي طبع آزمائي ۽ فراق جي ڦٽن جي سلائيءَ ۾ رات جي 4 بجي تائين محو ۽ مستغرق رهياسون.

ان کان پوءِ هرهڪ، شڪوه جانان ۽ گلہ روزگار ڪندو، اشڪ حسرت هاريندو، بسرِ پُرخار تي، بدن ۾ بيمار تي، داخل ٿيو. اجا تائين شرابِ ڪنهہ جيئڻ خمار موجود آهي، جنهن جو نقشو پيش خدمت ڪيم:

گــر قبــول افتــد زهــي عــز و شــرف
بــاده و مطـرب و مـي جملہ مهيـا سـت ولـي،
عيش بي دوست ميسر نہ شود يار ڪجاست!

حياتيءَ جي حڪايات ۾ اهڙا واقعا منهنجيءَ نظر ۾ هڪ خاص اهميت رکن ٿا، جي الله جي قدرت بيڪران ۽ صنعتِ بي پايان جو ذخيرو موجود ڪري ڏين ٿا. تنهن ڪري واقع نگاريءَ کان رهي نہ سگهيس، ۽ اوهان جي سمع خراشي ڪيم، جنهن لاءِ معافي طلب آهيان. اميد تہ 16- آڪٽوبر تي سنڌ پهچي ويندس. وڌيڪ احوال روبرو ڪبا.

---

# سال 1933ع

## (1)

ڪراچي

3- فيبروري 1933ع

اڄ اوهان جي بنگلي مان ڳوٺ وڃون ٿا. اسان ان ۾ پوريءَ طرح لطف ورتو. البت اليڪٽريسٽي، بلڻ نہ ڏيڻ ڪري، ڪٽيل هئي. اسان ٻنهي ٻاري پٺي وقت گذاريو. مسز طيبجي ڪالهہ اسان وٽ آئي. سندس چوڻ هو تہ تنهنجا ٻئي دوست، گزدر ۽ حاتم، بمبئي ڪائونسل لاءِ هڪ ٻئي جو مقابلو ڪري رهيا آهن، تن ۾ اڇي ناهہ ڪراءِ.

7- فيبروري "سنڌ سيپريشن" جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ سڏايان ٿو، ان تي اچج. گزدر جي پارٽ اٿئي.

## (2)

ميٽنگ، اسٽيشن

7- فيبروي 1933ع

هينئر 4 بجي صبح جو، ميٽنگ اسٽيشن تي پهتس، ۽ مون پهچڻ سان پچا ڪئي، پر خبر ڪانہ ملي. ڪالهوڪي شام واري گاڏي گسي ويئي. هتي اچڻ بعد خوشخبري ٻڌير تہ اوهين لوڪل بورڊ ميمبريءَ ۾ ڪامياب ٿيا آهيو. هاڻ منهنجو ڪم ڪونہ آهي، نہ تہ اُٺ تي بہ هليو اچان ها.

[نوٽ: جهرڪن جي تڪ مان ڪراچي ضلعي لوڪل بورڊ لاءِ بيٺو هوس، ان لاءِ آيو ٿي.]

## (3)

حيدرآباد

9- اپريل، 1933ع

اڄ ڪراچيءَ کان خط پهتو آهي تہ اوهان کي ڪراچي ضلعي جي لوڪلبورڊ پريزيڊنٽيءَ تان رٽائر ڪرڻ تي شهرين طرفان ڀلا آجيان ڪئي ويئي

(6)

حيدرآباد

17- جولائي 1933ع

ڪراچي آيس، اوهين ڳوٺ روانا ٿي چڪا هئا. ٺهلراماڻي آيو هو. قاضي جان محمد جي خط لاءِ چيائين، سو لکيم. اوهين عبدالستار جان کي لکو ته سندس مريدن کي ٺهلراماڻيءَ لاءِ چوي.

(7)

پونا

29- آگسٽ 1933ع

خط پهتل آهي. عدم فرصتيءَ سبب جواب ڏيڻ ۾ تاخير ٿي.

گزدر هتي آهي، پر هن جي ڪم جو اڪلاءُ ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. آءٌ هتي 18- تاريخ پهتو آهيان. سياڻ 30- تاريخ هتان رواني ٿيڻ جو ارادو آهي. 2- تاريخ سنڌ پهچي ويندس.

هتي پوني جي آبهوا خوشگوار آهي، مگر شهر ۾ پلينگ جي زور ڪري ماڻهو گهڻا نه آهن. البت ڏنرون ۽ پارٽيون جام آهن، جن ۾ پيو وقت گذري. هتي ڪيئن وقت گذريو، ڪهڙن ڪهڙن طبقن، مرحلن ۽ منزلن تان عبور ڪرڻو پيو، ان جو بيان ڪرڻ محال آهي. ڪائونسل ۾ ويٺو آهيان، تنهن ڪري هوا پولٽيڪل آهي: لطيف خيال ۽ لذيذ احوال ڪاغذ تي لکي نٿو سگهان. بئي وقت سموري ڪارگذاري، اندر جي انتظاري، بدن جي بيقراري، عرض رکبي. حياتيءَ جي بحر بي پايان، قلزم بيڪران ۾ گهڙين جي گردابن جي گردش، ۽ قلزم جو طلاطم، ڪنهن وقت دل ۽ دماغ کي عالم بيخودي جي حوالي ڪريو ڇڏي. ان وقت اوهان جهڙي ناخدا جي رهبريءَ ۽ دستگيريءَ جي ضرورت آهي، نه ته ساخل مزاد ۽ مرحلہ مقصد کي پهچڻ محال آهي. هي محض قلم جي نوڪ جا ڪلما نه آهن، مگر دل جي درياءَ جي تري جا اڪيچار احوال آهن، جن جي سوجهڻ لاءِ سمجهه سالم ۽ عقل ڪامل گهرجي.

(8)

سملا

9- سيپٽمبر 1933ع

نسـيـر خلـد ميـوزد ز طـرف جوئبارهـا،
کـہ بـوي مشـک ميدهـد ز سـوئي مرغزارهـا
مـرا ز خـاک و خشـت مـا دميـد سـبز کشـتها
چـہ کشـتها بهشـتها نـہ ده نـہ صـد هزارهـا.

توهان کي تعجب لڳندو تہ هندستان جي ڏکڻ کان ڪيئن اُتر اچي ويو آهيان؛ هتي پهاڙ جي چوٽيءَ تي 6- سيپٽمبر وارد ٿيو آهيان. هوٽل امپيريل ۾ لٿل آهيان. هڪ هندو دوست، مسٽر هيرا، ساڻ اٿم. دنيا جي هر هڪ حصي جا ماڻهو هندستان جي پايہ تخت ثاني جي رونق تي گهمندا نظر اچن ٿا. سڄو شهر جبل جي چوٽيءَ تي، ڏاڪڻ وانگر هيٺ مٿي آهي. جبلن جون چوٽيون پائين جي درختن سان ڇانيل آهن. قدرت جي نظاري کان سواءِ، ماڻهن جي رنگ برنگ رونق دل کي بهلائيندڙ آهي. مال، فردوس برين جي هڪ سڙڪ نظر اچي ٿو. غريب- امير، پاءِ پيادو سير ڪندو نظر اچي ٿو، گاهہ گاهي رڪشا جي رم جهم ڏسبي آهي. سڀ ڪو نر- ناري، عمدي پوشاڪ پائي، سير ۽ مست نظر ايندو آهي. محبوبن مہ روين جي شوخ ۽ شرمگين آهو- چشم، حسينن جي آتش، هرهڪ سَيار جي سيني ۾ سوز ۽ دل ۾ درد پيدا ڪندڙ آهي. مفلس ۽ نادار کي ڪير پڇي ڪونہ ٿو، بيدل ۽ بيڪار کي ڏسي ڪونہ ٿو، هر ڪو پنهنجيءَ ڌُن ۾ نظر اچي ٿو. هن مسڪين کي سوءِ سوز، اکين جي آس، دل جي پياس، ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيو آهي. گلزار چہ سود ۽ سبزه زار چہ مطلب، جيڪڏهن دل جو دلدار ۽ غمن جو غموار ڪو نصيب نہ آهي!

دنيا بيڪسن ۽ مفلسن جي صداي احتجاج تي ڪو پنهنجو رنگ نہ بدلائيندي، مگر سندس بوقلمي ۽ رياڪاريءَ جي شڪايت ڪرڻ کان قلندر جو ٻوٿ بہ ڪو بند ڪري نہ سگهندو!

فلڪ ناهنجار جي ڪجرفتار جي شڪايت، صبر جي سِرَ دل تي ڌري، قدرت جي نظارن ۽ فطرت جي بهارين تي اڪتفا ڪري، چار ڏينهن چمن جو ڇهچٽو ڏسي، سنڌ ڏي واڳ ورائڻي پوندي. ايندڙ آچر تي حيدرآباد پهچندس.

(9)

حيدرآباد

19- نومبر 1933ع

ڪالهہ ڪراچيءَ مان موٽي آيس. معلوم ٿيو تہ اوهان کي بخار هو.

برادرم محمد قاسم شاهہ کي پٽ ڄائو آهي. نالو قمر الزمان رکيو اٿس.
اوهين پنهنجي فرزند جي خيريت کان واقف ڪندا.

---

# سال 1934ع

(1)

حيدرآباد

5- جنوري 1934ع

بعد سلامن، نئين سال جي مرحبائن ۽ عيد مبارڪن جي، احوال روشن هجي تہ اوهان جي پوئين ملاقات بعد بمبئيءَ جي سفر جو احوال نهايت رنگين آهي. ڪاش، فرصت جا انبار ۽ صحبت جا سامان مهيا هجن ها تہ يارانِ الفت ۽ محبانِ طريقت اڳيان داستان دل ستان ۽ بيان بي پايان نذر رکجن ها.

ڪي دهد دست اين غرض يا رب ڪہ همدستان شوند.
خــاطر مجموعــــ مــــا زلـــفِ پريشـــان شمـــا.

بمبئيءَ جو سفر پنجن ڏينهن تائين محدود رهيو. وقت جي تنگيءَ، دل لڳيءَ ۽ دلدادگيءَ مسخر ڪري رکيو هو، ڇوتہ زمانہ ناتال ۾ بمبئيءَ ۾ تنگي ۽ دلتنگي بدتر از ڪفر تصور ڪيون وينديون آهن. هر گلي ڪوچي ۾ سماع ۽ سرود، عنبر و عود، رقص و رباب، شراب و ڪباب جي گفتگو هئي. بس، هر جنسِ لطيف پنهنجي حسن کي تاب، آبروءَ کي آب، بدن جي بناء ۽ چشم جي ڇٽاء ۾ مستغرق نظر آئي ٿي. تاج محل 'گرينس' ۽ 'مئجسٽڪ' هوٽلون تہ بجاءِ خود، مگر اسان جي غريب 'اپالو' بہ انهيءَ جشن عام، دورِ جام، ڪبڪ خرام کان خالي نہ هئي. 41- ڊسمبر کي "نيو ايئرس ايو" (New years Eve) جي ناميءَ سان ياد ڪيو ويندو آهي. ڪن محبن جي اسرار تي رهي پياسون.

دلپسند ڊاڪٽر حميد جي مڪان جنت نشان ۾ جلسِ رقص ۽ رباب جو اسباب مهيا ڪيو ويو. نازڪ اندامن، خوش خرامن جو ڪثير تعداد، بمع اربابِ حال و خوش منوال، بہ وارد ٿي ويو. دورِ گردون مثل، دورِ جام بہ هلڻ لڳو، رنگ تي رنگ ڇمڻ لڳو. غم غرق، ۽ رنج ترڪ ٿيڻ لڳو. پري روين جي پروانگي ۽ دل زدگين جي ديوانگي، مهہ وشن جي مستانگي ۽ دل جلين جي بيگانگي، هڪ عالمِ عبرت ۽ موج مسرت پيدا ڪري ڇڏي هئي.

ڪنهن فقط نظر بازيءَ تي اڪتفا ڪئي، تہ ڪنهن جرعہ ڪشيءَ تي بس

رويرو حيدرآباد اچي مشاهدو ڪرڻ گهرجي ڪڏهن ايندا؟

(2)

حيدرآباد

25- جنوري، 1934ع

ورڪنگ ڪاميٽي "سنڌ آزاد ڪانفرنس" ڪراچيءَ ۾، پهرين فيبروريءَ تي ٿيندي، ان ۾ سنڌ جي تعليمي مسئلن تي غور ڪيو ويندو. اوهين مهرباني ڪري ان ۾ شرڪت ڪندا.

(3)

حيدرآباد

12- اپريل 1934ع

"سنڌ هندو ڪانفرنس" ڪراچيءَ ۾ مسلمانن تي حملا ڪيا ويا آهن. انهيءَ جي جواب وغيره لاءِ 21- اپريل 1934ع تي، حيدرآباد جي ڊاڪ بنگلي ۾ "سنڌ آزاد ڪانفرنس" جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ رکيل آهي، ان ۾ شرڪت ڪندا.

(4)

حيدرآباد

23- مئي، 1934ع

ورڪنگ ڪميٽيءَ "سنڌ آزاد ڪانفرنس" جي ميٽنگ، 27- تاريخ مئي تي، شام جو، ڪراچيءَ ۾ اوهان جي بنگلي تي، مختلف مسئلن تي غور ڪرڻ لاءِ رکيل آهي، ان ۾ شرڪت ڪندا.

(5)

بمبئي

28- آگسٽ، 1934ع

ٻه- چار خط پهتا آهن. پر اڪثر مشغوليءَ ڪري، هر هڪ نقطي تي

جواب ڏيڻ کان قاصر آهيان.

سر شاهنواز خان پڻو ڪائونسل جي ڪم ۾ مستغرق آهي. نئون ماڻهو هئڻ ڪري، محنت ڪرڻي پويس ٿي، جنهن ماڻهوءَ اڳي ڪو ڪتاب ڪڏهن نہ پڙهيو هجي، ان کي شاگرد وانگر روز پڙهڻو پوي ٿو. تنهن ڪري هن کي فرصت نہ آهي. خانبهادر الهہ بخش کي زميندارن پاران بيهڻ لاءِ گهڻو همٿايو اٿس، پر هو ڪونہ بيهندو.

مسز طيبجيءَ جي ميونسپالٽيءَ تي نامينيشن جي مبارڪ هجيوَ.

## (6)

حيدرآباد

6- سيپٽمبر 1934ع

پهرين سيپٽمبر جو لکيل بهارستان ڪن سببن ڪري، پوسٽ جي حوالي ڪري نہ سگهيس، تنهن ڪري هاڻي موڪليان ٿو.

ڪائونسل- هال، پونا

1- سيپٽمبر 1934ع

ما قصہ سڪندر و دارا نخوانده ايم،
از ما بجز حڪايت مهر و وفا مپرس.
'حافظ' رسيد موسمِ گل معرفت مخوان،
در باب نقد عمر و ز چون و چرا مپرس.

هن کان اڳ تي خط دنياي دون جي بوقلمون احوالن جي فهرست بابت پيش ڪري چڪو آهيان. وڌيڪ نہ قلم ۾ طاقت آهي، نہ دل ۾. هاڻي ورونهن جو ورق ۽ اندر جو عرق پيش ڪريان ٿو. ڪاش، فرصت هجيم ها تہ فرسِ قلم کي ڪاغذ جي ميدان تي خوب ڪُڏايان ها.

ڪي دهد دست اين غرض يا رب ڪہ همدستان شوند،
خاطرِ مجموعِ ما زلفِ پريشان شما.

بهرحال، هن سفر با ظفر جي سامان مان ڪجهہ تحفو پيش ڪريان ٿو. سنڌ جي واديءَ پرخار ۽ هوائي ناهنجار کان بيزار ٿي، مارواڙ جي مرغزار ۽ گجرات جي گلعذار کان گذر ڪري، بمبئيءَ جي بهار مان پوني پار پهتس. هوا

پويون شخص اهو آهي، جنهن هزارها مسلمان پنهنجي ٽرسٽ- فنڊ مان پڙهايا آهن. هو هندستان اندر توڙي ٻاهر عجيب انسان آهي. سندس دختر نيڪ اختر هڪ ڪلچرڊ ليڊي آهي، جا محمد عليءَ جي قسمت جو ستارو آهي. ٻيئي نهايت خليق ۽ مهذب انسان آهن. جهڙي خدا صورت ڏني اٿن، اهڙي سيرت. هڪ ڇوڪرين جو يتيمخانو سنڀالين ٿا جو نهايت عمدي پيماني تي هلندڙ آهي، جنهن جي معائني جو وجهه مون کي ڏنائون. ڇوڪرين جي تعليم ڇڱي پيماني تي هئي. سندن بنگلو يتيمخاني لڳ، نهايت پر لطف باغيچي سان سينگاريل آهي. مسٽر محمد علي، علم ادب سان گڏ، آرٽسٽ بہ آهي. هر قسم جي آرٽ جو سامان سندس گهر ۾ مهيا آهي. سندس ڇوڪرا آهي تہ اهو سڀ سندس ستاري جي روشنيءَ جي برڪت آهي. راڳ جو نهايت شوقين آهي، سندس گهر ۾ بہ ريڊيو سيٽ، هڪ دلربا، هڪ ستار، هڪ وائلن، هڪ گرامو فون، طبلا، مرڏنگ وغيره مهيا هئا. ٽينءَ رات منهنجي ڊنر ڪيائين، جنهن تي سڀ ساز وڄائي دل بهلايائين. قرب ۾ قابل ٿي ويو آهي. نهايت اصرار ڪيو اٿس تہ ٻئي وقت مون وٽ اچي رهہ تہ هڪ ٻئي جي صحبت مان لطف حاصل ڪريون. منهنجو بہ اهوئي ارادو آهي- انشاءالله.

هڪ- بہ دفعا سئنيما ۽ هڪ دفعي راڳ پارٽيءَ ۾ شموليت جو موقعو مليو آهي. مگر قابل ذڪر ڪونہ آهي، ڇوتہ سواءِ لطيف جي ڪهڙو مزو:

گلعذاري ز گلستانِ جهان ما را بس،
زين چمن سايہ آن سرو روان ما را بس
يار با ماست چہ حاجت کہ زيادت طلبيم
دولتِ صحبتِ آن مونسِ جان مارا بس.

مسٽر پنجابي پوليٽيڪل طور ڇا بہ هجي، مگر اسان سان هن جيڪي بہ سوشل لائين ۾ قدم کنيا آهن، سي هرگز وسارڻ جهڙا نہ آهن. بہ دفعا ڊنر ڪارايائين، سو بہ بجاءِ خود، پر ڪالهہ رات جو انتظام ڪيائين، تنهن هٿي ڪُهي وڌو! ڇا ذڪر ڪريان، ڇا بيان ڪريان؟ قلم قاصر، دل خواهانِ خير... دل ٿام ڪي سُنو!

مسز قزلباش اسان جي هڪ بمبئيءَ جي دوست جي زال آهي. سندس شڪل، نزاڪتِ طبع ۽ جلاوتِ گفتگو نهايت دلاويز ۽ دلڪش آهي. اصل پوني

جي هئي، جنهن ڪري مسٽر پنجابيءَ سان دوستاڻو تعلق هوس. مون سان بمبئيءَ ۾ ڊاڪٽر حميد جي جاءِ تي واقفيت ٿيس. بلڪل سوشل سوسائٽيءَ جي گرل آهي. ان جي اعزاز ۾ ڊنر جو انتظام ٿي ويو. مگر ميزبان جي مڪان تي پهچڻ سان ڊرائنگ روم جي هرهڪ ڪوچ تي هڪ هڪ ڪمسن، خوش خلق، خوشرو، بيباڪ ماهه وش متمڪن نظر آيو. گفتگو ۽ جستجو جي سلسلي جنبانيءَ بعد معلوم ٿيو ته هي پري پيڪر سڀ ايران جي گلشن جا گل آهن. هندستان جي ريگستان کي خندان ۽ درخشان ڪرڻ آيا آهن ۽ ڪجھ زماني کان پوني کي وطن مالولف بنايو اٿن. ابتدا ۾ حجاب بي انداز کان مهر خاموشي بستِ لب ٿيل هئي، مگر ميزبان جي لطفِ بيڪران ۽ مهرِ بي پايان جي ڪري شرم کي شڪست ۽ حجاب کي لت لڳائي ويئي. هر هڪ پنهنجي هم نشين سان جفت ٿي، ذڪرِ دنيا، ذڪرِ عقبيٰ، ذڪرِ عشق و عاشقي ۾ مستغرق ٿي ويو.

ميز تي منهنجي همڪنار مس ’درخشان‘ نازان و خندان ويني هئي. سندس قندِ پارسي ۽ شهدِ انگلش، پزموده دل ۾ آب ۽ بيجان جسم ۾ تاب آڻي ڇڏيو. سٽيي ۽ مٺي ڪاڏي کان حذر پئي ڪيائين ته متان سندس نازل بدن تي گهڻو گوشت جي سُڏي چڙهي وڃي. اجا طفل مڪتب آهي، مگر تاهم سندس ذهانت ۽ ذڪاوت لائقِ تحسين آهي. جسم برجسته (Compact) اکيون آبدار، لب لعل، زلف سيه فام، ڪاڪل دام در دام هئا. سندس بلائوس، بيحجابانه، چوٿون حصو بدن جو عشاقن جي اکين جي آسائش ڪرڻ لاءِ کليل ڇڏي ڏنو هو. ايتري قدر جو سندس صاف سيني تي ٻن قبهاي نور جي ڪافوري ڪلسن جو به قدري ديدار ٿي سگهيو ٿي. گفتگو جو سلسلو ٽينيسن، بائرن، شيلي، ڊڪنس وغيره جي طرف ويو، جو پاڻ اجا درس خوانيءَ ۾ داخل آهي. 16 ورهيه عمر مس هونديس. خدا ڏينهن ڏٺيس! الله ڪن جي لاءِ اهي سيب زنخدان ۽ در دندان ناهي ڇڏيا آهن، اسان ته فقط سڪنڊڙ آهيون. ’درخشان‘ ماه تابان کان سواءِ، سندس همشيره، ’فخريه خانم‘، هڪ عجيب معشوق ماهه وش آهي. چپن جي سنهائي، لبن جي لالائي، بدن جي نزاڪت ۽ طبع جي حلاوت ۾ سيني کان به رتيون ڪثر آهي. نهايت بامذاق گرل هئي، آرٽسٽ به نظر آئي ٿي. سندس ساري بدن جي بيهڪ نهايت وزندار ۽ دلربا هئي. سندس مشڪڻ ۽ ٽهڪ ڏيئي کلڻ، پَسڻ وارن لاءِ آبِ حيوان جو ڪم ڏنو ٿي. ٽي مس نوشه خانم

اونڌا مطلب ۾ معنائون ڪڍن. وڏيڪ مرضيءَ جا مالڪ آهيو. اسان رندن جي راهه ئي اها آهي!

گويند ذڪر خيرش در خيل عشق بازان
هرجا ڪه نام حافظ در انجمن بر آيد.

(7)

حيدرآباد

6- ڊسمبر 1934ع

اوهان کي معلوم آهي تہ جوائنٽ پارليامينٽري ڪميٽيءَ سنڌ جي جدائيءَ لاءِ وائيٽ- پيپر جي بنيادن تي سفارش ڪئي آهي. هي پيو سنڌ جي جدائيءَ لاءِ سرڪار جو قدم آهي. وائيٽ- پيپر لڙڻ تي عام ماڻهن طرفان خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويو هو. موجوده قدم وڏيڪ اهميت وارو آهي. خبر موڪليندا تہ ان لاءِ سنڌ آزاد ڪانفرنس جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ سڏائجي يا نہ؟

## سال 1935ع

(1)

حيدرآباد

20- مارچ 1935ع

هتي حيدرآباد پهتو آهيان. اوهان کي خط نہ لکيو اٿم، ان لاءِ شرمسار آهيان، پر منهنجي حقيقت ٻڌندا تہ معافي ڏيندا. نهايت درد ڀريو داستان آهي. اميدن جي موڙي جيئن سر تي کٽي ويس، تيئن واپس آندي ويئي. ڪو خريدار ڪونہ آيو. جنسِ بي خريدار، شل تہ خاڪ رهي. احوال گهڻا آهن، جي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڀيو ڪريان. اميد تہ جلد پيش نظر ڪندس. اوهين ڪراچي ڪڏهن ايندا؟

سر شاهنواز خان اوهان جو موڪليل پروگرام قبول نہ ڪيو آهي، جو ڇپائين تہ سندس پروگرام ڪليڪٽرن جي حوالي آهي. اسين بہ ڪيس دعوت ڪنداسون، تہ انهن کان اجازت وٺڻي پوندي. آءٌ تہ 15- اپريل تي ڪيس دعوت ڏيان ٿو.

ٺهلراماڻيءَ جي نوڪريءَ جو احوال موڪليندا.

(2)

حيدرآباد

23- اپريل، 1935ع

هڪ خط اڳي لکيو اٿم. قرارو شاهہ مهينن کان تنهنجو بنگلو والاريو ويٺو آهي، خالي ڪرڻ جو ارادو ڪونہ ٿو ڏسجيس. ٻين تنهنجن دوستن کي حق ان ۾ رهڻ جو نہ آهي، صرف قراري شاهہ کي آهي! آءٌ فيمليءَ سان اچڻ گهران ٿو. ٻڌڻ ۾ اچي ٿو تہ هو سڄو مئي جو مهينو بہ اتي رهڻ گهري ٿو. پير ميان الهيار شاهہ آيو، ان کي موٽائي ڇڏيائون. تون مالڪ وچيو هوٽل ۾ رهين، آخر بنگلو ڇا لاءِ نهرايو اٿئي؟

## خانبهادر کهڙي جو خط ميران محمد شاهه ڏانهن

سينٽرل- هوٽل، ڪراچي
17- آگسٽ 1935ع

تنهنجو جي. ايم. سيد جي موڪليل خط جو نقل پهتو، هن جا دليل اجايا آهن.

(1) اها غلط ڳالهه آهي تہ تو ڪن مخصوص ميمبرن کي ميٽنگ جا نوٽيس موڪليا هئا. پر جي واقعي ائين آهي تہ اهو تنهنجو ڏوهہ آهي، حاضر ٿيل ميمبرن جو ان ۾ قصور نہ چئبو.

(2) اها ڳالهہ غلط آهي تہ سنڌ جي عام راءِ سنگل سيٽ- تڪ جي فائدي ۾ آهي. سنڌ جي سيني اخبارن، خود مسٽر راشديءَ بہ سنگل سيٽ جي برخلافي ڪئي آهي. صرف "ڊيلي گزيٽ"، جا نيم سرڪاري اخبار آهي، جي. ايم. سيد جي راءِ سان شامل آهي. ازانسواءِ ورڪنگ ڪميٽيءَ متفق راءِ سنگل سيٽ جي مخالف ٺهراءُ پاس ڪيو آهي.

(3) ان خط ۾ سيد ڪي شخصي حملا ڪيا آهن، انهن جو جواب ڏيڻ بيڪار آهي.

(4) ايجنڊا ۾ اهو سوال ڪونہ هو، سا ڳالهہ هرويرو ضروري نہ هئي. اڳي ڪيترا سوال، ايجنڊا کان ٻاهر جا، فيصلا ٿيل ٿيا آهن.

توکي جنرل سيڪريٽريءَ جي حالت ۾ ڪاغذ مٿي سرڪار کي موڪلڻ گهرجن. سيد کي اعتراض آهي تہ وري ٻيءَ ميٽنگ اڳيان سوال آڻي سگهي ٿو. سر غلام حسين سان مون ڳالهہ ڪئي آهي، هو بہ مون سان شامل رلءِ آهي. جي. ايم. سيد غلطيءَ تي آهي، جيڪڏهن هو سمجهي ٿو تہ عام راءِ سنگل سيٽ جي فائدي ۾ ٿيندي، تنهن ڪري، ڪميٽيءَ جو ٺهراءُ تون مٿي ڏياري موڪل.

(8)

حيدرآباد سنڌ
12- نومبر 1935ع

اوهان جو خط، پير الهيار شاهہ کي لکيل، هتي ورڪرن کي پڙهي ٻڌايو

## سال 1936ع

(1)

حيدرآباد

3- جنوري 1936ع

اوهان جي حڪم موجب، پهرين جنوريءَ سڪرنڊ پهتس. گهڻن ڪمن ڪري چڏي اتي آيو هوس، پر اچڻ بعد معلوم ٿيو تہ اوهين اڳي ئي ٿي ويا هئا. آءٌ مفت رلي آيس. سڪرنڊ مان وڃڻ وقت تار ڪريو ها تہ نہ اچ.

اتان موٽي، هالن ۾، مخدوم وٽ آيس. ميان غلام حيدر اسيمبليءَ ۾ بيهڻ جو ارادو ڪيو آهي، تنهن ڪري لاچار حيدرآباد مان بيهڻ جو ارادو ڪيو اٿم. اتان وري منهنجو دوست غلام علي ميمڻ بيهي ٿو.

نوٽ:

ورڪنگ ڪميٽي ’سنڌ آزاد ڪانفرنس‘، سر غلام حسين جي بنگلي تي 2- فيبروري 1936ع تي ڪٺي ٿيندي، ان ۾ شرڪت ڪندا.

(2)

ڪائونسل- هال، بمبئي

10- مارچ 1936ع

درد دل ڪا ڪوئي پهلو جو نڪالون تو ڪهون،
اپني روٺي هوئي دلبر ڪو منالون تو ڪهون،
جو مري دل مين هي ڪهني هوئي ڊر لگتا هي
گد گدالون تو ڪهون، پائون ڊبالو تو ڪهون.

ادا سائين، تسليم.

مين هون بيتاب وه بدمست هي، افسانہ طراز،
دل ڪو ٿامون تو ڪهون، آنک سنڀالون تو ڪهون،
’داغ‘. پابند ٿنس هون، نهي ڪڇ ڪر سڪتا،

ملڪ ۾ ڪونہ ڏسندا. اها ڳالهہ تجربي تي مبني آهي، جنهن جو ذڪر ڪيان ٿو. اچلاڻي پنتي نہ ڇڏجوس. اميدوار بہ الهہ بخش يا حاتم علوي بيهاريو تہ ڪامياب ٿيندو. نہ تہ ڪاميابي هڪ مشڪل ڳالهہ آهي. هيءَ مون ماڻهن کان رايا وٺي، پوءِ احوال عرض ڪيو آهي.

نوٽ:

ورڪنگ ڪميٽي "سنڌ آزاد ڪانفرنس". 4- آڪٽوبر 1936ع تي ڪراچيءَ ۾، جي. ايم. سيد جي بنگلي تي ڪٺي ٿيندي، ان ۾ شرڪت ڪندا.

## سال 1937ع

ڪراچي

5- جون، 1937ع

مون کي اوهان جي والده جي وفات جو ٻڌي گهڻو ارمان ٿيو آهي. خدا کيس جنت ۾ جاءِ ڏئي! تون سنڌ پروانشل ڪوآپريٽو بئنڪ تان استعيفا نہ ڏين ها. سيٺي دوست ناراض آهن. صديقيءَ ۽ جمشيد جي وچ ۾ غلط فهمي وڌي ويئي آهي.

(2)

حيدرآباد

22- نومبر 1937ع

12- نومبر تي اليڪشن پٽيشن جو مدو پورو ٿيو، پر ججن کي اهڙو ساڻ لڳو آهي جو اجا نقصان پهچائڻ جا ڪي وجهہ پيا ڳولين. سر غلام حسين جا باز آهن. ان کي ڏنر، ان ڇيو تہ مات ڪري وينو هج، آءٌ پاڻيهي ان ڪم جي پورائي ڪندس. زباني گهڻو دلاسو ڏنو اٿس. خدا ڪري، اندر صاف هجيس. اڄ وري ڪراچيءَ وڃان ٿو. هندن کي اوهان جي بل تي سخت ڪاوڙ آهي. نهچلداس جو اشتهار پڙهج.

(3)

حيدرآباد

6- ڊسمبر 1937ع

عيد مبارڪ!

2- ڊسمبر 1937ع تي ٽربيونل فيصلو ڏنو. مرحوم نور محمد جي اليڪشن درخواست رد ڪيائون. ميان عبدالرحمان بارسٽر ڪتي ڳالهہ ڪئي تہ ميان نور محمد سان ظلم ٿيل هو، تنهن ڪري 62 رول موجب سرڪار ڀاڻ درخواست هلائي. هاڻ اها رپورٽ سر غلام حسين معرفت گورنر وٽ وينديي.

ڏسجي، ڇا ٿو نتيجو نڪري. دعا ڪجو، جيئن خدا هيترا مرحلا چاڙهيا آهن، سو آئيندي به پناهه ڏيندو.

اوهان جون تجويزون ورڪنگ ڪميٽيءَ اڳيان پيش ڪيون وينديون. سر غلام حسين کهڙي کي چيو ته ڪميٽيءَ اڳيان رکي. اميد ته اوهان 9- تاريخ ضرور ڪراچيءَ ايندا.

## (4)

حيدرآباد

16- ڊسمبر 1937ع

اڄ مسٽر هيلي، آئي. جي. پوليس سان مليس. مرزا غلام حسين سب انسپيڪٽر لاءِ ڪيس سفارش ڪيم. هو متس سخت ڪاوڙيل هو. وڏيڪ چيائين ته توسان پاڻيهي احوال ڪندو. گولپ ڪليڪٽر منهنجي خلاف ٿي بيٺو آهي. چوي ٿو ته سر غلام حسين سان سيدن جي ناهه ڪري ميران محمد شاهه کي هٿ نٿو لايان، نه ته الاجي ڇا ڪري ڇڏيان. ان ڪري، حال سر غلام حسين خلاف ڪو تڪڙو قدم نه کڻج. منهنجي فيصلي تائين احتياط ڪان ڪم وٺندا.

گهڻو اشتياق ڏنو. منهنجي سڪوت کي اوهين الغرضائي سمجهڻ لڳا آهيو، ليڪن ائين صحيح نہ آهي. منهنجي خيال ۾ هو تہ هاڻ اوهين سياسي مشغولين ۽ وزارتن جي ڇڪ- گهڙ ۾ اهڙو مشغول پئي رهيا آهيو، جو زندگيءَ جي ادبي ۽ تهذيبي ڳالهين ۾ وقت صرف ڪرڻ يا احوال ٻڌڻ لاءِ نہ وقت رهيو هوندو، نہ اڳين ساڳي دلچسپي هوندو. هاڻ جڏهن اوهان جي خطن مان معلوم ٿيو تہ ايتري مشغوليءَ جي باوجود اوهان جي انهن ڪمن ۾ دلچسپي گهٽ نہ ٿي آهي، ۽ مون کان ٻاهر جي واقع نگاريءَ ۽ زنده دليءَ جو احوال معلوم ڪرڻ جو شوق ڏيکاريو اٿو، ان ڪري تازو بمبئيءَ جي سفر جو احوال پنهنجي هميشہ جي انداز ۾، هن دفعي انگريزيءَ ۾ لکي موڪليان ٿو.

هتان بمبئيءَ ويندي، گاڏيءَ ۾، پنهنجي اڳوڻي چيف منسٽر سر غلام حسين جي ملاقات جو گهڻو لطف حاصل ٿيو. بمبئيءَ ۾ پهچڻ تي سر غلام حسين سر قاسم منا وٽ وڃي رهيو ۽ مون ۽ گبول اپولي هوٽل ۾ اڳي روم ورتا، جنهن کي نئين سر درست ڪيو اٿن، مسٽر پروچا، اڳي وانگر، هوٽل جي رهاڪن جي هر ڪنهن ضرورت مهيا ڪرڻ لاءِ ساڳيءَ طرح چشت نظر آيو. اتي هوٽل ۾ هڪ مسز فليس رهندي آهي، جنهن اندروني دنيا جي رهبريءَ ۾ گهڻي مدد ڪئي ٿي. ليڪن عثمان منا سارن پين پروگرامن کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو. شام جو هو موٽر وٺي آيو. هن تاج محل هوٽل ۾ اڳي ئي غير معمولي انتظام ڪيو هو، تنهن ڪري پوئتي گبول صاحب کي مسز فليس جي ڪيل انتظام جي لطف وٺڻ لاءِ اڪيلو ڇڏي وڃڻو پيم. تاج محل ۾ عثمان، سردار ڳڙهہ، ڪانياواڙ جي نواب سان ملايو، جتي راڳ- ناچ، خردو نوش جو سڀ سامان موجود هو.ا تي هڪ آمريڪن ڪئبري- ڊانسر ڇوڪريءَ پنهنجي ڪرتبن سان حاضرين کي نهايت محظوظ ڪيو. اتان ٿي، گرين هوٽل ۾ وياسون، جني راڳ، ناچ، ڪاڏي ڪائڻ، صبح جا ٻہ لڳائي ڇڏيا.

ٻئي ڏنهن صبح جو، هيڏانهن هڏانهن گهمي، ڪم ڪاريون لاهي، واندا ٿياسون. شام ٿيندي ئي بمبئيءَ جي فلم ائڪٽرن ڏانهن وياسون. تون انهيءَ دنيا جي ڪشش ۽ خوبصورتيءَ بنسبت خيال ڊوڙائي سگهين ٿو تہ اتي ڪهڙو موج ۽ بهار جو عالم هوندو ڪارنيلين ريسٽورنٽ انهن جي گڏ ٿيڻ جو مڪان هو. مس سلطان جهان، ساگر فلم ڪمپنيءَ جي نهايت حسين ائڪٽريس، اتي

حاضر هئي. سندس عقابي اکين جو طرف ناظرين جي شڪار لاءِ پئي وجهه وڌا. جتي سندس ڪيئي مداح شڪار ٿيڻ لاءِ اڳي ئي تيا هئا. سندس مرجان جهڙن چپن، موتي مثل ڏندن جي مشڪڻ سان حاضر مجلس تي عجيب اثر تي پيدا ڪيو. سندس مرمري بدن، نازڪ ۽ لچڪيدار چيلهه تي اها بيهڪ رکيو بيٺو هو. جنهن مصر جي راڻي قلوپطره يا فرانس جي مئڊم ڊميلو جي حسن کي شهه تي ڏني. هن جي زبان مان بلبل شيراز وانگر عجيب آواز تي نڪتو. گفتگو اردو ۾ تي ڪيائين. هن منهنجي عرض کي اونائي. غير فاني محبت ۽ دائمي دوستيءَ جو دلاسو ڏنو. جنهن مان مون کي اعتبار آيو ته هوءَ ضرور منهنجي جذبات جو قدر ڪندي. هن جي گلابي ڳلن جي رنگ، موسم بهار جي آمد طرف اشارو پئي ڪيو. اها رات خير سان ختم ٿيڻ کي ويجهي هئي، ته اهڙيءَ جنس جي ٻئي فرد کان، ٻيءَ رات، تاج محل هوٽل ۾، ملاقات جو واعدو مليو. جنهن جدائيءَ جي هولناڪ فراق کي اميد جي آسري تي گهٽ ڪري ڏيکاريو. اهڙيءَ طرح، رات خير سان گذري ويئي.

بارش جي گهٽائيءَ سردي پيدا ڪري ڇڏي هئي. ڏينهن جو گهڻو حصو، ٻين کان ستين بجي تائين، سينيٽ جي ميٽنگ ۾ گذاريو ويو. شام جو عثمان آيو، ۽ ان سان موٽر ۾ گهمڻ لاءِ روانا ٿياسون. پويان ڏنم ته گبول صاحب حسرت جي نگاهن سان اسان جي نظر کان غائب ٿيڻ کي ڏسي رهيو هو.

نيٺ، موٽر هڪ جاءِ تي وڃي بيٺي. ٻنڻ دٻائڻ سان اندران ٻه ڪهڪاف جون پريون نڪري آيون، جي ريشمي وڳن ۽ عمدن زيورن سان ملبوس هيون. ٻيئي اچي موٽر ۾ پويان مون سان گڏ ويٺيون. مون کي ٻنهي جي وچ ۾ ويهڻ جو شرف حاصل ٿيو. هڪ فاني جسم کي غير فاني حسن جي آغوش ۾ جاءِ ملڻ، وڏي خوش نصيبي سمجهڻ گهرجي. ٻن پازيٽوز (Positives) هڪ نيگيٽو (Nagative) کي جذهن ڪرنٽ ڏيڻ شروع ڪيو، ته ٿيئي ملي هڪ تي ويا. آخر موٽر تاج محل هوٽل جي دروازي تي بيٺي. ان مان لهي، لفٽ ۾ چڙهي، هال ۾ پهتاسون. اسان سان گڏ نواب سچين جي ويگي همشيره هئي. هال اڳي ئي مختلف شاهي گهراڻي جي ماڻهن سان پريل هو، جي بمبئيءَ ۾ شهزادن جي ڪانفرنس لاءِ آيل هئا. ڪيترن شهزادن اسان کي گهوري پئي نهاريو- پر ان ڪري نقصان ڪونه تي پهتو. بدن جي طعام کان، نظر ۽ روح جو

طعام ڪثرت سان هو. هال جي فلور تي شهزادن ۽ شهزادين جي رقص اهو لطف پيدا ڪيو هو جو ناظرين جا ڏند چپن سان ملي تي ويا. اسان قصن ۽ ڪهاڻين ۾ شهزادن، سندن محلاتن، شهزادين ۽ راڻين جون آکاڻيون، پرين ۽ ديون جي آکاڻين وانگر پڙهيون ۽ ٻڌيون هيونسين، پر اڄ اهو اڻڏٺو عالم اکين اڳيان ڦرڻ لڳو. اوچتو، نواب سچين جي اچڻ ذرا اسان جي عيش ۾ رخو وجهي ڇڏيو، جو سندس پيٽ ڪيس ڏسي سهمائجي ويئي. ليڪن خوش قسمتيءَ سان هو جلد ئي هڪ حسين عورت جي دام ۾ اچي ويو، ۽ هال ۾ هڪ چڪر ڏيڻ کان پوءِ، ڪنهن نامعلوم جڳهه ڏي هليا ويا. اتي جنهن موج ۽ لطف جو عالم هو، ان جو اظهار هتي حيدرآباد ۾ ڪرڻ منهنجي تصور ۽ قلم جي طاقت کان مٿي آهي. هتي بمبئيءَ کان سوين ميل پري، بدليل ماحول ۾ ويٺو آهيان. آءٌ سمجهان ٿو تہ تنهنجو اعليٰ دماغي تصور، انهيءَ پردي کي چاڪ ڪري، ان اڻڏٺل نظاري کي ڏسڻ لاءِ تنهنجي گهڻي مدد ڪري سگهندو.

ٻئي ڏينهن، مسز سبحانيءَ سان لنچ کائڻ جو شرف نصيب ٿيو. مون کي ان غير معمولي شخصيت واريءَ عورت سان ان موقعي تي تباده خيالات جو موقعو مليو. جا سگهوئي پاڳ پري ٿيڻ واري آهي.

بدقسمتيءَ سان، ڊاڪٽر حميد جي ولايت وڃڻ ڪري، سندس مجلسن جي مزي حاصل ڪرڻ کان محروم رهجي ويس.

ليڊي ڪريم ڀائيءَ جي والد جي اوچتي انتقال ٿيڻ ڪري، سر ڪريم ڀائي ۽ ليڊي ڪريم ڀائيءَ جي مهمان نوازيءَ کان بہ مشرف ٿي ڪونہ سگهيس. ٻيءَ گرل فرينڊ جي ٻئنڊ ماستر سان شادي ٿيڻ ڪري، ملڻ جو موقعو ملي نہ سگهيو.

آخري ملاقات، گبول صاحب سان گڏ، ڪنائو مينشن ۾، ڊاڪٽر مس ويرا ڪراسي ڊيفرينزپازي سان ٿي. ساڻس ٿوري واقفيت اڳي ٿيل هئي. هن دفعي 'اسپيڪر سنڌ اسيمبلي' جي نالي مٿس وڏيڪ اثر ويهاريو. ڪارڊ ملڻ تي، يڪدم اسان کي هڪ سينگاريل هال ۾ وڃي ويهاريو ويو. جلد ئي ڊاڪٽر صاحبہ جلوه افروز ٿي. سندس مُشڪي ڪيڪارڻ، بجليءَ جو ڪم ڏيئي، ساري هال کي روشن ڪري ڇڏيو. پهرين مون کي اسپيڪر ٿيڻ جي مبارڪ ڏنائين. سندس نازڪ هٿ جي گرمي ساري بدن ۾ سرايت ڪري ويئي. ان کان پوءِ گفتگو شروع ٿي، جنهن ۾ هن خوبصورت، نيڪ سيرت ۽ عالم عورت، سندس

تي، سنڌ جي روزمره زندگيءَ ۾ غرقاب ٿي ويس. مون کي خوف آهي تہ خط تمام ڊگهو ٿي ويو آهي، پر اميد اٿم تہ اهو منهنجي رواياتي واقع نگاريءَ ۽ زنده دليءَ جي احوالن جي اوهان وٽ محفوظ ٿيل دفتر ۾ اضافو ڪندو.

سنڌ مدرسي جي پرنسپال جي مقرريءَ بابت مون کي ڪابہ خبر نہ آهي. 16- تاريخ واري مدرسي بورڊ جي سب ڪميٽيءَ وارو وائيس پرنسپال جي مقرريءَ تي غور ڪرڻ لاءِ ڪنهي ٿيڻ واري هئي. جڏهن بہ اهو سوال کڄندو، تہ توسان صلاح ڪري قدم کنيو ويندو.

آءٌ سيان ڪراچي ويندس، جتان 22- تاريخ موٽي حيدرآباد ايندس. اتي ضلعي لوڪلبورڊ حيدرآباد طرفان مون کي 28- تاريخ ائڊريس ملڻ واري آهي.

اميد تہ خوش خورم هوندين.

(5)

سيل هوٽل، روم نمبر 51، سملا

28- آگسٽ 1938ع

توکي معلوم هوندو تہ 13- آگسٽ تي آءٌ بمبئي يونيورسٽي سينيٽ جي ميٽنگ لاءِ ويل هوس. اتي چار ڏينهن رهي، پوني وجي، اتي بمبئي اسيمبليءَ جہ اجلاس ڏسي، پوپال، آگري ۽ دهلي کان ٿيندو، 22- تاريخ هتي سملي ۾ پهتو آهيان. هتي سيل هوٽل ۾ رهان ٿو، جا وڏي ۾ وڏي ۽ فيشنبل هوٽل آهي. ڪيترا ڏينهن مرڪزي اسيمبليءَ جي اجلاس جو معائنو پئي ڪيو اٿم. اجلاس جي ڪارروائي، ڪار گذاريءَ جا رول ۽ بهترين سياسي ليڊرن جي تقريرن ٻڌڻ جو موقعو مليو اٿم. سيل هوٽل جي رهائش، مکيہ سياستدانن جي آمد رفت ۽ ملاقات جي ميسر ڪرڻ ۾ گهڻي سهولت ڏني. آءٌ آفيسرن سان بہ پئي مليو آهيان. مون هندستان جي وائسراءِ سان بہ ملاقات ڪئي آهي. موجوده 'گريٽ مغل' جو ناٽ بہ ڏنو اٿم.

هتي هڪ شخصي ڳالھ جي ذڪر ڪرڻ کان رهي نٿو سگهان. هتي نندي کان وڏي ماڻهوءَ جي واتان تنهنجو نالو ٻڌي، نهايت خوشي ٿيم. هرهڪ ماڻهوءَ سنڌ جي سياست ۾ تنهنجي اثر. آئيڊلزم ۽ عهدن جي لالچ کان مٿي هئڻ جي ڳالهين کي نهايت تحسين جي نگاھ سان ڏٺو ٿي، چون پيا تہ شايد هيءُ ماڻهو سنڌ جي قسمت

کي نئون روپ ڏيارڻ وارو آهي. ڪيترا دعائون ڪري رهيا هئا ته شل تون انهن اعليٰ مقصدن ۾ ڪامياب ٿين. خود وائسراءِ سلامت به اهڙو ذڪر ڪيو.

جناح صاحب، جنهن ڪان تازو ڏنر تان موڪلائي پنهنجي روم ۾ پهتو آهيان، نهايت آرزومند ۽ منتظر ڏٺم ته هو ڪهڙيءَ طرح توکي پنهنجي دوستيءَ ۾ ڇڪي وٺي. هن کي هيءَ ڳالهه ٻڌي خوشي ٿي ته تون منهنجو پيارو پياءُ ۽ عزيز دوست آهين. هن جي خواهش هئي ته آءٌ توکي تحريص ڏيئي، سنڌ ۾ مسلم ليگ جي ڪشتيءَ جي ناکئي ٿيڻ لاءِ آماده ڪريان. مون کيس صاف ٻڌايو ته 'هن کي سنڌس مستحڪم ارادن ۽ راين تان بدلائڻ لاءِ آءٌ موزون ماڻهو ڪونه آهيان، بلڪ بيو به ڪو ڇڏبو ماڻهو سمجهيم ٿو، جو اهڙو اثر رکندو هجي، دليل، خوشامد، تحريص، کيس بدلائي نه سگهندا. ليڪن مون کي اهڙا آثار نظر اچي رهيا آهن ته چند ڪوتاهه نظر ڪانگريسين جون غلطيون کيس مجبور ڪري، شايد هنن کان پري ڪن. ان وقت کيس مسلم ليگ طرف ڇڪڻ جي ڪوشش شايد بار آور ٿئي. هن وقت هن چيز ڇاڙ ڪرڻ خلافِ مصلحت ۽ دانشمندي ٿيندي.'

هتي مون کي ديوان لالچند نولراءِ، سنڌ جي ايم. ايل. اي. ۽ اسيمبلي ڪاتي وارن طرفان اسيمبليءَ جي ڪاروباري معلومات حاصل ڪرڻ ۾ گهڻي مدد ملي آهي.

منهنجي هتي واري قيام جو سوشل حصو دگهي ڪهاڻي رکي ٿو. هتي صرف چند سٽون، پنهنجيءَ قديم روايت کي قائم رکڻ لاءِ، پيش خدمت ڪريان ٿو.

اڄڪلهه تون سياسي مهاڇار جي جهنجهٽ ۾ اهڙو ڦاٿو پيو آهي جو خبر نه آهي ته توکي زندگيءَ جي انهيءَ پهلوءَ سان دلچسپي هوندي يا نه. ازانسواءِ، تون پنهنجي رات- ڏينهن وارن سياسي مشغولين ۾ شايد منهنجو خط به رکي نه سگهين ۽ اهو ڪنهن نا اهل غير موزون ماڻهوءَ جي هٿ چڙهي وڃي، ۽ اهو ان مان غلط معنيٰ ڪڍي. آءٌ اهو طرف صرف اهل دل ۽ محرمِ راز وٽ پيش ڪري سگهان ٿو، نه مرده دل ماڻهن وٽ. بهرحال، جي تون اصرار ڪندين ۽ تون زندگيءَ جي ان پهلوءَ کان دلچسپي نه گهٽائي آهي، ته جهڙيءَ طرح اڳي ڪيترا دفعا ڪيو اٿم، موٽي ملڪ اچڻ بعد سمورو احوال لکي، تنهنجي معلومات ۽ رڪارڊ تي رهڻ لاءِ پيش ڪندس.

سملي جي آبهوا اڄڪلهه نهايت خوشگوار آهي. وقتي بارش جا ڇنڪارا، صبح جو سرلي مان سج جون واڏايون، بدن ۾ تازگي پيدا ڪريو ڇڏين. هتي هر ڪو هاليڊي موڊ ۾ پيو ڏسڻ ۾ اچي. ڪيترين دليون انهيءَ ماحول ۾ رومانس جا جذبات ظاهر ڪيو وجهن. ننڍيا وڏا، شام جو مال روڊ تي گهمندا نظر اچن ٿا. هر خوبصورت شيءِ کي داد ڏيڻ وارا ٻه، مون وانگر، ڪيئي موجود آهن. هتي ملڪ جي هر حصي جا ماڻهو نظر اچن ٿا، ليڪن پنجاب جو حسن سڀ کي مات ڪيو بيٺو آهي. مغربي تهذيب هندستانين جي مٿئين طبقي جي رڳن ۾ سرايت ڪندڙ ڏسڻ ۾ پيئي اچي. جيڪڏهن مشرقي ۽ مغربي تهذيب جي ملاوت، ڪنهن مقصد جي حد نظر، رٿا مطابق ڪئي وڃي ته اهو مرج البحرين، ملڪ ۽ ماڻهن لاءِ گهڻو مفيد ثابت ٿي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن انهن اثرن کي ڇڙواڳ ڇڏي ڏنو ويو ته ڪريل ڪير وانگر ڏير ٿي، سوسائٽيءَ جي اها حالت بنائيندا، جهڙي ڪانگ ڪَنگَ جي هاٽي سکڻ جي عيوض پنهنجي به وساري وينو، ۽ نه هيڏانهن جو ٿيو نه هوڏانهن جو.

راڳ ۽ ناچ سملي جي مٿئين طبقي جي ماڻهن جا خاص مشغلا ٿي پيا آهن. ٻئي جنسون، هندستان جي هيٺانهن پاڳن جي گرميءَ کان بچڻ لاءِ، آرام وٺڻ واسطي، هتي اچي رهيون آهن. هتي اچڻ بعد، هوا جي اثر ڪري تازا ٿيو، عشق بازيءَ جي ڪشش ۾ ڇڪجيو وڃن. هتي انساني فطرت، نفسيات ۽ دلي رجحانن جي معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ اهلِ نظر واسطي ڪافي مواد موجود آهي.

آءٌ هتي خوبصورت شهر پهرينءَ سيپٽمبر تي ڇڏي واپس موٽندس. رستي تي، 5- تاريخ سکر ۾، ديوان پوڄسنگ جي پُتلي جي نصب ٿيڻ جو افتتاح ڪري، 6- تاريخ حيدرآباد پهچندس. مون کي اميد آهي ته تون ان وچ ۾ حالتن کي سازگار بنائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندين.

سر عبدالله هارون ۽ يوسف گهڻو مهربان هئا. هاڻي ان طرف آيل آهن.

(6)

حيدرآباد

5- آڪٽوبر 1938ع

پير بقادار شاهه، آءٌ بابو ۽ پير الهيار شاهه مسلم ليگ اجلاس ڏسڻ لاءِ

ڪراچيءَ اچڻ گهرون ٿا. بنگلي ۾ بيا گهڻا ماڻهو نہ رهائيندا. حسن بخش شاهہ يا مقبول شاهہ جهڙا ماڻهو هوندا تہ پرواهہ ڪانہ آهي، پر اوهان وٽ گرو گنجو اچيو ڪنو ٿئي، اهو لحاظ رکندا.

(7)

حيدرآباد

1- نومبر 1938ع

تنهنجو 30- تاريخ موڪليل خط پهتو. مون کي پڙهي ارمان ٿيو تہ حسن بخش شاهہ واٽئي وانگر سوديبازيءَ تي لهي آيو آهي. ڪراچيءَ ۾ ٿيل صلح جي رخ تي نہ آهي. هن جي ڊگهين تقاضائين کي قبول ڪرڻ، مشڪل مسئلو آهي. مون کي افسوس آهي تہ منهنجي عرض جو شاهہ صاحب تي ڪوبہ اثر ڪونہ پيو. نہ وري تون ئي هن کي سمجهائي سگهيو آهين. رسول بخش ڪجهہ بہ نہ آهي، اهو ڦڏو صرف حسن بخش شاهہ وجهي رهيو آهي. مهرباني ڪري وري ڪيس سمجهائي راهہ راست تي آڻڻ جي ڪوشش ڪج. سڀ ڪنهن کي اهو ويساهہ ويهي ويو آهي تہ منهنجو چيو تون قبول ڪرين ٿو، چاڪاڻ تہ پاڻ ٻيئي گڏ اٿون ويهون ٿا.

پر اها ڳالهہ سياسي ڳالهين ۾ حقيقت نہ آهي. بهرحال، ماڻهن ۾ وينل اعتماد ۽ خيال ڏينهڪ نڪري ڪونہ سگهندا. مهرباني ڪري، وري ڪوشش ڪر. پر جي هو باز اچڻ کان ٻاهر هجي، تہ صاف جواب موڪل تہ سندس آسري تي ويهي نہ رهان.

(8)

حيدرآباد

18- ڊسمبر، 1938ع

مون کي ظاهر ڪندي خوشي ٿئي ٿي تہ والد حج تي 6- جنوري تي ڪراچيءَ کان وڃڻ گهري ٿو. تنهنجي بنگلي کي ڪتب آڻيندا سون، ان ڪري مهرباني ڪري اهڙو بندوبست ڪج، جيئن ان وقت بي انتها مهمانن کان فراغت هجيس. ڪنجيون بہ موڪليندا.

# سال 1939ع

(1)

حيدرآباد

20- اپريل، 1939ع

خط پهتو، احوال معلوم ٿيو. مون اوهان کي تار ڪئي هئي ته هتي اچو ته ڪراچيءَ ۾ جيڪي وهي واپري پيو، ان بابت صلاح مصلحت ڪجي. خانبهادر الهه بخش ٻاهي ويل آهي. ڪالهه ساڻس فون تي شڪارپور ڳالهايم. ڪيس سمجهايم ته جي. ايم. سيد تي ڪيس جي منظوري ڏيڻ نيڪ ڪم نه هو. اهي رستا ڪين فائدي بدران نقصان پهچائيندا. جنهن تي پاڻ چيائين ته ڪيس بابت ڪيس خبر نه هئي. ڪراچي وڃڻ بعد جاچ ڪندو. هو سر غلام حسين کي ائين ڪرڻ نه ڏيندو. وڌيڪ ڳالهيون ڪاغذ ۾ لکي نٿو سگهان. اڄ اوهان جو خط آيو ته ڪيس داخل ڪونه ڪيو ويو آهي. بقادار شاهه هتي آهي، چوي ٿو ته هتي اچو ته صلاح ڪجي: اوهان کي ڪٿي ڪيس جي پرواهه نه هجي، پر اسان، اوهان جي عزيزن ۽ دوستن کي گهڻو انتظار آهي. هاڻي جي اچو ته سيني تي احسان ڪندا، نه ته به اختيار وارا آهيو. پير الهيار شاهه ۽ صاحبزادو عبدالستار جان به ملڻ لاءِ منتظر آهن.

(2)

(خانگي ۽ شخصي)

ڪف پريڊ، ڪولابا، بمبئي

21- جون، 1939ع

ادا سائين، تسليم! پراڻي دستور موجب، اڄ به قلم کڻي هن دفعي جي جوڻي سفر جو ذڪر توهان جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو. هن دفعي توهان جي گهڻي يادگيري آئي، جنهن جو سبب هيٺ ڏيندس.

13- جون تي، سر غلام حسين سان گاڏيءَ ۾ سوار ٿي، بمبئيءَ لاءِ روانو ٿيس. فرسٽ ڪلاس ۾ رڳا به ڄڻا هئاسون. تنهن ڪري پيرو ڪان ٿمبڪٽو

تائين ذڪر اذڪار ڪندا هلياسون، جنهن ۾ گاهي ڳاهي تنهنجو ذڪر خير بہ ٿيندو هليو. ڪهڙي نموني جو، تنهن جي تفصيل لکڻ کان، اوهان جي تصور تي ڇڏيان ٿو. پاٽيهي سمجهي ويندا. جڏهن بمبئيءَ پهتاسون تہ ’سر‘ لاءِ ’سر‘ (Sir) بينل نظر آيو ۽ ڪامنر (Commoner) لاءِ ’ڪامنر‘: يعني هن لاءِ سر قاسم مـنا ۽ مون لاءِ عثمان مـنا ۽ ڊاڪٽر حميد جو سالو زورڪ.

عثمانَ جي اصرار تي، آءُ هوٽل مئجسٽڪ ۾ وچي جاءِ ڳرين ٿيس. پهرين رات تہ آرام ۾ ڪَٽي. ٻيءَ رات هوٽل ۾ ڊانس جو انتظام ٿيل هو. 7 بجي شام کان 10 بجي راتِ تائين. ڊاڪٽر حميد، عبدالرحمان ولد سر محمد يوسف ۽ مسٽر زورڪ اتي منهنجا مهمان ٿي آيا. شهر جي ڪوني ڪوني مان حسين، مهہ جبين، سندن حسنِ خداداد جي نمائش ۽ تماشاين جي دل جي تپش لاءِ جوق درجوق اچي ويل هيون. حسن جي بهار کي زور وٺائڻ لاءِ، ساز ۽ سينگار ۾ ڪين گهٽايو هئائون. اهڙي ماحول ۾ عشق جي بازار گرم هئي ۽ پريم جا پئگ وارو وار هلي رهيا هئا. سڀ ڪو پنهنجي منظورِ نظر جي ڪمر ۾ ڪمند وجهي، هوٽل جي دالان تي، محبت واري خمر جي خمار ۾ اچي، سماع جي سرور ۾ رچي، دنيا ومافيها کي وساري، الفت جو اڪر اچاري، حالت استغراق کي پهتل هو. اسان ڇئن يارن جي حالت نرالي هئي، جو حسرتِ جي نگاهہ سان انهن خوش نصيب جوڙن کي تڪي رهيا هئاسون.

اتفاقاً، قسمت ياوري ڪُرڻ شروع ڪئي، جنهن ڪري فرانسيسي حورن جي هڪ جوڙي پنهنجي قدوم ميمنت لزوم سان رقصگاهہ کي رشڪِ جنان بنائي ڇڏيو. اهي ٻئي زورڪ جون پراڻيون واقفڪار هيون، تنهن ڪري نہ رڳو تعارف جو شرف حاصل ٿيو، مگر اسان کي سندن همڪنار ۽ همنوا ٿيڻ جو موقعو بہ مليو ويو. زهي نصيب! تمام دنيا جو، شرق کان غرب تائين ذڪر ٿيندو رهيو. دورانِ گفتگو ۾ منهنجي گاهي گاهي تعريف ٿيندي رهي، جنهن جو نتيجو هي نڪتو جو سندن دولتخاني تي اچڻ لاءِ دعوت ملي ويئي. ڇہ خوش نصيبي! انڌو گهري هڪ اک، ملنس بہ!

بهرحال، انهيءَ موجب، ٻئي ڏينهن شام جو سرڪار جي دربار ۾، ڊنر سوٽ کي زيب تن ڪري، وڃي وارد ٿياسون. مغرب جي دستور موجب، مڪان نهايت آراستہ ۽ پيراستہ هو. صفائي ۽ سنجيدگي تہ ڪو يورپ جي عورتن کان

سرزمين هند ۾ ڪن وڏن آسرن ۽ اميدن جي ترهي تي تري اچي نڪتس. پر ساحلِ مراد تي پهچڻ کان اڳ، ناخدا جي بيوفائيءَ ۽ ڪج ادائيءَ جو شڪار ٿي، غم و الم ۾ مبتلا ٿي ويئي آهيان. دورانِ حياتيءَ ۾ به دفعا دل کي فطرت جي تقاضا موجب دامِ محبت ۾ اڙايم- هڪ دفعي هنگرين سان، ۽ ٻيو دفعو هندستانيءَ سان. بدقسمتيءَ سان ٻئي دام تزوير نڪتا ۽ نه دلپذير. جيئن منهنجون اميدون هيون. هندستاني منظور نظر دلاسو ڏيئي، هندستان گهرائي، پاڻ پنهنجو دامن پيءُ جي مجبوريءَ تي ٻيءَ سان اٽڪائي، مون کي فرقتِ جاوداني ۽ داغِ حسرت ڏيئي، پنهنجن بنگلن ۾ عيش عشرت ۾ مستغرق آهي، ۽ آءُ هتي ياس و الم ۾ حياتيءَ جون گهڙيون ڳڻتيءَ ۽ ڳاري ۾ گهاري رهي آهيان. منهنجي بيوسيءَ ۽ ڪسمپرسيءَ جي حالت کي ڏسي، هڪ 60 سالن جي عمر رسيده ٻئرسٽر، مسٽر مرزا، مون کي پنهنجي سايہ عاطفت ۾ رکيو آهي. گاهي گاهي مسٽر عبدالرحمان جهڙو رفيق دل مهربان، شفقت رسان انسان ملي وڃي ٿو، ته ان سان روح رهاڻ ڪري، دل جي الم کي ٿڌو ڪريان ٿي، ورنه پنهنجي ڪتابن سان ورونهن ۽ وندر ۾ وقت گذاريان ٿي."

انهيءَ بيان ٻڌڻ بعد منهنجو سڄو جسم ڪانڊارجڻ لڳو. انساندات جي سخت دليءَ، قهر ۽ رمز تي تصوير اکين اڳيان ڦرڻ لڳي. هن ماهہ وش جي چشم آلودگي ڏسي، رحم جي رڳن کي وڏيڪ جنبش اچي لڳي. بهرحال، دل جوئيءَ واسطي مون جوتشيءَ جو مِنهن ڪري دلاسو ڏنس ته تون ضرور ڪنهن وقت ڪنهن راجا يا وڏي ماڻهوءَ جي محلن ۾ موجود ڪندينءَ:

دورِ گردون گر دو روزي بر مرادِ ما نگشت،
دائما يکسان نباشد کارِ دورانِ غم مخور.

افسوس جو پارسيءَ ۾ درڪ نه اٿس. جيتوڻيڪ عربيءَ ۾ ماهر آهي. پئرس جي پرورده ۽ مغرب جي پيدائش هئڻ ڪري، وقت شناسي ته ڪو هنن کان سکي. پنهنجا غم ۽ غصا في الحال فراموش ڪري، سنهن چپن تي لالائيءَ سان گڏ مرڪ آئي، اسان جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويئي. ڇڻ ته خوشيءَ جي سيج کان هن هڪ قدم ٻاهر نه رکيو هو. يڪدم ڊنر جو انتظام ٿي ويو. طعام جي تناول ڪرڻ کان فارغ ٿي، وري به ڊرائنگ روم ۾ فرش تي گاديون وڇائي، ٽيئي دوش بدوش ٿي، حياتيءَ جي دقيق نُڪتن ۽ خلقتِ انسان جي

خوشي سمجهندا آهن. دنياوي جاهہ ۽ جلال، مال ۽ منال جو تعلق جسم سان آهي. آئڊئل جو تعلق روح سان آهي، تنهن ڪري آئڊئلسٽ، فطرت جي پابندي ڪندي، دائمي خوشيءَ جو متلاشي آهي ۽ مٽيريلسٽ (Materialist) جسم جي رضامنديءَ خاطر، عارضي خوشيءَ تي راضي ٿي وڃي."

ان تي مسٽر عبدالرحمان مذاق طور چيس تہ "جي جسم کي تو وٽ فوقيت نہ آهي، تہ توکي تنهنجي جسم جي ڪنهن بہ عضوي جي حفاظت جي پرواهہ نہ هوندي." چيائين تہ "برابر، مون کي ڪابہ عضون جي پرواهہ نہ آهي، جي گوشت ۽ پوست سان تعلق رکن ٿا، پر جيستائين انهن جو روح جي پاڪيزگيءَ سان تعلق آهي، تيستائين انهن جي حفاظت مون لاءِ لازمي ٿئي ٿي. مثلاً، بوسي يا معصوم طريقي جي همڪنارگي مٿئين قانون کان مستثنيٰ ٿي سگهي ٿي، ليڪن جسمي خواهشن کي ايتريقدر وڌڻ نہ ڏبو جو بنيادي شيءِ، يعني روحاني خوشيءَ جي جستجو وسري وڃي."

بهرحال، انهيءَ نوع ۽ انهيءَ طرز جي گفتگو ڪرڻ ۾، اهڙي بلند حوصلگيءَ ۽ فلسفہ حيات جي باريڪ نُڪتن جي اپٽار بعد، بي اختيار اوهان جو نالو پيش ڪيم تہ 'منهنجو هڪ عزيز انهيءَ راهہ جي رهنمائيءَ بابت ڪجهہ خبر ڏيئي سگهندو، باقي اسان انسانن جي اتي پهچ نہ آهي.' پاڻ اوهان سان تبادلہ خيالات جو اشتياق ڏيکاريائين. خير، نياپو اسان پهچايو، آئيندي مالڪ پاڻ آهيو.

ٻي ٻجي رات تائين گفتگو ڪرڻ بعد، جڏهن مسٽر عبدالرحمان تي غنودگي ڇانئجي ويئي، جو اهڙا دقيق مسئلا شايد هن جي دلچسپيءَ جو باعث ڪونہ هئا، اڌ رات مهل گهر پهتاسين.

ٻئي ۽ ٽئي ڏينهن ڪا خاص قابل ذڪر ڳالهہ ڪانہ ٿي. پر آخرين شام جو 21- جون، 6 ٻجي مهل ڪيس ٽيليفون ڪيم، ۽ يڪدم ملاقات جي اشتياق جو اظهار ڪيائين، جنهن ڪري ٻيا ڪم فراموش ڪري، بروقت سندس دولتخاني تي پهتس. سندس حسنِ ماهتاب اڳينءَ رات کان وڌيڪ جلوه افروز ڏسڻ ۾ آيو. زلفن جي پيچن ۾ زياده پيچيدگي ۽ سراسيمگي ڏسڻ ۾ آئي، پر ماهہ وش جي منهن ۾ سرهائيءَ ۽ سرخيءَ جي رونق بکڻ لڳي. چانهہ جو انتظام ٿيل هو، جا گڏجي نوش جان ڪئيسون. وري سلسلہ گفتگو شروع

ڪيوسون. اهو به ڪلاڪ ڪن هليو، جنهن ۾ پنهنجي پيدائش ۽ خاندان، تعليم ۽ تربيت، سفر ۽ حضر، عشق ۽ عاشقي، پريشانيءَ ۽ حيرانيءَ جو ذڪر ڪيائين. ڪنهن فلسفيانه نُڪتي جي اُپٽار جو موقعو هٿ نه آيو. جو ڊاڪٽر حميد صاحب هڪ وڏيءَ ڊنر جو انتظار ڪيو هو، جنهن ۾ ڊاڪٽر ذاڪر حسين، جامع مليه دهليءَ وارو ۽ سيد عبدالله بريلوي به حاضر هئا.

ساڍي اٺين بجي ڊنر- ٽيبل تي ۽ ساڍي نوين بجي اسٽيشن تي رسيس. گاڏيءَ ۾ سر غلام حسين سان گڏ سوار ٿيس. 23- تاريخ طوفان ۽ گهمسان اُٺائي، حيدرآباد پهتس. خط شروع بمبئيءَ ۾ ڪيو هوم، ۽ پورو حيدرآباد ۾ ڪيو اٿم.

رستي ۾ 'خانم طريقيءَ' جي صورت، گفتگو ۽ خيالات مون سان حامي هئا. جن سان روح ريجهائي، هتي سنڌ جي صحرا ۾ پهتو آهيان. ۽ ماڻهن سان روز شب بيسود ۽ واهيات ڪمن ۾ مصروف ٿي، روح جي رهائين کي مدفون ڪري ڇڏيو اٿم- جيستائين 14- جولاءِ سملي وڃان. يا 20- آگسٽ وري بمبئيءَ وڃي سلسلي جنباني ڪريان.

خانم صاحبه کي هتان خط لکيو اٿم. ان جو نقل شامل ڪريان ٿو. پڙهي اوهين مطالعو ڪريو. جو جواب ايندو، اهو به موڪليندس ته ٻن طرفين جي خيالات جي آگاهي رهي- متان ڪڏهن جج ٿي، اوهان کي فيصلو به ڪرڻو پوي.

نوازش روءِ، هيءُ خط مخفي رکجو. متان سڀ ڪنهن کي ڏيکاريو. اهلِ دل دنيا ۾ ٿورا آهن. بدگمان ۽ حاسدن جو شمار ئي ڪونه آهي.

پنهنجي پروگرام کان واقف ڪندا. آءٌ 29- جون کان 1- جولاءِ تائين ڪراچيءَ هوندس ۽ 2- جولاءِ تي موٽي حيدرآباد ايندس.

(3)

(خانم طريقيءَ ڏانهن موڪليل خط جو نقل)

حيدرآباد

25- جون 1939ع

پياري طريقي خانم!

توکان موڪلائي، تنهنجي نهايت عجب زندگيءَ جو حال ٻڌي، مون کي رات جو ننڊ ڪانه آئي. تنهنجيءَ موجوده حالت، تنهنجي ذهني زرخيزيءَ، طريقه زندگي ۽ اخلاقي بلنديءَ تي گاڏيءَ ۾ بستري تي ليٽي غور ڪندو رهيس. تو مون کي

گفتگوءِ ۾ ٻڌايو هو تہ تون ڪا غير معمولي لياقتن جي عورت ڪانہ آهين، پر پنهنجي تجربي جي بناءَ تي آءٌ ان راءِ تي پهتو آهيان تہ تو جهڙي عورت مون ڪا ڪانہ ڏٺي آهي. تنهنجي گذريل دفعي جي گفتگو ۽ اڄ شام واريءَ ملاقات منهنجي دل تي گهڻو اثر ڪيو آهي. زندگيءَ لاءِ، تنهنجي ذڪر ڪيل منزلِ مقصود نهايت اعليٰ هئي، پر منهنجي نظر ۾ موجوده دنيا جي مادي ماحول اندر عمل ۾ اچڻ جهڙي نظر نٿي اچي. باوجود ان جي، تنهنجو آئڊيلزم جن اعليٰ بنيادن تي بيٺل هو، سو توکي غير معمولي ۾ يگانہ روزگار بنائي ٿو ڇڏي. مون کي يقين آهي تہ هن فلڪ ناهنجار جيڪڏهن تنهنجو حمايتي ٿي توکي ڪنهن اهڙي ئي غير معمولي، آئڊيل ماڻهوءَ جو ساٿ ڏياريو تہ تون سوسائٽيءَ جي اقتصادي، اخلاقي ۽ ڪلچرل ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ وڏي خدمت ڪري سگهندينءَ. آءٌ چئي نٿو سگهان تہ اهو ڪهڙو خوش قسمت انسان هوندو جو تنهنجي معيارئي ترازو ۾ تُري نڪرندو، پر جيڪو بہ ان ڪسوٽيءَ تي پاس ٿيندو، سو بہ نهايت اعليٰ انسان هوندو. اوهان جي شموليت، خلقِ خدا جي ڀلي جو باعث بڻبي. مون کي وڌيڪ اها ڳالهہ معلوم ڪرڻ جو شوق آهي تہ بمبئيءَ جي مادي ۽ ڇون- ڇون مربي واري ماحول ڪان تون ڪيتريقدر مطمئن آهين. هن طرف جا ماڻهو سادا ۽ سباجهڙا آهن. ملڪ بہ فطري سادگيءَ کي ويجهو آهي. جيڪڏهن تنهنجي سيمابي طبيعت توکي هندستان جي بين حصن جي ڏسڻ جو شوق پيدا ڪرائي ۽ هن طرف بہ اچڻ جو ارادو ڪرين، تہ مون کي اڳواٽ اطلاع ڪج. پر جيڪڏهن باوجود بمبئيءَ جي شهري ۽ مادي ماحول جي، جنهن جو تو مون سان اظهار ڪيو هو، اتان ٻاهر نڪري نٿي سگهين، تہ پوءِ جتي هجين اُتي شل خوش هجين!

رات گهڻي گذري چڪي آهي، آرام ڪريان ٿو. جواب موڪليندينءَ تہ مهرباني ڄاڻندس.

(4)

حيدرآباد

3- جولاءِ 1939ع

هڪ خط بمبئيءَ جي احوال بابت رجسٽر ڪري موڪليو اٿم. جواب ڪونہ موڪليو اٿوَ. مهرباني ڪري اطلاع موڪليندا تہ پهتو يا نہ. وڌيڪ احوال روبرو ڪبا.

(5)

سملا

21- جولاءِ 1939ع

اوهان سان واعدو ڪيو هوم تہ سملي پهچڻ بعد سفر جو احوال لکندس. اڄ پوين ڏينهن آهي، تنهن ڪري انجام موجب سفر جي سر گذشت بابت هيءُ خط موڪليان ٿو.

14- تاريخ لاهور ميل ۾ روانا ٿياسين. منهنجي ڊپٽي اسپيڪر صاحبہ، مس جيٺي سپاهيملاڻي بہ ساڻ هئي. پنجاب جي رستي، واريءَ مٽيءَ ۽ گرميءَ مان گذري، 6 بجي شام جو لاهور جي اسٽيشن تي وارد ٿياسون. سر حاجي عبدالله هارون ۽ راشدي صاحب بہ اسان سان همسفر هئا. سي بہ لاهور لٿا. مس سپاهيملاڻيءَ لاءِ سندس ڪي عزيز ۽ عزيزياڻيون اسٽيشن تي آيل هئا. "ٽريبون" جو اسسٽنٽ ايڊيٽر بہ اسٽيشن تي موجود هو، جنهن صاحب اسان جو گروپ فوٽو، ۽ منهنجو ۽ ڊپٽي اسپيڪر صاحبہ جو گڏ فوٽو ڪڍيو، جو پن ڏينهن بعد "ٽريبون" ۽ "هندستان ٽائيمس" ڇاپيو ويو. جنهن ڪري ڪيترن ئي دوستن کي اسان جي سملي ڏانهن وڃڻ جو پتو پئجي ويو. منهنجي ونڻ لاءِ لاهور اسٽيشن تي چوڌري محمد سليم صاحب موجود هو، جو گهر وٺي ويو. ٽي ڪلاڪ فرجو مليو، جنهن ۾ جهانگير جو مقبرو ۽ نورجهان جي مزار ڏسي، پوءِ اورنگزيب جي ٺهرايل شاهي مسجد جو معائنو ڪري، جاءِ تي آياسون. جتان ماني کائي، ساڍي نوين بجي رات جو، سملي ميل ۾ سوار ٿي، ڪالڪا پهتاسون. جتان ننڍڙي پٽڙي واري گاڏيءَ ۾ چڙهي، ساڍي ٻارهين بجي منجهند جو سملي پهتاسون.

آءٌ گورنمينٽ آف انڊيا جي نگرانيءَ هيٺ هلندڙ "لانگ ووڊ" هوٽل ۾ اچي رهيس ۽ مس سپاهيملاڻي "ينگ وومينس ڪرسچن ائسوسئيشن" ۾ وڃي رهي.

ٻئي ڏينهن آنربل سر ظفر الله خان منهنجي دعوت ڪئي، جتي مسلمانن جي موجوده پست حالت ۽ مستقبل جي ملڪي نظام جي مسئلن تي گفتگو ٿي. رات جو آنربل خانبهادر عزيزالحق اسپيڪر بنگال اسيمبلي، خواجہ تميز الدين وزير زراعت بنگال، ۽ حميد الحق ڊپٽي پريزيڊنٽ بنگال ڪائونسل، جو ملنسار نوجوان آهي، انهن سان ملاقات ٿي ۽ حال احوال ڪيا ويا.

18- تاريخ 11 بجي مهل، هز ايڪسيلنسي لارڊ لنلٿگو، وائسراءِ هندستان

ڪالهه لاهور ويا آهن، جتي، وچي ساڻن ملندس. آءٌ شايد ڪشمير جي سير تي وڃان ته عجب ڪونه آهي. سملو تمام ٿڌو آهي، جنهن ڪري دل وڏيڪ رهڻ نٿي چاهي. وڏيڪ احوال ڪشمير ۾ لاهور جو، ٻئي ڪاغذ ۾ لکندس.

## (6)

سرينگر، ڪشمير

2- آگسٽ 1939ع

هڪ خط سملي مان لکيو هوم، اميد ته پهتو هوندو. ان کان پوءِ لاهور آيس، جتي محمد صديق ميمڻ کي گهرايو هوم ته "انجمن حمايت اسلام" لاهور جي انتظام جو معائنو ڪيو وڃي، جو اسان کي به "مسلم ادبي سوسائٽي" جي زير، سهاري هڪ گرلس اسڪول حيدرآباد ۾ جاري ڪرڻ جو ارادو آهي. لاهور ۾ تمام گهڻن دلچسپ ماڻهن سان ملاقات ٿي. خصوصاً مسٽر علي محمد جعفري، رٽائرڊ پرنسپال اسلاميه ڪاليج، حڪيم احمد شجاع صاحب، ڊپٽي سيڪريٽري پنجاب اسيمبلي ۽ نواب شاهنواز خان ممدوٽ سان به ملاقات ٿي، جتي علامه راشدي (علي محمد) به ڦڻ ڪڍيو ويٺو هو. مٿيان ماڻهو نهايت دلچسپ هئا. هنن جي مذهبي توڙي سياسي معلومات بلڪل وسيع هئي. مسلمانن جي ترقيءَ لاءِ هرهڪ پنجاب جو باشندو تڙپندو ڏٺم. پنجاب جي منسٽريءَ گهڻو ڪجهه مسلمانن جي ترقيءَ لاءِ ڪيو آهي. سر سڪندر حيات سان سملي ۾ مليس. ان جا خيالات به بلڪل ساڳئي نموني جا هئا. راشدي صاحب واعدو ڪيو هو ته ڪشمير گڏجي هلنداسون، تنهن ڪري دل ته ٿي هڪ دفعو وري بهشت برين جو سير ڪجي، پر هو صاحب لاهور اچي ڦري ويو، سو اسين به ڇٽا راهي ٿياسون. لاهور ۾ راشدي صاحب جي اثر جو غوغا بـُـڌل هو، پر ثابت ٻيءَ طرح ٿيو. البت شبِ تاريڪ ۾ هڪ دفعي روشنيءَ جو تـرورو ڏيکاريائين. محمد زمان شاهه جي شاديءَ تي آيل ماڻهو لاهور ۾ نه هئا، ته خط صحبت ۾ لطفِ انشباط اُنائجي ها.

خير، 24- تاريخ مسٽر ميمڻ ۽ آءٌ ڪشمير روانا ٿياسون. ڇمون رستي، رات ٻنوٽ ۾ رهي پياسون، جو هڪ پـُرفضا ۽ دلڪشا منظر جو مڪان آهي. رستي تي بنهال جي وادي ۽ پير پنجال جي 9 هزار فوٽ اُتانهين، قابل ديد جايون

هيون- چڙ آسمان جي ستارن سان ڳالهيون ٿي ڪيونسون. بهرحال 3 بجي ڌاري ويرناگ پهتاسون، جو اوهان جو ڏٺل هوندو، جتان جهلم (نديءَ) جي شروعات هڪ چشمي مان ٿئي ٿي. ان چشمي جي چوڌاري جهانگير جو ٺهرايل محل بيٺو هو. 5 بجي سرينگر پهتاسون. نواب ممدوٽ جي هائوس- بوٽ ۾ اچي رهياسون. سندس فرزند اسان جو حتي المقدور خير مقدم ڪيو ۽ ماني کارائي.

ٽيو ڏينهن هو سير تي ويو ۽ اسان 26- تاريخ پهلگام وياسون، جا هڪ جان بخش وادي آهي. 27- تاريخ موٽي سرينگر ۾ آياسون.

هتي خط بند ڪريان ٿو. سامان موٽر ۾ رکيو آهي، واپس ڳوٺ ڏانهن، راولپنديءَ ذريعي روانا ٿيون ٿا. وڌيڪ احوال بعد ۾ لکندس. 4- آگسٽ تي حيدرآباد پهچنداسون.

## (7)

حيدرآباد

16- آڪٽوبر 1939ع

سنڌ مدرسه بورڊ جي چونڊ نئين سر ٿئي ٿي. آءٌ اسيمبلي ميمبرن طرفان اميدوار بيهان ٿو، ووٽ ڏيندا.

(3)

حيدرآباد

17- مئي، 1940ع

مون کي معلوم ٿيو آهي تہ قاضي عابد جي پڪي ڪرڻ جي سوال تي مير بنده علي خان اختلافي نوٽ لکي، ڪاغذ گورنر کي موڪليا آهن. مهرباني ڪري حقيقتون معلوم ڪري، مون کي حيدرآباد ۾ فون تي خبر موڪل. سياڻي 9 بجي رات جو فون ڪندس. بنگلي تي هُجج. مهرباني ڪري اسان جي اهم سوالن ۾ ڪابہ ڪمزوري نہ ڏيکارج. تون مسٽر نهچلداس ۽ راءِ صاحب گوڪلداس سان بہ ڳالهائج. مير اسان کي هتي ڳالهہ ۾ تنگ ڪري رهيا آهن. عابد جو سوال فيصلہ ڪُن آهي. جيڪڏهن هو ان ۾ اسان کي شڪست ڏين تہ اسين هميشہ لاءِ ختم ٿي ويندا سون. اهو سوال انصاف تي مبني آهي، ان ڪري توکي ان ۾ دلچسپي وٺڻ گهرجي.

(4)

حيدرآباد

12- جون 1940ع

مسٽر غلام حسين سومري جي پڳهار جو فيصلو ڪونہ ٿيو آهي. ٿيو مهينو ٿيو آهي تہ ڪيس پڳهار ڪونہ مليو آهي. مهرباني ڪري، ترت فيصلو ڪرائيندا.

(5)

مائونٽ- ابو

2- جون 1940ع

بمبئيءَ ۾ سر شاهنواز ڀٽي وٽ چار ڏينهن رهيس. بمبئيءَ ۾ انڊين شو روم ڪمپني ڏسڻ ويس، جا جديد طرز تي ٺهيل هئي. مئنيجنگ ڊائريڪٽر مسٽر مغل کي 17 سالن جو آمريڪا ۾ تجربو آهي. ٻيا صوبا ۽ رياستون بہ شو روم کي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهن. مهرباني ڪري ان شو روم (Show room) ۾ سنڌ جي هنرن لاءِ بہ ڪجهہ حصو رزرو ڪرائيندا. آءٌ اڄ هتي پهتو آهيان. نواب ٽونڪ جي بنگلي ۾ رهيو آهيان.

(6)

مائونٽ- آبو

27- جون 1940ع

افسوس آهي تہ تو منهنجي ٻن خطن جو جواب ڪونہ موڪليو آهي. آءٌ نٿو سمجهان تہ تنهنجي وزارت جي ڪثير مشغولي تنهنجي سڪوت جو باعث ٿي سگهي ٿي. مون کي ارمان ٿيندو، جيڪڏهن تون خطن جو جواب ترت نہ موڪليندو ڪندين.

سنڌ يونيورسٽي ڪميٽيءَ تي مون کي چيئرمين مقرر ڪرڻ لاءِ شڪريو. مون ڊيپوٽي سيڪريٽريءَ کي لکيو آهي تہ ڪميٽيءَ جي پهرين ميٽنگ 6- آگسٽ تي رکي. آءٌ مائونٽ- ابو پهرين آگسٽ تي ڇڏي، 5- آگسٽ تي ڪراچيءَ پهچندس.

مون کي وڏيڪ خوشي ٿي آهي تہ تو ڊاڪٽر دائود پوٽي کي معاف ڪري ڇڏيو آهي. هي مون کي ڀاءُ وانگر آهي. اسڪول جي ڏينهن کان وٺي دوست رهيا آهيون. توکي شايد خبر هوندي تہ مون کي پڙهائڻ ۾ هن گهڻي دلچسپي ورتي. تنهن ڪري، هن کي پنهنجو ڪري سنڀالج. تون هندو دوستن کي نيڪ ڪري ڇڏ تہ سندس برخلاف پروپيگنڊا بند ڪن.

هتي روزاني بارش پئجي رهي آهي. آبهوا نهايت خوشگوار آهي. آءٌ طبعيت ۾ دن بدن بهتر ٿي رهيو آهيان. روزانو ٽڪرين تي چڙهان ٿو. منهنجو ساٿي، سيد احمد ولي محمد شفي، ٽونڪ جو وڪيل آهي. هو مون سان نهايت گهاٽو ٿي ويو آهي.

(7)

حيدرآباد

16- جولاءِ 1940ع

[نوٽ: محمد صديق ميمڻ، پرنسپال ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد، کي فرسٽ گريڊ ۾ پروموشن ڏيڻ لاءِ سفارش لاءِ لکيل خط، جنهن جو متن ڏنو نہ ويو آهي.]

(8)

حيدرآباد سنڌ

23- جولاءِ، 1940ع

"سنڌ آبزرور" ۾ ڇاڻايل آهي تہ سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس پهرين آگسٽ تي سڏايو ويو ٿو. مون کي بمبئي يونيورسٽيءَ جي ميٽنگ لاءِ وڃڻو آهي، ازان سواءِ جرمن ڊاڪٽر کان پاڻ تپلساراڻو اٿم. ان ڪري 27- آگسٽ ڌاري اجلاس سڏائيندا. آءٌ 25- جولاءِ ڪراچيءَ ايندس. اسٽيشن تي موٽر موڪلج.

(9)

حيدرآباد

8- آگسٽ، 1940ع

[نوٽ: انڊين مارڪيٽ شو روم جي مدد لاءِ تاڪيد ڪري ٿو. يونيورسٽيءَ جي پٽي پاڙي جي فيصلي لاءِ لکي ٿو. 9- تاريخ يونيورسٽي ڪميٽيءَ جي لاءِ ڪميٽيءَ جي ٻيءَ ميٽنگ تي اچڻ جو اطلاع ڏئي ٿو.]

"سنڌ لٽرري (ادبي) بورڊ" جو اوهان مقرر ڪيو آهي، ۽ چيو اٿوَ تہ ان جو بہ چيئرمين مون کي مقرر ڪيو اٿوَ. اهو آرڊر اڃا ڪونہ پهتو آهي. مهرباني جلد آرڊر ڪيائيندا تہ سنڌي ادب کي زور وٺائڻ لاءِ ڪم شروع ڪجي.

(10)

ٽاڻو بولا خان

28- سيپٽمبر، 1940ع

توکي فون ڪري، ٽاڻي بولا خان پهتو آهيان. آءٌ 4- آڪٽوبر تي ڪراچيءَ ايندس. تون ان وقت ٻاهر گشت ۾ هوندين. وڏيري محمد بخش شوري کي ڪليڪٽر ناحق جيل ۾ وڌو آهي، مهرباني ڪري ان کي آزاد ڪرائيندا. ڊاڪٽر داٿود پوٽي جي پڪي ڪرڻ جو سوال مهرباني ڪري جلد فيصلو ڪرائج. چينمل پرسرام جي درخواست ادبي بورڊ ڏانهن موڪلج تہ اتي فيصلو ڪنداسون.

وارو آهي. اها ڳالهه ڪيتري قدر صحيح آهي؟

سن عيد لاءِ ڪڏهن ويندين؟ آءٌ 31- تاريخ حيدرآباد وڃان ٿو، 6- نومبر واپس ايندس. مهرباني ڪري دائود پوٽي جي ڪاغذن جو جلد نيڪال ڪري ڇڏ. خط جو جواب هن ماڻهوءَ هٿ موڪلج.

## (13)

ٽاٽو بولا خان

8- نومبر، 1940ع

آءٌ منهنجي پٽ قبول محمد شاهه سان هتي پهچي ويو آهيان. اسان تنهنجي تفصيلوار گشت جي پروگرام جو انتظام ڪيو آهي، جنهن جي ڪاپي تنهنجي واقفيت لاءِ موڪليان ٿو. توکي صبح جو 7 بجي سويل نڪرڻ گهرجي، جو 11 بجي هتي پهچي وڃين. وڌيڪ احوال پير محمد بخش شاهه ڪان معلوم ڪندا، جو روبرو اچي ٿو.

بمبئي بابت ڪهڙو احوال آهي؟ خانم اچي ٿي يا نہ؟ جيڪڏهن خانم نٿي اچي تہ پوءِ ڊاڪٽر دائود پوٽي کي ساڻ آڻج. ماڻهو ڪيس ملڻ چاهين ٿا. آءٌ دائود پوٽي کي نٿو لکان، ڇاڪاڻ تہ بمبئيءَ مان خانم جي خبر اچڻ تائين لکڻ بيسود آهي. حيدرآباد مان بہ ڪي دوست گهرائي سگهون ٿا، پر انهن سڀني جو مدار بمبئيءَ جي اطلاع تي آهي. ڊاڪٽر دائود پوٽي جا ڪاغذ جلد نيڪال ڪج. پيرن جي ڪم جي پارٽ اٿئي. راءِ بهادر ڏرمداس ڪي سندس لاءِ چئج، جنهن کي مون اڳي ئي چٽي ڇڏيو آهي. پير ٽاٽيوارن جي ڪم ۾ سستي نہ ڏيکارج، جو هو اسان جا پنهنجا آهن. خانداني طرح يا سياسي طرح، هو اسان کان جدا ٿي نٿا سگهن. سندن ڪم ۾ مدد ڪرڻ اسان جو اولين فرض آهي. مسٽر نهچلداس ڪان معلوم ڪج تہ علي بخش جي جاگيرن جو ڪهڙو فيصلو ٿيو- منع نامو نڪتو يا نہ؟

## (14)

ٽاٽو بولا خان

17- نومبر 1940ع

ڪالهوڪو لکيل خط لاريءَ واري هٿان پهتو، جنهن مان معلوم ٿيو تہ:

# سال 1941ع

## (1)

[مسٽر سنتداس ڏانهن موڪليل خط جي ڪاپي- انگريزيءَ تان ترجمو]

حيدرآباد سنڌ

7- جنوري 1941ع

پيارا مسٽر سنتداس، توهان جو 24- ڊسمبر 1940ع جو خط پهتو. آءٌ سن ويو هوس، اتي درياهہ جي ٿڌيءَ هوا تي ويهي خط جو جواب موڪليان ٿو.

اوهان مون کي سنڌين جي مـاضيءَ قريب جي ياد تـازه ڏياريندي، رئيس مرحوم پرڳڙيءَ ۽ محمد ناني قاضي اسدالله شاهہ جي ياد تازه ڏياري آهي. مون تعليم رئيس صاحب جي مهربانيءَ سان حاصل ڪئي هئي، ۽ سياست ۾ قـاضي صاحب جي هٿ هيٺ تربيت حاصل ڪئي هيم. مون کي پڙهي نهايت ارمان ٿيـو تہ اوهان کي سنڌ جي موجوده حالتن کي ڏسي صدمو آيل آهي. اها فطري ڳالهہ آهي جو اوهان جهڙن انسـان- دوست مـاڻهن کي اهڙين حالتن تـي ارمـان ٿئي، خصوصاً، جڏهن اوهان بمبئيءَ کان سنڌ جي جدائيءَ لاءِ اسان سـان گڏ ڪوشش ڪئي هئي. اوهـان مـون کي هندو- مسلم اتحاد جي ضـرورت ۽ گڏجي قـوم پرستيءَ جي راهہ تي هلڻ جي اهميت طرف ڌيان ڇڪايو آهي. نہ مون کي، ۽ نـہ ٻئي ڪنهن مسلمانن کـي اوهـان جي صداقت ۾ شـڪ ٿـي سگهي ٿـو. ڪـاش، جيڪڏهن سنڌ ۾ اوهان جهڙا همدرد ماڻهو گهڻا هجن ها! جيڪڏهن اُهي هجن ها تہ موجوده اختلافي معاملن جي حل ٿيڻ ۾، ذرا پيچيـده ڏسـڻ ۾ اچن ٿـا، گهڻي تڪليف نہ ٿئي ها. اوهـان جي دليـن ۾ ڪـافي قـوت ڏسـڻ ۾ اچي ٿـي. اوهين چئو ٿا تہ موجوده سنڌي مسلمـانن جي ليڊر شپ مـان اوهـان جو اعتبـار ٽُٽي ويو آهي، جنهن ۾ اوهان هرهڪ ليڊر تـي تبصرو ڪيـو آهـي. مـون بـابت جيڪي اوهان لکيو آهي، اهو بہ صحيح آهي. مون اڳي بـہ اوهـان سـان پنهنجي ڪيترين خامين جو اقرار ڪيو آهي. مون ۾ ان ڪـان وڌيڪ خـاميون آهـن، جي اوهان جي ڌيـان تـي نـہ آيون آهـن. انهـن خـامين ۽ ڪمزورين ڪـري آءٌ سنڌي مسلمانن جي ليڊريءَ لاءِ موجوده حالتن هيٺ لائق نـہ ٿـي سگهيو آهيـان. اوهـان مون کي سنڌ اسيمبليءَ جـي اسپيڪري نهايت قـابليت سـان هلائڻ جو داد ڏنـو

آهي، انهيءَ لاءِ شڪرگذار آهيان. منهنجي اسپيڪريءَ جي ڪاميابي، آئين سان پابنديءَ ۽ پارٽي- پاليٽڪس کان ٻاهر رهڻ ڪري آهي. اها ڪاميابي جيڪڏهن مٿي ذڪر ڪيل حالتن کان سواءِ حاصل ٿئي ته پوءِ منهنجي لياقت سمجهجي ها. جيڪڏهن آئين جي سخت پابندي منهنجي حفاظت ۽ بچاءُ نه ڪن ها ته آءٌ به موجوده وهڪري ۾ وهي وڃان ها. حقيقت ۾ موجوده حالتن هيٺ رهي سنڌ، هندستان يا دنيا جي ماڻهن جو انهن اثرن کان آزاد رهڻ ذرا مشڪل پيو نظر اچي. روحانيت گهٽجي ويئي آهي، ماڻهو ماده پرستيءَ جي نظرين ۽ شخصي مفاد جي وهڪري کان ٻاهر نڪري نٿا سگهن. انسان جي شخصي ترقي، ان ڪري، گهٽو روڪجي پيئي آهي. مهاتما گانڌيءَ جهڙين اعليٰ شخصيتن جي هندستاني سياست ۾ روحاني اثر داخل ڪرڻ جي ڪوشش جي باوجود، اڪثريت چونڪ طبقاتي مفاد جي ڦندي ۾ ڦاٿي پيئي آهي، ملڪ جي سياست آزاد ٿي هلي نٿي سگهي. منهنجي نظر ۾ سنڌي سياست جي خرابيءَ جو باعث پڻ طبقاتي مفاد ٿيا آهن. نسلي، ثقافتي ۽ لساني ڳالهين کي پڻ انهيءَ طبقاتي اختلافن ڪري بهانو بنايو پيو وڃي. منهنجي نظر ۾، خود موجوده عالمگير جنگ ۽ مختلف ملڪن جا باهمي ٽڪرا انهيءَ طبقاتي ڪشمڪش جو نتيجو آهن. جيستائين انسانن ۾ موجوده مالي گهٽ- وڌايون قائم رهنديون، ان وقت تائين غريب ۽ شاهوڪار جو تصادم هلندو رهندو، پوءِ ان کي ڪهڙا به رنگ ڏنا وڃن.

سنڌ ۾ شاهوڪار طبقي ۽ غريب طبقي ۾ غير مساوات ايتري قدر حائل آهي، جو موجوده سماجي نظام کي درهم برهم ڪرڻ وقت اختلاف پيا پيدا ٿيندا. سنڌ جا عوام اڪثر مسلمان ۽ غريب طبقي جا آهن. ٻئي طرف شاهوڪار ۽ قرضخواهه طبقو هندن جو آهي. پهريون طبقو گونگو ۽ خاموش آهي، ٻيو طبقو بيدار، منظم ۽ چالاڪ آهي. عام ماڻهو، پنهنجي خاموشيءَ ۽ ڪسمپرسيءَ جي باوجود، دل ۾ انهيءَ طبقي لاءِ غصو سانديو ويٺا آهن، جو ڪنهن به موقعي ملڻ تي هو مختلف طريقن ۽ بهانن تي ظاهر ڪن ٿا. جن مسلمان ليڊرن مسجد منزلگاهه تحريڪ هلائي، انهن جا اصلي مقصد ڪهڙا به هجن، پر عام دهقاني مسلمانن جو وياجخور ۽ شاهوڪار هندوءَ خلاف فساد ڪرڻ جو بنيادي ڪارڻ طبقاتي اختلاف هو. ساڳيءَ طرح جا جذبات مسلم

زميندار طبقي جي خلاف اُڀري رهيا آهن. انهيءَ جا طرفدار پڻ آهستي آهستي ڪري زميندار خلاف نفرت ڦهلائي رهيا آهن، جا شايد ڪنهن وقت به وڌي وڃي.

نوڪرين جي ورهاست جو سوال ٻيو اختلافي مسئلو آهي. مسلمان پڙهيل طبقي ۾ هي خيال ويهي ويو آهي ته ڪين باوجود تعليم حاصل ڪرڻ جي پورو حصو نٿو ڏنو وڃي. اهو به اقتصادي سوال آهي، تنهن ڪري جيستائين نوڪرين ۾ به قانون يا باهمي سمجهوتي جي ذريعي اها شڪايت دور نه ڪئي ويئي آهي، اختلاف هليا هلندا. راءِ بهادر هوتچند چاندومل، ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ ۾، انهن خامين جي ڪليءَ طرح اُپٽار ڪندي، هندن کي ڪليءَ طرح مشورو ڏنو آهي. وياجخوريءَ جو ڏنڊو ڇڏي ڏين. اختلاف گهٽائڻ لاءِ، وياجخورن طرفان آبادگارن جي زمين هضم ڪرڻ تي بندش وجهڻ ۽ نوڪرين مان هڪ طبقي جي هڪ- هٽي دور ڪرڻ ضروري ڳالهه آهي.

ٻيو، توهان پنهنجي خط ۾ هندن جي ڪلچر ۽ زبان تي مسلمانن طرفان دست اندازيءَ جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ چيو آهي ته انهيءَ ڪري ممڪن آهي ته موجوده هندو- مسلم تعلقات ۾ وڌيڪ ڪشيدگي پيدا ٿئي. آءٌ اوهان جي بيچاڪائيءَ واري حالت ۾ انهيءَ سوال جي تاريخ ۾ وڃي ڊگهو قصو ڪرڻ نٿو چاهيان. آءٌ صرف ايترو ظاهر ڪندس ته انهيءَ سوال کي غير معمولي اهميت ڏيڻ لاءِ جي طريقا اختيار ڪيا وڃن ٿا، سي مصلحت وارا نه آهن. ادبي ۽ علمي قسم جا سوال، عام هلچل جي ذريعي فيصلو ڪرڻ جي عيوض، عالمن ڏانهن فيصلو ڪرڻ لاءِ موڪلڻا هئا. مون گهڻي ڪوشش ڪئي آهي ته اختلاف رکندڙ ڌرين کي اهو سوال باهمي گفتگو ذريعي فيصلو ڪرائڻ تي راغب ڪريان. پر افسوس آهي ته هڪ ڌر ان ڳالهه کي ٺوڪاري ڦٽو ڪري ڇڏيو، ۽ عام هلچل شروع ڪري ڏني، جنهن مان، جيئن توهان ظاهر ڪيو، اختلاف وڌڻ جو امڪان آهي.

توهان ڊاڪٽر دائود پوٽي جي "ابيات سنڌي" ۽ ان جي حاشيه بابت ذڪر ڪيو آهي. حقيقت ائين آهي ته اهو ڪتاب ڊاڪٽر صاحب پير لنواري وارن جي چوڻ تي، جڏهن پاڻ بمبئيءَ ۾ پروفيسر هو، لکيو هو. اهو ڪتاب بمبئي يونيورسٽيءَ پنهنجي نصاب ۾ داخل ڪيو هو. نصاب ۾ داخل ڪرڻ واري بورڊ تي اڪثريت هندو ميمبرن جي هئي. جيڪڏهن ان هن کي ڪتاب اعتراض جوڳو ڏسڻ ۾ اچي ها ته ٻوءِ ان کي يونيورسٽيءَ جي نصاب ۾ داخل نه ڪن ها. ازان

سواءِ، شاگردن لاءِ اهو ضروري نہ آهي تہ تشريح پڙهن. انهيءَ ڪتاب جي شرح لکڻ کي ڊاڪٽر دائود پوٽي جي ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن جي عهدي جي لياقت سان ڳنڍڻ نيڪ ڪم نہ آهي. اها ڳالهہ غلط آهي تہ ڪو ماڻهو عربيءَ ۾ ماهر هئڻ ڪري انهيءَ عهدي جو لائق ٿي نٿو سگهي. هرڪو مسلمان عربيءَ کي زنده ڪرڻ ۽ پکيڙڻ جي فائدي ۾ آهي- انهيءَ ڪري هندن جي ڪلچر کي ڪوبہ نقصان نٿو پهچي. آءٌ اوهان کي يقين ٿو ڏياريان تہ ڊاڪٽر دائود پوٽو موجوده جديد تعليم ۽ هندستاني- يورپين تهذيب جي ملاوت جي پيداوار آهي. هن جي سوشل زندگي ۽ آزاد خيالي ڪيترن قدامت پسند مسلمانن وٽ پسند نہ آهي. افسوس آهي جو توهان هن کي پوريءَ طرح نٿا سڃاڻو. ان ڪري هڪ طرفو فيصلو ڏنو اٿوَ. اوهان جهڙي فراخدل ماڻهوءَ کي پهرين سوال کي سمجهي، پوءِ فيصلو ڏيڻ گهرجي ها. بهرحال، آءٌ سنڌي زبان ۾ گرامر جي اختلافي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ حتي الامڪان ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

توهان پنهنجي خط ۾ مسٽر جناح جي سنڌ ۾ آمد ۽ ان جي سنڌي سياست تي رد عمل جو ذڪر بہ ڪيو آهي. آءٌ محسوس ڪري رهيو آهيان تہ اڄ ڪلهہ جيڪي رد عمل هندستان جي ٻين صوبن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن، سي سنڌ کي اثر انداز ٿيڻ کان نہ ڇڏيندا. هندستان ۾ آل انڊيا جماعتن جو اثر هر هنڌ پئجي رهيو آهي. اسيمبليءَ ۾ هڪ گروهہ ڪنهن سياسي جماعت جو هوندو، تہ لازمي طور ان جو مخالف گروهہ ٻيءَ جماعت جو سهارو وٺندو. ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي تہ آل انڊيا سياسي جماعتن جا نظريا ۽ اثر اسان جي صوبي تي وڃن پکڙندا. اسين، هندستان جي برصغير جا جز هئڻ ڪري، انهن اثرن کان جدا ٿي نٿا سگهون. انهيءَ مسئلي جو دائمي حل هندستان جي مکيہ جماعتن، ڪانگريس ۽ مسلم ليگ، جي وچ ۾ سمجهوتي وسيلي حاصل ٿي سگهندو. اهو اسان جي طاقت کان ٻاهر آهي تہ ٻنهي جماعتن کي نزديڪ آڻي سگهون. البت اسين صوبي اندر گڏجي ڪو سمجهوتو ڪري سگهون ٿا. صوبي جي بهتريءَ لاءِ مير بنده علي خان جو مسلم ليگ جي عهدنامي تي صحيح ڪرڻ جو مون کي ڪوبہ فڪر نہ آهي. باوجود ان جي، سمجهوتو ممڪن ٿي سگهي ٿو. جنهن موجب، هڪ ميجارٽي ناهي، گڏيل پروگرام جي بنياد تي صوبي جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪري سگهجي ٿو. آئيني طور، اسپيڪر هجڻ جي حالت ۾، آءٌ ڪو گروهہ

ناهي اڳواٽي ڪري نٿو سگهان. بهرحال، جيڪڏهن حالتون اهڙيون بنجن ۽ اهڙو گروهه ٺهي پوي ته آءٌ صوبي جي بهتريءَ لاءِ ان ۾ مدد ڏيڻ واسطي ٻاهر نڪري سگهان ٿو. حال ته موجوده عهدي جي فرضن بجا آڻڻ ۾ مشغول آهيان، وقت تي تقاضا ٿي ته هن عهدي کي ڇڏي به سگهان ٿو.

مون اوهان جي گهٽي درد سري ڪئي آهي، تنهن ڪري وڌيڪ ڪونه ٿو لکان. اميد ته هن وقت اوهان جي طبيعت سڌري هوندي. جنهن وَقت گهرندا، اچي ملاقات ڪندا.

[نوٽ: ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته 25- ڊسمبر وارو ۽ هي خط هڪ ئي خط جي جواب لاءِ تيار ڪيل آهن. جنهن صورت ۾ ٻنهي خطن جون ڪاپيون مون وٽ موجود هيون، ۽ ٻئي خط دلچسپ ۽ وقت جي سياسي مسئلن تي روشني وجهندڙ آهن، تنهن ڪري هن ڪتاب ۾ ٻيئي خط داخل ڪريان ٿو.]

(2)

حيدرآباد

11- جنوري، 1941ع

ڪجهه وقت ٿيو آهي ته توهان کي ڪو خط نه لکيو اٿم. اميد ته اوهين سنڌ جي مستقبل بابت پنهنجي منصوبن کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ قدم کڻي رهيا هوندا.

آءٌ هن سان گڏ منهنجي ٻئي، مسٽر سنتداس ڏانهن موڪليل خط جي ڪاپي ملاحظي لاءِ موڪليان ٿو. جنهن مان موجوده حالات تي منهنجي خيالات جو اوهان کي پتو پوندو. مون کي اميد آهي ته منهنجي اڳوٽي خط جي ڪاپي اوهان وٽ موجود هوندي.

ايندڙ آدمشماريءَ لاءِ ڇا ٿا ڪريو؟ مسلمانن جي آدمشماريءَ تي ڪين مستقبل ۾ نشستون ملنديون. ڳوٺن ۾ ماڻهو اڪثر سُستي ڪري پورو تعداد نه لکائيندا آهن. اميد ته اوهين مسلم ليگ طرفان عملدارن کي مدد ڏيئي، صحيح تعداد گڏ ڪرائڻ جي ڪوشش وٺندا. مهرباني ڪري ان سوال تي پورو توجهه ڏيندا. مون هتي هڪ ڪميٽي ناهي آهي، جا عملدارن سان گڏجي ڪين ان ڪم ۾ مدد ڪندي رهندي. آءٌ 13- تاريخ شاهه يقيق وڃان ٿو. 16- تاريخ

واپس موٽي، 17- کان 21 تائين ڪراچيءَ رهي 22 تي بمبئي ويندس، جتان دهلي ۽ ڪلڪتي ڏانهن 10- تاريخ تائين هوندس.

(3)

ڪلڪتو

5- فيبروري، 1941ع

آءٌ هتي 4- تاريخ پهتو آهيان. 6- تاريخ سنڌ لاءِ روانو ٿيندس. پهرين بمبئيءَ ۾ سينيٽ جي ميٽنگ مان ٿي، پوءِ دهلي لکنؤ، الهه آباد ۽ ڪانپور کان ٿيندو، هتي پهتو آهيان. بينگال اسيمبليءَ جو اجلاس ڏٺو اٿم. ڪلڪتو جديد طرز جو وڏو شهر آهي. انَ ۾ گهڻي موج ۽ زرخيزي آهي. وقت ٿوري هئڻ ڪري، آءٌ گهڻو ڪجهه ڏسي نه سگهيو آهيان. جو احوال موڪلي سگهان، صرف هتي حاضر هئڻ جو اطلاع اوهان جي رڪارڊ لاءِ موڪليان ٿو.

هن طرف سنڌ بابت گهڻي غلط فهمي آهي. مون ڪي سنڌ ورڪين هڪ چانهه پارٽي ڏني هئي. ان تي سنڌين ڪي اتحاد ڪرڻ لاءِ مشورو ڏنم. آءٌ 10- تاريخ حيدرآباد پهچندس، جو ان تاريخ تي گورنر جي دربار آهي. اميد ته هاڻ توهان تعميري ڪمن ڏانهن زياده ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو هوندو، جيئن ملڪ ۽ قوم لاءِ ڪجهه خدمت ڪري سگهجي.

آءٌ 8- تاريخ، بمبئيءَ ۾، مرحوم خانم طريقيءَ جي مزار جي زيارت ڪندس. بمبئيءَ ۾ ميان زاهد علي شوڪت علي، جنهن سندس جنازي نماز پڙهي هئي، تنهن ڪي ساڻ ڪري، قبرستان ۾ ويندس. مرحوم بابت وڌيڪ جيڪو احوال ملي سگهيو، اهو به توکي روبرو اچي ٻڌائيندس. مسلم ليگ آدمشماريءَ لاءِ ڇا ڪيو؟ جيڪڏهن انهي معاملي ۾ سستي ڏيکاري ويئي ته پوءِ سمجهبو ته اها بيڪار جماعت آهي. آدمشماري حقن جو بنياد آهي، ان کان بيپرواهي حقن کان هٿ ڌوئڻ جي برابر آهي.

(4)

بمبئي

9 - فيبروري 1941ع

شاهه لطيف جي سالگرهه جو جلسو، سر ليسلي ولسن هاسٽل ۾، 12-

فيبروري 1941ع، ڪراچي ۾، ٿيندو.

1- آنربل شيخ عبدالمجيد، وزير تعليم، جلسي جو افتتاح ڪندو.

2- سيد ميران محمد شاھ، اسپيڪر سنڌ اسيمبلي، ابتدائي تعليم تي ڳالهائيندو.

3- راڳ، شاھ جي ڪلام تي شعر پڙهڻ ۽ تقريرون ڪرڻ.

صدارت علامہ آءِ. آءِ. قاضي ڪندو.

اهو جلسو سنڌ ادبي (صلاحڪار) بورڊ طرفان رٿيل آهي:

| | | |
|---|---|---|
| ميران محمد شاھ | عثمان علي انصاري | لعل چند امر ڏنومل |
| چيئرمين | سيڪريٽري | جوائنٽ سيڪريٽري |

## (5)

ڪراچي

20- مارچ 1941ع

گهڻو وقت ٿيو آهي تہ احوال ڪونہ مليو اٿوَ- شايد ٻارن جي بيچاڪائيءَ ڪري. اميد تہ هاڻ گهر ۾ چڱيلائي هوندي.

. مهرباني ڪري پنهنجو پروگرام موڪليندا تہ اوهين اسيمبليءَ ۾ ايندا يا نہ. هي اجلاس مهيني جي آخر تائين هلڻ وارو آهي.

اوهان 14- تاريخ جي "الوحيد" اخبار جو ايڊيٽوريل پڙهيو هوندو، جنهن ۾ منهنجي اسپيڪريءَ تي نڪتہ چيني ۽ منهنجي سياسي زندگيءَ جي خلاف غلط پروپيگنڊا ڪئي ويئي آهي. مسلم ليگ جي جوابدار ماڻهوءَ جي حيثيت ۾، اوهان کي عرض ڪندس تہ اسپيڪر جي پوزيشن واري ماڻهوءَ تي حملي ڪرڻ کان اڳ جماعت جي منظوري وٺڻ گهرجي ها. جيتري قدر مون کي معلوم ٿيو آهي، مسلم ليگ اڃا تائين اسيمبليءَ جي اينڊڙ اليڪشن بابت ڪو فيصلو ڪونہ ڪيو آهي. انهيءَ باري ۾ صوبي جي جماعت کي مرڪزي مسلم ليگ ۽ ان جي پرزيڊنٽ جي مشوري سان قدم کڻڻو پوندو. جيڪڏهن مرڪزي مسلم ليگ ۽ ان جو پريزيڊنٽ فيصلو ڪن تہ هو اسپيڪرن جي سامهون سندن اميدوار بيهاريندا، تہ مون کي اعتراض نہ آهي. منهنجي شڪايت صرف هيءَ آهي تہ صوبائي جماعت يا مرڪزي جماعت جي فيصلن کان سواءِ "الوحيد" جا مسلم

(7)

پونا

20- جون 1941ع

منهنجي پوني مان خط ملڻ تي شايد توکي تعجب ٿئي. آءٌ 22 تاريخ سنڌ ڇڏي، 13 کان 14- تاريخ، بمبئيءَ ۾ يونيورسٽيءَ جي ميٽنگ لاءِ آيل هوس. 17- تاريخ پوني ۾ 'نيچر ڪيوئر' ڊاڪٽر سان مشوري ڪرڻ لاءِ هتي پهتو آهيان. بدهضميءَ تمام گهڻو ستايو آهي. مسٽر ڪيولرام پنجابيءَ وٽ رهان ٿو. جيتوڻيڪ بارش اڃا گهڻي ڪانہ پيئي آهي، پر آبهوا نيڪ آهي. اميد تہ 23- تاريخ پونو ڇڏي، 25- تاريخ ڪراچيءَ پهچي، اسيمبلي اجلاس جي صدارت ڪندس.

بمبئي هاڻ اڳي وانگر ڏسڻ ۾ نٿي اچي. ڪمزور بدن ۽ پريشان دل، هاڻ بمبئيءَ جي خوش ڪُن سوسائٽيءَ کان علحده رهڻ جو باعث آهي. هي دنيا ڌارين پيئي ڏسڻ ۾ اچي، منهنجيءَ ڪشش جو ڪارڻ هليو ويو آهي. بيو سڀ جيتوڻيڪ گهڻو ٿي ڪشش ڪندڙ آهي، ليڪن حالتون بدلجي چڪيون آهن. موجوده دل ۽ بدن جي ناسازيءَ جي حالت ۾، خانم جو وجود وڏي مدد هجي ها- پر اهو پکي پرواز ڪري ويو. اهي آشيانا ۽ درخت هاڻ خالي آهن. خيال ڇڪيو، نيو، ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾ ڇڏين. جيتوڻيڪ شهر جي گوڙ گهمسان ۾ رهان ٿو. ان جو ڪو علاج نہ آهي، سواءِ صبر ۽ خدا جي رضامنديءَ تي راضي رهڻ جي. بمبئيءَ شهر ۾ فرقيوار فسادن ڪري خونريزي لڳل آهي. رڳو سنڌ جو ڏوهہ نہ آهي. حڪومت گورنر جي هٿ ۾ هئڻ ڪري، ڪامورن جو راڄ آهي، تہ بہ قاعدي قانونن ۽ امن امان جي گهٽتائي آهي، اها ڳالهہ عجيب پيئي ڏسڻ ۾ اچي تہ صديءَ جي چوٿين حصي کان جمهوري ادارن جي رائج ٿيڻ جي باوجود، حالتون وريو وريو بدامني طرف گهلجيو وڃن! عام راءِ جو اثر ڪامورن مٿان اڳي ٿي ٿورو پوي ٿو. باقي جمهوري ادارن جي بند ٿيڻ ڪري، مورڳو الغرض ٿي ويا آهن. زمانو شايد انهن فرقيوار فسادن جي زخمن کي ڇٽائڻ ۾ مدد ڪري. ان وچ ۾ صبر سان مستقبل جو انتظار ڪرڻو پوندو.

(8)

حيدرآباد

13- آگسٽ، 1941ع

افسوس جو مختلف ڪمن ڪري تنهنجي ملاقات ڪري ڪونہ سگهيس. اميد تہ تون جلد بمبئيءَ هلندين. اتي گڏجي رهنداسون ۽ ملاقاتون ٿينديون. آءٌ 15- تاريخ بمبئيءَ لاءِ روانو ٿي رهيو آهيان. رستي ۾ مائونٽ آبو لهندس، جتي سيد احمد سان ملندس، جو اصرار ڪري رهيو آهي تہ ڪيس ملان. بمبئيءَ 19- تاريخ پهچندس. نهايت سنو ٿيندو، جيڪڏهن تون بہ ابوءَ جي اسٽيشن وٽان 18- تاريخ لنگهين تہ بيئي بمبئي ۾ گڏجي هلون. آءٌ بمبئي 12- تاريخ تائين هوندس. 23- تاريخ پوني ويندس، جتي نيچر ڪيوئر ڪلينڪ ۾ ٻن مهينن لاءِ رهندس. منهنجي صحت ڪري پيئي آهي، آرام ۽ علاج جي ضرورت اٿم.

(9)

نيچرڪيوئر ڪلينڪ، پونا

2- سيپٽمبر 1941ع

اوهان جو 14- آگسٽ تي لکيل خط پهتو، جنهن ۾ لکيو هوَ تہ 23 آگسٽ تي اوهين بمبئيءَ ايندا. انهيءَ دلاسي تي قائم رهيس تہ آخر بمبئيءَ ۾ وري بہ هلڻ ٿيندو. دورِ گردون جي بدلجڻ ڪري، حالتون جدا آهن. اڳيون مزو نہ ايندو. مون کي اپولو هوٽل ۾ فلوري کي اوهان سان قلابازي ڪرڻ جو منظر اکين اڳيان بينو آهيان، جنهن ۾ هن اوهان کي دامِ تزوير ۾ ڦاسائڻ لاءِ ڪيئي حيلا هلايا هئا. ۽ اوهان باوجود جسماني جوش جي، ضبطِ دل ڪري، انهيءَ کان پاڻ ڇڏائي ويا هئا.

اوهان جي بمبئيءَ اچڻ جي اميد، مارواڙ- گجرات ريلوائين جي بارش ڪري ٻڃڻ جي باوجود، آءٌ روانو ٿي ويس. لاهور، دهلي ۽ آگري کان ڦرندو، 1900 ميلن جو سفر ڪري، بمبئي پهتس. لاهور تائين حاجي مولا بخش سومرو گڏ هو. ان کان پوءِ، ملٽري سولجرن ۽ آفيسرن سان گڏ، اچي بمبئيءَ پهتس. بارش جي موسم ڪري سبزه زارن ۽ مرغزارن جي لطف اُٺائيندو رهيس. هوٽل مئجسٽڪ ۾ رهڻ لڳس. حاجي عبدالله هارون اچي وحشتناڪ خبر ٻڌائي تہ اوهان جي ڳوٺ ۾

ڪالرا پوڻ سبب، اوهين مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ اچڻ کي ملتوي ڪري ڇڏيو. الله جل جلاله اوهان ۽ اوهان جي اهل و عيال کي امن ۽ حفظ ۾ رکندو. آمين! خيريت جي خبر جلد ڏيندا ته خاطر تسلي ٿئي.

اڄ 24- تاريخ شام جو پني پهتس. 'نيچر ڪيوئر' ۾ داخل ٿيو آهيان. ڊاڪٽر صاحب گذشته جون کان واقف هو. في الحال علاج ڪاڏي جي تبديليءَ مالش ۽ باٿ سان ٿئي ٿو. باٿ جا به ڪيئي نمونا آهن: شاور باٿ، هاٽ باٿ، فوم باٿ، اسٽيم باٿ وغيره. انيما روز ڪن ٿا. في الحال صوف ۽ موسمين تي گذارو ڪريان ٿو. هفتي بعد ڪير يا ڏڌ ڪاٽو پوندو. اٽڪل به مهينا اهو علاج هلندو. ان ڪان پوءِ ٿورو ٿورو هلڪو ڪاڌو ڪائبو ويجبو. جيستائين هاضمي جي قوت وري اچي وڃي. في الحال ضعيف ٿيو. پوءِ وري نئون رت ٿيندو ته وڌبو وجبو. هتي ٽي مهينا رهندس.

مسٽر جناح جي جنهَ ٿي! سر سڪندر حيات ۽ اسدالله خان، نيشنل ڊفينس ڪائونسل تان استعيفا ڏني. اوهان جو رايو شايد ٻيءَ طرح هو، پر جناح پنهنجي ڳالهه مٽي ڪئي. هاڻ ڏسجي ته ڇا ٿو ٿئي. اميد ته مسلمانن جو اتحاد نه ٽٽندو. مولوي فضل الحق بوقلمي ڏيکارڻ ۾ ڪمال ڪيو آهي، ڏسجي ته ڇا ٿو ڪري. ايران جو مسئلو پيچيدو هو، پر شڪر آهي جو حل ٿي ويو. جرمنيءَ جو رخ هاڻ ترڪيءَ خلاف ڏسجي ٿو. شايد ترڪيءَ تي حملو ڪري. ان جو اثر هندستان جي مسلمانن تي پوندو. ڏسجي، حالتون ڪٿي ٿيون بيهن.

ٻڌو اٿم ته پروفيسر گهنشام ۽ وليچا اسيمبليءَ جي ميمبريءَ تان استعيفائون ڏنيون آهن. ڇاڪاڻ ته خانبهادر الهه بخش ڊفينس ڪائونسل جي ميمبري قبول ڪئي آهي، ۽ جنگ ۾ مدد ڪندو رهي ٿو. ان جو اثر سنڌ جي سياست تي ڇا پوندو، سو لکندا.

سنڌ ۾ مسلم ليگ کي في الحال اوهان واري غير جانبدارانه پاليسيءَ تي هلڻ گهرجي. پر شيخ صاحب ۽ کهڙو وزارت جا خواب پيا لهن. مسلم ليگ کي انهيءَ ڪري وڏو ڌڪ لڳندو. اسان جي يارن ۾ صبر ۽ برداشت جو مادو ذرا گهٽ آهي، پر دور انديشي لازمي آهي. خير، سندن مرضي. اوهين هن وقت کهڙيءَ مشغوليءَ ۾ آهيو، ان کان واقف ڪندا.

مون کي روحاني سوالن تي ڪتابن پڙهڻ جو شوق آهي، پر ان سان گڏ

ڇڏيا هئا، پر سندس اڳيان رکيل فوٽي وري دل تي رقت آندي:

”روئـي روئـان ڪيتـرو، آءُ روئـي نـه ڇاڻـان،

مٿي سـِر هڻان، هنجـن هاڻـا هنـڙا.“ (شاهه)

پوءِ دعا گهري مرحوم کي بخشيم. حقيقت اها آهي تہ مرحوم جو خيال اڪثر منهنجي دل تي تري ايندو آهي ۽ ڪڏهن بہ دل تان نہ وسريو آهي. وٽس پهچي نٿو سگهان. ليڪن سندس يادگيريون دل تي تازيون ٿينديون رهن ٿيون. خدا اسان تي رحم ڪري!

(12)

ڪراچي، حيدر منزل

27- نومبر 1941ع

آءُ هتي هوائي جهاز رستي پهتو هوس، جتان حيدرآباد وجي، وري سنڌ يونيورسٽي ڪميٽيءَ جي ميٽنگ لاءِ هتي پهتو آهيان. تنهنجي بنگلي ۾ رهان ٿو، آرام اٿم. وري 30- تاريخ حيدرآباد وجي، 4- ڊسمبر موٽي، يونيورسٽي ڪميٽيءَ جي رپورٽ تي آخري نظر ڪري مٿي موڪليندا سون. وري ڳوٺ ويندس، جتان 14- تاريخ ڪراچيءَ اچي، 15- ڪان 23- تاريخ تائين اسيمبليءَ جي اجلاس جي صدارت ڪندس. منهنجي صحت ساڳي آهي، جهڙي ڏٺي هيئي. تنهنجي تندرستيءَ جو ڪهڙو حال آهي؟ اميد تہ هن وقت صحت نيڪ هوندئي. ڪراچيءَ اجلاس ۾ اچڻ لاءِ ڪهڙو ارادو اٿئي؟ توسان ملڻ جو گهڻو شوق اٿم، جلد خبرچار موڪليندا.

---

## سال 1942ع

(1)

حيدرآباد

25- جنوري، 1942ع

آءٌ ۽ خانصاحب محمد صديق ميمڻ اڄ رات جيڪب آباد هارس- شو جي موقعي تي وڃون ٿا. حيدرآباد "مسلم گرلس هاءِ اسڪول" لاءِ چندي ڪٺي ڪرڻ لاءِ. سردار عبدالرحيم ڪوسي ۽ ٻين دوستن جي چوڻ تي وڃي رهيا آهيون. اهي اسان کي وائسراءِ جي دربار جي موقعي تي مليا هئا. موٽندي، 28- تاريخ لاڙڪاڻي لهنداسون. آءٌ حيدرآباد ايندي، توکي ملڻ گهران ٿو. 24- تاريخ سن پهچندس ۽ ٻئي ڏينهن حيدرآباد موٽندس. اميد ته تون ڪوٺ هوندين. اسٽيشن تي پنهنجو نوڪر وٺڻ لاءِ موڪليندين ته چڱو. جيڪڏهن لاڙڪاڻي ۾ وقت لڳي ويو ته پوءِ سن 25- تاريخ پهچندس. وڌيڪ احوال روبرو ڪبا.

(2)

حيدرآباد

3- مئي، 1942ع

مون کي معلوم ٿيو آهي ته تون اتر سرحد صوبي جو ڊگهو سفر ڪري، ڪشمير ڏسي، خير سان ڪوٺ موٽيو آهين. اتي خان عبدالغفار ۽ ڊاڪٽر خانصاحب سان مليو آهين. هيءَ خبر اخبارن ۾ شايع ٿي هئي. انهن ڪانگريسي ليڊرن سان ڇا لاءِ ملئين، گفتگو ڪهڙي ٿي، نتيجو ڪهڙو نڪتو، ان جي خبر نه آهي. تو ضرور انهن جي صحبت مان فائدو حاصل ڪيو هوندو.

مهرباني ڪري، مسلم ليگ جي پروگرام کان واقف ڪندا. توکي سر حاجي عبدالله هارون جي اوچتيءَ وفات جي خبر پهتي هوندي. گذريل آرتوار تي گذر ڪيائين. قوم لاءِ ناقابل تلافي نقصان آهي. ڪراچيءَ عذر خواهي لاءِ ڪڏهن ويندين؟

يوسف هارون جو نالو اسيمبليءَ جي ووٽرن جي لسٽ تي نه آهي. مولا بخش سومرو بيهڻ گهري ٿو، ان معاملي ۾ ڇا ڪرڻ گهرين ٿو؟

آهيون. تون خيال ڪري ڏس تہ ڪلارڪن جي قوم بہ ڪڏهن حڪومت ڪئي آهي؟ حڪومتون ۽ ڪلچر هميشہ جنگي ڪاميابين جي پويان پئي هليا آهن. علم ۽ تهذيب جنگي فتحيابين بعد قومن کي حاصل ٿيا آهن. جهاد جو نظريو منهنجي نقط نگاھ کي ثابت ڪري ٿو. موجوده دور ۾ جنگ هـَـر جي چونيـن، ڇـهـ زين ۽ تلوارن سان ٿي ڪانہ سگهندي. پنهنجـن نوجوانـن کي جديد جنگي طريقن موجب تربيت ڏيڻ گهرجي، جنهن ڪري اسين ڌارين يا گهرو دشمنن جي مقابلي جا لائق بنجي سگهون. تون ان معاملي ۾ ڇا ڪرڻ گهرين ٿو؟ تنهنجـن بلوچن ۽ سنڌين کي ان ڳالھ ۾ ڪهڙو پارٽ ادا ڪرڻو آهي؟ ڪمزور مدراسي ۽ هڏن جي مٺـُـٺ بينگالي، جنگي تربيت حاصل ڪري، مستقبل لاءِ تيار ٿي رهيا آهن، پر قديم روايتي سنڌي پهلوانَ وجن ٿا روز بروز بزدل بنبا ۽ پنهنجـن وڏن جون روايتون وسارينداٖ! ڇا انهن کي سدائين زميندار جو غلام ۽ واٽئي جو زيردست ٿي رهڻو آهي؟ هنن جو پيرن ۾ اعتقاد ۽ مـَڪي ڍنڍ ۾ رهي ڏاڙا هڻـڻ کيـن ڪتب ڪيـن ايندا. انهن کي باقاعدي تربيت ڏيـاري، جنگـي طـاقت ۾ بدلائڻ ضروري آهي. آءٌ توکي واعظ ڪرڻ ڪونہ وينو آهيان، پر صرف تنهنجو توجھ هن دور جي اهم ضروريات طرف ڇڪائي رهيو آهيان. هي دور نئين ۽ پراڻي دورن جي وچ ۾ عارضي دور آهي.

آءٌ 19- تاريخ جنوريءَ تي دهليءَ وڃي رهيو آهيان، جتي نئشنل ڊفينس ڪائونسل جي اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻي اٿم. دهليءَ ۾ 21 کـان 26- تـاريخ تـائين رهنـدس، پـوءِ لاهـور ۽ ملتـان مـان ٿينـدو، 30- تـاريخ موٽـي اينـدس. مهرباني ڪري پنهنجي احوال ۽ راءِ کان واقف ڪندا.

(2)

فليٽي هوٽل لاهور

28- جنوري، 1943ع

آءٌ دهليءَ کان موٽيو آهيان، جتي نئشنل ڊفينس ڪائونسل ۽ سول ڊفينس ڪائونسل جي ميٽنگن ۾ شرڪت لاءِ ويو هوس. اتي آءٌ مخدوم غلام ميران شاھ جي بنگلي ۾ رهندو هوس. سندس فرزند، حسن محمود، مون سان گڏ هو. مسٽر ۽ مسز پاربيا سان ملندو رهيس. پاربيا تازو دهليءَ ڪامرس ڪاتي ۾

بدلي ٿيو آهي. مون سنڌس ليڊي مسعود ۽ سنڌس ننهن سلطانہ سان واقفيت ڪرائي آهي ۽ ڪين پڪاڊليءَ ۾ ڊنر پارٽي ڏنيم. پوءِ ڪين امپيريل جمخاني ۾ وني ويس، جتي دوستن سان ملياسون ۽ ڊانس ٿيو. اتي گهڻيئي حسين عورتون آيل هيون، مسز پاربيا حسن، متانت ۽ رعب ۾ سيني ڪان سرس هئي. هاڻ وچي سوسائٽيءَ ۾ پسند پوندي. حسن جو هتي زور ۽ ان جي نمائش آهي. مون کي اتي رهڻ جي وقت ۾ مسٽر گرڊاريمل ۽ سنڌس انگريز زال سان بہ واقفيت ٿي ويئي، جي نهايت مهربان هئا. منهنجي هوٽل مرينا ۾ نهايت شاندار دعوت ڪيائون. برساتن ڪري البت تڪ هئي. آءُ سر سلطان احمد سان بہ مليس، جو يوسف هارون جي ڪاميابيءَ تي ڏاڍو خوش ٿيو هو. اتي سر اين. آر. سرڪار سان بہ ملاقات ٿي. اتي پنهنجي پراڻي بمبئيءَ جي دوست، ڊاڪٽر امبيڊڪر سان بہ ملڻ ٿيو، جنهن منهنجي اعزاز ۾ چانهہ جي دعوت ڪئي. مهاراجا ڪپورٿالا ۽ نواب بهاولپور نهايت مهربان هئا. مون کي سنڌن رياستن ۾ اچڻ جي دعوت ڏنائون. جي قسمت گهريو تہ ڪڏهن وڃي ملاقات ڪري اچبي. ڪمانڊر ان چيف نهايت سٺو ماڻهو آهي. جنگ بابت هر سوال کي نهايت پوريءَ طرح سمجهائيءَ سان جواب ڏنائين ٿي. آءُ ميجر جنرل موليڪمورٽ، چيف آف اسٽاف، سان بہ مليو آهيان، جنهن کي سنڌين ۽ بلوچن کي فوج ۾ ڀرتي ڪرڻ لاءِ زور ڀريم. ان تي غور ٿي رهيو آهي. وڏيڪ ڪراچي ۾ معائنو ڪبو. 30- تاريخ حيدرآباد پهچندس.

(3)

ڪراچي

7- فيبروري 1943ع

راهہ مين وه ملي، ڪهان بزم مين وه بلائي، ڪيون!

انور تنهنجو خط ڏنو. رضا کي چيم، ان ڪيس ڪنگس ڪميشن ۾ ڪٽڻ ڪان عذر واريو. بهرحال، ڪيس وائسراءِ جي ڪميشن ۾ ڪٽائڻ جي ڪوشش ڪندس. سڀاڻ بمبئيءَ وڃان ٿو. 15- تاريخ موٽندس. ڏاڍي خواهش هيم تہ توکي ملان. آءُ ان خيال جو هوس تہ 15- تاريخ تائين ڪراچي هوندين، جتي ملنداسون، پر هتي اچڻ بعد معلوم ٿيو تہ تون ڳوٺ هليو ويو آهين. ڪي خيال

منهنجي دل ۾ چڪر ڏيئي رهيا آهن: خيال هوم تہ اهي توسان اوري، رهبريءَ ۽ صلاح سان ڪي فيصلا ڪندس. خير، حياتي آهي تہ اسيمبليءَ جي موقعي تي دلي احوال ڪندس.

چه خوش است پیش زلفت سر شکوه باز کردن،
گلــه هـــاي روزِ هجـــران بشــب دراز کـــردن.

اميد تہ توڪي منهنجو ٽائپ ٿيل خط ناتال ۾ ماٺهوءَ هٿان پهتو هوندو. مون لاهور مان بہ خط لکيو هو. منهنجي خواهش آهي تہ سلسلو خطن جو قائم رهي، ۽ ڪوبہ خط گم نہ ٿي وڃي، ڇاڪاڻ تہ خبر اٿم تہ تون اهي محفوظ ڪندو آهين. اهي خط منهنجي زندگيءَ جي تاريخ جون ڪڙيون آهن.

## (4)

ونڊسر پئليس، نئين دهلي
13- اپريل، 1943ع

اڄ دهليءَ ۾ تاريخ 10- صبح جو پهتو آهيان. نئشنل ڊفينس ڪائونسل جي ميٽنگ پوري ڪرڻ بعد ڪلڪتي روانو ٿيندس، جتي سائين سان گڏ ملٽري ڪئمپون ڏسنداسون. افسوس آهي جو پروگرام اهڙيءَ طرح رکيو ويو آهي جو مسلم ليگ ميٽنگون ڏسي، يا توسان ۽ ٻين دوستن سان ملي ڪونہ سگهندس. بهرحال، ڪوشش ڪندس تہ ڪلڪتي مان جلد نڪري، 26- تاريخ هتي دهليءَ ۾ پهچان. گريٽ ايسٽرن هوٽل ڪلڪتي ۾ مون کي تار ڪج. جيڪڏهن ٿورو دير سان اچان تہ مهرباني ڪري ترسي پئج.

اهو افواهہ اٿي رهيو آهي تہ شايد سر عزيزالحق وائسراءِ جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل تي کڄي، ۽ لنڊن ۾ هاءِ ڪمشنر جي جاءِ خالي ٿئي. جيتوڻيڪ موقعو موزون نہ آهي، پر ممڪن آهي تہ تون يوسف هارون ۽ ٻين جي مدد سان منهنجي ان جاءِ لاءِ سفارش ڪرائي سگهين. مون پاڻ لاءِ از خود گهٽي ڪوشش ڪئي آهي، پر پنهنجي لاءِ ڪوشش ايتري موثر ڪانہ آهي، جيترو دوستن معرفت ڪوشش مفيد ثابت ٿئي ٿي. سنڌ جو عيوضي جيڪڏهن کڄي پوي تہ ڏاڍو چڱو. سر غلام حسين جي مدد بہ تون ان ڪم لاءِ وٺي سگهين ٿو. اميد تہ تون هرڪا ڪوشش ڪندين. وڌيڪ خدا تي ڇڏيان ٿو.

(5)

ديرادون

17- مئي 1943ع

منهنجو 15 ڏينهن وارو مسوريءَ جو قيام اڄي پورو ٿيو آهي. تنهنجي وڃڻ کان پوءِ مون ڊانس جا سبق وٺڻ شروع ڪيا. سيڪاريندڙ، مس شيري باسفورڊ سان پير ڪٽندو، سڪندو رهيس. ازان سواءِ، اسڪيٽنگ بہ سکيو آهيان. هاڻي اهي مزا ڦٽا ڪرڻا ٿا پون.

نواب صاحب پالپور ۽ بيگم صاحبہ سان چڱو خوشيءَ جو وقت گذريو. ٻئي نهايت شريف ۽ مهربان آهن. مون ڪڏهن بہ شاهي گهراڻي جي ماڻهن کي اهڙو خوش خلق ۽ ملنسار ۽ مهذب نہ ڏٺو آهي. آءٌ کين، پالنپور ۾، آگسٽ ۾، سندن دعوت تي وڃي ملندس.

الهہ بخش مرحوم وفات ڪري ويو- خدا کيس جنت نصيب ڪري! مون کي پڪ آهي تہ انهيءَ خبر توتي گهڻو اثر ڪيو هوندو. جنهن نموني کيس شڪارپور ۾، 14- مئي 1943ع تي قتل ڪيو ويو آهي، سا ڳالهہ نهايت وحشت خيز آهي. جيڪڏهن شخصي يا سياسي انتقام وٺڻ جو طريقو اهو آهي تہ ڪوبہ ماڻهو اسان جي صوبي ۾ سلامت رهي نہ سگهندو. اهي طريقا، سياسي مخالفن کي ختم ڪرڻ جا، سختيءَ سان بند ڪرڻ گهرجن. بهرحال، هڪ نهايت ڪارائتو ماڻهو اسان کان جدا ڪيو ويو آهي. اسان مان ڪن کي هن جي سياسي نظرين سان ڪٿي اختلاف هجن، پر سياسي رايا حالتن موجب پيا بدلجن، ۽ ممڪن آهي تہ هي بہ بدلجي، ڪارآمد ٿي سگهي ها. خانبهادر کهڙو هاڻ پاڻ کي محفوظ سمجهندو هوندو. هاڻ کان وٺي هو شايد ڊڪٽيٽري نمونو اختيار ڪري. سر غلام حسين جهونو آزمودگار ماڻهو آهي، پر هاڻي شايد کهڙو هن تي قابض ٿي وڃي. خير، وقت زخم ڇٽايو ڇڏي، وڌيڪ احوال روبرو ڪبا.

(6)

بمبئي

10- جولاءِ 1943ع

توکي خبر آهي تہ آءٌ 29- تاريخ سنڌ مان نئشنل ڊفينس ڪائونسل

جي ميٽنگ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو هوس. منهنجو پُٽ قبول محمد شاهه ۽ فيروز نانا مون سان گڏ هئا. دهليءَ جي ميٽنگ ۾ گهڻو ڪڙ-تيل نه هو، پر دهليءَ جي سوسائٽيءَ جي واقفيت ۾ اضافو ضرور ٿيو. مون سر سلطان احمد، سر عزيز الحق، ڊاڪٽر ڪاري ۽ ڊاڪٽر اسپيڊڪر سان ملاقاتون ڪيونَ آهن. ازان سواءِ، سر فيروز خان نون جي مشهور معروف نميس سان تعارف جو شرف به سر سرينتانه جي پارٽيءَ ۾ حاصل ٿيو. هز هائينس مهاراجا پٽيالا ۽ رامپور به حاضر هئا. شام نهايت مزي سان گذاري ويئي. ٻئي ڏينهن بيگم شاهنواز مون کي لنچ ڏني، جتي ڪيترن مردن ۽ عورتن کي گهرايو هئائين. گهڻو مزو ڪونه هو، پر وقت گذاريو ويو. بيگم صاحبه باوجود عمر ۾ وڏي هئڻ جي، ٻين جي وچ ۾ تارن ۾ چنڊ هئي. هن جي شاديءَ جا افواهه هلي رهيا هئا. بيگم سلطانه سان به ملاقات جو وقت مليو، جنهن وقت هوءَ اجمير وڃي رهي هئي. مسز بتي لعل اڄڪلهه نظر نه آئي، اهائي آهي، جا دهليءَ ۾ منهنجي قيام کي وڌيڪ زيب آور بنائيندي هئي. مسٽر لعل غمگين ڏسڻ ۾ پئي آيو. ٻنهي زال-مڙس جي وچ ۾ غلط فهمي پيدا ٿيل هئي. آخر مون وچ ۾ پئي ٻنهي جو رضانامو ڪرايو. هاڻ اميد ته پاڻ ۾ غلط فهمي نه ٿيندن. پوءِ مقيم شاهه بخاريءَ جي اصرار تي، آءٌ 7- تاريخ بمبئيءَ ۾ آيس، مقيم شاهه کي سندس زال ڪُٺيءَ سان خوش ڏٺم. مون انهن ٻنهي کي جڏهن گڏ ڏٺو تڏهن مون کي ڏاڍي خوشي ٿي. منهنجو دوست عثمان ڪين بمبئيءَ جي اعليٰ سوسائٽيءَ ۾ متعارف ڪرائي رهيو هو. پر مون کي تعجب لڳو ته بخاريءَ کانسواءِ باقي سڀ خوش هئا. هي هڪ شيءِ تي راضي رهڻ وارو نه آهي، ڪٺني، جنهن لاءِ هو رات ڏينهن حيران هو، جڏهن سائس ڪني ٿي، ته اها سڌ لهي ويس. هتي بمبئيءَ ۾ وري نين عورتن جي ڳولا ۾ آهي. انهن کي به هي ڇڏي ڏيندو. هڪ جاءِ تي ٽڪاءُ ڪونه اٿس. هن زور ڪري مون کي بمبئيءَ ۾ گهرايو. اچڻ بعد مون ڪان گوشو اختيار ڪري ٿو، جاڪاڻ ته آءٌ ڪيس مشورو ڏيان ٿو ته زال سان وفادار رهه ۽ وڌيڪ نه رل. تنهنجي پيشنگوئي سچي ثابت ٿي. بخاريءَ جي اهڙين ڳالهين مان ماٺهو بيزار ٿيو پوي.

(7)

حيدرآباد

26- جولاءِ، 1943ع

توکي فيروز نانا کان منهنجو پيغام پهتو هوندو تہ 30- تاريخ لاهور ميل ۾ ڪراچيءَ ايندس. اسٽيشن تان سڌو تو وٽ اچي، ماني کائي، پوءِ گفتگو ڪنداسون. چاڪاڻ تہ تون ٻئي ڏينهن ڳوٺ وڃي رهيو آهين.

(8)

فيروز شاهہ روڊ، نئين دهلي

4- سيپٽمبر 1943ع

سنڌ کي 5- آگسٽ تي ڇڏي 17- تاريخ، بمبئي پهتس. يونيورسٽيءَ جي ميٽنگ ۾ شرڪت ڪيم. ڊاڪٽر حميد وٽ لٿل هيس. بمبئيءَ ۾ رهائش جي وقت ڪا خاص ڳالهہ لکڻ جي لائق واقع ڪانہ ٿي.

21- تاريخ مسٽر پارپيا ۽ مسز پارپيا، مسٽر ڪپور ۽ مسز ڪپور، مسٽر سنگهہ ۽ مسز سنگهہ سان، سندن سيلون ۾، پونا روانو ٿيس. ٽيئي جوڙا گڏ هئا. هڪ ٻئي ۾ خوش هئا: آءٌ اڪيلو فرد هوس، جو موجوده جديد سوسائٽيءَ جي خوشقسمتيءَ ۽ خوشيءَ تي غور ۽ فڪر ۾ مستغرق هوس. هي ٽيئي مرد مهذب ۽ تعليم يافتہ هئا. سندن رفيقِ حيات بہ خوبصورتيءَ سان گڏ تهذيب، همخياليءَ ۽ وفاداريءَ ۾ سندن زندگيءَ جي خوشيءَ کي دوبالا ڪريو بيٺيون هيون. هتي ان ڳالهہ جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي تہ قدرت ڪيتري هنن ٽنهي جوڙن تي مهربان هئي.

پوني پهچڻ تي آءٌ هنن کان جدا ٿي، وڃي مسٽر ڪيولرام پنجابيءَ وٽ رهيس. پوءِ مٿي ذڪر ڪيل گروپ سان پوني ۾ ريسز تي ويس. ٻئي ڏينهن مقيم شاهہ بخاريءَ سان مليس، جو رٽز هوٽل ۾ رهيل هو. توکي اسان جي مجنون بخاريءَ جي احوال ٻڌڻ ۾ شايد دلچسپي پيدا ٿئي. هو چوڏاري مکيہ ائڪٽرن سان رنگ رلين ۾ مشغول هو. هن سان سندس ٻيئي پوپٽ بہ ساڻ هئا. پر هي مٿي واڳ تي هو. هي ساڳيءَ طرح آسمان جي هوا ۾، عجيب خيالن ۾ غرق ڏسڻ ۾ آيو ٿي، جي سندس توفيق ۽ وسعت کان ٻاهر هئا. باوجود سائنس

ڪانٽون سي پي نباهه ڪئي جارها هون مين.

اجمير ڇڏي، 29- تاريخ شام جو جيپور پهتس، ۽ سر مرزا اسماعيل، چيف منسٽر، وٽ رهيس. اڳيان محل ۽ خوبصورت منظر ڏسڻ کان سواءِ، جيپور ۾ مرزا محمد اسماعيل جي نئين تعميراتي پروگرام جي ڏسڻ جو موقعو به مليم. هن جي صحبت هر ڳالهه ۾ مون کي نئين معلومات ميسر ڪئي.

آءٌ دهليءَ ۾ 31- تاريخ پهتس. منهنجي عجب جي حد ٿي نه رهي، جڏهن اتي بخاريءَ ۽ مير الهه بچائي جهڙي گدام واري کي ڪَـنُو ڏٺم. انهن سان وري مجلسون ڪيون ويون. ساڻن دهليءَ ۾ ٽي راتيون ۽ ڏينهن چڪر لڳايا ويا. انهن نوجوانن جي صحبت ۾ اهي ڳالهيون ڏٺيون ويئون، جي روبرو خدمت ۾ پيش ڪبيون. صرف ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو ته منهنجي ستل جذبات کي هنن جي صحبت وري جاڳائي وڌو.

منهنجو سياسي ڪاروبار، نئشنل دفينس ڪائونسل جي ميٽنگ پوري ٿيڻ تي، وائسراءِ جي دعوت بعد پورو ٿيندو. هيءُ وائسراءِ پنهنجي عهدي جون واڳون بئي مهيني جي آخر ۾ ڇڏي رهيو آهي.

وڌيڪ ذڪر ڪرڻ جي ڳالهه، بيگم شاهنواز جي چانهه جي دعوت هئي. هن جي مجلس کي آءٌ خوش بختي سمجهندو آهيان.

دهلي آءٌ سياڻي ڇڏڻ وارو آهيان. وري سنڌ ۾ ساڳي رگمرول ۾ اچــي پئبو. اميد ته سيپٽمبر ۾ گڏباسون. ڊپ رڳو اهو اٿم ته متان رمضان جو مهينو اچي ٿو، ۽ ان ۾ هميشه وانگر عبادت ۾ گذارڻ ڪري، ٻاهر نڪري نه سگهين. بهرحال، پنهنجي پروگرام کان واقف ڪندا.

(9)

حيدرآباد

10- آڪٽوبر، 1943ع

خط پهتو. ڊاڪٽر صاحب کي مليس. هن مشورو ڏنو ته تنهنجو موڪليل ماڻهو ڪجهه وقت ترسي ته پوءِ ڪيس سکر ۾ نوڪريءَ ۾ رکندو. آءٌ 22- آڪٽوبر تي توسان ملڻ جي ڪوشش ڪندس. 24- آڪٽوبر 1943ع تي ڇاسرٽ سان سندس ڀاءُ جي مڱڻي تي ويندس.

(10)

ڪريسينٽ هائوس، بئنگلور

13- نومبر، 1943ع

پهرين توکي مبارڪ ڏيان ٿو، شڪارپور مسلم ليگ جي ڪاميابيءَ تي. مون کي خبر آهي ته تو ان ۾ ڪيتري محنت ورتي ۽ مهينن جا مهينا وجي اتي ڪم ۾ گذاريو. مسلم ليگ ڪئمپ ۾ اختلاف هئڻ ۽ مڪاني طرح شدت سان مخالفت جي باوجود، تو ڪاميابي حاصل ڪئي. تو نازڪ صحت جي باوجود، صرف پارٽيءَ جي وقار خاطر، ايتري جاکوڙ برداشت ڪئي. جنهن ڏينهن کان تو ورڪ شروع ڪيو، آخر وقت تائين مون کي انتظار رهندو آهي. نه رڳو مسلم ليگ سان همدرديءَ خاطر، پر مسلم ليگ جي پريزيڊنٽ جي حيثيت ۾ تنهنجي شخصي عزت ۽ وقار به خطري ۾ هو. اڄ مون "هندو" (مدراس) ۾ خبر پڙهي. اميد ته آءٌ به جلد سنڌ موٽندس.

مون کي سارو آڪٽوبر موڪن جي تڪليف ڪري رت ايندو رهيو. پر ان جي باوجود 29- تاريخ دهليءَ لاءِ روانو ٿي ويس. ديرادون ۾ موڪن جي علاج لاءِ راجا چڪرورتيءَ کان دوا ونڻ ويس. نئشنل ڊفينس ڪائونسل جي ميٽنگ ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ نئين وائسراءِ، لارڊ ويول، سان ملاقات ڪرڻ بعد، اسان ڇئن جو گروهه سڪندر آباد ۽ حيدرآباد ۾ آيو، جتي اسين نظام دکن جا مهمان هئاسون. 7 کان 9 تاريخ تائين حيدرآباد هئاسون. سندن مهمانوازيءَ کان سواءِ، اسين خوش قسمت ٿياسون جو برار جي شهزادي ۽ شهزاديءَ جي دُر شهوار ترڪيءَ جي اڳوڻي خليفي جي ڌيءَ سان ملڻ جو موقعو مليو. ظاهري حسن ۽ شاهاڻي شوڪت جي علاوه، بيگم صاحبه کي ماڻهن جي پوري شناس هئي. هو عالم ۽ فيلسوف ڏسڻ ۾ آئي. علمي نقسه نگاهه کان، هن ۽ مرحوم طريقي خانه ۾ ڪيتري مشابهت هئي، پهرين ذڪر ڪيل ملاقات کان مٿي آهي، ۽ بي انهيءَ ملڪ ڏانهن ويئي آهي، جتان ڪر ڪونه موٽيو آهي. خير، شاهي جوڙي کي الوداع چئي، اسين بئنگلور پهتاسون، جتي ميسور حڪومت جا مهمان آهيون. هتي جي آبهوا نهايت خوشگوار آهي. هتي ملٽري مرڪز کي ڏسي، سياٽي ڪوچين روانا ٿينداسون، جتي بحري لشڪر ڏسي، 18- تاريخ مدراس پهچنداسون. 24- تاريخ واپس دهليءَ اچي، 26- تاريخ سنڌ پهچڻ جي ڪوشش ڪندس. اميد ته خوش هوندين.

(11)

ڪراچي

23- ڊسمبر 1943ع

خط پهتو ته آل انڊيا مسلم ليگ جي ڪارروائي لکڻ لاءِ اسٽينو گرافر ڪليانپوريءَ کي موڪليان. ان لاءِ سرڪار ڪان منظور ونندا. ۽ ڪيس چڱو معاوضو ڏياريندا.

## سال 1944ع

(1)

ڪراچي

29- فيبروري، 1944ع

مسٽر ڪيولرام پنجابي دهليءَ کان آيو آهي. ان کي پهرين مارچ تي ڪراچي ڪلب ۾ لنچ ڏني اٿم. اوهين مهرباني ڪري ان ۾ شريڪ ٿيندا.

(2)

حيدرآباد

31- مارچ 1944ع

اميد ته هينئر ڪراچيءَ آيل هوندين. آءٌ 13- اپريل دهليءَ وڃڻ گهران ٿو. مهرباني ڪري پنهنجي پروگرام کان واقف ڪج. جيڪڏهن ڪوٺ موٽڻ وقت حيدرآباد مان مون کي ملندو وڃين ته نهايت چڱو ٿيندو.

ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته وزيرن جي پورٽفولين ۾ تبديلي ٿيڻ وارِي آهي. مون سر غلام حسين، کهڙي، پير، گزدر، ڊاڪٽر هيمنداس ۽ گوڪلداس سان گفتگو ڪئي آهي، جن کي ٻه- ٽي تجويزون ڏنيون اٿم.

[نوٽ: پوءِ انهن جو لب لباب ڏئي ٿو، ۽ چوي ٿو ته ان معاملي ۾ دلچسپي وٺي، سندس تجويزن مان ڪنهن کي منظور ڪرايان.]

(3)

ونڊسر پئليس، دهلي

21- اپريل 1944ع

هڪ خط اڳي موڪليو اٿم. آءٌ هندستان کان ٻاهر وڃي رهيو آهيان. اڳي توکي ٻڌائي نه سگهيس جو معاملو مخفي هو. وچ مشرق ۾ جنگي حالتون ڏسڻ لاءِ اسان کي موڪلي رهيا آهن. هي گشت وڏي معلومات ميسر ڪندو. اسين مسلم ملڪ گهمڻ وارا آهيون. خدا خير ڪندو ته جلد موٽي ايندا سون. اتان توکي خطن ذريعي احوال موڪليندو رهندس. مئي جي ٽئي هفتي ۾ واپس ايندا سون.

(4)

ڪئريٿيا، قبرص

9- مئي 1944ع

جنگ جي زماني ۾ ملڪ ڇڏي هتي اچي پهتا آهيون. هي بيٽ يونيچ سمنڊ جي وچ ۾، ايشيا جي زمين کان 120 ميل اندر سمنڊ ۾ آهي. ترڪيءَ جي سرزمين کان 30 ميل پري آهي. هن خط ۾ پنهنجي سفر جو احوال موڪليان ٿو:

هڪ پارٽي، نئشنل ڊفينس ڪائونسل جي پنجن ميمبرن جي، 21- اپريل تي، دهليءَ ڏانهن هڪ وڏي هوائي جهاز ۾ رواني ٿي، ان ۾ آءٌ بہ هڪ آهيان. آغا عبدالستار جان مون کي هوائي اڏي تي اماڻڻ آيو هو. ڪجهہ وقت جوڌپور ترسي، ڪراچي آياسون. اتان ماريپور ايئرو ڊرم تان، بلوچستان ۽ ايران جي مٿان اُڏامندا، شام جو بصري پهتاسون، جتي اسان کي بهترين هوٽل ۾ رهايو ويو. جا فرات ۽ دجلہ جي ملڻ واريءَ جاءِ تي نهيل آهي ۽ هوائي اڏي جي پر ۾ آهي. ٻئي ڏينهن صبح جو وري جهاز ۾ چڙهي هبانيا ۾ پهتاسون، جتي راشد عليءَ سان جنگ ٿي هئي. پوءِ شام جو، صحرا پار ڪري، فلسطين جي شهر لئڊا ۾ لٿاسون. ان کان پوءِ، سنا جو صحرا ۽ سئيز ڪئنال ٽپي، ڪيرو ۾ هيليو پوليس هوائي اڏي تي لٿاسون. اسان کي ليفٽيننٽ ڪرنل مجيد ملڪ وٺڻ آيو. جتي پاسپورٽ ۽ ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ ڏيکاري، اسين ڪيرو جي فيشنبل محلي ۾ وياسون، ۽ هوٽل ڪانٽيننٽل ۾ رهياسون.

توکي ڀڏي تعجب ٿيندو تہ هن فرعونن جي قديم ملڪ ۾ ڪيتري تبديلي آئي آهي. فرينچ ۽ عربي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. تنهن ڪري ذرا تڪليف محسوس ٿيسون. زبان کان اکين کي وڌيڪ ڪم آنداسون. هتي فئشن جي حد لڳي پيئي آهي. وڏو شاهي رستو، درختن ۽ پارڪن سان شهر جي زينت کي دوبالا ڪريو بيٺو آهي. منجهس وڏيون عمارتون، بهترين شاپون ۽ خوش منظر عياشي جا مرڪز عام آهن. ان ۾ قديم ۽ جديد، ٻنهي قسمن جي جهلڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پئرامڊ، نيل ندي، هزارين ورهين جي ياد تازي ڪرائين ٿا. ٻئي طرف جديد عمارتون ۽ ماڻهن جي بود باش، نئيءَ دنيا جي رونق ڏيکارين ٿا. پراڻو قلعو، محمد علي پاشا جي مسجد، جامع اظهر يونيورسٽي، بيون مسجدون ۽ منارا، مسلماني حڪومتن جي عظمت جون يادگيريون ڏيارين ٿا.

ڪيترن مڪيہ ماڻهن سان ملڻ ۽ تبادلہ خيالات ڪرڻ جو موقعو مليو. هيءَ ڳالهہ صاف ڏسڻ ۾ آئي تہ مصري ماڻهو مهاتما گانڌيءَ ۽ ڪانگريس کي وڌيڪ پسند ڪن ٿا، بنسبت جناح صاحب ۽ مسلم ليگ جي. هنن کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي تہ ڇو اسين هندن سان ملي، متحده محاذ بنائي، آزادي لاءِ جهدوجهد نٿا ڪريون. پاڪستان جي ڳالهہ، ڪين سمجهہ ۾ نٿي ويهي. اها حالت اسان جي مسلم ملڪن ۾ پروپيگنڊا نہ هئڻ ڪري پيدا ٿي آهي. ترقيءَ جي باوجود، قدامت پسند مسلم عورتن جي منهن تي اڇا ڪارو برقعو ڏسڻ ۾ آيو ٿي. وڏا ماڻهو پردو ڪونہ ٿا ڪن. اهي ڪيرو شهر ۾ ڪافي تعداد ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. پڙهيل ماڻهو 14 سيڪڙو آهن. فلاحين (هارين) جي حالت ساڳي، پنهنجي ملڪ جهڙي آهي. هو مٽيءَ جي جهوپڙين ۾ رهن ٿا، جي نهايت سوڙهيون ۽ غليظ آهن. لائق آباد زمين سموري آباديءَ هيٺ آيل آهي. فلاحين جي حالت صرف انقلاب ئي درست ڪري سگهندو. کاڌي خوراڪ جي ڪمي نہ آهي، پر کاڌي جي شين جون قيمتون هندستان کان گران آهن. جنگ نزديڪ هئڻ ڪري، سياسي هلچل ۾ جمود آيل آهي. جنگ کان پوءِ شايد حالتون بدلجن.

اسين قاهره ۾ ست ڏينهن هئاسون. اسماعيليہ بہ ڏٺوسون، جو بتر ڍنڍ تي بندر آهي ۽ سئيز ڪئنال جي پر ۾ آهي. قاهره کان موٽرن ۾ سوار ٿي، سينا جو سحرا لنگهي، طور سينا جبل ڏٺوسون. پوءِ بيرشيبا جو کوهہ ڏٺو ويو، جتي حضرت يوسفؑ کي سنڌن ڀائرن ڦٽو ڪيو هو.

جملي 360 ميل مسافري ڪرڻ کان پوءِ، جيروسلم پهتاسون، جو يهودين، ڪرستانن ۽ مسلمانن جو مقدس شهر آهي. اسان ڪيترن تاريخي جڳهين جو معائنو ڪيو: جهڙوڪ حضرت سليمانؑ جو قلعو، مسجد اقصيٰ، مسجد عمر، حضرت عيسيٰؑ جي جنم جي جاءِ، بيت الحام ۽ ڪجهہ ميل پري سندس صليب تي چڙهڻ جي جاءِ بہ ڏٺي سون. جيروسلم جدا جدا ٽڪرين تي اڏيل آهي، جنهن جي وچ ۾ ننڍا ڳوٺ ميويدار وڻن سان ڇانيا پيا هئا. اسين دائود هوٽل ۾ رهياسون، جا نهايت شاندار نظاري تي، جبل غوسين جي سامهون ٺهيل آهي. اتي حضرت عيسيٰؑ وچي واعظ ڪندو هو. يهودين جو اثر رسوخ گهٽو ڏسڻ ۾ آيو. يهودين ۽ عربن جي وچ ۾ اڪثر فساد ٿيندا رهن ٿا. عرب يهودين جي پئسي ۽ اثر جو مقابلو ڪري

رهيا آهن. انگريز ظاهري طرح عربن سان همدردي ڏيکاري رهيا هئا.

ٻن ڏينهن بعد، جيروسلم ڇڏي، 120 ميل نهايت زرخيز زمين، ڪڻڪ جي فصل سان ڇانيل مان لنگهي، سنگترن جا باغ ڏسندا، جافا ڏسي، يهودين جي مکيہ شهر تل اويسيا ۾ آياسون، جو جديد طرز تي اڏيل هو. اتان رات جو اچي حيفا ۾ ونڊسر هوٽل ۾ رهياسون. جا ڪرمل جي ٽڪريءَ تي اڏيل هئي. هي سمنڊ جي ڪناري تي، فلسطين جو بندر آهي. اتان نکري، مشهور سمنڊ گليلي تي وياسون. پوءِ جورڊان ندي ڏسي، نظرت شهرو ڏٺو ويو، جتي حضرت عيسيٰ 30 سال رهيو هو. اهو ملڪ نهايت خوبصورت هو. چوڌاري گهمي ڏٺوسون. سرسبز ۽ ميويدار وڻن سان ڀريل هو. چوڌاري گل ميدانن ۾ پکڙيا پيا هئا. اتي جي ماڻهن جي رهڻي ڪرڻي جيروسلم وانگر هئي.

هيفا ڇڏڻ کان پوءِ، سمنڊ جو ڪنارو ڏيئي، اڪرا جي مشهور شهر کان گذري، شام مان لنگهي، لبنان جي مکيہ شهر بيروت ۾ پهتاسون. هي ملڪ فرينچن جي هٿ هيٺ گذريل 22 سالن کان رهيو آهي. اهو شهر ٽڪريءَ تي، يونيچ سمنڊ جي ڪناري تي، وڏو بندرگاهہ آهي. منجهس عمدا رستا ۽ سنا مڪان آهن. ملڪ ۾ عيسائي ۽ مسلمان تقريباً هڪ جيترا آهن. پر ٻئي گهرن ٿا تہ فرينچن کان آزاد ٿين.

اتان اسين دمشق ۾ وياسين، جو شام جي گاديءَ جو هنڌ آهي. اتي اسان اميہ مسجد ۽ ڏک بازار ڏٺي. فرفير ۽ همبرا نديون شهر جي وچان وهنديون هيون. سامهون هرمان جبل جون چوٽيون برف سان ڍڪيل ڏسڻ ۾ پئي آيون. واديءَ ٻئلبڪ نهايت خوبصورت هئي. زالن کي برقعا پيل هئا. اهي خوبصورت ڏسڻ ۾ آيون ٿي.

ساڳئي ڏينهن موٽي بيروت آياسون. اتان ٻئي ڏينهن قبرص ٻيٽ تي پهتا آهيون. هتي ڊوم هوٽل ۾ رهون ٿا. هتي جو احوال پوءِ لکندس. هتي ٽي ڏينهن رهيا آهيون. هتان بغداد وڃي، عراق ۽ ايران گهمي، ملڪ موٽنداسون.

## (5)

رٽز هوٽل، تهران

25- مئي، 1944ع

هن کان اڳ ٻہ خط لکيا اٿم، جي اميد تہ پهتا هوندا.

بغداد ۾ شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي درگاهه جي زيارت ڪيم. پوءِ بغداد پنج ميل پري، ڪاظمين وجي زيارتون ڪيم، جو فرات درياءَ جي ڀئي طرف آهي. ان ڪان پوءِ ڪربلا علي ويس، جتي حضرت امام حسين ۽ حضرت عباس علمدار جون بارگاهون ڏٺم، ۽ زيارت ڪيم. شهر ٺنڊي آدم يا ميرپورخاص جي نموني جهڙو آهي. مون سمجهيو هو تہ صحرا هوندو، پر سواءِ مغرب ۾ ڪربلا واري صحرا جي، جتي امام حسين ۽ يزيد جي لشڪر ۾ جنگ ٿي هئي، ٻين سيني طرفن ۾ سبزي ۽ آبادي هئي. ڪربلا جي زيارت ڪرڻ ڪان پوءِ، 70 ميلن پنڌ تي شاهه نجف وياسون. حضرت علي عليه السلام جي زيارت ڪان سواءِ، حضرت آدم، حضرت نوح، حضرت صالح ۽ حضرت يحيٰ عليهم السلام جا مقبرا بہ ڏٺا ويا، ۽ زيارت ڪئي ويئي. حضرت علي جو قبو نهايت شاندار ۽ سوني گنبذ ۽ نيلن سان نهيل هو. اسين ڪوفي وجي ڪونہ سگهياسون، جو نجف ڪان 4 ميل پري، فرات جي ڪناري تي اڏيل آهي. ان ڪان پوءِ بصري ۾ وياسون، جو بغداد ڪان 350 ميل پري آهي. ايئرڪنديشنڊ گاڏيءَ ۾ وڃڻ ٿيو. اتي هڪ ڏينهن رهي، پوءِ آبدان، اهواز، حزم شاهه کي ڏسي، وري موٽي بصري آياسون. جتان هوائي جهاز ۾ چڙهي، 23- تاريخ تهران پهتاسون. بصري ڪان تهران 500 ميل آهي. اهو سفر اڍائي ڪلاڪن ۾ طي ٿيو. اتي جبل البرز جي هيٺان، هڪ برف جو پاٽي وهائيندڙ ندي جي مٿان 8000 هزارن فوٽن جي بلنديءَ تي نهيل هوٽل رٽز ۾ رهيا آهيون. هيءَ جڳهہ 'دربند' سڏجي ٿي ۽ تهران ڪان اڍائي ميل پنڌ تي آهي. هوٽل جديد قسم جي نهيل آهي. نظارو عمدو اٿس. هيٺان سارو ملڪ سبزيءَ سان پريو پيو آهي. چنار جا درخت ۽ جبل جون برف سان پريل چوٽيون منظر کي دوبالا ڪري رهيون آهن. آبهوا نهايت صحت بخش آهي. تهران جو شهر سمنڊ ڪان 5500 فوٽن جي بلنديءَ تي، جديد طرز تي، ڪيرو، فلسطين ۽ ٻين وچ مشرق جي شهرن وانگر نهيل آهي. ڪيرو ۾ 10- 15 ماڙين جون جايون هيون، جي هتي نہ آهن، پر جايون هتي بہ جديد نموني نهيل آهن. رستا ڪشادا آهن، جن تي چنار جي درختن جون قطارون بيٺل آهن. وڏي رستي جو نالو "خيابان شاهه رضا" آهي. هتي تهران جي مکيہ ماڻهن سان ملاقاتون ٿيون آهن. قاچار گهراڻي جو نهرايل "گلستان محل" ۽ پارليامينٽ جي بلڊنگ ڏٺيسون. انشاءالله 27- تاريخ موٽي ڪراچيءَ پهچنداسون.

(6)

ڪراچي

6- جون، 1944ع

وچ مشرق مان ڪيترا خط لکيا هئم، جي اميد تہ پهتا هوندا. هڪ خط تهران ۾ لکيو هوم، پر ڪراچيءَ مان پوسٽ ڪيو هوم، اميد تہ اهو بہ پهتو هوندو. هتي 31- تاريخ پهتس ۽ لهي، يڪدم حيدرآباد ويس، جتان موٽي اڄ صبح جو ڪراچيءَ پهتو آهيان. اوهان جي حڪم موجب بنگلي ۾ رهڻ لاءِ آيس، پر ڪو پنجابي اچي فيمليءَ سان ان ۾ ويٺو هو، ان ڪري مسٽر انصاريءَ وٽ اچي رهيو آهيان. سياڻي حيدرآباد وڃان ٿو، جتي بہ هفتا ڪن رهندس. ملڻ جي تمام اڪير اٿم. حيدرآباد اچڻ وارو آهين يا نہ؟

مون تنهنجي بنگلي ۾ رهيل ماڻهوءَ کي ٻاهر نڪرڻ لاءِ چيو آهي. جي خوشيءَ سان نہ نڪتو تہ پوليس گهرائي ٻاهر ڪيندو سانس!

(7)

ڪراچي

9- سيپٽمبر 1944ع

هڪ خط بمبئيءَ مان موڪليو هوم، جو اميد تہ پهتو هوندو. بمبئيءَ مان دهليءَ ويس، جتان 2- تاريخ واپس آيل آهيان. مون سمجهيو تہ تون ڪراچيءَ هوندين تہ روح رهاڻ ٿيندي، پر تون رمضان شريف ڪري ڳوٺ عبادت ۾ مشغول آهين. اميد تہ اتي اڪيلائيءَ ۾ صوبي جي مستقبل لاءِ غور ۽ ويچار ڪري، ڪو مفيد پروگرام بنائيندين.

مون کي معلوم ٿيو آهي تہ تون جلد ڪمنٽي آف ائڪشن جي ميٽنگ لاءِ دهليءَ وڃڻ وارو آهين. ان کان اڳ توسان ملڻ گهران ٿو، تنهن ڪري پروگرام موڪلينم تہ وقت وٺي توکي اچي ملان.

سياڻي حيدرآباد وڃي رهيو آهيان، جتي 2- آڪٽوبر تائين رهندس- نئشنل ڊفينس ڪائونسل جي ميٽنگ لاءِ 9، 10 ۽ 11- آڪٽوبر تي دهليءَ وڃڻو اٿم.

مون کي وچ ۾ دل جي تڪليف ٿي هئي. بمبئيءَ جي ڊاڪٽر جو علاج ڪري رهيو آهيان.

(8)

حيدرآباد

3- آڪٽوبر، 1944ع

اميد تہ 5- تاريخ ڪراچيءَ پهچندس، ۽ تو وٽ رهندس. خدا ڪري تہ مهمانن جي گهٽائي نہ هجي تہ اڪيلائيءَ ۾ گفتگو ٿي سگهي. اتان ڏهليءَ ويندس.

---

# سال 1947ع

[نوٽ: سال 1945ع ۾ سياسي ڳالهين عارضي طور خطن ۾ رڪاوٽ وڌي، جنهن ڪري ان عرصي ۾ خط ڪونه لکيائين ليڪن ملاقاتون ٿينديون رهيون.]

## (1)

مسوري

20- مئي 1947ع

هي خط گهڻي وقت کان پوءِ لکان ٿو. وطن جي اڪير، دوستن جي ياد، اڪثر قلم فرسائيءَ تي آماده ڪندڙ هئا. منهنجي دفتر پارينه تي نظر ڪبي ته اسان جي خط و ڪتابت ۾ هڪ ڏکهي خليج حائل ٿيل ڏسبي. سياست جي دگر گوني ۽ حالات جي تلون مزاجي انهيءَ خليج عميق جو باعث ٿي آهي، جنهن لاءِ سواءِ افسوس جي ٻيو ڪجهه ڪري نٿو سگهجي. گذشته را صلوات!

ڪراچيءَ ۾ گڏ هئاسون! اوهان جي طبيعت ناساز هئي، پوءِ الحمدالله نيڪ ٿي. اوهين خير سان ڳوٺ روانا ٿي ويا. ان کان پوءِ ڪوبه احوال ڪونه مليو. خبر نه آهي ته اوهين ڪهڙيءَ مشغوليءَ ۾ مستغرق آهيو ۽ مستقبل لاءِ ڇا سوچيو اٿو.

توهان جي سنڌ اسيمبلي اليڪشن ۾ شڪست سنڌ جي آئيني سياست ۾ هڪ خال وجهي ڇڏيو آهي، جنهن جو احساس توهان جي مخالفن کي به آهي- اظهار ڪن يا نه ڪن، سا ٻي ڳالهه آهي. هندستان جي مسلم سياستدان طبقي جو اهو رايو آهي.

تازو حيدرآباد مان ڀيرينءَ مئي تي روانو ٿي، 2- تاريخ لاهور پهتس. مون سان منهنجي وڏي نياڻي همراهه آهي. هن جي طبيعت به مون وانگر غير تسلي بخش آهي. اسين ميان ممتاز دولتانه وٽ مهمان هئاسون. پاڻ ۽ سندن بيگم صاحبه تمام گهڻي خدمت ۽ خاطرداري ڪئي. اوهان جي لاءِ گهڻي عزت ۽ پيار هون، پر اوهان جي سياسي ڪارروايين جي خلاف هئا. هنن جو خيال هو

تہ اوهين اجا بہ مسلم ليگ جماعت ۾ داخل ٿي مسلمانن جي خدمت ڪري سگهو ٿا. چوتہ اجا گهڻو عرصو مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جو سياست تي رسوخ رهندو اوهين ليگ کان ٻاهر رهي ڪجهہ بہ ڪم عملي طرح ڪري نہ سگهندا. جيڪي اندران ڪري سگهو ٿا. بهرحال، اهي انهن جا خيال اوهان جي نسبت هئا. جي قلمبند ڪريان ٿو.

هڪ ڏينهن لاهور گذاري، ٻئي ڏينهن لکنوءَ ۾ وارد ٿياسون. بيگم اعزاز الرسول جا مهمان هئاسون. اتي البت گرمي هئي. ناڪر ديپ نارائڻ، جو گلي مان جهلي مريض کي بيهوش ڪري پوءِ دوا ڏئي ٿو، تنهن جو علاج ڪرايوسون. ٽي ڏينهن لکنو ۾ چڱا گذريا. ٻئي ڪنهن سياسي ماڻهوءَ سان ملڻ ڪونہ ٿيو.

مسٽر محمد اسحاق، ڊيپوٽي ليڊر مسلم ليگ، جي هتي يو. پي. اسيمبليءَ ۾ اها پوزيشن آهي، جا مسٽر سڌوا جي سنڌ اسيمبليءَ ۾ آهي. گهڻو لکڻ ۽ ڳالهائڻ هن جي ذمي آهي. مسٽر محمد اسحاق، ۽ بيگم صاحبہ ۽ مسٽر حيدر عليءَ جو خيال آهي تہ هن صوبي مسلمانن کي بي دست وپا بنائڻ لاءِ ڪانگريس منصوبہ بنائي رهي آهي. هرهڪ شعبي ۾ مسلمانن کي ڪمزور ڪرڻ جون رٿون رٿجي رهيون آهن. ماڻهو لڏي سنڌ ۾ يا بيابانن ۾ وڃڻ لاءِ تيار آهن، ۽ هندن جي تسلط کان بچڻ لاءِ ڪوشش ڪندا. اها آهي ڪانگريس حڪومت جي روش مسلمانن ڏانهن. اسان وٽ تہ هندو سڀ ڪجهہ ماڻي رهيا آهن. هنن جو اڄ تائين وار بہ ونگو نہ ٿيو آهي، تہ بہ پيا دانهون ڪن.

ٽي ڏينهن لکنو رهي، ديرادون پهتاسون. جتي، حاضر صاحب مليٽري ڪنٽرئڪٽر جي گهر ۾ مهمان هئاسون.

ٽي ڏينهن ديرادون ۾ رهي، 10- تاريخ مسوريءَ ۾ آيا آهيون. پهريان ڏينهن ٿوري بارش ۽ بادل هئا. جنهن ڪري سردي محسوس ٿي ٿي، پر هاڻي گرمي ٿي رهي آهي. هوا خوشگوار آهي. وقت چڱو پيو گذري. مسوريءَ جي زندگيءَ جي اوهان کي ڪافي معلومات آهي، پر منهنجي لاءِ نہ پراڻو زمانو، نہ اها دل ۽ نہ ساڳيو شوق رهيو آهي، نہ جسم ۾ طاقت، نہ روح ۾ حرڪت آهي، جو عيش عشرت جو فائدو وٺي سگهجي. اڳيون زمانو گذر ڪري ويو. بيو تہ ڇڏيو. پر هينئر منهنجي قلب ۾ نہ ايتري قوت آهي، نہ قلم ۾ جنبش، جو جنهن

ماحول ۾ رهان ٿو، ان جو صحيح نقشو اوهان جي پيش ڪريان. تنهن ڪري، وڏيڪ اوهان جي دائره تصور جي حوالي ڪريان ٿو، ۽ جيڪي لکي سگهيو آهيان، سو لکيو اٿم. دوست احباب به نوان ڪيا اٿم، جن جي صحبت ۾ وقت پيو گذري. جهڙوڪ مسٽر وصال الدين، پريزيڊنٽ مسلم ليگ مسوري، ڊاڪٽر محمد سعيد ۽ هن جي انگلش بيبي، مسٽر عبدالمتين ۽ ان جي فرانسيسي بائي، جنهن جون وڏيون نياڻيون منهنجي نياڻيءَ جي خاطر تواضع ڪن ٿيون. مسٽر اصطفيٰ خان، لکنوءَ جو عطر ساز، جنهن کي اوهان اسڪيٽنگ ڪندي ڏٺو هو، سو هن وقت پير مرد حاجي سڳورو آهي. پنج زالون پرڻجي چڪو آهي، ته به اجا زنده دل آهي. رنگ ۾ پهريون نمبر آهي. ازان سواءِ، مخدوم صاحب غلام ميران شاه صاحب جو فرزند، حسن محمود به بن ميم صاحبن سان تشريف فرما ٿيو آهي. اهڙيءَ طرح سان ڪجهه لانگ واڪ، ڪجهه اسڪيٽنگ، ڪجهه سئنيما وغيره جي مشغولين ۾ وقت پيو گذاريان.

3- جون 1947ع هندستان جو وائسراءِ، لنڊن مان موٽي، ملڪ جي آئين بابت آخرين تجويزليڊرن جي ڪانفرنس اڳيان ظاهر ڪندو. اها تجويز ڪهڙي هوندي، تنهن بابت يقين سان هن وقت ڪجهه چئي نٿو سگهجي. شايد ٽڪرا ٿيل ۽ ٽٽي ڪاڏل پاڪستان به هجي. خبر نه آهي، ان تي ڪير راضي ٿيندو، ڪير ناراض. هندستان ۾ شايد اجا گهڻا فساد ٿين، تنهن ڪري 30- مئي هتان روانا ٿي، انشاءالله پهرين تاريخ حيدرآباد پهچي ويندا سون.

---

## سال 1948ع

(1)

سرياب روڊ، خيرپور هائوس، ڪوئيٽا

15 - مئي 1948ع

10- مئي آبهوا جي تبديليءَ لاءِ، عيال اطفال سميت هتي پهتو آهيان. مون ٻڌو ته اوهين به عيال سان اچڻ وارا آهيو. مهرباني ڪري خبر ڏيندا ته ڪڏهن ايندا ۽ ڪٿي رهڻ جو بندوبست ڪيو اٿو. اسان کي في الحال پهرين جون تائين خيرپور رياست جو بنگلو مليو آهي. ڏهه ڏينهن زياده رهڻ جو ارادو آهي، پر اجا اجازت نه ملي آهي. جي ٻيو بندوبست نه ٿيو ته شايد زيارت هليا وڃون. اتي سرڪاري بنگلو ملي سگهندو. موسم ۾ ابتدا سرد هئي. گلن جون گلزاريون، چمنن جون چٽساليون خوب هيون، پر هاڻ بهار جو دور ختم ٿيو آهي. گرميءَ جي موسم جي شروعات ٿي آهي. ٻن ڏينهن کان جهڙ ڦڙ جو ماندائڻ پيو ڏسڻ ۾ اچي، جنهن ڪري بلوچستان جي خشڪ پهاڙن ڪجهه رنگ بدلايو آهي. شهر جون سڙڪون صاف سٿريون آهن. ساٻيدار درختن جون قطارون سائبان جو ڪم ڏين ٿيون. آءُ روز علي الصباح تازي هوا کائڻ لاءِ چهل قدمي ڪرڻ واسطي نڪري ويندو آهيان. چشمي جو پاڻي پئيندو آهيان، پر طبيعت تي ڪوبه اثر خاص نٿو پوي. ٻارن جو به ساڳيو حال آهي. اسان جي قسمت ۾ شايد صحت لکيل ئي ڪانه آهي. سڀ مريض آهيون. تبديل آبهوا لاءِ بيمارن جهڙو بندبل آندو هوسين، اهڙو ئي شايد موٽائي سنڌ ۾ آڻيون. اوهان کي خبر آهي ته سئٽزرلئنڊ جي جان بخش آبهوا ۽ پر فضا ماحول به منهنجيءَ طبيعت تي ڪوبه اثر ڪونه وڌو. شايد زندگيءَ جي انتها ويجهي آهي، جنهن ڪري حياتيءَ کان موت هينئر زياده پيارو ٿيڻ لڳو آهي. اها گهڙي ڪڏهن ايندي، ان جو پتو نه آهي. جواب ڏيندا ته مهرباني، نه ته به ياد ضرور ڪجو.

(2)

ڪوئيٽا

4- جون 1948ع

ايءُ نه مارن ريت، جو سيڻ مٽائن سون تي،

اڃي عمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانہ ڪُريت،
پکـن جـي پريـت، مـارُين تـي نـہ مٺيـان.

توهان جو محبت ڀريو خط پهتو. ٻہ ڏينهن ٻاهر ويل هوس، طبعيت ۾ بہ بيخوش هوس، ان ڪري جواب ۾ دير ٿي آهي. اوهان منهنجو خط گهڻي زماني بعد ملڻ ڪري تعجب ظاهر ڪيو هو، مگر انهيءَ رسمي دستورن جو قلبي ڳانڍاپن تي اثر ڪونہ پيل آهي. عارضي عناصرن جون تبديليون باغ کي وقتي نقصان رسائي سگهن ٿيون، پر نہ هن جي جهونـن درختـن کـي فنـا ڪـري سگهنديون آهن، نہ زمين جي زرخيزيءَ ۾ ڦيرو آڻي سگهنديون آهن. موسم ذرا خوشگوار ٿيڻ تي وري ان ۾ تازگي اچڻ لڳندي آهي. سياسي دؤر توهان بہ ڏٺا آهن، ۽ مون بہ چوٿائيءَ صديءَ جو مشاهدو ڪيو آهي. سڀ ڊوڙ جي ڊوڙ آهي. ايماندار ماڻهوءَ لاءِ سواءِ غربت ۽ دشمنيءَ جي ٻيو ڪجهہ بہ هٿ حاصل نہ آهي. انهن تجربن بعد، آءٌ ان هن خيال جو ٿيندو وڃان تہ سياسي ميدان کان ڪناره ڪشي ڪري، عبادت الاهي ۽ خلق خدا جي بيلوث خدمت ۾ وقت صرف ڪريان. ذريعہ معاش جي تنگي انهن ارادن کي عمل ۾ آڻڻ کان مانع ٿيندي رهي ٿي. پر جي وجهہ مليو تہ- ”جڏهن پرين ياد پياس، تہ چرڪ چنائين هيڪڙي!“ جو مصداق ٿيندو. اوهان پنهنجي آزاديءَ تي بندش پوڻ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو گهڻو افسوس اٿم. سڀ اوهان جي طبيعت ۾ ضرورت کان زياده جوش جو ڪارڻ آهي. سياسي ميدان ۾ جيڪڏهن وقت جي تقاضائن موجب پنهنجي طريقہ ڪار کي درست ڪريو تہ هوند اهي تڪليفون درپيش نہ اچنوَ:

”دروغ مصلحت آميز بهہ راستي فتنہ انگيز.“

هيءُ سعديءَ جهڙي زمانہ شناس ۽ متشرع هستيءَ جو صدين کان مشورو آهي. خير، اوهان جي غيرت ۽ جوش هميت مصلحت وقت مطابق طريقہ ڪار ۾ تبديلي آڻڻ جي اجازت ڏين يا نہ، سا ڳالهہ علحده آهي، پر مٿيون مقولو بہ زمانہ شناس ۽ دوربين هستيءَ جو آهي، جنهن مان گهڻن سبق پئي ورتو آهي. هاڻي خط بند ڪريان ٿو. 10- جون حيدرآباد پهچندس. 12- جون ڪراچيءَ ايندس. اتي هوندا تہ تبادلہ خيالات ڪنداسون.

---

# سال 1950ع

[نوٽ: 1949ع ۾ ڪو قابلِ ذڪر خط نہ آيل هو. تنهن ڪري اهو سال خالي ڇڏيل آهي.]

(1)

[وزير سنڌ گورنمينٽ]
ڪراچي
2- مارچ، 1950ع

تنهنجو 16- فيبروريءَ جو لکيل خط پهتو. مون چيف انجنيئر سان ڳالهہ ڪئي آهي. جنهن واعدو ڏنو آهي تہ اڳوٽي محال مانجهندن جي بنجر زمين کي آباديءَ هيٺ آڻن لاءِ هو حتي الامڪان ڪوشش ڪندو. هن وقت ڪي ٽرئڪٽر آهن، جي هو درست ڪرائي پيو، نهڻ بعد ڪِرائي تي ڏيئي سگهندو. سن ۾ شاهي رستي لاءِ موڪليل بلڊوزر بابت بہ جاچ ڪرائيندو، جي ڪم جهڙو هوندو تہ اهو بہ ان طرف زمين جي سڌاري لاءِ ڪِرائي تي ڏيندو. انهن مشينن جي ڪِرائي جي شرطن بابت هو اوهان کي لکپڙهہ ذريعي اطلاع ڪندو. آءٌ خود اها ايراضي ڏسي پوءِ فيصلي ڪرڻ وارو هوس، پر شهنشاهہ ايران جي دوري مون کي ڪراچيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي. ازان سواءِ، سنڌ اسيمبليءَ جو اينڌڙ اجلاس 8- مارچ تي آهي. انهن سيني ڳالهين جي باوجود، ان طرف جي ڪم کي نہ وساريندس.

پاڪستانين شاهہ ايران کي نهايت شاندار مرحبا ڪئي. ايئرو ڊرم تي فوجن جي پريڊ کان سواءِ، عام ماڻهو ڪثرت تعداد ۾ آيل هئا. شهنشاهہ ايران سندس خوبصورتيءَ ۽ خوش خلقيءَ ڪري پاڪستانين کي سندس گرويده بنائي ڇڏيو آهي. گذريل رات سرڪاري ضيافت ۾ منهنجو ساڻس تعارف ڪرايو ويو. پاڪستان جي وزير اعظم کيس اڄ هڪ رسيپشن ڏني آهي. ازان سواءِ 'پاڪ- ايران تعلقات عام' طرفان بہ هڪ رسيپشن جو انتظام ڪرايل آهي. 14- تاريخ شاهہ ايران سکر هلندو، جتي سنڌ سرڪار سندس مهماني ڪندي. هن کي اسان جي آبپاشي ۽ زراعتي منصوبن ۾ گهڻي دلچسپي آهي. اتي هو سکر بئراج ڏسندو، جنهن اسان جي صوبي کي خوشحال بنايو آهي. 15- مارچ

تي ڪيس پاڪستان پارليامينٽ طرفان ائڊريس ڏني ويندي، پوءِ هو موٽي پنهنجي ملڪ ايران ويندو. تون هتي هجين ها تہ ڏسين ها تہ اسين اسلامي برادريءَ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ پنهنجي شاهي مهمان جي ڪيتري خوشامند ڪري رهيا آهيون.

(2)

نٿيا گلي

6- جون، 1950ع

آءٌ ۽ قاضي فضل الله، 2- جون تي هوائي جهاز ذريعي راولپنڊيءَ پهچي، سرڪٽ هائوس ۾، راولپنڊيءَ جي ڪمشنر جا مهمان ٿي رهياسون. انهيءَ شام جو قديم ٽيڪسلا جو شهر ڏٺوسون. جيئن تہ اوهان جو ڏنل هوندو، ان ڪري ان جو احوال نٿو ڏيان.

راولپنڊيءَ ۾ اسان جي چڱي خاطر تواضع ٿي. بيگم نسيم اڪبر خان، بيگم شاهنواز جي ڌيءَ، اسان کي ڪاني تي گهرايو. ٻئي ڏينهن جڏهن اسين مريءَ ڏانهن روانا ٿياسون تہ مهرباني ڪري بيگم صاحبہ پاڻ ۽ سندس دوست اسان سان گڏجي مريءَ ۾ بہ ڪاني جو انتظام ڪيو. پوءِ اسان رئيس، پرڳڙي، نندي ۽ وڏي کي ملياسون. شام جو نٿيا گليءَ لاءِ، جا 29 ميل اتان پري آهي، روانا ٿي، خان عبدالقيوم، وزير اعليٰ صوبي سرحد، جا مهمان اچي ٿياسون. خان موصوف فيڊرل ڪميٽيءَ جي ڪم ۾ مشغول آهي، جتي صوبن ۽ مرڪز جي وچ ۾ اختيار وراهڻ تي بحث هلي رهيو آهي.

منهنجي نظر ۾ صوبي سرحد ۾ هي نهايت خوبصورت مڪان آهي. انگريزن سندن حڪومت جي ڏينهن ۾ صحت جي بهتريءَ خاطر هيءَ جاءِ چونڊي هئي، پر پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڪي ٿورا يورپين هتي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. بدقسمتيءَ سان، آبهوا بارش پوڻ ڪري اچڪلهہ نيڪ نہ آهي. سردي بارش ڪري وڏي ويل آهي، تنهن ڪري مون جهڙي ڪمزور ماڻهو جي برداشت کان ٻاهر آهي. مالي نقطہ نگاهہ کان هن کان بهتر ٻي ڪابہ جڳهہ نہ آهي. سڀ ڪا شي سستي آهي. هتان ڪشمير جي جبلن جون چوٽيون، جي برف سان ڇانيون پيون آهن، ڏسڻ ۾ پيو اچن، جنهن جي هيٺان چِل ۽ ديال جي درختن جا ٻيلا

ڏسڻ ۾ آيا ٿي. هتي رستي تي اسان برف جا وڏا ٽڪر ڏٺا. جي گذريل سال جي برفباريءَ مان رهيل هئا.

جيڪڏهن طبيعت اجازت ڏني ته 4- تاريخ تائين هتي رهندس. ان کان پوءِ ايبٽ آباد ويندس، جنهن جي آبهوا معتدل آهي. 22- تاريخ ڌاري موٽي ڪراچي اچڻ جو ارادو آهي.

(3)

مري

22- جون 1950ع

اميد ته منهنجو نٿيا گليءَ مان موڪليل خط پهتو هوندو، جو صوبي سرحد جي حڪومت جو اونهاري لاءِ گاديءَ جو هنڌ آهي. اتي هڪ هفتو رهڻ بعد آءٌ هتي مريءَ ۾ آيو آهيان. رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙي وٽ رهون ٿا. مريءَ جي زندگي مسوريءَ سان مقابلي ۾ اٽي سگهجي ٿي، جا هاڻ اسان سان نه آهي. الهندي پاڪستان جا متئين طبقي جا ماڻهو اونهاري ۾ هتي ڪَنا تين تا، خاص ڪري ليڊيز ۽ ٻار گهڻا ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

هتي ڪيترن پراڻن واقفڪارن سان ملڻ جو موقعو مليو اٿم. انهن مان بيگم برگيڊير اختر خان خاص ذڪر جي لائق آهي. هن ۽ لطيف افغان جي همشيره منهنجي چڱيءَ طرح خاطر تواضع ڪئي. اسين مختلف جڳهين تي رئيس پرڳڙي جي عمديءَ فريزر موٽر ۾ گهمڻ وياسون. آبهوا ٻنپهرن جو ذرا گرم پئي محسوس ٿي. آخري ٻن ڏينهن ۾ بارش پوڻ ڪري وري هوا ٿڌي ٿي ويئي. 2- جون تي اسان ڊگهو گول چڪر هنيو، هتان ايبٽ آباد وياسون. نٿيا گليءَ کان پوءِ ڪجهه رستو خراب هو، پر قدرت جو حسن اڪيچار هو. اسان جي چوڌاري ڊنڊين، ٽڪرين، آبشارن ۽ ندين ۽ خوبصورت منظرن جي حد ٿي ڪا نه هئي. نظارو دل کي راحت ۽ مغز کي تراوت ڏيندڙ هو. اسين هڪ رات ايبٽ آباد ۾ رهياسون. ڪاڪل ملٽري اڪيڊمي ڏٺيسون. جبل جي پر وارو نظارو عمدو هو. صبح جو اسان مانسره کان ٿيندا، ڳڙهي حبيب الله پهتاسون. اتان ڪاغان واديءَ مان لنگهي، آزاد ڪشمير جي حد ۾ داخل ٿياسون. اسان کي سرحد کان مظفر آباد تائين پوليس جي حفاظت ۾ اچڻو پيو، جتي آزاد

ڪشمير جي سرڪار جي ميمبرن سان ملڻ جو موقعو مليو. سر ڊڪسن، 'يو. اين' جو صلاحڪار، گذريل ڏينهن هتي آيو هو. لنچ کان پوءِ وري سرينگر رستي کان چناري ۽ چڪوٽي ڏانهن وياسون، جا جنگبنديءَ جي لائين آهي. مشهور پاندو چوٽي، جتي هندستاني فوج کي اسان جي فوج شڪست ڏني هئي، اتان ڏسڻ ۾ پئي آئي. جيڪي ڪشميري اسان کي مليا، انهن کي مليا، انهن کي يقين ويٺل هو تہ جي آزاد راءِ شماري ٿي تہ ڪشمير جا ماڻهو پاڪستان ڏانهن اچڻ لاءِ ووٽ ڪندا. ڏسون، هندستان ڇا ٿو ڪري! اسان کي موٽڻ وقت بارش گهڻو تنگ ڪيو. بهرحال، رئيس پرڳڙيءَ جي اٽڪ همت سان ڪوهالا پُل لنگهي، رات جو چيل جي درختن جي جهنگ مان لنگهي، خير سان 11 بجي رات جو، ٿڪل ۽ بارش ۾ پسيل، اچي مريءَ پهتاسون. پر اهو گشت جهڙو ائڊوينچرس هو، اهڙو مزيدار هو.

آءٌ سيان هتان نڪري، هوائي جهاز رستي، شام جو ڪراچيءَ پهچندس. رئيس صاحب سلام ڏيئي، دعوت ڏئي ٿو تہ مريءَ ۾ اچي ڪتاب لکڻ جو ڪم ڪ ر.

## (4)

ڪراچي

12- جولاءِ 1950ع

خط پهتو. ڊاڪٽر قريشيءَ کي چيو اٿم تہ تار ڪري، مشنري ان طرف موڪلي. موري جي جاگيري هارين جي پاٽيءَ لاءِ سپرنٽينڊنٽ انجنيئر کي لکيو اٿم. آءٌ نئي ضلعي جي گشت تان موٽيو آهيان. 19- تاريخ تائين هتي رهي، حيدرآباد ۽ ميرپورخاص ويندس. هفتي جو گشت هوندو. خبر موڪل تہ ڪراچيءَ ڪڏهن ايندين.

## (5)

حيدرآباد

20- نومبر 1950ع

جڏهن تون حيدرآباد آيو هئين، مون توسان شاهہ لطيف جي ورسيءَ کي ڪامياب بنائڻ لاءِ گفتگو ڪئي هئي. وري بہ عرض ڪندس تہ 25، 26- نومبر

تي پتشاهه تي ضرور اچج. جيترا به شاهه لطيف جا راڳ ڇاڻندڙ ڳائڻا ملي سگهن، سي پاڻ سان وٺيو اچج. خاص ڪري حافظ اسحاق ۽ سندس پارٽيءَ کي ضرور آڻج. جيڪڏهن ڪو اهڙو ماڻهو سڄهيئي جو شاهه جي ڪلام ۽ فلاسافيءَ تي ڳالهائي سگهي ته ان کي وٺيو اچج. سڀني مهمانن لاءِ پتشاهه تائين سواري، رهڻ ۽ کاڌي جو انتظام رکيو ويو آهي. ڊاڪٽر شيخ ابراهيم "خليل" کي ان جي چارج ڏنل آهي. مهرباني ڪري احوال موڪلج ته ڪڏهن ايندين، ۽ ڪير پاڻ سان آڻي رهيو آهين. پنهنجي تقرير لکيو اچج.

---

(3)

قلات

27- مئي، 1951ع

هي خط توکي ان جاءِ تان لکي رهيو آهيان، جتي اسان جا ماڻهو گهٽ ايندا آهن. بهرحال، بلوچستان جي وچ ۾ موجود آهيان. هن گشت جي دوران آءٌ ڪوئيٽا ويو هوس، جتي اسان جي وزير اعليٰ بلوچستان ۽ قلات ڪي پاڻي ڏيڻ بابت ميٽنگ ڪهرائي هئي. اتان موقعو وٺي، زيارت ويس. شايد تون زيارت آيو هجين، مستونگ ۽ قلات نه ڏٺا هجنئي. هي ملڪ آبهوا ۽ نظارن ڪري مون کي پسند آيا آهن. باوجود ان جو جو چوڌاري جبل بي گياهه آهي، قدرتي واهين مان پاڻيءَ تي باغن جي آبادي آهي. سڀ ڪان وڌيڪ خوبصورت مڪان خان قلات جو محلات آهي. هن جو باغ ۽ محلات سٺي نموني رکيل آهن. پر ۾ مسجد آهي. سون قسمن جي گلاب ۽ پين گلن جا گل ان جي خوبصورتي وڌائين ٿا. ڪڻڪ جو فصل اڃا ڪچو آهي. پاڻي شفاف آهي. آبهوا راحت بخش آهي. خانصاحب جسير ۽ عمدي اخلاق جو ماڻهو آهي. مهذب ۽ خوش مذاق آهي. سٺن خيالن جو ماڻهو آهي. هن جي مجلس معلومات ۾ اضافو ڪندڙ آهي. شادي هڪ اٿس. ڪنهن وقت ڪيس ملج. سپاڻي هتان نڪري، مستونگ ۾ رات رهندس، جو بلوچستان جو مرغزار سڏجي ٿو. قدرتي واهين تي آبادي ٿيندڙ آهي. اتان ڪوئيٽا اچي، هوائي جهاز ۾ چڙهي، ڪراچيءَ روانا ٿينداسون. کهڙو صاحب به فيمليءَ سان گڏ جهاز ۾ گڏ هوندو.

(4)

هوٽل ڊيمورن، روم

23- جون 1951ع

ڪراچيءَ مان 21- تاريخ ساڍي اٺين بجي جهاز ۾ سوار ٿي، 6 بجي شام جو قاهره پهتاسون. سيٺ ستار، پاڪستان جو سفير، پنهنجي معمولي لباس ۾ هوائي اڏي تي موجود هو. هڪ ننڍي موٽر به هيس. 10 ميل پنڌ ڪري، هوٽل مئنرو پئلس ۾ اچي رهيس. هي هوٽل نئين قاهره ۾ آهي، جنهن ۾ نيون ۽ پر رونق عمارتون ۽ وڏيون سڙڪون، وڻن ۽ سبزيءَ سان ڇانيل آهن. شام جو

پئرامڊ ڏسڻ وياسون، جتي فرعون جو مدفن هو. قلعو، محمد علي مسجد ۽ جامع اظهر ڏٺم. امام حسين جي سر مبارڪ جي مقبري جي زيارت ڪئي ويئي. بازاريون، يونيورسٽي، هوٽل سراميس ۽ نيل درياءَ جو سير ڪري، وري اچي پنهنجيءَ هوٽل ۾ آرام ڪيم.

صبح جو سادي پنجين بجي هوائي جهاز ۾ سوار ٿي، روم ڏي رمياسين. جبل ويسوويس، نيپلس جي شهر لڳ آهي. ان مان دونها نڪرندا ڏٺاسون. 11 بجي روم پهتاسون. ايئروڊروم تي هڪ پاڪستاني ڪلارڪ موجود هو، ۽ هڪ اسٽاف ڪار هئي. نه منسٽر، نه سنڌس سيڪريٽري. هوٽل ڪئبنرنيال ۾ ترسيس. شام جو سير تفريح لاءِ نڪتس. هي شهر يورپ جي وڏن شهرن سان وسعت ۽ نزاڪت ۾ برابر آهي. ان ۾ آثار قديمه جا نشان ۽ مڪان موجود آهن. شهر سنڌس قدامت ۽ جدت جي اختلاط سبب دلچسپيءَ جو مرڪز آهي. شهر مٿانهين ۽ هيٺانهينءَ تي آهي. وچان ٽائبر ندي وهي ٿي، جا پلين رستي شهر کي ڀڳنديو چڙي. ماڻهو سياهه چشم ۽ سياهه زلف آهن، جنهن ڪري اسان جي معيار واري حسن جي حلقي ۾ داخل ٿي سگهن ٿا. معاشري زندگي يورپ جهڙي اٿس. سنڌن سڪو اسان جي پائيءَ جيترو آهي، هر شيءَ ونڻ تي سون ۽ هزارن ۾ اُهو ڏيڻو ٿو پوي، ڳڻڻ ئي مصيبت آهي. ڪالهه پوپ صاحب جي حڪومت جي اِيراضي گهمي ڏٺيسون. جنهن کي 'وئيٽڪن' سڏين ٿا. ان جو عجائبخانو نهايت عمدو آهي. اڌ ميل ۾ هڪ طرف ورانڊو اٿس، هلي هلي ٿڪجي پياسون. ڪالهه شام جو 22 ميل پري، تريوليءَ جو شهر ڏٺوسون. پهاڙ جي پير ۾ آهي، جتي به هزار فوهارا لڳل آهن، جي مغلن جي ڪشمير وارن فوهارن کي به شهه ڏيو چڙين. پُر فضا منظر آهي.

24- تاريخ شام جو لنڊن ويندس.

## (5)

لنڊن

5- جولاءِ، 1951ع

اميد ته روم مان موڪليل خط توکي پهتو هوندو. هاڻ لنڊن جو احوال ٻڌايان ٿو. هتي 24- تاريخ پهچي، دوستن سان گڏ، سينٽ جيمس هوٽل ۾ رهيو آهيان. هن

وقت تائين برٽش ميلو ۾ ٻيون دلچسپ جڳهيون ڏٺيون اٿم. ونڊسر قلعو به ڏٺم اٿم. ايٽن اسڪول ۾ هئمپٽن ڪورٽ به ڏٺم. ڪئمبرج يونيورسٽي ڏسي نه سگهيس. آڪسفورڊ يونيورسٽي اڳي ڏٺل اٿم. لنڊن جي ڀرواري شهر کان وڌيڪ خوبصورت آهي. اسان جي رهائش جي وقت آبهوا سٺي رهي آهي. هزارها ماڻهو سج ۾ ٻاهر نڪريو. ٿيمس درياءَ ۾ وهنجن. بهاريءَ جي موسم گذري وڃڻ جي باوجود سبزو گهڻو آهي. چمن اجا تائين رونق لايو بيٺا آهن. پارليامينٽ ڏسڻ ويس، ڪجهه وقت ان جي ڪارروائي به ڏٺم. آءٌ توکي يقين ٿو ڏياريان ته سنڌ اسيمبلي، باوجود ڪن خامين جي، هن کان وڌيڪ پُر وقار هئي. هائوس آف ڪامنس جمهوريت جي خامين کان خالي نه هو- تقرير جي آزادي ڪنهن وقت حد لنگهي وڃي ٿي. هائيڊ پارڪ جون تقريرون آزاد خياليءَ جي حد ڏيکارين ٿيون. بهرحال، سڀ جي باوجود، تنظيم ملڪ جي خاص خصوصيت آهي. هزارها موٽرون هارن وڄائڻ کان سواءِ، نهايت باضابطگيءَ سان ٻيون هلن. قيمتون گران آهن، پر انگريز پيا گذر ڪن. هوٽل گهڻا، پر ڪاڏو وافر نه آهي. گذريل رات پاڪستان جي مالي وزير، برٽش ايڪس چيڪر جي چانسلر ڪي دعوت ڏني هئي، ان ۾ شرڪت ڪيم. گهڻن وڏين انگريزن شخصيتن سان ملڻ جو موقعو مليو. هنن کي پاڪستان سان همدردي آهي، پر سندن بين الاقوامي مجبوريون اسان جي ڪشمير واري سوال تي کين مدد ڪرڻ کان روڪي رهيون آهن.

هتي شاهي ڊاڪٽر، سر جان ويئر، جي زير علاج آهيان. ڪجهه افاقو ٿيو آهي. سياٽي لنڊن ڇڏي پئرس لاءِ روانو ٿيندس، جتي ڪجهه وقت رهي، پوءِ الهندي جرمني ويندس. اتان سئٽزرلنڊ، اٽلي ۾ مصر گهمي، 22- جولاءِ ڌاري ڪراچيءَ موٽندس.

ٻيو خط زورق مان لکندس.

## (7)

زورق، سئٽزرلنڊ

15- جولاءِ، 1951ع

هڪ خط روم مان ۾ هڪ خط لنڊن مان لکيو اٿم. اميد ته پهتا هوندا.

هن وقت زورق ۾ آهيان. دريءَ جي سامهون وينو آهيان. چانهه جو اسباب پرتڪلف نموني سان اڳيان موجود آهي. هر طرف کان مختلف قومن جا ماڻهو، جدا جدا زبانن وارا، گهمي ڦري رهيا آهن. ٻن ڏينهن جي بارش بعد اڄ سج نڪتو آهي، جنهن ڪري هاليڊي ٿي پيو آهي. دريءَ جي سامهون هڪ وسيع سبز لان آهي، جنهن جي وچ ۾ ڦوهارن جي ڏار تالاب جي سطح کي سوراخ ڪري رهي آهي. سرو ۽ سنبل جا وڻ لان جي ڪنارن کي ڪناريءَ جو زيب بخشي رهيا آهن. دور کان سبز پهاڙ نظر اچي رهيا آهن، جن جي چوٽين تان گهڻي برف تہ ڳري چڪي آهي، پر اڃا بہ سفيد ڏارَ ميناڪاريءَ جو ڪم ڏيئي رهي آهي. هلڪا هلڪا بادل، سياهہ جبل ۽ سائيءَ ساوڪ کي بغلگير ٿيندا، بوسيبازي ڪندا، هلندا رهن ٿا. هينئان زورق جي ڍنڍ آهي، جا اٽڪل 15 ميل ڊگهي ٿيندي، ان جو نظارو بہ هن دري مان ڪمال لطف ۽ گهڻيءَ مسرت جو باعث آهي. جهيل جي بلوري سطح تي، مختلف لانچن کان سواءِ، جيڪي ڪشتيون سفيد، سرخ بادبانن سان تري تنبي رهيون آهن، انهن جو نظارو دلڪش ۽ دلفريب آهي. ڍنڍ جي ڪناري سان وڻن جون قطارون آهن ۽ هڪ لنبو سبزگاهہ جو پٽو وچان وڃي ٿو، ۽ ڪنارن کان تارن تي بيٺل گلاب جي جهالر اٿس. گلاب بہ هن وقت پنهنجي جوانيءَ جي جوش ۾ ٿو ڏسجي. خوشبوءِ تہ خير اٿس، پر رنگينيءَ ۾ بيمثال آهي. سورج جي روشني ۾ صنف نازڪ، پنهنجا گرم ڳدلا بر طرف ڪري، رنگين ۽ سنهي سلڪي لباس ۾ ملبوس، ڪناري ڪناري، خرامان خرامان نظر اچي ٿي. ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي تہ هي انسان دنيا وما فيها کان بيخبر، پنهنجي عيش عشرت ۾ مستغرق آهن. مگر جيڪڏهن ڪنهن سان تعارف بعد گفتگو ڪجي ٿي تہ معلوم ٿئي ٿو تہ هن دنيا جي گوناگون اُمورن ۽ پيچيدگين جي زد کان ڪوبہ بَري نہ آهي. هر ڪنهن کي هن دار دلبريءَ ۾ بہ درد جو ڪونہ ڪو قطرو دل ۾ آهي. جنگ جو خوف، مالي حالت جي بي ثباتي، هر زندگي جي ضروري شي جي قيمت جي گراني وغيره، ان جا اسباب آهن. مگر باوجود انهن اندروني انتظارن جي، بيروني فضا پُرسڪون نظر اچي ٿي، جا حالت انگلنڊ، فرانس، توڙي جرمنيءَ جي رهاڪن ۾ نظر نٿي آئي. جرمنيءَ ۾ مون ٽن ڏينهن ۾ قريباً ڇهہ سؤ ميل موٽر ۾ سفر ڪري، ملڪ جي حالت ڏٺي. شهرن جي حالت ذري گهٽ تباهيءَ کي پهتل هئي،

پر ڀهراڙين جي حالت بدرجها بهتر ۽ پر رونق ڏسڻ ۾ آئي. رائين نديءَ جي ڪناري، ڊنسبرگ کان فرئنڪفورٽ تائين سفر ڪيم. ڪئين ڳوٺ ۽ شهر ٽن سون ميلن اندر ڏٺم. ڪارخانا ۽ فئڪٽريون گهميس. ماڻهن ۾ وري جان آيل ڏسجي ٿي. رات ڏينهن محنت ۾ مستغرق آهن ته وري اڳوڻي اوج کي پهچن. ڏسجي ائين پيو ته هيءَ قوم سندس تباهه ٿيل حالت کي جلد سڌاري، دنيا جي ٻين قومن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي هلڻ جي لائق بنجي ويندي. اسان سان ٻه ڏاڍا قرب ڪيائون، جي روبرو ٻڌائيندس. اچ ميلان (اٽلي) ڏانهن ريل رستي وڃون ٿا. سئٽزرلينڊ جو بيو پُرفضا شهر ليزرن ڏسي چڪا آهيون. وقت پرچي آيو آهي. آلپس جبلن کي عبور ڪري، اڄ شام جو ميلان پهچنداسون. ٻن ڏينهن رهڻ بعد، روم ويندا سون. وري قاهره مان بيو دفعو ٿيندا. 22- جولاءِ، 9 بجي رات جو ڪراچيءَ ايندا سون.

---

## سال 1952ع

(1)

[پراگ، الڪيون هوٽل ۾، لنڊن مان تار ٿو موڪلي ته 25- اپريل 1952ع تي پهچندس، اُتي ملج.]

(2)

مئڊرڊ

8- جون 1952ع

مون کي تنهنجو هئمبرگ مان 5- تاريخ جو لکيل خط پهتو. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته تو اجا فيصلو نه ڪيو آهي ته سئٽزرلينڊ وڃين يا اسپين اچين، تو سئٽزرلينڊ اڳي ئي مختصر طور ڏٺو آهي، چار- پنج ڏينهن سئٽزرلينڊ لاءِ ڪجهه نه آهن. اهو ملڪ نهايت خوبصورت نظارن سان پريو پيو آهي، انهن کي پوريءَ طرح ڏسڻ لاءِ مهينو کن کپي. جيڪڏهن توکي وقت ٿورو آهي ته بهتر آهي ته اسپين اچي ڏس، جو اڳي ڪونه ڏٺو اٿئي. خدا کي خبر، وري ڪڏهن ڏسين!

تو خط ۾ پنهنجي پئسي کپي وجڻ جو ذڪر ڪيو آهي. جيڪڏهن هن طرف ايندين ته آءٌ هتي جا خرچ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، ان واسطي انتظار جو ضرور نه آهي. تون مئڊرڊ ۾ منهنجو مهمان ٿي رهج. آءٌ ڪوشش ڪندس ته توسان گڏجي اسپين جا ٻيا شهر به هلي ڏيکاريائين، جي مون به نه ڏٺا آهن. آءٌ هتي سفارتخاني کي درست ڪرڻ ۾ مشغول آهيان، پر ڪوشش ڪري، وقت بچائي، اسپين جو مکيه حصو توکي ڏيکاريندس. اميد ته مٿيون لکڻ توکي اسپين ڏسڻ لاءِ ڪافي حرص ڏياريندو. جيڪڏهن ائين اسپين نه ڏسڻ گهرين، ته گهٽ ۾ گهٽ مون سان ملڻ ۽ منهن ڏيکارڻ لاءِ اچ ته ملاقاتون ڪريون. اميد آهي ته رئيس صاحب جڏهن بارسيلونا موٽندو ته مون کي ضرور ملندو. هن کي يورپ، مون سان ملڻ کان سواءِ نه ڇڏڻ گهرجي. ڪيس اهو پيغام پهچائج. اميد ته مون کي نا اميد نه ڪندين، ۽ ضرور هيڏانهن ايندين.

ماپي. افسوس آهي تہ مغربي مايہ نازن کي مشرقي سُرمي سينگار جي ڪل ڪانهي، ورنہ اوهين خود سندن ڪارين ڪڪورين اکڙين ۾ ڪَجل جي ڪاني ڏسي، هوند شاهہ لطيف جي 'مومل' سان مشابهت ڏيوس:

گجر ڪي گجميل جون، تارن ۾ تبرون،
هٽي حاڪمن ڪي، زور پريون زبرون،
ڪاڪ ڪنڌيءَ، قبرون، پَسو پرڏيهين جون!
(شاهہ)

وسيهڙ وارن، ڪنڌڙن ڪارن جو بہ هتي خير ڪو قدر آهي. وارَ ڪياڙيءَ تائين ڪپائي، ڳيرو جوان بنجڻ هنن کي وڏيڪ پسند آهي. توهان خود ان کي اهڙو اشارو ڪيو هو. پر بيسود ۽ بي اثر. افسوس جو 'گُجر' بہ ساڳيو گَس ورتو آهي، مگر ساڳيءَ حد تائين نہ. مون توهان جي مضمون جي مطلب جي تشريح ڪئي. سُنَ ۾ پنجي چيائين تہ 'جي انهيءَ وٽ جو مشرق ۾ قدر ۽ قيمت آهي، تہ اڄ ڪان واعدو آهي تہ ڪارا ڪاڪل ڪلهن کي ڪمر تائين ڏسجو!' توهان کي وري ڏسڻ جو شايد موقعو نہ ملي، مگر تصوير جي معرفت پنهنجيءَ تلقين جو جادو اثر جي انداز کي معلوم ڪري سگهندؤ. ڊسمبر تائين انتظار ڪرڻو پوندوَ. پوءِ توهان ضرور "حافظ" جي هيءَ مصرع ورد ڪندا:

ڪي دهد دست اين غرض، يا رب ڪہ هم دستان شوند،
خاطرِ مجموعي ما، زلفِ پريشانِ شما.

مئدرڊ جو ميدان ڇڏي، سرسبز واديون ۽ سربلند جبل جهاڳي، 12- جولاءِ تي سين سباشين ۾ پهتو آهيان. فلڪ نما ۽ پُرفضا مڪان ۾ مقيم آهيان. پٺ ڪان ساوا ۽ سرسبز پهاڙ، اڳيان بسڪي جي اُپيٽ جي نيلي پاڻيءَ جون نهرون، ڪناري تي هزارها انسانن جي نيم برهنگيءَ جو نظارو، بيڙين ۽ ٻيڙين جي جهڳمڳ ۽ جهرمر، جوڙي پنيان جوڙي بغلگير تي صبح شام سمنڊ جي ڪناري تي سير ۽ تفريح، ساز ۽ سرود، رقص ۽ رباب جي هر رات هونگ ۽ هلاچو، قلب جي سڪون کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏين. ڪنهن مهل اچل اچي تي تہ ڪٿي "حافظ" جي هدايت تي عمل ڪريان: چوي ٿو تہ:

دمِ فرصت غنيمت دان و دادِ خوشدلي بستان،
بسي گردش ڪند گردون، بسي ليل و نهاو آرد.

ليڪن جڏهن هن دنيا جي ناپائداريءَ، انسانن جي تلون مزاجيءَ، حسينن جي بيرخيءَ ۽ جوانن جي جلد بازيءَ جو جائزو ونجي تو تہ شاهہ لطيف اچيو سامهون بيهي ۽ چوي:

پَسي ڳاڙها گل، متان ڪا چانگي ڪي چاري!
ولڙيون وهہ وهاتيون، متن موريا ڦل
متان ڪا چانگي ڪي چاري!

منهنجي تجربي مون کي ان ڳالهہ تي آماده ڪيو آهي. لطيف جي لات ۾ وڏي ذات آهي. گوشي نشينيءَ ۾ گذارڻ هن زندگيءَ جي اوڙاهہ ۾ اٽڪڻ کان گهڻو بهتر ڪر آهي. اوهان جي جا هدايت آهي؟ - "حافظ" جو چيو ونجي، يا "لطيف" جي نصيحت تي هلج ي؟

پير محفوظ صاحب ۽ امداد علي شاهہ تشريف فرما ٿيا آهن. انهن جي خدمت جو ارادو آهي. ڪين فرانس جي فردوس سان بہ روشناس ڪرايو ويندو، ڇوتہ فرانس جي حد هتان فقط 15 ميل آهي. مائونٽ ايگلڊو ۽ مائونٽ الايا جو بہ ڪين سير ڪرائبو. پلي قدرت جا نظارا ۽ عبرت خيز منظر ڏسي محظوظ ٿين. هتي چار ڏينهن هوندا. اندلس تہ نہ ڏنائون، نہ تہ اندلس جي چمن جي چنساليءَ جو قدر پوين ها. تڪڙا آهن، پلي انگلينڊ جي جنت نشان مڪانن ۽ محفلن جي لذت ونن.

سين سباشين، اسپين جي هِل اسٽيشن (Hill station) ۽ سَمر رزارٽ (Summer resort) آهي. بسڪي جي اُپيٽ جي ڪناري تي واقع آهي. پُٺ کان جبلن جون قطارون اٿس. جن جي ساوڪ ۽ سبزي، ميوا ۽ گل سڄيءَ فضا کي بهشت برين بنايو ڇڏين. پائين جا پيلا، سفيدي جون صفون، فر جا جهڳٽا ۽ زمردين فرش، اکين کي تازگي ۽ دل کي فرحت بخشيو ڇڏين. ازان سواءِ ڪيترن ميلن تائين فئڪٽريون پکڙيون پيون آهن، جن ۾ لوهہ، پتل، تامي وغيره ذاتوءَ مان هر شيءِ نهي ٿي- جهڙوڪ مشنري، هٿيار، ڪپڙي جون مشينون، مشين گنون، بم، ڪپڙو، صابڻ، ڪاغذ وغيره. منهنجو مڪان شهر واري اُپسمنڊ جي وچ م ۽ ڪناري تي واقع آهي. سامهون هڪ وسيع بِيچ (beach) اٿس، جنهن ۾ سڄو ڏينهن زالون، مرد ۽ بار ترندا ۽ تڙڳندا نظر اَچن ٿا. اڄ جنرل فرئنڪو بہ هتي آيل آهي. هاڻ بيڙين جي ريس (race) جو تماشو ڏسبو. گهڻو ڪري ماٺهو

هتي عيش ۽ آرام لاءِ ايندا آهن. شيون سو مهانگيون آهن، پر عشرت جو سڀ سامان موجود ۽ ميسر آهي. رڳو خريدار ۾ دم هجي.

اوهين پنهنجي خيريت ۽ ملڪ جي حال احوال کان واقف ڪندا رهندا. هن خط کي سنڀالي رکجو. تڪڙ مان لکيو اٿم، اکر خراب ۽ پنو خراب اٿس.

رهـي اڄجـي راتـڙي، تـن وايوڙيـن وٽـان،
جن کي سڪ سرير ۾، گهڻ منجهاران گهاءَ،
لڪـائي لوڪـان، پـاڻهي بـڌن پٽيـون.

22- سيپٽمبر تائين هتي رهندس، پوءِ مئدرڊ ويندس. پير محفوظ ٻن ڏينهن بعد ويندو. ڪالهه مائونٽ ايگلڊو ڏسي؛ حيرت ۾ پئجي ويو.

[نوٽ: پير محفوظ واپس اچي سندس مهمان نوازيءَ ۽ خاطر تواضع جو اهو بدلو ڏنو، جو وزير اعظم خواجه ناظم الدين تي، پاڪستان جا سفير ڪهڙا مزا ونن ٿا، تنهن جو ذڪر ڪري، خراب اثر ويهاريائين. هن خط سندس دلي تذبذب جو پتو پوي ٿو: ايپيڪيورن نظريه حيات ۽ اسٽوئسزم نظريه حيات، ٻيئي سامهون اٿس- ڪنهن تي عمل ڪري؟]

## (4)

بيوني، فرانس

5- سيپٽمبر 1952ع

اڄ هتان فرانس جي خوبصورت مڪان تان خط لکي رهيو آهيان. مون خط لکيا آهن، پر جواب ڪونه پهتو آهي. ٻ- ٽي خوبصورت جڳهيون گهمي، وري سين سباشين موٽي ويندس. 'ايسابيل' مون سان گڏ آهي. توکي سلام موڪلي ٿي.

## (5)

سين سباشين [اصل انگريزيءَ ۾]

22- سيپٽمبر 1952ع

ارمان آهي ته منهنجي اڳئين سنڌيءَ ۾ لکيل خط ۾ جواب نه ڏنو اٿيئي، جو خط مون تنهنجي خط جي جواب ۾ موڪليو هو. شايد پهتو نه اٿئي. مون عيد ڪارڊ بزارتا (فرانس) مان موڪليو هو، جو هتان هڪ ڪلاڪ پنڌ تي آهي.

تون هتي رهڻ جي زماني جي مشغولين جو احوال معلوم ڪرڻ چاهيندو هوندين. سين سباشين، اسپين سرڪار جو، اونهاري جي گاديءَ جو هنڌ آهي، جتي سرڪار سفارتخانن سميت جولاءِ، آگسٽ ۽ سيپٽمبر ۾ ويندي آهي. اهو شهر صوبي جو هيڊ ڪوارٽر آهي، جنهن صوبي جو نالو بسڪ آهي. هيءَ جاءِ جبلن ۽ ساوڪ جي ڪري خوبصورتيءَ ۾ مشهور آهي. هتي طرح طرح جا صوف ۽ ٻيا ميوات ٿئي ٿي. شهر بي آف بسڪي (Bay of biskey) جي ڪناري تي اڏيل آهي، جتي عمدو بيچ (Beach) سورج جي روشنيءَ سان وهنجندڙن جي آرام لاءِ موجود آهي. ريگٽا نالي ٻيڙين جون هتي ريسون ٿين ٿيون، جن ۾ ماڻهو گهڻي دلچسپي وٺن ٿا. فرانس هتان 20 منٽن جي پنڌ تي آهي، جنهن جي ڪيترين ئي خوبصورت ۽ دلچسپ جڳهين ڪي هتي رهائش جي وقت ۾ ڏٺم اٿم- جهڙوڪ سينٽ جين ڊيلوز، بزرتا، بايان، اوريٽز وغيره. اهو ڳوٺ سڀ بي آف بسڪي تي، فرانس ۾ اڏيل آهن.

جتي ماڻهو تفريح لاءِ ويندا آهن، بزرتا انهن مان سڀ کان وڌيڪ دلچسپ ۽ پرمنظر آهي. تازو اتي هوٽل دي پئليس ۾ (جو نيپولين سندس اونهاري جي رهائش لاءِ محل اڏيو هو)، ڊيوڪ ۽ ڊچيس آف ونڊسر جي اعزاز ۾، فينسي ڊريس جو انتظام ٿيل هو. آءٌ به ان موقعي تي اتي هوس. ڊيوڪ ۽ ڊچيس، رهندڙ به اتي ئي هئا. اها عاليشان عمارت خوبصورت ۽ جڙادار فرينچر سان سجايل هئي. ناچ جي رات ان ڪي خوب سينگاريو ويو هو. دنيا جا شاهوڪار ان ڊانس ۾ عجيب غريب لباسن ۾ حصو وٺي رهيا هئا. انهيءَ مان يورپ جي خوشحاليءَ جو اندازو ٿي سگهيو ٿي.

فرانس کان علاوه، بي آف بسڪي جي اسپين وارين ڪيترين اهميت وارين ۽ دلچسپ جاين تي به ويو آهيان. جيئن ته اوريز، زروز، همايا، ديوا، ايبار. سيني جاين تي عيش آرام لاءِ هاليڊي تفريحگاهون ٺهيل آهن. ايبار فئڪٽرين سان پريو پيو آهي، جتي ڪپڙي سبڻ جون مشينون، بائسڪلون، هٿيار، عمارتي سامان وغيره ٺهن ٿا. مطلب ته سارو بسڪ جو صوبو اسپين جي فئڪٽرين جو مرڪز آهي. مون کي هر هنڌ گهمايو ويو ۽ مهماننوازي ڪئي ويئي. ٻه هفتا اڳ هڪ شهر، پمپلونا جبل تي، نديءَ جي مٿان اڏيل، ڏسڻ جو موقعو مليم، جنهن جي چوڌاري سبز وادي ڦڪڙي پيئي آهي. اوو اسپين جي

نوارا صوبي جو هيڊ ڪوارٽر آهي. ڪجھ ڏينهن ٿيا تہ عيسائين جي مشهور جيزسٽ فرقي جو مرڪزي ادارو ڏسڻ ويس. لويالا ۾ هنن جي مصر جي الازهر يونيورسٽيءَ جي طريقي تي هڪ وڏي يونيورسٽي نهيل آهي، جا اسلامي ملڪن ۾ ڪرشچنٽي ڦهلائڻ لاءِ مرڪز طور ڪم اچي ٿي.

سين سباشين ۾ پاڪستان جي پنجين يوم آزاديءَ جي موقعي تي هڪ وڏي دعوت ڏنيم، جتي وزير، آفيسر، سفير ۽ شهر جي مکيہ ماڻهن کي گهرايو ويو هو. اهو فنڪشن نهايت ڪامياب ٿيو. سڀ ڪنهن کي خبر پيئي تہ پاڪستان بہ هڪ اهم ملڪ آهي. ان موقعي تي نڪتل فوٽو ملاحظي لاءِ موڪليان ٿو. مون هتي بہ 'اسپين ۽ پاڪستان ڪلچر ائسوسيئيشن' جي شاخ کولي آهي. منهنجي ڪلچرل اٽيچي، عزيز بلوچ، پاڪستان جو راڳ عمدي انداز ۾ حاضرين کي ٻڌائي گهڻو خوش ڪيو. انهيءَ ڪيترن مشرق ۾ دلچسپي وٺندڙن کي پاڪستان جي معلومات لاءِ دلچسپي وٺڻ تي راغب ڪيو.

هتي هڪ فلاسافر، ڊان ميراوريٽر جو ذڪر ڪرڻ بہ دلچسپيءَ کان خالي نہ ٿيندو. هن کي مشرق جي روحاني معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ خاص دلچسپي هئي. ٻي هڪ ليڊي بہ ساڳئي خيال ڏنم، جنهن جو نالو سيفريتا مونيڪا آهي، جا چليءَ جي سفير پنهنجي گود جي ڌيءَ ڪئي آهي. باوجود جوان هئڻ جي، مسٽيزم، تصوف ۽ رهبانيت جي گهڻي ڄاڻ هيس. هوءَ هن فاني دنيا کان عالم جاودانيءَ جي علم حاصل ڪرڻ طرف گهڻو مائل هئي.

منهنجو خط ڊگهو ٿي ويو آهي، تنهن ڪري ان کي ختم ٿو ڪريان. سين سباشين ۾ قيام جو ٽائيم جلد پورو ٿيندو. ڪيترا سرڪاري دفتر مئڊرڊ وڃي رهيا آهن. آءٌ 26- تاريخ هتان نڪري، بلبو ڏسي، 27- تاريخ مئڊرڊ پهچندس. خط لکين تہ اتي لکج. پنهنجي يورپ جي سياحت جي احوال مان واقف ڪج. وحيد ۽ اسابيل جا سلام پهچن.

(6)

اندلس، سيويا

15- آڪٽوبر 1952ع

هن پراڻي پٽ کي خيرباد چئي، ڪاڊيز رستي، جبرالٽر وڃان ٿو. اوهان

سان گڏ جيڪي پراڻا ٽاٽا ۽ ٽاڪ ڏٺاسين، اتان آديسي اڻي ويا ٽا ڏسجن. نہ اهي ميچر نہ مگريون، نہ اهي سڳر نہ سهيليون، نہ اها رونق نہ رنگ، نہ اهو ڊول نہ ڍنگ ڏسڻ ۾ آيو. پڇا ڪرڻ بعد معلوم ٿيو تہ اهي پکي پرواز ڪري، خزان جي خوف کان، اتر طرف وڃي رهاڪو ٿيل هئا. انهن پرديسي پکين جي آمد بهار جي رُت ۽ اونهاري سان جڙيل آهي. اپريل ۾ بهار جي فيسٽا ٿيندي آهي، ان ۾ اهي سڀ رنگ رچندا آهن. حياتي هوندي، ۽ جي ڀاڳ پڙايو تہ اپريل ۾ هي ماڳ نظر مان ڪڍبا.

هتي رات ّهڪ ڪانفرنس ڪري، "اسپين- پاڪستان ائسوسئيشن" برپا ڪئي ويئي. اخبارن ۽ ريڊيي ذريعي پاڪستان جي خوب پروپئگنڊا ڪئي ويئي. ڪانفرنس نهايت ڪامياب ٿي [عزيز] بلوچ صاحب اندلسين کي عجب ۾ وجهي ڇڏيو. وحيد ۽ آخوند مون سان گڏ آهن.

جبرالٽر ۾ تارڪ جا ٽاٽا وجي ڏسنداسون. وري ملاڳا مان ٿيندا، ڪارڊوا ۾ منهن وجهنداسون. اوهين خبر نہ آهي تہ ڇو خطن جو جواب نٿا موڪليو. کهڙي ڏنڌي ۾ مشغول آهيو؟ طبيعت نيڪ نہ اٿم، تہ بہ گشت ڪريان پيو. الله سائ ڏيندو.

## (7)

مئڊرڊ

24- آڪٽوبر 1952ع

اوهان جا قرب ڀريا ڪاغذ 30- سيپٽمبر ۽ ?- آڪٽوبر جا لکيل پڙهي، تعجب ۾ پئجي ويس تہ هڪ سيد سڳورو، نہ اسڪول ويو نہ ڪاليج ڏنائين ۽ نہ يونيورسٽيءَ جي ماحول مان واقف، جنهن جو خاندان ۽ ڪٽنب اڄ بہ پراڻي رسومات جي زنجير ۾ جڪڙيل آهي، سو نہ فقط يورپ جو سير ڪري ٿو، پر دنيا جي مختلف اقوام جي سياسي، معاشرتي ۽ اقتصادي زندگيءَ جي معائني لاءِ منتخب ڪيو وڃي ٿو!

اپريل، مئي، جون ۽ جولاءِ تہ رشيا جي مغربي يورپ جي معائني ۽ مطالعي ۾ گذاريائين، مگر حيرت جي حد نہ رهي تہ آگسٽ ۽ سيپٽمبر وطن ۾ رهي، وري مشرق جي ڏورانهين، عجب العجائب ملڪ ۾ وڃي پهتو آهي.

اوهان جي بارن ٻچن کان اوهان پڇيو آهي تہ سندن دل ۾ ان لاءِ ڇا گذرندو هوندو. بهرحال، اميد اٿم تہ اوهين جلد واپس وطن وري ٻچن سان وڃي ملندا.

اوهين مهرباني ڪري جذبات کان ڪم نہ وٺندا، بلڪ پنهنجي عقل سليم کي رهبر ڪندا. پرايون ماڙيون ڏسي پنهنجين پونگين ڊاهڻ جو ڪم نہ ڪندا! بيشڪ پنهنجن تجربن کي عملي جامي پهرائڻ جي ڪوشش ڪريو، مگر اهڙي طريقي سان، جيئن وقت، مقام ۽ حالات جي تقاضا هئڻ گهرجي. قومون هڪ لمحي ۾ نہ نهنديون آهن- جيئن ڪو زيور ڪاڻ مان نڪتل سون مان يڪدم نہ نهندو آهي، پر ان کي ڪيترن ئي مدارج مان لنگهي، پوءِ زيور جي شڪل وٺڻي پوي ٿي. اوهين بہ انهن تجويزن کي ذهن ۾ رکي، پنهنجي طرزِ عمل جو پروگرام بنائيندا تہ بهتر ٿيندو. گهر ٻار جو اوهان تي اولين حق آهي، ان کي فراموش نہ ڪندا.

اڄ هڪ خط جبرالٽر مان لکي چڪو آهيان. جبرالٽر، ملاگا ۽ ڪارڊوا جو سير ڪيو اٿم. ياٿي پرتاب ۽ دولت جي ياٿرن گهڻي خاطرداري ڪئي. ڪجهہ بيچاڪ آهيان، الله شفا ڏيندو. وڌيڪ احوال پوءِ موڪليندس. سينسر جي ڊپ کان هي خط عبدالهاديءَ جي معرفت موڪليان ٿو.

(8)

پاڪستان ائمبسي، مئڊرڊ

18- نومبر 1952ع

اوهان جا چين مان لکيل بہ خط پهتا هئا، جن جو جواب بروقت ڏنو هوم، جو مليو هوندو. اميد تہ هن وقت تائين اوهين وطن پهچي چڪا هوندا. وري سياسي ڪمن ۾ مشغول ٿي ويا هوندا. مستقبل کي استوار ڪرڻ ۾ ڪو سوچي سمجهي قدم کڻندا. ابهرائيءَ کان ڪم نہ وٺندا. دين محمد (گورنر) جي رواني ٿيڻ بعد، سنڌ جي سياست يا نظام حڪومت ۾ ڪهڙو ڦيرو آيو آهي، ان کان واقف ڪندا. اڄ 8- ڊسمبر تي لنڊن ويندس، جتان هڪ هفتي جي قيام بعد، 16- تاريخ، ڪراچيءَ روانو ٿيندس هڪ ڏينهن قاهره ۾ رهي، 18- تاريخ ڪراچي پهچندس. اميد تہ اوهان سان ملاقات جو موقعو ملندو.

جبرالٽر، ملاگا ۽ ڪارڊوا جي گشت تان موٽڻ بعد زڪام ۽ کنگهہ جي

تڪليف ٿي هيم. هاڻ بهتر آهيان. هتي هاڻي سرديءَ منهن ڪڍيو آهي. سچ ڪنهن مهل ظاهر ته ڪنهن مهل گم آهي. هن وقت فلئٽ مسواڙ تي وٺي ان ۾ رهان ٿو. پنهنجي گهر جي ماني مس مس ٿي آهي. اسابيل گهر جي انتظام جي حوالي آهي. جيستائين فيملي مئڊرڊ پهچي. جاءِ ملڻ بعد. خيال آهي ته ٻارن کي وٺي هيڏانهن اچان. گهر جو انتظام انهن کان سواءِ نيڪ نه ٿيندو. مهينو ٿيو آهي ته موڪل لاءِ لکيو اٿم. پر اجا جواب ڪونه آيو آهي.

(9)

مئڊرڊ

22- نومبر 1952ع

هڪ خط اوهان جي خط کان اڳ لکيو اٿم. جنهن ۾ اوهان جي خاموشيءَ تي افسوس ظاهر ڪيو اٿم. پر ٻن ڏينهن کان اوهان جا ٻه خط مليا. خوشيءَ ۾ نه پئي ماپيس. آخوند. بلوچ. وحيد ۽ اسابيل سان انهن خطن جو لب لباب بيان ڪيم.

الله جي قدرت جي انتظام تي حيرت ۽ عبرت سان غور ڪيم ته ڇا سن، ڇا ٽڪڙ سن جو هڪ باشندو مغرب کان مشرق تائين سير سياحت پيو ڪري، ۽ قومن جي مختلف روايات، تاريخ، تمدن ۽ ترقيءَ جي اڀياس ۾ مشغول آهي: ٻئي پاسي، ٽڪڙ جو هڪ ڳوناڻو، اسلامي دنيا جي عظيم المرتبت قلمروجي نمائندگي ڪري رهيو آهي! هي سڀ الله جل جلاله جي ٻي انت قدرت جا ڪيل آهن. هي تجربا جي ٻن ساڳئي خاندان جي فردن کي حاصل ٿيا آهن. سنڌ اسيمبليءَ جي صدارت يا صوبي جي وزارت جي واڳ انهن تجربن اڳيان هيچ آهن. اوهان خود پنهنجي دوران سفر ۾ محسوس ڪيو هوندو ته اسين پنهنجي ديس ۾ فقط اڪين ٻڌل اُٺ وانگر گهاڻي جي ارد گرد ڦري رهيا هئاسون. ٻني نوع انسان جديد سائنس جي طريقن تي هلي، زندگيءَ جي معيار کي جيترو بلند ڪيو آهي، ان جي تڏهن خبر پوي ٿي، جڏهن گهر جي لوڙهي کان ٻاهر نڪري، سمنڊ جهاڳي، ترقي پذير ملڪ ۽ ماحول ۾ اچي واقعات جو مطالعو ڪجي ٿو. البت، ڏسڻ جون اکيون هئڻ گهرجن. جيڪڏهن فقط عيش عشرت، محبت ۽ مودت، رقص ۽ راڳ جو متمني ٿجي، ته ٻه دنيا جي هر گوشي ۾ جسماني تفريحات اڪيچار موجود ملندا. پر جي زندگيءَ جي عميق بحر ذخار ۾

غوطيزني ڪبي، تہ ڪائنات ۽ ان جي انتظامات جي پيچيدگين ۾ دل ۽ دماغ ڪي توازن ۾ رکي ڪم وٺڻو پوندو. اوهان ڪي سيريا جو تجربو آهي: اهڙي هنڌ جو انسان نفساني خواهشن جو شڪار ٿيڻ گهرندو تہ ان جي لهرن ۾ لڙهي ويندو. بهرحال، دنيا ۾ توازن رکڻ عقلمنديءَ جو ڪم آهي.

اوهان سنڌ جي سياست جو مختصر نقشو چٽيو، منهنجي معلومات ۾ اضافو ڪيو آهي. سنڌ جو گورنر ميان دين محمد روانو ٿي ويو. ميان امين الدين چا ٿو ڪري، اهو ڏسي وٺبو. يوسف هارون سنڌ لاءِ ڪهڙو پروگرام ٺيو آهي، ان لاءِ ڪابہ پيشنگوئي ڪري نٿي سگهجي. اوهين جذبات کان ڪم نہ وٺو، پر دماغ ۽ تجربي کان ڪم وٺي، پنهنجو نصب العين مقرر ڪريو. پاڪستان جو وجود ۽ استحڪام سڀ کان اول هئڻ گهرجي. صوبن جي حقوق جي ورهاست پوءِ ڪبي. پهرين گهر کي مضبوط ڪجي، پوءِ انهيءَ ۾ پيل املاڪ ۽ سامان جي ورهاست جو فڪر ڪجي. گهر ٿي گهر ڪِــهنو ٿي ويو، تہ ان ۾ پيل اسباب جي ورهاڱي جو سوال بي معنيٰ ٿيندو.

اوهان ڪوپلن جي نقل حرڪت جي پڇا ڪئي آهي. ان جو دماغ انگريزي روايات موجب لبِ بام تي وڃي پهتو هو. اسان جي سٺي برتاءَ کي هن آبائي حق سمجهي، ڪم کان بي اعتنائي ۽ فرض فراموشيءَ جو رويو اختيار ڪيو. اسان انهيءَ ناز برداريءَ جي بوجي کي برداشت نہ ڪري، کيس رخصت ڏني. ان ڪري هوءَ ويٺي، ۽ ان جي جاءِ تي اسابيل ڪم ڪري رهي آهي. وڏي خاندان سان تعلق هئڻ ڪري، هن ۾ سنجيدگي، بردباري ۽ فضيلت آهي. فرض شناسيءَ جو پورو احساس اٿس. پنهنجي ڊيوٽيءَ جو ڪم پوريءَ خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ڏئي ٿي.

17- ڊسمبر ڌاري انشاءَ الله آءٌ ڪراچيءَ اينديس. جيتوڻيڪ اجا موڪل منظور نہ ٿي آهي، پر ٽڪيٽ وغيره سڀ خريد ڪري ڇڏيا اٿم. اميد تہ ڪراچيءَ ملنداسون.

---

رڪائيندا. موقعي لاءِ مضمون لکيو ايندا. ڪتاب مان مضمون پڙهڻ نيڪ نہ ٿيندو. ڳائيندڙ ونيو ايندا.

## (5)

ڪراچي

11- آڪٽوبر 1953ع

خط پهتو. ڪراچيءَ اچڻ تي معلوم ٿيو تہ اوهين ڳوٺ ڏانهن روانا ٿي ويا هئا. ٺهلراماڻيءَ ۾ راڪ هائوس وارن لاءِ تنبوءَ جو بندوبست ڪيل آهي. ڪين اهڙو اطلاع ڏنو اٿر. اوهين حافظ اسحاق ۾ پين ڳائڻن ڪي پٽ شاهہ تي ونبو ايندا. انتظام 1951ع جي پيماني تي ڪيو ويو آهي.

# سال 1954ع

(1)

هوٽل ائمبيسيڊر، نئين دهلي

15- فيبروري، 1954ع

هتي، دهليءَ ۾، لئنڊ امپرومينٽ ۽ گهٽ درجي جي گهرن ناهڻ واسطي ڏکڻ- ايرندي ايشيا جي ملڪن جي سيمينار ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ آيل آهيان. اها ڪانفرنس اقوام متحده جي ماتحت ڪوٺائي ويئي آهي. هن ڪانفرنس ۾ زمين درست ڪرڻ ۽ گهر اڏڻ لاءِ دنيا جا بهترين ماهر اچي حصو وٺڻ وارا آهن. گهرن ناهڻ جي ماڊلن جي نمائش جو بہ انتظام ڪيو ويو آهي. اهي گهر 700 رپين کان پنجن هزارن رپين تائين خرچ سان تيار ڪري سگهبا. نمائش ۽ بحث مان توکي گهڻو لطف اچي ها، جو "ڳوٺ سڌار" لاءِ تو سنڌ ائگريڪلچرل ڪميشن اڳيان اهي سوال آندا هئا. آءٌ توسان ڳوٺ سڌار تعمير بابت روبرو گفتگو ڪندس تہ ڪيئن اسين پنهنجي ٻهراڙيءَ کي درست ڪري سگهون ٿا. 17- تاريخ سيمينار پورو ٿيندو، ساڳيءَ شام جو ڪراچيءَ پهچندس. وڌيڪ احوال روبرو ڪبا.

(2)

پاڪستان انٽرنيشنل جهاز

18- جولاءِ، 1954ع

مفت را چہ بايد گفت! ٻن ڏينهن جي ڪانفرنس لاءِ ٽڪيٽ ملي ويئي. چيڙ جي سرهہ وانگر (جي هو سنڌ ۾ لهندو آهي، تہ بہ جبل جي سار رکندو آهي)، اسان کي بہ گرميءَ جي موسم ۾ ولايت جي سير جو خيال جاڳندو آهي. هيءَ اُڏامِ P.I.A جي، افتتاحي، جنيوا تائين. 10 بجي رات ڪراچيءَ، تہ صبح ويل نيل، تہ ٻنپهرن جو جنت نشان سئٽزرلنڊ ۾ پهچنداسون. زماني کهڙو نہ ڦيرو کاڌو آهي! اڳيون مثال آهي تہ:

نارا هليا ننگرين، ڪري بديٽڪو ورُ،
پَٽُ بديٽڪو ويجهڙو، هي بہ اسان جو گهر.

ويچاري حضرت موسيٰ کي گڏهن تي سواري ڪري بيت المقدس پهچڻ ۾ 4 مهينا لڳا. اسان سڄيو سفر هڪ ڪلاڪ ۾ طي ڪيو- تعجب! بهرحال اسان جي جهاز ۾ چند مقدس هستيون به سوار آهن. جهڙو کهڙو صاحب، سندس نياڻي، بيگم عرفان الله، جهانگير خان وغيره. هي حضرات لينن جي ارض مقدس جا پانڌيڙا آهن. اسين محروم رهجي وياسون. خير، جنيوا ۾ ان جو ماحول به دلچسپيءَ کان خالي نه هوندو. آءٌ 1948ع ۾ پهريون دفعو جنيوا ويو هوس. جتي پاڪستان ڊيليگشن جو، فرسٽ ورلڊ هيلٿ ڪانفرنس لاءِ ليڊر ٿي ويو هوس.

---

# سال 1955ع

(1)

حيدرآباد

19- مارچ 1955ع

ڪراچيءَ ۾ معلوم ٿيو ته اوهين اڄ خير سان آزاد ٿيندا. ڪالهوڪر آرڊرن جو پيرو ڪنيوسون، پر خبر پئجي نه سگهي. اڄ جيل جي دروازي تي امداد سان گڏ آياسون، پر معلوم ٿيو ته اوهان کي هڪ بجي موٽر جي رستي سوار ڪري، سن وٺي ويا. ملڻ جي گهڻي خواهش هئي. حال اوهان کي ٻين خفن کان ڪناره ڪشي ڪرڻ گهرجي- جيتوڻيڪ اوهان کي نصيحت ڏيڻ لقمان کي حڪمت سيکارڻ آهي. آءٌ سپاڻي ڪراچيءَ موٽي ويندس. اوهان سان اميد ته جلد ملاقات ٿيندي.

(2)

زورق

23- جون 1955ع

هڪ خط ۽ ڪارڊ هوٽل 'والدرون' مان لکيو هو، جو مليو هوندو، ان ۾ ابتدائي احوال لکيو هوم. ٽپاس کان پوءِ ڊاڪٽر روزيءَ ضروري سمجهيو ته منهنجي وڏيڪ ٽپاس ڪرائي باضابطي علاج ڪرائي، ان ڪري اڄ مون کي باٿ روم وارو ڪمرو هٿ ڪري، ان ۾ داخل ڪيو اٿس. شايد کاڌي سميت 45 فرئنڪ وٺندا. هوٽل ۾ به ايترو خرچ ٿئي ٿو. باقي ڊاڪٽرن جون فيون ڳاٽي پڳيون آهن. اجا ٻڌايو ڪونه اٿن، پر هڪ ايڪسري جا ادائي سؤ فرئنڪ ورتا اٿن. مون کان ڊپازٽ به هزار گهريائون، پر في الحال 5 سؤ فرئنڪ ڏنا اٿم. اڳتي ڏسجي ته ڪهڙيون ٽا طلبون ڪن. روم ۾ بلڪل آرام آهي، سڄي زورق جو نظارو، ڍنڍ سميت ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سڀ ڳالهه عمدي آهي، پر مهانگائي آهي. خدا ڪري، جنهن ڳالهه لاءِ خرچ ڪيو اٿم، سو خرچ ۽ سفر صاب پوي.

هاڻ اليڪشنون ختم ٿيون هونديون. اوهان جو ڇا ارادو آهي: جيڪڏهن پڪو ارادو هجي ته واضح طور لکو ته ان موجب ڊاڪٽر سان ڳالهايان. خرچ

هڪ سؤ رپيا روزانو، ياڙو ٿي هزار، جملي ست هزار رپين جو بندوبست ڪري، پوءِ سفر لاءِ تياري ڪجو.

(3)

زورق

13- جولاءِ 1955ع

هڪ خط ۽ ڪارڊ روانو ڪيو اٿم، پر جواب ڪونہ موڪليوَ. شايد سياسي چڪر ۾ اهڙا جڪڙجي ويا آهيون، جو دوست احباب جي يادگيريءَ لاءِ فرصت بہ ڪانہ اٿوَ. بهرحال، مون وري بہ مناسب سمجهيو تہ ٿيون دفعو بہ خط لکان. شايد سينسر اوهان جا خط گم ڪريو ڇڏي، اهڙو ناحق نہ ٿيڻ گهرجي. مون کي زورق ۾ آئي اڄ مهينو ٿيو آهي. ڏهہ ڏينهن تپاسڻ ۾ ويا. 20 ڏينهن کن علاج ٿيو آهي، فائدو نہ دوا مان، نہ آبهوا مان پهتو آهي. آءٌ سمجهان ٿو تہ خرچ ئي برباد ٿيو. منهنجي بيماري پراڻي، ويهن سالن جي، سا هڪ يا سوا مهيني علاج سان سڌرڻ عبث آهي. مون کي شايد زندگيءَ جا ڏينهڙا ائين گذارڻا پوندا. اوهان جو ڪيس بہ ٻڌو اٿم تہ آخري فيصلو نہ ٿيو آهي، ان ڪري اوهان جو ڪراچيءَ مان نڪرڻ محال پيو ڏسڻ ۾ اچي. آءٌ بہ اوهان جي هتي اچڻ آسرو لاهي ويٺو آهيان. اڪيلائيءَ جا ڀوت ڏسي، پوڙهين نرسن جا ڀوت ڀسي، 20- جولاءِ لنڊن وڃان ٿو، اتي ڪونہ ڪو يار دوست ملي ويندو. وڏيڪ سفر جو ارادو ڊينمارڪ، سويڊن، جرمني، فرانس، اٽلي وغيره طرف وڃڻ لاءِ هوم، پر ان جي خاطري نہ آهي. لنڊن وڃي پروگرام کي آخرين طور ٺاهيندس ۽ اطلاع ڪندس.

اوهين جواب ڏيو تہ يڪدم ڏجو، جي دير سان جواب ڏنوَ تہ پاڪستان هاءِ ڪميشن لنڊن جي معرفت ڏيندا. جي جواب ڏيڻ مناسب نہ سمجهو تہ شال خوش هجو- اوهين، ۽ اوهان جي سياست!

هيسين تائين، اسپتال مان جند ڇڏائي، هڪ ڏينهن نوزرن برجن اسٽاڪ ۽ برن ڏسي آيو آهيان. پرينءَ انٽرلاڪن ڏسڻ جو ارادو اٿم، جتي آلپس جي جڳفرن چوٽي ڏسي ايندس. ڊاڪٽر مڃي نہ مڃي، وڃي ڀَن پوي- ملڪ مولا جو تہ ڏسي وٺان! ڪمي فقط ساٿيءَ جي آهي. اڪيلو نہ روئندو سونهي، نہ

پتيندو نهي. ڪالهہ ڪي حيدرآباد جا سنڌي خواجا ملي ويا. برن گڏجي وياسون. ڏاڍا لطيف جا بيت سبز پهاڙن، آبشارن، ۽ پائين ۽ چنار درختن مان لنگهندي ڳائيندا وياسون. ڏاڍو مزو آيو پنهنجي ٻوليءَ ۾ گفتگو ڪرڻ مان. سچا سارا پنج ڇٽا هئاسون. گاڏيءَ ۾ بہ پنهنجي محفل لڳايو وينا هئاسون. منع هوندي بہ، سگريٽن جي دم لڳايو وينا هئاسون- ڇڻ تہ سئٽزرلنڊ جو سبز خطو خدا اسان لاءِ ناهيو هو. پر اهي يار بہ سيان ويندا. پوءِ نانيءَ جا ڪَن وجي رهندا: "سسئي ۽ سُور، پٽيندا پاڻ ۾" جو مصداق بجي ويندس. خير، الله تي ننگ آهي!

---

پراڻا يار ڪافي ملن ٿا. تعجب آهي تہ هو اجا تائين هن بندي جي دور سفارت جي تعريف ڪري رهيا آهن. چوتہ هن وقت سفارتخاني طرفان ڪا بہ نئل حرڪت نہ آهي، عالمِ سڪوت ۾، معمولي ڪاغذن جي ڦير گهير ٿي رهي آهي. هيءَ هرهڪ ائمبسيءَ جي ملازم جي وات جي ڳالهہ آهي، منهنجي راءِ نہ آهي. عزيز بلوچ جي وڃڻ بعد، پاڪستان جو ذڪرِ خير بند ٿي ويو آهي. منهنجو هن لکڻ مان نڪتہ چيني مقصد نہ آهي، پر حقيقتن جو اظهار آهي.

آءٌ هتان 14- تاريخ روانو ٿي، نيس پهچندس. جتان 15- شام جو وري جنيوا پهچندس. 17- تاريخ ڏاري انشاءالله ڪراچيءَ پهچندس.

اميد تہ اوهين ۽ اوهان جو ملڪ سرسبز ۽ آباد هوندو. شال سنڌڙي سدائين سرسبز ۽ شاداب رهي!

(3)

نيس (فرانس)

15- آگسٽ 1956ع

منهنجا اڳيان خط پهتا هوندا. مئڊرڊ ۾ 14 ڏينهن هوس. باوجود آگسٽ جي، آبهوا خوشگوار هئي. ائمبسي مددگار ۽ ماحول سازگار هو. جيڪا مئڊرڊ ۾ اميد هيم، انهيءَ مطابق سڀ سهولتون مهيا ۽ ميسر ٿي ويون. پراڻا دوست بہ ڳولي لڌاسون. گمان هو تہ چئن سالن بعد بي اعتنائيءَ جا پردا چڙهي ويا هوندا، پر شايد اسپينين جي خمير ۾ وفاداريءَ جو ڪافي جزو شامل آهي. جنهن ڪري هڪ دفعي دوستي ڳنڍي ويهن ٿا تہ پوءِ ان کي حتي الامڪان نڀائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هي اصول ڪن خاص شخصن سان تعلق نٿو رکي، پر مون هرهڪ اسپيني دوست مان اهائي قرب ۽ محبت جي چاش چکي آهي، جا بہ سال اڳي سفارت جي زماني ۾ ڏٺي هيم. زبان بہ ڪنهن طرح چالو ٿي ويئي. هرڪو حيران تہ زبان تي هيترو عبور ڪيئن باقي رهيو هو.

چام انور علي ۽ ٻيا دوست بہ اچي اتي نڪتا. گهمڻ گهتڻ ۾ آءٌ سندن ترجمان هوس. هيءَ سڀ قرب جي ڳالهہ آهي، جنهن جو قلب سان واسطو آهي. جا شيءِ پياري هوندي آهي، اها غائبانہ بہ ايتري پسند ايندي آهي، جهڙي حاضرانہ. مئڊرڊ ڇڏي ٻئي پاسي وڃڻ جي ضرورت محسوس نہ ٿي. نتيجہ

اسڪوريال وياسون. ۽ فلپ اسڪندو جي هوٽل ۾ ماني کائي موٽي آياسون. اسان سيني ڏک مان مئڊرڊ کي الوداع چئي.

ڪالهہ هتي پهتو آهيان. بيشڪ، بيچ جون بهاريون، هوٽلون ۽ برک بازاريون هتي آهن، پر ڪٿي آهي اُهو اسپين جو گلوسوز؟ ڪٿي آهي اها نزاڪت ۽ لطافت؟ ڪٿي آهي اها سادگي ۽ سعادت؟ سڙڪ ڏي نهار تہ سهڻي، صورت ڏي نهار تہ اروڪي! ڇا ڪبو انهيءَ سمنڊ کي، جتي حسن لهريون نٿو هڻي؟ ڇا ڪبو ان پريت کي، جتي محبت پنهنجو ديرو نٿي دمائي؟ ڇا ڪبو ان بازار کي، جنهن ۾ نفاست ۽ نزاڪت جو سامان موجود هجي، پر وفا جي وٿ عدم موجود هجي؟ هڪ ڏينهن هتي ورهيہ ٿي پيو آهي. جنهن ڪري، اڄ ئي شام جو جنيوا ويندس، جتان سياٽي 16- تاريخ سوار ٿي ڪراچيءَ ويندس.

توهان کي نئين پارٽي ٺاهڻ جي مبارڪ هجي. مينهن پاٺين هيل ٻڌو اٿم تہ راڳا ڪري وڌا آهن. خدا پيو خير ڪري!

"سائينم سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سُڪار!"

---

## سال 1957ع

(1)

ڪراچي

9- مارچ 1957ع

[هڪ خط پيرزادي عبدالستار، وزير مغربي پاڪستان، ڏانهن "شاهه لطيف ڪلچرل ڪميٽيءَ" جي مسئلي بابت لکي، ان جي ڪاپي موڪلي ٿو ۽ لکي ٿو ته ڪيس تاڪيد ڪريان ته ڪميٽيءَ جي ميٽنگ جلد سڏائي وڃي.]

(2)

ڪراچي (تار)

17- سيپٽمبر 1957ع

خدا توتي ۽ تنهنجي ساٿين تي رحمت جو هٿ ڌري، جو اوهين مارئيءَ ڪي عمر سومري جي بند مان آزاد ڪرائڻ لاءِ ڪوشش وٺي رهيا آهيو.

[نوٽ: هيءَ تار مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ کي ختم ڪرائڻ واري نهراءَ جي اڪثريت راءِ سان پاس ڪرائڻ بعد موڪلي هئائين.]

---

# سال 1958ع

(1)

حيدرآباد

1- جنوري 1958ع

اڄ ڪم تي پيو اٿم. ان ڪري سنيري وري ويهي رهيس. ٻيو سڀ ڪٽنب اچي ٿو. سن ۾. امداد جي شاديءَ تي، پير عالي شاهه اچڻ جو واعدو ڪيو آهي. مخدوم صاحب چاڪ نه آهي. پير صاحب پاڳاري جي اچڻ جي پڪ نه آهي. ڄاموٽ محمد علي شاهه لاءِ اهڙي جاءِ رکندا، جنهن ۾ باٿ روم ۽ ڪموڊ هجي.

(2)

حيدرآباد

29- جنوري، 1958ع

گهر احوال ٻڌايم ته امداد جي شادي ساڳين تاريخن تي ٿيندي، سڀ ماڻهو تيار ٿيا آهن. ننڍا وڏا، پنج ايندا، 9، 10- تاريخ پَٽ ڪائي، 11- تاريخ واپس موٽندا. ازان سواءِ منهنجي گهر واري ۽ نياڻي، امداد جي شاديءَ تي پاٽوٽ به اچڻ جو ارادو رکن ٿيون. خبر ڏيندا ته ڇچ حيدرآباد مان ڪنهن مهل لنگهندي. اسان وٽان ٽي ويندا. منهنجو عيال پنهنجيءَ جيپ ۾ پاٽوٽ هلندو. اسين سڀ هوند پاٽوٽ هلون، پر ننڍڙا ٻار هاڻ تپن ۽ اُرڙي مان اُٿيا آهن. انشاءَالله. سن سڀ ايندا سون.

(3)

حيدرآباد

10- اپريل، 1958ع

رات جو دارالخلافي ۾ انقلاب آيو: ٻه سنڌي وزير مرڪزي ڪابينه ۾ منسلڪ ٿيا. کهڙو صاحب وزير دفاع ٿيو، ۽ مير غلام علي خان ڪان وزارت داخلا ڪسي، جلال بابا کي ڏنائون. جو چپراسين کي پاڪر پائي آفيس ۾ گهڙيو. اها ڪسر نفسي، يا خود نمائي؟

بهرحال، اهو ٿيو پراڻو قصو: ابي ڇاڙهي، ادي ڇاڙهي، مون نہ ڇاڙهي تہ ڪنهن نہ ڇاڙهي. اسان کي ڇا هٿ حاصل ٿيو! ٻڌڻ ۾ اچي ٿو تہ کهڙو صاحب قاضي اڪبر کي بہ صوبائي وزارت وٺائي ڏني ٿو، جيتوڻيڪ هو ميمبر بہ نہ آهي. کهڙو صاحب مسلم ليگ ڇڏي ويو. پنهنجن ليفٽيننٽن کي بہ لالچ ڏيئي، 'ليگ' ڇڏارائڻ چاهي ٿو. سبحان الله، ڇا زمانو آهي!

اوچتو ٻن وزارتن جو ٻڌم تہ منهنجي بہ ٻُڌ ڦري ويئي. مغز چڪر کائڻ لڳو. پبلڪ سروس جي جاءِ خالي ٿي آهي. مير صاحب غلام علي خان کي تنهنجي ياران تار ڪئي اٿم تہ ميران محمد شاهہ کي ان لاءِ مدد ڪر. جذبات جي رو ۾ اچي، اها تار اوهان جي اجازت کان سواءِ هتان ڪئي اٿم. اڳي ائين نہ ڪيو اٿم. تار ڪري پوءِ پڇتايم. معافي طلب آهيان!

عبدالستار صاحب پيرزادي "لطيف ڪلچرل سينٽر" جي ميٽنگ 14- اپريل تي، ساڍي پنجين بجي، ڪراچيءَ ۾ رکي آهي. اوهين ميٽنگ ۾ ضرور شريڪ ٿيندا. اها ميٽنگ ملتوي ٿي تہ ڪم رهجي ويندو.

(4)

ڪراچي

12- اپريل 1958ع

ڪالهہ اوهان کان موڪلائي هتي پهتو آهيان. اڄ شام جو مير صاحب ۽ کهڙي صاحب سان ملندس. پر منهنجو اثر ڪونہ پوندين- اهڙا ڪيئي آزمودا اٿم- جيستائين ڪو اهڙو ماڻهو نہ چوندن، جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن هنن جو بہ ڪم پوندو هجي. جيڪڏهن اوهين هڪ ڏينهن لاءِ هتي اچي سگهو تہ تمام سٺو ٿيندو. اچي لطيف ڪلچرل ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ بہ شرڪت ڪريو.

پير صاحب پاڳارو سياڻي ايندو. ڇاموٺ محمد علي شاهہ بہ ايندو.

(5)

حيدرآباد

[پيرزادي عبدالستار، وزير مغربي پاڪستان، کي تار ڪيائين تہ ڏهہ هزار رپيا شاهہ لطيف جي ميلي لاءِ ڪافي رقم نہ آهي، ٻيا 15 هزار رپيا منظور

ڪيا وڃن. ان تار جي ڪاپي موڪلي، تاڪيد ڪري ٿو تہ پيرزادي ڪي چئي، وڏيڪ رقم منظور ڪرايان.]

## (6)

سعدو شريف، سوات هوٽل

15- سيپٽمبر 1958ع

اخبار ۾ پڙهيم تہ مولانا ڀاشاني ۽ خان بادشاھ سان مليو، اوهين موٽي سن ويا آهيو. آرام جي اوهان کي گهڻي ضرورت آهي. هاڻي اوهان جي هڏ ۽ جسم ۾ اها طاقت نہ هوندي، جا 5- 10 سال اڳي هئي. تازي گهوڙي کي بہ ڏيڍ ۾ ساهي ڏبي آهي، تڏهين جوهر ڏيکاريندو، نہ تہ اوچتو گوڏا ڪوڙي ويهندو. ساڳيو مثال مون سان بہ لاڳو ٿئي ٿو.

20- ڏينهن شاھ لطيف جي ميلي جو ٽڪ پڇي، تازو توانو ٿي، پوءِ موٽندس. هتي آبهوا ۽ موسم ڪا خاص خوشگوار نہ آهي، بلڪ گرمي آهي، پر ماحول پُر سڪون آهي. ٻنيون ٻارا، نديون نالا، واديون ۽ هريالا ڏسيو، نيڻ پيا ٺرن. ڪراچيءَ جي بري شهر ۾، سواءِ گهر جي لانِ جي، ٻي سبزي نظر نہ ايندي، ان ڪان هيءَ هزار دفعا بهتر منظر آهي. اجا بہ موٽر يا جيپ هجي تہ پوءِ گهٽائي مڪان ڏسي سگهجن ٿا، جتي روح جي راحت ۽ قلب جو اسباب مهيا ٿي سگهي ٿو، ور مون کي اها سهولت ميسر نہ آهي. بهرحال، ڪجھ وقت هتي گذريو آهي، ڪجھ گذري ويندو. اميد تہ اهل عيال ۽ اوهان محبن کي اڇي اڪين سان ڏسي خوش ٿيندس. 25- تاريخ سوات ڇڏڻ جو ارادو آهي. خان بادشاھ کي ڪوئيٽا ۾ گرفتار ڪري وري ڇڏي ڏنائون، اين چہ بو العجب است!

---

(5)

حيدرآباد

28- ڊسمبر 1959ع

اسين سڀ بنيادي جمهوريت جي چونڊن ۾ حصو وٺي رهيا آهيون. اسان جي ڪٽنب جا چند نوجوان اليڪشن ۾ لڙي رهيا آهن. الحمدلله، ٻه- ٽي ڪامياب ٿيا آهن. قمر الزمان ڪالهه ڪئنٽومينٽ ۾ ڪامياب ٿيو آهي. پهرين جنوريءَ تي حاجي غلام احمد شاهه اليڪشن لڙي رهيو آهي. ڪوسا ووٽر چون ٿا ته جي. ايم. سيد جا فرزند جيئن چوندا، ان طرف ووٽ ڏينداسون. سندن ماٺهو وٺڻ لاءِ هي خط موڪلجي ٿو.

# سال 1960ع

(1)

حيدرآباد

12- جنوري 1960ع

سن ۾ درگاهه شاهه حيدر عليه جي ميلي تي اچڻ جو شوق اٿم. ان موقعي تي اچي روح رهاڻ ڪبي. خدا ڪري، منهنجي طبيعت استوار رهي. پيريءَ جا آثار مختلف روپن ۾ ظاهر ٿيو پون. ڪڏهن ڪمر جو درد، ڪڏهن بدهاضمو، ڪڏهن پيشاب ۾ حرڪت- اِهي سڀ حالتون بستري گول ڪرڻ جا اهڃاڻ آهن: "جرس فرياد مي دارد ڪہ بر بنديد محملها!" خدا ڪري، اوهين با عيال خوش هجو!

اوهان ڪي پنهنجي گام مان ٻاهر نڪرڻ تي بندش پيل آهي، پر الحمدلله، پنهنجن ٻچن سان، پنهنجي وطن ۾ مقيم آهيو: هن وقت فرصت بہ اٿو ۽ آرام جو موقعو بہ اٿوَ: ڪجهہ روح جا رنگين جذبات ۽ خيال قلمبند ڪري سگهون ٿا. واقعات تہ پيا بہ ظاهر پيا ڪندا، پر روحاني تاثرات ڪو ڪو شخص تحرير ڪري سگهندو. بهرحال، قلم ۾ جو آيو، لکي ويٺو آهيان. وڌيڪ احوال روبرو ڪبا.

(2)

حيدرآباد

20- فيبروري 1960ع

31- جنوريءَ اوهان وٽ موسيقي مجلس ۾ شامل ٿي، ٻهرينءَ تاريخ حيدرآباد پهتو آهيان. ان بعد اک جي آپريشن ڪرائي اٿم. ان کي 15- ڏينهن ٿيا آهن. تازو فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جي صدارت جي چونڊ جو جشن ملهايو ويو. سارو شهر چراغان هو. پر اکين جي تڪليف ڪري ڪنهن بہ تقريب ۾ شامل ٿي نہ سگهيو آهيان.

(3)

حيدرآباد

27- مارچ 1960ع

اڄ ڪراچيءَ ويو هوس. امداد سان مليس. جنهن ٻڌايو تہ اوهان جي

ٻڌو ٿيندو. عمر جي تقاضا ۽ صحت جي ناهمواري.... آخر هلبو! اهو ڪي ڪجي، جي ٻيءَ دنيا ۾ ڪم اچي.

"وجڻ تـت پيوم، جت هلڻ ناهه حسن ري!"

ٽيو ڏينهن سنڌ مدرسي جي پلئيٽنم جبلي هئي. آءٌ سنڌ مدرسي جو شاگرد آهيان، سو وجي جشن ۾ شريڪ ٿيس. صدر پاڪستان افتتاح ڪيو. اٽڪل 5 هزار ماڻهن کي دعوت هئي. ڪافي هجوم هو. رات وري لطيف ڊي ملهايو ويو. مون کي صدارت جي ڪرسي ڏنائون. سوشيلا مهتاڻي، روبينا ابراهيم، نارو پڳت ۽ مهراج مولچند ڳايو. مهراج جو چڱو اثر ٿيو. ليلان-چنيسر جو اسٽيج تي فيچر پيش ڪيو ويو، جو منهنجو مرتب ڪيل هو. بروهي صاحب جي تقرير لکيل نہ آهي، باقي رڪارڊ ڪئي ويئي هئي. گهڻن ماڻهن جي تقاضا آهي تہ اسٽينو گرافر کان رڪارڊ تان لکارائي، ڇپارائي، ورهجي. ان ۾ مکيہ ڳالهہ هيءَ هئي تہ "جيئن تہ لطيف جي لات منهنجي ڪَنَ ۾ ماءَ جي کير سان گڏ پيئي آهي، تنهن ڪري منهنجي رڳ رڳ مان اها لات ڪارفرما رهي ٿي: جيڪڏهن آءٌ اهو اعتقاد رکان ها تہ ٻيءَ جوڻ ۾ وري دنيا ۾ ايندس، ۽ يونانين وانگر فرشتا مون کان پڇن تہ ٻيو دفعو دنيا ۾ ڇا ٿيڻ گهرين ٿو، تہ آءٌ چونديس تہ آءٌ وري بہ سنڌي ٿيڻ گهران ٿو!"

منٽياري سيدن جو شجرو، ڇپا ڪرائي، ڪاپي ڪرائڻ بعد اوهان کي موڪليندس.

## (7)

حيدرآباد

12- ڊسمبر 1960ع

منٽياري سيدن جي شجري کي ڪنو ڪري لکڻ جو نيڪ ڪم اوهان هٿ ۾ ڪنيو آهي. خدا اوهان کي اجورو ڏيندو. اسان جي خانداني تاريخ ۾ اوهان جو نالو حرف زرين ۾ لکيو ويندو.

شجرو ڪاپي ڪرائي، جلد موڪليندس.

ٽڪڙ کي زنده ڪرڻ گهرون ٿا، ڏسون مُردا ڪيئن ٿا زنده ٿين.

---

## سال 1961ع

(1)

جاويد ڪلينڪ، ڪراچي

7- جنوري 1961ع

اوهان جو خط نئين سال جي پهرينءَ تاريخ پهتو. راٿي وٽان نئون نياپو آيل هو. اسان وٽ هينئر قاضي اسدالله شاهه صاحب جون سڪون سندس پوٽو اسدالله شاهه لاهي ٿو. علم ادب سان دلچسپي رکندڙ آهي. لندن جي ابتدائي سالن جي قيام ۽ تربيت سندس معلومات، فهم ۽ ادراڪ، سوشل معيار ۽ زندگيءَ جي اصولن جي ڄاڻ ۾ گهڻو اضافو ڪيو آهي. مون کي سندس صحبت مان حظ حاصل ٿيندو آهي. پاڻ بمع ڀاءُ شبير علي شاهه ۽ سوٽ امداد علي شاهه جي، 4، 5- فيبروريءَ تي سن اچڻ گهرن ٿا، جي اوهين اتي هجو ته اطلاع ڏجو ته پهچي وڃن.

اڄ ڪالهه کان اسپتال ۾ داخل ٿيو آهيان. منهنجي طبيعت اجازت ڏني ته اچي حاضر ٿيندس.

شجري جي ڪاپيءَ ڪرڻ لاءِ ماڻهو رکيو اٿئون.

(2)

حيدرآباد

21- جنوري 1961ع

هاڻ ڳوٺ آيل آهيان، اسان جي سَن اچڻ جي پروگرام ۾ ڪجهه تبديلي آئي آهي. منهنجي والد جي تاريخ وفات وسري ويل هئي، جا 5- فيبروري 1950ع آهي. ان تاريخ تي مقبري تي وينداآهيون. ان ڪري، هاڻ 7- فيبروريءَ سن ايندا سون. اسدالله شاهه، شبير علي شاهه، امداد علي شاهه، غلام رسول شاهه، شمس العارفين شاهه، انهيءَ 'ڊيليگيشن' جا ميمبر هونداسون. جيپ موڪلي سگهو ته بهتر.

(3)

حيدرآباد

1- فيبروري 1961ع

اوهان جو خط 28- جنوريءَ جو لکيل، 31- جنوريءَ تي پهتو. مون بہ پڙهي اطمينان حاصل ڪيو. شام جو اسان جي روزاني ڪچهريءَ ۾ نوجوانن کي پڙهي ٻڌايو ويو. اوهان منهنجي اچڻ لاءِ اصرار ڪيو آهي، سو پڙهي جواب چوڻ لڳا تہ پوڙها ضرور پوڙهن کي جوانن تي ترجيح ڏيندا. بهرحال، ڪين اوهان جي ملڻ جو شوق ڪافي آهي، تنهن ڪري باوجود نوڪرين جي بہ، موڪلون وٺي، اوهان جي درِ دولت تي پهچندا. البت وڏيڪ خوشي ٿي جو اوهان خط ۾ سواريءَ جو لکيو آهي. خدا ڪري، سواري ميان يار محمد شاهہ جو پراڻو فورڊ (موٽر) نہ هجي، نہ تہ اسان جو مڙهہ بہ رُلي وڃڻ جو احتمال آهي! جيڪڏهن ڪا نئين سواري ملي تہ واهہ. نہ تہ ريل بهتر آهي. دل ڏاڍو چوي ٿي تہ آءٌ بہ اچان، پر ضعف ڪمال آهي. شايد اوهان وٽ هن ڪان بعد اچڻ مشڪل ٿي پوي. الله تي ننگ آهي. بدن ۾ سيءُ گهڻو اثر. ٿوري ٿڌ بہ سهي نٿو سگهان. دم ان ڪان سواءِ آهي. پِيريءَ جون سڀ نشانيون موجود آهن. ڪوشش ڪنداسون تہ ٻنپهرن جو پهچي وڃون. اسان سان چون- چون مريو آهي. ست چٺا آهيون. رلچند سڪرنڊ واري جي راڳ ٻڌڻ جو شوق آهي.

(4)

حيدرآباد

7- فيبروري، 1961ع

اسين ٽپڙ ٻڌي، مڪمل تياري ڪري، فقط سواريءَ جي انتظار ۾ ويناسون. اهو خيال هو تہ جيڪڏهن موزون موٽر سواريءَ لاءِ سن مان نہ آئي تہ ڪرائي تي ڪري بہ سن ضرور ايندا سون. اوچتو اوهان جو پيغام آيو. اوهان جو خط ڏنائين، جنهن جي پڙهڻ سان سنگت کي محسوس ٿيو تہ پوڙهن جي صحبت ڪنهن وقت ڪارائتي ۽ بعضي دلچسپ ٿئي ٿي، پر هميشہ هنن تي پاڙڻ بہ غير معقول ٿيندو. مون ڪان سواءِ، ٻين کي پروگرام جي منسوخ ٿيڻ جو گهڻو ڏک ٿيو.

شجرو تيار ٿي چڪو آهي، باقيٰ ولين جون ڪرامتون ۽ ٻيا احوال درج نہ ڪرايا اٿئون. اهي اوهان کي ڏيکاري، پوءِ ضروري اقتباس ڪبو. في الحال اسان جو اچڻ نہ ٿيو، جنهن لاءِ مکيہ مانع رستن جي بارش ۽ اوهان جي طبع جي ناسازگي ڇئبو، ورنہ اسان جا جوان ڪيئن بہ اچي نڪرن ها. هنن جي رڳن ۾ گرم خون روان ۽ دوان آهي، تنهن ڪري سياري جي هنن کي پرواهہ نہ آهي. سندن موڪل 12- فيبروريءَ تي پوري ٿيندي. اپريل تائين امتحان هوندا. مئي ۾ واندا ٿيندا. تيستائين سرديءَ مان گرمي ٿي ويندي. ٻيو بہ الله کي معلوم:

"واڳ ڌڻي تنهنجي وس، آءُ ڪا پاڻ وهيٽي"

منهنجا هيث صحيح ڪندڙ، مٿين خيالن جا آهن:

(1) اسدالله شاهہ (2) شبير علي شاهہ 'هاتف' (3) غلام رسول شاهہ 'سوز' (4) امداد حسيني.

(5)

حيدرآباد

12- آڪٽوبر 1961ع

ماستر عنايت الله، ادبي بورڊ وارو، آيو. ان کي "تذڪرت الشعراءِ ٺٽڙ" جو ڪتاب، اسدالله شاهہ کان ونـي، مـارڪ ڪـري ڏنـو اٿـم. ان ۾ حاجي عبدالحڪيم شاهہ جو ذڪر بہ آهي، ليڪن ڏاڏي ميران محمد شاهہ ۽ قاضي اسدالله شاهہ جو تفصيلوار ذڪر ڏنل آهي. حقيقت ۾ اهي بہ شخص ٺٽڙ جي خاندان ۾ نمايان هستيون هئا. ان کان پوءِ اگر ٻاهرينءَ دنيا جي احاتي کي ملحوظ رکبو تہ هي بندو بہ ٺٽڙ جي باشندن ۾ مخصوص حيثيت رکي ٿو. هنن کان بعد ٺٽڙ نہ رهي آهي. شهر سڄو سر، ڪلر ۽ بيروزگاريءَ ڪري تباهہ ٿي ويو آهي. گهڻا لڏي وڃي شهرن ۾ وينا آهن. علي اصغر شاهہ جو احوال سندس فرزند غلام حسين شاهہ کان لڪايل آهي، اهو ڪافي آهي. اميد تہ ڪتاب جي مختلف مرحلن کان واقف ڪندا ايندا.

آءُ 18- آڪٽوبر تي ڪراچيءَ وڃڻ جو ارادو رکان ٿو.

---

## سال 1962ع

(1)

حيدرآباد

1962ع

اڄوڪيءَ "عبرت" مان معلوم ٿيو تہ اوهان جي والده اوهان کي داغ مفارقت ڏيئي هن جهان ڏي راهي ٿي ويئي. خدا کيس جوارِ رحمت عطا فرمائي ۽ اوهان کي صبر جميل بخشي!

آءُ ۽ پنهنجي بيبي (baby) اڄون ها، پر بيمار هئڻ ڪري اچي نہ سگهون. ان ڪري، عذر خواهيءَ لاءِ هي خط موڪليون ٿا.

(2)

حيدرآباد

16- مارچ 1962ع

هٿ ڏکي ٿو. اکر خراب آهن، معاف ڪندا. اوهان پنهنجي طبعيت جي ناسازيءَ کان مطلع ڪيو آهي. خدا ڪري، تندرست تنومند هجو! گهر ۾ لڳاتار ويهڻ ڪري ان تي اثر پوندو هوندو، تہ بہ رب جو شڪر آهي جو پرائي نہ،.پر پنهنجي گهر ۾ محفوظ آهيو!

ويچارا واڍوڙ، سدا شاڪر سور سين،
تاڙين مٿي توڙ، اوري ڪن نہ آسرو.

آءُ پنجن مهينن کان لاڳيتو بيمار آهيان. اوهان وٽ فاتح خوانيءَ لاءِ اچي نہ سگهيو آهيان. جيڪڏهن آبهوا موافق رهي تہ غالباً مارچ جي 22- تاريخ سن ايندس. جيپ اسٽيشن تي موڪليندا.

مير (غلام علي) ۽ ڪرنل (حيدر) جي اليڪشن طرف اوهان اشارو ڪيو آهي. مون کي خبر آهي تہ اوهين ڪنهن جو طرف ڪونہ ٿا وٺو. پر حق جو ڪلمو چوندا تہ سنڌ جي پبلڪ لائيف کي جيترو مير غلام علي خان ڪَرپٽ (Corrupt) ڪيو آهي، اوترو ٻئي ڪنهن بہ نہ ڪيو آهي! هن جو سارو خزانو حاڪمن جي ضيافتن ۽ شڪارن تي خرچ ٿيو آهي. هڪ پائي بہ اسڪول يا

اسپتال ۾ خرچ نہ ڪئي اٿس. وزارت ۽ آمارت پاڻ ۾ سندس پاءُ لاءِ وڻڻ واسطي تمام طاقتون صرف ڪيائين. اها ڪرپشن جي مانا پولي (Manapolly) هاڻ ختم ٿيڻ گهرجي.

(3)

حيدرآباد

12- نومبر 1962ع

امید تہ اوهان پنهنجي وطن ۾ گهٽو رهي سڪونِ دل حاصل ڪيو هوندو، ۽ ڪجهہ طبعزاد لٽريچر بہ پيدا ڪيو هوندو. جو شايد طباعت هيٺ اچي ويجي. جيڪڏهن انهيءَ لٽريچر کي منهنجي هوندي ڇپايو تہ نهايت چڱو.

آءٌ گذريل هفتي کان ڪراچيءَ ويل هوس. آءٌ ۽ منهنجي اهليہ رات جو اچي اوهان جي بنگلي تي ترسندا هئاسون. اهڙيءَ طرح هڪ هفتو گذري ويو. انهيءَ عرصي ۾ اوهان جي نياڻين اسان پوڙهن ڪراڙن جي جا خدمت ڪئي، ان جي تعريف ڪري نہ سگهبي. صالح مائٽ جو اولاد بہ صالح ٿيندو آهي. تنهن ڪري، هي خط پنهنجي ۽ اهليہ جي طرفان شڪريي جو موڪليان ٿو. نہ رڳو خدمت ڪيائون، پر سوکڙيون پاکڙيون بہ ڏنائون.

اوهان جي جاءِ جوانيءَ ۾ ڪم نہ آئي تہ پيريءَ ۾ تہ آئي!

---

## سال 1963ع

(1)

حيدرآباد

17- اپريل 1963ع

اوهان جو خط گهڻي عرصي کان پهتل آهي، پر زماني جي ايڏين الجهنن ۾ مستغرق آهيان جو دل جون تاڪيون کولي احوال لکڻ ڏانهن رغبت نٿي ٿئي. آءٌ سياري ۾ ٻه دفعا بيمار ٿي وري صحتياب ٿيو آهيان. سڄو سيارو ڪوٺين اندر گذاريو اٿم. دم جي بيماريءَ ڦڦڙن جي فعل کي زائل ڪري ڇڏيو آهي. ٻه- ٽي ڪلاڪ ڪم ڪرڻ بعد ٿڪجيو پوان. اسان سواءِ باقي دنيا ۾ ساڻي زال هيم، اها به بيمار ٿي پيئي آهي. جڏهن حڪيم سعيد جي علاج مان صحتياب ٿي ته وري اک خراب ٿي پيس. خدا شفا بخشيندس! ٻه همراهه حياتيءَ جي شاهراهه جي پوين منزلن کي طي ڪرڻ جي جدوجهد ڪري رهيا آهيون: ڏسجي ته ڪير اڳي، ڪير پوءِ! باوجود بيمارين ۽ ٻين مال ۽ گهرو نا اتفاقين جي، زندگيءَ جي ڪشتيءَ، زماني جي حوادث جي ڦيڙن جو مقابلو ڪندي، گذرندي رهي ٿي.

پيري تمام ذڪرِ جواني مين ڪٽ گئي،
ڪيا رات ٿي ڪ ايڪ ڪهاني مين ڪٽ گئي!

اوهان ڪڏهن نه وسريا آهيو، نه وسرندا. خطن جي ديرمدار تي اسان جي قلب جي ڪاڍي جو وزن نه وٺندا. سدائين ياد آهيو. ڪراچيءَ هلڻ ٿئي ته اطلاع ڏيندا ته ڪوشش ڪري اچي ملانوَ.

"سنڌي ادبي بورڊ" جو ڪم، باوجود بيماريءَ جي، باقاعدي ڪندو رهان ٿو. مخدوم صاحب جي مدد آهي. حسام الدين شاهه معاون آهي. محمد ابراهيم جويي لاءِ نهراءُ پاس ڪري سرڪار کي موڪليو اٿئون. ڏسجي ته ڇا ٿو ٿئي.

وڏي نوازش جو پنهنجي تذڪري ۾ مون کي ڪافي جاءِ ڏني اٿو. اهو ڪتاب سنڌ جي سياسي تاريخ ٿي ليکبي.

محمد عالم شاهه ڏاڏاهيءَ جو حال ڪونه ٿو ملي. هو سدائين ناري ۽ ٿر جو گشت ڪندو هو. پير صاحب پاڳاري جو خليفو هو. ڇانهه جو سخت عادي

هو. ڪٿلي هميشہ ساڻ هوندي هيس. اڪثر راڄوٽا فيصلا ڪندو هو. ان ڪري راڄن ۾ مڃتا گهڻي هوندي هيس.

(2)

حيدرآباد

6- جولاءِ، 1963ع

ڪيترا ڏهاڙا ٿي ويا آهن، مگر اوهان وٽان احوال نہ آيو آهي:

"نڪو خبر نڪو خواب، نڪو اوني آئيو!"

ٽپال جي ٽيڙائپ ۽ رائٽرن جي روناٽي، شايد ڇنين ڇپائين ڪي ڇباڙيو ڇڏين. لاچار، قاصد هٿ خط موڪلجي ٿو. ملڻ الاجي ڪڏهن ٿيندو. اوهان جو باهر نڪرڻ ٻين جي اختيار ۾ آهي. آءُ هلڻ کان معذور آهيان، دوائون گهڻيون کيون اٿم، پر بيسود:

جان جان ڪري طبيب، دارون هن درد جا،

سي هٽيو هٿ حبيب، اکوڙيو اڏ ڪري!

جڏو جيءَ پيو جياريان. حڪيم محمد سعيد جو علاج جاري آهي. سياٽي هالن وڃان ٿو. مخدوم صاحب جي پڦي وفات ڪري ويئي آهي. حسام الدين شاھ ايندو تہ ادبي بورڊ جي ترقيءَ لاءِ تجويزون رٿبيون. آءُ سيڪريٽريءَ جي عهدي تان استعيفا ڏيان ٿو. جويو صاحب ڊبل چارج وٺندو. خدا ڪري تہ بورڊ من هن جي هٿان بچي وڃي. اوهين هجو ها تہ بورڊ جي ڳالھ ٿي ٻي هجي ها، پر اهو وقت اجا پري آهي. سنڌ جو الله تي ننگ آهي. دعا ڪجو، دين ايمان ۽ عزت سان لاڏاٽو ٿئي!

(3)

ڪراچي

24- آگسٽ، 1963ع

دمشڪيءَ ايترو ستايو جو ڪراچيءَ اچڻو پيو. هاڻ اهو حال آهي جو سنئون قدم بنا سهڪڻ جي کڻي نٿو سگهان. جڏهن لنڊن ۾ مخدوم صاحب سان گڏجي ويو هوس، تڏهن کان سگريٽ ڇڏي ڏنو اٿم. پوءِ بہ خبر نہ آهي، ڇو

ڦڦڙ خراب ٿي پيو آهي. ڪالهه ڊاڪٽر قاسم، ڪرنل شوڪت ۽ ڪرنل شاهه مون کي تپاسيو، ۽ ساڳي ڦڦڙ جي مستقل خراب ٿيڻ جي راءِ ڏني. دوا تجويز ڪئي اٿن، پر اها سمجهو تہ عارضي آهي، موٽر جي خراب ٿيل مشين وري نئين ٿي نہ سگهندي. پنج ڏينهن هتي علاج ڪري، وري حيدرآباد ويندس.

حيدرآباد جو حال هي آهي جو منهنجو ننڍو ڀاءُ محمد قاسم شاهه سمجهي ٿو تہ منهنجو ڀاءُ مئو وينو آهي: متان سندس ملڪيت مان ٻيا وارث- وڏي نياڻي ۽ زال- بہ حصو وٺن. تنهن ڪري هينئر ئي مون کي تنگ ڪرڻ شروع ڪيو اٿس. فصل تي زوريءَ قبضي ڪرڻ جو خيال اٿس گهر ۾ منهنجو سوشل بائيڪاٽ ڪيو اٿن- يعني نہ پاڻ ڳالهائي، نہ سندس تعلق جو ماڻهو ڳالهائي. هي آهي نتيجو! قاسم شاهه کي نياڻي، ساندي، سندس اولاد کي بہ نياڻي ساندي وڏو ڪيم. اوهين بند ٿيا وينا آهيو- ڪهڙي ڪم جا! جي آزاد هجو ها تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ اڄ ڪم اچو ها، جيئن منهنجي ابتدائي سياسي زندگيءَ ۾ ڪارآمد ٿيا هئا. اوهان اڳي خط ۾ اڻسڌيءَ طرح ٽوڪ هنئي آهي، مگر اهي ٽوڪون جيئن اڳي برداشت ڪيون اٿم، تيئن هينئر بہ برداشت ڪندو ايندس. منهنجي اوهان سان شخصي محبت رهي آهي ۽ نہ سياسي: اها محبت اميد تہ قبر تائين قائم رهندي. آءٌ ۽ اوهين ڪهڙيءَ حالت ۾ بہ هجون، باوجود سياسي اختلاف راءِ جي، شخصي محبت هميشہ قائم پئي رکي اٿون. منهنجي هميشہ دعا رهي آهي تہ خدا ڪري اوهين آزاد ۽ خوش هجو!

(4)

آخري خط

حيدرآباد

26- آڪٽوبر 1963ع

خط اوهان جو ميان يار محمد شاهه هٿان مليو. وري شاهه صاحب ڪونہ ڏسڻ ۾ آيو. سندس ڪم لاءِ ڪوشش ونبي. ڪاميابي الله جي هٿ ۾ آهي. نور چشم امداد ڪالهہ آيو. منهنجي حالت روبرو ڏنائين. مطلب تہ دم زور وٺي ويو آهي ۽ ضعف وڌندو وڃي ٿو. جنهن ڪري گذريل ٻارهن ڏينهن کان گهر ۾ وينو آهيان. ادبي بورڊ جي ميٽنگ ۾ بہ شامل ٿي ڪونہ سگهيس. دعا ڪندا.

الله شفايابي بخشي، ڪنهن جو محتاج نہ ڪري!

جنهن صورت ۾ اوهين هن وقت سنڌ جا تاريخدان سنڌجي سڳهو ٿا- خصوصاً خاندان مٽياري جا- منهنجي راءِ آهي تہ اوهين پنهنجين تحريرن کي ڪتابي صورت ڏيڻ کان اڳ، مختلف مضمونن جي شڪل ۾، اسان جي خاندان جي چند شخصيتن بنسبت مضمون لکي اخبارن ۾ شايع ڪرايو تہ عوام جي معلومات ۾ اضافو ٿئي، ۽ اوهان جيڪو تاريخ نويسيءَ جو ڪم هٿ ۾ کنيو آهي، ان جو بہ عوام کي اندازو لڳي. انهيءَ ڏس ۾ قاضي اسدالله شاهہ 'فدا' جو نالو پيش ڪندس. ڇوتہ، منهنجي خيال ۾، جن ماڻهن جي هن سرپرستي ڪئي هئي، اهي بہ ڪيس وساري وينا آهن. مهرباني ڪري پنهنجيءَ راءِ ۽ احوال کان واقف ڪندا. حيدرآباد ڪڏهن ايندا؟ ڪراچيءَ ڪڏهن ويندؤ؟ ملڻ جي گهڻي خواهش آهي. دعا سلام سيني جا قبول ڪندا.

- ميران محمد شاهہ

[نوٽ: هيءَ سندس پويون خط هو. ان جو جواب ڪيس موڪليو هوم تہ مون کي، بيماريءَ کان سواءِ، اجازت سان بہ ٻاهر نڪرڻ جي اجازت نہ هئڻ ڪري، حال ملڻ جو امڪان ڪونہ آهي. ڪتاب لکڻ جو تفصيل موڪليو هيومانس- غلام مرتضيٰ]



# خطءِ مضمون

سائين جي- ايم- سيد ۽ پير علي محمد شاهه راشديءَ

جي خط و ڪتابت

مون هن کي پنهنجو ننڍو ڀاءُ ۽ همسفر ساٿي پئي تصور ڪيو آهي.
اهو ناتو اهڙو آهي، جنهن ۾ اڪثري ماڻهوءَ کي پنهنجي نزديڪيءَ وارن جي ڪوتاهين کي نظر عفو سان ڏسڻو پوي ٿو. مون کي ڪيس نزديڪيءَ مان مطالعي ڪرڻ جا موقعا پئي مليا آهن. هن ڪان، باوجود قابل ۽ هوشمند هئڻ جي، ڪي نامناسب ڪم، رد عمليءَ جو شڪار ٿيڻ ڪري، سرزد پئي ٿيا آهن، اهڙيون خطائون گهٽ ڪان ٿينديون پئي رهيون آهن. جڏهن هن وقت آءُ پنهنجي گذشته ڪارنامن تي نظر ڊوڙايان ٿو، ته مون کي پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيئي اهڙا مثال ملن ٿا. پنهنجا عيب ڏسي، ٻين جا عيب وسريو وڃن. اهو ڪير اعتبار ڪندو ته مون جهڙو هڪ صوفي منش ماڻهو جو سڀ ۾ پرين پسڻ جو قائل ۽ وير وروڌ جو دشمن هجي، سو رد عمل جي چڪر ۾ ڦاسي، پنهنجا اصول روايات وساري هندن جي خلاف ڪن گروهن طرفان ڦهلايل نفرت جي نه صرف اثر هيٺ اچي وڃي، بلڪ ان جو عملدار بنجي ويهي رهي! ڏوهه ڪنهن جو هو؟ ڪوتاهه نظر سياستدان هندوءَ جو، يا مسلمان ڪاموري ۽ وڏيري جو۔ يا اسان جهڙن غير تجربيڪار جوشيلن ڪارڪنن جو! ان لاءِ ڪنهن کي به خاص جوابدار ٺهرائڻ جو فيصلو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. هتي رڳو حقيقتن جي بيان ڪرڻ جي ضرورت آهي.
ان ڳالهه کي نظر ۾ رکي. جڏهن حقيقتون بيان ڪبيون، علي محمد شاهه جو پارٽ سنڌي سياست ۾ نهايت اهم نظر ايندو. سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ واري تحريڪ ۾ سندس قلم ڪافي خدمتون بجا آنديون. سنڌي وڏيرن ۽ سيٺين جي سامهون، مخالفت جي ميدان ۾ هيءُ اسان جو ساٿي پئي رهيو آهي. "فرياد سنڌ" سندس اهڙن خيالن جي اڄ تائين شاهدي ڏيئي رهيو آهي. جيڪڏهن سنڌ کي ون يونٽ ۾ گڏڻ جي ڪم سان شموليت جو گناهه هن کان سرزد ٿيو آهي، ته ان لاءِ يا ته سندس قول ۽ فعل جي تضاد کي ذميدار ٺهرائي سگهجي ٿو يا ساڻس رعايت ڪجي، ته

گفتگوي عاشقان در ڪار يار
جوشش، عشق است نه ترڪ پيار

جو مثال پيش ڪري سگهجي ٿو.

راشدي صاحب اڪثري مشڪل مسئلن ۾ نمايان حصو پئي ورتو آهي. جيڪڏهن ڪنهن بدن جي حصي تي ڪاوڙجي پيو ته ان کي عذاب ڏيڻ کان دريغ ڪونه ڪيو اٿس. ڪُئن کي مارڻ لاءِ گهر ساڙڻ کان به نه رهيو آهي. هتي هي چوڻ کان رهي نٿو سگهان ته اڪثر حالتن ۾ هن منافق ٿيڻ کان ڪافر ٿيڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏني آهي. سني ڪم يا خراب ڪم ۾ هن نهايت جُرئت ۽ بهادريءَ کان ڪم پئي ورتو آهي. پاڻ کي اهڙا ثبوت پڻ ڏنا اٿس، جنهن ڪري سندس وعدي تي اعتبار ڏکيو پئي رهيو آهي، ليڪن سندس عمر مان واقف هئڻ سبب، باوجود انهن ڪوتاهين جي، منجهانئس مون اميدون نه لاٿيون آهن. متي چئي آيو آهيان ته هيءَ به سنڌ جي عاشقن مان هڪ آهي. مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ جي عادت اٿس. سياسي صلاحيتن ۽ ذهني لياقتن جو صاحب آهي. ان ڪري مون کي يقين ويهي رهيو آهي ته جيڪو ماٺو ڪُئن تي ڪاوڙجي گهر ساڙڻ کان نه ڊنو سو انهيءَ گهر کي نانگن جي حوالي ڪرڻ تي راضي ٿي نه ويهندو. ڪڏهين نه ڪڏهين سندس غيرت يا غصي کي وري جولان ايندو ۽ "گوشۂ چشم به ماڪند" موجب، وري هن خدا جي سرزمين جي پيٽ مان نانگن جي پکيڙيل زهر کي ختم ڪرائڻ ۾ ڪوتاهي نه ڪندو.

هي خط انهيءَ اميد جي آسري تي ڪنا ڪري ياد ڏهانيءَ لاءِ ڪيس تحفو ڪري رهيو آهيان.

ازانسواءِ هي خط ۽ مضمون بذات خود سنڌ جي تاريخي دور جا اهم دستاويز آهن، جي آئينده تاريخ نويسن لاءِ ڪارائتا ٿي سگهن ٿا.

مون سندس چوڻ موجب حتي الامڪان پئي عمل ڪيو آهي، ڪيس ياد ڏيارڻ لاءِ صرف هي چوندس:

تو جو ٻول ٻروچ، ويهي ڪيو وٽڪار ۾،
سوئي پارج هوت، ولهيءَ مون معذور سين!

8 مارچ 1967ع

غلام مرتضيٰ شاهه

[نوٽ: هتي پيش ڪيل خطن مان ڪي خط انگريزيءَ مان آزاد ترجمو ڪيل آهن. ۽ ڪن خطن جو اختصار پڻ ڪيل آهي. ڪٿي ڪٿي اهم تڪرن کي ٿلهن اکرن ۾ آندو ويو آهي.]

# حياتيءَ جو مختصر احوال

سنڌ جي سياستدانن ۾ ميان علي محمد شاهہ جو درجو يڪتا قسم جو آهي. هتي جا اڪثر سياستدان يا صفا آئيڊيلسٽ آهن يا رڳو سياست عمل جا پوئلڳ آهن. هيءَ ٻنهي جو مرڪب آهي.

هيءَ آئيڊيلسٽ بہ نرالي قسم جو آهي، جنهن جو افلاطون (Plato) جي سياسي آئيڊيلزم سان تعلق نہ آهي- جو 23 سؤ ورهيہ اڳي جي سياسي نظريا پيش ڪري ويو آهي سي اجا تائين عمل ۾ اچي ڪين سگهيا آهن. پر هن جو ميڪاولي قسم جي آئيڊيلزم آهي، جو سورهين صدي عيسويءَ ڌاري اٽليءَ ۾ پيدا ٿيو. دنيا جا اڪثر ملڪ ۽ مدبر اڄڪلهہ انهيءَ نظريي مطابق هلن ٿا. تفاوت ٻنهي نظرين ۾ هيءُ آهي تہ پهريون يوٽوپيائي (خيالي جنت جون) ڳالهيون پيش ڪري ٿو ۽ ٻيو حقيقت جي دنيا جون عمل ۾ اچڻ جهڙيون. ازانسواءِ پويون نظريو طريقہء ڪار جي چونڊ جي پابندي نٿو رکي، ان وٽ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙا بہ طريقا اختيار ڪرڻ جائز آهن. گهڻن ئي فيلسوفن ۽ مذهبي ماڻهن انهيءَ نظريي جي نڪتچيني ڪئي آهي، ليڪن عملي طور گهڻي وقت کان سڀ ڪامياب سياستدان ۽ مدبر اُن جي ئي ڍسيل طريقن جي پيروي ڪري رهيا آهن.

هيءُ صاحب راشدي سيدن مان آهي، جي لڪياري سيدن جي شاخ شمار ڪيا وڃن ٿا. انهن جي نسب جو سلسلو **سيد علي مڪيءَ** جي سنڌ ۾ اچڻ کان شروع ٿئي ٿو جنهن بابت چوڻ ۾ اچي ٿو تہ هو مڪي شريف کان سنہ 512هہ مطابق سنہ 1118ع ڌاري لڏي سنڌ ۾ آيو ۽ اچي هليو. سندس اولاد لڪيءَ جي مشهور معروف ولي الله **شاهہ صدر الدين عليہ الرحمت** ان جو هن طرح اولاد آهي: سيد صدر الدين بن شاهہ محمود بن سيد محمد بن

شاهہ حسين بن شاهہ چکن بن سيد علي مکي. شاهہ صدر الدين عليہ الرحمت جو پاءُ سيد **بهاء الدين** هو. راشدي خاندان جي جد امجد سيد محمد راشد، جي نسب جو شجرو هيٺينءَ طرح سيد بهاء الدين تائين پهچي ٿو.

سيد محمد راشد عليہ الرحمت بن بقا بن سيد محمد امام بن سيد فتح محمد بن سيد شڪر الله بن سيد عثمان بن شاهہ ڪٽڻ بن شاهہ سنجر بن شاهہ بولن بن شاهہ حسين بن سيد امير علي بن سيد ناصر الدين بن سيد عباس بن سيد بهاءُ الدين عليہ الرحمت.

سيد محمد راشد شاهہ پهرين شعبان سنہ 1313هہ مطابق 6 جون 1818ع تي وفات ڪئي. کيس ٻہ فرزند ٿيا: سيد **ميان صبغت الله شاهہ اول**، جو صاحب دستار يا پاڳارو سڏبو ويو ۽ سيد **محمد ياسين شاهہ**، جو عَلم جو صاحب يا جهنڊي وارو سڏجڻ لڳو.

پير ميان صبغت الله شاهہ 5 رمضان سنہ 1246هہ مطابق 18 فيبروري سنہ 1831ع تي وفات ڪئي. کيس ٻہ فرزند ٿيا. سيد علي محمد شاهہ وڏو (ان جي اولاد مان هيءُ راشدي صاحب آهي. ۽ (2) سيد علي گوهر شاهہ (ان جي اولاد مان پير پاڳاري وارا آهن). سيد علي محمد شاهہ ننڍي ڀاءُ جي فائدي ۾ دست بردار ٿيو. ٻنهي ڀائرن جا سال وفات هن طرح آهن: سيد علي محمد شاهہ وفات 14 ربيع الاول سنہ 1284هہ مطابق 18 جولاءِ سنہ 1867ع. ۽ سيد علي گوهر شاهہ عرف بنگلي ڌڻي، تخلص "اصغر"، وفات 11 جمادي الاول سنہ 1263هہ، مطابق 28 ـ اپريل سنہ 1847ع.

سيد علي محمد شاهہ کي پنج فرزند ٿيا، جن مان سيد ميان پير شاهہ هڪ هو. (وفات – 22 شعبان 1341هہ مطابق 12 جنوري 1931ع). سيد ميان پير شاهہ کي سيد محمد حامد شاهہ فرزند ٿيو (وفات ـ 31 مارچ 1937ع) جنهن کي ٽي فرزند ٿيا: (1) سيد علي محمد شاهہ راشدي (جنهن جو احوال هتي ڏجي ٿو)، (2) سيد حسام الدين شاهہ راشدي (سنڌ جو مشهور عالم ۽ اديب)، ۽ (3) پير احمد شاهہ (17 سيپٽمبر 1919ع تي ڄائو). ٻئي طرف پير علي گوهر شاهہ کي پير حزب الله شاهہ عرف تخت وارو تخلص "مسڪين"، فرزند ٿيو (وفات ـ خميس 4 محرم 1308هہ،

مطابق 21 آگسٽ 1890ع، ان جو فرزند پير ميان شاهه مردان شاهه ٿيو (وفات۔ اڳارو 8 ربيع الاول 1340هه جنهن جو فرزند ميان صبغت الله شاهه دوم ٿيو (وفات 20 مارچ 1943ع، 8 بجي صبح)، ان جو فرزند موجوده پير صاحب پاڳارو سڪندر علي شاهه ملقب به "شاهه مردان ثاني" آهي.

سيد علي محمد شاهه راشدي 12۔ جمادي الثاني سنه 1324هه، مطابق 5۔ آگسٽ سنه 1905ع، ساڍي 5 بجي صبح جو جمعي ڏينهن تولد ٿيو. هن ابتدائي تعليم مولوي محمد سومار، وينل ڳوٺ ڏکڻ، وٽ ۽ مولوي محمد صديق، وينل ميرپورخاص، وٽ ورتي. سنڌي چار درجا ۽ فارسي (سڪندر نامه" تائين پڙهيائين. ٿوري عربي به پڙهيو. پوءِ انگريزي تعليم ماستر محمد رفيق، وينل مائونٽ اَبُو وٽ ورتائين. ان جي وچڻ ڪانپوءِ نصرت اسٽيشن جي ماستر وٽ انگريزيءَ جا سبق وٺندو رهيو. قريبا ڇئن درجن جي سطح جيتري انگريزي تعليم ورتائين. ان ڪانپوءِ محنت ۽ مطالعي سان سنڌي، پارسي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ مهارت حاصل ڪري ويو.

## صحافتي زندگي:

سنه 1924ع ڌاري، هيءَ "سنڌ نيوز" اخبار جو نامه نگار ٿي احوال موڪلڻ لڳو. انهيءَ سال، 5۔ ڊسمبر 1924ع تي، سنڌ تعليمي ڪانفرنس حيدرآباد ۾ حصو وٺڻ لاءِ آيو جتي منهنجي ساڻس واقفيت ٿي. سنه 1926ع کان سنه 1931ع تائين هيءَ سنڌ محمدن ائسوسيئيشن جو سرگرم ڪارڪن رهيو جنهن جو صدر سر شاهنواز خان خان ڀٽو ۽ سيڪريٽري خانبهادر ولي محمد حسنعلي هئا. سنه 1926ع ڌاري هن اخبار "الحزب" شڪارپور مان ايڊٽ ڪئي. سنه 1928ع ۾ اخبار "الراشد" جي ايڊيٽريءَ جا فرائض بجا آندائين. انهيءَ وقت ڌاري هڪ جماعت "انجمن سادات راشديه" جي نالي سان برپا ڪئي هئائون، جنهن جو صدر پير حزب الله شاهه دوم عرف پير جيئل شاهه هو ۽ پاڻ ان جو سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيائين. هن اخبار "الامين"، سکر، ۾ سنه 1925ع کان 1928ع تائين ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيو. سنه 1927ع تائين خانبهادر

محمد ايوب کهڙي جو سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيائين. ان وقت خانبهادر کهڙي بمبئيءَ کان سنڌ جي جدائيءَ لاءِ جا هلچل هلائي هئي، ان جي چارج ۾ هيءَ هو. هن سنہ 1929ع ۾ "سنڌ زميندار" اخبار، سکر جو ڪجهہ وقت لاءِ ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيو. جا مرحوم آغا نظر علي خان جي نظرداريءَ هيٺ کهڙو صاحب ڪڍائيندو هو. سنہ 1933ع ۾ هن جا لاڳاپا سر شاهہ نواز خان ڀٽي جي گروهہ سان ٿيا. جي ڀٽي صاحب جي سنڌ ڇڏي پبلڪ سروس ڪميشن جي ميمبر ٿي وڃڻ تائين رکيائين. سنہ 1934ع ۾ سکر مان اخبار "ستاره سنڌ" ڪڍڻ شروع ڪيائين، جنهن جو پاڻ مئنجنگ ڊائريڪٽر ٿي رهيو. اها اخبار سنہ 1937ع تائين نڪرندي رهي. اُن ۾ عمدا ادبي ۽ سياسي مضمون پوندا هئا. سنہ 1936ع ۾ اخبار "صبح سنڌ" ڪڍڻ شروع ڪيائين، جنهن ۾ "اتحاد پارٽيءَ" جي فائدي ۾ مضمون نڪرندا هئا. سنہ 1937ع جي اليڪشن کان اڳ اها اخبار عام ماڻهن ۾ "اتحاد پارٽيءَ" جي اميدوارن جي پروپيگنڊا لاءِ ورهائبي هئي. هن سنہ 1940ع کان انگريزيءَ ۾ "مسلم وائس" نالي هفتيوار اخبار پهرين سکر مان، پوءِ ڪراچيءَ مان ڪڍڻ شروع ڪئي، جنهن ۾ سياسي ۽ ادبي مسئلن تي مضمون لکندو هو. اها اخبار سنہ 1946ع تائين هلندي رهي. سنہ 1945ع جي آخر ۾ جڏهين اسان جا اختلاف مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ سان پيدا ٿيا ۽ "الوحيد" اخبار مخالف پروپيگنڊا ڪرڻ لڳي تہ اسان شڪارپور مان نڪرندڙ "قرباني" اخبار ۽ پريس خريد ڪري ڪراچيءَ ۾ آندي پهرين ان جو مولوي خير محمد نظاماڻي ايڊيٽر هو پر ڪجهہ وقت ڪانپوءِ جڏهين ڏٺو ويو تہ پارٽيءَ جي هو صحيح ترجماني نٿو ڪري تہ اخبار جي نظرداريءَ جو ذمو ميان علي محمد شاهہ کنيو. ايڊيٽريءَ ۾ نالو ٻين جو هوندو هو مگر ان جا اهم مضمون ۽ ايڊيٽوريل هيءُ لکندو هو. مشهور ڪتاب "فرياد سنڌ" اول مضمونن جي صورت ۾ انهيءَ روءِ "قربانيءَ" ۾ ڇپيو هو جن کي پوءِ ڪتابي صورت ڏيئي سنڌ ۾ ورهايو ويو هو. اها اخبار سنہ 1917ع ۾ کهڙي صاحب جي دور وزارت ۾ بند ڪرائي ويئي. سنہ 1948ع کان جڏهن سنڌ جي مشهور انگريزي اخبار "سنڌ

آبزورو“ جو انتظام کھڙي صاحب جي هٿ ۾ آيو ان وقت کان سنہ 1949ع تائين، ٻن سالن لاءِ هيءَ ان اخبار جو ايڊيٽر ٿي رهيو جنهن ۾ حالتن کي نظر ۾ رکي، سنڌي نقطي نگاهہ هيءَ پوريءَ طرح پيش ڪندو رهيو. ان ۾ ”ڊان“ اخبار جي فرقيوار پروپيگنڊا جو پوري حوصلي ۽ همت سان مقابلو ڪيائين.

سنہ 1952ع ۾ هفتيوار اخبار ۾ ”اسٽيٽسمئن“ ڪڍڻ شروع ڪيائين. جا نالي خاطر اڄ تائين پير صاحب پاڳاري طرفان مسٽر اويس ڪڍندو رهي ٿو. ڪجهہ وقت لاءِ هيءَ پاڪستان نيوزپيپرس ائسوسيئيشن جو پريزيڊنٽ ٿي رهيو ۽ انهيءَ سلسلي ۾ هندستان، مصر ۽ انگلينڊ ۾ وفد وٺي دوري تي ويو.

چين ۾ پاڪستاني سفير جي عهدي تان سبڪدوش ٿيڻ بعد، هن ڪجهہ وقت هانگ ڪانگ ۾ سڪونت اختيار ڪئي، جتان مشرق بعيد جي سياسي ۽ ملڪي حالتن بابت مضمون لکي، ڪراچيءَ جي روزانہ اردو اخبار ”جنگ“ ڏانهن موڪليندو رهيو جي ان ۾ ”مڪتوبہ مشرق بعيد“ عنوان سان ڇپيا هئا. هانگ ڪانگ ڇڏي پاڪستان اچڻ بعد، مضمونن جو اهو سلسلو اڄ تائين ”مشرق و مغرب“ عنوان سان جاري رکندو اچي ٿو. اهي مضمون جتي معلومات جو هڪ وڏو خزانو آهن، اتي سندس سياسي فڪر ۽ طرز تحرير جو پڻ يادگار نمونو آهن.

### ادبي زندگي:

هن کي عمدن اديبن مان شمار ڪري سگهجي ٿو. تاريخ، جنسيات، شڪار ۽ عام معلومات جي ڪتابن ۾ هن جو گهرو مطالعو آهي. هن ڪيترا ڪتاب لکيا آهن، جن مان سواءِ مختصر چوپڙين جي ٻيا ڇپجي نہ سگهيا آهن. سندس ادبي تحريرن ۾ ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ غير معمولي اهميت رکي ٿو جو سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو آهي. هيءَ ادبي بورڊ تي سنہ 1940ع کان سنہ 1958ع تائين ميمبر طور رهندو آيو. هن کي جيڪڏهن ٻين مشغولين کان علحده ڪري ادب جي ميدان ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو وڃي، تہ سنڌي ادب جي وڏي خدمت ٿي پوندي.

### سنڌس سياسي زندگي:

جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو ۽ هن سياسي ڪمن ۾ حصو "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" ۾ سنہ 1926ع ۾ داخل ٿيڻ جي وقت کان ورتو. ان کانپوءِ "انجمن سادات راشديہ" برپا ڪرايائين ۽ ان طرفان اميدوار بيهاري "الراشد" اخبار ذريعي پروپيگنڊا ڪيائين. ليڪن سنڌن ڪوبہ اميدوار ڪامياب نہ ٿي سگهيو. سنڌ جي بمبئي علائقي کان جدائيءَ بابت جا تحريڪ سنڌين طرفان شروع ٿي هئي، ان ۾ خانبهادر طرفان جا پروپيگنڊا ڪئي ويندي هئي، ان ۾ لکڻ جو ڪم هي سرانجام ڪندو هو. ڪتاب "استوري آف دي سفرنگس آف سنڌ" جو کهڙي صاحب طرفان ڇپايو ويو هو ان ۾ هن جي محنت ڪيل هئي. سنہ 1933ع کان ۔ سنہ 1936ع تائين ضلعي لوڪلبورڊ لاڙڪاڻي جو ميمبر ٿي رهيو. ساڳئي عرصي ۾ ضلعي لوڪلبورڊ لاڙڪاڻي جي اسڪول بورڊ جو ميمبر بہ رهندو آيو. سنہ 1934ع ۾ "سنڌ پيپلز پارٽي" جا سر شاهنواز خان ڀٽي جي ليڊر شپ هيٺ قائم ٿي هئي، ان جي برپا ڪندڙن مان هيءُ هڪ هو.

سنہ 1936ع ۾ سر حاجي عبدالله هارون جي ڪوشش سان "سنڌ اتحاد پارٽي" ناهي وئي. ان جي ابتدائي بانيڪارن مان هيءُ هڪ هو. پوءِ پارٽيءَ طرفان بيهاريل اميدوارن جي مدد ۾ هيءُ "صبح سنڌ" اخبار ۾ مضمون لکندو رهيو. سر شاهنواز خان ڀٽي ۽ سر حاجي عبدالله هارون، پارٽيءَ جي ليڊر ۽ ڊپٽي ليڊر جي شڪست بعد، جڏهن اتحاد پارٽيءَ جا باقي رهيل ميمبر مخالفت ۾ وياسون، تہ هيءُ اسان سان شريڪ ڪار هو. ڪانگريس ۽ اتحاد پارٽي جي ڪارڪنن سنہ 1937ع ۾ عوام سان رابطي پيدا ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ ڪانفرنسون ڪوٺائڻ شروع ڪيون. انهن مان ڪن ۾ هيءُ شريڪ ٿيو هو. سنہ 1937ع جي آخر ۾ سر غلام حسين جي وزارت سان پروگرام جي بنياد تي ڪوئليشين ڪرائڻ ۾ هن جو هٿ هو. سنہ 1938ع جي اوائل ۾، سر غلام حسين وزارت، قبول ڪيل پروگرام جي سرانجام ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڏيکاري، تہ ان جي ڪيرڻ لاءِ جيڪا رٿا تيار

تي، ان ۾ هن حصو ورتو. سر غلام حسين جي وزارت کي شڪست آئي ۽ الهه بخش وزارت وجود ۾ آئي. هن نئين وزارت نهرُ ڪانپور ۽ پارٽي طرفان پروگرام کي سرانجام ڪرڻ لاءِ جيڪي تجويزون ان وزارت کي ناهي ڏنيون ويون هيون، انهن ۾ هن جو خاص هٿ هو.

نڪتل وزيرن طرفان ڪيل پروپيگنڊا کي منهن ڏيڻ عوام سان وزيرن جي رابطي پيدا ڪرڻ ۾ آفيشل طبقي جي دٻاءَ کي ڪمزور ڪرڻ واسطي پير الاهي بخش جو سڄي سنڌ ۾ گشت جو پروگرام رٿيو ويو. ان جي تيار ڪرڻ ۽ پير صاحب سان گڏجي ان کي ڪامياب بنائڻ ۾ هن جو وڏو هٿ هو. گشت پوري ڪرڻ بعد ڪاموري طبقي ۾ خاص ناراضگي پيدا ٿي انهن گورنر جي ذهن تي اها ڳالهه آندي ته ڪامورن جي طاقت ڪمزور ٿيڻ سان حڪومت جو اثر ماڻهن تان لهي ويندو. ان سموريءَ پاليسيءَ لاءِ هنن مون کي ۽ علي محمد شاهه کي جوابدار ٺهرايو. مون کي ته پارٽيءَ ۾ خاص پوزيشن رکڻ ڪري ڪجهه ڪري نٿي سگهيا. پر هُنن آهستي آهستي ڪري، وزيرن تي زور آڻي، راشدي صاحب کي وزارت جي مشير ۽ مددگار جي جاءِ تان هٽرائي ڇڏيو. ان ڪري پروگرام جي سرانجامي ۾ سستي ۽ ڪوتاهي ٿيڻ شروع ٿي، ماڻهن ۾ پيدا ڪيل اميدون پوريون نه ٿي سگهيون، ۽ ميمبرن ۽ عوام ۾ شڪر رنجيون پيدا ٿيڻ لڳيون. الهه بخش وزارت پنهنجي مدد ڪندڙ پارٽين جي مشوري خلاف، گورنر جي چوڻ تي، ڊلون وڌائيون. جنهن تي اتحاد پارٽي ورهائجي ٻه حصا ٿي ويئي. اسان مخالفت ۾ وياسون ته هيءَ ٻه مخالفت ۾ هليو آيو. ڪانگريس پارٽيءَ اُن سوال تي جا ڦِرَتي اختيار ڪئي، ان کي بيانن جي ذريعي مون اخبارن ۾ ظاهر ڪيو، جن جي تيار ڪرڻ ۾ هن مسٽر تلهراماڻي جو هٿ هو.

نيٺ حاجي عبدالله هارون، تنگ ٿي، مسلم ليگ ۾ هليو ويو. ان اسان جي صلاح سان صوبه سنڌ مسلم ليگ ڪانفرنس جو اجلاس، جناح صاحب جي صدارت ۾ 8 ۽ 9 آڪٽوبر سنه 1928ع تي ڪراچيءَ ۾ سڏايو جنهن ۾ ساري هندستان جي مکيه ليڊرن شرڪت ڪئي هئي. ان ڪانفرنس جي موقعي تي عاليشان سرگرس ڪيائڻ ۽ ڪانفرنس کي

ڪرم تي هو وزارت ماڻهن جي اميد مطابق ڪم نہ ڪري ڪري ضرور بدنام ٿيڻ واري هئي، وغيره: مسلم ليگ اسيمبلي پارٽيءَ جي ميمبرن ۾ شخصي لالچ يا عهدن کان پري رهڻ ڪري منهنجو وقار قائم ٿيل هو ان کي نقصان پهچڻ هن برداشت ڪرڻ نٿي گهريو. اهو سڀ مون سان شخصي محبت ۽ مون لاءِ عزت هئڻ ڪري ڪيائين ٿي. هو سر زمين تي نہ هو پرپٺ صلاح ڏنائين ٿي تہ ٺئي ٿيل وعدن کي وساري. هڪدم نئين وزارت وجود ۾ آندي وڃي- ڇاڪاڻ تہ هندو مسلم فسادن وقت سوين ناحق گرفتار ٿيل مسلمانن جي ڇڏائڻ، مسجد منزل گاهہ واپس ڪرائڻ ۾ عوام جي حوصلي کي بلند رکڻ لاءِ اهو ضروري هو. وزارت منهنجي شموليت کانسواءِ نهي نٿي سگهي.

مون کي مون پرين ڀڏي ڏڏو ڀار ۾،
اُيا ائين چون مٿان ڀانڊ ڀسائين!

مٿي چٽي آيو آهيان تہ هيءَ سياست عمل ۾ آئيڊيلزم جو مرڪب آهي. ليڪن آئيڊيلزم ۾ مقصد جي حصول لاءِ طريقہ ڪار جي هن کي پرواهہ نہ هئي. آءُ سياست عمل کان پري، خيالي دنيا ۾ افلاطوني آئيڊيلزم جو پوئلڳ هوس، جنهن جو عملي دنيا ۾ ڪو وجود ئي ڪونہ هو. مون سان هلڻ لاءِ هن عام ماڻهن وارو رويو اختيار ڪيو. باوجود گهڻو وقت سنگت ۾ رهڻ جي، منهنجي دل جي نزاڪت کي پوريءَ طرح پرکي نہ سگهيو هو. سندس ان رويي مون کي گهڻو صدمو رسايو جنهن جو اُنتي هلي هن کي احساس ٿيو. 8 مئي 1940ع تي سکر مان خط ۾ لکي ٿو تہ "آءُ ڪراچي ڇڏڻ کان اڳ توکي ملي ڪين سگهيس. مون ڏٺو تہ تون مون سان گفتگو بعد تمام متاثر ٿي وير هئين ان لاءِ معافي وٺڻ گهريم ٿي، پر وقت ٿورو هو. اهڙن سخت لفظن ۾ حقيقتن جو اظهار ڪرڻ حالت مطابق مون مناسب سمجهيو هو پر پوءِ مون سمجهيو تہ مون کي توسان گستاخانہ گفتگو نہ ڪرڻ گهرجي ها مون کي تنهنجي عزت ڪرڻي آهي. توکي وڃائڻ نٿو گهران. هن سياسي دنيا ۾ مون کي صرف تو ۾ ئي اميدون آهن. اميد تہ خط لکي مون کي دلداري ڏيندين تہ تو مون کي معاف ڪيو آهي."

واقعي اسان وزارت نازڪ وقت ۾ ورتي هئي. سوين گرفتار ٿيل ماڻهن ڪي ڇڏائڻو هو منزل گاهه مسجد ڪي ٽربيونل اڳيان مسجد ثابت ڪرڻو هو هندو مسلم فسادن جي ڪارڻن ۽ جوابداريءَ جو فيصلو ٿيڻ وارو هو ۽ ان ڪم لاءِ ڪن لائق ۽ قابل وڪيلن جي مدد جي ضرورت هئي. مسلمانن ۾ اڳيئي ان وقت لائق ۽ قابل وڪيل گهٽ هئا. جي باقي هئا تن کي پئسي جي لالچ هئي جا اسان پوري ڪري نٿي سگهياسون. مسجد منزل گاهه جي ٽربيونسل اڳيان ڪيس پيش ڪرڻ جو ڪم ڊاڪٽر محمد عالم لاهور واري هٿ ۾ ڪنبو پر پيسي نه هئڻ ڪري هو موٽي هليو ويو. هندن طرفان ڪيترائي نهايت لائق وڪيل موجود ٿي ويا، ليڪن مسلمان پڙهيل گروهه طرفان حد درجي جي بي اتفاقي ڏيکاري ويئي. ان وقت جنهن تندهيءَ، محنت ۽ قابليت سان هِن انهن سيني ڳالهين جي سرانجامي ڪئي، سا ڳالهه لائق ستائش آهي. اهڙو ڪم صرف مقصدن لاءِ جنون رکڻ وارا ماڻهو ڪري سگهن ٿا. رواجي ماڻهوءَ جي جاءِ نه آهي. هن ٽربيونل اڳيان منزل گاهه جي مسجد کي ثابت ڪرايو. هن ناحق گرفتار ٿيل ماڻهن کي وڪيلن جي معرفت آزاد ڪرائڻ لاءِ سخت ڪوشش ورتي. هن پبلڪ اڳيان هندو مسلم فسادن جي ڪارڻن تي ڪتاب لکي پيش ڪيا. انهن ڳالهين ۾ مرحوم حاجي عبدالله هارون ۽ خانبهادر کهڙي ڪيس مدد ڪئي.

وزارت متعلق سندس مٿي ڏنل رويي بعد مون فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته وزارت کي ڇڏڻو هوم پر مناسب موقعي جي تلاش ۾ هوس. آخر مولانا ابوالڪلام جي معرفت مرحوم الهه بخش کي وزارت ۾ شامل ٿيڻ لاءِ رضامند ڪري استعيفا ڏيئي، ٻاهر نڪتس. مرحوم حاجي عبدالله هارون ان وقت صوبه سنڌ مسلم ليگ جو پريزيڊنٽ ۽ راشدي صاحب جنرل سيڪريٽري هئا. پر منهنجي فيصلي کي روڪي نه سگهيا. مون الهه بخش کي وزارت ۾ آڻي، هڪ ٻيءَ وزارت جو ڪين واعدو ڏيئي، آل پارٽيز وزارت وجود ۾ آندي اڳتي هلي، مير بنده علي خان کي استعيفا ڏيڻي هئي. هنن جناح صاحب طرفان وزيرن کي حڪم ڪرايو ته وزارت تان استعيفا نه ڏين. مير بنده علي خان کي وڏيڪ ڇا گهربو هو! هُن ته ويني وجهه ڳوليا.

تنهن استعيفا ڏيڻ کان انڪار ڪيو.

ٻئي سال جي شروعات ۾ خود مسلم ليگ وزارت شڪست کائي ٻاهر نڪتي، ۽ وري الهه بخش وزارت وجود ۾ آئي.

ان ڪانپوءِ هن ۽ مون مسلم ليگ کي زور وٺائڻ لاءِ هرڪا ڪوشش ڪئي. جيستائين حاجي عبدالله هارون زنده هو مسلم ليگ جي آفيس ۽ انتظام ۾ هن جو وڏو دخل هو. ليڪن مسٽر يوسف هارون پيءُ وانگر هن ڏکئي، خود سر ۽ خوددار ڪارڪن کي پاڻ سان گڏ هلائڻ ۾ ڪامياب نه ٿيو. حاجي صاحب ٻي شيءِ هو. ان لاءِ هڪ مثال پيش ڪريان ٿو. هڪ ڏينهن ڪلفٽن تي گهمڻ ويس، ته بيچ تي حاجي عبدالله هارون ۽ راشدي صاحب ٻيئي ڪرسين تي ويٺا هئا. آءُ به ساڻن وڃي ويٺس. مون ڏي نهاري، حاجي صاحب فرمايو ته "شاهه صاحب، هي.... راشدي غضب جو ماڻهو آهي. آءُ کيس پوريءَ طرح سڃاڻان ٿو. هي يا مون کي بادشاهه بنائيندو يا جيل ۾ موڪليندو. شاهه صاحب، باوجود هن جي خامين جي ههڙا ماڻهو ملڻ مشڪل آهن." ان مثال مان حاجي صاحب جي عظمت ۽ راشديءَ جي قابليت ۽ لياقت جو پتو پئجي سگهي ٿو.

ان ڪانپوءِ هيءُ مسلم ليگ کان ٿڏو ٿيڻ لڳو. سندس گهڻو وقت سنڌ کان ٻاهر گذرڻ لڳو اُن وقت مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ ۽ ٻين مڪاني ڪارڪنن جي طريقہ ڪار مان نااميد ٿي چڪو هو. 18 نومبر 1943ع تي هن دهليءَ مان هڪ ڊگهو خط موڪليو. ان ۾ هن پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو. اهو ڊگهو هئڻ ڪري هتي نٿو ڏجي. اُن جو لب لباب اهو هو ته "مسلم ليگ مسلمانن جي اتحاد ۽ پاڪستان جي نالي ۾ چورن جي جاءِ پناهه ٿي پيئي آهي. ان جا ڪارڪرده عوام جا دشمن آهن.... توکي مڙس ٿي، انهن ڳالهين خلاف مقابلو ڪرڻ گهرجي، پوءِ ڪٿي ٻيا سڀ رفيق ان مقابلي ۾ اڪيلو ڇڏي وڃن. جيڪڏهن زمانو تنهنجي اصولن ۾ رنڊڪ وجهي ته ان سان به لڙڻ گهرجيئي." مون سمجهيو ته هيءُ وقتي جوش ۾ اچي ائين لکي رهيو هو. ان ڪري کيس شيخ صاحب ۽ رئيس پرڳڙيءَ وارن کان ڇڏ چواءِ ڪرائي وري مسلم ليگ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ آماده ڪيم. ليڪن حالتون روز

بروز ناقابل برداشت ٿينديون ويون. اسان جا مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ سان اختلاف وڌندا ويا.

سنہ 1946ع ۾ مرڪزي اسيمبليءَ جي چونڊ ٿيڻ واري هئي. هيءَ مسلم ليگ جي اميدوار مسٽر يوسف هارون خلاف چونڊن ۾ بيٺو. آءٌ صوبہ مسلم ليگ جو صدر هوس. هيءَ ان جو مکيہ رڪن هو. هيءَ ڄاڻي واڻي مخالفت ۾ اميدوار بيٺو هو. ڪيس خبر هئي تہ اليڪشن ۾ پئسي جي ضرورت هئي، جو وٽس ڪونہ هيو. وزارت هن جي مخالف جي همدرد ۽ مددگار هئي. جنهن مسلم ليگ جماعت جو نالو اسان سنڌ ۾ ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائي ڇڏيو هو يوسف صاحب ان طرفان اميدوار بيٺل هو. کٽڻ جي اميد ڪانہ هيس. تنهن هوندي بہ هيءَ بيٺو. ان جو مطلب آءٌ سمجهي ويس. هن زور ڪري، مون کي هاءِ ڪمانڊ سان اختلاف ۾ آڻي، مسلم ليگ مان ٻاهر ڪيڊائڻ تي گهريو. جي آءٌ سندس ساٿ نہ ڏيان، تہ هيءَ اهو بهانو بنائي مسلم ليگ کان الڳ ٿي وڃي ها.

آءٌ هن وقت تائين اهو محسوس ڪري ويو هوس تہ وڏيون جماعتون مختلف خيالن جي ماڻهن سان ڀريون پيون هيون. اهي هڪ پارٽيءَ وانگر هڪ نظريي، هڪ طريقي ڪار ۽ هڪڙي محڪم پاليسيءَ مطابق ڪونہ ٿي هليا. انهن ۾ ڪيترا مختلف گروهہ مختلف نظرياتي بنيادن تي پيدا ٿي پيا هئا. جي سندن پوزيشن جماعت اندر مضبوط ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا هئا. ساڳيءَ طرح مسلم ليگ جماعت ۾ رجعت پسند ذري گهٽ قبضو ڪري ويا هئا. اڳي پوءِ ان ۾ مون لاءِ جاءِ نہ هئي. سوال رڳو اهو هو تہ موقعو مهل ڏسي، صلاح مصلحت بعد قدم کڻجي ها. ليڪن هن ائين نہ ڪيو ۽ قدم کڻي ويٺو. هاڻ مون کي فيصلو ڪرڻو هو تہ ساٿين سان گڏ مسلم ليگ ۾ پنهنجو نقطي نگاهہ پيش ڪندو رهان يا انهن مان مکيہ ۽ اثرائتا ماڻهو الڳ ٿيندا وڃن ۽ ٺلهيءَ صدارت جي جاءِ خاطر اتي رهيو پيو هجان. مسلم ليگ ۾ منهنجا همسفر ۽ دوست گهٽائي هئا، پر انهن ۾ اهل راءِ ٿورا هئا. شيخ عبدالمجيد، رئيس پرڳڙي ۽ راشدي صاحب انهن مان مکيہ هئا. پهريان بہ اڳيئي تنگ هئا. هيءَ بہ ڀڄڻ جو قدم کڻي چڪو هو. مون بہ

ڪندو آهي، تہ ساڳيءَ طرح راتيون ڏينهن لاڳيتو سٽو پيو هوندو آهي. اهو مشڪل مسئلو آهي تہ هن کي اديبن ۾ شمار ڪجي يا سياستدانن ۾. پر جنهن صورت هن سياست ۾ گهڻو پارٽ ورتو آهي، ان ڪري ڪيس انهيءَ صف ۾ شمار ڪيو اٿم.

ساڳيءَ طرح اهو سوال بہ فيصل ڪرڻ ڏکيو ٿيندو تہ سياستدانن ۾ هن کي آئيڊيلسٽ جي لسٽ ۾ شمار ڪجي يا سياست عمل جي. مٿي بڌائي آيو آهيان تہ پنهنجي خيال ۾ هو ٻنهي جو مرڪب آهي. طبيعت جي تقاضا موجب، هيءَ ٻنهي جي درميان بدلبو رهي ٿو. خدا سائينءَ هن کي عقل عنايت ڪيو آهي. سو اسان وانگر "رڳو رُڃ" نٿو گهري. هو "ڪڏهين ڪوٽن ۾ آهي، ڪڏهين رُڃ ۾."

هن جي مون سان سنہ 1925ع کان خط و ڪتابت رهي آهي. ان مان چونڊي 97 خطن جي مجموعي کي مون ڪتابي صورت ۾ آندو آهي. انهن سان سندس مختلف ذوق زندگيءَ جو پتو پئجي سگهي ٿو. ڪن خطن ۾ هن اهي سياسي اڳڪٿيون ڪيون آهن، جي ڪو چٽو سياستدان ڪري سگهي ٿو. اهي دماغي (Clear headedness) ۾ يڪتا آهي. سندس قول ۽ فعل اڪثر هڪبئي جو ساٿ نہ پئي ڏنو آهي. قول ۾ سٺن مفڪرن ۾ شمار ٿي سگهي ٿو. سندس فعلن تي دل کان وڌيڪ دماغ اثر انداز پئي رهيو آهي. گهڻيءَ ڏاهپ، سياست عمل جي نقطي نگاهہ کان، ڪيس چاڙهي واٽي تڪليف ۾ وجهڻ کان پئي روڪيو آهي. اهڙا ڪيترا مثال آهن، جڏهن ٻين کي سرويچيءَ جي تلقين ڏيئي، پاڻ ڏاهپ جي ۽ سر بچائڻ جي راهہ پئي ورتي اٿس. مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ صحيح طريقن جي استعمال جي هروڀرو پرواهہ نہ پئي ڪئي اٿس. پير ۽ زميندار گهر ۾ پيدا ٿيڻ سندس انقلابي جذبي ۾ گهڻي ۾ گهڻي رڪاوٽ وڌي آهي. اميرانہ زندگيءَ جي عادت، دل لڳين، گذر معاش جي وسيلن جي گهٽتائيءَ، اڪثري حالتن ۾ بوجو بنجي، ڪيس دلي جذبات جي تقاضا موجب اڏامڻ ۾ رڪاوٽ پئي وڌي آهي.

سندس طبيعت اڪثر سيمابي پئي رهي آهي، جنهن ۾ اعتدال جو فقدان پئي رهيو آهي. اها ئي حالت سندس گهرو معاملن، سياسي طرز عمل

۽ عقيدت سان لاڳو رهي آهي. عام چوڻيءَ موجب هن جي هڪ وقت ٻائي، ٻئي وقت ٻانهيءَ کان پري ٿيو وڃي.

"چنيسر سين چاڳ متان ڪا منڊ ڪري،

ڏمريو ڏهاڳ ڏئي ڪي سهاڳڻين."

زندگيءَ ۾ هن ٻين سان گڏجي پئي ڪم ڪيو آهي، پر ان لاءِ هن جا معيار مخصوص رهيا آهن. اڄ کهڙي سان، ٻئي ڏينهن پُٽي سان. اڄ مخالف پارٽيءَ ۾، ٻئي ڏينهن حڪومت سان، هڪ ڏينهن ڪنهن ماڻهو جي عشق ۾ راتيون ڏينهن پئي رنوائس، ته وصال ڪانپوءِ وري اهو رخ ئي بدلجي پئي ويو اٿس.

سندس انهن ڳالهين ڪي سندس مخالفن بعضي ابن الوقتيءَ يا دل جي نامحڪميءَ سان پئي مشابهت ڏني آهي. پر اها ساڻس سراسر بي انصافي ٿيندي. سيني انسانن وانگر هو به عيبن کان خالي نه آهي. اسان سيني وانگر هو به عمل ۽ رد عمل جي وقتي جذبن ۾ اڪثر لڙهي پئي ويو آهي- ۽ پوءِ، پنهنجي هر ڪم لاءِ عقلي جواز پيدا ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي اٿس. آءُ پنهنجي زندگيءَ تي نظر ٿو ڊوڙايان ته اتي به مون کي ساڳي ردوبدل نظر اچي ٿي. جتي هڪ صوفي منش ماڻهو محبتي راهه کان ٿڙڪي. نفرت جي لهر ۾ لڙهي، سڀ ۾ پرين پسڻ بدران، انسانن کي هندن ۽ مسلمانن ۾ ورهائي، ملڪ جي ورهاڱي جو ڪارڻ بنجي ٿو اُتي هن به اُن چڪر ۾ اچي ڪي ڪم ڪيا آهن، جن تي بجا طور نڪته چيني ٿي سگهي ٿي. ليڪن، باوجود اُن جي، هيءُ بي نظير ماڻهو آهي. خدا حياتي ڏئيس، جي هن جي دل وري عقل تي فتح حاصل ڪري وڃي، ته اڳيان داغ ڌوپي وڃنس.

⊙

# خط

1937م - 1957م

# 1937ع

## [1]

بهمن،

7 ـ اپريل 1937ع

........ گهڻي وقت کان ملڻ نہ ٿيو آهي. ان جو سبب اهو هو تہ منهنجو والد ڊگهيءَ بيماري بعد گذريل 30ـ مارچ 1937ع تي انتقال ڪري ويو...... تنهن ڪري ملي نہ سگهيس. اميد تہ جلد اوهان سان اچي شريڪ ڪار ٿيندس........

مون ڪراچيءَ جي سياسي حالتن تي پئي غور ڪيو آهي. پنهنجي سنگت مان ميران محمد شاهہ جي سر غلام حسين سان اُٺ ويهہ نهايت افسوسناڪ ڳالهہ آهي. مخالفت ۽ مشڪلات جي حالت ۾ اتحاد پارٽيءَ جي سيد گروپ سان ساٿ ڏيڻ تي مون کي خوشي پئي ٿي آهي. منهنجو اهو اصول پئي رهيو آهي تہ

سرداد نہ داد دست بہ دست يزيد،
حقاڪہ بناي لاالله است حسين.

دنيا ئي فائدو ڪا وڏي حيثيت ڪانہ ٿو رکي. اهو عارضي آهي، ۽ گذري ويندو. اها حسين عليہ السلام جي نالي جي بي عزتي ٿيندي جيڪڏهن هڪ سيد صرف سيڪريٽريءَ جي عهدي جي لالچ تي پارٽيءَ کي ڇڏي ڀڄي وڃي.

مون حاجي عبدالله هارون ڏانهن هڪ خط موڪليو هو تہ اهو 3ـ اپريل 1937ع جي اتحاد پارٽيءَ جي ميٽنگ ۾ پيش ڪري، خبر نہ آهي تہ

اُهو پيش ٿيو يا نہ جيڪڏهن اوهان منهنجي صلاح موجب هلندا، تہ سر غلام حسين وزارت نهايت مشڪل ۾ پئجي ويندي. تون منهنجي ڳالهہ تي ڌيان نٿو ڏين. تون منهنجي خبر بہ نٿو وٺين تہ ڪٿي ۽ ڪهڙيءَ حالت ۾ آهيان، جيئرو آهيان يا مري ويو آهيان. توکي دوست جي وفاداريءَ ۽ لياقت جو پتو مهل تي پوندو. منهنجي طرفان صرف هي الفاظ آهن۔

اگر بلطف بخواني مزيد الطاف است،

وگر بہ قهر بہ راني درون مان صاف است.

......مهرباني ڪري پنهنجي خيالن ۽ پروگرام کان جلد واقف ڪندا.

## [2]

ڪراچي،

7 جون 1937ع

....... اوهان جي والده جي انتقال تي عذر خواهي، قبول ڪندا ـ ميران محمد شاهہ کان پتو پيو.....

رنج سي خوگر هوا انسان تو مٽ جاتا هي رنج،

مشڪلين اتني پڙين هم پر ڪہ آسان هو گئين.

....... نهايت افسوس جي ڳالهہ آهي تہ تو منهنجي اپيل تي ڌيان نہ ڏنو. تون سختيءَ سان اصولن تي هلي رهيو آهين. عملي دنيا کان ذرا بي پرواهہ آهين. مون کي پنهنجي بدبختيءَ تي افسوس ڪرڻو ٿو پوي۔ هڪ طرف دشمن، ٻئي طرف بيڪار دوست آهن..... ميران محمد شاهہ هتي ڌڪا پيو کائي.

ڦرتي هين "مير" باده خوار ڪوئي پوڇتا نهين،

اس عاشقي مين عزت سادات ڀي گئي.

سر غلام حسين سيني سنڌ جي ڊپٽي ڪليڪٽرن کي لنچ تي گهرايو هو. انهيءَ مان سندس مقصد ڳوٺن ۾ انهن جي ذريعي پنهنجي طاقت کي زور وٺائڻ معلوم ٿيو ٿي. پر ڪيس خبر نہ آهي تہ زور زبردستي خود ڪندڙن جي تباهيءَ جو ڪارڻ بنجي ٿي. جيڪي اهو خطرناڪ قدم کڻي رهيا آهن، سي خوفناڪ نتيجن جو انتظار ڪن...

[3]

بهمن،
23_ جون 1937ع
....... هن وقت تائين ڳوٺ ڪونہ آيو هوس. پئي رليو آهيان. مون توکي عذرخواهيءَ جو خط موڪليو آهي، اميد تہ پهتو هوندو. عيسائي غلام صديق کي ڪڏهن ڏيڍي ڏويژن ۾ وزارت وارن تنهنجي خلاف ڪم ڪرڻ لاءِ رکيو آهي. آءٌ ڪيس دوست ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.....
....... تنهنجو نالو پنهنجي ڪيس ۾ شاهديءَ لاءِ ڏنو اٿم_ ائين نہ ٿئي، جو تون هاڻي پير ڪڍائي وڃين...... جواب جلد موڪل.....

[4]

الهندو ڪچو حيدرآباد،
22_ آگسٽ 1937ع.........

در و ديوار من آئينہ شد از ڪثرت شوق،
هر ڪجا مي نگرم ترا مي بينم.

مون هڪ خط اڳي لکيو آهي. هن وقت حيدرآباد ۾ آهيان. هي خط توکي قوم ۽ ملڪ جي خاطر موڪليان ٿو تہ سر غلام حسين سان ٺهي وڃ، پر ضلع عهدن جي بنياد تي نہ ٺيڻ گهرجي. اوهان کي انهيءَ کان مٿي رهڻ گهرجي.... عام مفاد خاطر ۽ ان جي روشنيءَ ۾ ٺهراءُ ڪرڻ گهرجي_ ٺهراءَ ڪرڻ بعد ٻنهي طرفن کي ٺهراءَ جي ڪاپي صحيح ڪري پريس کي موڪلڻ گهرجي، جو غلط فهمي نہ ٿي سگهي....... اتحاد پارٽي گذريل سنڌ اسيمبلي جي اجلاس جي موقعي تي جيڪو ڪم ڪيو آهي، ان سنڌس مستقبل نيڪ ڪيو آهي. هاڻ ڪوبہ اهڙو قدم نہ کڻڻ گهرجي جو ان کي نقصان پهچائي..... پارٽيءَ کي سنڌس موجوده اعليٰ اصول ۽ عوام ۾ حاصل ڪيل عزت برقرار رکڻ گهرجن. جذباتي نعرن ۾ گمراهہ ٿي وڃڻ کان سمجهہ ۽ دور انديشيءَ کان ڪم وٺڻ ضروري آهي. آءٌ مسلمانن جي اتحاد

۽ ملڪ جي بهتريءَ لاءِ وزارت سان سمجهوتي تي اچڻ جو حامي آهيان. پر هيءُ نازڪ سوال آهي. ان ۾ خبرداريءَ سان هلڻو پوندو. تون جذباتي ۽ جوشيلو آهين. توکي سيني دوستن کي گهرائي صلاح مشورو ڪرڻ گهرجي، ۽ آئينده به اسيمبليءَ ۾ اندر ۽ ٻاهر باهمي مشوري جو اصول قائم رکڻ گهرجي. ڪنهن ڳجهه جو سمجهوتو تنهنجي وقار کي نقصان پهچائيندو ۽ آئينده لاءِ شڪ شبها پيدا ڪندو. جڏهن به مون سان صلاح مصلحت ڪرڻي هجئي ته لکڻ تي هليو ايندس.

## [5]

ٻهمن،

9- سيپٽمبر 1937ع

....... تنهنجو خط 8- سيپٽمبر جو لکيل اڄ پهتو مهرباني. اهو حوصله افزائي ۽ روح کي راحت ڏيندڙ آهي. مون کي تعجب ان ڳالهه تي ٿئي ٿو ته تون محبت جي صدين کان تسليم ٿيل نظريي "گهر ته گهرانءِ" ۾ ڇو ٿو شڪ آڻين! ۽ ڇوين ٿو ته

غلط است آنچه گويند ڪه دل را بدل ست راهي،

دل من زغم خون شدودل او خبر ندارد!

فذڪروني اذڪر ڪم- ان مسئلي ڏي اشارو ٿو ڪري. تنهن ڪري مٿئين نظريي جي سچائيءَ ۾ توکي تر جيترو به شڪ نه اچڻ گهرجي.

ڪيترا ماڻهو اهڙين شين يا ماڻهن جي ڏسڻ سان يڪدم محبت ۾ ڦاسيو پون، جي ٻين جي نظر ۾ ڪا به ڪشش نٿا رکن. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪو اصل کان تقدير ۾ لکيل يا غير فاني لاڳاپو ٻنهي ذرين جي وچ ۾ آهي، جو يڪدم دوباره ڏسڻ بعد تازو ٿي، موجزن ٿئي ٿو.

سچي محبت ۽ نفساني خواهشن جي وچ ۾ تفاوت معلوم ڪرڻ ضروري آهي. سچيءَ ۽ ڪوڙيءَ محبت جو سڃاڻڻ به لازمي آهي. حقيقي محبت روح افزا ۽ تقويت بخش آهي. نفساني خواهش پست ۽ ڪمزور ڪندڙ آهي. اها ڪسوٽي آهي، جنهن سان ٻنهي قسمن جي جذبن ۾

خواهش جي شناخت ڪري سگهجي ٿي، جي هيئي محبت جي نالي سان منسوب ڪيون وڃن ٿيون.

سچي عاشق کي مختلف مدارج مان لنگهڻو پوي ٿو. پهريون درجو اهو آهي، جنهن ۾ ڳڻتي، شڪ ۽ مشڪلات جو مقابلو ڪرڻو پوي ٿو. عاشق کي اهو پتو نٿو پوي تہ محبوب کي سندس جذبات جي ڪا پرورش پيئي آهي يا نہ؟ رواجي طرح اها خبر هئي طرف مشڪل سان پوندي آهي، پر سچو عشق هٽي وڃي هنڌ ڪندو آهي ۽ اثر جو پوڻ ضروري آهي.

عشق اول در دل معشوق پيدا ميشود
گر نسوزد شمع ڪي پروانہ شيدا ميشود!

پر عشق ۾ هزار بدگمانيون رهن ٿيون. تون شڪ واري درجي تي پهتو آهين. تنهن ڪري ڪليل حقيقت بہ محسوس ڪري نٿو سگهين! نہ تہ عشق روحاني ترقي جو سائنٽيفڪ طريقو آهي. روح عالمگير، بي انت ۽ ان حد آهي. ان کي جسماني حدن ۾ محدود ڪرڻ محال آهي. مطلوب سامهون رکڻ سان روحاني ترقيءَ طرف وک وڌي ٿي.

"چوريون چرڻ سکيون پنهون ڪيائون پورا!"

پنهون صرف محبت سيکارڻ لاءِ ذريعو ٿي ڪم اچي ٿو. توکي معلوم هوندو تہ بعضي ايندڙ ڳالهين ۽ حادثن جون نشانيون اڳيئي محسوس ٿيڻ لڳنديون آهن! اهو ڇا آهي؟ انهيءَ جي معنيٰ اها آهي تہ ڪي ڪا دنيا يا طاقت هن ظاهري نظام جي پويان ڪم ڪري رهي آهي، جنهن جي وجود کي محسوس ڪريون ٿا ۽ ڏسي نٿا سگهون. بهرحال توکي ان معاملي ۾ غلط اندازو نہ ڪرڻ گهرجي. توکي سوچ ۽ نتيجن جي خيال کانسواءِ پيار ڪري، صبر کان ڪم وٺڻ گهرجي. پوءِ هئي طرف کان جواب لازمي طور ملندو. مون کي عجب ٿو لڳي تہ توکي محبوب جي مشڪلاتن جو احساس نٿو ٿئي! هن کي سندس مشڪلاتون آهن.

ڪسقدر حسن ڀي مجبور ڪشيڪش هي ڪہ آه،
بن ڇپائي نہ بني سامني آئي نہ بني.

سندس انهن مشڪلاتن ڪري توکي ان جي وفاداريءَ ۽ محبت ۾

شڪ پوي ٿو. تنهن ڪري مرڳو ان حد تائين وڃي پهتو آهين، جو نظريي ”گهر ته گهراڻ“ جي سچائيءَ ۾ شڪ آڻڻ لڳو آهين! عجيب ذهنيت جو اظهار آهي!

هن دفعي محبتي معاملي بابت ايترو لکڻ بس آهي. هاڻ آءٌ سياست بابت ڪجهه لکندس. گهڻو بهتر ٿئي ها، جيڪڏهن تون سر غلام حسين سان پروگرام فيصل ڪرڻ کان اڳ مون سان مشورو ڪرين ها. اُهو اسان جي مقصد جي نقطي نگاهه کان سٺو ٿئي ها. انهيءَ پروگرام کي اهڙيءَ طرح مرتب ڪيو وڃي ها، جو وزارت کي ان تي يڪدم عمل ۾ آڻڻ لاءِ هدايتون ڏيئي، ميعاد مقرر ڪري ڏنو وڃي ها. مون کي خبر نه آهي ته تو ان جي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڪو قدم کنيو آهي يا نه؟ مون کي معلوم ٿيو آهي ته ٻنهي پارٽين جون گڏيل ميٽنگون ٿين ٿيون، پر انهن ۾ ڇا ٿو وهي واپري، ان جو پتو ڪونه اٿم. ماٺهن جي اطلاع لاءِ پڌرائي ڪانه ٿي ڪئي وڃي، جنهن جو ڪرڻ ضروري آهي. وزارت تي زور رکي اهڙو اطلاع ڪڍائيندو ڪر. هونئن نه ته اها ڪا لڪڇپ جي راند آهي ڇا؟

انهيءَ سمجهوتي بعد اختلافن بند ڪرڻ لاءِ ڪوشش ٿيڻ گهربي هئي. اوهان اسان سنگتين جي مشوري کان سواءِ سمجهوتو ڪيو- جن کي اڃا تائين اوهان جي سنگت جي پاداش ۾ تڪليفون پيئون ڏنيون وڃن! اها عجيب ڳالهه آهي ته سولجر پيا گوليون جهلين ۽ جنرل پاڻ ۾ ٺهي پيا مزا ماڻين. ان لاءِ تنهنجو ڇا چوڻ آهي؟ اِهو تنهنجو فرض آهي ته انهن ڳالهين جو خيال رکين. مون کي جيڪڏهن تون پنهنجو ايجنٽ ڪري، سندن ڪورٽ ۾ مقرر ڪرين ها، ته هوند پنهنجي ڌرتي جي مفاد جي چڱيءَ طرح نگهباني ڪريان ها. رولن ۽ بلن جي تيار ۽ درست ڪرڻ ۾ ڪافي ڪارآمد ٿيان ها. مسودو ٺاهڻ نهايت نازڪ سوال آهي. آءٌ ملڪ جي موجوده حالتن کي درست ڪرڻ جي فائدي ۾ آهيان، ان ڪري پنهنجي خدمتن کي زور ڪري آڇيان ٿو. هو مون کي ’ري- آرگنائيزيشن ڪميشن‘ ڪميٽين اڳيان شاهد ڪري به گهرائڻ لاءِ تيار ڪونه آهن. ڪن ڳالهين جو رڪارڊ تي اچڻ نهايت ضروري آهي، جن کي رجعت پسند به رد ڪرڻ

مشڪل چائندا.

آءُ 'انصاف ۽ انتظامي ڪاتي' تي ڪتاب لکي رهيو آهيان، پر مشڪلات ان جي ڇپائڻ جي آهي.. اهو هوند چڱي پروپيگنڊا جو ڪارڻ بنجي، مون لاءِ لکڻ سولو آهي، ڇپائڻ مشڪل آهي.

"ستاره سنڌ" بنا مدد جي پنهنجي نموني خدمت ڪري رهي آهي. مون کي پڪ آهي تہ توکي ان جون خدمتون وڻنديون هونديون. پر اها وزيراعظم جي اعلان جي باوجود بہ بلئڪ لسٽ تي آهي. مهرباني ڪري شامل موڪليل سوال اسيمبليءَ ۾ موڪلج...... آءٌ سن اچڻ جو خيال ڪري رهيو آهيان. جواب مفصل موڪلج.....

# [6]

سکر،
14۔ سيپٽمبر 1937ع

...... افسوس جو ڪيل وعدي موجب تو وٽ اچي ڪين سگهيس. هاڻي شڪارپور ۽ جيڪب آباد کان ڦرندو ڪراچيءَ ويندس، ۽ اتي ملنداسون......

# [7]

[هن اطلاع ملڻ کان اڳ مون علي محمد شاهہ کي سن مان هڪ خط لکيو جو هتي پيش ڪرڻ دلچسپيءَ کان خالي نہ ٿيندو :]

16۔ 9۔ 1937ع، برادرم عزيز – (خط نمبر 5، 9۔ سيپٽمبر 1937ع)

پهتو... پهرين پنهنجي محبت واري معاملي نسبت اوهان جي ڏنل صلاح جي جواب ۾ ڪجهہ لکان ٿو.

"منهنجي محبت جو تجربو محدود ۽ تنگ دائري اندر واقع ٿيو. آءٌ ستن سالن جي عمر ۾ پرڻيو هوس. منهنجي اوائلي زندگي قديم ماڻهن جي اثر ۽ محبت ڪري نهايت پرهيزگار پئي رهي آهي. جنهن نقطي نگاهہ کان ڪنهن بہ نامحرم عورت ڏانهن نهارڻ، ان سان ملڻ ۽ صحبت رکڻ گناهہ

ليکيو ويندو آهي. انهن اٿرن اڪثر منهنجي فطري جذبات کي محدود رکي اسرڻ نہ پئي ڏنو آهي. تنهن ڪري هن نينهن لڳڻ بعد آءٌ منڌل پئي رهيو آهيان. دوست جي ڪشش بيشڪ هئي، ليڪن اُن ڪشش جو مقصد ۽ مراد معلوم نہ هو. هڪ اڻ معلوم آواز اڻ ڏٺي پنڌ ڏي ڪاهيو پئي ويو.

ڪس نداست ڪہ منزل گه معشوق ڪجاست،

اين قدر هست ڪہ بانگ جرسي مي آيد.

نااميدي اڪثر نجهرو ڪري ويندي آهي. گهڻو وقت نفساني خواهشن ۽ خالص محبت جي تميز ۽ تفاوت تي فڪر ڪرڻ ۾ گذرندو پيو هو. نندپڻ جي پيدا ٿيل تعصب هميشہ رڪاوٽ پئي وڌي تہ هر نفساني سڌ غلط ۽ ناپاڪ هئي، ۽ روحاني ڪشش اعليٰ، عمده ۽ پاڪ هئي. سدائين اُن ڪوشش ۾ رڌل هوندو هوس تہ هن جسماني ۽ فنا ٿيندڙ صورت جي محبت کي دل مان ڪڍي، حقيقي ۽ دائمي محبت کي هٿ ڪريان. ان مسئلي تي فڪر ڪندي، حقيقت شناس ٿيڻ جي ڪوشش ڪيم، پر اُنهيءَ ڪوشش سڪ کي وڌائڻ جي عيوض گهٽائڻ شروع ڪيو. هاڻ معلوم ٿيڻ لڳو آهي تہ محبت ۾ مکيہ حصو نفساني خواهش پوري ڪرڻ، رفيق حيات ۽ هم خيال سنگتي پيدا ڪرڻ جو آهي-

ازان افيون ڪہ ساقي درمي افگند،

حريفان را نہ سر ماند نہ دستار.

اهو معلوم هوم تہ جسماني محبت عارضي ۽ حقيقي دائمي محبت هيون، پر اها بہ حقيقت هئي تہ هن زندگيءَ ۾ هيئي اڻ جدا ٿيندڙ ڳالهيون هيون. اها ڳالهہ منهنجي طاقت کان ٻاهر هئي تہ ٻنهي کي جدا ڪري صرف هڪ ڏي راغب ٿيان. حقيقت شناسي نهايت عمدي ڳالهہ آهي، پر ان جي جهلڪ اکين اڳيان وڄ وانگر چمڪيو وريو غائب تي تي ويئي. پوءِ نااميدي نجهرو ڪري تي ويئي-

تيري ديکهني ڪي آنکين يهان ڪهان هين،

اي جلوهء حقيقي رنگ مجاز هوجا!

ٻئي طرف جسماني ڪشش جو دائرو بہ محدود ۽ عارضي ڏسي 'لا احب

الافلين' جو نظارو اچيو اکين اڳيان بيهي. ازانسواءِ مذهب، سوسائٽيءَ ۽ روايات جون پابنديون بہ پهاڙ بنجيو سامهون بيهي ٿي رهيون. باوجود انهن سيني ڳالهين جي، اها وچڙندڙ بيماري هئي، ۽ هر ڪمزوريءَ جي وقت ۾ وريو عود ڪريو پئي ستايائين. وڌيڪ احوال سن ۾ روبرو ڪبا.

"2۔ وزارت سان ٺهراءَ جي پائداريءَ جو مدار اسان جي پروگرام کي وزارت طرفان عملي جامي پهرائڻ تي منحصر آهي.

"ساڳيو تقويٰ جو اثر هتي بہ منهنجي اڳيان رنڌڪ بنيو بيٺو آهي. جيتوڻيڪ خدمت خلق بنا معاوضہ جو اصول اعليٰ ۽ اوچو آهي۔ طبعي رجحان اوڏاهين آهي۔ پر جڏهين عوام جي بي خبري (جنهن ڪاڻ مياس سي ڪلهي ڪانڌي نہ ٿيا) ۽ مکيہ مسئلن جي حل ٿيڻ جون مشڪلاتون ڏسجن ٿيون، تہ همت ۽ استقلال سان ڪم ڪرڻ تي پاڻي پئجيو وڃي. هتي سڏ ۽ سڏن کانسواءِ خدمت جي سوال اکثر پئي ستايو آهي، ۽ ٻنهي کي جدا ڪرڻ ڏاڍو مشڪل مسئلو پيو نظر اچي۔

هِن پار نہ هُن پار ويچاري وهہ وچ ۾!

"جيڪڏهن 20 تاريخ کان اڳ هتي اچين، تہ نهايت چڱو. آءُ تنهنجي اعليٰ ذهني لياقتن کان بيحد متاثر آهيان. ممڪن آهي، مون کي هن مونجهاري مان تنهنجي روشن خيالي ڪڍي ٻاهر ڪري...."

[8]

بهمن،
27۔ سيپٽمبر 1937ع

...... مون کي تنهنجو خط اڄ پهتو آهي. سن اچڻ وارو هوس تہ تو لکيو آهي تہ ...... وڃي رهيو آهين. اُتان جيڪو خط لکيو اٿيئي، اُن مان معلوم ٿئي ٿو تہ تون نئين قسم جي زندگيءَ گذارڻ لاءِ تجربو ڪري رهيو آهين، جنهن جو اظهار تنهنجي خط مان ٿئي ٿو.

سچ چوانءِ تہ مون کي اِنهن ماڻهن جي روحانيت ۾ اعتبار ڪونہ آهي، جي روحانيت وڪڻ لاءِ دڪان کڏيو ويٺا آهن. پيغمبر خدا صلي الله

عليہ وسلم روحانيت جو مکيہ سرچشمو هو ليکن هن ڪڏهين بہ اڄڪلهہ جي روحانيت جي دعويدارن وانگر پنهنجي شخصي مشتهري ڪري روحانيت کي پيشو نہ بنايو هو.

مون..... کي ڏٺو آهي، پر هنن مون تي ڪوبہ اثر نہ ڪيو آهي، سندن سارو ماحول تجارتي منڊيءَ وارو ڏسڻ ۾ آيم. هو اڪثر پنهنجي پرهيزگاريءَ جي نمائش ڪري ٿو. جمال الاهيءَ جو دعويدار دنيا جي خسيس ۽ نمائشي ڳالهين تي رضامند ٿي نٿو سگهي. ترڪ دنيا روحانيت جي عالم ۾ تمام معمولي حيثيت جي ڳالهہ آهي. صرف پيغمبرن کي، جيڪي دنيا ۾ خاص پيغام پکيڙڻ آيا، ان کان معافي ملي آهي. ليڪن هن کان اها بہ نہ ٿي سگهي آهي. اها ڳالهہ ناممڪن آهي تہ خدا جي نزديڪ بہ رهجي ۽ ساڳئي وقت دنيوي گپ ۾ گپيو پيو رهجي-

هم خدا خواهي وهم دنياي دون،
اين خيال ست و محال است و جنون.

دنيا ڇا آهي؟ ۽ ان جا ماڻهو ۽ معاملا ڪهڙا آهن؟ انهيءَ بابت مولانا روم کي دليل طور پيش ٿو ڪريان-

اهل دنيا جملہ ڪافر مطلق اند،
روز شب در زق زق وبق بق اند.
اهل دنيا چہ ڪمين چہ مهين،
لعنت الله عليم اجمعين.

جيڪي ماڻهو صبح شام دنيا جي ڏنڏن ۾ گتا پيا آهن، سي ڪهڙيءَ طرح خدا جي نزديڪيءَ جي دعوي ڪري سگهن ٿا.

منهنجي خيال ۾ ........ صاحب نهايت چڱو ماڻهو هوندو؟ پر مون کي پڪ آهي تہ هي اُهو نہ آهي، جيڪي ماڻهو کيس سمجهن ٿا. هن جي رهڻي ڪرڻيءَ مان تصنع جي جهلڪ پيئي نظر اچي. اهو هجي ها. جنهن بابت ماڻهن ۾ سندس لاءِ خوش فهمي ويئل آهي، تہ دنيا کي ترڪ ڪري گوشہ نشيني اختيار ڪري ها ۽ ڪڏهين بہ خوشامدڙين ۽ بيوقوف خليفن جي ماحول ۾ گهيريل نہ هجي ها.

ازانسواءِ آءُ زندگيءَ کي ڪنهن بہ تقويٰ جي ضابطي هيٺ مقيد رکڻ جو قائل نہ آهيان، پوءِ ڪٿي ان کي ڪهڙن بہ سٺن لفظن سان پيش ڪيو وڃي. زندگي ۽ روح غير محدود ۽ بي انت آهن. انهن کي ڪن مقرر ڪيل رستن ۽ رڪاوٽن سان محدود بنائڻ منهنجي جذبہ آزاديءَ ۽ روح انقلاب جي خلاف آهي.

جيسين تائين مون کي يقين نہ ڏياريو ويو آهي، تيسين تائين خدا جي وصال ۽ نزديڪيءَ لاءِ ملا يا پيرجي شاهدي يا مدد ضروري نٿو سمجهان. خدا سان منهنجي تعلقات ۾ (جو نازڪ ترين رشتو آهي) مون کي ٽياڪر جي ضرورت نہ آهي.

مذهب، جيئن ان جي ملن تشريح ڪئي آهي يا پيرن پيش ڪيو آهي، تنهن انسان ذات جي مشڪلات کي گهٽائڻ بدران وڌايو آهي. آءُ انهن جي پيروي ڪرڻ بدران دل جي هدايتن ۽ دماغي روشنيءَ جي رهبريءَ کي وڌيڪ پسند ڪريان ٿو. اُهي منهنجي هدايت ڪرڻ جا اهل نہ آهن. آءُ انهيءَ غير محدود ۽ بي انت طاقت جو جزو آهيان، جنهن کي محدود ڪرڻ سندس شان ڪبريائي جي خلاف ٿيندو. منهنجي زندگي ماڻهن جي ناهيل دستورن ۽ قانونن خلاف جهاد ۾ پئي گذري آهي. جيستائين ملن ۽ عزيزن مون کي خدا جي ذات جو يقين ويهارڻ جي ڪوشش ڪئي، آءُ دهريو هوس، ليڪن جڏهن پنهنجي سمجهہ موجب سندس ذات ۾ ويساهہ آيو تہ پوءِ ان تي ايمان آندم. منهنجا مائٽ مون کان آفيسرن جي خوشامد ڪرائڻ گهرندا هئا. ليڪن مون سندن صلاح نہ ورتي، سدائين انهن جي مخالف پئي ڪئي آهي. ڪي دوست مون کي مشورا ڏيندا هئا تہ ايرندي سج يعني وڌندڙ طاقت اڳيان سر نمائي، ان جي پرستش ڪريان. پر مون اهڙن مشورن کي نہ پئي مڃيو آهي.

سعديءَ چيو آهي تہ

"اگر زمانہ بانو نہ سازد تو با زمانہ بسازا"

منهنجو چوڻ آهي تہ

"اگر زمانہ يا تو نہ سازد تر با زمانہ ستيز"

منهنجا پيارا سيد. زندگيءَ جو لطف ئي وچي هليو جڏهن ان کي ماڻهن جي ناهيل قانونن جي تابع بنائجي ٿو. ان کي آزاد ڪرڻ سان ئي جاودان بڻائڻو آهي.

بدريا غلط يا موجش در آويز
حيات جاودان اندر ستيز است

دستورن جي متابعت ڪڏهن به زندگي ۾ موج نه آندي آهي. اهو انقلاب ئي آهي، جو ان ۾ دائمي تازگي پيدا ڪري ٿو. تنهن ڪري پاڻئين ته دائمي سرور حاصل ڪريان، ته پاڻ کي انقلاب جي ڪُن ۾ اڇلي ڇڏ. زندگي چرپر جو ٻيو نالو آهي.

موجيم ڪه آوسدگ ما عدم ماست.
ما زنده به آنيم ڪه آرام نه گيريم.

بيٺل نبض زندگيءَ جو اظهار نٿي ڪري سگهي. خيالن جي بلند پروازيءَ مون کي اهڙي پشت پناهه ڏيو بيٺي آهي، جو اها هر شيءِ کي جا اُن جي پرواز ۾ رنڊڪ وجهڻ لاءِ سامهون ايندي، خاڪ ۾ ملائي ڇڏيندي.

سچ چوانءِ، جي دل ۾ نه ٿئيئي، ته مون کي تنهنجي عابدانه زندگي گذارڻ مان ڪو فائدو نظر نٿو اچي. تون بجاءِ ڪنهن ٻئي جي پوئلڳي ڪرڻ جي، پاڻ کي دستورن ۽ شريعتي پابندين کان آزاد ڪري اندر جي رهبري پٺيان هل.

تنهنجي نهايت مهرباني جو تو..... کان واپس ايندي، منهنجي ڳوٺ اچڻ جو ارادو ڏيکاريو آهي. پر جڏهن اهو ارادو عمل ۾ ايندو تڏهن اعتبار ٿيندو. آءُ اتان توسان سن هلندس. هتي آئون توکي پنهنجو ڪتب خانو به ڏيکاريندس. 3 ۽ 4 آڪٽوبر 1937ع تي ئي ٻاهر هوندس. انهن تي نه اچج. تنهنجي اچڻ تائين هن مصرع جو ورد ڪندو رهندس.

وه آئين گهر مين هماري خدا کي قدرت هي
ڪبي هم انڪو ڪبي اپني گهر ڪو ديکهتي هين.

## [9]

ڀيمن،
13 ـ نومبر 1937ع

...... جواب ڏيڻ لاءِ ان ڪري دير ٿي، جو تون وعدي موجب مون وٽان ٿي وئين ۽ آءٌ واعدو پاري نہ سگهڻ جي شرم کان لکي نٿي سگهيس.......

اهو سچ آهي تہ اسان بي حس آهيون عوام سٽل آهن ۽ ٻنهي ۾ زندگي پيدا ڪرڻ لاءِ رت ڏيڻ جي ضرورت آهي.

"سودا" قمار عشق مين خسرو سي ڪوهڪن
بازي اگرچہ پا نہ سڪا سر تو کوسڪا
ڪس منهن سي اپني آپڪو ڪهتا هي عشق باز
اي روسياهہ تجهہ سي تو يہ ڀي نہ هو سڪا.

جيستائين مسلمانن پنهنجي سر جي پرواهہ نہ ڪئي، دنيا سندن پيرن هيٺان هئي. جڏهن کان سر بچائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿن، تہ سڀ ڪجهہ وڃائي رهيا آهن. بلوچستان بہ ساڳيءَ مصيبت ۾ مبتلا آهي. هوڏانهن فرنٽيئر وارن پرواهہ نہ ڪئي، گوليون سيني ۾ جهليائون، تہ اڄ ڊاڪٽر خانصاحب سندن صوبي جو وزيراعظم آهي.

مسلمانن جي اعتقاد جو مکيہ اصول ڪهڙو آهي؟
ڪشتگان خنجر تسليم را، هر زمان ازغيب جان ديگر ست

اهو سبق انهن وساري ڇڏيو آهي. سنڌ جي حالت تي سندس رهاڪن کي شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪرڻو پوي ٿو. هڪ گروهہ ايڪسپلائٽرس (استعمال غرضيءَ وارن) جو پاڻ کي مختلف نالا ۽ لقب ڏيئي، ميدان ۾ اچي، غريبن کي ڏهي رهيو آهي، پر عجب اهو آهي تہ اسان سڀ انهن جي عزت ٿا ڪريون ۽ انهن کان نڳجيو وڃون.

اپني منقارون سي حلقہ ڪس رهي هين جال ڪا.
طائرون پر سحر هي صياد ڪي اقبال ڪا.

منهنجي سمجهہ موجب اها پهرين نمبر بزدلي سڏبي، جيڪڏهن اسان اهڙين حالتن اڳيان ڪنڌ نمائيندا رهون.

جان ديدي هوئي اسي ڪي تي،
حق تو يہ هي ڪہ حق ادا نہ هوا.

ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ ڪوئليشن پارٽي نهڻ وقت تون ڪراچيءَ ۾ هئين. هاڻ مستقبل لاءِ پروگرام ڪهڙو آهي؟ ننڍن ڪاتيدارن تي زمين جي وڪري لاءِ بندش پوڻ ڪري ڪو خاص مقصد حاصل نہ ٿيندو. تنهن ڪري سيني زميندارن سان اهو قانون لڳائڻ تي زور ڏيڻ گهرجيئي. جيڪڏهن تنهنجي خواهش هوندي تہ ان جي افاديت آءُ توکي ٻڌائي سگهندس. هروپرو سوشلسٽ جذبي هيٺ گهلجي نہ وڃ. مون کي خبر نہ آهي تہ تون 'پارهن جي ورڪنگ ڪاميٽي' تي آهين يا نہ. مستقبل بابت جڏهين تجويزون تيار ڪرين، تہ مون کي ڏيڪارج. قانون سازي مشڪل مسئلو آهي. ان ۾ ڪيئي سوراخ ۽ سقم پئجي سگهن ٿا. هڪ دفعو پاس ٿي ويا، تہ پوءِ انهن کي ترميم ڪرڻ مشڪل ٿي پوندو. ان ڪري شروعات کان ئي خبرداري ڪرڻ ضروري آهي. توکي خبر آهي تہ سر غلام حسين "ستاره سنڌ" کي بلئڪ لسٽ تي رکيو آهي. پر هاڻ جڏهين صلح ٿيو آهي، تہ اوهان جي لشڪر سان ساڳئي نموني جو برتاءُ نيڪ نہ آهي. اهو عجيب منطق آهي تہ جڏهن اوهان صلح ڪريو ٿا، تہ پنهنجي ساٿين کي پهتل تڪليفن بابت ڳالهہ بہ نٿا ڇوريو. مهاتما گانڌي صلح ڪرڻ کان اڳ لارڊ اورون اڳيان سندس پوئلڳن جي آزاديءَ جو شرط پيش ڪيو. ساڳيون ڳالهيون ڪانگريس وزارتون ڪن ٿيون. عجب اهو آهي تہ اوهان ماٺهو پنهنجي دنيا ۾ رهي، پوئلڳن کي وساريو ڇڏيو.

چوبا حبيب نشيني و باده پيمائي- بہ ياد آر حريفان باده پيمارا
مفصل جواب لاءِ انتظار ۾ هوندس.-

## [10]

بهمن،
28- نومبر 1937ع

......تنهنجو محبت ڀريو خط پهتو. ان سان گڏ سيڪريٽري

ڪوئليشن پارٽيءَ ڏي موڪليل خط جي ڪاپي بہ پهتي. مهرباني.

توکي خبر آهي تہ هن وقت جديشل ڪاتو انتظامي ڪاتي سان مليو پيو آهي. ان کي جدا ڪرڻ ڪانسواءِ انتظامي طاقت جو استعمال هميشہ رجعت پسند گروهہ جي فائدي لاءِ ٿيندو رهندو. ان لاءِ ڪوئليشن پارٽيءَ جي ميٽنگ ۾ رٿ ڏيئي، ايم. ايل. اي ۽ غير ايم. ايل اي جي هڪ ڪاميٽي مقرر ڪراءِ، جا ٻنهي ڪاتن جي جدا ڪرڻ تي غور ڪري، تجويز پيش ڪري.

ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ تنهنجي 'قرض جي نهراءَ واري بل' ڪٽر ۽ رجعت پسند هندو طبقي ۾ باهہ ٻاري ڇڏي آهي. "ستاره سنڌ" ان تي هڪ عمدو ايڊيٽوريل لکيو آهي. اهو پڙهي ڏسج. ڪنهن بہ ٻيروني اثر ڪري بل کي ڪمزور نہ ڪج. انهيءَ بل مان آبادگارن جي پراڻن قرضن جي ختم ڪرڻ جو فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي. توتي ممڪن آهي گهڻا زور بار آندا وڃن. پر ڪمزور نہ ٿج. اڳي تجربو آهي تہ **بعضي اهم موقعن تي تون يارن دوستن جي اثر کان مرعوب ٿيو وڃين.** 'قانون اتقال ايراضي' بابت بہ ساڳيو رخ وٺڻ گهرجي. جڏهين ڪوئليشن پارٽيءَ جي ميٽنگ ٿئي، مون کي گهرائي وٺج. ٻيءَ صورت ۾ ڪيترن ڪارائتين رٿن کي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي.

چڪ ڪانفرنس ۾ وڃڻ کان اڳ فرصت هجيئي تہ هتي اچ تہ صلاح مصلحت ڪجي. آءُ روزگار جي تڪليفن ڪري ٻاهر نڪري نٿو سگهان...

[11]

ڀهمن،
22_ نومبر 1937ع

.......خط پهتو احوال معلوم ٿيو. هندن جي رجعت پسند طبقي جيڪي پوکيو آهي، اهو هاڻ لڻڻو پوندن. پر خبردار رهج.

اوهان جي ڪوئليشن هڪ موٽرڪار ۽ ڏڳي گاڏيءَ جي وچ ۾ ڳانڍاپي جو مثال رکي ٿي. آخري نتيجن جو خيال رکڻ ضروري آهي. سر غلام حسين گروهہ جو نقطي نگاهہ پنهنجي گروہ جي سياسي نظرين کان مختلف آهي. هو اسان جي پروگرام کي ختم ڪرڻ لاءِ سڀ طريقا اختيار

ڪندا. تنهنجي ’ قرضن جي نهراءَ جو بل‘ ۽ گزدر جو ’قانون انتقال ايراضيءَ جو بل‘ هو منظور نہ ڪندا. جيڪڏهن انهن کي موجوده صورت ۾ پاس ڪرائڻ جو ارادو اٿئي، تہ ذرا مضبوط ٿيڻو پونديءِ.

جيڪڏهين ڪراچيءَ وڃين تہ مون کي گهرائي وٺج، تہ تنهنجي طرفان پروگرام جي مختلف پهلوئن جي سرانجامي ڪرائڻ لاءِ ڪڙي نظرداري ڪندو رهان.... دربارن کي ضرور بند ڪرائڻ گهرجي. ممڪن آهي تہ انهن کي بند ڪرائي نہ سگهجي. پر انهن جي مخالفت ڪرڻ سان عوام ۾ سياسي شعور پيدا ٿيندو.... ”ستاره سنڌ“ کي اشتهار ڏيارڻ لاءِ اُتي صلاح ڪبي....

تو سن ۾ مخلص خادمن تيار ڪرڻ لاءِ آشرم بنائڻ جو جيڪو خيال ڏيکاريو آهي، اها نهايت عمدي ڳالهہ آهي پر ان لاءِ تنهنجي اسيمبليءَ کان استعيفا ڏيئي، ان جي چارج ۾ ويهڻ وارو سوال غور طلب آهي. تڪڙ نہ ڪج. اسيمبليءَ ۾ اندر بہ توکان سواءِ بيو ماڻهو ڪم ڪرڻ جهڙو نہ آهي. اهو سوال ڳوڙهي غور جو لائق آهي تہ تنهنجو اسيمبليءَ ۾ اندر رهڻ ملڪ ۽ قوم لاءِ وڌيڪ مفيد آهي، يا سياسي ڪارڪنن پيدا ڪرڻ لاءِ ٻاهر رهڻ. بيشڪ ڳڻ ڳوت ڪرڻ وارا وڌو ڪم ڪري نہ سگهندا آهن. پيسا گڏ ڪرڻ مشڪل مسئلو نہ آهي، جيترو قومن جي قسمتن ڦيرائڻ جو سوال، ان لاءِ همت ۽ مشڪل ملندا: جي ملندا تہ تمام ٿورا هوندا، جي مسئلن کي پوريءَ طرح سمجهي سگهندا هوندا.

عوام ۾ بيشڪ سياسي شعور نہ آهي ۽ انهيءَ لاءِ سٺن مخلص ڪارڪنن جي پيدا ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي، پر ٻنهي طرف جدا ڪم ڪرڻ لاءِ ايترا ماڻهو ملي نہ سگهندا. تنهن ڪري حال انهيءَ مشڪلات مان ٻاهر نڪرڻ ڏکيو پيو نظر اچي. موجوده صاحب اقتدار طبقي جا فرد خود مطلب، عهدن جا بکيا، شرابي ڪبابي ۽ ننگ آهن. انهن کي ملڪ جي قسمتن جي اڳواٽي ڪرڻ جو ڪوبہ حق نہ آهي. اهو هرويرو ضروري نہ آهي تہ مولوي عبيدالله صاحب سنڌيءَ ڪانسواءِ رٿ تيار ٿي ڪانہ سگهندي مون وٽ خاڪو تيار آهي. منهنجون خدمتون حاضر آهن. پر آءٌ

ان بلند معيار تي ڪونہ پهتو آهيان، جو اُنهيءَ ساري ڪم جي چارج وٺي سگهان.....

زندگيءَ تي ڀروسو نہ آهي. توري بيماري ان جو خاتمو آڻي سگهي ٿي. ليڪن تڪليفن کان ڊڄڻ نيڪ نہ آهي بهترين ڪم ڪرڻ ضروري آهي....

## [12]

**ڪيٽي پير شاهہ** 12- ڊسمبر 1937ع ... ... تنهنجو خط دير سان پهتو تنهنڪري 9- تاريخ ڪراچيءَ پهچي نہ سگهيس. ڪراچيءَ ۾ ڇا وهيو واپرايو؟ تفصيلوار احوال موڪل...

ڇڪ ڪانفرنس 27-26 ڊسمبر تي مهمل ڪئي ويئي آهي.

## [13]

ڪيٽي پير شاهہ 12- ڊسمبر 1937ع..... آءٌ ٻاهر رهان ٿو 'سنڌ آبزرور' ڪانہ پڙهي اٿم. احوال موڪل تہ ڪهڙا فيصلا ڪيا اٿو؟ آءٌ فيبروريءَ ڌاري اچي حاضري ڏيندس.

ڇڪ ڪانفرنس ايندس. اوهان ڪهڙي تاريخ ايندا؟ "ستاره سنڌ" لاءِ ڪراچيءَ ۾ ڇا ڪيئي؟........-

⊙

# 1938ع

## [14]

بهمن،
30 جنوري 1937ع

....... تو جو وزير کان خط ونئي ڏنو ان جو ڪوبہ نتيجو نہ نڪتو. ان هڪ طرف حخط ڏيئي، ٻئي طرف انهيءَ آفيسر ڏي پيغام موڪليو تہ ان تي عمل نہ ڪيو وڃي! اهڙن ماڻهن سان پيئي اٽئون!

آءٌ تنهنجي جڊيشري کان انتظامي ڪاتي کان علحدگيءَ جي ڪتاب ڇپجڻ جو انتظار ڪري رهيو آهيان. [اهو ڀاڱو مون کي لکي موڪليو هئائين. ] اهي ڪتاب ماڻهن کي موڪلڻ کان اڳ 'سنڌ آبزرور' ۽ 'ڊيلي گزيٽ' ڏي اختصار ڪري مضمون جي صورت ۾ موڪلڻ گهرجن. اخبارون ڪتابڙيون ڪونہ ڇپينديون. ليڪن انهن جي اختصار وارو مضمون ڇپي سگهن ٿيون.

سوال موڪليان ٿو اسپيڪر ڏي موڪلي ڇڏ ج!......

## [15]

بهمن،
5- فيبروري 1937ع

....... خط پهتو. ان ۾ تو مون کي تنبيهہ ڪئي آهي تہ صرف ڳوٺ مان صلاحون موڪلڻ ڪيتري قدر صحيح ڳالهہ آهي ۽ هر دفعي اچڻ جا واعدا ڪري نٿو پاريان. حقيقت هيءَ آهي تہ هتي مزا ونڻ يا آرام خاطر ويٺل نہ

آهيان. پر روزگار جي سوالن روڪي رکيو آهي...... صاحب اقتدار طبقي هڪ ڳوڙهو منصوبو رٿيو آهي تہ مخالفن کي يڪي بعد ديگر ڪهڙيءَ طرح ختم ڪيو وڃي. پر کين اها خبر نہ آهي تہ ڪو اهڙو بہ خدائي قانون ڪم ڪري رهيو آهي. جنهن موجب هر هڪ ظالم کي سندس عملن جي سزا ڀوڳڻي پوي ٿي. باوجود سيني تڪليفن جي، وس آهر ڪجهہ مڙيئي ڪري رهيو آهيان. هڪ ڪتاب لکيو اٿم. جو جيڪڏهن ڇپجي پوي، تہ وڏو مانڊاٽو مچائي ڇڏيندو. پر ڇپائڻ لاءِ پيسو ڪونہ اٿم. آءٌ تنهنجي خدمت ۾ تن مهينن لاءِ اچي رهڻ لاءِ تيار آهيان. پر تون مون کان درخواستون لکائڻ گهرين ٿو. هي ماڻهو درخواستون مڃڻ وارا ڪونہ آهن. هن لتن جا ڀوت آهن. ڳالهين تي ٽيڪ ٽيڻ وارا نہ آهن —

عرفي اگر بہ گريہ ميسر شدي وصال،

صد سال مسي توان بہ تمنا گريستن!

اسان ڪافي عرض معروضن جو تجربو ڪيو آهي. هاڻي حُسين علي جي اصول جي پوئواري ڪرڻي آهي. يا ناحق کي ختم ڪرڻو آهي، يا ان جي ختم ڪرڻ ۾ پاڻ کي قربان ڪرائڻو آهي.

شب پرو زاغ وزغن زيباني صدو بند نيست،

اين ڪرامت، همره، شهبازو شاهين ڪرده اند!

زندگيءَ جو حقيقي لطف ظلم سان تصادم ڪرڻ ۾ ڇپيل آهي نہ ان جي اڳيان سر خم ڪرڻ ۾.

اچو تہ عيد تي سن ۾ ويهي پروگرام تيار ڪريون. آءِ آءِ قاضيءَ جو موڪليل خط ملاحظي لاءِ موڪليان ٿو.....

## [16]

[علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي راشدي صاحب ڏي لکيل خط جو اختصار:

"134ـ برٽوروڊ. ڪراچي، 13ـ فيبروري 1937ع..... خط پهتو مهرباني، سيد ۽ توکي ملي، مشوري ڪرڻ ۾ مون کي نهايت خوشي ٿيندي، جيڪڏهين بہ چار گڏجي ڪجهہ ڪرڻ گهرن تہ ڇا نہ ٿي سگهي ٿو!

"سيد ۽ راشدي ڇا نٿا ڪري سگهن!

""افسوس اهو آهي تہ اسان جو وقت بيڪار ڳالهين ۾ ضايع ٿي رهيو آهي ـ ڪوبہ تعميري ڪم ٿي نٿو سگهي....." ]

[17]

بهمن،

14 ـ فيبروري 1937ع

....... خط پهتو. احوال معلوم ٿيو. آءٌ 20 تاريخ ڪراچيءَ پهچي ويندس. ان وچ ۾ دهليءَ هڪ ڏينهن لاءِ وڃي رهيو آهيان.

اميد تہ جيستائين آءٌ موٽي اچان، تون ظالمن جي منت سماجت تي ڍرو نہ ٿيندين، ۽ همت جهليو بيٺو هوندين..... ـ

[18]

دهلي،

18 ـ فيبروري 1937ع

...... توکي خبر آهي تہ آءٌ انهن مان هڪڙو آهيان، جن وزارت ڏر ۽ اتحاد پارٽيءَ جي وچ ۾ سمجهوتو آندو هو. جيتوڻيڪ مون کي اها ڳالهہ بہ ياد هئي تہ هيءَ وزارت جمهوريہ طريقي سان طاقت ۾ نہ آئي هئي، بلڪ مختلف ناجائز سازشن وسيلي اقتدار ۾ آئي هئي، ليڪن حالتن کي درست ڪرڻ لاءِ مون اڳيون ڳالهيون وساري، ان سمجهوتي آڻڻ ۾ دلچسپي ورتي. پر ڪيترن مهينن جي تجربي بعد هيءَ ڳالهہ ثابت ٿي چڪي آهي تہ وزارت عام ماڻهن جي ڀلي لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڪيو آهي. اسان جي هيٺين طبقي جا ماڻهو وزارتي محلاتن ۾ جيڪي وهي واپري ٿو ان تي خوش نہ آهن. هو اُتان جي عمل مان ڏسڻ گهرن ٿا تہ، سندن لاءِ ڇا ٿو ٿئي. مون کي افسوس سان ظاهر ڪرڻو ٿو پوي تہ جنهن مقصد لاءِ سمجهوتو ٿيو هو اهو حاصل ٿي نہ سگهيو آهي. مختلف ڪميٽين جي مقرري، پارليامينٽري سيڪريٽرين جا ڊگها بيان يا ٻيون اهڙيون نمائشي ڳالهيون ملڪ جي

مرض جو علاج ٿي ڪين سگهن ٿيون.

وزارت سان سمجهوتي ڪئي کي ڇهه مهينا گذري چڪا آهن. ان تي نظر ڊوڙائبي، تہ پتو پوندو تہ ڪامورن مان رشوت بند نہ ٿي آهي. اخبارون ظالم ۽ رشوت خور ڪامورن جي ڦر فصل جي خبرن سان پرپور آهن. وزيرن ان لاءِ ڪجهہ نہ ڪيو آهي. ٻئي طرف نظر ڊوڙائي ڏسبو تہ آبادگارن لاءِ بہ ڪجهہ ڪونہ ٿيو آهي. بدڙ ۾ آهي تہ وزارت 'قانون انتقال ايراضي' ۽ 'قرضن جي نهراءَ' جا بل اسيمبليءَ جي ايندڙ اجلاس ۾ آڻڻ نٿي گهري. اتحاد پارٽيءَ جا ميمبر پنهنجي ڪڏ پاڻ کوٽيندا، جيڪڏهين بلن جي مهمل ڪرڻ يا ڪمزور ڪرڻ کي قبول ڪندا. وزارت لاءِ اهو ڪيتري قدر درست آهي، تہ حڪومت ۾ اسان جي مدد سان رهن ۽ سارو وقت وياج خور طبقي جي راضي رکڻ جي ڪوشش ۾ مشغول رهن!

توکي خبر آهي تہ خويش پروري ۽ پنهنجي طرفدارن کي ناجائز طور ورسائڻ جو ڪم وزيرن پاڻ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ شروع ڪري ڏنو آهي. توکي اها بہ خبر آهي تہ وڏن آفيسرن جي مدد سان هو سازشڪري سندن مخالفن کي اندران ڪمزور ڪري رهيا آهن، ۽ ٻاهران انهن سان دوستي رکيو اچن. توکي خبر هوندي تہ تازو ڪن نااهل عملدارن کي لائق ۽ حقدار عملدارن تان ٽپائي ترقي ڏيارڻ خود انهيءَ عملداري سرڪل ۾ ڪيترو چوٻولو پيدا ڪيو آهي. ايماندار عملدار بددل ٿيندا وڃن. توکي پتو آهي تہ اڄڪلهہ پراونشل سروس وارن عملدارن کي اهو وهم ويهي ويو آهي تہ ايمانداريءَ سان نوڪري ڪرڻ ايترو فائديمند نہ آهي، جيترو وزيرن جي بوٽ پالش ڪرڻ سان. هر روز ننڍين عملدارن ذريعي ڪن مخصوص ماڻهن کي ورسائڻ جا ڪم ٿي رهيا آهن. عوام جي فائدي جو ڪين فڪر ئي ڪونهي. جڻ تہ سنڌ ڪين مال غنيمت ٿي ملي آهي، جنهن کي پنهنجي مفاد ۽ مرضيءَ پٽاندر ورهائيندا رهن. تازو ڪو آپريٽو کاتي مان مسٽر صديقيءَ جهڙي ايماندار عملدار کي صرف وياج خور طبقي جي چوڻ تي ان کاتي مان ڪڍيو ويو. هڪ آءِ سي ايس عملدار ان جي جاءِ تي آڻي، آبادگارن جون زمينون نيلام ڪرائڻ گهرن ٿا. ٻين صوبن ۾ پراڻن قرضن جي وصولي

بند ڪئي پئي وڃي، هتي انهن جي وصوليءَ لاءِ زمن نيلام ڪرڻ جون سازشون سٽجي رهيون آهن!

هن وزارت کان انصاف کاتي کي انتظامي کاتي کان جدا ڪرڻ جي ڪابہ اميد رکڻ بي سود آهي. اها صرف ڪامورن جي طاقت تي پاڻ کي قائم رکڻ ۾ مشغول آهي. باقي عوام جي تڪليفن دور ڪرڻ جي ڪين ڳڻتي نٿي ڏسجي. درٻارين جي ختم ڪرڻ ۽ بندوقن جا ليسن عام ڏيڻ جا آرڊر بہ اجا تائين جاري نہ ڪيا ويا آهن. مون کي خبر نہ آهي، تقاوين جي مهملي بابت بہ حڪم جاري ٿيا آهن يا نہ؟

لوڪل بورڊ جي "جيءُ حضور" ماڻهن کي ٺاڻن سان جمهوري چونڊن کي بدلائڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. هر جاءِ سندن چاڙتا طاقت ۾ آندا پيا وڃن. عوامي ڪارڪنن جي طاقت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ سڀ طريقا استعمال ڪيا پيا وڃن. گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ جي تشريح، جا گورنر سنڌ سندس وزيرن جي صلاح سان ڪئي آهي، ان مان ائين پيو محسوس ٿئي تہ هي ملڪ شايد هاڻي شريفن جي رهڻ جي لائق نہ رهي؟

انهن سمورين ڳالهين کي نظر ۾ رکي، توکي وزارت سان آينده تعلقات بنسبت غور ڪرڻ گهرجي. اها پرواهہ نہ آهي تہ ان مان ڪو ڪڙتيل نڪرندو يا نہ۔ ممڪن آهي ڪاميابي نہ ٿئي. ليڪن ناحق سان مقابلو ڪرڻ زياده بهتر آهي، بمقابل ان سان سمجهوتي ڪرڻ جي. **اچو تہ حق جو طرف وٺي بيهون** پوءِ جن کي تو ۾ اعتقاد آهي، سي پاڻيهي تنهنجي پوئلڳي ڪندا. تنازع البقا جي اصول مطابق قدم کڻڻ لازمي آهي......۔

[19]

ڪراچي،
29 اپريل 1937ع

......... ساري گشت ۾ پير صاحب [پير الاهي بخش، وزير تعليم] سان گڏ هوس. ڪالهہ ڪراچيءَ پهتا آهيون. ساري مٿاماري ڪرڻ، رات ڏينهن ڪم ڪرڻ جي باوجود قدر ڪونہ ٿيو. وري ڪم جون واڳون اچي

ڪامورن سنياليون. خانبهادر الهه بخش، محمد دائم کي پرسنل سيڪريٽري رکيو آهي. مون کي هرويرو نوڪريءَ جي ضرورت نه هئي، پر ارمان ٻن ڳالهين جو ٿيو آهي: هڪ ته منهنجي شخصي مخالفن جي پروپيگنڊا کي وزيرن ٻڌي، اهو قدم کنيو آهي. ازانسواءِ پنهنجي تجويز مطابق وزيرن جي نزديڪ ڪامورن کانسواءِ پارٽيءَ جا ڪارڪن به هئڻ گهربا هئا ـ تنهن تجويز جي مخالفت ٿي آهي. هنن وزيرن ڪيترائي ڪم (باوجود سندن بنا لالچ خدمت ڪرڻ جي منهنجي خلاف ڪيا آهن. هاڻ حڪم موڪل ته حالتن موجب ڇا ڪريان؟ ان جاءِ تي مون کي تو مقرر ڪيو هو ۽ فيصلو به توکي ڪرڻو آهي.

ٻين وانگر ظالم ٿي خط جو جواب ڏيڻ کان قاصر نه ٿج.....

اوهان کي ٻڌي خوشي ٿيندي ته اڳين وزيرن وانگر هاڻ الهه بخش ۽ نهچلداس ڪراچي ڪلب ۾ وڃڻ شروع ڪيو آهي.....ـ

## [20]

ٻهمن،
23 جون 1938ع

...... مون 22ـ جون تي "سنڌ آبزرور" ۾ هڪ مضمون لکيو آهي ته ٻن سر صاحبن جي شڪست مان نئينءَ وزارت کي سبق وٺڻ گهرجي......

آءُ هتي ٻن ٽن ڏينهن لاءِ آيو آهيان. 26ـ تاريخ موٽي ڪراچيءَ ويندس. رستي ۾ تو وٽان ٿيندو ويندس.

## [21]

ٻهمن،
27 جون 1938ع

..... سن آيس ٿي. پر ڪن سببن ڪري اچي نه سگهيو آهيان. ٻڌو اٿم ته خانبهادر الهه بخش تو وٽ سن آيو هو؟ توسان ڊلن وڏائڻ بابت گفتگو ڪيائين يا نه؟ گورنر ڊلن وڏائڻ لاءِ زور رکيو اٿن. تو ڪهڙو جواب ڏنس؟ هن جي راءِ ڇا

آهي؟ مون کي حالتن معلوم ڪرڻ لاءِ انتظار آهي. مهرباني ڪري خبر موڪل. تنهنجي طبيعت هاڻ ڪيئن آهي؟ ميران محمد شاهه 29 تاريخ سن ايندو. ممڪن آهي آءٌ به گڏجي اچانس.....

## [22]

گاڏي کاتو ڪراچي،
20- آگسٽ 1938ع

...... مون کي مولانا ابوالڪلام آزاد جي هيٺين تار ڪلڪتي مان پهتي آهي:

"جيرامداس کي تار موڪليان ٿو ته مون کي ملي."

سر غلام حسين سان صلاح ڪرڻ بعد مون کيس هيٺين تار جواب ۾ موڪلي آهي:

"تار پهتي- ڪٽر هندو عام راءِ ڪانگريس جي پاليسيءَ تي اثر انداز ٿي رهي آهي. تنهنجو هتي اچڻ، هندو ۽ مسلم قوم پرستن ۾ سمجهوتي آڻڻ لاءِ، سخت ضروري آهي."

مون حاجي عبدالله هارون وٽ ٽي چار ڪلاڪ ويهي مسلم ليگ ڪانفرنس لاءِ صلاح مشورو ڪيو آهي. جناح صاحب جي جواب تائين ترسيل آهيون. پير الاهي بخش اڄ صبح جو مون کي مليو. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هڪ دفعو مون کي ۽ توکي هو وري ڏاهڻ گهرن ٿا. هو 6- تاريخ هتي اچي رهيو آهي. شايد ميران محمد شاهه 'الهه بخش' نهچلداس ۽ پير الاهي بخش توڏي معافي وٺڻ لاءِ اچن. هن وقت آءٌ حاجي عبدالله هارون وٽ آهيان. ڀُٽي يا ٻين زور بارن کي منهن ڏيئي سگهندس. اميد ته تون درياءَ جي ڪپ تي ويهي، تڏو ٿي، اسان کي وساري نه ويهندين. ۽ ساڳئي طرف مضبوط رهندين.......

# [23]

ڪراچي،
3_ آگسٽ 1938ع

........ هڪ خط اڳي موڪليو اٿم، پهتو هوندو. سيد خير شاهہ گزدر ۽ حاجي عبدالله هارون اڄ آفيس ۾ گڏ ٿياسون، جتي تجويز بيٺي تہ عام ماڻهن کي اپيل ڪئي وڃي 12_ آگسٽ 1938ع تي ڳوٺن ۾ ميٽنگون ڪري، الهہ بخش وزارت تي ڏلن وڏائڻ ڪري ندامت جو ٺهراءُ پاس ڪن.

اسان ٻي ميٽنگ ڪراچيءَ ۾ وزارت کي ننديڻ لاءِ گهرائي آهي. سيني جي خواهش آهي تہ تنهنجو هتي هئڻ ضروري آهي. "ڊيلي گزيٽ" اسان جي مسلم ليگ پروگرام کي ڪالهہ ڇپيو آهي. يوسف هارون توکي ان جا پرچا موڪليندو. "ڊيلي گزيٽ" هڪ ايڊيٽوريل ۾ الهہ بخش کان پڇيو آهي تہ سندس وزارت اتحاد پارٽيءَ جي مخالفت ڪري، هاڻ ڪنهن سان جوابدار آهي؟ جناح صاحب يا ٻئي ڪنهن آل انڊيا ليڊر کان جواب اڃا تائين ڪونہ پهتو آهي. رئيس رسول بخش انڙ جي صحيح بي اعتباريءَ جي ٺهراءَ تي وٺڻ بابت تو ڇا ڪيو آهي؟ جلد ڪوشش ڪرڻ گهرجيئي. اسان آفيس تنهنجي بنگلي ۾ ڪولنيون ٿا. محمد علي شاهہ هتي آهي. شيخ عبدالمجيد دهلي مان واپس آيو آهي. سهراب خان سرڪي جيڪب آباد ويو آهي_ کهڙي کي لاڙڪاڻي تار ڪئي اٿئون تہ ان کان وزارت خلاف بي اعتباريءَ جي ٺهراءَ تي صحيح وٺي. سر غلام حسين کي صبح جو مليو آهيان. هينئر هو ڪڙائيءَ ۾ آهي. گزدر وزارت خلاف اڄ سخت بيان ڪڍڻ وارو آهي. آءُ ساڳيءَ حالت ۾ آهيان. منهنجي اندر جي احوال جي عام کي ڪهڙي خبر! عشق جا ڪورا ٻري رهيا آهن. هارون ۽ ٻين دوستن جي راءِ آهي تہ تنهنجا ڪانگريس ڏي موڪليل خط پريس ۾ موڪلڻ گهرجن. پلي ڪانگريس وارن کي پتو پوي تہ قوم پرست مسلم ليگ طرف لاڙو ڪري رهيا آهن. تنهنجي حڪم بعد قدم کڻبو. خط روزانہ موڪلج. پر خبرداريءَ سان لکندو ڪج. سنسر ٿيڻ جو امڪان آهي.....

# [24]

ڪراچي،
4 آگسٽ 1938ع

...... تنهنجو خط پهتو جنهن ۾ تو منهنجي زخميل دل تي مرهم رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. دل پرجي آئي. معلوم ٿيم ته دنيا ۾ ڪم از ڪم هڪ اهڙو دوست اٿم، جو منهنجي دلي جذبات جو احساس رکي، همدردي ڪري رهيو آهي. اڄڪلهه جي دنيا اهڙن غمخوار ساٿين کان خالي آهي، جي ٻين جي دردن جو احساس رکندا هجن.

هتي آءٌ هي چوڻ کان رهي نٿو سگهان ته منهنجي دل جي تسڪين ۽ آثار تون ئي آهين. توسان پنهنجي مشڪلاتن ۽ دلي رازن کي بي تحاشا کولي سگهان ٿو. منهنجي زخميل دل تي تنهنجي سٺي ۽ همدردانه گفتگو مرهم جو ڪم ڏئي ٿي. مون کي معلوم آهي ته ٻيا دوست منهنجي هن حالت تي نڪتچيني ڪندا هوندا، پر-

ڪفر ڪافر را و دين ديندار را- ذره از درد دل "عطار" را!

سچي محبت ۽ نفساني خواهشن جي وچ ۾ وڏو تفاوت آهي. نفساني خواهش عارضي آهي. محبت تي ڪنهن جو قبضو نٿو ٿي سگهي. نه عقل ئي اوڏاهين رهبري ڪري ٿو. اهو عشق پاڻيهي پيدا ٿئي ٿو. جيڪڏهن هيڪر اهو پوت پيدا ٿي پيو، ته پوءِ ماڻهوءَ کي بيوس بڻايو وجهي. بحث، دليل، ان کي ٽڏو ڪري نٿا سگهن. انهيءَ راهه ۾ اها پرواهه نٿي رهي ته منزل مقصود تي پهچي سگهبو يا نه. اها تسلي ڪافي آهي ته انهيءَ مقصد جي راهه ۾ رمندو رهجي ٿو-

در ره منزل ليليٰ ڪه خطرها ست بسي،
شرط اول قدم آن ست ڪه مجنون باشي.

پر انهيءَ راهه ۾ غمگسار ۽ سچي ساٿيءَ جو ساڻ هئڻ وڏو آثار ۽ نعمت آهي. خدا جا لک شڪرانا آهن جو مون کي تو ۾ هڪ دوست مليو آهي...

کهڙو اڄ موٽي آيو آهي. هيءُ گهري ٿو ته تون يڪدم هتي اچ نه ته اڄ سڀ مخالفت وارا بد دل ٿي ويندا.....

## [25]

ڪراچي،
7 سيپٽمبر 1938ع

...... خط موڪليان ٿو جو صحيح ڪري واپس موڪليندا. سر غلام حسين وانگر توکي بہ صوبہ مسلم ليگ ڪانفرنس ۾ وزيٽر طور شرڪت لاءِ گهرايو ويو آهي.

مسٽر جناح 7۔ آڪٽوبر 1938ع تي هتي ڪراچيءَ ۾ اچي ٿو.....

وارڌا ۾ گفتگو بہ حالتون نہ ڪيون آهن. هتي صلاح وٺڻ لاءِ تنهنجو حاضر هئڻ نهايت ضروري آهي.

حالتون روز بروز بدلبيون وڃن. مير بنده علي خان ۽ کهڙو هتي آهن. ڪانفرنس ۾ باقي ٿورو وقت رهيل آهي. وڏو انتظام ڪرڻو آهي......

## [26]

ڪراچي،
5۔ نومبر 1938ع

...... تنهنجو 30 آڪٽوبر جو لکيل خط پهتو مهرباني، آءٌ ڪجهہ ڏينهن لاءِ ڳوٺ ويل هوس. اج موٽيو آهيان. تڪجي، تڏو ٿي، وري پنهنجي خانگي ڪاروبار ڏي ڪونہ موٽيو هوس، پر پنهنجون اميدون هن صوبي جي مسلمانن جي بيداريءَ بابت خاڪ ۾ ملي ويون آهن. آءٌ پنهنجي نون ساٿين سان بہ ٽي مهينا لاڳيتو ڪم ڪرڻ بعد هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ هي سڀ هڪ خود مطلبن جو گروه آهن، جي هر ڳالهہ کي سندن شخصي نفعي جي نقطي نگاهہ کان ڏسن ٿا. تو ڏٺو هو تہ جناح صاحب جڏهين هتي آيل هو ۽ ڪنهن وقت وزارت ٺهڻ جون اميدون روشن ڏسڻ ۾ ٿي آيون، تہ وزارتن لاءِ ڪيترائي اميدوار نڪري پيا هئا! سر غلام حسين، جيڪو مسلم ليگ جي ميٽنگ ۾ ڊرامو ڪيو هو اهو اڪين سان ڏٺو هوءِ. تو کهڙي صاحب جي ذهنيت آرگنائيزيشن ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ ڏٺي هئي. شڪر جو اسان

پشاور ويو آهي. 8۔ تاريخ کان مون کي صوبہ مسلم ليگ جي جنرل سيڪريٽريءَ جي چارج ۾ رکي ويو آهي. 15۔ تاريخ برانچ ليگن جون چونڊون رکيل آهن. حال لاهور ڏي وڃان ٿو. اتان شايد ڪشمير بہ وڃان. صوبہ مسلم ليگ جون چونڊون 27 نومبر 1938ع تي ٿينديون. آءٌ حاجي عبدالله هارون کي پريزيڊنٽيءَ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ شايد موٽي اچان. هو هن وقت مسلم ليگ جي پروپيگنڊا ڪرڻ لاءِ لاري خريد ڪري ڏيڻ ۽ انگريزي اخبار ڪڍڻ جا دلاسا ڏيئي رهيو آهي. واعدا پورا ڪري يا نہ پر جيڪڏهن هن کي پريزيڊنٽي نہ ملي، تہ اها اميد انهن ڪمن جي سرانجام ٿيڻ جي بہ ختم ٿي ويندي.

مهرباني ڪري هن نئين دوست کي نہ مارائج. سيٺ صاحب 12۔ تاريخ دهليءَ روانو ٿي ويو آهي. 23 تاريخ واپس ايندو. توکي 25۔ تاريخ ضرور ڪراچيءَ پهچڻ گهرجي......

## [28]

ڪارونيشن هوٽل، لاهور،

17۔ نومبر 1938ع

....... آءٌ هتي 15۔ تاريخ پهتو آهيان. هتان ٿورن ڏينهن کانپوءِ پشاور ويندس. هڪ خط اڳي موڪليو اٿم. اميد تہ پهتو هوندو. تون 27۔ تاريخ مسلم ليگ ميمبرن کي ڪراچيءَ اچڻ لاءِ لکج. خير شاهہ ۽ رئيس رسول بخش کي خط موڪليا اٿم. جواب جلد ڏج......۔

## [29]

ڪراچي،

3۔ ڊسمبر 1938ع

...... 28۔ تاريخ صوبہ سنڌ مسلم ليگ ورڪنگ ڪميٽي موجوده وزيرن بابت انڪوائري ڪرڻ لاءِ هيٺين ميمبرن تي مشتمل هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي آهي، جا سندن ڪارنامن بابت انڪوائري رپورٽ ڪندي۔

1۔ شيخ عبدالمجيد، 2۔ جي. ايم. سيد، 3۔ ،محمد يوسف چانڊيو 4۔ غلام نبي خان پٺاڻ، 5۔ محمد ايوب کهڙو ۽ 6۔ علي محمد شاهہ (سيڪريٽري)

ڪميٽيءَ جي ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ ميمبرن کي مواد ڪٺو ڪرڻ گهرجي. جيئن تہ وقت ٿورو آهي، ان ڪري مهرباني ڪري جلد مواد ڪٺي ڪرڻ جي شروعات ڪندا..... [پوءِ 20 ڳالهين جي لسٽ ڏئي ٿو جن بابت انڪوائري ڪرڻي هئي. ]

⊙

# 1939ع

## [30]

سينٽرل هوٽل، لکنو
3- مارچ 1938ع

...... برادرم عزيز! حسب وعده اولين خط عرض آهي.

پهريان لاهور، پوءِ لکنو- ”چندين آفتاب چندين ماهتاب“ هيلتائين سير جي ڊائري بس ايتري آهي. لکنو ۾ پهريون دفعو اچڻ ٿيو آهي. اچڻ کان اڳ هزارين امنگ ۽ طبيعت ۾ بيحد جولان هئا. مگر هت پهچڻ بعد دل کي سخت صدما رسيا آهن. خط لکڻ کان اڳ هوٽل جي ورانڊي ۾ امين الدوله پارڪ جي سامهون ويٺو هوس، ۽ ويٺي رُنم ٿي. ان وقت خيال آيم ته اوهان ڏانهن به ان دل صد پاره جا چند ٽڪرا موڪلي ڏيان. ڇو ته-

دل غمديده با غمديده الفت بيش تر گردد،
چراغ را ڪه دودي هست آتش تيز تر گردد.

مون سمجهيو ٿي ته لکنو شاهي شهر آهي ۽ هتان جي ملڪي حڪومت سپ کان بعد ۾ رخصت ٿي آهي، تنهن ڪري هتي غريبي ۾ افلاس جي چادر اڃا تائين ايتري قدر وسعت ڪانه ورتي هوندي، جيتري قدر هندستان جي ٻين صوبن ۾. پر هتي پهچڻ بعد نقشو ئي ڪجهه اور نظر آيم آهي. چوندا آهن ته ”ماريءَ جي گهر ۾ هڏن جو ڍير“- سو اوڌ جا وزير اوڌ جو اوج به پنهنجي سر سان کنيون ويا. پنيان هڪ اجڙي بستي يا ويران وستي ڇڏي ويا آهن، جن جي شڪسته ديوارن جي هر هڪ سر هڪ خوني داستان دهرائي رهي آهي.

”نه وه غزنوي مين تڙپ رهي نه وه خم هي زلف اياز مين.“

بهرحال، وڏيءَ پيٽهن هر هڪ جي تعريف شروع ڪئي، پر هر هڪ جا افعال ۽ حواس بيان ڪندي جڏهين پاڻ تي آئي، تڏهن سندس اکيون جهيڄي ويون. **منهنجو هي عقيدو آهي ته ڪابہ عورت فطرتاً ناپاڪ نہ آهي ۽ ماحول ئي آهي جو ڪيس رنگ روپ ڏيئي ڀهروپيو بڻائي دنيا، جي اسٽيج تي آڻي ٿو.** ساڳيءَ طرح، هن ويچاريءَ جون بہ نچليون نگاهون بي زبانيءَ سان ڪو داستان ضرور بيان ڪري رهيون هيون. پر اهڙو موقعو ان رات ميسر نہ ٿيو. جڏهن ان متاع عشق جي قيمت پڇي ويئي، تڏهن چند روپين کان مٿي نظر نہ آئي.

اُنهن پيئرن مان ننڍيءَ جو ڪجھ داستان ٻڌو.

باره برس ڪي سن مين وه لاکهون برس رهي!

سيرت؟

زفرق تا بہ قدم هر ڪجا مي نگرم،

ڪرشمہ دامن دل مي ڪشد ڪہ جا اينجاست.

مون ان مائيءَ سان علحدگيءَ ۾ گفتگو جي اجازت گهري، جنهن ملڻ ۾ ڪا مشقت برداشت ڪرڻي ڪانہ پئي. مان جڏهن غور سان ان غريب ڏانهن ڏٺو تہ معلوم ٿيم تہ هڪ مکڙي آهي، جيڪا جور گلچين جو شڪار ٿي رهي آهي، هڪ پاڪ نفس آهي، جنهن کي چرخ ناهنجار جا چڪر ناپاڪيءَ طرف ريڙهي رهيا آهن، آيتہ "ما هذ البشران هذالاملڪ ڪريم" جو هڪ مثال بي مثل آهي، جنهن جي سنڀال ابليس جي حوالي ڪئي ويئي آهي! يا ٺيٺ سنڌي زبان ۾ ڪري هيئن چئجي تہ سنڌ جي قومي امانت هڪ........ وزير جهڙي ديانت مند جي قبضي ۾ اچي ويئي آهي، جو ان کي پنهنجي ذاتي اغراض لاءِ غيرن جي حوالي ڪرڻ کان شرم نٿو رکي. مان برابر هڪ ڪلاڪ سندس سرگذشت ٻڌندو رهيس. اهي نچليون نگاهون، اهي ئي رنڊيل جملا، اهوئي غربت جو داستان، اهوئي افلاس جو افسانو.

"نقو بر تو اي چرخ گردون تفو!"

ان ڪلاڪ اندر ڪائنات پنهنجي سمورين حقيقتن کي منهنجي

اڳيان بي نقاب ڪري ڇڏيو. سندس ناٽڪ جو هرهڪ پردو يڪي بعد ديگري اکين اڳيان ايندو رهيو. هن خط ۾ اها گنجائش نہ آهي تہ آءُ ان وقت جي ساري دماغي ڪيفيت قلم ۾ آڻي، اوهان جي آڏو پيش ڪريان. بس غريبت جا ٿيندي آهي، سو محسوس ڪيم! بک ڪهڙي بلا ٿئي ٿي، سو معلوم ٿيم. هڪ حساس ۽ خدا ترس باغبان ڪانسواءِ گلن جو ڇا حشر ٿئي ٿو تنهن جو نظارو ڏٺم ۽ ان اپرانڌ، هيءَ حقيقت تلي ورتيم تہ "پل حسن هجن هزار ۽ سوين هجن سينگار" پر

"تو پوچتا نهين تو ڪوئي پوچتا نهين."

جڏهن سائين راضي ٿئي ٿو تہ هر ڪري ڪوٺي سرتين ۾ پيئي سونهين، ورنہ بي بي سائڻ زليخا کي بہ ڪراڙپ تائين مصر ۽ ڪنعان جي هر گهر ۽ گهٽيءَ جي خاڪ ڇاڻڻي پئي. هڪڙيون ڪِنيون ڪوجهيون حڪومتون پيئون هلائن، هڪڙيون سهڻيون ۽ سدا ملوڪ آهن جي۔

"ڦرتي هين مير باده خوار ڪوئي پوچهتا نهين."

آخر اهو آهي ڇا؟ اهو ڪهڙو راز آهي، جو ڪٿ چور سچا ۽ ڪٿ ڊور سچا پيا نظر اچن! بهرحال اهو هڪ فلسفو آهي، جنهن تي هت بحث ڪرڻ جي گنجائش ڪانہ آهي. ڌڻيءَ جا هزار شڪر آهن، جو ان نقلي بهشت ۾ داخل ٿيڻ ڪانپوءِ بہ "وصل حور" جي معاملي کي اصلي بهشت تائين مهمل ڪري واپس وريس ۽ خدا جو قسم اٿم تہ ساري رات ان نظاري تي روئندو رهيو آهيان بنارس ويٺو هوم، پر اڄ اهو بہ بند ڪيم. هن وقت شام جا ڇهہ وڳا آهن. اڄا تائين انهيءَ سوزگداز ۾ مبتلا آهيان. هلندي هلندي، هن فيصلي تي پهتو آهيان تہ جيڪڏهن ڌڻي ايتريقدر مهربان ٿئي، جو مون کان پڇي تہ اي بنده گنهگار! تنهنجي مدعا ڪهڙي آهي؟ تہ هوند آءُ هٿ ادب جا ٻڌي خون حسين عليہ السلام جو واسطو ۽ خاتون جنت عصمت مابيءَ جو وسيلو وجهي، کيس عرض ڪريان تہ ملڪ مان بک ۽ ڏک ڪڍ! جيڪڏهين ائين نٿو ڪرين، تہ ڪم از ڪم منهنجي پنهنجي دل منجهان تہ احساس جو مادو مفقود ڪري ڇڏ. جو تہ مون سان هينئر "اي روشنيءَ طبع برمن بلاشدي" وارو مذڪور بنجي چڪو آهي.

مان بوٽ پالش جي هڪ آني عيوض ڪيس 2 آنا ڏنا. ان وقت چوڪري جي حالت ڪو ڏسي ها. خوشيءَ ۽ تشڪر وچان سندس اکين مان زار زار ڳوڙها وهڻ لڳا ۽ روئندي روئي ڪيس هچڪيون ٻجهي ويون. هن جي ڳوڙهن جون لڙيون مون کي ياد ڏياري رهيون هيون تہ ميان صاحب، ڏس، تو تي ڌڻيءَ جون ڪروڙين نوازشون آهن، پر تون ايتري قدر بي شڪر بندو آهين، جو هڪ دفعو بہ تو پنهنجي محسن جو احسان مڃيندي، هڪ ڳوڙهو نہ ڳاڙيو آهي، پر هن چوڪري جو ايمان ڏس تہ چند آنن جي احسان سندس منهن کي موتين جي مالها ٻڌائي ڇڏيو آهي! ڪيترو وقت پنهنجي نمڪ ناشناسيءَ ۽ فرض فراموشيءَ تي حسرتون ڪندو رهيس، ۽ چوندو رهيس-

"ربنا ظلمنا انفسنا وان لم تغفرلنا و ترحمنا لنکونن من الخاسرين"

مين ني ڪي عصيان مين ڪمي اور توني نہ ڪي غفران مين ڪمي،
مين خطا ڪرتا رها او تو عطا ڪرتا رها!....-

## [31]

20- ونڊسر پئليسر، نئين دهلي،
6- مارچ 1939ع

..... هڪ خط لکنو مان لکيو اٿم. اڄ دهليءَ پهچي ويو آهيان. حاجي عبدالله هارون ۽ جناح سان ملڻ وارو آهيان. مون کي خبر نہ آهي تہ تو ڪانگريس وارن سان ڪهڙو فيصلو ڪيو؟ ڪهڙي، هارون کي لکيو آهي تہ هو 10 تاريخ دهليءَ ايندو. اسان ڪيس تار موڪلي آهي تہ هو هتي دهليءَ پلي اچي. جناح صاحب سان سان ڳالهين ڪرڻ لاءِ تون اچين تہ نهايت بهتر ٿيندو. جناح صاحب اسان کي چيو آهي تہ سنڌ جي جملي ڪارڪنن ۾ سيد بهترين ۽ سچو ڪارڪن آهي. بهرحال نہ اچي سگهين، نہ خبرچار موڪلج. آءُ 13 تاريخ ڪراچيءَ پهچي ويندس......-

[32]

ڪارونيشن هوٽل،
دهلي، 16 - سيپٽمبر 1939ع

....... پهر اٺي ڪالي گهٽا، جيا موريا لهرائي هي! جو سمون آهي. بارش صبح کان برسي رهي آهي. هوٽل ۾ پيو آهيان. نہ جاي رفتن تہ پاي ماندن. دريءَ جي سامهون پام جو وڻ آهي- پنن تي قطرا ڪرن ٿا، ڪجھ ساعتون ترسي وري ترڪي وڃيو زمين تي پون! پام ڪي کهڙو قدم موتين جي انهي مالها جو! پام ڪي انهن لاءِ ايتري عزت آهي، جيتري سنڌ وارن کي تنهنجي لاءِ. يا منهنجي لاءِ قدرت خرنواز واقع ٿي آهي. پام ۽ مينهن جا موتي جڻ.... ۽ وزارت-

اسپ تازي شد مجروح بزير پالان،
طوق زرين همہ درگردن خرمي بينم.

پام هڪ غير متوڪل وڻ آهي. اميرن جي بنگلن کانسواءِ ہئي هنڌ سندس زنده رهڻ مشڪل آهي. شايد هو اميرن جون معصيت پريل مجسلون ڏسي، اُن ’چشڪي‘ تي زندگي گذارڻ ئي پنهنجي زندگيءَ جو اڪيلو مقصد سمجهي ٿو.

برعڪس ان جي صحرائن ۽ بيابانن جا ٻوٽا بيحد متوڪل آهن. زمانا گذري وڃن، صديون ختم ٿي وڃن، مگر هو پنهنجي توڪل تي قائم آهن. قيس سان سورن وقت ڪير سنگتي هئا! اهي غريب ٻوٽا يا هي پام بدنام! مگر قدرت جي، خاڪم بدهن، هيءَ ڪيڏي نہ ڪافر ماجرائي آهي تہ هو ويچارا ايڏي صبر ۽ استقلال بعد بہ تشنہ ڪام رهن. پر هي پاڻي تہ خير، پر خود آسمان شراب جا، ضرورت يا نہ ضرورت، خمن جا خم لُٽائيندا رهن ٿا. اهوئي مومن ۽ ڪافر، حور ۽ وعده حور وارو معاملو آهي.

بهرحال ڇڏيون ان معاملي کي. پام جي پنن سان ٻوندن جون اهي سرگوشيون ڏسي، منهنجي دماغ تي هڪ ٻيءَ ڪيفيت جو پرتوو پيو! تصور ڪريان ٿو تہ جڻ ’ شب وصال‘ آهي، ڪنهن جي اچڻ جو انتظار آهي، اکيون ان پار ڏي آهن. دل پيئي چوي

بي حجابانہ بيا از در ڪاشانہ ما!

آءُ چانڊني رات ۾ ڪوني تي ستل آهيان- ايندو يا نہ! جي ايندو تہ دير بابت ڪيس ڪهڙي ميار ڏيندس! عاشق نوازيءَ جو ضرور اقرار ڪندس ۽ تڪليف لاءِ شڪر بہ بجا آڻيندس. پر ان سان گڏ هي بہ ٻڌائيندو تہ:

ڏيندس نياز لحاظ سان، سورن جي سڏ ساري،
هوت پنهل جڏهن اڱڻ آيو!

عاشق لاءِ قيامت کان اڳ ٻيون ڪيتريون قيامتون آهن. انهن سيني قيامتن ۾ ڪاري قيام ان رات آهي، جنهن رات يار جي آمد جو انتظار رهي ٿو ۽ فضا جي هر باريڪ کان باريڪ سرسراهٽ کي "خلخال پاي يار" تي محمول ڪيو وڃي ٿو.

ان 'ڪاريءَ قيام' جي ميدان اندر پنن پر پيو آهيان، ۽ ايتري ۾ آسمان ابر آلوده ٿي وڃي ٿو ۽ گهڙيءَ سوا جي گنگهور گهٽا جو نتيجو بارش جي صورت ۾ نمودار ٿئي ٿو. 'آمد يار' وارين اميدن جون سڀ تارون منقطع ٿي وڃن ٿيون. سواءِ هڪ جي، يعني جيڪڏهن بارش کان اڳ روانو ٿيو هوندو تہ بارش هوندي بہ هليو ايندو! پوءِ يڪا يڪ يار اچي سامهون ٿئي، ۽ هن حالت ۾، جو سندس منهن تان بارش جا قطرا ڪري رهيا آهن! آءُ ٽپ ماري اٿان ٿو. ڪيس گلي لايان ٿو. سندس منهن تان اهي قطرا لاهيان ٿو- ڪجهہ دلجوئيءَ ڪري ۽ ڪجهہ رقابت سبب ۽ ان ڪانپوءِ

من تن شدم تو جان شدي
من جان شدم تو تن شدي
تاڪس نہ گويد بعد زين
من ديگرم تو ديگري

والله! ڪيڏو نہ قيامت خيز تخيل آهي! پر آهن محض تخيل. اصل، حقيقت هيءَ آهي تہ

يہ نہ ٿي هماري قسمت ڪہ وصال يار هوتا،
اگر اور جيتي رهتي يهي انتظار هوتا.

پر جيڪڏهن وصال نصيب ۾ نہ آهي، تہ هجر جي جزن ۾ ٿي زندگي

بسر ڪرڻ ڪافي آهي. انڌو يعقوب يوسف جي وصال تائين ڪونه ترسيو هو. يوسف جي پيراهن جي هوا ئي ڪيس بصارت بخشي ڇڏي هئي. ٻيو ڪجهه نه هجي، ته به عشق جي چشڪي جو هجڻ انسان لاءِ ضروري آهي.

شد طبيب ما، محبت، منتش برجان ما،
محنت ما، راحت ما، درد مان، درمان ما.

ڏنئي ميان مرتضي! ڇا لکڻ وينو هوس ۽ ڇا لکي وينو آهيان! انهيءَ کي چوندا آهن "چريءَ کي چوڙو ڪڏهين ڄنگهه ۾ ڪڏهن ٻانهن ۾." مقصد هوم ته توکي ٻڌايان ته دهليءَ آيو آهيان. هتي بارش پئجي رهي آهي، ڪوٺيءَ ۾ محبوس آهيان. مگر ان جي عيوض اشرق، مشرق، عاشقي، معشوقي، هجر ۽ وصال جا داستان بيان ٿي ويا آهن. بهرحال هينئر بارش به بند ٿي آهي ۽ خط به بند ٿئي ٿو.

مختصر شد قصه، ورنه درد بسيار بود!
ـ دور افتاده علي محمد راشدي

## [33]

[3ـ آڪٽوبر 1939ع تي سيد علي محمد راشديءَ جي صحيح سان خط سرڪيولر ڪيو ويو ته منزلگاهه مسجد ستيا گرهه لاءِ جي . ايم. سيد کي نواب شاهه ضلعي ۾ ستيا گرهه جي شروع ڪرڻ لاءِ ڊڪٽيٽر مقرر ڪجي ٿو ۽ ڪيس لکجي ٿو ته سکر نه اچي. انهيءَ سان گڏ واجد علي ڊڪٽيٽر مسجد منزلگاهه جي اعلان جي ڪاپي به موڪلي اٿس.]

## [34]

[لاهور مان 10 نومبر 1939ع تي هڪ آرٽيڪل جي ڪاپي موڪلي، پڇي ٿو ته تون ڪٿي آهين؟" ]

⊙

# 1940ع

## [35]

لاهور،
20- جنوري 1940ع

....... جيل مان آزاد ٿيڻ تي مبارڪ ڏيڻ جي عيوض عيدمبارڪ موڪليان ٿو.... فيبروريءَ ۾ مسلم ليگ جي فارين ڪميٽيءَ جي ميٽنگ لاءِ دهليءَ ويٺو اٿم. ان ۾ سنڌ جي حالتن جو بہ سوال ايندو......-

## [36]

اڇره، لاهور،
25- جنوري 1940ع

....... تنهنجو 21- تاريخ جو لکيل خط پهتو. تو مون کي سنڌ ۾ موٽي اچڻ لاءِ زور نہ ڏنو آهي. منهنجي راءِ بہ اها آهي تہ جنهن صورت ۾ منهنجو موٽڻ ڪو فائديمند نہ ٿيندو ان ڪري نہ اچان. سيٺ حاجي عبدالله هارون زور سان لکي رهيو آهي تہ موٽي اچان. ان کي تون سمجهائج. آءٌ هتي ڪتاب لکي رهيو آهيان. اتي جي خبر چار ڪان واقف ڪندو رهج.

مون سر غلام حسين تي هڪ ننڍڙو ڪتابڙو لکيو هو ان جون ڪاپيون سر عبدالله هارون وٽ پيئون آهن. اهي ورهائڻ جو انتظام ڪج.

سکر ۾ ماڻهن جي سهائتا لاءِ ڪهڙو ڪم ڪري رهيا آهيو؟ ڪجهہ نہ ڪندا، تہ ماڻهو بدنام ڪندا.....

فرنٽيئر ڪرائيس ريگيوليشن کي وڌائڻ جي مخالفت ڪجو.....

"الوحيد" کي چئو تہ مضمون انهيءَ تي لکي.....

## [37]

اڇره، لاهور،
31 جنوري 1940ع

......مون ڪتاب 55 صفحا لکيو آهي. اڃا لکڻو آهي. توکي يقين ڏياريان ٿو تہ اهو ناياب نسخو ٿيندو. آءٌ ٽن چئن ڏينهن ۾ مسودو موڪلي ڏيندس.

تنهنجا موڪليل سنسار سماچار جا بہ ٽڪرا پهتا آهن. مون شامل خط سنسار سماچار لاءِ لکيو آهي، جو پڙهي، اخبار کي موڪلي، ڇپارائج. هن موقعي تي هندن کي سچين حقيقتن کان واقف ڪرڻ ضروري آهي. منهنجي ڪانگريس تي موڪليل آرٽيڪل بابت ڇا ڪيئي، جا الوحيد ۾ وجهڻ لاءِ موڪلي هيم!

اڄ شام جو دهليءَ وڃان ٿو. سر حاجي عبدالله هارون جي معرفت 30۔ ونڊسر پئليس ۾ حال احوال موڪليندو رهج.

ڪتاب ڇپائڻ جو بندوبست ڪجو.....۔

## [38]

ونڊسر پئليس، دهلي،
2۔ فيبروري 1940ع

...... تنهنجو 30 تاريخ وارو خط هتي اڄ مليو اٿم. مون ڪتاب 130 صفحا پورا ڪري ڇڏيا آهن، پر هن وقت اهو ڪتاب ڇپائڻ ٺيڪ نہ ٿيندو.

منهنجو نالو صوبہ مسلم ليگ ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جي لسٽ مان ڪڍيو ويو آهي. ان ڪري مون کي نهايت ارمان آهي. جنهن صورت ۾ پارٽيءَ وٽ منهنجي عزت نہ آهي، تہ پوءِ ڇو ڪتاب لکي، پارٽيءَ کي زور وٺايان. اميد تہ منهنجي نقطي نگاهہ کي نظر ۾ رکي، مون کي ڪتاب موڪلڻ لاءِ معافي ڏيندين. مون کي جوائنٽ سيڪريٽري مقرر ڪيو اٿن. اها ڪلارڪيءَ جي جاءِ آهي، ان جي آءٌ استعيفا موڪليان ٿو

جا شيخ صاحب کي ڏج.

سنڌ جو حال احوال موڪليندو رهج. آءُ هاڻي دهليءَ ۾ رهندس. هتي تڏ آهي. جناح صاحب دهليءَ پهچي ويو آهي......

## [39]

ونڊسر پئليس، دهلي،
9- فيبروري 1940ع......

مون کي تنهنجا 3 ۽ 6 تاريخ جا خط پهتا آهن. "اصلاح" اخبار 4- تاريخ ۾ لکيل آهي تہ سنڌ سرڪار مون تي ڪيس ڪرڻ واري آهي. مون کي ڊپ نہ آهي. پر پتو پوڻ گهرجيم. اتان کهڙي معرفت مسٽر ٽانٽن کان پڇائي، احوال موڪلينم. خط پهچڻ شرط انڪوائري ڪري ٽيليفون تي سيٺ صاحب جن جي معرفت احوال موڪلج.

ڪانگريس مسلم ليگ جو سمجهوتو ناممڪن آهي. ٻنهي ڌرين کي پنهنجا تعصب آهن. عوام وچ ۾ پيا مصيبتون سهن.

منهنجي راءِ آهي تہ قومي يا اتحاد پارٽيءَ جي قسم جو اتحاد سنڌ ۾ وزارت ناهڻ لاءِ ٿيڻ گهرجي. تنهن ڪري ليگ جو آزار سنڌ اسيمبليءَ مان ختم ڪرڻ گهرجي. تون انهن بنيادن تي ناهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪج. احوال روزانہ موڪليندو رهج....

## [40]

ونڊسر پئليس، دهلي،
23 فيبروري 1940ع

...... تو مون کي صفا وساري ڇڏيو آهي. انتظار رهي ٿو. حال احوال معلوم ڪرڻ بابت، شايد مشغول هئڻ ڪري خط موڪلي نہ سگهيو آهين.

آءُ هر حالت ۾ وزارت ونڻ جي فائدي ۾ آهيان. ان لاءِ هيٺيان دليل آهن-

(1) ان ڪري مسلم عوام کي وڏيڪ پست همت ٿيڻ ۽ مشڪلات

جي منهن ۾ اچڻ کان روڪي سگهبو.

(2) آئينده اليڪشن جي ڪم لاءِ وزارت جو هئڻ ڪارآمد ثابت ٿي سگهندو.

(3) وزارت ۾ اچڻ ڪري، مخالفن طرفان مسلمانن کي وڏيڪ ڪيس ۾ اڙائي تنگ ڪرڻ جو سلسلو بند ٿي ويندو.

منهنجي ڪتاب جو پهريون حصو حاجي عبدالله هارون ڏي موڪليو اٿم. ان ۾ آڪٽومبر 1939ع تائين احوال درج ٿيل آهي، ٻيو حصو به جلد تيار ڪندس، جنهن ۾ اڄ تائين جو احوال درج ڪندس.

آءٌ هتي انهيءَ لاءِ ترسيو ويٺو آهيان ته منهنجي خلاف ناساز گار فضا بدلجي، ته پوءِ ان طرف اچان.

مون هيءُ ڪتاب هٽلر جي تصنيف "مين ڪيمف" جي نموني لکيو آهي. ان ۾ حتي الامڪان نرمي ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. تون پاڻ پڙهي ان ۾ ٿوريون تبديليون ڪري سگهين ٿو پر مکيه ڳالهين کي هٿ نه لائج. ان کي ٻن حصن ۾ ڇپائڻ جي عيوض هڪ ۾ ڇپائڻ گهرجي. توکي چئن ڳالهين جو هن معاملي ۾ لحاظ رکڻو آهي.

(1) اهو ڪتاب تون پنهنجي قبضي ۾ رکج، جيئن وچي نه هليو

(2) ان کي پوري وقت تي ڇپائڻ جو انتظام ڪج.

(3) ان جي پروفن بنسبت خبرداري ڪرڻي پوندي، حسام الدين شاهه کي لکان ٿو ته پروف پڙهي درست ڪري.

(4) ان ڪتاب جون پنج هزار ڪاپيون ڇپجڻ گهرجن، جي اسڪولن، سينيٽري ڪاميٽين، نوٽيفائيڊ ايريا ۽ لوڪلبارڊيز ۾ موڪلڻ گهرجن. هڪ هڪ ڪاپي "الوحيد" ۽ "سنڌ زميندار" جي خريدارن کي وڃڻ گهرجي، هڪ هڪ ڪاپي زميندار ۽ جاگيردار تڪ جي ووٽرن کي موڪلڻ گهرجي، ۽ هڪ هڪ ڪاپي هر اسيمبليءَ جي ميمبر کي وڃڻ گهرجي. هن ڪتاب جي پڙهڻ مان ماڻهن کي اسان جي جدوجهد جو پتو پئجي سگهندو. ان ڪانپوءِ ننڍيون پمفليٽون ڇپارائي ورهائبيون.....

[41]

وڏبسر پئليس، دهلي،
29- فيبروري 1940ع

..... تو ڪوبہ خط ڪونہ لکيو آهي. سيٺ صاحب موتي دهليءَ آيو آهي. نهايت بددل ٿيل آهي. کهڙي جي وزارت لاءِ ٻوڙ ٻڪ ڪيس وڏيڪ نااميد ڪيو ٿو ڏسجي. پر اوهان کي حالتن جو وڌيڪ پتو آهي.

اسان جي نقطي نگاهہ کان انهن ڳالهين جو ڪهڙو بہ نتيجو نڪري، ان مان دائمي نفعو حاصل ڪونہ ٿيندو. اسان هڪ خرابيءَ کي ڪڍي ٻيءَ کي آڻينداسون. ان ڪري پاڻ کي ذهني انتشار ۾ ئي رهڻو پوندو. آءُ وزارت ونڻ جي فائدي ۾ آهيان، پر اها الهہ بخش يا غلام حسين ڪانسواءِ هئڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ ڳوناڳا گهڻين تڪليفن کان بچي پونداءِ اهڙي وزارت نين چونڊن لاءِ ڪارآمد ٿيندي، ورنہ ان مان ڪو گهڻو فائدو ٿيڻ وارو ڪونہ آهي.

اسان جو حقيقي ڪم عوام ۾ بيداري پيدا ڪرڻ واسطي ڳوٺن ۾ گهڙي پروپيگنڊا ڪرڻ جو آهي. تون ان لاءِ لاري خريد ڪرڻ جا خيال پچائي رهيو آهين. اها افسوسناڪ ڳالهہ آهي تہ تون پئسي وارن مان ان جي خريد ڪرڻ لاءِ لاءِ مدد ملڻ جي توقع رکين ٿو! ليگ ساري ناپسند ماڻهن سان پري پيئي آهي. اسان کي هڪ ننڍو گروهہ اندروني طرح پيدا ڪري، ماٺ ۾ ڪم ڪرڻ گهرجي. ان ۾ چونڊي ميمبرن داخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوندي. اها اسان جي آخري ڪوشش هوندي، جي ان ۾ بہ ناڪامياب ٿيو تہ پوءِ سياست کان الڳ ٿيڻ گهرجي. پنهنجي زندگيءَ جا قيمتي لمحا پوءِ انهي نموني سياست ۾ ضايع ڪرڻ نہ گهرجن. مون کي پنهنجو ادبي ميدان آهي يا مورڳو هماليہ ۾ وڃي رهندس يا سرحد ۾ وڃي انگريزي حڪومت کان ٻاهر رهندس. اهي ڳالهيون توکي عجيب معلوم ٿين، پر وقت ايندو تہ صحيح خيال جي ماڻهن کي مجبور ٿي اهي اختيار ڪرڻيون پونديون.

حسام الدين هتي آهي. اهو چوي ٿو تہ سکر جي ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ منهنجي سنڌ ۾ داخل ٿيڻ تي بندش وڌي آهي، پر اها بندش

اپريل تائين رهندي، جڏهين سنڌ آرڊيننس لهندو پوءِ آءٌ ڪيڏانهن به وڃي سگهندس.

جيڪڏهن تون به سمجهين ته هي وڏا ماڻهو ڪنهن ڪم جا نه آهن، ته ٻيئي ڪين ڇڏي ڏيون. خبر موڪل ته تنهنجي صلاح ڇا آهي؟......

## [42]

دهلي،

10- مارچ 1940ع

..... تنهنجو خط مليو تنهنجي لاهور ۾ اچڻ جو احوال معلوم ٿيو.

توکي معلوم هوندو ته اهي عام افواهه هلي رهيا آهن ته مون کي گرفتار ڪيو ويندو. مون سکر جي ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ کي تار ڪئي آهي ته جيڪڏهين وارنٽ هجي ته اچي حاضر ٿيان. جيڪڏهين وارنٽ ڪونه آهي يا ضامن تي آزاد ٿيس، ته مون وٽ لاهور ۾ اچي رهج. بنگلو وڏو آهي، ان ۾ گهڻا دوست رهي سگهندا. جيڪڏهن منهنجي قسمت ۾ ٻيو ڪجهه لکيل آهي، ته حسام الدين اوهان جي نظرداري ڪندو. ڪتاب جو ٻيو حصو اڄ ٽپال رستي موڪليان ٿو. حاجي نذير الدين کي پلي ڇپجڻ لاءِ ڏنئي. پر هن جو مون کي تلخ تجربو آهي: (1) هو وقت تي ڪم پورو ڪري نٿا ڏين، (2) ٽائيپ ٽوري هٿڻ ڪري ڪم نيڪ نٿو ٿئين، (3) سندن ڪمپازيٽر بعضي صفحا وڃايو ڇڏين.۽ ان حالت ۾ وري لکڻ ڏاڍو ڏکيو ٿيو پوي، ۽ (4) هو چُڪون گهٽيون ٿا ڪن. بهرحال، آءٌ آخري پروف درست ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

مون خان عبدالقيوم جي سکر فسادن تان ڪانگريس طرفان مقرر ٿيڻ وقت ڪيل رپورٽ جي ڪاپي هٿ ڪئي آهي. ڪتاب جي ٻئي جلد ۾ ان مان حوالا ڏنا اٿم.

اوهان جي اسيمبلي هينئر مهمل ٿي ويئي هوندي- خبر نه آهي ته هن وقت ڪٿي هوندين؟ لاهور ڪڏهين ايندين؟......

300 روپيا وٺي ڏنا. هن ڪراچيءَ کان ٻاهر نڪرڻ کان انڪار ڪيو. تنهن ڪري آءٌ ڪاغذ پاڻ سان کڻي ويجي، ڊاڪٽر محمد عالم کي ڏيندس. بمبئيءَ مان موٽڻ بعد لاهور مان ڊاڪٽر محمد عالم کي پاڻ سان وٺيو ايندس.

مون کهڙي کي چيو هو ته ڪيس جي ڪاغذن ۾ دلچسپي وٺي، نيڪال ڪرائي ڇڏي، ٻيءَ صورت ۾ آءٌ سکر وڃي نه سگهندس ۽ سارو معاملو هيٺ مٿي ٿي ويندو. کهڙو ڪوٽا والا ڪليڪٽر، سکر، کي ٺيڪ ڪري، معاملو درست ڪرائي سگهي ٿو. مهرباني ڪري ڪم ٺيڪ ڪرائي، بمبئيءَ ۾ اطلاع موڪلج.

پوليس خلاف انڪوائري ڪميٽيءَ جي مقرريءَ بابت به جلدي قلم کڻائج.

"الوحيد" کان منهنجو ڪتاب هٿ ڪرائج، نه ته هو وڃائي ڇڏيندا......

## [45]

سکر،

8- مئي 1940ع

...... آءٌ ڪراچي ڇڏڻ کان اڳ، ڪم ڪار سبب، توکي ملي ڪين سگهيس. مون ڏٺو ته تون مون سان گفتگو ڪرڻ بعد تمام متاثر ٿي ويو هئين. ان لاءِ معافي وٺڻ گهريم ٿي، پر وقت ٿورو هو. اهڙن سخت لفظن ۾ حقيقتن جو اظهار ڪرڻ، حالتن مطابق ته مون مناسب سمجهيو هو پر پوءِ مون سمجهيو ته مون کي توسان گستاخانه گفتگو نه ڪرڻ گهرجي ها. مون کي تنهنجي عزت رکڻي آهي. توکي وڃائڻ نٿو گهران. هن سياسي دنيا ۾ مون کي صرف تو ۾ ئي اميدون آهن. اميد ته خط لکي مون کي دلداري ڏيندين ته تو مون کي معاف ڪيو آهي-

انڪوائري ٽن ڏينهن تائين هلي آهي. مون مسلمانن جو طرف چڱيءَ طرح پيش ڪيو آهي. ڊاڪٽر محمد عالم سياٽي پهچندو اها نهايت افسوسناڪ ڳالهه آهي ته هندن طرفان ويهه وڪيل هجن ۽ ٻئي طرف مسلمانن طرفان صرف آءٌ اڪيلو هجان. بهتر ٿئي، جيڪڏهن سکر اچين-

بجرم عشق توام مي ڪشند غوغائيست
تو تيز برسر بام آ ڪه خوش تماشائيست

[46]

سکر،
24۔ مئي 1940ع

....... باوجود سخت ڪوشش جي ڊاڪٽر محمد عالم کي في ڪانہ ملي ۽ هو ڪالهہ موٽي هليو ويو. اها ڳالهہ نهايت مضحڪ خيز آهي. هاڻ صرف اڪيلو آءٌ انڪوائريءَ جي چارج ۾ آهيان. خدا مدد ڪندو. هندو ۽ ٻيا ڪلي رهيا آهن. بهرحال، آءٌ پنهنجي فرض ادائيءَ ۾ ڪوتاهي نہ ڪندس.

مون کي خبر نہ آهي تہ اوهان هيٺين ڳالهين بابت ڇا ڪيو آهي: (1) سکر جي فسادن ۽ ڪيسن جي مصيبتن ۾ آيل ماڻهن ۽ سندن عزيزن جي سهائتا ڪرڻ (2) مون کي جيل ۾ قيدين سان ملڻ، حال وٺڻ جي سهوليت ڏيڻ (3) منهنجي ريوالور جي ليسن بابت.

مون کي نهايت خوشي ٿي آهي تہ قومي ڪنوينشن جو خيال هاڻ عملي صورت وٺي رهيو آهي. ڪڏهن ميٽنگ سڏائيندين؟ سکر جي هندو عيوضين سان ڪهڙو فيصلو ڪيئي؟ اميد تہ تون ٻهرينءَ تاريخ هتي ايندين. تنهنجو ڳوٺن ۾ وڃي مسلم عوام سان ملڻ سٺو اثر پيدا ڪندو.

اجان پبلڪ پراسيڪيوٽر ۽ الهہ بخش ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ پوليس بابت ڪو فيصلو ڪونہ ٿيو آهي. هتي، انڪوائريءَ ۾ پيرزادو عبدالستار پنهنجن شاهدن کي ڦيرائڻ لاءِ گهڻي ڪوشش ڪري رهيو آهي. هي ڪورٽ ۾ روز اچي شاهدن کي ڪاري ٿو. افسوسناڪ ڳالهہ هي آهي تہ هندو سڀ متحد هجن، ۽ مسلمان ورهايل ۽ هڪٻئي جي خون جا پياسي هجن! توکي معلوم ٿيندو هوندو تہ آءٌ نهايت آزرده۔ دل ٿي پيو آهيان! انهيءَ جو سبب اهو آهي. تہ هتي جي مسلمانن جي مصيبتن منهنجي دل تي اثر ڪيو آهي. هتي گهڻو وقت رهيس تہ چريو ٿي پوندس، ۽ پوءِ گاريون ڏيندو وتندس. آءٌ اعصابي طور ٿڪجي پيو آهيان. تون منهنجي تلخ ڪلاميءَ کي معاف ڪج. تنهنجي ڪشاده دليءَ کان اهائي اميد رکي سگهجي ٿي....۔

[47]

[28 ـ مئي 1940ع تي علي محمد شاھہ جنرل سيڪريٽري صوبي سنڌ مسلم ليگ جي حيثيت ۾، مون ڏانهن، بحيثيت صدر صوبي مسلم ليگ، مفصل رپورٽ موڪلي، جنهن ۾ مسجد منزلگاھہ انڪوائري ڪميشن، فسادن ۾ جهليل ماڻهن، پوڙن ۾ آيل ماڻهن لاءِ رليف ورڪ، ۽ جيل ۾ پيل مسلمانن طرفان وزيرن کي ڪيل درخواستن جو تفصيلوار ذڪر ڪيائين. ]

[48]

دفتر اخبار "انقلاب" لاهور،
22 جولاءِ 1940ع

...... جنهن ڏينهن آءٌ هيڏانهن اچي رهيو هوس، ان ڏينهن تو وٽ سيڪريٽريٽ ۾ آيس. پر تون گورنر ڏي ويو هئين. مون تنهنجا ڪاغذ پاڻ سان آندا آهن. رڪارڊ ايڏو وڏو هو جو ان کي پوريءَ طرح پڙهڻ جي ضرورت هئي. مون هاڻ نوٽ لکڻ شروع ڪيو آهي. 25 تاريخ ڏاري سمورا ڪاغذ موڪلي ڏيندس. هتي منزلگاھہ ٽربيونل واسطي مواد ڪٺو ڪري رهيو آهيان. پهرين انهن مسجدن جي محرابن جا فوٽا وٺي رهيو آهيان، جن جا محراب سکر منزلگاھہ مسجد جهڙا آهن. پنجاب ليبرريءَ کي بہ ڏسڻو اٿم. شايد دهليءَ ۾ اعظم ڳڙھہ بہ وڃڻو پوي. پوءِ سملي ويندس. خط "انقلاب" جي معرفت لاهور موڪليندا ـ هو مون کي جتي هوندس اتي موڪليندا رهندا..... ـ

[49]

مسلم تاج هوٽل، سملا،
14 ـ آگسٽ 1940ع

...... خط جو جواب ڪونہ موڪليئي. هتان پوني لاءِ اڄ شام جو روانو ٿيندس. سنڌ جون خبرون پڙهي، شرم پيو اچي، پر حالتن موجب پاڻ کي

رضامند رکڻ لاءِ تيار پيو ڪريان...۔

توکي خبر آهي تہ آءٌ سنڌ جي تاريخ ۾ دلچسپي رکندڙ آهيان. جيڪڏهن تنهنجن پيارن دوستن کان ڪا جاءِ بچي پوي، تہ مون کي سنڌ جي تاريخ ڪٺي ڪرڻ واري گروهہ سان گڏ مقرر ڪج، تہ گڏجي ڪم ڪريون.....

## [50]

بمبئيءَ،
12۔ سيپٽمبر 1940ع

..... توکان معافي ٿو وٺان تہ نهرو صاحب کي تنهنجي ڊنل لنچ تي ڪرڪيٽ ڪلب ۾ اچي نہ سگهيس. آخري وقت تي مون کي مسلم ليگ ٺهرائڻ لکڻ لاءِ گهرايو هو ان ڪري وقت تي مجلس ۾ پهچي ڪين سگهيس.

هاڻ آءٌ سملي وڃي رهيو آهيان. 18 تاريخ ڪراچيءَ پهچندس. صوبي مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ 22 تاريخ نوابشاهہ ۾ رکي ويئي آهي. ان ۾ اچج......۔

## [51]

ڪارونيشن هوٽل، دهلي،
27۔ سيپٽمبر 1940ع

......آءٌ هتي مسلم ليگ ميٽنگ لاءِ آيل آهيان. سملي ۾ ٻہ ڏينهن رهيس نهايت لطف آيو. هن سفر جي دوران ۾ گذريل ائن مهينن جي ڪارگذاريءَ تي فڪر ڪندو رهيو آهيان. اسان جي ڪمزور پاليسي خاص نظر هيٺ رهي. خاص ڪري پنهنجي تعلقات ۾ جا سرد مهري رهي آهي، اها بہ نظر مان گذري، ٽن سالن جي محنت رائگان ويئي آهي.

آءٌ سمجهان ٿو تہ آءٌ رج پنيان هليو آهيان. پر پنهنجي پياري دوست تي سمورو ڏوهہ وجهڻ نيڪ نہ ٿيندو. ان ۾ منهنجون بہ ڪي غلطيون آهن.

ان لاءِ اڳين ڳالهين کي درگذر ڪري، نئين سر تعلقات درست ڪرڻ گهران ٿو.

اڇو ته سمجهون ته هڪ دوستن جو گروهه ڪنهن فاحشه جي چنبي ۾ گمراهه ٿي ويو آهي، جنهن ڪري پنهنجا اصول، انعام ۽ وعدا سڀ وساري وينو آهي. هاڻ هڪ سچي دوست جي حيثيت ۾ آءُ ڪيئن گهرندس ته اوهان فاحشه جنهن لاءِ ايتري قرباني ڪرڻي پئي، سا به دشمن ڦري وڃن! **اها منهنجي لاءِ هڪ وڏي انتظار جي ڳالهه ٿي پيئي آهي ته ڪٿي اها فاحشه (وزارت) دوستن کان ڦرجي نه وڃي. تنهن ڪري آءُ چاهيان ٿو ته اُها ڪنهن به صورت ۾ پاڻ وٽ رهڻ گهرجي،** ۽ اها رهي نه سگهندي، جيستائين ڪو مکيه قدم نه کڻنداسون. ائين سمجهڻ ته اسان کي ان ۾ دلچسپيءَ نه آهي، نيڪ ڳالهه ڪانه ٿيندي، اها اسان جي گڏيل محنتن جو نتيجو آهي ۽ اوهان صرف ان جا متولي آهيو. جا اسان سيني گڏجي حاصل ڪئي آهي. منهنجو رايو آهي ته بئي اجلاس کان اڳ هڪ وسيع گشت پروپيگنڊا لاءِ ڪيو وڃي. 61 تعلقن ۾ وڃجي. ساڳئي وقت بيان جاري ڪري، ڪانگريس کي هيسائي، ان کي توهان جي مدد ڪرڻ لاءِ مجبور ڪجي جي اسان 1938ع وارا طريقا اختيار ڪريون ته هوند انهيءَ ذريعي وزارت جي پوزيشن مضبوط ٿي ويندي. پر پوءِ جيڪڏهن ڏسون ته اهي سڀ طريقا بيڪار ٿا وڃن، ته ان کي ڇڏي ڏيون. آءُ ان راءِ جو آهيان ته هڪ مهيني جي محنت سان اسان نئون ماحول پيدا ڪري سگهون ٿا. پوءِ آفيسرن مان هي خيال نڪري ويندو ته هي وزارت گهڻو وقت جٽاءُ ڪري نه سگهندي هاڻي، انهيءَ خيال ڪري هو وزارت سان پورو تعاون نٿا ڪن. مون ٻڌو آهي ته تون عام طرح چوندو وتين ته منزل گاهه مسجد مسلمانن جي حوالي ڪرڻ ڪانپوءِ وزارت ڇڏي ٻاهر نڪري ويندس. اهو فيصلو غير دانشمندانه ۽ غلط آهي. وزارت ۾ رهڻ گهرجيئي. آءُ 4 آڪٽوبر 1940ع تي سنڌ ۾ ايندس ۽ توکي ملندس. ان وچ ۾ تڪڙ ڪري قدم نه کڻج.....

◈

# 1941ع

## [52]

ڪراچي،
7- فيبروري 1941ع

....... تنهنجو خط ۽ مخفي سرڪيولر جي ڪاپي مليم. آءٌ 23 فيبروريءَ تي سن ۾ مسلم ليگ آرگنائيزيشن ڪميٽيءَ جي ميٽنگ تي اچي نہ سگهندس. جو ان تاريخ تي آل انڊيا ڪائونسل جي ميٽنگ لاءِ دهليءَ ويندس. مون تنهنجا سر حاجي عبدالله هارون ڏي موڪليل خط بہ پڙهيا آهن، جي گڏريل صوبي مسلم ليگ جي ڪائو نسل جي موقعي تي سکر ۾ مليا هئا. تنهنجا خط غور جي لائق آهن. سن ۾ اچي، ان بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ لاءِ موقعو ڪونہ مليو. تنهنجي آخري راءِ سان شامل ٿيڻ مشڪل آهي. منهنجي عادت تي پيئي آهي تہ مخالفت ڪي منهن ڏيان، تنهنڪري منهنجو آواز گهڻا نٿا ٻڌن. بهر صورت، 'ڪس بشنود يا نشنود من هاي هوي مي ڪنم' زندگي وبال جان ٿيو پوي جيڪڏهن ماڻهو جيڪي محسوس ڪري اهو ظاهر نہ ڪري ڇڏي.

هڪ پوائنٽ تنهنجي خطن ۾ ميونسپالٽين ۾ گڏيل چوندن بنسبت هئي. تنهنجو چوڻ هوتہ "چاڪاڻ تہ اهو بل مسلم ليگ وزيرن هندو مسلم سمجهوتي ۽ فسادن بعد شڪررنجيءَ کي ختم ڪرڻ خاطر پاس ڪيو هو. سو رد ڪرائڻ يا قاعدي ٿيڻ بعد ان جي قانوني انحرافي ڪرائڻ اخلاقي طرح غلط ٿيندو." تو ان خط ۾ لکيو آهي تہ مسلم ليگ وزيرن آل انڊيا مسلم ليگ جي اصولن جي انحرافي ڪرڻ ۾ غلطي ڪئي آهي، پر اها

ڪين حالتن جي تقاضا موجب معاف ڪرڻ گهرجي. منهنجي راءِ موجب اها تشريح ۽ اهو دليل نيڪ نہ آهي. ان لاءِ منهنجا هيٺيان دليل آهن:

(1) سنڌ مسلم ليگ وزيرن ڪڏهين بہ اها پرواهہ نہ ڪئي آهي تہ پنهنجي جماعت سان اهم مسئلن بابت مشورو ڪن. شيخ عبدالمجيد اُنهيءَ آل انڊيا مسلم ليگ اجلاس ۾ حاضر ٿيو جتي گڏيل چونڊن خلاف ٺهراءُ بحال ٿيو هو. ٻيا وزير بحث خاطر ڪٿي قبول ڪجي تہ مسلم ليگ اصولن کان غير واقف هئا. پر شيخ صاحب لاءِ تہ ائين چئي نہ سگهبو.

(2) وزيرن اهڙي اهم سوال کي پاس ڪرڻ کان اڳ جماعت سان مشورو نہ ڪيو.

(3) جيڪڏهن تون چوين ٿو تہ هنن اها غلطي ڪئي آهي، تہ پوءِ ان جو علاج صرف اهوئي ٿي سگهي ٿو تہ ان غلطيءَ کي درست ڪيو وڃي. اهو ڪيتري قدر واجب ٿيندو تہ ٿيل غلطي کي ساڳيءَ حالت ۾ رهڻ ڏنو وڃي!

(4) اهو چوڻ بہ نيڪ نہ آهي تہ جنهن صورت ۾ اهو هاڻ قانون ٿي ويو آهي، تنهنڪري ان کي ٽوڙڻ نيڪ نہ آهي. ملڪ جو سيڪو قانون مڃڻ هرويرو ضروري نہ آهي. تون خود قانون کي ٽوڙيندو رهيو آهين. ملڪ جا قانون صرف ان حالت ۾ مڃڻ جي لائق ٿي سگهن ٿا، جڏهن ملڪ جي عام راءِ جي مطابق هجن. هن حالت ۾ تي حصا ماڻهن جا اُنهيءَ جي خلاف آهن. تنهن ڪري ضروري آهي تہ ان کي اسيمبليءَ رستي رد ڪرائڻ گهرجي يا خود ماڻهو ان کي پيچن.

(5) جيڪڏهن اها غلطي هندو مسلم سمجهوتي لاءِ ڪئي ويئي هئي، تہ ان جو بہ ڪو سنو نتيجو نڪرڻ وارو نہ آهي. هاڻ ظاهر ٿي چڪو آهي تہ هندو مسلم ليگ وزيرن کي ٻارهن مهينا ڪتب آڻي، هنن کان عوام ۾ جماعت جي خلاف ڪم ڪرائي، آئنده چند مهينن اندر ڪين لتون هڻي، ٻاهر ڪيڻ جو ارادو رکن ٿا. ڇا اجا بہ تون وزيرن کي هندن جو محتاج رکڻ گهرين ٿو؟ ڇا اجا بہ تنهنجي مرضي آهي تہ مسلمان وزيرن جون ناز برداريون ڪٽندا رهن، سو بہ صرف ٻن وزارتن خاطر. هڪ سال لاءِ منهنجي خيال ۾ اسان گهڻو برداشت ڪيو آهي. وڌيڪ لاءِ تيار نہ آهيون. هي منهنجا رايا گڏيل

چونڊن بابت آهن.

ٻئي خط ۾ تو لکيو آهي تہ مسلمانن جي ٻنهي ڌرين ۾ ڪيل عهدنامي موجب وزارت ۾ تبديلي ٿيڻ گهرجي. ان لاءِ وري مسلم ليگ طرفان ڇپايل پمفليٽ جي ڪاپي ملاحظي لاءِ موڪليان ٿو. تو پنهنجي تازي سرڪيولر خط ۾ سن جي آرام ده ماحول بابت ذڪر ڪيو آهي. ان لاءِ عرض تہ انهيءَ ماحول ۾ هي پمفليٽ پڙهي، ان تي غور ڪج. جيڪڏهن تون هرويرو ان ڳالهہ تي اصرار ڪندو رهندين تہ پوءِ تہ ضد جو ڪو علاج ڪونهي. پر جي ٿڌيءَ دل سان ان تي غور ڪندين، تہ صحيح حقيقتون توکي معلوم ٿي وينديون. هاڻ آءٌ تنهنجي آخري سرڪيولر موجب آرگنائيزيشن ڪميٽيءَ اڳيان رکيل تجويزن بسنبت پنهنجا رايا پيش ڪريان ٿو. ان ۾ ڪي ڳالهيون مون کي سمجهہ ۾ نٿيون اچن، جهڙوڪ:

(1) تون مسلم عوام ۾ سياسي شعور پيدا ڪرڻ گهرين ٿو. ان لاءِ قومي اتحاد ضروري ٿو سمجهين. آءٌ سمجهي نٿو سگهان تہ ان قومي اتحاد کي هندو ڪيئن قبول ڪندا. ان ۾ تون ڀليل آهين. اهو فطري قانون ۽ قرآن جي بيان ڪيل قاعدن جي خلاف آهي. **هڪ طرف پاڪستان چاهين ٿو ۽ ٻئي طرف قومي اتحاد!**

(2) مون کي خبر نہ آهي تہ تنهنجي نقطي نگاهہ موجب ڪهڙي قسم جو آئين عوام لاءِ مفيد ٿيندو. مون کي ذهن ۾ هو تہ توکي ان اهم ۽ ضروري سوال بابت ضرور خيال ۾ ڪو خاص نقشو وينل هوندو. رواجي ماڻهن کي اها ڳالهہ ذهن ۾ صاف وينل آهي تہ جمهوري طريقہ حڪومت ئي سنو طريقو آهي. پر تون ڀهرين ڪي مکيہ آئيڊيل پنهنجي اڳيان رک، جهڙوڪ:

(الف) تون مسلمانن جي حڪومت مسلمانن لاءِ ۽ مسلمانن جي اقتدار هيٺ گهرين ٿو يا (ب) تون خچر قسم جي حڪومت گهرين ٿو جا ايمانداري سرغلام حسين کان حاصل ڪري، سياسي ذهنيت الهہ بخش کان، عقل ڊاڪٽر پوپٽ لعل کان، خيال جي پائداري توکان، ۽ دل جي گرمي جيٺيءَ کان! توکي مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي قسمن جي حڪومت مان چونڊ ڪرڻي آهي.

هئي قسم جي حڪومت توکي اڳ ۾ سنڌ اندر حاصل آهي، پر جيڪڏهن تون پهرئين قسم جي حڪومت چاهين ٿو ته پوءِ توکي اهڙو پروگرام تيار ڪرڻ گهرجي، جو تنهنجي آئيڊيل حڪومت عمل ۾ آڻي سگهي. جڏهين پروگرام ٺهي ويجي، ته پوءِ توکي اڳتي وک وڌائڻي پوندي. اهو آئيڊيل ڪهڙيءَ طرح حاصل ٿئي، ۽ پروگرام ڪهڙيءَ طرح عمل ۾ اچي، سو ڏاڍو مشڪل مسئلو آهي، جنهن تي اسان مان ڪيترا ناڪامياب ثابت ٿيا آهن. اسان يڪدم اعليٰ خيالن جي مدنظر هر مسئلي جي چوٽيءَ تي نظر ڊوڙايون ٿا، جنهن ڪري ڪامياب نٿا ٿيون. اسان لاءِ ٽائيم آيو آهي ته مسئلن جي بنياد طرف توجهه ڏيون ۽ هيٺينءَ طرح غور ڪري ڪم ڪريون:

(الف)_ هڪ سچن ڪارڪنن جو پروگرام پيدا ڪريون، جن کي تنهنجي آئيڊيل ۾ ايمان هجي ۽ تنهنجي پروگرام کي صحيح سمجهندا هجن.

(ب) انهن چند ماڻهن جي گروهه کي پيدا ڪرڻ بعد، ڪين اهميت ۾ آڻي، انهيءَ آئيڊيل ۽ پروگرام موجب ڪم شروع ڪراءِ.

اهي ان قسم جا ماڻهو نه هئڻ گهرجن، جن کي آزمايو ويو آهي ۽ بيڪار ثابت ٿيا آهن. اُنهيءَ چونڊ ۾ سخت قانون جي پابندي ڪرڻي پوندي انهيءَ ۾ اصولن کي ڪمپروم‍ائيز نه ڪرڻو پوندو. ممڪن آهي ته انهيءَ لاءِ گهڻا ماڻهو هٿ نه ڪري سگهين، پر ڪي ضرور هٿ ايندءِ اُنهن جي هٿ اچڻ بعد توکي انهي گروهه جي ڪم ڪرڻ لاءِ ادارو ۽ طريقه ڪار رٿڻو پوندو. منهنجي انهيءَ لاءِ هيٺين تجويز آهي:

(الف) انهن ماڻهن کي مجنون وار يڪدم ڳوٺن ۾ گهڙي، تنهنجي پروگرام جي فائدن کي عوام تي ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ۽ ساڻن رابطو ۽ تعلقات پيدا ڪرڻ گهرجن. موجوده حالتن خلاف ماڻهن جي دلين ۾ بغاوت پيدا ڪرڻ ۽ منجهن روشن مستقبل لاءِ خواهشون ۽ اميدون پيدا ڪرڻ، انهي پروپيگنڊا جو مکيه جزو هئڻ گهرجي.

(ب) عوام ۽ تنهنجي وچ ۾ ماڻهن جو وچون طبقو ۽ زميندار رنڊڪ بڻيا بيٺا آهن. اهي رجعت پسنديءَ جا اڏا ۽ غلامي جي دؤر جي روايات جا

حامل آهن. مون ساري زندگي اهو خيال پئي رکيو آهي تہ انهيءَ ڪلاس کي درست ڪرڻ سان ملڪ ۽ قوم جي ڀلائيءَ لاءِ اُنهن کان چڱو ڪم ملي سگهندو، پر هاڻ مون کي معلوم ٿيو آهي تہ قدرت خود انهن جي خلاف ڪم ڪري رهي آهي، ۽ هي طبقو ڪڏهين بہ درست ٿي نہ سگهندو. تنهن ڪري اُنهن کي ختم ڪرڻ لازمي آهي. زمينداري سهوليت سان ختم ڪرڻ جو رستو سخت ٿيننسي قانون پاس ڪرڻ ۾ سمايل آهي.

(ت) پريس پروپيگنڊا ۽ پمفليٽ انهن ڳالهين جي سمجهاڻيءَ لاءِ گهڻي تعداد ۾ ڇپائي، عوام ۾ ورهائڻ گهرجن.

(ث) انهيءَ پروگرام جي بنياد تي اسيمبليءَ ۾ اليڪشنون لڙڻ گهرجن. امڪان اهو آهي تہ توکي جلدي اڪثريت حاصل نہ ٿيندي، پر اُهي ٿورائي چونڊ ماڻهو پنهنجي عزت، وفاداريءَ ۽ عقل جي ذريعي آئنده لاءِ رستو هموار ڪري سگهندا.

اهو طريقہ ڪار ذرا ڏکهو ۽ دير سان ڪاميابي آڻيندو پر انهيءَ مان ڪاميابي يقيني آهي. آخر قومن ۾ سياسي شعور ڏينهڪ پيدا ڪونہ ٿيندو آهي. هٽلر بہ اهڙيءَ طرح طاقت ۾ آيو. لينن بہ ساڳيو طريقو اختيار ڪيو. انهن ڪڏهن پنهنجو وقت ۽ طاقت مٿئين طبقي جي صاحب اقتدار گروهہ جي ڦير گهير ۽ درستيءَ ۾ نہ صرف ڪئي، پر سمورو توجهہ بنيادي ڳالهين ۽ عوام طرف ڏنو.

**انهيءَ طريقي سان ڪم ڪندين تہ تون سچن مسلمانن جي حڪومت، سچن ماڻهن جي هٿن ۾ آڻي، عوام جي ڀلي لاءِ ڪم ڪرائي سگهندين. پوءِ انهيءَ حڪومت کان پنهنجو پروگرام پورو ڪرائي سگهندين.** پر مهرباني ڪري هيٺيان گمراهہ ڪندڙ الفاظ ڪتب نہ آڻج: قوم پرستي، قومي اتحاد، انتظام، روايات ۽ دستور جي حفاظت ڪرڻ، اهي جيئن هاڻ توکي گمراهہ ڪري رهيا آهن، تيئن اڳتي هلي راه نجات کان دور رکندا.

آءٌ سمجهان ٿو تہ مون پوريءَ طرح تنهنجي خط جي هڪ نقطي تي روشني وڌي آهي. تنهنجي انهيءَ خط جي ٽئين نقطي بابت منهنجو عرض آهي تہ هندن جي ڪوتاهہ انديشي ۽ مفاد پرستي سندن موجوده ذهنيت

موجب تيسين دور تي ڪين سگهندي، جيسين تائين عوام ۾ بيداري پيدا نه ٿي آهي ۽ پروگرام عمل ۾ نه آيو آهي.

مون ٻئي نقطي تي بحث ڪندي اڳ ۾ ٻڌايو آهي ته هو ايترو نقصانڪار نه آهي جيترو مسلمان سياستدان آهن، جي ٺوڪي عوام جي فائدي جا وعدا ڏيئي، ڦري وڃي هندو مفاد پرست طبقي جي هٿن ۾ شخصي غرض لاءِ راند ڪن ٿا. جيڪڏهن انهي هندو گروهه کي الهه بخش يا غلام حسين هٿ ۾ نه اچن ها، ته موجوده حالت ڪانه بنجي ها. پر انهيءَ مشڪلات مان ٻاهر نڪرڻ جو هڪڙوئي علاج آهي ته ناحق سان ڪڏهين به ڪمپرومائيز نه ڪجي ۽ صحيح مسلمان حڪومت ٺاهڻ لاءِ ڪوشش ڪجي، پوءِ اها ڪٿي ويهن سالن ڪانپوءِ ٿهي. ان وچ ۾ ٽوڙ ڦوڙ ذريعي جيڪا عارضي حڪومت ٺاهيندين سا محنت رائگان پيئي ٿيندي. خود پيغمبر به ابوجهل جهڙڻ ماڻهن کي راهه راست تي آڻي نه سگهيو. سڀ ڪنهن قوم وٽ سندن ابوجهل هوندا آهن. پر انهن سان صحيح روش اها ٿيندي ته نه هنن سان ڪوبه سمجهوتو ڪجي، نه انهن کي سک سان سمهڻ ڏجي.

تنهنجي بيان ڪيل چوٿين نقطي سان آءٌ متفق راءِ آهيان ته "جيسين تائين اسيمبلي مرده ۽ بي اصول ميمبرن سان ڀريل آهي، ان وقت تائين انهن ميمبرن کي، جن گذريل عرصي ۾ دغا ڪئي هجي، مسلم ليگ ۾ داخل ٿيڻ نه ڏجي، ۽ مسلم ليگ کي وزارت کان ٻاهر رهڻ گهرجي." انهيءَ طريقي اختيار ڪرڻ سان اسان جو توجهه ٻاهر جي تعميري پروگرام طرف زياده رهندو ۽ هن وقت وانگر مسلم ليگ کي بي اصول مسلم ليگ وزيرن جا ڪاڪوس صاف ڪرڻا نه پوندا. خود مسلم ليگ هڪ وڏو ڪاڪوس بنجي چڪي آهي، جتي هر قسم جا ميمبر ۽ وزير ضرورت وقت پنهنجي گندگي ڦٽي ڪيو وريو نڪريو وڃن.

تنهنجو پنجون نقطو تمام چڱو آهي، ليڪن عوام اڳيان پروگرام رکڻ کان اڳ ذهن صاف رکي، صحيح طريقن تي نه هلبو ته خواه مخواه عوام کي گمراهه ڪبو. ان لاءِ پنهنجن ڪارڪنن ۾ اخلاقي معيار پيدا ڪرڻ ضروري ڳالهه آهي.

تنهنجي ڇهين نقطي کي ڏسي منهنجو وات پيو پاڻي ٿئي- آءٌ دعا ٿو ڪريان تہ ان ۾ ڪامياب ٿين. پر انهن تجويزن جي ڪاميابيءَ لاءِ وقت ۽ پيسي جي ضرورت آهي.

آخر ۾ آءٌ چوندس تہ جيڪي تو لکيو آهي، سو ظاهر ڪاغذ تي ٺيڪ پيو ڏسڻ ۾ اچي پر سچ پڇين تہ مون کي تو ۾ شڪ آهي. توسان گهڻو عرصو گڏ ڪم ڪرڻ جي باوجود آءٌ تنهنجي طبيعت کان پوري طرح واقف ٿي نہ سگهيو آهيان. مون کي خاطري ڪانهي تہ تون پختہ خيال سياسي رايا ۽ اعتقاد رکندڙ سياستدان آهين يا نہ؟ عوام جو پيار ۽ پوئلڳي حاصل ڪري سگهندين يا نہ؟ بعضي خيال ۾ اچي ٿو تہ تون غير مستقبل مزاج، ائڊونچرسٽ آهين. جنهن جي همت افزائي ڪرڻ جي عيوض مورڳو مخالفت ڪري، ناڪامياب بنائجي. مهرباني ڪري منهنجي صاف گوئيءَ لاءِ مون کي معاف ڪج. پر مان انهن نتيجن تي توسان گهڻن سالن جي گهري تعلقات جي بنياد تي پهتو آهيان. بهرحال آءٌ هن بدبخت صوبي جي مسلمانن جي مسئلن ۽ حياتين سان تنهنجا آئيندي جا تجربا گهريءَ دلچسپيءَ سان جاچيندو رهندس. اظهار خيال جي هن طرز لاءِ معافي ڏج.

شب آخر گشت و افسانہ از افسانہ مي خيزد

## [53]

ڪراچي،
16- فيبروري 1941ع

...... منهنجي ڏکهي خط جو جواب ڪونہ پهتو. ماٺ ۾ آهين. ڪراچيءَ ۾ اسان اهو پوڳي رهيا آهيون، جو تون ڪري ويو آهين.

توکي "مسلم وائس" ملندي هوندي "الوحيد" وارن مون سان بائيڪاٽ ڪيو آهي، تنهن ڪري پنهنجي اخبار آندي اٿم. اميد تہ ان ۾ مدد ڪندين.

آءٌ دهلي 20 تاريخ وڃي رهيو آهيان. کهڙو ۽ ٻيا اڳ ۾ روانا ٿي چڪا آهن. مون کي انتظار آهي تہ معلوم ڪريان تہ سن ۾ هيترن مهينن جي غور

فڪر ڪرڻ بعد تون ڪهڙن نتيجن تي پهتو آهين؟ اميد تہ تون قوم پرستيءَ طرف نہ گهلبين. زندگيءَ جي اعليٰ مسئلن بابت ڇا فڪر ڪيو ائٿي؟ ڪو نتيجو نڪتو آهي؟ ــ

## [54]

ڪراچي،
16 ـ مارچ 1941ع

...... خط پهتو. مهرباني. تون هتي هجين ها، تہ "الهمرا" ڪتاب توکي ڏيان ها. پر جنهن صورت ۾ تون سن ۾ آهين، تہ مولوي ثناءُ الله کي (شيوارام بلڊنگ نيپئر روڊ، جي ائڊريس تي) لکي گهرائي وٺ. "الوحيد" بابت خط جي جواب جو منتظر آهيان. "مسلم وائس" کي توکان ڪابہ مدد نہ پهتي آهي. 23 مارچ "يوم پاڪستان" جو خبر نہ آهي تہ ڪيئن ملهائڻ گهرين ٿو؟ ــ

## [55]

ڪراچي،
21 مارچ 1941ع

......مسلم ليگ فيصلو ڪيو هو تہ "الوحيد" کي مڪيہ ماڻهن ۽ مکيہ هنڌن تي مفت پرچار لاءِ موڪلجي. ان لاءِ ائڊريسون موڪليندا. ايندڙ چونڊن جي پرچار لاءِ انهيءَ جي ضرورت آهي.. ــ

## [56]

ڪراچي،
4ـ اپريل 1941ع

.......تنهنجا مضمون "مسلم وائس" ۾ ڇپجڻ شروع ڪيا اٿم.....

"پيغام عمل" پهتو. ڇاپو نهايت خراب ۽ غلطين سان پريو پيو آهي......

شيخ صاحب ۽ آءُ مدراس آل انڊيا مسلم ليگ اجلاس لاءِ وڃي رهيا آهيون....

شخصي دوستي، پيو سياسي دلچسپي. اها محبت نڪري نہ ويئي آهي، ليڪن ان جي گرميءَ ۾ ذرا گهٽتائي ٿي آهي. اها بحث مباحثي مان وري وڌي نٿي سگهي. ان جو اڳوڻيءَ حالت تي موٽي اچڻ دلي ڪشش، باهمي "گهر تہ گهران" ۽ حالتن تي مدار رکي ٿو. تنهنجي گذريل 18 مهينن ۾ شخصي غير التفاقيءَ ۽ سياسي طرز عمل مون کي نااميد ڪري ڇڏيو آهي. مون ان کي ڪجهہ نہ رکيو آهي. دراصل، مون کي پنهنجي غلط اندازي ۽ بيوقوفيءَ تي افسوس ڪرڻ گهرجي. باوجود ان جي تون منهنجي نظر ۾ بين سيني کان تمام اوچو نظر اچي رهيو آهين. منهنجي اميد صرف تو ۾ ئي آهي. خدا شل توکي ڏکهي حياتي ۽ مقصدن ۾ ڪاميابي عطا فرمائي.

نواب ممدوٽ چند ڏينهن لاءِ ڪراچيءَ ۾ اچي ٿو. ان کان سڪرنڊ ڪانفرنس جي صدارت ڪرائجي. هي سنڌي سياستدانن کان مختلف ۽ امتيازي شخصيت جو مالڪ آهي........

# 42_ 1943ع

## [59]

ڪراچي،
19_ مارچ 1942ع

...... پاڻ ڪراچيءَ ۾ ملي ڪين سگهياسون. آل انڊيا مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ شايد دهليءَ ۾ 27 تاريخ تي ٿئي. مون دهليءَ ۾ هوٽل جي رزرويشن لاءِ لکيو آهي.... آءٌ هندستان کان ٻاهر ڪنهن ڪم جي سلسلي ۾ وڃي رهيو آهيان. تنهن ڪري الهه آباد ڪونه هلندس. تون ڀلي وڃ ..........

## [60]

ڪراچي،
26_ مئي 1943ع

..... ڪشمير وڃڻ جو ارادو اٿم..... منهنجو وزير اعظم ڏي خط "مسلم وائس" ۾ شايع ٿيو آهي..... ڪراچيءَ هوند اچين، ته صلاح مصلحت ڪجي.....

## [61]

سرينگر،
20_ جولاءِ 1943ع

..... اميد ته توکي منهنجو ماڻهوءَ هٿ موڪليل خط پهتو هوندو.

ڊاڪٽر اشرف جو خط موڪليان ٿو. خبرچار موڪل تہ ڇا پيو ڪرين. تون ڪاوڙيو هوندين تہ بنا موڪل ڇو هليو آيس. پر مون کي آرام جي سخت ضرورت هئي. گذريل ٻن سالن جي محنت مون کي ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. تنهن ڪري آرام وٺڻ ضروري هو. جيڪڏهن سلامت واپس آيس، تہ وري اچي خدمت ۾ سرگرم ٿي ڪم ڪندس. پوءِ توکي معلوم ٿيندو تہ تنهنجي پروگرام جو هڪڙو فقرو پورو ٿيل آهي......

## [62]

10- جولاءِ 1943ع تي ڊاڪٽر اشرف راشدي صاحب کي ڪميونسٽ پارٽي آفيس، آگره، راج منديءَ، مان لکي ٿو تہ:

"منهنجي توسان واقفيت ابتدائي تعارف کان گهڻو اڳتي وڌي چڪي آهي. بمبئيءَ ۾ اوهان ملي نہ سگهيا. مون کي عجب آهي تہ هيتريءَ سياسي سرگرميءَ بعد اوهان کي سياسي زندگيءَ کان دست برداريءَ جو خيال ڪيئن آيو آهي!

مون کان وڌيڪ اوهان کي خبر آهي تہ مسلم ليگ اندر ڇا وهي واپري رهيو آهي؟ صوبي صوبي ۾ هنگامہ آرائي آهي. ڪٿي مسلم مجلس بنائڻ جو چرچو آهي، ڪٿي عهديدارن کان استعيفائون اچي رهيون آهن. پنجاب يونينسٽ پارٽيءَ ۽ ليگ ۾ ڪشمش آهي. مقامي طور پنهنجي صوبي ۾ آءُ محسوس ڪري رهيو آهيان تہ ان هنگامہ آرائيءَ ۽ "متينءَ پُر رونق محفل" جي بدولت تعطل ۽ بي اعتماديءَ جو اهو عالم آهي، جو مهينن جي ڪوشش بعد آگري جي مسلمان کي ڪنهن مسلمان محلي ۾ هڪ ڪميٽيءَ بنائڻ تي آماده نہ ڪري سگهيو آهيان. سياڻي جپاني بمبازيءَ يا حملي جي حالت ۾ مسلم عوام مدد لاءِ ڪهڙي طرف ڏسندا؟

هيءَ طرح اڄ اوهان جي طاقت اڳي کان وڌيڪ آهي. اخبارن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اسان جو ميان محمد امين کوسو بہ مسلم ليگ ۾ شريڪ ٿي ويو آهي. ان جي معنيٰ تہ اڄڪلهہ اوهان مسلم ليگ جي نالي تي مسلمانن کان علاوه سڄي ملڪ کي متحد ڪري سگهو ٿا، ۽ قومي

ضروريات جي معاملي ۾ اهڙي زندگي بسر ڪري رهيو آهيان، جهڙي پارٽيءَ جا ٻيا ميمبر. انهيءَ ڪري اهو سوال منهنجي لاءِ پريشان ڪندڙ نه آهي. منهنجون سڀ ضرورتون پنجويهه روپيا مهيني مان پوريون ٿي وڃن ٿيون، پارٽي اُن لاءِ ذميدار آهي.

مون کي نهايت افسوس آهي ته ٻيئي دفعا ڪراچيءَ ويس ۽ سيد صاحب جو نياز حاصل ٿي نه سگهيو. پر غائبانه طور آءٌ سندس خيالات ۽ نصيب العين کان ڪافي حد تائين واقف آهيان. جيڪڏهن وري سنڌ ۾ وڃڻ جو موقعو مليو ته ڪيس ضرور ملندس. ۽ سندس مهمان نوازيءَ مان فائدو وٺندس. ڪاش مون کي فرصت هجي ها ۽ سنڌ ۾ اچي ڪم ڪرڻ لاءِ اوهان جي دعوت تي لبيڪ چوان ها.

راشدي صاحب! منهنجو اوهان سيني کي عرض آهي ته وقت جي حالتن ۾ اندروني خطرن کي ذهن ۾ رکي، اوهان عوام ۾ سياسي بيداري پيدا ڪريو. هاري خود اُن وقت تائين منظم ٿي نه سگهندا. ضرورت اها آهي ته **پهرين ليگ جو همه گير نظام ٺهي- جنهن جو بنياد قومي حڪومت جي قيام، ملڪ جي حفاظت ۽ ڪانگريس ليگ اتحاد تي هجي.** ظاهر آهي ته اها ڳالهه حق خود اراديءَ تي مبني هوندي اُن سان گڏ اوهان جي وزارت کي بنگال وانگر هرهڪ ڳوٺ، شهر ۽ محلي ۾ عوامي ڪاميٽيون ٺاهڻ گهرجن جي حڪومت کي سٺي بازن ۽ واپارين جي چنبي مان آزاد ڪري، اناج، ڪپڙي، کنڊ، تيل، وغيره جي تقسيم ۽ نگرانيءَ ۾ مدد ڪن. صوبه جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ راشننگ جو انتظام هئڻ گهرجي....."

## [63]

سرينگر،
23- جولاءِ 1943ع

........ گذريل خط جو ڊاڪٽر اشرف جي خط جي پويان لکيو هوم، ان جو جواب ڪونه پهتو. آءٌ "الوحيد" ڏي مضمون موڪليان ٿو. اميد ته توکي پسند ايندا. مون ٻڌو آهي ته تو مسلمان واپارين جي ڪانفرنس ڪراچيءَ

۾ گهرائي هئي. نتيجو ڇا نڪتو؟ پنجاب جي هندو اخبارن ان تي وڏا ايڊيٽوريل لکيا آهن. اميد تہ سنڌ ۾ ان جو رد عمل پيدا ٿيو هوندو. مون کي هتي گهڻو وقت ملي ٿو. جيڪي چئين، سو لکان. الوحيد ۾ ڇپجندڙ ڪتاب جو ڪهڙو حشر ٿيو؟ مون کي اميد آهي تہ تنهنجو ضد هاڻ جهڪو ٿيو هوندو ۽ ڪتاب کي ڇپجڻ ڏيندين. جيسين تائين دين محمد کي ٺيڪ نہ ڪندين، تيسين تائين ڪتاب جو ڇپجڻ مشڪل آهي. جي پيسا ڪين ڪتاب لاءِ اڳواٽ مليا سي ڪائي ويا آهن. هاڻي مورڳو مواد بہ ختم ڪرڻ گهرن ٿا......

## [64]

ڪراچي،

22۔ سيپٽمبر 1943ع

..... يوسف هارون جو خط پهتو تہ مون کي مسلم ليگ اجلاس لاءِ مقرر ٿيل پريس ڪميٽيءَ جو چيئرمين مقرر ڪيو اٿن. تون سمجهاڻي يا هدايت ڏيئي نہ وئين تہ مون کي ڇا ڪرڻو آهي! ميٽنگون ڪير سڏائيندو ڪاروبار جو طريقو ڇا ڇا هوندو۔ ان بابت ڪابہ هدايت ڪانہ آهي. جيڪڏهين رڳو خوار ڪرڻو اٿو تہ اوهان جي مرضي، جيڪڏهن منهنجي غير حاضري ۾ ڪا مصلحت ڪيل هئي تہ ان بابت خبر ملڻ کپندي هيم.....

خط ڊرافٽ ڪرڻ لاءِ صلاح ڪيل هئي، سو تيار پيو آهي. اهو ڪاڏي ڪريان؟

دين محمد عليگ ڪتاب جي ڇپائيءَ جو انتظام ڪونہ ڪيو. آءٌ شيخ صاحب کي ملندو رهان ٿو. ان کي دور نہ رکڻ گهرجي.... مون کي اڪيلو مخالفت جي ميدان ۾ ڇڏي ڏيو. خدا مالڪ آهي. سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.....

## [65]

[20۔ آڪٽوبر 1943ع تي علي محمد شاهہ راشدي، يوسف هارون

ڏي خط لکي، ڪاپي مون کي موڪلي ٿو تہ "جي. ايم. سيد جي چوڻ موجب آءٌ اوهان کي اينڊڙ آل انڊيا مسلم ليگ سيشن لاءِ پنهنجون خدمتون پيش ڪريان ٿو....."۔]

## [66]

ڪراچي،
22۔ آڪٽوبر 1943ع

........ هڪ خط اڳي موڪليو اٿم. جواب نہ پهتو آهي. نہ مظهر علي شاھ ئي مون کي مليو آهي. ان حالت ۾ مٿيون خط يوسف هارون کي موڪليو اٿم.

جنگ ڪري راشننگ جو سوال سخت ٿيندو وڃي. منهنجي راءِ آهي تہ يا راشننگ جي ضابطن کي جهڪو ڪيو وڃي، يا مسلم ليگ اجلاس کي ملتوي ڪيو وڃي.....

کهڙو منهنجي طبيعت پرسيءَ لاءِ آيو هو. هن مون کي چيو تہ توهان بہ ٺهي ويا آهيو. وڏيڪ چيئين تہ گزدر توکي سر غلام حسين وٽ وٺي ويو ۽ تو سر غلام حسين کان معافي ورتي آهي. شايد انهيءَ ڪري تو مون ڏي جواب نہ موڪليو آهي.

شيخ عبدالمجيد مون وٽ بہ دفعا آيو هو. مون هن سان گهڻو وقت گفتگو ڪئي. گهڻي ڪوشش ڪيم تہ ڪيس مسلم ليگ کان استعيفا ڏيڻ کان روڪيان، پر رڪجي نہ سگهيو. هن جو چوڻ آهي تہ **"مسلم ليگ جماعت وزيرن جي دلال ٿي پيئي آهي، جي انساني شرافت جا ليڪا لنگهي رهيا آهن. رشوت خوري وڌي ويئي آهي. وزيرن کي اسيمبلي پارٽيءَ جي هاءِ ڪمانڊ جي آڏار تي پرواھ نہ رهي آهي. هو هن وقت ملڪ جي سمورين خرابين جو بنياد آهن. مسلم ليگ کي صرف ڏوڪي ۽ نمائش لاءِ استعمال ڪن ٿا."** هن جو خيال هو تہ ڏکھو بيان ڏيئي، پوءِ استعيفا ڏئي. پر ڪيس شڪارپور اليڪشن تائين مسنت ڪري ترسايو اٿم. هن حيدرآباد برانچ کي پنهنجي ابتدائي ميمبريءَ جي استعيفا ڏيئي ڇڏي آهي. هن مون کي وعدو

ڏنو آهي تہ توسان وفادار رهندو. وڏيڪ هن کي چٽي نہ سگهيس، جو هن اکين مان پاڻي آڻي، مون کي ٻڌايو تہ "سڄي عمر فاقا ڪيا اٿم، پر پنهنجي ضمير کي نہ وڪيو اٿم. ٻارن کي تسيا ڏنا اٿم، پر حق جي راه نہ ڇڏي اٿم. چند راشي ۽ انگريزن جي دلال سياستدانن کي طاقت ۾ رکڻ لاءِ هاڻ روايات جي خلاف ڪيئن مسلم ليگ جو ساٿ ڏيئي سگهان ٿو؟ آءُ خدا وٽ ڪنهن منهن سان انهن ڪارنامن بابت جواب ڏيندس، جڏهين هيءَ دنيا جي دروازي جي نزديڪ اچي بيٺو آهيان؟"

هتي عجيب ڳالهيون هلي رهيون آهن تہ الهہ بخش مرحوم جا قاتل آپروور کهڙي جي زمين تي رهندا هئا. چوڻ ۾ اچي ٿو تہ کهڙي جي ڪمدار کين الهہ بخش جي قتل ڪرڻ لاءِ چيو هو. اميد تہ اها ڳالهہ صحيح نہ هوندي ورنہ منهنجا گمان شايد صحيح نڪرن تہ **مسلم ليگ نہ صرف رشوت خورن جي پشت پناهہ آهي پر قاتلن جو بہ اڏو آهي.** شل اهي ڳالهيون غلط ثابت ٿين.

آءُ اڃا بيمار بستريءَ تي پيو آهيان. دل جي تڪليف آهي، پر جسماني سقم ڪونہ اٿس، صرف ان جي روانيءَ ۾ غير معلوم سببن ڪري خرابي ٿئي ٿي. شايد نومبر ڏاري لاهور ۽ دهليءَ وڃان. مون کي پنهنجي حالت احوال کان واقف ڪج.....۔

## [67]

انجمن ترقي اردو درياءَ گنج، دهلي،
15 ـ نومبر 1943ع

...... ڪجهہ وقت کان طبيعت ناچاڪ هئڻ ڪري هتي آهيان. هتي جي آبهوا ڪجهہ فائدو پهچائي ٿي.

مون کي تنهنجو پيغام مظهر علي شاهہ معرفت ڪراچيءَ مان نڪرڻ کان اڳ پهتو هو. آءُ تنهنجي حڪمن جي شيخ عبدالمجيد بنسبت پيروي ڪري رهيو آهيان. روبرو ملڻ تي اختلاف راءِ بابت بحث مباحثو ڪيو ويندو. حال ماٺ ۾ آهيان. تنهنجي موجوده موج واريءَ حالت ۾ تون شايد مون سان شامل راءِ نہ ٿين. تنهنجي سنڌ جي مسئلن بنسبت سموري نقطي

نگاهہ تي نئين سر غور ڪري فيصل ڪرڻ جي ضرورت آهي. تون پنهنجي 1938ع جي خيالات تي نظر ڪري ۽ ويچاري ڏس تہ 1943ع ۾ بہ تون انهن ساڳين اعليٰ مقصدن لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهين. جي انهيءَ وقت تنهنجي اڳيان هئا يا تون انهن ڇهن سالن ۾ اصل اصولن کي ڇڏيءَ پري وڃي پيو آهين؟ اسان هيٺين مقصدن سان نئين سنڌ جي پيدا ڪرڻ جي شروعات ڪئي هئي-

(1) مسلم عوام کي ڪامورا شاهيءَ، زميندار شاهيءَ ۽ سڀ ڪنهن قسم جي شاهيءَ کان آزاد ڪرڻ. (2) مسلمانن جي سياسي زندگي جي بنياد کي پاڪ صاف ڪري، انهيءَ کي خود مطلب ۽ عهدن جي طالبن جي چنبي مان آزاد ڪرائڻ. (3) ڳوناڳن کي مختلف پيڙيندڙ قانونن جي تڪليف کان آزاد ڪرائڻ، جن جي ڪري سندن زندگي وبال جان بنجي پيئي آهي. (4) دنيا جي موجوده مهذب زندگيءَ جي معيارن تي سنڌ جي تعمير نو ڪرڻ. (5) عوام تان ڍلن ۽ بين ٽئڪسن جو بوجو گهٽ ڪرڻ. (6) رشوت، رسائيءَ ۽ لاڀي جهڙين لعنتن کان نجات حاصل ڪرڻ. (7) درٻارين جي رواج کي، جي غلاميءَ جي دور جون يادگار آهن، بند ڪرڻ.

تون 1937ع ۾ 1938ع جي تحريرن ۽ تقريرن کي نظر ۾ رکي، پنهنجي هن وقت جي پاليسيءَ تي خيال ڪر، تہ توکي تفاوت معلوم ٿي ويندو. مطلب تہ "اين راه ڪي مي روي بترڪستان است"

مون کي معاف ڪجانءِ، جيڪڏهن آءٌ توکي ياد ڏياريان تہ ڇهن سالن جي محنت ۽ جفاڪشيءَ بعد تون ڪٿي وڃي پهتو آهين! ڇا، تو پاڻ کي انهن طاقتن ۽ خرابين جو اوزار نہ بنايو آهي. جن جي ختم ڪرڻ کي تو پنهنجي حياتيءَ جو مقصد ڪري ورتو هو؟ آخر صوبي جي سياست ۾ تنهنجي موجوده پوزيشن ڪهڙي آهي؟

"ڪرسي مرا بنده و ڪفش برسر بزن"-

توکي ان پوزيشن ۾ ان مراد سان رکيو ويو آهي تہ هو پنهنجا راڳا ڪندا رهن، ۽ تون عوام وٽ سندن گيت ڳائي، ڪين طاقت ۾ رکندو اچين. هو تنهنجن 1938ع جي مقصدن ۽ مرادن تي پاڻي ڦيري ڇڏين، رشوتون وٺن، طرح طرح جا برا ڪم ڪن، ۽ تون هنن کي پناهہ ڏين، ماڻهن اڳيان انهن جي مصيبتن کولڻ ۽ اپنار ڪرڻ بدران انهن جي پرده پوشي ڪري،

ڪين قوم جو خادم ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪرين.

اهو سڀ مسلمانن جي اتحاد ۽ اتفاق جي نالي ۾ پاڪستان جي حصول جي پڙدي پنيان ٿي رهيو آهي. جڏهن تہ اسلام جو حڪم آهي تہ ان جي نالي ۾ جماعتون ناهي، ڪين پيچرائي جو اڏو ڪري ڪتب آڻجي! ان تجويز موجب تہ خود اسلام کي چورن جي جاءِ پناهہ بنائي ڪتب آندو ٿو وڃي.

منهنجي بي ايماني ٿيندي، جيڪڏهن توکي صاف چئي نہ ٻڌايان تہ جڏهين تنهنجي ساريءَ ڪوشش تي نظر ٿو ڪريان تہ مون کي ڏپ وٺيو وڃي تہ وقت اهي ڪوششون مسلم عوام جي فائدي بدران انهن جي دشمنن کي زور وٺائڻ لاءِ ڪتب اچي رهيون آهن.

تون پنهنجي اصولن کان هيٺ ڪري پيو آهين. جيڪڏهن مسلم ليگ اسان جي حقن جو رکپال اهڙن ماڻهن کي ڪرڻ واري آهي، جي عوام جا دشمن آهن، تہ پوءِ اسان جي زندگيءَ ۾ سڌاري جي اميد رکڻ اجائي آهي. اسان جا پويان نسل اسان کي اصول پرستن جي آڙ ۾ ننگہ بيوقوف ڪري سمجهندا. جن هڪ طرف اصولن جا نالا ورتا ۽ ٻئي طرف انهن جي پاڙ پٽڻ لاءِ اسباب پيدا ڪيا. جيڪڏهن پاڪستان سٺي شيءِ آهي تہ اهو برائيءَ جي ذريعن سان حاصل ٿي نہ سگهندو ۽ نہ اُهو بنيادي اصولن ختم ڪرڻ سان وجود ۾ ايندو. چڱائي بُرائيءَ جي وسيلي حاصل ٿي نہ سگهندي. منهنجي توکي نماڻي صلاح آهي تہ جيڪڏهن تو ۾ 1938ع وارن اعليٰ مقصدن تي هلڻ جي طاقت نہ رهي آهي، تہ ڪم از ڪم تون پاڻ کي انهن جي زبون ڪرڻ جو ذريعو نہ بناءِ. توکي هر ڳالهہ 1938ع واري مقرر ڪيل سياسي معيار مطابق ڪرڻ گهرجي. ۽ جيڪا بہ ڳالهہ ان معيار کان هيٺ هجي، تنهن جو مڙس ٿي مقابلو ڪرڻ گهرجي. پوءِ ڪٿي ٻيا سڀ رفيق توکي ان مقابلي ۾ ڇڏي وڃن، ۽ تون اڪيلو رهجي وڃين. جيڪڏهن زمانو تنهنجي اصولن ۾ رنڊڪ وجهي، تہ ان سان لڙڻ گهرجي. هي بيڪار ۽ ردي رنڊڪون سال ٻن اندر پاڻيهي دور ٿي ويندﻳون، توکي اعليٰ اصولن موجب هلڻ گهرجي.

اگر غم لشڪر انگيزد ڪہ خون عاشقان ريزد

من وساقي بهم سازيم بنيادش، پر اندازيم۔

مون تنهنجي گذريل ٻن سالن جي سموري سياسي ڪارگذاري تي نظر

ٻوڙائي آهي. تہ اها هڪ اعليٰ اوچائيءَ تان هيٺ ڪري رهي آهي. تو هڪ انقلابي ۽ سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جي عملبردار جي درجي تان لهي، غاصب ۽ رجعت پسند طبقي جو پاڻ کي اوزار بنايو آهي. پنهنجي نئين لباس، مسلم ليگ جي پريزيڊنٽيءَ. تي پلجي نہ وڃ. غور ڪري ڏس تہ پتو پوندءِ تہ اڳي جنهن شيءِ جو مقابلو تي ڪيئي، هاڻ تون ان کي اسلام جي نالي ۾ مدد ڪندو ٿو وتين.

يا بہ آن شورا شري يا بہ اين بي نمڪي!

هاڻ توکي هنن ڪفن چورن پنهنجي جماعت جو نالي خاطر سردار ڪٺي مقرر ڪيو آهي. هنن ڇا وڃايو- تنهنجي ضمير خريد ڪرڻ لاءِ اها توري قيمت ڏيڻ ڪا مشڪل ڳالهہ نہ هئي! مون کي اجڪلهہ عجب لڳي ٿو تہ ڪيئن نہ تنهنجي ضمير مٿان بي سمجهيءَ جو پردو چڙهي ويو آهي-

(1) تون هر ڳالهہ ۾ شخصي نقطي نگاهہ سان ڏسڻ لڳو آهين سياست ۾ چيڙاڪ, انتقامي ۽ خودسر ٿيڻ ٺيڪ نہ آهي.

(3) توکي اهو وهم ويٺل آهي تہ ناپاڪ ذريعن سان پاڪ مقصد حاصل ٿي سگهندا, شايد تنهنجو اندر وارو غشنودگيءَ جي عالم ۾ آهي.

منهنجا پيارا ڀاءُ, مون کي توري وقت کان مهلڪ دل جي بيماري ٿي پيئي آهي. شايد آءٌ ڪنهن بہ وقت مري وڃان. ان ڪري هي خط لکيو اٿم, تہ پنهنجي دل جا بخار, جي گهڻي وقت کان مون کي ستائيندا رهن ٿا, تن کي جهڪو ڪريان. آءٌ توکي صرف هي چوندس تہ جنهن رستي سان تون وڃي رهيو آهين, تون بہ شايد دل شڪستہ ٿي مرين- ۽ تنهنجي قبر تي هي ڪتبو لکيل هوندو تہ "هن جڳهہ تي اهو انسان رکيل آهي, جنهن شر جي ذريعي خير هٿ ڪرڻ تي گهريو. جنهن جي ابتدا انقلابي هئي تہ ان جي انتها رجعت پسند ٿي, جنهن جي ملڪ جي معاملي ۾ جدوجهد چڱائيءَ جي عيوض وڏيڪ خرابي آندي انالله وانا اليہ راجعون.

جيڪي لکيو اٿم, ان لاءِ معاف ڪج-

حافظ وظيفہ تو دعا گفتن است بس,
در بند اين مباس ڪہ نشنيد يا شنيد!

- تنهنجو پيار ڪندڙ
- علي محمد شاهہ راشدي

# 1945ع

## [67]

ڪراچي،
23- مارچ 1945ع

...... تو مون کي پروگرام تيار ڪرڻ ۽ ان کي عمل ۾ آڻڻ واسطي تجويز لکي موڪلڻ لاءِ چيو آهي...

**پروگرام جا مقصد هيٺيان هئڻ گهرجن:**

1 _ صوبي سنڌ جي بهتريءَ پنهنجي ترقي پسند ڪارڪنن جو سنڌي عوام وٽ تعارف ۽ مقبوليت، ۽ جنگ پوري ٿيڻ بعد ايندڙ حالتن جو پوريءَ طرح مقابلو ڪرڻ لاءِ آل انڊيا مسلم ليگ ڪائونسل ۾ ترقي پسند گروهه کي منظم ڪري مضبوط بنائڻ.

2 _ هر هڪ اسڪيم، پروگرام يا هلچل جي رهبري ڪرڻ، قائم رکڻ ۽ ڪارڪنن کي منظم ڪري مرڪزيت پيدا ڪرڻ لاءِ ليڊر جي ضرورت پيدا ٿئي ٿي. موجوده حالتن هيٺ آءٌ سمجهان ٿو ته تون ئي اسان جو ليڊر ٿيڻ لاءِ موزون ۽ لائق آهين. اسان جي سامهون غير معمولي اهميت جا مسئلا پيش اچڻ سبب هر هڪ ڳالهه بابت اسان کي ذهن صاف رکي ڪم ڪرڻو آهي. مون کي معاف ڪجِ جيڪڏهين آءٌ منهِ ۾ توکي چتائي چڙيان ته توکي مستقبل ۾ چڱيءَ طرح پارٽ ادا ڪرڻ لاءِ گذريل ٽن سالن جي تجربي مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي. مستقبل ۾ جن ڳالهين کي توکي ذهن ۾ رکڻو آهي، سي هيٺيون آهن:-

(الف) مستقل مزاجيءَ ۽ ضد جي وچ ۾ تفاوت معلوم ڪرڻ گهرجيئي.

(ب) هر هڪ مسئلي بنسبت ذهن صاف هئڻ گهرجيئي.

(ج) معمولي ۽ ننڍين ڳالهين تان جوش ۾ اچي قدم نہ کڻڻ گهرجيئي. اهو طريقو ڪار اعليٰ ليڊر جي شايان شان نہ آهي، ازانسواءِ اهو پوئلڳن لاءِ بہ مٺي جو سور پيدا ڪري ٿو.

(د) پارٽيءَ جي رهبري ڪرڻ لاءِ اهو نهايت ضروري امر آهي تہ ليڊر اها ڳالهہ ذهن ۾ رکي تہ ان جو هرهڪ ميمبر رضامند رهي ۽ پارٽيءَ جي ڪاميابيءَ يا ناڪاميابيءَ ۾ هن جي ذاتي دلچسپي رهي. هن وقت جا ليڊر اول پنهنجو نفعو مدنظر رکن ٿا، پوئلڳن جو واهي الله رهي ٿو. اهوئي سبب آهي، جو هو پوئلڳن جو وڏو گروهہ گهٽي وقت تائين پاڻ سان گڏ رکي نہ سگهيا آهن. توکي انهيءَ مان سبق وٺڻ گهرجي.

(هہ) پنهنجين سمورين ڪارگذارين کي مخفي رکڻ ضروري آهي، ڇو تہ امڪان آهي تہ انهن جي قبل از وقت ظاهر ٿيڻ ڪري مٿان مخالف خبردار ٿي وڃن ۽ غير جانبدارن کي ڀڙڪاري مخالفت ڪن.

(و) صحيح ڪارڪنن جي چونڊ لاءِ ليڊر کي انساني نفسيات جي پوري ڄاڻ هئڻ لازمي آهي. ان لاءِ هن کي پهرين نظر ۾ بهترين ماڻهو چونڊي منجهن اعتقاد پيدا ڪري، کين خوش رکڻو آهي. هي ياد رکڻو پوندو تہ انهن مان ڪي نظريا يڪسانيت ڪري اچي شامل ٿيندا ۽ ڪي سندن ذاتي مفاد ۽ خواهشن جي پوري ڪرڻ لاءِ شريڪ ٿيندا. سندن خدمتون عام مفاد لاءِ ڪتب آڻڻ واسطي کين حتي الامڪان راضي رکڻ ضروري آهي. انساني تحمل ۽ برداشت جي ماده تي سندن طاقت کان وڌيڪ بار وجهڻ ٺيڪ نہ آهي.

3۔ اسان جي راهہ ۾ گهڻيون مشڪلاتون آهن، پر اهي حل ٿي سگهن ٿيون. مثال طور:

(الف) رجعت پسند مرڪزي مسلم ليگ ڪمانڊ کي هي احساس پيدا ٿي چڪو آهي تہ اسان سندن هر حڪم جا فرمانبردادر ٿي هلڻ وارا نہ آهيون. سندن موجوده غلط ۽ ننڙ ذهنيت مان قوي امڪان نظر اچي ٿو تہ هو يڪدم اسان (ترقي پسندن) تي حملو ڪري، اسان کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪن.

(ب) عين ممڪن آهي تہ جنهن وقت اسان جي سياسي تحريڪ استوار ۽ منظم ٿي، طاقت حاصل ڪري ويئي، تہ سيئي رجعت پسند گروهہ جي هِن وقت باهمي اختلافن ۾ مبتلا آهن، سي ڀڃي اختلاف ڪڍي، اسان جي مقابلي لاءِ منظم ٿي وڃن.

(ج) اسان جا وزير دوست گهڻو وقت اسان سان گڏ هلي ڪين سگهندا. اسان سندن پيدا ڪيل مشڪلاتن ۾ هينئر ڦاٿا پيا آهيون، اڳتي هلي سندن شموليت اسان لاءِ فائدي جي عيوض وڏو بوج بنجي پوندي.

(د) وزارت کان ٻاهر مسلم ليگ ۾ ڪي اهڙا ماڻهو شامل آهن، جي اسان جي شڪست ۾ پنهنجيءَ ترقيءَ جو رستو ڏسن ٿا.

(ه) اسان جا مخالف هر ڳالهہ ۾ اسان کان طاقتور آهن، اسان وٽ پيسي ۽ سچن ڪارڪنن جي گهڻتائي آهي.

(و) اسان جو اثاثو صحيح مقصدن ۽ انهن سان وفاداريءَ کانسواءِ ٻيو ڪونہ آهي.

(ز) اسان کي پنتي پيل ۽ پست همت قوم جي ماڻهن سان واسطو پيو آهي، جن کي ڪري ۽ کوٽي جي تميز ڪانہ آهي، تنهن ڪري هن کي اسان جي خدمت خلق جي جذبي جو احساس ٿيڻ مشڪل آهي.

(ح) اسان جون مرادون ۽ مقصد غير معمولي ۽ ڏکيا آهن.

(ط) تنهنجي خلاف شخصي طرح الوحيد ۽ ٻين اخبارن انهيءَ طبقي جي اشاري تي گهڻو زهر پکيڙيو آهي، جن جي مفاد کي تنهنجي پاليسيءَ جي پروگرام مان خطرو نظر اچي رهيو آهي.

(ي) اسان جون تجويزون ابتدائي مرحلن ۾ ڪو ڦل نہ پيدا ڪري سگهنديون. مون کي شڪ آهي تہ جيڪي ماڻهو اسان سان جلد ڪاميابيءَ يا ترت فائدن جي اميد تي شريڪ ٿين ٿا، سي اسان سان دراز ۽ ڪٺن سفر ۾ ساٿ ڏيئي ڪين سگهندا.

آءٌ مٿيان نقطا هن وقت کليءَ طرح ان لاءِ ظاهر ڪري رهيو آهيان تہ اسان جا ذهن صاف هجن، ۽ ناموافق هوائون ۽ حادثا اسان کي بد دل ڪري، مقصد کان هٽائي نہ سگهن.

سرتيون سڄي سڄ، متان ڪا مون سان هلي،
متان مري اڃ، ڪا پنهل پاراتو ڏئي!

4۔ ابتدا ۾ اسان کي پروگرام صرف هڪ سال لاءِ تيار ڪرڻ گهرجي. هي سال هندستان جي تاريخ ۾ نهايت اهميت وارو آهي. جيڪڏهن هي سال خيريت سان لنگهي پار پياسون، تہ آئنده لاءِ گهڻي تڪليف ڏسڻي ڪانہ پوندي‌سون. ازانسواءِ هن سال جو تجربو اسان کي مستقبل جي پروگرام ٺاهڻ ۽ درست ڪرڻ ۾ گهڻي مدد ڏيئي سگهندو.

5۔ پارٽي مرڪز کي منظم ڪرڻ جي تجويز:

(الف) صوبائي ليگ مشنريءَ کي ۽ جيڪڏهن ممڪن ٿي سگهي تہ سرڪاري پروپيگنڊا جي مشنريءَ کي پارٽيءَ جي مرڪز کي منظم ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻجي.

(ب) پارٽيءَ جي تنظيم کي بحال رکڻ لاءِ هڪ قابل مئنيجر چارج ۾ رکڻ گهرجي.

(ت) مرڪزي پارٽي آفيس ۾ هيٺيان مختلف ڪاتا کولڻ گهرجن.

**(1) مستقبل جي اليڪشن جو ڪاتو:**

هر هڪ تڪ جي ووٽرن جون لسٽون هٿ ڪجن. ڪاميابيءَ جي امڪانن بابت سروي ڪرائجي. هر هڪ تڪ جي طاقتور ۽ سياسي اثر وارن ماڻهن جي لسٽ تيار ڪجي، جا اليڪشن مهل ڪم ڪرڻ لاءِ ڪارائتي ٿي سگهي. انهن ماڻهن جي لسٽ تيار ڪجي، جي آئنده اسان جي نقطي نگاهہ جي مخالفت ۽ پروگرام ۾ رنڊڪ وجهڻ گهرندا. هن وقت کان ئي انهن جي شڪست ڏيڻ لاءِ پروگرام رٿجي. ووٽرن جي پوريءَ طرح داخل ڪرائڻ جو انتظام ڪجي. اليڪشن لڙڻ لاءِ ڪي خاص ’ اِشو‘ (ڳالهيون) پيدا ڪري انهن تي پروپيگنڊا ڪرڻ شروع ڪجي. پروپيگنڊا ۽ نشر اشاعت لاءِ مشنري ۽ عملو تيار ڪجي، جو اليڪشن وقت ڪم آڻجي. اليڪشن لاءِ ورڪر (خاص ڪري شاگرد) هن وقت کان تيار ڪرڻ شروع ڪجن. پنهنجن اعتبار جوڳن اميدوارن کي ماڻهن سان روشناس

انهن جي دور ڪرڻ لاءِ آفيسرن سان ملاقاتون ڪرڻ يا قانوني مدد ڏيڻ جو انتظام ڪجي. جيڪي ان ذريعي حل نہ ٿي سگهن، انهن جي پروپيگنڊا ڪاتي ۾ اشاعت ڪرڻ ۽ انهن خلاف هلچل هلائڻ جو انتظام ڪجي. مسلم ليگ وزيرن جو مکيہ شڪايتن حل ڪرڻ ڏانهن توجهہ ڇڪائڻ لاءِ مسلم ليگ وزيرن وٽ ملڪ جي مکيہ مسئلن بابت عام راءِ جي ترجماني ڪجي. ليگي وزيرن کي اهڙيون تجويزون ڏجن، جن جي پوري ڪرڻ سان هو پارٽي ۽ پارٽيءَ کي مقبول عام بنائي سگهن. هڪ منظم اداري ذريعي انهن مکيہ مسئلن تي بل، ٺهراءُ ۽ سوال ٺهرائي، اسيمبليءَ ڏي موڪلجن.

(6) مالي ڪاتو:

پارٽيءَ جي ڪمن لاءِ فنڊ ڪٺا ڪري، ٺيڪ حساب ڪتاب رکي، انهن جي صحيح طرح خرچ جو انتظام ڪجي.

(7) تعلقات خارجيہ جو ڪاتو:

جنگ ڪانپوءِ تعميري اسڪيمن تي سنڌ جي نقطي نگاهہ کان غور ڪري، انهن کي عمل ۾ آڻڻ جو انتظام ڪجي. سنڌ جي اندرونيءَ خودمختياريءَ کي مستقبل ۾ ٿيندڙ حملن کان محفوظ رکڻ لاءِ بچاءَ جون تدبيرون رٿجن. مستقبل جي سڌارن ۾ سنڌ جي مڪمل خود مختياريءَ لاءِ تقاضا ڪرڻ گهرجي. بين الاقوامي تعلقات ۽ آل انڊيا مسئلن جي تعلقات فيصلا ٿيڻ وقت سنڌي مفاد جو محافظ ٿي، ڪم ڪرڻ کپي.

(8) مرڪزي انتظامي ڪاتو:

مسلم ليگ اليڪشن جي چارج پنهنجي هٿ ۾ رکڻ، صوبہ سنڌ مسلم ليگ جي شاخن سان سڌو رابطو قائم ڪرڻ، مرڪزي مسلم ليگ پارٽيءَ سان تعلقات درست ڪرڻ، مسلم ليگ اسيمبلي پارٽيءَ کي پاڻ سان محڪم ۽ مضبوط ڪرڻ ۽ مٿي بيان ڪيل سيني ڪاتن کي چڱيءَ طرح هلائڻ لاءِ ماٿهو چونڊي، ڪم انهن جي حوالي ڪرڻ ۽ فنڊ ڪٺا ڪري انهن جي پوري سنڀال ڪرڻ گهرجي.

## [68]

ڪراچي،
12- اپريل، 1945ع

........ حيدرآباد وئين يا نہ؟ مون ٻڌو آهي تہ اسان جي ڪليڪٽر صاحب لاهور مان عيدن جان کي گهرائي، قومي تعمير جو ڪم شروع ڪيو آهي! تون وئين يا نہ؟ اوهان جي مسلم ليگ جي هوم منسٽر، اسان جي سيد پير محمد شاهہ کي تڪليف ڏيڻ شروع ڪئي آهي. حيدرآباد ۾ جي اوهان جي وچ ۾ ڳالهيون ٿيون، ان ۾ اسان غريبن جو ذڪر ڪونہ ڪيو هوندءِ....-

[خط سان پير محمد شاهہ راشديءَ جو خط آهي، جنهن ۾ هن لکيو آهي تہ مٿس وزير صاحب جو حڪم تعميل ڪيو ويو آهي تہ هو سرڪار جي حڪم کان سواءِ پنهنجي ڳوٺ کان ٻاهر نہ نڪري وغيره. ]

## [69]

"مسلم وائس" اخبار جي آفيس، ڪراچي،
20- اپريل، 1945ع

...... خط پهتو. مهرباني. سياٽي کان هر روز مسلم ليگ آفيس ۾ ويهي ڪم ڪرڻ لڳندس. اميد تہ تنهنجي اچڻ تائين، حالتون ٺيڪ ڪري ويندس. بشرطيڪ آفيس واري عملي مون سان تعاون ڪيو.

هتي حالتون ٺيڪ نہ آهن. هڪ بہ واعدو پاڙيو نٿو وڃي. دلاسن جي بک نہ آهي. ديوان نيچلداس سان ڪالهہ ۽ اڄ مليس. گورنمينٽ سيڪريٽري جي ورانڊين ۾ قرض بي عزتيءَ واري ڳالهہ آهي، پر جڏهن ماڻهو راڪاس جي غار ۾ ويندو آهي، تہ لاچار ان سان دوستي رکڻي پوندي اٿس.

مسٽر نيچلداس مير صاحب جي طرف کان عدم تعاون جي دانهن ڪري ٿو. مير صاحب کي عقل ڪونہ آهي، چوڌطرف حوارين جي گروهہ ۾ گهيريو پيو آهي، جي کيس خراب رستو ڏسي، ڪم ڪڍي رهيا آهن. هو کيس چون ٿا تہ 'خان بهادر کهڙي جو حقيقي جاءِ نشين تون ئي آهين'-

ئي مسلم ليگ جي وقار کي بچائي سگهن ٿا...

خط ڏکوءِ ڪلام تلخ آهي، پر دلي جذبات جو اظهار ڪيو اٿم. ان لاءِ معافي طلب آهيان.

"ڪس بشنود يا نشنود، من هاي هوي ميڪنم"

ڪانگريس بابت مضمون تيار آهي، جي جلد نہ اچين تہ ايڏانهن موڪلي ڏيان.....

## [70]

ڪراچي،
23- اپريل، 1945ع

..... هي خط تنهنجي لکيل حڪمن، تہ مسلم ليگ آفيس جي تنظيم ۽ اسيمبليءَ ۾ لوڪلبورڊ اليڪشن جو ڪم هٿ ۾ ڪٽان- جي جواب ۾ لکي رهيو آهيان. آچر ڏينهن آفيس ۾ ويس. بند هئي، مير محمد شاھ سيڪريٽريٽ ۾ مليو. هن چيو تہ آفيس ۾ ڪم ڪونہ هو- آفيس ۾ وڃي ڇا ڪندين؟ پنهنجي لاءِ چيائين تہ هو ڪنهن ايجنسيءَ ۾ نوڪري تو ڪري ۽ آفيس ۾ صرف شام جو ويندو آهي. آخر چيائين تہ آچر ڏينهن ڪاغذ ڪٽي مون وٽ گهر ايندو پر پوءِ ڪونہ آيو.

اڄ سومر ڏينهن ليگ آفيس ۾ ويس. هي خط اُتان لکي رهيو آهيان. مير محمد شاھ غير حاضر آهي. هو ڪڏهن ڪڏهن شام جو ايندو آهي.

اليڪشن بابت انتظام هفتي اندر ڪريان ٿو. توکي 15 مئي ڌاري مڪمل رپورٽ پيش ڪندس تہ آئينده لاءِ فيصلو ڪري سگهون. انهن غير منظم حالتن هيٺ تنهنجي حڪمن جو انتظار آهي تہ هن ليگ جي گئوشالي سان ڪيئن منهن ڏيان.....

## [71]

ڪراچي،
28- اپريل، 1945ع

..... تو خط ڇوٽوءِ مدبرانہ لکيو آهي. اسان جو معاملو منڌل آهي. تو

ان وقت آرام ۽ دل جي سڪون ڳولڻ جو وقت ڳوليو آهي، جڏهن سارو قافلو سفر ۾ روانو ٿيل آهي. چار سال توسان گڏ رهڻ ۽ ٻن سالن جي جدائيءَ بعد آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ سنڌ جي عوام لاءِ جيڪڏهن ڪجهہ بہ ڪري سگهجي ٿو تہ صرف تنهنجي ذريعي ڪري سگهبو. تنهن ڪري تو ۾ دلچسپي وٺي رهيو آهيان.

هيٺين ڳالهين تي غور ڪرڻ کپيئي-

(1) مسلم ليگ جماعت، جنهن جو تون ليڊر آهين، سا پنڌڙي تان لهي ويئي آهي، بيڪار ٿي ويئي آهي ۽ ڪنهن ڪم جي نہ رهي آهي.

(2) نيچلداس ڪي وزارت ۾ آٺن سان مسلمان (ڪامورا) رنج ٿيا آهن. حيدرآباد، نوابشاهہ ۽ دادو ويو هوس. اُتي ڪوبہ مسلمان (ڪامورو) توهان مان راضي نہ ڏٺم:

(3) مون کي يقين ويهي ويو آهي تہ هندو اهو نتا گهرن تہ سيئي مسلمان ميمبر مسلم ليگ ۾ شريڪ ٿين ۽ اهڙيءَ طرح وزارت مضبوط ٿئي. ان مان نتيجو اهو ٿو نڪري تہ ڪنهن موقعي جي تاڙ ۾ آهن- جو هو ڪو قدم کڻن. مسٽر نيچلداس پاڻ ڪنهن ڳالهہ جي انتظار ۾ آهي. مون کي تعجب نہ ٿيندو جيڪڏهن ترت هو ڪو مؤثر قدم کڻن.

(4) جيڪڏهن "ستيارت پرڪاش" تان پابندي نہ لاهبي، تہ هندو نڪري ويندا. جيڪڏهن پابندي لاهبي، تہ حالتون سازگار بنجڻ بدران ويتر خراب ٿينديون، جنهن جو اثر توتي پوندو- مسلمانن کي اڳ ۾ تنهنجي خلاف شڪ پيدا ڪرايا ويا آهن.

(5) وزارت ۾ اختلاف آهن. هو ڪوبہ سنو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن، جنهن ڪري مسلم ليگ جو وقار وڃي، جنهن جو تون صدر آهين، ۽ ان جي وقار جي واڌاري ۾ هو تنهنجي وقار جو واڌارو سمجهن ٿا. مير صاحب هر ڳالهہ ۾ مسلم ليگ گروهہ جي مخالفت لاءِ تيار آهي.

(6) پهريون ماڻهو سيد محمد علي شاهہ جو پنهنجي پاران وزارت ۾ ويو آهي، سو سمورو وقت پنهنجي حوارين جي چنبي ۾ ڦاٿل رهي ٿو. جيتوڻيڪ منجهائنس اميد نہ لاٿي اٿم، پر چاڙهو ڪونہ ٿو ڏسجيس.

(7) وقت بوقت گڏ ٿي، حالات جو جائزو وٺي، قدم کڻڻ لاءِ ڪوبہ انتظام نہ آهي.

اهي ڳالهيون آهن، جي تنهنجي ڌيان تي آڻڻ گهران ٿو. جڏهن هتي ايندين تہ مٿين ڳالهين تي گفتگو ڪنداسون. شيخ صاحب، رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙي ۽ حاجي مولويٰ بخش سان ملندو رهان ٿو پر هنن حالتن هيٺ سڀ شاڪي آهن.....

## [72]

ڪراچي،
25- مئي، 1945ع

...... تو منهنجي خط جو جواب نہ ڏنو آهي. اهو ٺهلراماڻيءَ ڪي ڏيڪاريو اٿيئي، جنهن بدنام ڪرڻ شروع ڪيو آهي. هُن ان جي غلط معنيٰ نيچلداس کي ٻڌائي آهي.

"بلوچستان جديد" جي سنڌي ايڊيشن ملاحظي لاءِ موڪليان ٿو. ان ۾ خير شاهہ خلاف لکيل آهي. مولوي حقاني "نصرت" ۾ اسان جي خلاف لکڻ شروع ڪيو آهي. اهو سڀ مير صاحب جي اشاري تي ٿي رهيو آهي. هو جدا مسلم ليگ قائم ڪري رهيا آهن. مقصد اهو اٿن تہ مرڪزي ليگ کي چون تہ انڪوائري ڪري، فرنٽيئر صوبي وانگر اصل مسلم ليگ کي بند ڪرائين. ڪانگريسي 29 تاريخ هتي ملي رهيا آهن- تنهنجي مسلم ليگ جي ٺهراءَ تي غور ڪرڻ لاءِ، لاءِ ان موقعي تي تنهنجو هتي هئڻ ضروري هو.

ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ تنهنجي ليبري اسان سڀني کي تباهہ ڪري رهي آهي. باندر کي پيچ ۾ باهہ ڏيئي، تون وڃي گهر ۾ ويهي رهيو آهين. جدوجهد هلندي، آرام وٺڻ ٺيڪ نہ آهي. تون انقلابي ۽ منصوبہ سازيءَ جي ذهنيت جو عجيب مرڪب آهين. اها نهايت اعتراض جوڳي ڳالهہ آهي تہ تون مقابلي هلندي نڪري وڃين، جنهن ڪري سڀ ڳالهہ اُتي رهجيو وڃي. محمد علي شاهہ هن وقت ٺاٺي بولاخان ويو آهي. وڌيڪ ڇا لکان......

[73]

ڪراچي،
11 جون، 1945ع

....... اڄ ڪان آءٌ شيخ صاحب آفيس ۾ ڪم ڪنداسون. تو نہ پنهنجا پريزيڊنٽيءَ جا اختيار شيخ صاحب کي موڪليا آهن ۽ نہ جنرل سيڪريٽريءَ جا اختيار مون کي ڏياريا آهن. غلام نبي خان کي "قرباني پريس" ڪراچيءَ موڪلڻ لاءِ لکيو اٿم. حسن بخش شاهہ کي لکيو اٿم تہ پريس لاءِ جاءِ هٿ ڪري ڏئي. مير غلام علي خان ۽ مسٽر پٽيل سيڪريٽريءَ کان پريس ۽ اخبار جي ڪراچيءَ ۾ آڻڻ جي منظوري ورتي. فرنيچر، بجليءَ، ٽائيپ وغيره لاءِ حسن بخش شاهہ کي لک تہ بندوبست ڪري ڏئي. ان ۾ وقت لڳندو تنهن ڪري سُجهندي ڪوشش ڪرڻ کپي.....

[74]

ڪراچي،
26- جون، 1945

..... "انقلاب" جي ڪٽنگ موڪليان ٿو. پنجاب جي ٻين اخبارن بہ پاڻ کي مدد ڪئي آهي . 24 تاريخ جي "ڊيلي گزيٽ" پڙهي هونديئي! سعيدپور ڪانفرنس جي ڪاروائي وقت تي ڇپائي هيم. "الوحيد" بہ احوال ڇپيندي، مواوي سيتائي رات جو آهي، احوال وجهي ڇڏيندو. مون يوسف کي خط لکيو آهي تہ "الوحيد" صوبہ مسلم ليگ کي کُليو کُلايو مدد ڪندي يا نہ! ڏسون تہ ڇا ٿو جواب ڏئي!

آءٌ ڪالهہ مير صاحب سان مليس. ساڻس سندس باري ۾ ڪيترين ڳالهين ڪيم. محمد علي شاهہ اڄ آيو ۽ ٻيئي گڏجي مير صاحب وٽ وياسون. مون ليگ جي نهرائن بابت هن کان منظوري ورتي آهي. اسان وري سياڻي ڪيس ملنداسون.

مون ڪانفرنس جو پروگرام رٿيو آهي. پهرين ڪانفرنس ٻهارن ۾ ٿيندي مير صاحب صدارت ڪندو ۽ محمد علي شاهه ان کي کوليندو. مسٽر شرما ۽ چيئمل کي بہ اُتي گهرايان ٿو. سعيد پور ڪانفرنس جي ڪارروائيءَ هتي چڱو اثر پيدا ڪيو آهي. عارف شاهه ٽنڊي محمد خان مان آيو. مير صاحب کي مليس. هن سندس مدد جو واعدو ڪيو.

ليگ آفيس جو ڪم ڊانوان ڊول ٿيو پيو آهي. مير محمد شاهه سمجهي ٿو تہ هو اسان جو سؤٹ ۽ غلام نبي خان جو خاص ماڻهو هئڻ ڪري، ڇڙواڳ آهي. اوحديءَ کي شڪارپور موڪليو اٿم تہ رامچند کان پريس وٺي، بندوبست ڪري، اُن جي هتي آڻڻ جو اهتمام ڪري.

سملا جي ميٽنگ لاءِ منهنجي صلاح آهي تہ تون، آءٌ، مير غلام علي خان، محمد علي شاهه ۽ شيخ عبدالمجيد اُتي هلي، جناح صاحب اڳيان سنڌ جا سوال پيش ڪريون......۔

◈

# 1946ع

[74]

درائو نئنيتال 2۔ جون 1946ع.... هيٺين مضمون جو ترجمو ڪري "قربانيءَ" ۾ ڇپڻ لاءِ موڪليو اٿم.....۔

[محمد انور بلوچ 13 جون 1946ع جي "قرباني" ۾ هيءُ ترجمو ڇاپيو ۽ اصل ڪاپي مون ڏانهن موڪلي. ]

مضمون

## سنڌ جي سياسي زندگيءَ جو نازڪ دور

سنڌي پوريءَ طرح فڪر ڪري ڪو جلد قدم کڻڻ لاءِ تيار آهن يا نه؟

ڪئبينيٽ مشن جي تجويز جي اعلان ٿيڻ بعد، سنڌ جي مستقبل کي هڪ نازڪ دور ۾ مشڪلات سان مقابلو پيو آهي. اڳئين قسم جو دور ختم ٿي، نئون دور شروع ٿيڻ وارو آهي. نئين دور کي ڪير شڪل ڏيندو؟ اهو نئون دور ڪهڙي قسم جو ٿيڻ وارو آهي؟ ڪير ان کي هلائيندو ۽ ڪهڙيءَ طرح! سنڌ جي مستقبل لاءِ اهو دور ڪيتري قدر مفيد ٿيڻ جو امڪان آهي؟ انهن ڳالهين تي روشني وجهڻ لاءِ ڪئبينيٽ مشن جي تجويز پيش ڪري، پوءِ مختصر تبصرو ڪندس.

ڪئبينيٽ مشن جي تجويز مطابق امور خارجيه، مواصلات ۽ دفاع، صوبن جي طرفان، آل انڊيا مرڪزي حڪومت جي هٿن ۾ هوندا، باقي سڀ کاتا فيڊريشن جي هٿن ۾ هوندا. سڀ فيڊريشنون ٽي ٿينديون: هڪ پنجاب، سنڌ، فرنٽيئر ۽ بلوچستان جي هوندي، ٻي وچ ۾ هندستان جي، ۽

تين آسام ۽ بنگال جي هوندي. اسان واريءَ سب فيڊريشن تي اڪثريت پنجاب جي هئڻ ڪري قبضو پنجاب جو رهندو.

انهيءَ بنيادي رٿا کي نظر ۾ رکي، اُن جو تفصيلي آئين، آئين ساز اسيمبليءَ طرفان فيصل ڪيو ويندو جا اُن جو ٻن طريقن جي نشستن ۾ فيصلو ڪندي۔ هڪ طريقو سڄي هندستان جي گڏيل نشست جو هوندو ۽ هڪ مسلم اڪثريت وارن صوبن جي نشست جو هوندو. سنڌ جي قسمت جو فيصلو هن پوئين گروپ جي اجلاس ۾ ٿيڻ وارو آهي.

## سنڌ جي پوزيشن آئين ساز اسيمبليءَ ۾

آئين ساز اسيمبليءَ ۾ جملي 389 ميمبرن جون جايون هونديون، جن مان سنڌ کي چار ميمبر ملندا. اهي ٻه ٻن گروهن ۾ ورهايل هوندا، جن مان ٽي مسلمان ۽ هڪ هندو هوندو يعني هڪ ڪانگريس ۽ ٽي مسلم ليگي. هي ٻئي سنڌن آل انڊيا هاءِ ڪمانڊ جي حڪمن جا تابعدار هوندا. ان جو نتيجو ڪهڙو نڪرندو. انهيءَ صورتحال مان پڌرو پيو آهي ته پوئين فيڊريشن ۾ پنجابي، ڪثرت ۾ هئڻ ڪري، پنهنجي مرضيءَ مطابق ۽ فائدي موجب آئين ٺاهيندا، جنهن ۾ سنڌ، پنجاب جي ماتحت ۽ غلام ٿي رهندي. هو سنڌين جي آزادي، خودمختياري، خواهشن ۽ ارادن تي بندشون وجهي ڇڏيندا. اهي سڀ ڳالهيون هڪٻئي پٺيان اهڙي طرح سرزد ٿينديون، جهڙي طرح ڏينهن ڪانپوءِ رات ايندي آهي.

جا اسان اها پوزيشن قبول ڪنداسون، ته پيا اسان لاءِ آئين ٺاهين، جنهن جا نتيجا پڌرا پيا هوندا؟ جا، پنجابي هيءَ اولهه فيڊريشن الله خاطر هلائيندا! ان جو عيوضو ۽ بدلو نه وٺندا! اهو بنيادي نقطو آهي، جو اسان کي ذهن ۾ رکڻو آهي.

## سنڌ جي ڏاگهه چڙهڻ لاءِ ڪانئين جو ڍير

جيڪڏهن اسان اها پوزيشن قبول ڪنداسون، ته 389عيوضين ۾ ٻه چار ۽ 26 عيوضين ۾ ٻه چار عيوضي اسان کي ڏنا ويندا. انهيءَ آڌار تي اُنهن

حڪومتن ۾ اسان جي وزارتن جو ڪيترو عيوضپڻو ٿيندو؟ گروپ وزارت ۾ اُن جي عيوضين جي پوزيشن ڪهڙي هوندي؟ ڪئبينيٽ مشن جي تجويزن تي غور ڪرڻ بعد آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ اها تجويز سنڌ کي قربان ڪرڻ لاءِ ڏاگهہ چاڙهڻ جي سماڌي آهي. ڇا سنڌ کي اها تجويز قبولڻ گهرجي؟ سنڌ کي ڇا لاءِ اها تجويز قبولڻ نہ گهرجي، ان لاءِ ڪيترائي سبب ۽ دليل آهن.

## اسان جو ماضي

سنڌ پنهنجي خاص جاگرافيائي حدن، آب هوا، تاريخي پس منظر، روايات، ڪلچر، زبان، رسم الخط ۽ سوشل ايڪنامڪ طريقن موجب گذشتہ زماني کان وٺي جدا ۽ آزاد زندگي پئي گذاري آهي. سواءِ ڪن ٿورن وقتي حادثن ڪري آزاديءَ وڃائڻ جي عارضي دورن جي. سنڌ ۽ هند سدائين بہ جدا جدا ملڪ پئي رهيا آهن، جا ڳالهہ قديم جاگرافيءَ ۽ تاريخ مان ظاهر پيئي ٿئي. سنڌ تي حملا ٿيا آهن. ڪو وقت ڌارين جي ماتحت گذاريو اٿس، پر ڪڏهين بہ ان تي ماٺ نہ ويٺي آهي. پهرئين موقعي ملڻ تي وري وڃايل آزادي پئي حاصل ڪئي اٿس. هيءُ ان جي تاريخ جو خاص ۽ نمايان ورق پئي رهيو آهي تہ غلاميءَ تي ڪڏهين بہ رضامند ٿي نہ ويٺي آهي. ڇا، هاڻي اسان پنهنجو قيمتي ورثو هٿن مان قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿينداسون؟

## سنڌ جو مستقبل

سنڌي مستقبل جي نقطي نگاهہ لاءِ ڪئبينيٽ مشن واري تجويز تباهہ ڪن ٿيندي سنڌ هندستان جي انهن خاص ملڪن مان آهي، جنهن کي قدرت سندس ترقيءَ لاءِ نهايت وسيع ۽ زرخيز ذريعا موجود ڪري ڏنا آهن. اها سون جي کاڻ آهي، جا اڃا ڇُپي پئي آهي. آءٌ جڏهن غور ڪندو آهيان تہ معلوم ٿيندو اٿم تہ قدرت ڪيئن نہ هن ننڍڙي ٽڪر زمين کي پنهنجي مهربانين ۽ سخاوتن سان مالا مال ڪري ڇڏيو آهي! جيڪڏهن

اسان پنهنجي ڪوشش ۽ قربانين سان سنڌ کي، سنڌين جي مفاد لاءِ محفوظ رکي سگهون، تہ اها تمدن جي اعليٰ درجي تي پهچي، سندس رهاڪن جو معيار زندگي بلند ڪري سگهي ٿي. سندس ڪپهہ ڪٽڪ، سارين ۽ ڪمند جي لائق زرخيز زمين، ان جو سدا پريل سنڌو درياءَ ۽ ان جا بيراج، ان جون زمين ۾ ڇپيل ڪاٺيون، يورپ جي نزديڪ ساموندي ۽ هوائي بندر ۽ انهن جون واپار لاءِ سهوليتون، جدا جدا قسم جي هنري ڪارخانن لاءِ موزون جڳهہ ۽ سهوليت هي سڀ سندس چاليهہ لک ماڻهن لاءِ ڪافيءَ کان وڌيڪ پيدائش ڏيئي سگهن ٿا. جيڪڏهن اسان پنهنجي ڪوشش سان سنڌ کي آزاد رکي، سندس حڪومت کي ماڻهن جي مفاد لاءِ، سواءِ ٻاهرينءَ دست اندازيءَ جي، ڪتب آڻي سگهون، تہ ملڪ باغ بهار ٿي پوندو. جيڪڏهن ملڪي حڪومت لالچي ۽ خود مطلب ماڻهن جي چنبن مان آزاد ٿي، مخلص، خادم قوم، محب وطن ۽ سالم فڪر وارن ڪارڪنن جي هٿ ۾ اچي وڃي، جي سنڌن تعميري صلاحيت سان ساري ملڪ جا اقتصادي ذريعا استعمال ڪري سگهن ۽ پراڻن ۽ نقصانڪار نظرين کي ڦِٽو ڪري ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هجن، تہ ڇا نہ ٿي سگهي ٿو!

## سنڌ جي ترقيءَ جون رٿائون

جيڪڏهن اسان جي نئين سنڌ جي وزارت عوام سان جوابداري محسوس ڪندي، تہ سنڌ جي ايڪانامي نئينءَ طرز هيٺين طريقن تي منظم ڪري سگهندي. پورٽ ٽرسٽ ۽ ڪسٽمس جي پيدائش، جا اٽڪل چاليهہ ڪروڙ ٿيندي، ۽ انڪم ٽئڪس، پوسٽ ۽ ريلوي جي جملي پيدائش کي صوبي جي پيدائش سان گڏيندي، تہ ان جي آمدني وڌي، وڃي هڪ سؤ ڪروڙ ٿيندي، جا هوءَ سنڌ جي نون براجن جي زمين جي مشنريءَ ذريعي آباد ڪرائڻ ۽ ڪپڙي ۽ ٻين شين جي ٺاهڻ لاءِ ملون لڳائڻ لاءِ صرف ڪري سگهي ٿي. اُها هنري درسگاهون کولي، سنڌي شاگردن کي سرڪاري خرچ تي ٻاهرين ملڪن ۾ اعليٰ تعليم لاءِ موڪلي سگهي ٿي. سنڌ جون نوڪريون سنڌين لاءِ مخصوص ڪري، غير سنڌين کي سنڌ ۾

نوڪري ڏيڻ تي بندش وجهي، نه صرف موجوده صوبائي ڪاتن ۾ بلڪ ريلوي، پوسٽ، ڪسٽمس، هوائي جهازن ۽ ساموندي ٻيڙي ۾ سنڌ جا لکين ماڻهو روزگار سان لڳائي سگهي ٿي. اُها سنڌ جي ڪاٽين ڪوٽائڻ لاءِ انتظام ڪري سگهي ٿي. اُها سنڌ لاءِ آل انڊيا يونين جي نوڪرين ۾ حصو وٺي، ۽ مڪمل آزاديءَ جي حالت ۾، پنهنجا ٽريڊ ايجنٽ، سفير ۽ ڪانسل ٻاهر موڪلي ۽ لشڪر رکي سگهي ٿي، جنهن مان نه صرف سنڌ جو سياسي درجو وڌندو بلڪ سنڌين کي دنيا جي ڊپلوميٽڪ ورلڊ ۾ پنهنجي لياقت ڏيکارڻ جو موقعو ملندو. سنڌ جي نقطي نگاهه ۾ اهو سڀ ان جي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جو باعث ٿيندو.

منهنجي سمجهه ۾ اسان جي آزاد سنڌ جي ساليانه بجيٽ ڪيئي سو ملين روپين جي ٿي ويندي، اهڙيءَ طرح سان اسان جو معيار زندگي بلند ٿي ويندو. اسان تعليم ۽ صحت عام جو مفت انتظام ڪري سگهنداسون. اسان هتي ننڍي آمريڪا پيدا ڪري وجهنداسون. اهو سڀ تڏهين ٿي سگهندو جڏهين سنڌ کي آزاد ڪري، سندس قسمتن جي واڳ سنڌين جي هٿ ۾ ڏيون.

## فرقيوارانه فساد نه ٿيندا

انهيءَ حالت ۾ نه بي روزگاري ٿيندي، نه قانون انتقال ايراضي ۽ قرضن جي فيصل ڪرڻ جي بلن جي ضرورت ٿيندي ۽ نه وري انهن سببن ڪري هندو مسلم فساد ٿيندا، جن جو مکيه ڪارڻ بي روزگاري ۽ غربت ٿئي ٿي. ان ڪري بدامني، ڌاڙا، خون وغيره سڀ گهٽجي ويندا.

ٻي حالت؟ اهو تصوير جو هڪ رخ پيش ڪيم. ٻيو اهو ٿيندو جو ڪئبينيٽ مشن تجويز کي عمل ۾ آڻڻ جي نتيجي ۾ نڪرندو. اُن حالت ۾ اسان کي پنهنجي ماضيءَ کي وسارڻو پوندو. مستقبل جي ترقيءَ جا سڀ خيال ترڪ ڪرڻا پوندا. پنهنجي قومي وجود کي ختم ڪرڻ لاءِ تيار رهڻو پوندو. ڌاريان ماڻهو توهان تي سندن مرضيءَ مطابق آئين مڙهيندا. سنڌ جي جملي پيداوار جا ذريعي پنهنجي مفاد لاءِ ڪتب آڻيندا. سنڌ پنجاب جي

ڪالوني تي ويندي، جهالت ساڳي رهندي، هندو مسلم ساڳيءَ طرح پاڻ ۾ وڙهندا رهندا.

هي تصوير جا ٻئي رخ سڀني سنڌين کي صاف طرح ذهن ۾ ويهارڻ گهرجن، ڇاڪاڻ ته ڪين جلدي فيصلو ڪرڻو پوندو ته ڪهڙو طريقو اختيار ڪن؟

## سنڌ جي آزادي

منهنجا رايا ان بابت صاف ۽ مستقل صورت وٺي چڪا آهن. سنڌ کي ڪڏهين به ٻنهي فيڊريشنن ۾ داخل ٿيڻ نه قبولڻ گهرجي. ڪنهن به مرڪز سان شامل ٿي، پيداوار جو ٽڪو به انهن کي ڏيڻ تي رضامند نه ٿيڻ گهرجي. پنهنجو آئين ڪيس پاڻ بنائي، آزاد ٿي رهڻ گهرجي. ان کي ڪنهن به صورت ۾ پنجاب جي ڪالونيءَ واري گروپ ۾ داخل نه ٿيڻ گهرجي. اُن کي سندس آزاديءَ جي راهه ۾ جا به رڪاوٽ پوي، ان کي ٽڪرائي ڇڏڻ گهرجي. ان کي، پنهنجي مرضيءَ موجب عهدنامو ڪري، يونين ۾ بچاءُ ۽ امور خارجه لاءِ داخل ٿيڻ گهرجي. ان لاءِ پنهنجي خرچ جو حصو ڏيئي، باقي سڀ پيدائش پاڻ وٽ رکڻ گهرجي.

## خوف جو ڀوت

هن وقت هندو ۽ مسلمان ٻيئي انهيءَ سوال تي غلط نقطي نگاهه سان نظر ڪن ٿا. اُن جو مکيه ڪارڻ سنڌن هڪٻئي مان خوف آهي. مسلمانن کي اهو وهم ويٺل آهي ته پنجاب جي گروپ سان گڏجڻ ڪري، هنن جي پوزيشن هندن جي دست درازين کان بچي ويندي. هندن کي وري اهو خيال ويٺل آهي ته سنڌ جي آل انڊيا سان ملحق ٿيڻ ڪري، سندن حالت انڊيا جي هندن جي مدد سان مسلماني ناجائز تسلط کان بچي ويندي.

پر ٻنهي ڌرين جا ماٺهو هينئين ڳالهيون ڀلجي وڃن ٿا:

(1) هيءَ ذهني حالت خوف ۽ گهرج ڪري پيدا ٿئي ٿي. جڏهين هندن ۽ مسلمانن کي سندن گهرجن کان وڌيڪ ملندو ته هنن ۾ اقتصادي

مقابلو ڪونہ ٿيندو ۽ نہ ان ڪري فرقيوار اختلاف ٿي پيدا ٿيندا.

(2) باهمي شڪ ۽ شبها ان وقت تائين آهن، جڏهين نئين پارٽي اسان جي وچ ۾ موجود آهي. جڏهين هيڪر اهو عنصر اسان وٽان نڪري ويو تہ سنڌي وري اطمينان بخش ۽ باهمي اعتبار واري حالت ۾ ايندا. جيستائين سنڌين جي حڪومت سنڌ تي هئي ۽ ٽين پارٽي ويڙهائڻ لاءِ وجود ۾ ڪانہ آئي هئي، تہ هندو مسلم اختلاف پيدا ٿي ڪونہ ٿيا هئا. ٽين ءِپارٽي جي مصيبت ضرور ڪڍڻ گهرجي. پوءِ اها ٽين پارٽي انگريزن جي هجي يا پنجابي مسلمانن جي يا هندستاني هندن جي، جي اسان لاءِ سپ ساڳي حيثيت رکن ٿا.

(3) اها ڳالهہ بيوقوفيءَ جي ٿيندي تہ باهمي اعتبار نہ هئڻ ڪري، اسان پنهنجي گهر جي واڳ ٻاهرين جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيون. اسان جا ايندڙ نسل اسان کي پٽيندا، ۽ اسان پنهنجي قسمت جون واڳون پاڻ کان مضبوط ماڻهن جي هٿن ۾ ڏيڻ سان پنهنجو حال اهڙو ڪنداسون جهڙوڪ ڪو ماڻهو ڪُتن کي مارڻ لاءِ گهر کي باهہ ڏئي.

(4) سنڌ جي اقتصادي تعمير جا پلئن ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿيندا. جيستائين سنڌ پنهنجي آزادي حاصل نہ ڪئي آهي. هيڪر جيڪڏهن اسان پنهنجا ذرائع پيداوار ٻين جي حوالي ڪيا، تہ پوءِ اهي اسان جي هٿن مان هميشہ لاءِ ويندا هليا.

هي موقعو نازڪ آهي. وقت ٿورو بچيل آهي آهي. سنڌين کي ان بابت اهم فيصلا جلد ڪرڻا آهن.

## [75]

ڪراچي،
13 - جون 1946ع

..... آئون هن وقت هندستان کان موٽي آيو آهيان. عرض آهي تہ ڪراچيءَ اچ تہ ٻہ ٽي ڏينهن صلاح مصلحت ڪري ڪو عملي قدم کڻون.
آءٌ نوابشاهہ ويو هوس. اُتي حسن بخش شاهہ سان مليو هوس..... نبي

بخش پٽو هتي آهي، پر آءٌ کيس ڪونہ مليو آهيان.

اسان جي پارٽيءَ جو ڪاروبار ٿڌو ٿي ويو آهي. اها ڳالهہ نقصانڪار آهي. توکي گهٽ ۾ گهٽ مهينو اچي هتي رهڻ گهرجي. گهڻو آرام ورتو اٿيئي.

محمد علي شاهہ کي لک تہ ڪراچيءَ اچي......

[76]

ڪراچي،

17 ـ جون 1946ع

.... خط پهتو احوال معلوم ٿيو. تون 27 تاريخ ڌاري ڪراچيءَ پهچي وڃ. پوءِ ريلوي اسٽرائيڪ ڪري شايد گاڏيون نہ هلن.

..... اسان جي جن ميمبرن خلاف اليڪشن پٽيشنون داخل ٿيون آهن، انهن جي همت افزائي ڪرڻي آهي.

اسيمبليءَ جو اجلاس جلد ٿيڻ وارو آهي. آئين ساز اسيمبليءَ لاءِ حاجي مولابخش ۽ شيخ صاحب جي وچ ۾ اختلاف آهن. قومي حڪومت اچڻ لاءِ ڪيئي ڳالهيون هلي رهيون آهن. تون لکين ٿو تہ آءٌ چوٽي ماٿي آيو آهيان، سا ڳالهہ اهميت واري نہ آهي ـ ڇاڪاڻ تہ تو وانگر آءٌ پارٽيءَ جو ليڊر نہ آهيان، نہ وري ڪو اسيمبليءَ جو ميمبر آهيان، آءٌ صرف اوهان جي ذهني طور مدد ڪري سگهان ٿو سا مون هر هنڌان پئي ڪئي آهي. جڏهين بہ آءٌ ڪم ڪرڻ شروع ڪريان ٿو تہ اڳيون ڪٿرون ڪڍيو وجان.

تنهنجا آرٽيڪل پڙهيا اٿم. نهايت عمدا آهن. منهنجي آرٽيڪل ”منهنجو ليڊر“ کي پڙهج.

ڪراچيءَ جلد اچ......ـ

[77]

ڪراچي،

27ـ آگسٽ 1942ع

... ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ مسلم ليگ وارا مذهب جي نالي ۾ ڪاليج جي

117 خط ۽ مضمون

شاگردن کي پڙڪائي، سياسي قتل ڪرڻ جي ترغيب ۽ تربيت ڏيئي رهيا آهن. ان مان انديشو آهي تہ ڪوبہ ڪنهن بہ وقت سندن حملي جو شڪار ٿئي. تنهن ڪري عرض آهي تہ تون پنهنجي لاءِ حفاظت جو انتظام رک. اوپري ماڻهوءَ کي پاڻ وٽ نہ گهرائج. پنهنجي اچ وڃ مخفي رکج. بيگاه وقت تي اچ وڃ تي بندش وجهہ. هر وقت پاڻ مان هٿياربند چوڪيدار ساڻ رکندو ڪر. ڪراچيءَ اچين، تہ وڏيڪ چوڪيدار پاڻ سان آڻيندو ڪر.

حفاظت لاءِ پنهنجو خانگي انتظام ئي بهتر ٿيندو آهي.....

[78]

ڪراچي،

8- نومبر 1946ع

...... ايندڙ اسيمبلي اليڪشن بابت ڪهڙا انتظام ڪرڻ گهرجن؟......

◉

# 1947ع

## [79]

ڪراچي،
3- اپريل 1947ع

.... آءٌ ڪراچي واپس پهتو آهيان. پهرينءَ تاريخ مير علي احمد خان جي جاءِ تي سڀ دوست گڏ ٿيا. خير شاهہ محمد علي شاهہ رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙي، حاجي شيخ عبدالمجيد، حاجي مولابخش، سردار خان کوسو مير علي احمد خان ٽالپر ۽ آءٌ هئاسون. اوهان کي تار موڪليل هئي، پر نہ آيا. بحث ڇهہ ڪلاڪ ڪن هليو. مون کان ۽ پرڳڙي کان سواءِ سڀ پست همت ٿيل هئا. انهن جي راءِ هئي تہ حالتون ڦري ويون آهن، تنهن ڪري ليگ ۾ هلڻ گهرجي. ڪهڙي کان معلوم ٿيو تہ محمد علي شاهہ وارا اڳ ۾ ليگ وارن سان طئي ڪري آيا هئا. هينئر صرف هٿ ڏوٽڻو هون. حاجي مولا بخش گهٽي وقت کان اِن راءِ جو هو. دهليءَ ۾ مون کي صاف ٻڌائي ڇڏيو هئائين. شيخ صاحب "قرباني" اخبار ذريعي جيڪا پروپيگنڊا پيو ڪري، اوهان ان کان واقف آهيو. سندس لکڻ مان صاف واضح آهي تہ هو مسلم ليگ وارن کي ويٺو واجهہ وجهي تہ مانَ ڪو سنديسو موڪلين.

باقي مسلم ليگ کي نہ ڪو پروگرام آهي، نہ مقاصد آهن ۽ نہ سندس اڪثر ماڻهن ۾ استقلال آهي.

بهرحال، اصل ڳالهہ جا مون کي نظر آئي، سا هيءَ هئي تہ "پاور" کان ٻاهر رهڻ ۽ صبر ۽ ڪوشش ڪرڻ جي لياقت ۽ طاقت، اسان جي دوستن ۾ ڪانہ آهي. ٻن ڇئن سالن جي ڪوشش کي قرباني سمجهي، سموريءَ محنت تي پاڻي ڦيري ڇڏين. آخر فيصلو اهو ٿيو تہ مسلم ليگ ۾ شامل ٿجي.

اوهان کان هاڻي پڇان ٿو تہ "چيست ياران طريقت بعد ازين تدبير ما"! آءُ اڄ هندستان ڏسي آيو آهيان. دهليءَ ۾ بہ ڪيترو وقت رهيس. سنڌ جي حالت، مسلم ليگ ۽ پنهنجي پارٽيءَ جو غور سان مطالعو ڪيم. آءُ اڃا تائين پنهنجي جاءِ تي قائم آهيان. آءُ فيصلو ڪري چڪو آهيان تہ

"پيوست رہ شجر سي اميد بهار رک_"

پر جيڪڏهن اوهان صاحب ٻيءَ راءِ جا آهيو، تہ پوءِ آءُ رهي کهيءَ سياست کان علحده ٿي، وڃي گوشہ نشين ٿيندس، ۽ جي ٿي سگهيو تہ سنڌ مان لڏي ويندس. باقي آءُ سنڌ کي ذبح ٿيندو ڏسي، وڃي قاتلن سان ملان، محض ان ڪري تہ هنن جي هٿ ۾ طاقت آهي، سا ڳالهہ ناممڪن آهي، ان کان خودڪشي ڪرڻ بهتر آهي. اوهان جيستائين ڪتاب لکي پورو ڪندا، اوستائين اسان جا رهيل کهيل ورق بہ ميسارجي ويندا. هر ڪم لاءِ موقعو ۽ مهل هونڊي آهي، اوهان اوڳيءَ ڏاڄيءَ وانگر جنهن طرف رخ ڪيو، تہ پوءِ موٽڻ يا ٻئي پاسي ڏسڻ محال آهي.

منهنجو عرض فقط ايترو آهي تہ اوهان منهنجي رهنمائي فرمايو تہ هاڻي آءُ ڪهڙو رستو وٺان. جيڪڏهن اوهان جي راءِ بہ اها آهي تہ ان کان مطلع ڪندا. اوهان لاءِ منهنجي راءِ آهي تہ اوهان بہ فضل الحق وانگر مسلم ليگ ۾ وڃو. ڪن سالن تائين اسان وارو رستو ڪامياب ڪونہ ٿيندو ۽ اوهان کي پاور حاصل ڪونہ ٿيندو. باقي رهيس آءُ، سو پنهنجي جاءِ تي قائم آهيان.

"سر داد نداد دست بر دست يزيد"

اها ٻي ڳالهہ آهي تہ آءُ ڪجهہ بہ نہ آهيان. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ منهنجي ڪا هستي ڪانہ آهي. آءُ ڪجهہ بہ ڪري نٿو سگهان. پر ان جي معنيٰ اها نہ آهي تہ پنهنجي راءِ بہ ڪانہ اٿم.

اوهان يلي عملي سياست جو رستو وٺو ۽ آءُ حماقت جو!

"زاهد شراب ڪوثر حافظ پيالہ خراست"

بهرحال فيصلو ڪري، مون کي اطلاع ڏيو. آءُ اوهان جي خط جو منتظر هوندس. . . .

[80]

ڪراچي،
5 اپريل 1947ع......

اگر آسمان زمين و زمين آسمان شود،
بيدل نيم هنوز بہ بينم چمي ڪنم.

ادا، خط مليو. محمد علي شاهہ وارا لاچار آهن. هو ماحول ئي اهڙي ۾ رهن ٿا. آخر منشين جو سياسي بالغ نظريءَ سان ڪهڙو واسطو؟ ۽ ان ڪانسواءِ.

قدم نامبارڪ وسعود، گر بدريا رود بر آرد دود.

ميٽنگ ۾ بہ مون اهوئي عرض ڪيو هو تہ جن صاحبن کي اسان جي مسلڪ سان اختلاف آهي، سي خدارا جلد جدا ٿي وڃن. يڪدليءَ ڪانسواءِ ڪنهن بہ تحريڪ جو هلڻ ممڪن نہ آهي.

منهنجي لاءِ اوهان کي نہ شڪ ڪرڻ گهرجي، نہ فڪر. اسان جي چريائي ۽ عاقبت نااديشي خود اسان جي استقلال جون بهترين ضمانتون آهن. لوڪ لهوارو، عاشق اوپارا. آءُ اوهان کي يقين ٿو ڏياريان تہ موجوده حالتن ۾ منهنجي جان تائين اوهان جي قدمن تان قربان ٿيڻ لاءِ تيار آهي. آءُ اوهان وٽ گروي پيل آهيان. جيستائين موجوده حالتن جو معاملو آهي، مسلم ليگ وارا اهڙا قدم کڻي رهيا آهن، جو مسلمانن جو هندستان مان تڏو پٽجي ويندو. اسپين وارو حال ٿيندن. آءُ هندستان جي دوري ڪرڻ بعد ان راءِ جو ٿيو آهيان، تہ سڀ کان وڏيڪ جو مسلمانن کي نقصان پهچي رهيو آهي، سو اهو آهي جو عام مسلم قوم جي ذهنيت معڪوس ۽ بهيمانہ ٿيندي پيئي وڃي. پر ڇا ڪجي.

من گنگ خواب ديده، عالم تمام ڪر،
من عاجزم زگفتن خلق از شنيدنش.

بهرحال حق جو آواز ڪيڻ ضروري آهي.

ڪس بشنود يا نشنود من هاي هوي ميڪنم!......

## [81]

دادو

12_ مئي 1947ع

...... 13 _ تاريخ سن اُچي، ٻيءَ گاڏي ۾ روانو ٿيندس. سواري اسٽيشن تي موڪليندا......_

## [82]

آراضي،

6_ ڊسمبر، 1947ع

..... آءٌ هتان ڦڪن ۾ ويندس. مهرباني ڪري خبر موڪل ته ڪراچيءَ ڪڏهين هلندين؟ 10 تاريخ ڌاري ڪراچيءَ ۾ پهچي، اليڪشن ٽربيونل جي ڪم لاءِ اڳوات صلاح مصلحت ۽ تياري ڪجي......_

⦿

# 1948ع

## [83]

**سنڌ آبزرور، ڪراچي،** 19- آگسٽ 1947ع .. ڪيس جي خبر شامل خط مان معلوم ٿيندي. حيدرآباد ۾ 23 تاريخ کان 26 تاريخ تائين هلندو. لُولا ڪي ڪيس ۾ بيان ڪرڻ لاءِ تيار ڪرڻ گهرجي. هو بمبئيءَ ۾ آهي، جتان سڀ رفرنس جا ڪتاب ڪيس ملي سگهندا. هاڻ شايد وڏيڪ پيسا گهرجن، پر جيئن هن وقت تائين صبر سان برداشت ڪيو اٿئون، هينئر بہ صبر ڪرڻو پوندو. ڪماري ڄيٺيءَ ڪي لک تہ ساٽس ملي، هوائي جهاز رستي جواب موڪلي. ٻيون ڪيتريون ڳالهيون ڪرڻيون آهن. حيدرآباد مان شايد سن اچان. ممڪن آهي پاڻ متفق راءِ نہ ٿيون، پر آءٌ پنهنجو طرف پيش ڪندس.

عامريءَ واري مير محمد شاه هر طرح جي مخالفت ڪئي آهي. هن ڪي وزيرن طرفان نوڪري ڏيڻ جي آڇ ٿي آهي. اِها ڳالهہ پاڻ مون ڪي ٻڌايائين. اسان ڪي اهڙن ماڻهن تي ڪاوڙ جي عيوض رحم ڪائڻ گهرجي، جي بکئي پيٽ خاطر هر حرڪت کان گريز نٿا ڪن......

[هِن خط سان گڏ لُولا ڪي. بمبئيءَ ۾ لکيل خط جي ڪاپي موڪليائين، جنهن ۾ ڪيس لکيائين تہ سيد نظربنديءَ جي حالت ۾ ڳوٺ آهي، ڪيس پاڻ (راشديءَ) پٽي هلايو اٿس. وري ڪيس 23 کان 26 آگسٽ تائين هلندو 20 ۽ 30 تاريخ سيپٽمبر جي بيان ٿيندا- تون اچي ڪيس هلاءِ... شرط لکي موڪل.....]

[84]

سنڌ آبزرور ڪراچي،
3- ڊسمبر 1948ع

... ... اسان جون اخبارون بہ ڏينهن بند ڪرايون ويون. تنهنڪري توکي نہ پهتيون هونديون. هاڻ وري جاري ٿيون آهن. ڪجهہ پرچا موڪليان ٿو. منهنجا دوست مضبوط آهن. ڪنهن بہ حد تائين اليڪشن پٽيشن ڪامياب ٿئي.....-

[85]

سنڌ آبزرور ڪراچي،
8- ڊسمبر 1948ع

... ... شامل نوٽيس پير الاهي بخش تي تعميل ٿيو آهي. 14 تاريخ تي ٽربيونل سندس جواب تي غور ڪندي پوءِ اسان جو طرف ان کي ٻڌڻو پوندو.

بروهيءَ جو چوڻ آهي تہ 11 تاريخ ڪنهن بہ صورت ۾ پهچي وڃ....-

# 50_1954ع

## [86]

سنڌ آبزرور ڪراچي،
17 اپريل، 1950ع

....... منهنجي صحافين جي انجمن جي پريزيڊنٽ چونڊجڻ تي مبارڪباد موڪليل پهتي. مهرباني. آءُ حتي الامڪان خدمت ڪندو رهندس. جي نہ، تہ بہ ڪتاب ۽ شڪار تہ مون کان ڪير بہ ڇڏائي نٿو سگهي- زميندارن سان سمجهوتو ڪڏهين بہ نہ ڪندس، جيستائين اهي ختم نہ ٿيا آهن.....-

## [87]

[18- اپريل 1950ع تي مون علي محمد شاهہ راشديءَ کي خط موڪليو جنهن ۾ سندس گهرڻ تي ڏانهنس ريڊيو پاڪستان بنسبت سڏارن لاءِ ڪجهہ تجويزون موڪليم.....]

## [88]

القاهره، مصر،
24- اپريل 1951ع

...... هوائي اڏي تي اماڻن لاءِ اچڻ واسطي شڪريو. هتي مصر ملڪ جو هر حصو ڏٺو اٿئون. هنن، جا ترقي ڪئي آهي، سا حيرت ۾ وجهندڙ آهي. سنڌ ۽ مصر ۾ ڪو تفاوت نہ آهي. ايست وڪ صحيح هو. جڏهين هن سنڌ کي "نئون مصر" سڏيو هو. سياڻ لنڊن وڃي رهيا آهيون. اُتي مون کي اتي جو احوال موڪليندو رهج.

## [89]

[ڊسمبر 1951ع ۾ سيد علي محمد شاهہ راشديءَ سنڌ ۾ "92- الف" لڳڻ ۽ گورنر دين محمد ۽ وزارت بابت، پاڪستان نيوز پيپرس ايڊيٽرس جي ڪاميٽيءَ اڳيان هڪ ڊگهو بيان ڏنو. ان بيان جي ڪاپي مون ڏانهن موڪليائين.]

## [90]

پير جو ڳوٺ،
11- اپريل 1953ع

...... اسيمبليءَ ۾ موٽي چونڊجي اچڻ تي مبارڪ هجيو. شايد وري اڳئين جوش خروش جون گهڙيون موٽي اچن!-

## [91]

روينيو وزير، سنڌ سرڪار- ڪراچي،
18- جون 1953ع

..... خط پهتو. مهرباني- نهايت ارمان آهي تہ تو مون کي وساري ڇڏيو آهي. اسان جي مسلم ليگ وزارت جي مخالفت ڪري، پلي وزارت مان ڪيڻ جي ڪوشش ڪر، پر شخصي لاڳاپو ۽ سياسي صلاح مصلحت ڏيڻ کان بہ علحده رهين، اها ڳالهہ توکي جڳائي ڪانہ ٿي. آءٌ دادوءَ ويندس، شايد سن اچان..... -

## [92]

4- فيبروري 1954ع

....... ملڪ سڪندر وارا ڪوٺڙي کان تعلقي جو هيڊ ڪوارٽر سن کٽي وڃڻ تي ڏاڍا ڪاوڙيل آهن. آءٌ فيصلو ڪو نہ ڦيريندس. سِر ويندو پر اوهان جي حڪم جي انحرافي نہ ڪندس. چئن ڏينهن جي چانڊنيءَ کان احسان فراموش نہ ٿيڻو اٿم....

[ 18- نومبر 1954ع تي سيد علي محمد شاهہ راشديءَ پريس ڪانفرنس ۾ ون يونٽ بابت سوالن جا جواب ڏنا. جنهن جو احوال "ڊان" اخبار ۾ هينئين ريت ڇپيو:

...... هو ون يونٽ مغربي پاڪستان ۾ نهڻ هيٺين شرطن تي قبول ڪندو:

(1) سنڌ کي وعدي ڪيل حق قانوني طور ڏيڻ جو آئين ۾ انتظام ڪيو وڃي ۽ اهي عدالتي طريقي حاصل ڪري سگهجن.

(2) سنڌ مان جيڪا بہ سرڪاري آمدني ٿئي، اها سنڌ تي خرچ ڪئي وڃي.

(3) سنڌ جون صوبائي نوڪريون سموريون سنڌين جي هٿن ۾ ۽ سنڌن سنڀال هيٺ هجن.

(4) سنڌ جون زمينون ٻهرين غير زمين سنڌين ۾ ورهايون وڃن، پوءِ ڪجهہ حصو سنڌ ۾ رهندڙ غير زمين مهاجرن ۽ ٻين غير سنڌين ۾ ورهائجي تہ اعتراض ڪونهي.

(5) مٿئينءَ طرح زمين جي ورهاست ڪانپوءِ جيڪا زمين بچي، سا يلي ڪنهن مقرر ڪيل ايراضيءَ کان گهٽ ايراضي رکندڙ ماڻهن کي نيلام ڪئي وڃي.

(6) جملي مرڪزي ۽ وڏين نوڪرين ۾ سنڌ کي مقرر تعداد نوڪرين جو ڏنو وڃي.

(7) ون يونٽ بعد مرڪز ۾ صرف ٽي کاتا رهن- بچاءَ، امور خارجيہ ۽ سڪو.

(8) سنڌو نديءَ جي سنڌ لاءِ پاڻيءَ جي حصي ۾ دست اندازي نہ ڪئي وڃي.

(9) سنڌي زبان ۽ ادب تي ٿيندڙ موجوده خرچ ۾ گهٽتائي نہ ڪئي وڃي.

(10) سنڌي زبان ۾ ادب تي ٿيندڙ موجوده خرچ ۾ گهٽتائي نہ ڪئي وڃي.

(11) سنڌ سان واسطو رکندڙ ڳالهين بابت اهڙو ڪوبہ قانون پاس نہ ڪيو وڃي، جنهن جي فائدي ۾ سنڌي ميمبرن جي اڪثريت ووٽ نہ ڏنو.

راشدي صاحب ظاهر ڪيو تہ ون يونٽ جو نهراءَ انهن شرطن سان سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڊسمبر ڌاري آڻي پاس ڪرايو ويندو....

⊙

# 56_1958ع

## [94]

ڪراچي،
15_ جنوري 1956ع

..... آءُ، حسام الدين شاهہ ۽ خير شاهہ سارو ڏينهن وعدي موجب سڪرنڊ ۾ انتظار ڪري، موٽي ڪراچيءَ پهتاسون. سمجهان ٿو تہ پروگرام سمجهڻ ۾ غلطي ٿي هوندي.....

خير شاهہ ڪي گهرايو اٿم. مهرباني ڪري ڪونٽڙيءَ ۾ ڪلاڪ ڪن لاءِ ايندا. سائين خير شاهہ تمام مجبور آهي. ڪيس ڏسي ڪهل اچي ٿي. سائين حسن بخش شاهہ هينئر انساني سطح کان چڙهي، اعليٰ مڪان تي پهتل آهي، پر ان هوندي بہ ساڻس گفتگو ڪرائڻ ۾ عيب ڪونہ آهي.....

## [95]

ائمبيسيڊر پاڪستان: منيلا، فلپئان،
15_ نومبر 1957ع
برادر گرامي،

ياد نمي ڪني وز يادم نمي روي،
عمرت دراز باد فراموش گار من!

جوءِ جا گابا ڏسي، مورڳو جُوءِ ڪي ئي جواب ڏيڻو پيو.

گانڊوءِ سندي گام ۾ گهر آڪن جو اڏ،
جي چون ئي لڏ، تہ لاهيون وچينس لتن سان.
(سانگي)

هت ڪم از ڪم ايترو فائدو فائدو ضرور آهي تہ اُنهن متبرڪ صورتن جي مجبوري زيارتن کان آجا ٿيا وينا آهيون. اهو اوهان جو دل گردو آهي، جو صبح شام ايڏي مهاڏ کي منهن ڏيون وينا آهيو پيا سندن صورتون ڏسو ۽ دل ۾ پڇايو ۽ آسري تي زنده رهو تہ بانڪن جي فوج سان آخر لکنو جو قلعو فتح ڪندا! همت جو ڪم آهي- چي، "ادا خير محمد، خالي دل جهلڻي آهي!" اوهان دل جهلي ويا آهيو. اسان جي دل قدري ڪمزور واقع ٿي آهي. ان شيءِ جو اعتراف آهي.

پنهنجي ادبي ذوق سان تعلق رکندڙ ڳالهين بابت پنهنجي دور افتاده پراڻي ساٿيءَ کي ياد ڪندا رهندا، تہ مهرباني اوهان جي سوانح تي پنهنجي ڪتاب جو باب، ٽيون ڏينهن ختم ڪيو اٿم. ڪتاب تيار آهي. ڊسمبر ۾ جي ڪراچيءَ آيس تہ ڪٺيو ايندس —

حسام الدين ۽ پوين جي پارت اٿو. نہ اوهان اسان جو ڏک ڏسي سگهندا، نہ اسان اوهان جو درد برداشت ڪري سگهنداسون. دلين کي درياءَ جون سيرون بہ ڊار ڪري نٿيون سگهن. هتان جو مختصر حال- ملڪ گرم ڪيسو سرد! الله کي ياد ڪرڻ جا موقعا بي حساب- تنهنجو پراڻو ساٿي-

## [96]

ائمبيسيڊر پاڪستان ۽ هانگ ڪانگ

28- فيبروري 1958ع

.... ديش ڀڳت، سنڌ پوشڻ، ياءُ سئد، سدا ياشانه! هت اوهان جي پراڻن مودين، يعني شريمتي جيني بائيءَ جي آکهہ جا ڪارونيار ڪٽڪ ڏسي، پنهنجي اڳوٺي پوتر سيپتا ۽ شد سنڌي ياشا سان محبت وارا سڙي ويل سلا وري من اندر مورجي پيا آهن. تنهن ڪري پياڙا ياڙ هن چنيءَ جو مهڙ نمشتي سان ڪريان ٿو سو نمشتي واچڻي-

واڌو وينتي هيءَ تہ ڪالهہ ڪنهن سجڻ جو پنيل ڪاڳر مليو جنهن ۾ هيءَ شيپ سماچار سمايل هو تہ اوهان جي ڪڪي جو وواهہ ڏي ڊام ڊوم سان ٿي گذريو. سو اوهان کي پائو لک لک واڌايون هجن. سيپ سک، پر اندڙ

اگهہ تي ڏيندوسان۔' پوءِ ائين ڪندي، پاڻ ۾ وڙهيو پون، ۽ وچ بزار ۾ بيهي، وڏيرڪيءَ ٻوليءَ ۾ هڪٻئي سان ڏي وٺ ڪن! جڻ هانگ ڪانگ جي بزار نہ آهي، پر سنڌ اسيمبلي آهي۔ محمد امين جا هٽ ۽ گزدر جي نيڪتاءِ آهي! آهن چيني بہ پنهنجي نانءِ، پر سنڌي، سنڌي آهن. هينئر تہ بنهہ ٻي ٻڪري ڪري ڇڏيو اٿائون. ڪنهن ڏينهن انگريز ويا، تہ سنڌ وانگر هتان بہ کين نڪرڻو پوندو. سندن نئين پوش تہ اڳئين ڪان بہ وڌيڪ جهريلي آهي. ڇگو ٿيو جو اسان وٽان نڪري ويا، نہ تہ ڇئي نٿو سگهجي تہ اڄ تائين ڇا ٿي گذري ها. منيلا ۾ هزار کن آهن، پر اڳين جا پرڪار ڏسي، هينئر سرڪار ڪنهن بہ سنڌيءَ کي نئين سر فلپائن ۾ اچڻ جي ويزا بلڪل نٿي ڏئي.

سو ڀائو اهي آهن. حال هينئر جهاج جو ٽائيم آهي. منيلا وچي رهيو آهيان. ڇني پوري ڪريان ٿو. رام رام۔ – اوهان جو شيواڌاري، آئو للو ممو ههو ممو ددو ررو ڇڇو ددو.

## [97]

منيلا، فلپائين،

6۔ جون 1958ع

...... جئيم شال جئيم! اوهان جو خط حسام الدين ذريعي ڪجهہ ڏينهن ٿيا، تہ مليو. پڙهي ڏاڍي خوشي حاصل ٿي. ڪي گذريل زمانا ياد اچي ويا. حقيقت هيءَ آهي تہ:

اڄ نہ پسان سي آتڻ ڪتيم جن سين،
هاٽي تنهين کي ڪنڌيءَ ڪاڪ نهاريان۔

پر ڪالهہ ڪراچيءَ جي هڪ اخبار جو پراڻو پرچو اچي مليو جنهن ۾ لکيل هو تہ نصيب دشمنان اوهان کي دل جي تڪليف محسوس ٿي رهي آهي.

عزيزي، نام مولا. ورنڌڙ ٽپال ۾ اطلاع ڏيندا تہ اها ڳالهہ ڪيتري قدر صحيح آهي. هينئر طبيعت جو ڪهڙو حال آهي! علاج ڪير ڪري رهيو آهي؟ اوهان پاڻ ڪٿ آهيو وغيره. جيڪڏهن جان بخشي ٿئي، تہ هڪ اڌ

صلاحڙي بہ عرض ڪري ڇڏيان. عرض هيءُ آهي تہ ڪجھ آرام وٺو. دماغ کي هجوم تفڪرات کان آجو ڪريو. مِرن جو ماتم ڪندي بنھ پاڻ کي ماري نہ وجھبو. اِهي مِرون آهن. جي فقط مارين جو چيو مڃيندا آهن ـ جتان لڳندن موچڙا اتي ڪندا سلام. باقي ٻئي ڪنهن کي پڇڻ وارا ڪونہ آهن. ذرا سندن احسان منديءَ جا مظاهرا ڏسو. عبدالمجيد شيخ رانده مجلس ۽ **عبدالحميد جتوئي مير مجلس! قدرت بغير علت ۽ سبب جي اِنهن ظالمن کي پڳن جي پلاند ۾ اَنا ٻڌائي، لاهور جي گهٽين ۾ نہ گهمايو آهي ـ پنهنجي ڪئي جي سزا پيا لوڙين.**

سنڌ جدا ٿيڻ کانپوءِ سارا سترهن سال پنهنجي سنڌي مسڪينن ۽ گگدامن ڳوناٺن جي پاڻ ويهي رت چوسيائون. نہ داد نہ فرياد. جو مسڪين وڏيرن تي دانهين بنجي ڪراچيءَ پهتو. تنهن جي وزيرن وٽ تہ بنھ شنوائي ڪانہ ٿي. مورڳو جيڪي پني پاڻ سان آندو هٿائون. سو سيڪريٽريٽ جي منشين کسي ورتن. اهو مظلوم بہ سنڌي، وزير بہ سنڌي، سيڪريٽريٽ وارا بہ سنڌي. پر ان وقت نہ سنڌ جو ڪلچر ٿي ختم ٿيو نہ شاهہ ڀٽائيءَ جي ڪلام سان ڪنهن هٿ چراند ٿي ڪئي. ان روحاني اطمينان ۽ قلبي سڪون جو سبب فقط اهو هڪ هو تہ **ان زماني اندر غريب آزاريءَ جا اهي ڪنٽرئڪٽ سڀ وڏيرن ۽ ڪامورن جي پنهنجي هٿ ۾ هوندا هئا ۽ رت نڪتي ٿي گگدام ڳوناٺن جي رڳن منجهان.** پر اڄ اُنهن بگهڙن کي خود ملڪ بدر ٿي، **لاهور ۾ پنهنجي سير چوڙائڻي پوي ٿي ـ** تنهن ڪري ساري سنڌ خطري ۾ پئجي ويئي آهي سندن اصلي آکيرا، جي مسڪينن جي هڏن مان اڏيل هوندا هئا، سي قدرت جي وگهي اڄ اجڙي ويل آهن. ۽ اهو ڪم هينئر اوهان صاحبن پنهنجي ذمي فرمايو آهي تہ ڪين وري اهي ساڳيا آشيانا اڏي ڏيو.

اهو نٿا سمجهو تہ ايها قدرت طرفان انهن بگهڙن کي سزا ملي رهي آهي، ۽ جنهن وقت بہ اُن وٽ پڪڙ وگهي، انهن بگهڙن جو دم نڪري ويندو ان وقت قدرت اسان جي ٿوريءَ ئي ڪوشش سان دوباره مينگھ ملار ڪري ڏيندي! پر ان وقت طاقت جو مرڪز غريب هوندا ۽ نہ بہ درجن ڦورو وزير نما وڏيرا يا ۽ بہ چار سؤ ڪامورا. خدارا ڪجھ وقت ڇڏيو تہ قدرت پنهنجو

## خط ۽ مضمون 133

سو بہ اهڙيءَ خود اعتمادي سان جهڙيءَ خود اعتماديءَ سان اسان جا علماءَ سگهورا ريل جي پليٽ فارمن تي زنانہ گاڏن ڏانهن منهن مبارڪ ڪيون، اگهڙن جا پلاند چڪن ۾ جهليو پيا وَٽ پچائيندا آهن۔ ان يقين ڪامل ۽ جوش ايمان سان تہ ڏينهن قيامت جي سندن ڦٽا ڪيل اهي سمورا ڦوڙا ملائڪ سگهورا پاڻ هٿن سان اين. ڊبليو آر جي سمورن پليٽ فارمن تان ميڙي، گڏ ڪري، آڻي خدائي ترازوءَ جي ٻئي پڙ ۾ وجهندا، ۽ انهيءَ مقدس مواد جي وزن وگهي سندن گناهن جو بار گهٽجي ويندو ۽ باري تعاليٰ کين نئين سر پرمٽ عطا فرمائيندو تہ هو بهشت برين ۾ قدم رنج فرمائي، وڃي ستر حورن ۽ اڪيچار غلمانن جي پزيش (مالڪاڻو قبضو) وٺندا. اوهان کي شايد معلوم آهي تہ انهيءَ مناسبت سان ئي اسان جي علماءِ ڪرام استنجا جي ڦوڙن تي اگهواڻ ئي وَٽُ (بمعنيٰ وزن، تور) جو نالو رکي ڇڏيو آهي!

قبلہ سائين، اوهان بہ اڄ مولوي صاحبن وانگر تصور فرمايو ويٺا آهيو تہ اوهان ٺهرائن ۽ عهدنامن جي ڍيلن وسيلي جرائم پيشہ سنڌي سياسي مانوپلسٽش جي اگهوڻ سترهن ورهين وارا سمورا گناهہ هلڪا ڪري، کين جنت جو نئون پٽو وٺي ڏيندا، ۽ هو دوباره آزاد ۽ فعل المختيار بنجي، اچي سنڌ جي ساڳين مسڪينن مٿان اهڙيءَ طرح ڪڙڪندا، جهڙيءَ طرح بهشت اندر حورن ۽ غلمانن مٿان مولوي صاحبان پر يفعل الله مايشاءِ۔ وقت پاڻهي وڃي انهن مسئلن کي فيصل ڪندو. سردست، عزيز گرامي سوال آهي اوهان جي علاج جو. ان باري ۾ هيٺيون نسخه. جو صدري، بلڪل مجرب ۽ سو في صدي سوديشي، سنڌي ٻوٽين جو مرڪب آهي، استعمال فرمائي ڏسندا، تہ شايد فائديمند ثابت ٿئي۔

هوالشافي

| | | |
|---|---|---|
| چوڏن جو ٻورو ........ | گاهہ جا پراڻا پن ......... | ٻوٽي جا گل............... |
| 6 ماسا | 2 ماسا | 4 ماسا |

اُنهن کي ڪٽي، ڇاڻي، عرق، عشق مجاز جو ڪارساز عشق حقيقي آهي، سان پي ڇڏيندا. ڪڏهن ڪڏهن مولوي محمد صادق راڻيپور واري جا حب هاضمہ پڻ استعمال ڪندا۔ انشاءَ الله، درد دل دفعي ٿي ويندو!۔

# مضمون

[ پير علي محمد شاهه راشديءَ جو لکيل هيٺيون مضمون ٽن حصن ۾،
اخبار ”قرباني“ عيد نمبر تاريخ 28 آگسٽ 1946ع ۾ شايع ٿيو.]

[1]

# سنڌ جي انقلابي تحريڪ جو اڳواڻ
# مسٽر جي. ايم. سيد
## سندس مقصد، مٿا ۽ اصول

مسٽر جي ايم سيد جي انقلابي اڳواڻي، جنهن سنڌ جي سياست اندر طلاطلم پيدا ڪري ڇڏيو آهي، ٿوري وقت اندر ساري هندستان کي وڪوڙي ويندي. جيڪي ڳالهيون هو صاحب سنڌ ۾ رائج ڪرڻ گهري ٿو ۽ جيڪي تڪليفون هو سنڌ جي سر تان لاهڻ گهري ٿو سي ساڳيون ڳالهيون ساري هندستان کي درڪار آهن ۽ اهي ساڳيون تڪليفون گهٽو ڪري هندستان جي هر هڪ صوبي ۾ موجود آهن.

سيد جي تحريڪ لاءِ سنڌ نقط هڪ تجربه گاهه. امتحان جي ميدان، يا ليبارٽريءَ جي حيثيت رکي ٿي. ورنه ان جي عمل ۽ اثر جو حلقو ساري هندستان تي محيط ٿيڻو آهي ۽ سارو هندستان انهن اصولن ۽ تجربن مان فائدو وٺي سگهي ٿو. سيد صاحب جي اصولن جو مجموعو نهايت وسيع آهي ۽ اسلامي سوسائٽي، ۽ حڪومتي معاملن جي هر هڪ شعبي سان تعلق رکي ٿو. جيڪڏهن انهن اصولن تي اڄ ئي عمل ڪيو وڃي، ته هوند

هندستان جي ماڻهن جي حياتيءَ جو ڪو بہ پهلو مريض حالت ۾ ڪونہ رهي چو تہ اچ انهن اصولن جي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ ڏسون تہ اهي ڪيتري قدر مفيد آهن ۽ ڪيتري قدر هاڻوڪين حالتن سان ٺهڪي اچن ٿا.

## عام، مکيہ ۽ وڏا اصول

عالم اسلام جي آزادي جي. ايم. سيد ڳهري ٿو تہ ڪنهن بہ ملڪ يا قوم کي اهو اختيار نہ هجڻ گهرجي تہ هو ٻئي ملڪ يا قوم کي غلاميءَ جي حالت ۾ رکي، چو تہ غلاميءَ جي ملڪگيريءَ ڪري جنگيون ٿين ٿيون، انسان ذات تباهہ ٿئي ٿي ۽ انساني اخلاق تباهہ ٿي وڃي ٿو. ان اصول پٽاندر هندستان يڪدم آزاد ٿيڻ گهرجي.

هندستان جي آزاديءَ مان وڏو فائدو خود اسلامي دنيا کي پهچي ٿو. جيڪڏهن هندستان اچ آزاد ٿئي، تہ هوند سياڻي انگريز اسلامي ملڪن ايران، عراق، مصر، شام، فلسطين مان تپڙ ٻڌي روانا ٿين- چو تہ هندستان جي هٿان نڪري وڃڻ بعد کين انهن ملڪن ۾ دخل ڏيڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانہ رهندي. هو انهن ملڪن کي قبضي ۾ ڪري ان ڪري رکيون ويٺا آهن، جو هو هندستان جي رستي تي آهن ۽ هندستان کي قبضي ۾ رکڻ لاءِ ضروري آهي تہ رستي وارا ملڪ بہ سندن قبضي ۽ اثر هيٺ رهن. تنهن ڪري هندستان جي آزاديءَ جي معنيٰ آهي-

(1) ساري اسلامي دنيا جي سياسي آزادي،

(2) اسلامي تمدن جي يوروپي اثر کان آزادي ۽

(3) اسلامي شرعي قانون جي مغربي پينل ڪوڊ جي گرفت کان آزادي.

پوءِ ساري اسلامي دنيا هڪ مرڪز تي ڪٺي ٿي سگهي ٿي ۽ غلبہ اسلام لاءِ ڪوشش ڪري سگهي ٿي.

ان اصول جو لازمي نتيجو هي آهي تہ اهڙي هرهڪ تحريڪ يا شرارت جي مخالفت ڪئي وڃي، جنهن مان هندستان جي آزاديءَ کي نقصان پهچڻ جو انديشو هجي.

**صوبن جي آزادي:** هندستان جي اندروني جوڙجڪ بابت سيد صاحب جو اصول آهي تہ هر هڪ صوبي کي آزاد رياست تسليم ڪيو وڃي ۽ صوبي جي ڪاروباري معاملن ۾ آل انڊيا کي ڪنهن بہ نموني ۾ دخل ڏيڻ جو ڪوبہ حق نہ هجي. جيڪڏهن صوبا گهرن تہ پنهنجي سهوليت خاطر ڪي ڪاتا ڪن شرطن هيٺ ۽ ڪنهن خاص عرصي لاءِ گڏيل بنياد تي پاڻ ۾ ملي هلائين، تہ ان ۾ اعتراض نہ هجي، مگر اهڙي ڪابہ پابندي قبول نہ ڪجي، جنهن جي ڪري صوبن جي آزاديءَ واري اصول کي نقصان پهچندو هجي.

اهڙي اصول جي عمل ۾ اچڻ ڪري سنڌ، پنجاب، سرحد، بلوچستان، بنگال ۽ آسام خودبخود آزاد ٿي وڃن ٿا ۽ حڪومت هلائڻ جو مڪمل اختيار انهن صوبن جي مسلم اڪثريتن کي ملي وڃي ٿو. ساڳيءَ طرح هندو صوبن کي مڪمل آزادي ملي وڃي ٿي. ۽ هندو مسلمانن جي جنگ هميشہ لاءِ ختم ٿي وڃي.

**اقتصادي نظريو:** مستقبل جي حڪومتن ۽ اقتصادي جوڙجڪ جو بنياد هن اصول تي هئڻ گهرجي تہ ملڪ جي هر هڪ رهاڪوءَ کي ڪافي کاڌي، ڪپڙي، صحت ۽ علاج معالجي جو بندوبست ڪري ڏجي، جيئن ڪوبہ ماڻهو بي روزگاريءَ، مسڪيني يا بيماريءَ جي حالت ۾ نہ رهي.

اهو بندوبست سرڪاري طرح ٿيڻ گهرجي. سرمايہ داريءَ جي موجوده صورت کي بدلايو وڃي، جنهن پٽاندر ساري ملڪ جي دولت سوڙهي ۽ ڪني ٿي، اچي، چند ماڻهن جي قبضي ۾ پيئي آهي ۽ باقي عام خلق خدا بک مرندي پيئي وتي.

**حڪومتي يا جوڙجڪي معاملو:** ملڪ جي حڪومتي يا جوڙجڪي ڪاروبار بابت سيد صاحب جو نظريو آهي تہ ملڪ جي حڪومت ٺاهڻ ۽ ڪهڙي قسم جي حڪومت هجي، تنهنجي فيصلي ڪرڻ جو اختيار چند ليڊرن يا ڊڪٽيٽرن کي نہ هجي. ڊڪٽيٽري جنهن بہ نالي ۾ ۽ جنهن بہ صورت ۾ هجي، ان کي ٽوڙڻ گهرجي. ڊڪٽيٽري شخصي حڪومت جي بدترين منزل ۽ اسلامي جمهوري اصولن لاءِ سخت گهاتڪ آهي.

**انتظامي ڳالهين بابت اصول:** ملڪ جي اندروني انتظام ۽ حڪومت جو بنياد هنن ڳالهين تي هجڻ گهرجي:

(1) حڪومت جو مقصد هجي عام خلق کي آرام، سهوليت، علم، صحت، امن امان، ڪاڌ ۽ خوراڪ پهچائڻ- يعني حڪومت ماڻهن جي مالڪياڻي نه پر نوڪرياڻي هجي.

(2) ڪامورا ماڻهن جا سردار نه پر خادم هجن.

(3) ڍلون ۽ محصول ايتريقدر هجن، جو ماڻهو سهوليت سان ڏيئي سگهن، ۽ انهن جي تقسيم اهڙيءَ ريت هجڻ گهرجي، جو ڪنهن به ماڻهوءَ کي سندس آمدنيءَ جي پنجين پتيءَ کان مٿي محصول ڀرڻو نه پوي (هن وقت سو في صديءَ جيترا محصول به ورتا پيا وڃن.)

(4) حڪومت پنهنجي آمدنيءَ جا مکيه ذريعا محصول نه، مگر هنرن ۽ ڪارخانن کي ٺهرائي، جيڪي سرمايداريءَ جي اصول تي نه مگر نيشنل بنياد تي هلن.

(5) رشوتخوري ۽ ظلم سخت ڏوهه ٺهرائجن، ۽ جيڪڏهن انهن لاءِ موت جي سزا ڏني وڃي، ته به مذائقو نه آهي.

(6) ملڪ جي هر هڪ رهاڪوءَ کي روزگار جي ذريعي موجود ڪري ڏيڻ جي جوابداري حڪومت تي هجي.

## سنڌ جي اندروني انتظامي معاملات بابت

سنڌ جي اندروني ۽ مڪاني ڳالهين بابت جي ايم سيد جو نقطي نگاهه بلڪل واضح آهي.

**سنڌ آزاد ملڪ آهي:** سنڌ هڪ جدا ملڪ آهي. تنهن ڪري ان کي آزاد رياست تسليم ڪيو وڃي ۽ ان جي اندروني معاملن ۾ ڪنهن به ٻاهرينءَ طاقت کي دخل ڏيڻ جو حق نه هجڻ گهرجي. ان اصول جي عمل ۾ اچڻ ڪري سنڌ کي فائدا پهچن ٿا:

1. سنڌ جا ماڻهو غير سنڌين ۽ ٻاهرين ماڻهن جي ڦرلٽ کان بچي وڃن ته ۽ سنڌن سموري آمدني سنڌ جي ڀلي تي خرچ ٿيندي. ٻاهرين ملڪن کان سنڌ کي آزاد ڪرائڻ ڪري، سنڌ جي ساليانه آمدنيءَ کي گهٽ ۾ گهٽ ارب (سو ڪروڙ) روپين جي بچت ٿيندي، جيڪا دولت خود سنڌ جي ماڻهن جي بهبوديءَ تي خرچ ٿيندي.

2. سنڌ ۾ ايترين نوڪرين ۽ روزگار جا ايترا ذريعا پيدا ٿي پوندا، جو سنڌ جو ڪوبه پڙهيل يا اڻ پڙهيل ماڻهو بي روزگار ڪونه رهندو.

3. سنڌ جي ماڻهن جي زندگي ۽ رهڻي ڪرڻيءَ جو درجو ايتريقدر اوچو ٿي ويندو، جو هندستان جي ڪنهن ٻئي صوبي جا ماڻهو سنڌن مقابلو ڪري ڪونه سگهندا. ڇو ته سنڌ ۾ پيداوار جا وسيلا ايترا گهڻا آهن، جو جيڪڏهن انهن کي غير سنڌين جي هٿوڪيءَ ڦرلٽ کان بچايو وڃي، ته هوند اڪيچار دولت سنڌ اندر پيدا ٿيڻ لڳي.

4. سنڌ جي ماڻهن کي سرڪاري خرچ تي اوچي تعليم ڏيئي، هندستان بلڪ ساريءَ دنيا جي ڪم اچڻ جي قابل بنايو وڃي.

5. هن وقت پرڳڻي جي ساري سرڪاري آمدني سرڪاري ڪامورن جي پگهارن تي خرچ ٿي وڃي ٿي ۽ ماڻهن جي بهبوديءَ تي خرچ ڪرڻ لاءِ مشڪل سان ڏهه سيڪڙو بچي ٿو. آئينده ملڪ جي پيداوار مان ٽيهه سيڪڙي کان مٿي پگهارن تي خرچ ٿيڻ نه گهرجي ۽ باقي ساري قوم صوبي جي تعمير تي خرچ ٿيڻ گهرجي. پگهارن جا اسڪيل اهڙي اصول تي ٻڌڻ گهرجن.

6. ننڍي درجي جي سرڪاري نوڪرن کي وڏيڪ پگهار ۽ وڏي درجي جي عملدارن کي هٿوڪن پگهارن کان گهٽ پگهار ڏيڻ ۾ اچن، جيئن ننڍا ڪامورا ضرورت ۽ حاجت کان آجا ٿين ۽ هو سهوليت سان ۽ بغير رشوت ستانيءَ جي پنهنجو گهر ٻار هلائي سگهن ته.

7. رشوت کي خون جهڙو ڏوهه سمجهيو وڃي، ۽ رشوت جي معمولي شڪ تي به سخت قدم کنيو وڃي. رشوتي ڪامورن جون ملڪيتون ضبط

ڪيون وڃن ۽ سندن خرچ ۽ رهڻي ڪرڻيءَ تي ڪرڙي نظر رکي وڃي.

8. سنڌ جي هرهڪ رهاڪوءَ کي روزگار، توري زمين، گهر، باغيچي ۽ کير، ڏڌ لاءِ ڍڳن ڍورن، مفت تعليم ۽ مفت علاج جو انتظام ڪري ڏيڻ گهرجي. اهڙو پروگرام ٺاهيو وڃي، جنهن پٽاندر پنجن سالن اندر اهي حالتون قائم ٿي وڃن.

9. ڏهن سالن اندر ڪوبه ماڻهو بغير تعليم جي نه رهي.

10. واهن ۽ براجن جي سڌاري جو اهڙو انتظام ڪجي، جيئن سنڌ جي ڪنهن به آبادگار کي پاڻيءَ جي شڪايت نه رهي.

11. زمين جي پيداوار کي وڌائڻ لاءِ سرڪاري خرچ تي سڌارا ڪرڻ گهرجن.

12. حڪومتي ڪاروبار جو بنياد فسادن مچائڻ، خونن ڪرائڻ ۽ بدامني ڦهلائڻ تي نه هجي، مگر اسلامي عدل، اسلامي انصاف ۽ اسلامي امن امان تي هجڻ گهرجي.

13. شرابخوري، چڪلا بازي ۽ ٻين بداخلاقين کي هڪدم بند ڪيو وڃي.

## غور طلب نڪتو

اهي آهن اصول مسٽر جي. ايم. سيد جي انقلابي تحريڪ جا، جيڪي عين اسلامي ۽ نج مسلماني آهن.

پر اڄ سرمايه دارن، رشوتين ۽ سياسي ڌاڙيلن طرفان مختلف نمونن ۾ منظم طور تي سندن مخالفت ٿي رهي آهي.

اها مخالفت ڇو ٿي رهي آهي؟

محض ان ڪري، جو جيڪڏهن اهي اصول عمل ۾ اچن ٿا، ته هاڻوڪن سياسي ۽ ملڪي ڌاڙيلن ۽ غريبن جي رت چوسيندڙن جو هميشه لاءِ خاتمو ٿي وڃي ٿو.

پاڻ بچائڻ لاءِ ڪير ڪوشش نه ڪندو؟

پر اهو فرض خود عوام جو آهي ته حالتن جي ڇڪاس ڪن، فائدي ۽ نقصان جو فرق سمجهن.

[2]

# مسلمانن جو دشمن ڪير؟
# جي. ايم سيد يا خود غرض ليگي ٽولو

دنيا جي تاريخ هن ڳالهہ جي بهترين شاهد آهي تہ جڏهن بہ انسان ذات جي ڀلي خاطر ڪا بہ انقلابي جماعت ڪڙي ٿيندي آهي، تڏهين مردود، مردار ۽ مجرم طاقتون جدا جدا نمونن سان ساڻس جنگ جوٽڻ لاءِ ميدان ۾ اچي موجود ٿينديون آهن. سندن جنگ جا مشهور طريقا هي ٿيندا آهن:ـ

## انقلاب ۽ اصلاح کي رد ڪرڻ جا طريقا

(1) سموريون مردار ۽ مردود طاقتون پنهنجي سر بچائڻ خاطر پاڻ ۾ يڪمشت ٿي وينديون آهن ۽ پنهنجا اڳوڻا اندروني اختلاف وساري ڇڏينديون آهن.

(2) پنهنجي سرمايہ داريءَ جي آڌار تي، هو چندا ڪري وڏو فند ڪٺو ڪنديون آهن، جنهن مان رشوتون ڏنيون وينديون آهن، اخبارون ۽ پروپيگنڊا جا ٻيا اوزار خريد ڪيا ويندا آهن. وچولي درجي جي ورڪرن کي پگهار ڏنا ويندا آهن، دفتر کوليا ويندا آهن ۽ جماعتون ڪڙيون ڪيون وينديون آهن. وغيره وغيره.

(3) انهن بندوبستن بعد عام مخلوق کي پنهنجي فائدي ۾ ڀنيلائڻ ۽ گمراهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، ۽ نئين انقلابي طاقت خلاف غلط فهمين جا قسما قسم طوفان ڪڙا ڪيا ويندا آهن.

(4) جيڪي جيڪي عهدا يا طاقت جا مرڪز هوندا آهن، تن تي قبضو ڪيو ويندو آهي، جيئن اُهي انقلابي جماعت جي قبضي ۾ نہ اچن ۽ سندن خلاف استعمال نہ ٿين. پاڻ ان قوت جي آڌار تي انقلابي تحريڪ ۾

ڪم ڪندڙن کي تڪليفون ۽ ايذاءَ ڏنا ويندا آهن.

(5) انقلابي طاقت کي ناڪامياب بنائڻ خاطر مذهب جي آڙ خاص طرح سان ورتي ويندي آهي. ڇو تہ ساده لوح عوام کي ڀنيلائڻ لاءِ ڪوڙين مذهبي روايتن مان وڏي مدد ملي سگهندي آهي.

(6) جڏهن اهي سمورا اوزار ۽ رستا ناڪامياب ثابت ٿيندا آهن، تنهن ڪانپوءِ ڀهريائين انقلابي طاقت کي رشوت ڏيڻ جي آخرين ڪوشش ڪئي ويندي آهي، ۽ جڏهين رشوت مان بہ ڪم ڪونہ چلندو آهي، تڏهن صالح ۽ امن امان جي نالي ۾ اپيلون ڪيون ونديون آهن.

**اِهي طريقا اول کان استعمال ٿيندا رهيا آهن:** دنيا ۾ اڄ ڏينهن تائين جيڪي بہ انقلابي تحريڪون پيدا ٿيون آهن يا مصلح ۽ ريفارمر پيدا ٿيا آهن، تن سمورن کي مردار طاقتن جي ڪڙي ڪيلن انهن سمورين تڪليفن، رنڊڪن ۽ مصيبتن منجهان لنگهڻو پئي پيو آهي. ڪنهن بہ مصلح يا انسان ذات کي ظلم ۽ ستم کان نجات ڏيندڙ محسن جي سوانح عمري کولي ڏسو تہ اهو سارو نقشو اوهان جي اکين اڳيان ڦرڻ لڳندو.

**مذهبي انقلابن جو مثال:** حضرت ابراهيم عليہ السلام پيغمبرن جي سلسلي ۾ اولين بزرگ هو جنهن انساني اصلاح لاءِ پهريون قدم کنيو ۽ خالق پاڪ متعلق صحيح تصور پيش ڪيو. ڇا اباڻي مذهب، سج ۽ چنڊ جي نالي ۾، سندس مقابلو نہ ڪيو ويو؟ ڇا کيس اوڙاهہ ۾ نہ اڇليو ويو؟

حضرت موسيٰ ۽ حضرت عيسيٰ عليهم السلام جو ڇا حال ٿيو؟ ڪيترا بهتان مٿن ڏريا ويا؟ ڪيتريون نہ اذيتون کين ڏنيون ويون؟

حضرت ختم الانبيا عليہ الصلواة والسلام جي ساري مقدس سوانح اسان جي اکين اڳيان آهي. سندن رستي ۾ ڪيتريون نہ دشواريون پيدا ڪيون ويون؟ ڇا قديمي مذهب جي نالي ۾ سندن خلاف جنگيون نہ لڙيون ويون؟ ڇا طائف جي ڳلين ۾ سندن پيرن مبارڪن کي زخمي ڪري، منجهانئن خون نہ وهايو ويو! ڪهڙي تڪليف ۽ ڪهڙي بهتان طرازي هئي، جنهن مان کين لنگهي پار نہ پوڻو پيو.

حضرت امام حسين عليہ السلام خلاف وقت جي علمائن کان فتوائون

ورتيون ويون، ڪين مذهب کان ڦريل ۽ باغي نهرائي، انتهائي اذيتون ڏيئي، ڪربلا جي ميدان ۾ شهيد ڪيو ويو.

تاريخ عالم جا اهي وڏا مذهبي انقلاب هئا، جن سمورن جي گهڻو ڪري ڪيفيت ساڳي رهي، يعني وقت جي مصلح کي آزاد ۽ بدنام ڪرڻ لاءِ مردود طاقتن پاڻ ۾ ملي، اهي ساريون ڪرستانيون ڪيون، جيڪي پاڻ کي بچائڻ لاءِ هرهڪ مجرم کي ڪرٽيون پونديون آهن جي گهڻو ڪري ڪيفيت ساڳي رهي، يعني وقت جي مصلح کي آزارڻ ۽ بدنام ڪرڻ لاءِ مردود طاقتن پاڻ ۾ ملي، اهي ساريون ڪارستانيون ڪيون، جيڪي پاڻ کي بچائڻ لاءِ هر هڪ مجرم کي ڪرٽيون پونديون آهن.

**سياسي انقلابن جا مثال:** وري اچو سياسي انقلابن تي. اج ڏينهن تائين سڀ کان وڏا ٻه سياسي انقلاب ٿيا آهن، جن جو بنياد ڪن خاص نظرين ۽ اصولن تي هو:-

(1) **فرانس جو انقلاب:** جنهن ۾ جمهوري طريقي حڪومت جو بنياد وڌو ويو ۽ شهنشاهيت جي سرشتي کي ختم ڪرڻ جي پهريون دفعو ڪوشش ڪئي ويئي.

(2) **روس جو انقلاب:** جنهن جي وسيلي زار روس جي ظالمانه گرفت ۽ سرمايه دارن جي مصيبتن کان مزدورن، ۽ هارين ۽ بي زبان عوام کي نجات ڏياري ويئي.

انهن ٻنهي انقلابن جي موقعي تي مردار ڏرين پنهنجي بچاءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ مذهب کي استعمال ڪيو ۽ ٻيا به اهي سمورا طريقا اختيار ڪيا، جن جو مٿي ذڪر ڪيل آهي.

انقلابين کي مذهب کان ڦريل ۽ خود عوام جو دشمن ڪري ظاهر ڪيو ويو.

انقلاب جي اڳواڻن کي مرتد، چريو پاڳل، باغي ۽ ملڪ جي امن امان جو دشمن نهرائي، جلاوطن ڪيو ويو يا ڦاسيءَ تي تختي تي لٽڪايو ويو. عام تحريڪ کي دٻائڻ لاءِ لشڪر اتاريا ويا ۽ انجيل جي نالي ۾ منجهن جوش پيدا ڪري، ڪين انقلابين جي خلاف ميدان جنگ ۾ ڪتب آندو ويو.

اهو سڀ ڪجهه هن مقصد خاطر ڪيو ويو ته انقلاب جي سيلاب کي روڪيو وڃي ۽ اڳيون مردود ۽ مردم آزار طاقتون بر سر اقتدار رهنديون اچن.

## هڪ اهم نڪتو

ان سلسلي ۾ جو نڪتو سڀ کان وڌيڪ اهم ۽ سڀ کان زياده خيال ۾ رکڻ جي قابل آهي، سو هيءُ ته **حق ۽ ناحق جي انهن سمورين مقابلن ۾ مذهب کي مروڙي سروڙي مڙيوئي ناحق جي فائدي ۾ استعمال ڪيو ويو ۽ نه حق جي مدد ۾.** اها سخت افسوس ۽ ارمان جهڙي ڳالهه آهي ته مذهب کي هڪ ناجائز نظريي جي فائدي ۾، عين سندس مقصد ۽ صحيح مفهوم جي خلاف، ڪتب آندو وڃي. مگر دنيا جي تاريخ ڏيکاري ٿي ته ٿيو هميشه ائين ئي پئي آهي. تاريڪ ۽ ظلمي زماني جي هيءُ هڪ وڏي خصوصيت هوندي آهي ته مذهب کي هميشه ظلم جي قيام لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي ۽ نه اصلاح حال لاءِ. اهو مذهب سان وڏو ظلم ۽ انسان ذات سان وڏو هاڃو ٿيندو رهيو آهي. پر ڪجي ڇا؟ دنيا جو دستور اهوئي آهي.

## سنڌ جي انقلابي تحريڪ ۾

ان ڪانپوءِ انهن حالتن کي نظر ۾ رکي، اوهان سنڌ جي سوال تي غور ڪريو ۽ جي ايم سيد جي تحريڪ جو مطالعو فرمايو. <u>هن وقت به ڏريون آهن.</u> سنڌ جي سياست ۾ به ڏريون آهن- يعني

(1) هڪ ڏر اها آهي، جنهن ۾ ساري صوبي جا سرمايه دار سيٺيون، جاگيردار، زميندار، وياج خور، سرڪاري ڪامورا، بليڪ مارڪيٽي، سريون، سردار بهادر ۽ خان بهادر اچي ڪٺا ٿيا آهن. ۽ جن جي طاقت کي قائم رکڻ لاءِ سنڌ جو گورو گورنر پڻ قاعدي بي قاعدي پيو هلي، ۽ جنهن جي امداد سنڌ جي سموري ڪامورا شاهي پيئي ڪري. انهن ڏرين جا پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ڪيترا به اختلاف آهن. مگر جتي جي ايم سيد جي انقلابي تحريڪ جي ڳالهه ڪرڻ جو سوال اٿي ٿو اتي هو سڀ ڪٺا آهن. وٽن پئسو به آهي، وزارت به آهي، اخبارون به آهن، شراب، ڪباب ۽ رباب به آهن. سائين علي اڪبر شاهه جهڙا ديندار مددگار به آهن. مسلم ليگ جا جهنڊا به آهن. الله اڪبر جا نعرا به آهن. پاڪستان جون صدائون به آهن،

جناح صاحب جي قيادت ۾ جمعيت علماءِ اسلام جو دعائون ۾ سر فرانسس موڊي گورنر جون آسيسون بہ موجود آهن. غرض، تہ سواءِ ايمانداريءَ ۽ غريبن سان همدرديءَ واري جذبي جي، ٻيون سموريون شيون ۽ سمورا ساز سامان وٽن موجود آهن. جن جي آڌار تي هو انقلاب جي رو کي روڪي ۽ ماٺوڪين اوندهہ انڌوڪار وارين حالتن کي غير معين وقت تائين قائم رکي سگهن ٿيون.

(2) ٻئي طرف جي ايم سيد ۽ سندس مجاهد رفيقن جو ٽولو آهي، جيڪو ورهين کان وٺي انهن طاقتن خلاف جنگ جوٽيون بيٺو آهي. عهدا ملن ٿا، تہ اهي قبول نٿو ڪري. آزار ۽ ايذاءَ اچن ٿا، تہ اف نٿو ڪري. جا بہ طاقت سامهون اچي ٿي، ان سان لڙي پوي ٿو پوءِ اها طاقت گورا شاهيءَ يا گورنر شاهيءَ جي هجي لياقت علي خان ۽ قاضي عيسيٰ وارن جي مخصوص مسلم ليگ جي، رشوتن کان پري، ڪنٽرول جي ايجنسين کان دور، پوليس جو دشمن، ڪامورا شاهيءَ جو مخالف. الله کان ڊڄندڙ رسول تان فدا ٿيندڙ، ياد رکڻ گهرجي، سنڌ جي تاريخ ۾ اهو پهريون مثال جي. ايم. سيد جو قائم ڪيل آهي، تہ مليل وزارت کي لت هڻي ماڻهو ٻاهر نڪري اچي، ورنہ سنڌ جو دستور تہ اهو آهي تہ وزارت ملڻ کانپوءِ جيڪڏهن ڪو ٽنگوٽالي ڪري وزارت مان ٻاهر ڪڍي، تڏهين بہ هٿ مڙيئي ميز ڪرسيءَ ۾ پيل رهڻ گهرجي.

جيڪڏهن هو اڄ وزارتن کان ٻاهر آهن، تہ محض انهيءَ ڪري تہ هو مردار ڏر ۽ خلق کي آزاريندڙ ٽولي سان گڏجي رهڻ ڪونہ ٿا گهرن، ورنہ جيڪا وزارت عبدالستار پيرزادي، يا مير بنده علي خان کي ملي سگهي ٿي، سا ڪنهن بہ وقت سندن قدم چمي سگهي ٿي. اِهي ٻہ ڌريون آهن، جن جو سنڌ ۾ اڄ ڪلهہ مقابلو هلي رهيو آهي.

## ٻہ تسليم شده ڳالهيون

انهن ٻنهي ڌرين جي پوزيشن متعلق بعض ڳالهيون بلڪل تسليم شده آهن ۽ انهن کان ڪوبہ انڪار ڪري ڪونہ ٿو سگهي، مثلاً:

(1) ڪوبہ ماڻهو هي ڪونہ چوندو تہ جي ايم سيد رشوتي آهي، يا

مردم آزار آهي، يا ڪامورن ۽ پوليس جو مددگار آهي يا هو اهڙا قاعدا قانون رکڻ گهرندو. جن مان غريبن سان اهنج ٿئي، يا هو گورا شاهيءَ يا ڪامورا شاهيءَ جي پٺيان هلندڙ آهي، يا ڪنٽرول مان نفعن ڪمائڻ جي ڪيڏ آهي، يا عام مخلوق خدا، هارين، مزدورن ۽ غريبن جو همدرد نہ آهي.

(2)ساڳئي وقت هرڪو ماڻهو هيءَ ڳالهہ بہ ضرور قبول ڪندو تہ هاڻوڪي وزارت ۾ ڪي ماڻهو ڪليا ڪلايا، تسليم شده ۽ عادتي رشوتخور آهن، ۽ سندن دور حڪومت اندر واقعي ڪامورا شاهي خلق خدا جي مٿان ڪوپ ۽ قهر ڪڙڪايو ويئي آهي.

اهي بہ بلڪل واضح ۽ قبول شده حقيقتون آهن، جن کان طرفين جو نہ دوست ۽ نہ دشمن انڪار ڪري سگهندو. سچ تہ هيءَ آهي تہ اها هڪ وڏي ۾ وڏي ڪسوٽي آهي، جنهن تي طرفين کي پرکڻ گهرجي، ۽ ان جي روشنيءَ ۾ ئي فيصلو ڪرڻ گهرجي.

## پرکا لاءِ هڪ ٻي ڪسوٽي

پر اوهان ان کان بہ اڳتي هلو ۽ هڪ ٻيءَ ڪسوٽيءَ تي ٻنهي ڌرين کي پرکيو. سڀ کان پهريان معين ڪريو تہ سنڌ جي عوام جا مطالبا ڪهڙا آهن، ۽ عوام کي ڪهڙين ڳالهين جي ضرورت آهي، ۽ اهي ڳالهيون ڪنهن جي ذريعي پوريون ٿي سگهن ٿيون؟

**سنڌ کي گهرجي ڇا ٿو؟** يعني سنڌ کي گهرجي ڇا ٿو ۽ ڪيس ڪير اهو ڏيئي سگهي ٿو؟ سنڌ کي هي ٿو گهرجي:-

(1) هر قسم جي ظلم کان ڇوٽڪارو پوءِ اهو ظلم ڪهڙيءَ بہ صورت ۽ نموني ۾ هجي. پنجابين جو سنڌ تي حملو هجي يا ڪامورن جا قهر. پوليس جي زبردستي هجي يا ڪنٽرول ۽ مصيبت وڏيل ڊلون هجن يا لوڙهن، 110 قلم، حرائڪت جي فرنٽيئر ريگيوليشن جو مارو. بهرحال جيڪو بہ ظلم هجي ۽ جنهن جي هٿان بہ ٿيندو هجي، تنهن جو خاتمو ٿئي، پوءِ ظالم وزير هجن، وياج خور هجن، جاگيردار هجن، زميندار هجن، غرض ڪير بہ هجن.

(2) سنڌ جي تعمير نئين ۽ وڏي پيماني تي ٿئي. سنڌ جي ڪروڙها

آمدني خود سنڌ ۾ ماڻهن جي بهبود لاءِ ۽ منجهائن جهالت، بيماريءَ، ڏوهن ۽ ڏاڙن کي تڙي ڪڍڻ تي خرچ ٿئي.

اهي ٻه مکيه مقصد آهن. سنڌ جي سياسي تحريڪ جا باقي سموريون ڳالهيون انهن جي ضمن ۾ اچي وڃن ٿيون.

## آخري ۽ فيصلہ ڪن سوال

هميشہ اسان ٿا پڇون تہ اهي مقصد ڪنهن جي ذريعي حاصل ٿي سگهن ٿا؟

هاڻوڪي عادتي ۽ تسليم شده رشوت خور ٽولي جي وسيلي جيڪو ورهين کان وٺي سنڌ تي حڪومت هلائيندو رهيو آهي، ۽ سارو عرصو مسلمانن کي پنيلائي سندن رت ۽ پيسي سان ڪيڏندو آيو آهي، يا ان انقلابي مختصر جماعت جي وسيلي، جنهن جو بي رشوت ۽ غريبن جو همدرد هجڻ، دوست خواه دشمن کي يڪسان تسليم ۽ قبول آهي؟

سنڌ جي مسلمانن اڳيان ٻه ڏريون آهن.

هڪ اها ڏر آهي، جنهن کي سالن جا سال آزمايو ويو آهي ۽ منجهانس ڪجهہ بہ نہ ڪٿو آهي، پاڻ سندس ايام حڪومت ۾ ظلم وڌيا آهن.

ٻي اها ڏر آهي، جنهن جي ايمانداري بہ تسليم ڪئي وڃي ٿي ۽ جنهن کي اڃا تائين آزمائڻ ۽ ڪم ڪرڻ جو موقعو بہ نہ ڏنو ويو آهي.

ٻڌايو تہ اهڙيءَ حالت ۾ ڪنهن جن هٿن ۾ سنڌ جون قسمتون وڌيڪ محفوظ رهي سگهن ٿيون؟

باقي جيڪي بہ ٻيون ڳالهيون محض پروپيگنڊا ۽ خلق کي گمراهہ ڪرڻ لاءِ ڪيون وڃن ٿيون، سي بلڪل واهيات ۽ خارج از بحث آهن. آخر سنڌ جا مسلمان پاڻ بہ ڪجهہ سوچي سگهن ٿا يا سوچڻ ۽ فيصلي ڪرڻ جو سمورو اختيار هنن هميشہ لاءِ پيشہ ور دلالن جي سپرد ڪري ڇڏيو آهي.

[3]

# مسٽر جي. ايم. سيد اڄ تائين ڇا ڪيو آهي؟
# سنڌ جي سياست ۾ سنڌس حصو

مسٽر جي. ايم. سيد جي سياسي جدوجهد کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته اسان ان قصي کي سال 1928 کان وٺي بحث هيٺ آڻيون، ڇو ته سنڌ جي سياست جو هاڻوڪو دور ان سال کان وٺي شروع ٿيو آهي.

## 1928ع کان 1946ع تائين جي حالت

1928ع ۾ يعني اڄ کان 18 سال اڳ، سنڌ جي ڇا حالت هئي؟

(1) سنڌ بمبئيءَ سان ڳنڍيل هئي، سنڌ جا 15 عيوضي هزار ميل پري ڪائونسل ۾ وڃي، سرڪار کي ووٽ ڏيئي، خان بهادريون ۽ ڪرسين جا نوان منهن ورتيون ايندا هئا. باقي سنڌ جي عوام ۾ ڪوبه سياسي شعور يا بيداري ڪانه هئي.

(2) سنڌ جي 35 لک آدم جي سينن تي فقط چند وڏا زميندار، جاگيردار ۽ سرڪاري آفيسر چڙهيا ويٺا هوندا هئا. انهن اقتصادي ۽ انتظامي آدمخورن جو مقصد هوندو هو ته عوام ۾ نڪو سياسي شعور پيدا ٿئي ۽ نه ان جي ڪابه ترقي ٿئي، ڇو ته انڪري سندن پنهنجي رعب، داب، آمدني، حڪومت ۽ اثر کي نقصان پهچڻ جو انديشو هو.

(3) پبلڪ جا ليڊر خود سرڪاري ڪامورا پاڻ ٿاهيندا هئا. يعني جيڪو به ماڻهو ڪامورن جي خوشامد برآمد ڪندو هو ۽ جنهن لاءِ ڪامورن کي تسلي ٿيندي هئي ته اڳتي هلي هو ڪامورا شاهيءَ جو بي ادب نه ٿيندو تنهن کي ڪائونسلن ۾ چونڊايو ويندو هو. خطاب وٺي ڏنا ويندا هئا ۽ سندس پوزيشن کي مضبوط ڪيو ويندو هو. هو. اهڙا ليڊر ڪامورن جون جوتيون هوندا هئا ۽ منجهن دم ئي ڪونه هوندو هو ته پبلڪ

پاران ڪامورا شاهيءَ کي ٽوڙڻ لاءِ ڪو قدم کڻي سگهن.

(4) ان ٻئي دباءَ ۽ بار ڪري سنڌ جو مسلمان عوام ڇيچلائيندو رهيو ٿي. اهڙو ڪوبہ امڪان ڪونہ هو تہ اهو سرشتو بہ قائم رهي ۽ ساڳئي وقت عوام جي سياسي طاقت بہ وڌي.

رنڊڪون: تنهنڪري مسٽر جي ايم سيد جي نظر ۾، ان وقت، سنڌ جي عوام جي ترقي ڪرڻ واري رستي ۾ ٽي مکيہ رنڊڪون موجود هيون، يعني سندس خيال ۽ مطالعي موجب جيستائين اهي رنڊڪون دور نہ ٿيون آهن، اوستائين سنڌ جي عوام جي طاقت ڪانہ وڌڻي هئي ۽ هو حسب دستور پيڙيو رهڻو هو. اهي رنڊڪون هي هيون:-

(1) سنڌ جو بمبئيءَ سان ڳنڍيو رهڻ.

(2) ڪامورن جو زور ۽

(3) مسلمانن جا خود غرض ۽ غير همدرد ليڊر، جيڪي ڪامورن سان ٻڌي ڪيو عوام کي دٻايو ويٺا هئا.

پهريون ڏاڪو: سال 1929ع جي آخر ڌاري، جي. ايم. سيد صاحب مسٽر جناح، خان بهادر کهڙي، پير علي محمد راشديءَ، علامہ آءِ. آءِ. قاضيءَ ۽ چند ٻين صاحبن کي چانهہ جي دعوت تي پاڻ وٽ گهرايو ۽ ساڻن سنڌ جي جدائيءَ واري سوال بابت صلاح مصلحت ڪئي، ۽ پروگرام رٿيو. مسٽر جناح ان موقعي تي پير پاڳاري جي پهرئين ڪيس هلائڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾ آيل هو ۽ سڌو رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ولايت روانو ٿي رهيو هو. سنڌ جي جدائيءَ جي تحريڪ جو بنياد، منظم طور ۽ روائتي نموني ۾، ان تاريخي شام تي پيو. رٿيو هي ويو تہ سڀ کان پهريائين سنڌ کي جدا ڪرايو وڃي ۽ ان کانپوءِ باقي شيون رفتہ فتہ حاصل ٿينديون وينديون.

ابتدا ۾ ۾ سنڌ جي آزاديءَ ۽ علحدگيءَ واري ان تحريڪ جي مخالفت هر هڪ ڌر طرفان ڪرڻ ۾ آئي. بمبئي سرڪار، سنڌ جا بعض ليڊر، سنڌ جا هندو، سنڌ جا ڪامورا مختلف طريقن سان مخالفت ڪرڻ لڳا. هنن سمجهيو ٿي تہ سنڌ جدا ٿيڻ ڪري سنڌ جي عوام جو زور وڌندو ۽ سندن

عوام ۾ بيداري ڪانه هئي، ۽ عوام جي ڪابه مدد ڪيس پهچي ڪانه ٿي سگهي!

## ٻين جي ذريعي پروگرام کي عمل ۾ آڻائڻ

سيد صاحب فيصلو ڪيو ته پاڻ کي پوئتي رکي ٻين کي اڳ ۾ ڪري، ۽ انهن جي ٿي هٿان پاڻ وارو پروگرام عمل ۾ آڻارائي. يعني جيڪي به ماڻهو سندس پروگرام جي بناء تي ساڻس شامل ٿين، هو انهن کي پنهنجي اڳيان ڪري ۽ سندس وسيلي آهستي آهستي پاڻ وارو پروگرام عمل ۾ آڻائيندو وجي، عوام تان سختيون لهرائيندو وڃي، ۽ عوام کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ميدان صاف ڪرائيندو ڏيندو وڃي.

ان مقصد ۽ پروگرام پٺاندر هو صاحب گذريل ڏهن سالن اندر هر پارٽيءَ ۽ هر جماعت ۽ ليڊر جو پوئلڳ ٿيندو رهندو پئي آيو آهي. هر هڪ کي آزمائيندو ويو آهي ۽ هر هڪ اهڙيءَ ڏر جي وسيلي ڪجهه نه ڪجهه مڙيوئي ڪرائيندو پئي ويو آهي. اڄ تائين هن پاڻ ڪڏهن به ڪنهن عهدي هٿ ڪرڻ، يا پاڻ کي اڳ ۾ ڪرڻ جي ڪوشش ڪانه پئي ڪئي آهي. سندن مقصود پنهنجي وجود کي وڌائڻ ڪونه هو پر غريبن جي طاقت کي وڌائڻ ۽ غريبن جي دشمنن جي طاقت کي ڪمزور ڪرڻ هو. هن هر هڪ اڳواڻ، هر هڪ پارٽي ۽ هر هڪ جماعت کي ان ڪسوٽيءَ تي پئي پرکيو. جيستائين اهي اڳواڻ يا پارٽيون سندس پروگرام تي ٿورو به هلنديون رهيون، اوستائين هو خوشيءَ سان سندن خدمت ڪندو رهيو پر جنهن وقت هنن سندس پروگرام کي پٺي ڏني ۽ سندس انقلابي مقصد کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي، ان وقت هو کين ٽوڙڻ جي درپي ٿيو. جو ته کيس پهرين پنهنجو ڪم هو ۽ نه ڪنهن ليڊر يا پارٽيءَ جو ٿلهو نالو ۽ ڏيل يا ڏهڪاءُ.

**پهريان ڏهه سال:** 1936ع کان 1946ع تائين هن هر هڪ ليڊر ۽ هر هڪ پارٽي سان اتحاد ڪيو ۽ هر هڪ کي آزمائي ڏٺو ڏٺو- مثلاً:

37_ 1936ع- سنڌ اتحاد پارٽي،

1937ع (آخر) اتحاد پارٽي ۽ غلام حسين وزارت کي ڪٿو ڪيائين.
1938ع۔ مرحوم الهه بخش جي وزارت.
1938ع (آخر) مسلم ليگ پارٽي.
1939_40ع۔ بنده علي وزارت.
45_1946 ۔ مسلم ليگ وزارت.

انهن سمورين پارٽين ڪجهه وقت تائين ته سيد صاحب جي پروگرام تي عمل ڪيو مگر جنهن وقت به سندن پنهنجي اندروني پوزيشن مضبوط ٿي، ان وقت هنن پروگرام کي پٺي پاڏانهن اڇلائي، عوام جي مفاد خلاف هلڻ شروع ڪيو. اتحاد پارٽيءَ کي هندو فرقه پرستن ۽ سرمايه دارن اسرڻ نه ڏنو. اتحاد پارٽي ۽ غلام حسين پارٽيءَ پاڻ ۾ ڳانڍاپو ڪيو. مگر ان هوندي به غلام حسين وزارت قبول ڪيل پروگرام تي عمل ڪونه ڪيو. الهه بخش وزارت پهريان ئي چار هفتا سنو ڪم ڪيو مگر پوءِ ڍلون وڌايائين ۽ هندو ميمبرن ۽ گورنر گراهم جي چنبي ۾ اچي ويئي. ان مجموعي کي ٽوڙڻ لاءِ مسلم ليگ پارٽي ڪڙي ڪٽي ويئي ۽ بنده علي خان جي وزارت قائم ٿي. ٿورن ڏينهن اندر محسوس ڪيو ويو ته اها وزارت پڻ سرمايه دارانه ڍنگ تي هلي رهي آهي ۽ پارٽي پروگرام جي ڪيس ڪا به پرواهه ڪانه ٿي رهي. سيد پاڻ وزارت کان استعيفا ڏيئي علحدو ٿي ويو. ان کانپوءِ سر غلام حسين جي آخري وزارت قائم ٿي، جيڪا 1942ع کان وٺي اج تائين هلندي رهي ٿي. مردم آزاري، رشوت خوري ۽ ڪاموري ڪي ڏاڍ جا جيڪي واقعا ان وزارت جي زماني ۾ ٿي چڪا آهن، تن جو مثال اڳين وزارتن جي ڏينهن ۾ ملڻ مشڪل آهي.

ان حقيقت مان ظاهري ٿيندو ته سيد جو عشق پنهنجي پروگرام سان هو ۽ نه ڪنهن خاص پارٽيءَ سان. هُن وقت بوقت هر هڪ پارٽي کي آزمايو ۽ ڪيس ڪم ڏيڪارڻ جو موقعو ڏنو. پنهنجي لاءِ هن وزارت ۾ جاءِ پيدا ڪري سگهيو ٿي. پاڻ هڪ دفعو وزير ٿيڻ بعد به وزارت کي لت هڻي، اڏ ۾ ڇڏي آيو جنهن جهڙو مثال سنڌ جي سياسي تاريخ اندر اج تائين بيو ڪوبه ماڻهو پيش ڪري ڪونه سگهيو آهي. سيد صاحب سنڌ ان ڪري جدا

ڪرائي، تہ عوام جي سياسي طاقت ۽ اقتصادي حالت بهتر ٿئي. جيڪا بہ وزارت انهن مقصدن جي خلاف هلڻ لڳي، تنهن سان سندس اتحاد قائم رهڻ ناممڪن هو.

**سارا تجربا ناڪامياب:** سيد صاحب جو هين ڪي اڳ ۾ ڪري ڪم هلائڻ وارو تجربو ان ڪري هر موقعي تي ناڪامياب ٿيندو رهيو جو سنڌ جي جدا ٿيڻ ڪانپوءِ بہ سنڌ جي سياست تي ساڳيا اڳوڻا عوام جا دشمن، سرمايہ دار ۽ ڪامورن جا غلام، مسلط رهندا آيا. انهن ماڻهن جو مطلب هو تہ هو جدا جدا پارٽي جي نالن ۾ ۽ جدا جدا ويسن ۾ عوام جي سجاڳيءَ کي روڪيندا رهن، جيئن سندن پنهنجي طاقت قائم رهندي اچي. جيڪڏهن هو ڪي اهڙا ڪم ڪن ها، جن مان عوام جي طاقت وڌي ها، تہ پوءِ سندن پنهنجي طاقت جو خدا حافظ هو. تنهن ڪري هو فقط سيد سان ڏوڪو ڪندا رهيا. پروگرام جي چقمي، تي سندس امداد حاصل ڪندا رهيا، ۽ ان ڪانپوءِ ساڳيا لاتون ساڳيا چگهہ.

سيد جو سڀ کان پويون تجربو مسلم ليگ جماعت سان تعلق رکي ٿو. ڪيس مسلم ليگ ۾ وڏيون اميدون هيون. هن سمجهيو ٿي تہ ان جماعت ذريعي عوام جو زور وڌندو ۽ سنڌ جي مسلمانن جي سياست سرمايہ دارن ۽ پراڻن مجرمن جي چنبي مان آزاد ٿيندي. مگر گذريلن اسيمبلي چونڊن جي موقعي تي لياقت علي خان وارن جنهن طريقي سان ٽڪيٽن جي تقسيم ڪئي، تنهن سندس اميدن کي ختم ڪري ڇڏيو.

ليگ هاءِ ڪمانڊ وارا چونڊن تائين چوندا ٿي رهيا تہ اليڪشن وقت نوان ۽ بهتر ماڻهو اسيمبليءَ ۾ آندا ويندا، جنهن ڪري سنڌ جي مسلمانن جي سياسي فضا خود بخود درست ٿي ويندي. ان بهاني تي ئي هو سڄا سارا چار سال سيد صاحب کي غلام حسين جي وزارت جي پٺيان هلائيندا رهيا. پر جڏهن عين وقت آيو تڏهن هنن ساڳين گنهگارن، ۽ عوام جي رت چوسيندڙ سرمايہ دارن کي ٽڪيٽون ڏنيون. 35 اميدوارن مان 22 ساڳيا اڳئين دور وارا هئا، هڪ سر، ۽ ٽي سرن جا صاحبزادا، هڪ نواب بہ نوابزادا، هڪ سردار ۽ بہ سردار بهادر، چار خانبهادر، چار خان صاحب، هڪ او. بي.

اي، پر اڏ انڌا، هڪ تي بدمعاشيءَ جو ۽ ٻئي تي جعلسازي ۽ غبن جا مقدما هلندڙ. ٻاويهہ اسيمبليءَ جي زبان کان بلڪل نا آشنا ۽ چئن جو لکڻ پڙهڻ کان قطعاً جواب. سمورا سردار، سيٺيون، وياج خور، زميندار ۽ سرمايہ دار. جيڪڏهن ڪو هيڪڙ ٻيڪڙ غير سرمايہ دار بہ آندو ويو، تہ اهو بہ غير مسلمانن جي چندن هضم ڪرڻ جو عادي.

ٻڌايو تہ انهن سمورن کي ڏسي، سيد ڪهڙيءَ ريت ليگ جو ساٿ ڏيئي ٿي سگهيو؟ هُن لاءِ ٻہ رستا هئا:

(1) يا تہ پنهنجي ليڊريءَ ۽ ليگي عهدن (ورڪنگ ڪاميٽيءَ ۽ ائڪشن ڪاميٽيءَ جون ميمبريون ۽ صوبي جي صدارت) کي سلامت رکي ۽ سنڌ جي عوام سان تعلق رکندڙ پنهنجن قديمي اصولن کان موڪلاڻي ڪري،

(2) يا خود ليگ کان موڪلاڻي ڪري، ۽ پنهنجو ڪم چالو رکي. سيدپهريون رستو اختيار ڪيو. هن ليگ ۾ ليڊري ڪرڻ کان بهتر اهو سمجهيو تہ ليگ کان ٻاهر ٿي، ليگ وارن جون ملامتون مٿيّ تي کڻي، ۽ ان هوندي بہ سنڌ جي مسلم عوام سان سچو رهي ۽ پنهنجي اوائلي اصولن جي پوئواري ڪندو رهي.

## انقلاب وقت وٺي ٿو:

ان ۾ ڪو شڪ ڪونہ آهي تہ سيد جي تحريڪ مان اڄ تائين مسلم ليگ کي ڪو خاص نمايان فائدو ڪونہ رسيو آهي. پر ايتري جلد فائدي رسڻ جو امڪان بہ ڪونہ هو. سيد جي لڙائي هڪ اهڙي مجموعي سان هئي، جيڪو گهٽ ۾ گهٽ هڪ سؤ سال کان وٺي سنڌ جي عوام جي گردن تي چڙهيو ويٺو هو. جيڪا طاقت ان مجموعي ايتري عرصي جي حڪمرانيءَ وسيلي حاصل ڪئي هئي، تنهن طاقت کيّ ٽوڙڻ آسان ۽ جلدبازيءَ جو ڪم ڪونہ هو. ڪابہ انقلابي ۽ اصلاحي تحريڪ چند سالن اندر ڪامياب ڪانہ ٿي سگهي آهي. سرمايہ داري هڪ بلڪل بڇڙي بلا آهي. روس جي انقلابين کي ڪم ڪندي صديون لڳي ويون. فرانس واري

انقلاب کي تيار ٿيڻ ۾ 60 ورهين کان مٿي عرصو لڳو. خود اسلامي انقلاب ڪيترو عرصو ورتو؟ ڪانگريس جي تحريڪ کي هاٺوڪيءَ حد تائين پهچندي گهڻا سال لڳي ويا.

ذرا سيد جي تڪليفن ۽ سندس مخالف ڌرين جي طاقت جو بہ اندازو ڪريو. سندس خلاف سنڌ جا سمورا سرمائيدار بر سر پيڪار آهن. جنهن بہ وقت سيد جي مخالفت جو سوال اٿي ٿو ان وقت سنڌ جا سمورا سرمائيدار، جاگيردار، ڪامورا، ڪامورن جا چاڙتا ۽ گورا عملدار پاڻ ۾ ڪنا ٿي وڃن ٿا. ۽ پاڻ ۾ جيڪڏهن ڪي اختلاف اٿن، تہ اهي بہ عارضي طرح وساريو ڇڏين. سياسي طاقت انهن وٽ، پيسو انهن وٽ، انگريزن ۽ ڪامورن جي مدد انهن وٽ، مسلم ليگ جماعت انهن وٽ، جهنڊا، نعرا ۽ والنٽيئر انهن وٽ، اخبارون انهن وٽ. ايڏيءَ عظيم مصيبت جو مقابلو ڪرڻ ۽ وري نتيجو بہ هڪدم ڏيکارڻ آسان امر ڪونہ آهي.

## تحريڪ جا فوري فائدا:

پر ان جي معنيٰ اها نہ آهي تہ سيد جي تحريڪ ڪا ناڪامياب ٿي آهي. سندس تحريڪ جي نتيجن جو ملاحظو ڪريو:-

(1) سڀ کان پهريان سيد جي ان تحريڪ ڪري سرمايہ دارن ۾ لرزو پيدا ٿي ويو آهي. هو اڳ آرام سان پيا الوليون ڪندا هئا. هينئر ڪين رات ڏينهن انتظار ۽ بي آراميءَ ۾ رهڻو پوي ٿو. وڏي کان وڏي خان خانان کي بہ ماڻهن جي درن تي ڌڪا کائڻا پون ٿا. جيڪڏهن سيد صاحب جي طفيل مٿن اها بي آرامي طاري نہ هجي ها، تہ خبر نہ آهي هو اڄ تائين سنڌ جي عوام مٿان ڪهڙا قهر نازل ڪن ها. هر انقلابي تحريڪ جي ابتدائي منزل اها هوندي آهي تہ مردار طاقتن کي آرام ۽ اطمينا کان محروم ڪري، ڪين عوام جي امداد جو محتاج بڻائجي. آهي سنڌ جي پراڻي تاريخ ۾ هن قسم جو ڪو مثال تہ آگسٽ جي گرمين ۾ سر غلام حسين جيڪب آباد جي جهنم جا چڪر ڪاٽي؟ ياد رکڻ گهرجي تہ انهن سرمايہ دارن ۾ جيتري قدر بي آرامي ڦهلجي ٿي، اوتري قدر اڻ سڌيءَ طرح عوام جي طاقت ۾ واڌارو

اڇي ٿو. آهستي آهستي، اهي ماڻهو ٻوڙي ڍڪي، هڪٻئي سان اٽڪي، خود بخود ٽڪجي پوندا يا تباهہ ٿي ويندا. ان کانسواءِ ٻيو ڪو رستو وڻئو ڪونہ آهي. سيد جي انقلاب جو اهو ٻهريون اعجاز آهي.

(2) سرمايي داري ۽ انقلاب جي تحريڪ جي ان مقابلي منجهان ڪجهہ نہ ڪجهہ فائدا عوام کي بہ پهتا آهن. مثلاً وڏا ماڻهو آهستي آهستي عوام جا محتاج ٿيندا پيا وڃن. ڪامورن خلاف ڦٽ ڦڪڙي چالو ٿي چڪي آهي. درٻاريون، ڪرسيون، ۽ سرڪاري ميمبريون، جن جي وسيلي ڪامورا لکين روپيا ڪمائيندا هئا، ختم ٿي ويون آهن. ووٽ جو قدر وڌيو آهي. وزير کي ڏڪن کائڻ ۽ جهنڊن کٽائڻ ۽ عوام کي خوش ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. خود عوام ۾ پنهنجن حقن بابت ڪجهہ سجاڳي آئي آهي.

**آخري هڏڪيون:** ان ۾ ڪو شڪ ڪونہ آهي تہ نين چونڊن کانپوءِ سنڌ جي عوام تي اڳ کان وڌيڪ ظلم ٿيڻ لڳا آهن. پر اهي وسامندڙ شمع جا آخري جهڙڪا آهن. بتيءَ کي وسائبو آهي تہ وسامڻ کان اڳ هوءَ هڪ وڏو ڀڙڪو کائيندي آهي. مرندڙ ماڻهو پوئين پساهہ کان اڳ هڪ دفعو ضرور اکيون پٽيندو آهي، جنهن ڪيفيت کي حڪيم سڏيندا آهن افاقتہ الموت. گڏهہ مرندو آهي تہ دم ڇڏڻ کان اڳ هڪ ڀيرو ضرور ٽنگان ٽيڙيندو آهي. شينهن زخمي ٿيندو آهي ۽ سندس موت جي گهڙي قريب ايندي آهي، تہ اڳ کان بہ وڌيڪ چنبا هڻن ۽ چڪ پائڻ لڳندو آهي. ڦورو ڦرلٽ ڪري روانا ٿيندا آهن، تہ وڃڻ کان اڳ ڳوٺ کي باهہ ڏيون ويندا آهن.

اها ئي ساڳي حالت آهي سنڌ جي ظلم شاهيءَ جي، هوءَ ڏسي رهي آهي تہ موت قريب آهي ۽ سيد جي تحريڪ جلد کان جلد کيس نهوڙي ناس ڪندي. تنهن ڪري وڃڻ يا مرڻ کان اڳ هوءَ اهي آخري حملا ڪري رهي آهي. پر ان ڳالهہ تي عوام کي هرگز دلگير ٿيڻ نہ گهرجي. هر انقلاب جي دوران ۾ اهو دور ايندو آهي. ظلم جيترو زور وٺندو اوترو ئي سندس پڄاڻي ويجهڙي ٿيندي ويندي آهي. اسان وارن ڏکين ڏينهن جون بہ اهي پويون ساعتون آهن، جن مان انشاءَالله جلد لنگهي پار پونداسين.

## 157 خط ۽ مضمون

### هاٽوڪي منزل:

مٿين سارن واقعن ۽ تجربن تي نظر ڪرڻ بعد هرڪو ماڻهو هن نتيجي تي پهچندو ته سيد صاحب لاءِ هينئر هن کان سواءِ ٻيو ڪو رستو ڪونه بچيو آهي ته پارٽ سياسي طاقت پنهنجن هٿن ۾ وٺي ۽ طاقت وٺڻ بعد پنهنجي پروگرام کي عمل ۾ آڻي، ڇو ته ٻين سمورين ڏرين کي هو اڳ ۾ ئي آزمائي چڪو آهي. ان کانسواءِ سنڌ جي عوام جي صبر جو پيمانو به هينئر لبريز ٿيڻ تي آيو آهي ۽ وڌيڪ تجربن ڪرڻ لاءِ ڪا به گنجائش باقي ڪانه رهي آهي.

ياد رکڻ گهرجي ته سيد جي پروگرام جو مول متو آهي سرمايه داريءَ ۽ ڪامورا شاهي کي ٽوڙي، سنڌ جي حڪومت تي سنڌ جي عوام کي ويهارڻ.

◈

# ساهڙ جا سينگار

سائين جي– ايم– سيد ۽ علامہ آءِ آءِ قاضيءَ

جي خط و ڪتابت



جناب اللہ بخش بروھي صاحب



حضرت علامہ آءِ. آءِ. قاضي رحمت اللّٰه عليه

۽ سندن اهليہ محترمہ ايلسا قاضي مرحومہ.

CITY LINE

TELEGRAPHIC ADDRESS
"AMICUS" GLASGOW

GEORGE SMITH & SONS
MANAGERS
GLASGOW

S.S. City of Nagpur
at Suez
31st March 1924


My Dear Shah Sahib,

If ever we return to Sind you will be the cause. My dearest friend, & it does one's heart good to see you. But retain your noble enthusiasm. Do not grow self-centred. There is no other حجاب between the All, the Beautiful & 'me,' but 'I'. پاڻان پاڻ . پيڻي .

But before all that, Self, individuality has to be born.

Then — از دل سنگ گنهگار برآرم آه
کآتش اندر زن آدم و حوا فکنم

علامہ صاحب رحہ جي انگريزي خط جو عڪس (اڳيون صفحو)



'work' [illegible] for that,
brings you nearer to 'Beauty'.
Beauty that you can only
see من وراء حجاب. So long
'I' is not 'perfect' when
'I' is 'realized' and 'I'
submits then [illegible] 'I' is
complete then the Beauty
is in your lap.

This is only for you!

[illegible]. Reply & tell me
all about you.

Yours.

[illegible signature]

P.S.
Try to acquire [illegible]
[illegible] in madness
The hard times for [illegible]. and be [illegible]

علامہ صاحب رحہ جي انگريزي خط جو عڪس (پنيون صفحو)

Craigmoor
48, Pembroke Rd
Bromley
(Kent)
England.
12th April 1932

P.S.
Please write again directly
to this address, also to
Aji Ca

ڈیر سید غلام مرتضی


From the above writing
You can see that I am trying to learn Sindhi
But I am sure the words are not written
correctly. I think there are many mistakes
I was trying to write: 'Dear Sayed Ghulam
Murtaza' I wonder if you can read it'
and how many mistakes are there?
Many thanks for your kind letters
which we both received a few days ago.
I am grateful for all the kind
things you are saying in your letter!
Mr. Kazi translated to me the verses
of the Persian poet Sadi and true
to my poet. nature I am anxious to

مسز قاضي مرحوم جي انگريزي خط جو عڪس (اڳيون صنحو)

reply to you in my own way.
The flower that gave perfume to the clay has told me her history!
Originally it was a scentless weed, but now it is a rose and I did ask her how she has become a rose:
" Who made you sweet? who gave you this array
The rose replied " But yesterday I lay
Beside an earthen pot, a lamp of clay;
The lamp was lit with love; its holy flame
Did gently breathe on me, then I became
With fragrance sweet; the lamp's immortal light
Did make me beautiful, did make me bright
No longer now I am a weed, because
The glance of love did change me in a Rose"
E.K.

So you see, it was by love's alchemy that a scentless worthless weed had been transformed into a rose! You have looked with eyes of love at the things that god has created! Beneath the eyes that are lit with the light of love all things become beautiful and fragrant! You look upon birds with the glance of kindness and love and beneath your

مسز قاضي مرحوم جي انگريزي خط جو عڪس (پنيون صفحو)



حيدرآباد

دعا جي ضرورت

امداد علي

علامه صاحب رح جي سنڌي خط جو عڪس

# تعارفي خط

پاڪستان جي اعليٰ قانوندان، فيلسوف، اڳوڻي وزير، سفير، پاڪستان ۽ علامه قاضي صاحب مرحوم جي معتمد خاص جناب الله بخش ڪريم بخش بروهيءَ جو (ڪتاب جي مواد بابت) تعارفي خط انگريزيءَ مان ترجمو ڪيل

كراچي،

11 ڊسمبر 1968ع

## پيارا جي. ايم. سيد

سڀ کان اول آءٌ پدرِ بزرگوار، علامہ آءِ. آءِ. قاضي صاحب جي، اوهان ڏي موڪليل خطن جي، ڪتاب جي تعارف موڪلڻ ۾ دير لاءِ معافي گهران ٿو. جيئن تہ وڪالت جي مشغوليءَ ڪري گهٽ فرصت پئي ملي اٿم، تنهنڪري ساري مسودي کي اکر بہ اکر پڙهي، تعارف لکڻ ۾ دير ٿي ويئي آهي.

جنهن صورت ۾ علامہ قاضي صاحب جي خطن جو اهو مجموعو سندن تعليمات ۽ روشنيءَ طبع جو پتو ڏيئي سگهندو، تنهنڪري ان تي وڌيڪ روشني وجهڻ جي عيوض هي خط ئي تعارف جو ڪم ڏئي سگهندو. ان کي تعارف طور ڇپائي سگهو ٿا.

مون کي خطن جي پڙهڻ بعد هن ڳالهہ جو بخوبي احساس ٿيو آهي تہ، مُربيمِ قاضي صاحب جو ڪيتريقدر نہ اوهان سان پيار هو! ان جو اندازو هنن خطن جي پڙهڻ بعد هر ڪنهن کي پئجي سگهندو.

علامہ قاضي صاحب اعليٰ درجي جو اديب هو، جنهن جي جهلڪ سندس خطن مان پئجي سگهي ٿي. هن حن بہ ماڻهن کي خط لکيا، تن انهن کي قيمتي خزانو تصور ڪري محفوظ رکيو آهي. سندس خط واقعي ذهني ۽ روحاني معلومات جو وڏو ذخيرو ميسر ڪن ٿا. ازانسواءِ، آءٌ اهو بہ محسوس ڪريان ٿو تہ پاڻ جن کي بہ خط لکيا اٿن، تن جو مقصد انهن ماڻهن جو روزمره جي خسيس ۽ معمولي معاملن ۽ خيالن کان توجهہ هٽائي، اعليٰ فڪر ۽ عمل جي ڳالهين سان روشناس ڪرڻ جو هو. سندن ان ساري خط و ڪتابت پويان اعليٰ محبت جو جذبو ڪار فرما نظر اچي ٿو

سندن محبت حقيقي ۽ غير شخصي هوندي هئي. هان شايد اهو سوال پڇو تہ 'محبت بہ ڪڏهين غير شخصي ٿي سگهي ٿي؟'

ان جي جواب ۾ والد بزرگوار قاضي صاحب جي مون سان ملاقات جي دوران ڪيل گفتگو ۾ ذڪر ڪيل هڪ نقطي جو حوالو پيش ڪريان ٿو:

"ترقي يافتہ ارواح لاءِ محبت فطرت ثاني ٿيو پوي، جا ڪنهن ارادي يا خواهش جي محتاج نٿي رهي."

ان جي تشريح آءٌ هن طرح ڪري سگهان ٿو تہ جهڙيءَ طرح هڪ شيدي پنهنجي فطرت سببان ڪارو هوندو آهي ۽ ساندي وانگر ڪيس رنگ ٽائڻ جو اختيار نہ هوندو آهي، تهڙيءَ ريت برگزيده اشخاص، جن پاڻ کي هيٺانهينءَ سطح کان چاڙهي بلند ڪري ڇڏيو آهي، سي فطري طور همہ گير محبت جا مخزن بنجيو پون. اهي 'تون' ۽ 'مان' جي صفت کان آزاد ٿي وڃن ٿا. تنهنڪري سندن محبت، سموريءَ انسانذات لاءِ وقف ٿيو پوي، نہ رڳو ايترو، پر پريان سندي پار (ساري ڪائنات) کي محبت جي ئي نظر سان ڏسڻ لڳن ٿا.

اهڙا بزرگ مادي حُدود ۽ رنگ و بوءِ جي فرق کان مٿي چڙهي، هر شيءِ ۾ حسن ازليءَ جي تجلي ڏسي، ان کي پيار ڪرڻ لڳن ٿا.

جڏهين ڪو شخص اهڙي درجي تي پهچي ٿو، تہ ان جي محبت، غير شخصي ۽ همہ گير صورت اختيار ڪري ٿي. پوءِ هن جي محبت گلاب جي گُل جي خوشبوءِ وانگر هر ڪنهن کي پنهنجيءَ سڳند سان معطر ڪري ٿي ۽ منجهانئس بدبوءِ اچڻ جو امڪان نہ آهي.

اها تعجب جي ڳالهہ نہ آهي تہ جو بہ شخص پدرِ بزرگوار، علامہ قاضي صـ ـب جي محبت مان مستفيد ٿيل هو، تنهن تي اهو اثر وينل هوندو هو تہ هن (قاضي صاحب) سڀ کان زياده کيس پيار ڪيو ٿي. اهو تجربو سندس ڪيترن مدح خوانن، دوستن ۽ خود منهنجو (بہ) آهي.

مون کي پيار ۽ محبت جو ايڏو پُرڪيف اثر، ڪنهن بہ ماڻهوءَ مان ميسر نہ ٿيو آهي، جهڙو مُربيمِ قاضي صاحب مان. مون کي اميد آهي تہ تو بہ اها ئي ڪيفيت محسوس ڪئي هوندي.

محترم قاضي صاحب جي گذريل ڇاليهن سالن جي خط و ڪتابت کي شايع ڪرائڻ مان مون کي اميد آهي تہ تنهنجي خاص مراد، هن دور جي اعليٰ شخصيت جي، توهان ۾ پيار، اعتبار ۽ دعائن جي اظهار جي پڌرائي آهي.

افسوس تہ ان محمد ﷺ جا پوئلڳ ٿي آهن جي پاڻ وڏيءَ اونداهيءَ ۾ ڦاٿل آهن، جن ڪجهہ وقت اڳ، ساريءَ دنيا جي رهبري ڪئي ٿي.

"منهنجا پيارا ڀاءُ، منهنجي اچڻ ڪري توکي تڪليف تہ ڪانہ ٿيندي؟ ڇا ان ڪري توکي پنهنجا موجوده سماجي ڪاروبار، جن ۾ تون مشغول آهين، ڇڏڻا ڪرڻا تہ نہ پوندا؟ آءٌ توکان پنهنجي خاطر قرباني ڪرائڻ نٿو چاهيان. تون مون کي سڃاڻين، مون لاءِ اها وڏي ڳالهہ نہ آهي تہ صرف هڪ چادر ۾ ٿي گذاري سگهان ٿو. ورهين جا ورهيہ ائين ڪيو اٿم ۽ منبر تان ٻانگون بہ ڏنيون اٿم. آءٌ پراڻو موذن آهيان. مون انن ورهين جي عمر ۾ ائين ڪيو هو، اهو جهڙو منهنجو ورثو آهي، تهڙو تنهنجو."

تو کي خبر آهي تہ محترم قاضي صاحب انهيءَ مشن جي سرانجاميءَ لاءِ سال 36-1939ع ڌاري، ڪراچيءَ ۾ رهڻ وقت، مسلم هاسٽل، ڪچهري روڊ تي مسجد ۾. خطبن ۽ نمازن پڙهائڻ ذريعي گهڻي ڪوشش ڪئي هئي.

اهو ئي زمانو هو، جو اسان مان ڪيترن ئي نوجوانن سنڌس اعليٰ شخصيت کان متاثر ٿي، وٽانئس ذهني ۽ روحاني حظ حاصل ڪيو.

واقعي سنڌس ساري زندگي پيغمبرِ اسلام ۽ قرآن جي تعليم ۽ روشنيءَ کي دنيا تائين پهچائڻ ۾ گذري.

هون کي پڪ آهي تہ توڏانهن سنڌس لکيل خطن جو شايع ٿيڻ نہ صرف سنڌس مصاحبن لاءِ دلي تسڪين ۽ خوشيءَ جو باعث ٿيندو جي ڪيس پنهنجو رهبر سمجهندڙ هئا، پر توسان سنڌس تعلقات جو مسلم ثبوت، سَندَ ۽ يادگار ٿي ڪم ايندو.

منهنجي نظر ۾، اسان جا ايندڙ نسل تنهنجا شڪر گذار ٿيندا جو تو هن دور جي اعليٰ هستيءَ جي خط و ڪتابت کي شايع ڪري، عام منظر تي آندو آهي.

مون کي خطن جي فائيل مان مادر ايلسا قاضيءَ، جا لکيل بہ خط بہ نظر مان گذريا آهن. مون کي پتو نہ آهي تہ تون انهن کي محترم قاضي صاحب جي خطن سان گڏ ڇپائڻ گهرين ٿو يا جدا؟ منهنجي راءِ ۾ اهي خط جدا ضميمي طور ڇپايا وڃن تہ بهتر ٿيندو.

12- اپريل 1932ع تي، مادر ايلسا قاضيءَ، لنڊن مان توڏي هڪ خط لکيو آهي جو خط نويسيءَ جو هڪ شاهڪار آهي. هن شيخ سعديءَ جي فارسي

بيتن، جي "تہ ڪيئن گل، مٽيءَ کي خوشبوءِ پهچائي ٿو". جي عجيب غيرفاني تشريح ڪئي آهي. ان ۾ لکي ٿي تہ:

"جڏهن ٻوٽي کان پڇيم تہ هو ڪهڙيءَ طرح گلاب جو گل بڻيو؟ ڪنهن منجهس اهڙو حسن پيدا ڪيو؟ ۽ ڪهڙيءَ طرح منجهس اها خوشبوءِ آئي؟" تڏهن گل جواب ڏنو، "ڪالهوڻي ڪالهہ آءٌ نڪر جي ڪونڊيءَ ۾، مٽيءَ جي ڍير اندر پيل هوس. اها مٽي محبت جي جلوي سان ڀرپور هئي. ان جي پاڪ تجلي آهستگيءَ سان مون ۾ پرجي ويئي، جنهن جي طفيل ئي مون ۾ هيءَ خوشبوءِ پيدا ٿي آهي. ان محبت جي غيرفاني نور، مون کي خوبصورت ۽ چمڪندڙ بڻايو آهي. هاڻ آءٌ معمولي ٻوٽو نہ آهيان. محبت جي نظر مون کي گلاب جو گل بڻائي ڇڏيو آهي."

مٿي ذڪر ڪيل مصراعن جي تشريح مان ضمني طور سندن شخصيتن جي خيالي پرواز ۽ راهبر اثرات جي نشاندهي ٿئي ٿي. انهن ٻنهي خدا جي ٻندن، پنهنجن مصاحبن جي زندگين ۾ جو ڦيرو آندو، ان جو پورو مثال مٿئين حوالي مان پئجي سگهي ٿو، تہ ڪهڙيءَ طرح نہ ان اعليٰ روح، اسان جهڙن جي مٽيءَ کي نئين زندگي بخشي ڇڏي.

سينٽ ڊي يو گسپر چوي ٿو تہ:

"روح، ماده ۾ حلول ٿيڻ ڪري ماڻهو پيدا ٿئي ٿو، رڳو ٻرندڙ شمع ٻين بتين کي روشن ڪري سگهي ٿي."

هڪ عربي چوڻي آهي تہ:

"صرف اَنجير جو وڻ ئي پنهنجي پاڇي وجهڻ سان ٻئي اَنجير جي درخت کي بارآور ڪري ٿو."

مقناطيسي ڪشش جي ڪليہ قانون وانگر، نجات يافتہ (خدا رسيده) شخص ئي پنهنجي ڪيميائي نظر سان، ٽامي مان سون بڻائي سگهن ٿا. جهڙيءَ طرح سج جي گرمي ۽ روشني، نباتات ۾ زندگي پيدا ڪري ٿي.

قرآن ۾ فرمايل آهي تہ:

"خدا زمين ۽ آسمان جو نور آهي، جنهن کي چاهي، پنهنجي نور سان منور ڪري سگهي ٿو."

وڏيڪ قرآن ۾ اهو بہ آيل آهي تہ:

"اهو الله ئي آهي جو ماڻهن کي اونده مان ڪڍي سوجهري ۾ آڻي ٿو."

منهنجي خيال موجب برگزيده بزرگ ئي رهبر ٿي، اسان کي نفساني خواهشن جي قيد کان آزاد ڪري، فڪر جو مادو بخشي، حسن ازلي، سچ ۽ نيڪيءَ سان روشناس ڪرائي سگهن ٿا.

مُربيمِ قاضي صاحب جي هنن همدردانہ خطن مان اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ هو عاشقِ رسول هو ۽ ڪيس پيغمبر خدا جي پوئلڳن جي اصلاح جو بي انتها شوق هو.

هنن خطن جي وسيلي اسان کي علامہ صاحب جي فيض بخش اثر ۽ طاقتور شخصيت جو پتو پوي ٿو.

توهان جي محبت رکندڙ

**اي. ڪي. بروهي**

# پيش لفظ

جڏهن پوي ياد، صحبت سپرين جي
فريــادون فــرياد، ناگهہ وجن نگٿو. (شاهہ)

1925ع کان جڏهين مختلف علمن جي ڪتابن پڙهڻ، جدا جدا مذهبن جي تعليم مان واقف ٿيڻ، مٽيريلزم (دهريت) جي دليلن کان متاثر ٿيڻ، ۽ تاريخ ۽ فلسفي جي مطالعي منهنجي روايتي مذهبي اعتقادن جي ديوار ۾ شڪن جا سوراخ وجهڻ شروع ڪيا، تہ ذري گهٽ ناستڪ ٿي وڃڻ جو امڪان هوم.

عين انهيءَ وقت ذاري ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جي ڪم سان ڪراچيءَ ۾ جاءِ وٺي رهڻ جو موقعو مليو. خوش قسمتيءَ سان چند اهڙن صالحن جي صحبت نصيب ٿي، جنهنڪري شهري زندگيءَ جي خراب اثرن کان محفوظ رهي سگهيس. مسٽر جمشيد نسروانجي ميهتا، مسٽر حاتم علوي، مسٽر غلام علي چاڳلا، مولانا محمد صادق کڏي وارو ۽ مولوي فتح محمد صاحب سيوهاڻي انهن مان مکيہ هئا. پهرين تن جي اثر ڪري، ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ ۾ وقت بوقت وڃي ليڪچرن ۽ بحث مباحثن ٻڌڻ جا موقعا مليا. قاضي صاحب جي پهرين ملاقات ۽ ڏيدار پڻ اُتي نصيب ٿيو. اُتي ئي سندس خيالات مان واقف ٿيڻ جو پهريون پيرو موقعو مليو. ان کان پوءِ سگهوئي وٽن وڃي، ساڻن ملاقاتن ذريعي، پنهنجي پيدا ٿيل شڪن جي دفع ڪرڻ ۽ مختلف مسئلن تي معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آيس.

جيئن تہ آءٌ 1920ع کان اڪثر ڊائري لکندو رهيو آهيان، تنهنڪري قاضي صاحب جي ملاقاتن جون ڪيتريون تاريخون ۽ هر ملاقات ۾ ٿيل گفتگوءَ جو تت منهنجي ڊائريءَ جي ڪيترن ئي ورقن ۾ موجود آهي. انهن جو منفصل ذڪر

طوالت جو باعث سمجهي، هتي ڪرڻ مناسب نٿو ڄاڻان. جڏهين بہ ڪراچيءَ ۾ هوندو هوس، تہ سندس ملاقاتن ليڪچرن مان مستفيد ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو هوس. ڳوٺ اچڻ بعد بہ خطن ذريعي نصف ملاقات طور اُنهيءَ سلسلي کي جاري رکندو آيس. جڏهين پاڻ ولايت ڏي ويا ٿي، تہ اتي بہ ساڻن خط و ڪتابت ٿيندي رهي ٿي، مون حتي الامڪان سندن آيل جملي خطن کي خستوريءَ وانگر محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ممڪن آهي ڪي خط شايد زماني جي هيٺ مٿانهين ڪري گم ٿي ويا هجن، پر انهن جي ڪثرت مون وٽ محفوظ آهي، جا ناظرين اڳيان هن ڪتاب جي صورت ۾ پيش ڪريان ٿو.

1934ع ۾، ولايت کان جڏهن واپس آيو، تڏهن وري سندس ملاقاتن ۽ خطبن ٻڌڻ جو سلسلو شروع ٿيو. پاڻ ڪڏهين حيدرآباد ۾ رهندا هئا تہ ڪڏهين ڪراچيءَ ۾. سندن رهڻ جون مختلف جايون اجا تائين اکين اڳيان پيون ڦرن. فليٽ نمبر 4 وڪٽوريا روڊ، صدر ڪراچي، حيدرآباد ڪئنٽونمينٽ بنگلو نمبر 4، قاضي ميان علي محمد جي جاءِ برنُو روڊ ڪراچي، برسٽل هوٽل ڪراچي، پيستنجي هائوس گارڊن ڪوارٽر ڪراچيءَ جون جايون بخوبي ياد اٿم.

سندن ملاقاتن ۽ صحبت مان جا معلومات ميسر ٿي، سا مشڪل سان سون ڪتابن پڙهڻ مان حاصل ٿي سگهي ها. بقول شاعر:

يڪ زمانہ صحبتِ با اوليا، بهتر از صد سالہ طاعت بي ريا.

مون ۾ جيڪو بہ اسلام جي صحيح تخيل، محبت نبويءَ ۽ انساني همدرديءَ جو ذرو موجود آهي، ان لاءِ قاضي صاحب جي ملاقاتن ۽ صحبت کي وڏو دخل آهي.

سندن صحبت بعد آءٌ هيٺين نتيجن تي پهچي سگهيس.

(1) ڪائنات رٿا ۽ مقصد سان بنايل آهي:

ابتدا ۾ جڏهن پهريون مذهبي اثر، مختلف ذڪر ڪيل وجوهات سبب ٽٽڻ لڳو، تہ غور فڪر ڪرڻ بعد دنيائي معاملن ۽ زندگيءَ جي ڪاروبار ۾ بي ترتيبي ۽ بي ڊنگائي ڏسڻ ۾ اچڻ لڳي هئي. جهڙوڪ:

(الف) روزانہ ڪروڙين ماڻهو غربت ۽ مسڪينيءَ ڪري، باوجود مشقت ۽ مزدوريءَ جي بہ پوري ڪاڌي، ڪپڙي ۽ اَجهي نہ هئڻ سبب حيران ۽ پريشان نظر آيا ٿي. تہ

بئي طرف چند ماڻهو بنا ڪنهن سخت محنت جي، عيش آرام جي زندگي گذاري رهيا هئا.

(ب) ڪروڙين ماڻهو مرضن ۽ طرح طرح جي مصيبتن ۾ گرفتار هئا. ڪي چمندي لنگڙا، لولا، انڌا ۽ گونگا بنا علاج جي حياتي گذارڻ تي مجبور هئا، تہ ڪن تازا توانا ۽ تندرست رهي، بنا ڪنهن تڪليف جي پينگهي کان قبر تائين فرحتن ۾ وقت پئي گذاريو.

(ج) ڪيترا جهڳڙا، لڙايون، ظلم ۽ فساد، ڏاڍن جي حرص ۽ خود مطلبيءَ جي پورائي لاءِ ٿيا ٿي، جنهنڪري دنيا ۾ دک ۽ درد پکڙيو پيو هو.

(د) هڪڙا ماڻهو حسين ۽ بيا ڪوجها، هڪڙا عاقل ۽ بيا جاهل. هڪڙا شاهوڪار بيا غريب، هڪڙا زبردست بيا هيڻا. هڪڙا رحمدل ۽ بيا ظالم هئا.

(هہ) ڌرتين جي ڌبڻ، طوفانن جي لڳڻ، سيلابن جي اچڻ ۽ باهين ۽ بيمارين وغيره ڪري لکها جانيون بي گناهہ تباهہ ٿيون ٿي.

جڏهن انهن ڳالهين تي غور ٿي ڪيم، تہ منهنجي ناقص سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ جيڪڏهن ڪائنات ڪنهن رٿا ۽ مقصد سان بنايل هئي، تہ ان ۾ عدل ۽ انصاف ڇو موجود نہ هو ۽ ڇا جي لاءِ هيءَ بي ترتيبي، بي ڍنگائي ۽ انتشار موجود هو!

قاضي صاحب جي صحبت اُنَ تصوير جو بيو طرف ڏيکاريو. فرمايائون- ٠

سجن جي چوطرف سيارن جي باقاعدگيءَ سان ڦرڻ، ستارن جي مقرر مفاصلن تي خلا ۾ قائم رهڻ ۽ مقرر زمانن ۾ چڪر لڳائڻ. راتين ينيان ڏينهن جي اچڻ. موسمن جي تبديليءَ. هر جاندار شيءِ جي ڄمڻ ۽ مرڻ. پاڻيءَ جو سمنڊن مان ٻاڦ رستي ڪڪر ٿي، برف بنجي، درياڻن ۽ بارشن ذريعي زمينن کي سيراب ڪري. ٻيلن ۽ ٻوڪن بنائڻ ۾ ترتيب ۽ يڪسانگي هئي.

اول ۾ ذڪر ڪيل بي ترتيبي سطحي نگاهہ جو ڪارڻ هئي، اونهي غور بعد سموري مسئلي ۾ هڪ رِٿا ۽ ترتيب نظر آئي ٿي. پهرئين غلط نقط نگاهہ جو مکيہ ڪارڻ ڪائنات جي منصوبہ ساز جي اونهن اسرارن جي عدم واقفي هئي.

انهيءَ سمجهاڻيءَ بعد قرآن جي هن آيت جي حقيقي معنيٰ جو مفهوم سمجهڻ ۾ اچڻ لڳو:

"ما خلقت هذا باطلا"

(يعني، ڪابہ شيءِ بيڪار ۽ بنا مقصد جي نہ ناهي ويئي هئي.)

ان مان معلوم ٿيو تہ خلقت حادثو نہ هئي، بلڪ رٿا ۽ پلئن سان بنايل هئي. ظاهري بي ترتيبيءَ جو مکيہ سبب خدا جو شخصي يا محدود تصور هو. قاضي صاحب جن هميشہ، اُن تي شيخ سعدي عليہ الرحمت جو هيءُ بيت اُچاريندا هئا—

اي برتر از خيال و قياس و گمان وهم،
وز هرچہ گفتہ اندر وشنيديم و خوانده ايم،
مجلس تمام گشت و بہ آخر رسيده عمر،
ما همچنان در اول وصف تو مانده ايم.

(2) مسئلي وحدت الوجود (ويدانت) جي ساڃاهہ—

جنهن مطابق هر شيءِ جو مرڪز ذات الاهي هو، ٻيون سڀ شيون اُن جي صفات، تجلي يا پرتوو هيون. انهيءَ تعليم جي ذريعي سنڌ جي صوفياء ڪرام، جهڙوڪ: شاهہ عنايت عليہ الرحمت، شاهہ عبداللطيف عليہ الرحمت، سچل سرمست عليہ الرحمت، وغيره جي ڪلام، جو ننڍپڻ ڪان ٻڌندو آيو هوس، جي معنيٰ ۽ مطلب جو پتو پوڻ لڳو.

هر شي دي وچ تونهين وسدا، اپنا آپ چهپائي کيون!
اندر باهر تونهين وسيا، بانورا لوڪ پلائي کيون!
(دلپت- طالب شاهہ عنايت عليہ)

- سو هي سو هوءَ، سو اجل سو الله.
سو پرين سو پساد، سو ويري سو واهرو. (شاهہ لطيف)
- صورت جو سبحان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو. (سچل عليہ)

"هر صالح ماڻهو، پوءِ ظاهري طرح هو ڪهڙي بہ مذهب جو پوئلڳ هو، مسلمان هو، ۽ هر غير صالح ماڻهو، پوءِ ڪٿي ظاهري طرح هو مسلمانن جي قطار ۾ شمار ٿيل هجي، غير مسلم هو".

قرآن جي هيٺين آيت ان جي ثبوت ۾ پڙهندا هئا -

ان الذين آمنوا والذين ها دوا والنصاريٰ والصابئين من آمن بالله واليوم الآخر و عمل صالحاً فلهم اجرهم عند ربهم ولا خوفٌ عليهم ولا هم يحزنون٥

(معنيٰ- جن ايمان آندو آهي (مسلمان) ۽ جي يهودي يا نصاريٰ بڻي مذهب جا آهن ۽ انهن خدا تي ايمان آندو آهي، انسان جي روشن مستقبل ۾ ويساه اٿن ۽ چڱا ڪم ڪن ٿا، تن کي خدا وٽان فائدو ملندو ۽ اهي خوف خطري (تنزل ۽ موت جي) کان آجا آهن.)

باوجود انهيءَ صريح حڪم جي نجات ۽ جنت (حقيقي خوشي ۽ ترقيءَ) جو حقدار صرف چند اهڙن ماڻهن جي گروه کي ڄاڻڻ، جن ۾ هر قسم جا غاصب، ظالم، زاني، راشي، استعمال غرضي (ايڪسپلائٽرس) وارا پڻ اچي ٿي ويا— انهيءَ عقيدي جي اصليت مون تي کلي پيئي. اهو مذهب، جو انسانذات مان ننڍ وڏائيءَ، ذات پات، رنگ نسل جي فرقن کي مٽائڻ ۽ مختلف فرقن ۽ مذهبن جي نالي ۾ ماڻهن جي وچ ۾ ڪوڙي ڪيل ديوارين کي ڊاهڻ لاءِ آيو هو، جو مساوات، اخوت، اتحادِ انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم جو سبق ڏيڻ آيو هو، سو جدا گروه بنجي اختلاف، اڳرائيءَ، تشدد ۽ هٺ هٺيءَ جو حامي ڪهڙيءَ طرح ٿي سگهيو ٿي؟

(6) سر زمين سنڌ جا رهاڪو هڪ خاص مشن جا پيغامبر هئا: سندس صحبت ۽ تعليم مان مون کي ان ڳالھ جو پتو پيو تہ سرزمين سنڌ جي رهاڪن کي، مختلف وجوهات جي بنياد تي، جنهن جو منصل ذڪر هن ڪتاب جي آخر ۾ ذيل سندس مضمون نمبر 1 ۾ آيل آهي، انسانذات جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ خاص پيغام پهچائڻ جو منصب سپرد ٿيل آهي. اسان کي ان جي سرانجاميءَ لاءِ تيار ٿي ڪم ڪرڻو آهي.

(7) **متي ذڪر ڪيل مقصدن جي حصول لاءِ:** سنڌ ۾ هڪ مرڪز (خانقاه يا آشرم) بنائي، مخلص ۽ قربانيءَ جي مجسمن ۽ راسخ العلم ڪارڪنن کي تعليم ۽ تربيت ڏيئي، مشنري ٿي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ڪرڻو هو.

قاضي صاحب مرحوم سان گهري واقفيت، سندس لکيل خط نمبر 38 مان معلوم ٿئي ٿو تہ جولاءِ 1929ع کان ٿيل هئي. ان وقت کان وٺي وقت بوقت سندس صحبت مان مستفيد ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو آيس، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو تہ پاڻ مون تي نهايت مهربان ۽ شفيق ٿيندا ويا . آءٌ بہ جڏهين ڪانئن پري هوندو هوس، تہ نصف ملاقات لاءِ خط لکي سندن صحبت کي تازو ڪندو هوس، ۽ پاڻ بہ مهرباني ڪري خطن ذريعي جواب ڏيندا رهندا هئا. سندن خطن جي اڪثريت انگريزيءَ ۾ لکيل آهي، تنهنڪري بهرين خيال آيو هوم تہ، انهن کي ساڳيءَ زبان ۾ ڇپائي، انگريزي ديباچي ۽ حياتيءَ جي بيان سان پاڪستان ۽ دنيا جي مختلف حصن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪريان. پر غور ۽ فڪر بعد هيٺين سببن ڪري انهن کي سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪري پيش ڪريان ٿو:

(1) جنهن صورت ۾ سندن خيال هو تہ سر زمين سنڌ جي رهاڪن کي انسانذات لاءِ خاص پيغام ڏيڻو هو، ان جي ابتدا سنڌ مان ڪرڻي هئي، هتي ئي مرڪز بنجڻو هو، انڪري ضروري سمجهيم تہ اول ۾ اهل سنڌ کي متي ذڪر ڪيل پيغام کان واقف ڪري، سندس منشا پوري ڪجي.

(2) منهنجي خيال ۾ سندس متي ذڪر ڪيل مِشَن جي سرانجاميءَ جا بہ پهلو آهن:

(الف) بين الاقوامي پهلو

(ب) سر زمين سنڌ جي مخلص ڪارڪنن جي گروه پيدا ڪرڻ جو پهلو.

پهرئين پهلوءَ جي سرانجاميءَ جو لائق ۽ اهل قاضي صاحب جن مسٽر الهه بخش خان بروهيءَ کي پاتو ۽ هُــن کي ئي اُن منصب لاءِ پاڻ مقرر فرمايو هئائون- سندن مختلف اقوال اُن ڳالهہ جي دليل طور موجود آهن. ان ڪري اهو ڪم محترم بروهي صاحب جي حوالي ئي سونهي ٿو. قاضي صاحب مشن جي ٻئي پهلوءَ جي سر انجاميءَ لاءِ بندہ کي منتخب فرمايو هو. انهيءَ نقطہ نگاهہ موجب، اُن ٻئي پهلوءَ کي پوري ڪرن لاءِ اهل سند مان مخلص ڪارڪنن جو گروه پيدا ٿي، پنهنجون خدمتون سندس حقيقي جاءِ نشين مسٽر بروهيءَ جي

سپرد ڪري سگهي، اُن مقصد جي پوئواريءَ لاءِ پڻ هي ضروري سمجهيم ته قاضي صاحب مرحوم جا هي خط پهريائين سنڌي بوليءَ ۾ پيش ڪيا وڃن.

هي خط مختلف موقعن تي لکيل آهن- جي يا ته منهنجي لکيل خطن جي جواب ۾ يا روبرو ڪيل گفتگوءَ جي مجهاٽيءَ لاءِ لکيل هئا- مون کي خبر نه آهي ته منهنجا خط قاضي صاحب مرحوم جي ڇڏيل ڪاغذن جي ذخيري ۾ محفوظ آهن يا نه؟ سندن هڪ خط ۾ اِهڙو اشارو ڪيل آهي، جنهن مان معلوم ائين ٿئي ٿو ته اُهي خط پاڻ به محفوظ ڪيا اٿن. بهرحال سندن هنن خطن جي پس منظر ۾ ڪثير ملاقاتن وقت ٿيل گفتگو ۽ منهنجي لکيل خطن ۾ ظاهر ڪيل خيالن کي ڪافي دخل آهي. تنهنڪري مناسب ائين سمجهيو اٿم ته ضرورت سارو اڪثر خطن جي هيٺان مختصر نوٽن ۾ انهن جي پس منظر معلوم ڪرائڻ لاءِ، "شان مڪتوب" به پيش ڪريان. اهي نوٽ وڏين ڏنگين ۾ آندل آهن. خطن ۾ ڪٿي ڪٿي مطلب جي واضع ڪرڻ لاءِ پنهنجي طرفان ڪجهه لفظ ڏنا اٿم، جي پڻ وڏين ڏنگين ۾ رکيل آهي.

منهنجي خيال ۾ سرزمين سنڌ جي خاص پيغام جا مبلغ صوفياء ڪرام، شاه عنايت شهيد عليه، شاه لطيف عليه، سچل سرمست عليه وغيره هئا. هن دؤر ۾ انهيءَ پيغام جو صحيح شارح، جناب علامہ امداد علي قاضي صاحب عليه الرحمت هو— اسان سڀئي انهيءَ عظيم پيغام جا اسٽوڊنٽ (طالب) يا قاصد (پروپيگنڊسٽ) ٿي، ان جي مشتهريءَ جو ڪم ڪري سگهون ٿا.

سن - غلام مرتضيٰ

جولاءِ 1968ع

---

1910ع جو سڄو سال جرمنيءَ ۾ رهيو. انهيءَ سال سندس شادي ايلسا قاضيءَ سان ٿي. 1911ع ۾ بئرسٽريءَ جي ڊگري ورتي، واپس وطن موٽيو. موٽڻ بعد مختلف علوم جو مطالعو جاري رکيائين. وقت بوقت جڏهين ولايت ويو، ته باوجود وڏيءَ عمر جي مختلف استاذن کان تعليم حاصل ڪندو رهيو. جيئن ته 1932-1933ع ۾ شيخ گوما (الاظهر) کان لنڊن اسڪول آف اورينٽل اسٽڊيز ۾ عربيءَ جي تعليم ورتائين، ۽ پروفيسر ڊاڪٽر ٽريٽن کان به عربي سکيو.

قاضي صاحب مرحوم 1911ع کان 1951ع تائين ڪجهه وقت سنڌ ۾ گذاريو، ته ڪجهه وقت انگلينڊ ۾ گذاريو. وطن ۾ رهائش واري عرصي ۾ ڪجهه وقت ٽنڊي محمد خان ۾ سول ڪورٽ جو جج ٿي رهيو. ان کان پوءِ ڪجهه عرصي لاءِ خيرپور رياست ۾ سيشن جج ۽ رياست جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جو هوم ميمبر ٿي رهيو. ڪجهه وقت حيدرآباد ضلعي جو پبلڪ پراسيڪيوٽر ٿي رهيو. انگلينڊ ۾ رهائش جي وقت ڪجهه عرصو لنڊن اسڪول آف اورينٽل اسٽڊيز ۾ سنڌي زبان جو استاد ۽ ممتحن ٿي رهيو. اهو عهدو اعزازي هوس. 1924ع ۾ انگلنڊ ۾ قاضي صاحب کي شعر جي انجمن (Poetory Soceity) جو نائب صدر چونڊيو ويو. ان عهدي تي هُو 1943ع تائين رهيو. 1929ع ۾ کيس انگلنڊ جي فلاسافيڪل سوسائٽيءَ جو لائيف فيلو (تا حيات ميمبر) مقرر ڪيو ويو.

قاضي صاحب ڪجهه وقت لنڊن شهر ۾ 1929ع کان 1932ع تائين اسلامي تبليغ جو ڪم ڪيو. لنڊن جي ايسٽ اينڊ ۾ ان ڪم لاءِ هڪ تبليغ جو مرڪز کوليائين، جنهن ۾ لنڊن جا رهاڪو، ڪيترا عرب ۽ ٻيا مسلمان ساڻس شريڪ ڪار هئا. ان تحريڪ جو نالو "جميعت المسلمين" رکيو ويو هو. 1933ع ۾ قاضي صاحب برنارڊشا جي مشهور ڪتاب "ائڊوينچرس آف اي بلئڪ گرل ان سرچ آف گاڊ" جي نموني تي هڪ "ائڊوينچرس آف اي برائون گرل ان سرچ آف گاڊ" لکيو.

پاڪستان قائم ٿيڻ بعد حالتون سازگار نه ڏسي انگلينڊ هليو ويو. ههڙي حساس دل ۽ محبت انسانيءَ ۾ سرشار ماڻهوءَ کي هندن، سکن ۽ مسلمانن طرفان هڪ ٻين جي خونريزين نهايت پريشان ڪري وڌو هو، جي ڳالهيون هن لاءِ ناقابل برداشت هيون. پر پوءِ جڏهين حالتون ڪجهه بهتر ٿيون، ته ڪن

دوستن طرفان زور پرڻ تي واپس موٽي آيو. ۽ اپريل 1951ع ۾ اچي سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلريءَ جي چارج ورتائين. سنڌ يونيورسٽيءَ جي حيثيت ان وقت صرف امتحانن وٺڻ واري بورڊ جي هئي. ان کي قاضي صاحب محنت ڪري تعليمي يونيورسٽي بنايو، جتي پوسٽ گريجوئيٽ تعليم جو انتظام ڪيو ويو.

پاڪستان سان مارشل لا لاڳو ٿيڻ بعد جلد ئي ٻئي سال 1959ع جي مئي مهيني ۾ هن وائيس چانسلريءَ جي عهدي تان استعيفا ڏني. ان کان پوءِ سمورو وقت حيدرآباد شهر ۾ ڪئنٽونمينٽ جي بنگلي نمبر 4 ۾ گوشه نشين زندگي گذارڻ لڳو.

ننڍپڻ ۾ مائٽن سندس ٻه شاديون ڪرايون هيون، پر ولايت وڃڻ کان اڳ انهن سان تعلق نه رهيو هوس. 1910ع ۾ ايلسا قاضيءَ سان شادي ڪيائين، جنهن سان 1967ع تائين 57 سال گڏ گذاريائين.

مسز قاضيءَ 28- مئي 1967ع تي وفات ڪئي. اُن رفيقِ حيات جي صدمي سندس صحت تي گهڻو اثر ڪيو. هو دنيا ۾ پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪرڻ لڳو. باوجود عزيزن طرفان ساڻس گڏ گذارڻ جي آڇن جي، هن اڪيلي رهڻ ۾ لطف محسوس ڪيو. ڪيس حيات بعدالممات ۾ پڪو يقين هو. ٻڌڻ ۾ آيو ٿي ته مسز قاضيءَ جي انتقال بعد مانيءَ جي ميز تي، مسز قاضيءَ جي ويهڻ واريءَ جاءِ تي، هميشه وانگر طعام رکيو ويندو هو. ۽ هن جو بسترو هميشه وانگر وڇايل رهندو هو. پاڻ 13- اپريل 1968ع تي شام جو سنڌو درياه ۾ ٽپو ڏيئي وڃي خدا سان مليو.

قاضي صاحب جي زندگيءَ ۾ اپريل ۽ مئي مهينا نهايت اهم رهيا هئا. پاڻ اپريل ۾ تولد ٿيا هئا. مسز قاضيءَ سان سندن شادي اپريل مهيني ۾ ٿي هئي. پاڻ اپريل مهيني ۾ وفات ڪيائون. مسز قاضيءَ مئي مهيني ۾ وفات ڪئي. سندن سنڌ ۽ انگلينڊ ۾ رهائش جو وقت پوريءَ طرح معلوم ٿي نه سگهيو آهي، پر تخميني طور اهو هيٺئين موجب سمجهڻ ۾ اچي ٿو:

| ولايت ۾ رهائش جو عرصو | سنڌ ۾ رهائش جو عرصو |
|---|---|
| 1907ع کان 1911ع تائين | 1911ع کان 1917ع تائين |
| 1917ع کان 1919ع تائين | 1919ع کان 1924ع تائين |
| 1924ع کان 1927ع تائين | 1927ع کان 1929ع تائين |

جي ڪوشش ڪندو، جن طريقن مان خودڪشي بہ هڪ طريقو هو. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ وفاتيءَ کان اڳ گهڻو وقت پاڻ انهيءَ مسئلي تي پئي سوچيو اٿن. چوڻ ۾ اچي ٿو تہ ڪجهہ وقت اڳ پاڻ قاضي فيض محمد نواب شاهہ واري سان، جو سندس معتقدن مان هڪ آهي، ان مسئلي تي گفتگو ڪئي هئائون. ازانسواءِ وفاتيءَ کان ٿورو اڳ پروفيسر غلام مصطفيٰ خان صاحب، سنڌ يونيورسٽيءَ جي وڏي عالم، صاحبِ فڪر ۽ تقويٰ، سان بحث ۾ آيو تہ ان مسئلي تي شريعتي نقطي نگاه کان گفتگو ڪري، خودڪشيءَ جي خلاف ڪا قرآني يا شريعتي سندَ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئائين، جنهن بابت متيون بزرگ وقت اندر ڪا بہ تسليٰ بخش سند ڪيس پيش ڪري نہ سگهيو. بيو ڪارڻ اهو بہ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو تہ مسز قاضي هڪ بيماريءَ ڪري هڪ مهينو کن "ڪوما" ۾ بيهوش ٿي ويل هئي. انهيءَ ساڳيءَ بيماريءَ جا آثار هن پاڻ ۾ ڏٺا هئا. خوف هوس تہ جي هو گهڻي عرصي تائين بي هوشيءَ جي حالت ۾ رهيو، تہ ڪيترن ماڻهن جي تڪليف جو باعث بڻبو.

## سندن نتيجهٔ فڪر جو مختصر لب لباب:

جيئن مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان، تہ قاضي صاحب، نفسيات، فلاسافي، تصوف، مذهب، اقتصاديات، تواريخ، علم الحيات، فزڪس، (علم طبيعات) ۽ قانون جي تعليم وٺڻ کان علاوه وسيع ڪتابن جي مطالعي جو مالڪ هو. نوڪريءَ ۾ يا اُن کان ٻاهر زندگيءَ جو گهڻو وقت مطالعي ۽ فڪر ۾ گذاريندو هو، ۽ رڳو ملاقاتن ۽ بين دنياوي مشغلن ۾ وقت صرف نہ ڪندو هو. جنهنڪري هو راسخ العلم ۽ صاحب دلِ شخص جي درجي تي پهچي چڪو هو ۽ روحاني رازن مان گهڻي واقفيت حاصل ڪري ويو هو. خاص ڪري دنيا جي جملي مذهبن جي ڪافي معلومات حاصل ڪئي هئائين. ان ڪري زندگيءَ جي مختلف مسئلن بابت ڪي پختا نتيجا اخذ ڪري چڪو هو. جن جو اختصار منهنجي نظر ۾ هيٺيون ٿي سگهي ٿو—

(۱) ڪائنات حادثي طور پيدا ٿيل نہ هئي، پر هڪ منصوبي يا رٿا سان ۽ ڪن مقصدن لاءِ وجود ۾ آيل هئي. ان سموريءَ ڪارگذاريءَ پويان ڪارساز جو هٿ ڪارفرما نظر ٿي آيس. ان ڪارساز جا ڪيئي تخيل، مختلف مذهبن ۽ فلسفن طرفان پيش ڪيل، سندس نظر مان گذريا هئا.

# فصل ٻيو

## قاضي صاحب جا خط

## (1929 - 1945)

(1)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

4 - وڪٽوريا روڊ، ڪراچي

5 - سيپٽمبر، 1929ع.

منهنجا پيارا سيد صاحب،

مون کي اميد آهي تہ سيڪريٽري ڪاليج ائسوسيئشن توکي اڳ ۾ دعوت نامو موڪليو هوندو. تنهن هوندي بہ مون تنهنجي لاءِ هڪ ڪارڊ پاڻ وٽ وٺي رکي ڇڏيو آهي.

اسان سڀ ڪاليج ۾ گڏجي هلنداسون، پر جيئن تہ مسز قاضيءَ کي صدارت ڪرڻي آهي انڪري اسان کي پوري وقت تي اتي پهچڻ گهرجي.

جيڪڏهن تون مهرباني ڪري 6-30 بجي شام جو اچين، تہ اسان هتان پوري وقت تي نڪري، مجلس ۾ شرڪت ڪري سگهون ٿا. مون کي اميد آهي تہ توکي اهو وقت موزون لڳندو.

سياڻي ڇهين سيپٽمبر 6:30 بجي اسان تنهنجو انتظار ڪنداسون.

اسان ٻنهي جا پيار رسن.

—— تنهنجو مخلص،

آءِ. آءِ. قاضي

تنهنجو ياءُ، امداد.

[مون کيس خط لکي اطلاع ڏنو ته جواب ۾ دير ٿيڻ جو ڪارڻ سماجي ڪم ڪارين ۾ ٻيون مشغوليون نه هيون، پر منهنجي پڦي عالم خاتون، جنهن مون کي نپايو هو، ان جي ڪجهه وقت تائين بيماري ۽ آخر ۾ 8 نومبر 1929ع تي انتقال هو، ۽ سندس لاءِ منهنجي محبت ۽ عقيدت ۾ ڪابه گهٽتائي نه آيل هئي.]

(4)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

حيدرآباد، ڪئنٽونمينٽ نمبر 4

26 ڊسمبر، 1929ع

منهنجا پيارا شاهه،

تنهنجي پيار ڀرئي خط لاءِ شڪريو. مون کي اهو معلوم ڪري نهايت ارمان ٿيو آهي. ته تون به دکن ۾ اچي ويو آهين - جيڪو ٻين جي دکن دور ڪرڻ ۾ مشغول رهي ٿو.

ڪل من عليها فانٍ ويبقيٰ وجهه ربڪ ذوالجلال والاڪرامO

باوجود ان جي جيسين ماڻهو زنده آهي، پيارن جو وڇوڙو نهايت دردناڪ ٿئي ٿو، خدا مرحوم تي رحمت ڪري، ۽ توکي تسڪين قلب عطا فرمائي.

آءٌ هتان جي آس پاس جي ڳوٺن ۾ ويندو رهان ٿو. ماڻهن جي پريشان حالي، جنهن جو ڪارڻ غربت ۽ جهالت آهي، [مون جهڙي ماڻهوءَ لاءِ] ناقابل برداشت آهي. جيڪڏهين شاهوڪارن کي [انهن جي حال کان غافل رهي،] خدا جي غضب لاءِ ترسڻو آهي ته ڪم از ڪم غريبن کي پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ لاءِ تيار ڪرڻ گهرجي.

مون کهڙي کي لکيو آهي ته ڪنهن وقت مون سان ملي. ته اسان اهڙو ڪو رستو ڳولي لهون جنهڪري ڪم از ڪم غريبن مان جهالت کي دور ڪري سگهجي. جيڪڏهن ٻيا شاهوڪار ان طرف ڌيان نٿا ڏين. ته ٿورا به ڪافي ٿيندا. غريب ڇوڪريون پردي ۾ نه آهن. انهن جي تعليم لاءِ به انتظام

(5)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

حيدرآباد

12 - فيبروري، 1930ع

پيارا شاهه صاحب،

اسان تنهنجي سرگرمين جو احوال گهڻيءَ دلچسپيءَ سان پڙهندا رهون ٿا. ازانسواءِ تنهنجا بهترين مضمون پرڪاش اخبار ۾ به پڙهيا اٿئون— "جزاڪ الله خيراً"

خدا تنهنجو انهيءَ پروگرام جي ڪاميابيءَ لاءِ مددگار ٿيندو. تون سندس ڪم ڪري رهيو آهين. تنهنجي مخالفن جو تعداد به ٿورو نه آهي. انهن کي خدا راهه هدايت بخشي پر انهن لاءِ خدا جو لقب — "خيرالماڪرين". ڪم ڏيندو.

دشمن چه کند، چه مهربان باشد دوست!

خدا شل توتي برڪتون ۽ مددون موڪليندو رهي.

اسان هت پوريءَ طرح رهڻ جو فيصلو نه ڪيو آهي. ممڪن آهي ته ڪنهن به وقت وري اچي ڪراچيءَ ۾ رهون. اسان جي دل مان هفتيوار اخبار ڪڍڻ جو خيال هڪ ڏينهن لاءِ به نه نڪتو آهي، بلڪ روز بروز تازو ٿي رهيو آهي. اسان تنهنجا رايا ان جي ابتدائي مسئلن، جهڙوڪ نالو، ان ۾ ڪهڙو مواد اچڻ گهرجي، ان جي فنڊس جو ڪيئن پورائو ڪجي، قيمت ڪيتري رکي وڃيس، اُن جي ڇاپي ۽ وڪري لاءِ ڪهڙو انتظام ڪرڻ گهرجي، وغيره بابت معلوم ڪرڻ گهرون ٿا.

اسان ٻن ڏينهن لاءِ ڪراچيءَ ۾ اچون ٿا، اُتي توسان ان مسئلي تي ڪافي وقت تائين گفتگو ڪنداسون. اسان شايد چند ڏينهن لاءِ لاڙڪاڻي به وڃون، اتان واپسيءَ ۾ ڪراچيءَ ايندا سون.

ان وچ ۾ هڪ هفتيوار اخبار جو نمونو لکي رهيو آهيان: جنهن کي ڏسي، پاڻ گفتگو ڪري، ڪنهن نتيجي تي پهچڻ جي ڪوشش ڪنداسون.

حاتم علوي اهڙوئي مشغول هوندو، جهڙو هميشه رهي ٿو. مون کي گهڻي وقت کان ونائنس ڪو خط نه پهتو آهي. جنهن وقت ملينس، ته منهنجا سلام ڪيس ڏج.

اسان ٻنهي جا پيار ۽ سلام رسن.

تنهنجو پيار ڪندڙ،

امداد قاضي

(7)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

حيدرآباد ڪئنٽونمينٽ،

14 - اپريل، 1930ع

منهنجا پيارا شاه صاحب،

آءٌ سمجهان ٿو تہ اوهان ڪراچي ميونسپل اليڪشن ۾ مشغول آهيو. مون کي اميد آهي تہ پياري حاتم، ڪراچي ميونسپالٽيءَ ۾ ڪا جڳهہ حاصل ڪري ورتي هوندي.

اسان اوچتو منهنجي همشيره جي نندڙيءَ نياڻيءَ جي بيماريءَ ڪري هتي روڪجي پيا آهيون. جنهن وقت فراغت ٿيندي، تہ پنهنجي روانگيءَ جو توکي اطلاع ڏينداسون.

تون جاءِ ۾ مانيءَ لاءِ ڪا بہ تڪليف نہ وٺج، جو اسان هڪ ڏينهن هوٽل ۾ رهي، پوءِ پيو رهڻ جو انتظام ڪنداسون. ان ڪان پوءِ تو وٽ رهڻ لاءِ انتظام ڪرڻ واسطي ڪافي وقت ملندو. اسان توکي بنگلي جي اڌ مسواڙ ڏينداسون، جيڪا تون ڏين ٿو، جيئن تہ اسان مٿي فلئٽ ۾ رهنداسون، تنهنڪري فائدو ان کي آهي. ڪراچيءَ ۾ اسان کي جاءِ جي هيٺئين طبقي کان مٿيون طبقو زياده پسند اچي ٿو.

مون کي معلوم ٿيو آهي تہ ينگ وِمينس ڪرسچن ائسوسئيشن هڪ ڪلچرل شو، ڪمشنر سنڌ ۽ پادرين جي مدد سان ملهائي رهي آهي. مون کي نهايت خوشي ٿيندي جيڪڏهن حج جي موقعي تي ينگ مينس مسلم ايسوسئيشن وارا بہ عيدالحج جو ڏينهن پوريءَ طرح ملهائين. گذريل 13 سوَن ورهين کان عيدن جي موقعي تي خطبو پڙهيو وڃي ٿو، جنهن ۾ چيو وڃي ٿو تہ "ليس العيد الخ"- يعني اها عيد هن قسم جي نہ آهي پر ٻئي قسم جيِ آهي. اڄ ڪلهہ جا مسلمان منع ڪيل ڳالهين سان عيد ملهائين ٿا. پر جن ڳالهين جي ڪرڻ لاءِ ڪين هدايت ڪيل آهي اُن کي وساري ڇڏيو اٿن. ڇا، اها صريح حڪمن جي غلط تعبير نہ آهي؟ اُن جو ڪارڻ اهو آهي تہ عربيءَ وارو خطبو سمجهيوئي ڪونہ ويو آهي. ڇا، ڪمشنر سنڌ جهڙيءَ طرح ينگ وِمينس

ڪرسچن ائسوسئيشن جي سرپرستي ڪري ٿو. اهڙي طرح ينگ مينس مسلم ائسوسئيشن جي سرپرستي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندو؟ پر اسان لاءِ خدا جي سرپرستيءَ تي ڀروسو رکڻ بهتر آهي. الائي، ڪڏهين اسان ڪي ان ڳالهہ جو احساس ٿيندو؟

فَمَنْ يَتَوَكَّلْ عَلَى اللهِ فَهُوَ حَسْبُهُ - نِعْمَ الْمَوْلٰى وَنِعْمَ الْوَكِيل.

وري لکندس.

تنهنجو پيار ڪندڙ،
امداد قاضي

[خط نمبر 5 ۾ پاڻ اشارو ڪيو هئائون تہ جلد ڪراچيءَ ۾ اچي هو مون سان خدمت خلق جي ڪم ۾ شرڪت ڪندا. ان تي مون کين لکي عرض ڪيو هو تہ منهنجو بنگلو وڏو هو، آءُ اڪيلو رهيس ٿي. پاڻ اچي اُتي رهن - آءُ هڪ ڪمري ۾ سندن خدمت ڪندو رهندس. هيءُ خط ان جي جواب ۾ هو. هميشه وانگر، محجوب طبيعت هئڻ ڪري، ٻهرين چون ٿا تہ هوٽل ۾ رهي پوءِ خيال ڪبو. باوجود محبت جي مون سان گڏ نہ رهڻ جو مکيہ ڪارڻ سندن ڪنهن تي بار نہ پوڻ جو احساس هو، جو هميشہ سندن استغنا ۽ محجوب طبيعت جو جزو هو. پوءِ حالتون اهڙيون واقع ٿينديون آيون، جو سارو سال ڪراچيءَ اچي رهڻ جو پروگرام ملتوي ڪري ڇڏيائون. ائين وچ ۾ ٻہ - ٽي دفعا ڪراچيءَ آيا. 30 سيپٽمبر 1930ع شام جو جڏهين جناح صاحب کي پنهنجي بنگلي تي دعوت ڏيئي، سنڌ جي جدائيءَ لاءِ عرض ڪيوسون، تہ ان وقت قاضي صاحب بہ شريڪ هئا.

21 نومبر 1930ع تي ڪراچيءَ ۾ منهنجي بنگلي تي انگريزي اخبار ڪڍڻ لاءِ صلاح مصلحت ڪرڻ واسطي ميٽنگ ڪني ٿي. جنهن ۾ بہ جناب قاضي صاحب ۽ حاجي عبدالله هارون ۽ ٻيا آيل هئا. اخبار لاءِ گهڻي خرچ جو اندازو ٿيو. جنهنڪري ايٽرن پيسن ملڻ جي اُميد نہ هئڻ ڪري، تجويز حال ڦٽي ڪئي ويئي.]

(8)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪئنٽونمينٽ حيدرآباد،

7 - جنوري، 1931ع

پيارا شاھ صاحب،

مون کي تعجب لڳو تہ تو ڇو نہ اسان جي نئين سال جي مبارڪن جو جوابُ موڪليو آھي. حاتم بہ جواب نہ موڪليو آھي. تنھنڪري مون کي خيال ۾ آيو تہ ھاڻ ڪو نئون دستور نڪتو آھي، جنھن مطابق نئين سال جون مبارڪون نہ ونجن، نہ جواب ڏجي.

مون کي اڳ ۾ خط لکي تنھنجي خوش و خير و عافيت معلوم ڪرڻ جو خيال ھو. عين ان وقت تنھنجو ماڻھو آيو. عجيب ماڻھو ھو. منجھس ڪيترين ئي لياقتون ھيون، جن جو ڪيس پتو نہ ھو.

مون کي افسوس آھي تہ پاليٽڪس تي ڪتاب اجا توکي نہ پھتو آھي. ان وچ ۾ ھي ننڍو ڪتاب "روم جي مختصر تاريخ" پڙھڻ لاءِ موڪليان ٿو. اھا پڙھي، پوءِ ٻيو ڪتاب پڙھج. مھرباني ڪري پڙھي ھضم ڪج. پڙھي وري پڙھج. اھڙي قسم جا واقعا وقت بوقت ھر ملڪ جي تاريخ ۾ پيا پيدا ٿين. گھٽ ۾ گھٽ بہ دفعا خيال سان پڙھج.

ان ڪانسواءِ آءٌ افلاطون جي "ريپبلڪ" بہ موڪليان ٿو. جيڪڏھين تو ارسطاطاليس جي "سياست" مان ڪي نوٽ ورتا آھن، تہ انھن جي افلاطون جي خيالن سان ڀيٽ ڪج.

ڪڏھين ھن طرف بہ اچ. آءٌ ٿيو ڏينھن بہ دفعا سن ڪان دادوءَ ويندي ۽ ايندي لنگھيس. سن جي اسٽيشن کان ڳوٺ تائين نھيل رستو بہ گاڏيءَ مان ڏٺم. مون کي ٻيجي ٽوڙي ڪان دريا جو نظارو نھايت پسند آيو. لکي ۽ ٻڳو ٽوڙو پُر لطف، منظر ميسر ڪن ٿا. خدا ھر جاءِ تي آھي. انڪري جنھن جاءِ تي ھو ھجي، سا شيءِ بدصورت ٿي نہ ٿي سگھي.

حاتم جي ڪھڙي خبرچار آھي؟ مون کي خيال آھي تہ مسٽر جٺسنگاڻيءَ کي واجبي عذر آھي مون ڪان ناراض ٿيڻ جو، ڇاڪاڻ تہ آءٌ سائنس اڪبر آشرم

جي معاملي ۾ جيتريقدر هن کي اميد هئي، پوريءَ طرح تعاون نہ ڪري سگهيو آهيان. خدا ڪري سندس ڪوششون بارياب ٿين.

خط جلد جلد لکندو ڪر. ان مان تو ي بہ واندڪائيءَ وقت ڪم جو مشغلو ملي ويندو.

پيار ۽ محبت سان، تنهنجو هميشہ وانگر پيار ڪندڙ،

امداد قاضي

[هن مان قاضي صاحب جي مون کي سياسي علم جي واقفيت ڏيارڻ لاءِ ڪتاب چوندي پڙهائڻ جو پتو پوي ٿو- ٿي ڪتاب 1 - ارسطاطاليس جي "پاليٽڪس"، 2 - روم جي مختصر تواريخ، 3 - افلاطون جي "ريپبلڪ" پڙهڻ لاءِ موڪليا هئائين.]

(9)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

حيدرآباد

9 - جنوري، 1931ع

پيارا شاه صاحب،

خط لاءِ مهرباني. مون کي هي معلوم ڪري خوشي ٿي تہ تون بمبئيءَ طرف سير تي ويل هئين. سفر زندگيءَ ۾ مفيد معلومات ميسر ڪري ٿو. حاتم جي صحبت ان مسافريءَ کي وڌيڪ پر لطف بنايو. هوندو.

روم جي تاريخ جو ڪتاب جيتوڻيڪ ننڍو آهي، پر رومن ايمپائر جي ڪيترين صدين جي تاريخ تي طائرانہ نظر وجهائي ٿو. وري بہ پڙهينس. ان مان دنيا ۾ جي وقت بوقت تبديليون ٿيون آهن، سي ڪهڙيءَ طرح رونما ٿين ٿيون، ان تي غور ڪرڻ جو موقعو ملندءِ. ۽ پتو پوندءِ تہ ان جا نتيجا ڪهڙا ٿا نڪرن. ڇا مان ڇا پيدا ٿئي ٿو! تاريخ جو مطالعو صرف تڏهين مفيد ٿي سگهي ٿو. جڏهين ان کي مٿي ذڪر ڪيل نقطي نگاه سان پڙهيو وڃي. بيو ڪتاب افلاطون جي "ريپبلڪ" بہ ڪافي ڪارائتو اٿئي. مون کي وقت بوقت پنهنجي سرگرمين کان واقف ڪندو رهہ.

مسٽر جئسنگاڻي سندس ڇوبڙيون (اڪبر آشرم) تي شايع ڪندو رهي ٿو.

سنڌ مسلم (هفتيوار اخبار)گهڻي وقت کان بند ٿي ويئي آهي، مير محمد شاه ۽ ٻئي سندس مددگار هلائي هئي. هاڻ خيال ڪر تہ جيڪڏهن اسان ان ۾مضمون موڪليون ها، تہ ان جو ڪهڙو حشر ٿئي ها. آءٌ بہ پنهنجي رسالي جا ٽن اشاعتن کان وڌيڪ پرچا ڪڍي نہ سگهيس. اهڙيون ڪوششون ساري قوم ۾ بد دلي پيدا ڪن ٿيون. ان ڏنڌي مون کي ان مسئلي بنسبت ڪيئي تجربا ميسر ڪيا آهن.

افسوس اهو اٿم تہ مون کي سنڌي مسلمان جي ٻڏندڙ قوم جي بچائڻ لاءِ ڪو رستو ڏسڻ ۾ نٿو اچي. ڪاش هي وڏا زميندار سندن ذاتي مفاد کي ڪجهہ وقت پاسيرو رکي، قوم لاءِ ڪجهہ ڪن! هاڻ خط کي پورو ٿو ڪريان.

سلامن ۽ محبت سان، تنهنجو مخلص

امداد قاضي

[هن ۾ جنهن سفر جو ذڪر ڪيل آهي، سو لوڪل سيلف گورنمينٽ ڪانفرنس جي سلسلي ۾ بمبئيءَ وڃڻ جو آهي. اتان حاتم ۽ آءٌ مائونٽ آبوءَ جو سير ڪندي، موٽي وطن پهتا هئاسون. ڪيس اهڙو اطلاع ڏنو هوم.]

مسٽر امرت جٽسنگاڻي لاڙڪاڻي ضلعي جي طبيب وارن سينئين مان هو، جنهن ڪراچيءَ ۾ بنگلو ورتي، اڪبر آشرم کولي، چوپڙيون ڇپائي، هفتہ ۾ هڪ ميٽنگ سڏائي، هندومسلم اتحاد لاءِ ڪوشش ڪئي ٿي. ان کي ساراهيو اٿس.

"سنڌ مسلم" اخبار ۽ پنهنجي رسالي جي گهڻي وقت جٽاءَ نہ ڪرڻ تي افسوس ظاهر ڪري ٿو.

مسلمان زميندارن ۽ وڏن ماڻهن جي خود مطلبيءَ ۽ قوم جي لاءِ هنن جي ڪجهہ نہ ڪرڻ تي افسوس جو اظهار ڪري ٿو.

(10)

حيدرآباد،

20 - فيبروري، 1931ع

پيارا شاه صاحب،

عيد مبارڪ پهتي. خير مبارڪ. ان سان گڏ موڪليل خط لاءِ مهرباني. مون لاءِ تو جن عقيدت مندانہ خيالات جو اظهار ڪيو آهي- جزاڪ الله.

عيد هميشه مون کي پيغمبر ﷺ جي هينئين لفظن جي ياد تازي ڪرائيندي آهي تہ "ليس العيد في ليس الجديد الخ"- جن لفظن کي هر عيد تي هر هڪ منبر تان پڙهيو وڃي ٿو - شايد پنج سيڪڙو ماڻهو انهن چيندڙ لفظن جي معنيٰ سمجهندا هوندا. مون کي پنهنجي لاءِ ان باري ۾ هي رستو سجهي ٿو تہ انهن ڳالهين تي فڪر ڪرڻ ڇڏي ڏيان. جيتوڻيڪ اها ڳالهہ طفل تسليٰ جي آهي.

پيارا شاهہ. مسلمان مورڳو اها انڌي محبت، جا اسلام ۽ پيغمبر لاءِ رکندا هئا، سا بہ وڃائي رهيا آهن.

ڪيترا منهنجي مناديءَ تي "سمعنا و اطعنا" چوندا؟ افسوس!

"صُمٌ بُكمٌ عُميٌ".

"فاعتبرو يا او اليٰ لابصار"

پر اهي اکين وارا ڪٿي آهن؟

ساڌو واسواڻيءَ جو معاملو مختلف آهي. جڏهين هو رواجي ڳالهہ ڪري ٿو، تہ بہ سندس محب ۽ مداح سندس چوڏاري مڙيو وڃن، هي بہ اسان جو ٿي هندو آهي. پر هندو بہ سواءِ سندس ظاهر عزت ۽ پوئلڳيءَ جي، سندس حقيقي سمجهاڻيءَ طرف ڌيان نٿا ڏين.

ليڪن اسان جي مسلمانن ۾ اها محبت ۽ عزت بہ سندن هدايت ڪندڙن لاءِ معدوم آهي. خدا اسان تي مهربان ٿئي. ساڌو واسواڻيءَ جي چرنن ۾ هر روز سوَها ماڻهو وڃن ٿا. جو صرف روشنيءَ ۽ چند همت افزائيءَ جي الفاظ کانسواءِ نٿو ٻڌائين، تہ بہ ڏسين ٿو هندن ۾ ڪيڏو احساس آهي.

تنهنجي لکڻ مان صرف اهو معلوم ٿئي ٿو تہ "ڇگن جو اولاد ڇگائيءَ جون ڳالهيون سوچي ٿو". آءٌ ڏسان ٿو تہ اها ساڳي جوت تو ۾ جلي رهي آهي، جا تنهنجي وڏن جي ارشاد ۾ نمايان هئي.

جوڳيئڙا جهان ۾ نوري ۽ ناري.

اهو تنهنجي سوز درون جو شعلو ڪڏهين آتش بنجي، "و الله نورالسمٰوات" جا اسرار ٻڌرا ڪندو. ۽ ان مان "نوراً كزوشد نورها پيدا" پڌرو ٿي، محسوس ٿيڻ لڳندو.

جيئن ٿا پچن اَن ڪي تيئن جي پچن پنڌ.

تہ هوند رڙهي لڌائون رند، لتين ڏک لطيف چئي (شاهہ)

ڪوبہ حجاب (پردو) نہ آهي. مون ۾ آءٌ ڪان پيري رهيو. "پاڻان پاسي ٿيءُ جو سبق سکڻ گهرجيئي. ان ڪان پوءِ اها شخصيت (Individuality) پيدا ٿيندي، جا "از دل تنگ گناه گار بر آرم" آهي (جا) ڪہ آتش اندر خرمن آدم هوا فگنم - جو ڪم ڏيندي.

هتي اسان جي هڪ طرف حجاز ۽ ٻئي طرف سوڊان آهي. بہ ٽي ڪلاڪ اڳ اسان راس محمد، تان گذرياسون، جا سينا جي اپ بيٽ جي ڏکڻ ڪنڊ ۾ آهي. عقبا بہ اتي آهي.

جيترو آءٌ غور ڪريان ٿو اوترو طوفان خيز "(راس) محمد" جو نظارو مون تي اثر انداز ٿئي ٿو. "يا خدا آءٌ توکي محمد ﷺ کانسواءِ سجاڻان ٿي ڪونہ ها"— اهي بي بي رابع بصريءَ جا چيل لفظ اڄ بہ مون لاءِ اهائي معنيٰ رکن ٿا، جيڪي بي بي صاحبہ وٽ رکندا هئا. جيڪڏهن ڪو محمد ﷺ کي پوريءَ طرح سڃاڻي، تہ پوءِ ٻئي مرشد کان آزاد ٿي وڃي ٿو. حافظ فرمائي ٿو تہ:

ما مريدان خدائيم، خدا رهبر ماست.

منهنجا پيارا دوست، خدا تنهنجو نگهبان ٿئي. خدمت خلق لاءِ جدوجهد ڪر. چاڪاڻ تہ جدوجهد (عملن) جو ئي انعام ملندو آهي. جلد رات اچي ٿي، جڏهين ڪوبہ ڪم ٿي نہ سگهندو. فڪر، عمل يا جيڪي بيو چوڻ ۾ اچي ٿو، سو سڀ پاڻ سڃاڻڻ ۾ مضمر آهي. فردعمل ڪري ٿو "پاڻ" کي مڪمل ڪرڻ لاءِ. پاڻ کي دوئيءَ جي بند مان آزاد ڪرڻ، عمل صالح ۾ لڪل آهي. "عملاً صالحاً" توکي حسن ازلي جي نزديڪ آڻيندو. اهو حسن صرف من ورائي حجاب کان ٻاهر ڏسي سگهبو. اهو حسن نور آهي. جنهن کي اسان علم جي نالي سان تعبير ڪريون ٿا، سو پاڻ سڃاڻڻ آهي. "پاڻ" مڪمل ٿي نہ سگهندو، جيستائين "پاڻ" کي سڃاتو نہ ويو آهي. جڏهين "آئون" گم ٿي وڃي ٿي، تہ پوءِ ئي اسلام مڪمل ٿئي ٿو. تنهان بعد حسن تنهنجي هنج ۾ اچي پوندو. هي سڀ تنهنجي لاءِ آهي. السلام عليڪم - جواب ۾ پنهنجو سارو احوال موڪليندو ڪر. ڪوشش ڪري لالچند (امرڏنومل) جڳتياڻيءَ کي سنڌ مدرسي ۾ ماستري وٺي ڏي. هن کي مسلمانن لاءِ محبت آهي. سنڌن بهترين خدمت ڪري سگهندو.

امداد قاضي

[پاڻ ٻيو دفعو باوجود حرصائڻ جي، سنڌي مسلمانن جي خواب غفلت کان ذري گهٽ نااميد ٿي، انگلنڊ وينديءَ مون کي دعائون ڪندو ويجي ٿو. ان جي معنيٰ اها نڪري ٿي ته اهڙيءَ حالت ۾ ڪم ڪرڻ هن جهڙي حساس دل ماڻهوءَ لاءِ ناممڪن هو. هتي مون جهڙي فرد کي ڪم ڪرڻو هو، جو سوَ دفعا "جنين لاءِ مُياس، سي ڪلهي ڪانڌي نه ٿيا." جي تجربي بعد به منهن پڪو ڪريو سندن پٺ ڇڏڻ لاءِ تيار نه هو. وڌيڪ هن خط مان قاضي صاحب جي فنا في الرسول جي منزل جو پتو پوي ٿو، جنهن لاءِ شاعر چيو آهي ته!

اين سعادت بزور بازو نيست،
تا نه بخشد خدا ئي بخشنده.

(12)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

22 - اولڊ براڊسٽريٽ E.C. لنڊن
14 - مئي، 1931ع

پيارا شاه صاحب،

تنهنجو پيار ڀريو خط ٻه ڏينهن اڳ پهتو. هتي پهچڻ بعد اهو پهريون خط هو، جو پهتو، جنهنڪري دل کي پاڻ وڌيڪ خوشي ٿي. ان هن چوڻيءَ جي صداقت ظاهر ڪئي ته:

"دل را بدل ست راهي."

خط پهچڻ کان ٿورو اڳ اهو خيال دل تي آيو هو ته سن ۾ اچي تو وٽ رهي، ان مرڪز تان مخلص ڪارڪنن جي تربيت ۽ تعليم جو ڪم ڪريان. منهنجون گهرجون تمام ٿوريون آهن. منهنجي رهڻ لاءِ هڪ هجرو (ننڍو روم) ڪافي ٿيندو. اهڙي جاءِ هجي، جتي پکي به پهچي نه سگهي. ان روم کي آءٌ ڪپڙو ڪري ڪتب آڻيان. ڪپڙن (روم) اندر ماڻهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪانه ڪندا. گهر منهنجي لاءِ بدن مٿان ٻيو ڪپڙن جو وڳو آهي. اهو بدن کي گرميءَ ۽ ٿڌ کان ڍڪي ٿو. جهڙيءَ طرح ڪپڙا ڍڪين ٿا. ڪپڙا ۽ گهر هڪجهڙو ستر ڏين ٿا. قرآن شريف زال کي ڪپڙن سان تشبيهه ڏني آهي. اهو هڪ قدم وڌيڪ يعني ڪَل کان اندر طرف جو ويس آهي. گهر هڪ ڊگري ڪپڙن کان مٿي

انقلاب آڻي ان ۾ تبديلي آڻڻ جو خيال مضمر آهي. ان ۾ مسز قاضيءَ کي اتي ڇڏي اچڻ بہ شامل هو، جنهن مان اشارتاً ان تجويز جي تڪميل ۾ جي مشڪلاتون هيون ان جو ذڪر ڪري ٿو.

(2) ان وقت سنڌي صورت خطيءَ بابت بہ انتها پسند رجحان ڪم ڪري رهيا هئا. انهن طرف بہ اشارو هو. انهن مان هڪ رجحان سوامي گوونند آنند وغيره جي اڳواڻيءَ هيٺ هلي رهيو هو تہ سنڌي صورتخطيءَ مان عربي فارسي اکر جهڙوڪ: ث - ص - ض - ع - ط وغيره ڪڍي ڇڏيا هئا- جنهن ڪري "عربي" کي "اربي" ڪري لکڻو پوي ها ۽ "ثواب" کي "سواب" ڪري لکجي ها، وغيره، وغيره. ٻئي طرف سنڌيءَ جي موجوده صورت خطيءَ کي قائم رکي، ٻوليءَ کي عربي ۽ فارسي جي الفاظن سان پرڻو هو. ان جي اڳواڻي ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو ڪن مولوين جي مدد سان ڪري رهيو هو. دادا چينمل ٻنهي انتها پسندين جي وچ ۾ هو، پر ڪيترن سنڌيءَ ۾ مروج ٿيل عربي الفاظن جي صورت خطيءَ بدلجڻ ڪري معنيٰ بدلجڻ واري مسئلي کان پورو واقف نہ هو. هتي قاضي صاحب ٻهرئين گروه واري سوامي گوونند آنند جو ذڪر نٿو ڪري، جو سمجهي ٿو تہ ان جي پويان سياسي ذهنيت ڪم ڪري رهي هئي، پر دادا چينمل جهڙي صوفي منش جي غلطيءَ کي اهميت ڏيئي ان طرف توجهہ ڇڪائڻ گهري ٿو- ڇاڪاڻ تہ دادا صاحب اسان سان گڏجي ڪم ڪري رهيو هو، ان ڪي سندس غلطين طرف توجهہ ڏيارڻ ضروري ٿو سمجهي.]

(14)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

معرفت امپريل بئنڪ آف انڊيا لنڊن،<br>
22 - اولڊ براڊ سٽريٽ E.C<br>
1 - جولائي، 1931ع

پيارا شاه صاحب،

تنهنجو پيار ڀريو خط پهتو، تنهنجي محبت سان ڀريل طبيعت منهنجي لاءِ باعث امنگ (Inspiration) رهي آهي، تنهنجو خط بہ دفعا پڙهڻ بعد ان جي اندروني معني سمجهي سگهيو آهيان. آءٌ سمجهان ٿو تہ اسان سان

سن ۾ رهڻ ڪري توکي بہ موجوده سياسي ۽ سماجي ڪاروبار کي ترڪ ڪرڻو پوندو. ائين آهي ڇا؟ ها. سن ۾ رهڻ مون کي پسند پوندو.

مون کي سنڌي مسلمانن جو ماضي اجا دل تي تازو آهي، جيتوڻيڪ هن وقت اهو خاڪ ۾ مليل آهي.

غلام مرتضيٰ. مرتضيٰ جو غلام تيڻ دنيا جي وڏي ۾ وڏي شهنشاهيءَ کان بالاتر آهي. محمد ﷺ کهڙو نہ سهڻو نالو آهي. حيف آهي دنيا کي جو پنهنجي وڏي ۾ وڏي محسن کي وساري ويٺي آهي. هي دنيا محمد ﷺ کان اڳ هڪ تنگ و تاريڪ جهنگل مثال هئي، جنهن مان ڪوبہ رستو روشنيءَ طرف نيندڙ ڪونہ هو.

وصلي الله عليٰ نوراِ کزو شد نورها پيدا

کهڙيءَ طرح نہ هڪ اڌ پڙهيل سنڌي شاعر مدح ڪئي آهي-

جڏهين ڇايو محمدا تڏهين ڊپ لهي ويو ڊاءُ،

لٿو انڌارو عالم تان تيو سوجهرو صفا.

افسوس تہ اڄ ان محمد جا پوئلڳ ٿي آهن، جي پاڻ وڏيءَ اونداهيءَ ۾ قاتل آهن، جن ڪجهہ وقت اڳ ساريءَ دنيا جي رهبري ڪئي تي.

منهنجا پيارا پاءُ. منهنجي اچڻ ڪري توکي تڪليف تہ ڪانہ تيندي؟ ڇا ان ڪري توکي پنهنجا موجوده سماجي ڪم ڪار جن ۾ تون مشغول آهين، ڦٽا ڪرڻا تہ نہ پوندا؟ آءٌ توکان ڪابہ قرباني منهنجي خاطر ڪرائڻ نٿو چاهيان. تون مون کي سڃاڻين. مون لاءِ اها وڏي ڳالهہ نہ آهي. تہ صرف چادر ويڙهي رهي سگهان. ورهين جا ورهيہ ائين ڪيو اٿم. ۽ منبر تان بانگون ڏنيون اٿم. آءٌ پراڻو موذن آهيان. مون انن ورهين جي عمر ۾ ائين ڪيو هو. اهو منهنجو ورثو آهي، جهڙو تنهنجو. پر مون کي دنيا جو زياده تجربو آهي. توکي اڃا تجربي جي ضرورت آهي.

هي جي ليا ڪا لوڪ جا، جان جان سي نہ لٿاءِ،

تان تان ٿئي نہ ماءِ، پورو پسڻ پرينءَ جو.

(شاه)

آءٌ هيءُ انتظام ڪري ايڏاهين اچڻ جي تياري ڪري رهيو آهيان. جيڪڏهين مون کي ڪابہ شيءِ اچڻ کان روڪيندي تہ پهرين هندستان ۾ هندو

مسلم چڪتاڻ، ۽ بيو تنهنجي خط مان نااميديءَ جي جهلڪ. جيئن تنهنجي خط مان ظاهر ٿئي ٿو ۽ منهنجي خدمت ۾ رهڻ ڪري توکي پنهنجا سماجي ڪم ترڪ ڪرڻا پوندا، جن ۾ تون مشغول آهين ۽ جن جي ڪرڻ لاءِ تنهنجي دل گهريو پئي. پر فڪر نہ آهي اسان تنهنجي سهوليت خاطر ڪجھ وقت ڪراچيءَ ۾ بہ رهنداسون. ڪڏهين ڪڏهين تربيت ڏيڻ خاطر باهر نڪرنداسون، ۽ اتي رهي ڪم ڪنداسون، پوءِ جنهن ڪي سکڻ لاءِ مڪتب ۾ اچڻ جي خواهش هوندي، اهو پلي اچي، ائين نيڪ آهي يا نہ؟ خدا شل اسان کي ڪن مخلص ماڻهن کي صحيح تربيت ۽ تعليم ڏيڻ جي توفيق عطا فرمائي- مون کي پنهنجي خيالات کان جلد واقف ڪر.

توکي منهنجي ضروريات بابت خوف نہ ڪرڻ گهرجي. مون کي هڪ صفا ڪمرو، ۽ تمام ٿورن ٻين شين جي ضرورت ٿيندي. مون تنهنجي وڏن جو جذبہ دل ۽ روحاني روشنيءَ جي جهلڪ تو ۾ برندڙ ڏٺي آهي. سن انشاءَ الله، 'نور مرتضيٰ' جي ڪري وڌو ٿي چمڪندو.

خدا جون برڪتون سدائين توتي وسنديون رهن.

تنهن جو پيار ڪندڙ

امداد قاضي

[مون ڏانهس اڳ خط لکي، سن ۾ اچي، خانقاه (تربيت گاه) کولڻ لاءِ دعوت ڏني هئي. ان جي جواب ۾ هجرت جي لفظ جي معنيٰ سمجهائيندي، ان انقلابي قدم کڻڻ جي مشڪلاتن کان مون کي آگاه ڪيو هئائين. ان جي جواب ۾ مون کيس لکيو هو تہ سيني ڳالهين جو اڳ پوءِ جاچي، سندس خدمت ۾ رهي، مخلص ڪارڪنن جي پيدا ڪرڻ جو ذمو کنيو هوم. کين لکيو هوم تہ جڏهين اوهان ايڏي قرباني ڪري، مسز قاضيءَ کي بہ ڪجھ وقت لاءِ اتي ڇڏي رهبانيت واري زندگي گذارڻ لاءِ تيار هئا. تہ منهنجي لاءِ لوڪلبورڊ. بئنڪن ۽ ٻئي سماجي ڪاروبار کي ڦٽو ڪري، پنهنجي ڳوٺ ۾ توهان جي خدمت ۾ رهڻ ڪا ڏکي ڳالھ ڪانہ هئي. ان منهنجي لکڻ هن جي حساس دل تي اهو اثر ويهاريو تہ هي نوجوان ضلعي لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ ٿي، بئنڪن جو ڊاريڪٽر رهي، سماجي ۽ سياسي زندگيءَ ۾ اهم پارٽ ادا ڪري رهيو آهي- منان ان جي ڇڏڻ ڪري ڪا حسرت نہ رهجي وڃيس ۽

پوءِ پيچتائي. ان ڪري هي خط لکي وري مون کي مشڪلاتن کان متنبهه ڪري ٿو. هن خط پهچڻ کان اڳ آءٌ 14 جولاءِ تي هندوستان جي سير لاءِ بمبئي ۽ پونه وغيره طرف روانو ٿي ويو هوس.]

(15)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

معرفت امپريل بئنڪ آف انڊيا، لنڊن،
13 - آگسٽ، 1931ع

پيارا شاهه صاحب،

منهنجي خط جو جواب نه پهتو آهي. اميد ته پهتو هوندو. جواب جلد موڪل.
سلام ۽ برڪتون.

امداد قاضي

[جيئن ته اڳئين خط پهچڻ کان اڳي هندوستان جي سير تي نڪري ويو هوس، ۽ اتي ٻه مهينا کن هوس، ان ڪري انتظار ۾ هي خط لکن ٿا. جو ڪيس مون وٽان جواب ڪونه پهتل هو.]

(16)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

22 - اولڊ براڊسٽريٽ، لنڊن
9 - سيپٽمبر، 1931ع

پيارا شاهه صاحب،

هي ٽيون خط موڪليان ٿو. ٻن جو جواب ڪونه پهتو آهي. تمام مشغول آهين ڇا؟ ضرور هوندين. آءٌ ته سست آهيان. پر جيڪڏهين توکي تمام گهڻي مشغولي آهي، ته خوف ٿئي ٿو ته قيمتي ڳالهه وساري نه ڇڏين. ڇا، ڪيل وعدي تي قائم آهين؟ تو مون کي جواب نه ڏنو آهي. ان ۾ منهنجو قصور نه آهي.
سلامن ۽ برڪتن سان

تنهنجو پيار ڪندڙ
امداد قاضي

[آءُ، 14 جولاءِ کان آگسٽ جي آخر تائين، بمبئي، پوني، حيدرآباد دکن، آگري، دهليءَ، سرهند، لاهور ۽ ڪشمير طرف ويل هوس. ان ڪري واپس اچڻ بعد مٿيان بيئي خط گڏ پڙهيم. يڪدم جواب ۾ خط موڪليم.]

(17)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

معرفت امپريل بئنڪ آف انديا، لندن
9 - آڪٽوبر، 1931ع

پيارا شاه صاحب،

تنهنجا ٻه خط يڪ بعد ديگر ساڳئي هفتي ۾ پهتا. مون کي تو وٽان خطن جي وقت اندر جواب نه اچڻ ڪري تعجب پئي ٿيو. هاڻ پتو پيو ته ان جو سبب هندوستان جي سير لاءِ ٻاهر وڃڻ هو. مون کي هيءَ ڳالهه معلوم ڪري خوشي ٿي آهي ته تون هندوستان جو سير ڪري آيو آهين. قرآن ان لاءِ خاص تاڪيد ڪيو آهي ته "فانتشروا في الارض وبتغوا" ڪو دور هو، جو مذهب سمنڊن تي سفر ڪرڻ کان منع ڪئي هئي - جيئن ويدڪ مذهب ڪيو هو. ان معاملي ۾ "لڪل اجل ڪتاب" جي صداقت معلوم ٿئي ٿي. سڀ ڪنهن دور جي تقاضائن مطابق مذهب جدا حڪم ڏنا آهن، جن جي مڃڻ لاءِ خاص راز رکيل هو.

اسان جو گانڌي ڪيترن انگريزن، يورپين ۽ آمريڪن کي پسند پوي ٿو. هي ان جو لائق آهي. مون کي سندس لاءِ هندن کان گهڻ پيار ڪرڻ آهي. هي هر ڳالهه ۾ عزت جو لائق آهي.

تون پيو لکين ته هاڻي غريب مسلمانن جو ڪهڙو حال ٿيندو! حيف آهي انهن کي جي مسلمان سڏائي حقيقت ۾ مسلمان نه آهن. مسلمان غريب ٿئي، اها ڳالهه ناممڪن آهي. انڪري مون کي عزت ماب گرونانڪ جا لفظ ياد پون ٿا-

"مسلمان ڪهاوڻ مشڪل هووي"

سندس اها مصرع نهايت پُر معنيٰ آهي. مسلمان ڪير آهي؟ مسلمانيءَ جي پد تي پهچڻ ڪيڏو نه مشڪل ڪم آهي! تنهن ڪري گرو صاحب جن فرمائين ٿا ته مسلمان تڏهين سڏاءِ جڏهين صحيح طور تي مسلمان ٿيو هجين.

هي قول آهي سک پنٿ جي باني جو. ڇا مسلمان ۽ سک سنڌس انهن لفظن جي معنيٰ پروڙي سگهيا آهن؟ نه. سک پاڻ مسلمانن جا وڏا دشمن ٿي پيا آهن. ڇاڪاڻ ته اهي گرو نانڪ جي پيروي نٿا ڪن. اڄ ڪلهه جو اڪثري مسلمان ٻيو ڪجهه به هجي، پر مسلمان نه آهي. وڏي ۾ وڏي دعا جا پيغمبرِ اسلام گهُري، سا اها هئي ته "يا خدا مون کي سڃاڻپ ڏي!" اسان مان ڪير ان جو ڳولائو آهي؟ خسيس خواهشن اسان کي ويڙهي ورتو آهي. "والعصر" گهڻن پڙهي هوندي، پر ڪن ٿورن کي پتو هوندو ته "والعصر" جي معنيٰ ڪهڙي آهي؟ اها هيءَ آهي ته "زماني تي غور ڪريو"! ان کان پوءِ حڪم ڏنل آهن ته ڪهڙي طرح وقت "عمل الصالحات، وتواصوبالحق وتواصو بالصبر" ۾ گذارڻو آهي. تنهنڪري وقت ڏنل حڪمن مطابق صرف ڪرڻو آهي. ٻيءَ صورت ۾، "ان الانسان لفي خسر"- ماڻهو ڇيئي ۾ پوندو.

منهنجا وطني ڀائر، جي پاڻ کي هندو سڏائين ٿا، تن مان ٿورن کي سنڌن تاريخ ۽ حڪمت جو پتو آهي. ڪم از ڪم مون کي ته ديوان ڏيارام کان سواءِ ٻيو ڪو ڏسڻ نه آيو آهي. ٻئي طرف مسلمانن کي سنڌن مذهب جي گهٽ خبر آهي. سک ته سنڌن مذهب کان قطعي اڻ واقف آهن. ان حالت ۾ منجهن ڪهڙيءَ طرح اتحاد، امن ۽ ترقي ايندي. هلڻ کان اڳ روشني جي ضرورت آهي. اسان سڀ اهڙيءَ ته اونداهيءَ ۾ ڦاٿا پيا آهيون، جو روشنيءَ جي وجود کان بي خبر ٿي ويا آهيون. روشني "والله نورالسمٰوات والارض" جي سڃاڻپ آهي.

پيارا ڀاءُ، سنڌين کي تيار ڪر ته انهيءَ نورِ هدايت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪن. هندو ڀائر وڏيڪ سڄاڳ آهن. مسلمانن کي سجاڳ ڪر. مسلمان زميندار هر سال جيترو پيسو وڪيلن جي فين تي خرچ ڪري ٿو، ان مان وڏو ڪاليج هلي سگهي ٿو. ڪيتري قدر گمراهيءَ ۾ گرفتار آهن!

تنهنجو پيار ڪندڙ

امداد قاضي

[هيءُ خط منهنجي ٻن خطن جي جواب ۾ خاص طرح هدايت لاءِ هو.]

---

(18)

(انگريزي مان ترجمو)

22 - اولڊ براڊ اسٽريٽ، لنڊن

2 - ڊسمبر، 1931ع

پيارا شاھ صاحب،

گھڻو وقت گذريو آھي تہ خط ڪونہ لکيو اٿئي. اڄ وزير اعظم برطانيہ سنڌ کي جدا صوبي بنائڻ جو اعلان ڪيو. پر ان [جوابداري پوڻ جو] ڪنهن کي احساس آھي؟ [سنڌي] مسلمانن کي سندن ڪاھليءَ، جهالت ۽ فضول خرچيءَ تي شرم ڪونہ ٿو اچي. اسلام جو شاندار نالو نہ اھل ماڻھن لاءِ ڏک ڪري ڪتب آندو وڃي ٿو. جي صرف نالي جا مسلمان آھن! اسان کي بئي ڪنهن سان بہ جهيڙو نہ ڪرڻو آھي، صرف ڪاھليءَ سان ڪرڻو آھي. جنهن مان جسم، دل، روح ۽ سنڌ کي نقصان پهچي ٿو. ان مان منهن جو مقصد، خدا جي عطا ڪيل نعمتن جن مان زمين بہ ھڪ آھي، ضايع ڪرڻ آھي. آءٌ ٻڌان ٿو تہ سنڌ جا ھندو مسلمان ھڪ ٻين کي نقصان پهچائڻ گھرن ٿا. مهرباني ڪري مون کي ان بابت صحيح حقيقت لکي موڪل چاڪاڻ تہ ان بابت احوال معلوم ڪرڻ واسطي مون ڪيترن ڪان لکي پڇيو آھي، پر ڪٿان بہ جواب ڪونہ پهتو اٿم. ان ڪري مون کي شڪ پيدا ٿئي ٿو. تنهنڪري سموري ڳالھ لکي موڪل. ڇا ٻيئي ڌريون ڀائرن وانگر رھي نٿا سگھن، سواءِ خالي ڊگھين دعوائن ۽ خالي ٻتاڪن ھٽڻ جي. ڇا تعليم يافتہ ھندو مسلمانن کي تعليم ڏيڻ سان عملي ڀائپيءَ جو مثال پيدا ڪري نٿا سگھن؟ ۽ مسلمان انھن جي ھر طرح خدمت ۽ محبت سان ڪين ويجهي آڻڻ جي ڪوشش ڇو نٿا ڪن؟ ماضيءَ جي ڳالھين ڪرڻ مان ڪھڙو فائدو! ڪين صرف صوفي ازم ۽ يوگ جون ڳالھيون ڪھڙو فائدو پهچائينديون! حال کي درست ۽ مستقبل کي روشن ڪرڻ لاءِ ٻنھي ڌرين کي عملي ثبوت ڏيڻ گھرجي.

آءٌ توکي ڪراچيءَ جي ائڊريس تي خط لکان يا سن جي؟ تڪڙ ۾ لکڻ لاءِ معافي طلب. ھن دفعي خط سنڌيءَ ۾ لکي موڪل، جنهن ۾ گذريل انن مهينن جي سنڌ ۾ سرگذشت جو احوال تفصيلوار لکي موڪل، مون کي ان طرف جي ڪابہ صحيح خبر ڪانہ ٿي پهچي.

تنهنجو پيار ڪندڙ

امداد قاضي

[هن خط ۾ نئين صوبي سنڌ جي مستقبل ۾ تعمير لاءِ هندو مسلمانن جي گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ خواهش جو اظهار ڪيو ويو آهي.]

(19)

(سنڌيءَ ۾ لکيل)

48 - پيمبروڪ روڊ،
براملي ڪينٽ، انگلينڊ
26 - جنوري، 1931ع
بجناب محب محترم شاه صاحب سلمه العزيز،
السلام عليڪم ورحمت الله وبرڪاته.

اخوي صاحبا، گهڻن ڏينهن کان پوءِ مس مس خط پهتو. پر خط به بي شڪ خطن جهڙو آهي. اونداهين لاءِ روشني هئي، گهڻو مشڪور ۽ ممنون ٿيس.

عام طور سنڌين جو رواج، عام چوڻيءَ مطابق ته "جي چلهه تي سي دل تي" جو هوندو آهي. پر اها چوڻي سنڌ لاءِ خود باعث ملامت آهي. انسان جيئن اعليٰ کان اعليٰ درجي تي ٿو رسي، تيئن اڪين جي تسلط کان آزاد ٿو ٿئي. اکين پورڻ سان ساري جهان جو سير ڪري ٿو سگهي ۽ ان ڪانپوءِ عالم بالا جو، بقول شاه صاحب، "جڏهين بيئي منهن واريون مجازڻيون پوري ٿو، ته بيئي عالم تخيل جي اکين اڳيان ظهور ۾ اچنس ٿا." جيتوڻيڪ سنڌين جي اکين ۾ حياءُ آهي، پر مجازياڻين جي تسلط هيٺ پورا پورا مقبوض آهن. اڻ ڏٺي ڪي ڏسڻ سندن لياقتن مان نه آهي. ساريءَ سنڌ ۾ فقط چند انسان آهن، جن لاءِ دل خاص طور ڪڍي ٿي.

"دل را بدل ست راهي"

خط پهچڻ کان پوءِ هڪ عجيب منظر پيش آيم. سن شريف هڪ جاءِ ۾ "مڪتب حڪمت" (School of wisdom) ۽ بيءَ جاءِ ۾ "عالمگير مذهب جو مرڪز" (Head qarters of the Relegion of the world) ڏسڻ ۾ آيم. چو نه؟ ماشاءَ الله! قادر مطلق جي اڳيان ڇا ممڪن نه آهي- [جي] مشيت ازلي هجي! قرآن هي ٿو ياد ڏياريم-

والتين والزيتون- وطورسينين- وهذاه البلدالامين.

ڇا نہ دنيا ئي معنيٰ هنن ٻن مقولن شريفن ۾ ڪوزه ۾ دريا وانگر بند ٿيل آهي. پر ڪو سمجهڻ وارو هجي؟

برادر، مون اڳي ئي عرض ڪيو هو تہ مسڪين تيار آهي. انهن ٻنهي محلن شروع ڪرڻ لاءِ - هڪ ۾ عام عالم، ٻئي ۾ خاص دينيات.

سن شريف سنڌ جو مرڪز آهي. جي خدا گهريو تہ هڪ ڏينهن پريان پريان جا ماڻهو سن ۽ سنڌوءَ جي زيارت تي ايندا. عام علم خود دينيات آهي، پر بندوبست جدا ٿيندو. ڪريوس شروع. بسم الله - پر بہ اِسم الله - واقعي، نہ محض زباني طور.

خدا ڪري تہ شل اسان جي هندن ڀائرن کي مسلمانن ڏانهن حقيقي محبت ۽ همدردي پيدا ٿئي، ڇا اجان معدوم آهي. ڪورين جون سوُسيوُن، ڪيسَ ۽ ڪپڙ ڪونہ خريدين. 'ڪٽر خريد ڪريو' جي ڏم پٺي پوي. گربيون، رومال..... ڇا ڇا نہ سنڌ اُٿندي هٿي! پر مسلمان ڪورين جي غريب گهرن ۾ پئسو ڇو وڃي. پر خير، تنهن کي ڇا ڪبو؟

هاڻي وري بہ تو لکان تہ جي تياري هجي تہ اسين ٻي شڪ اچون، ۽ اميد خدا ۾ آهي، جي مشيت بہ ائين هجي، تہ عالمگير مذهب (World Religion) ۽ ان لفظ جي معنيٰ ڇا آهي، سا سن مان دنيا کي ٻڌايون، ڇا لاءِ تہ دنيا کي خبر نہ آهي ۽ جي ڪن کي آهي تہ مفت لڪائين ٿا.

مسز قاضيءَ بہ خط لکيو تو ڏسجي. جي هائو، تہ هائو. وڌيڪ اوهان تي منحصر آهي. اوهان جي جواب جا منتظر هونداسون.

پر هنن خطن جو پڪو بہ جٿن ڪنهن جي ڪن تي نہ پوي. خدا ماٺ ۾ بہ هڪ عجيب طاقت ۽ معنيٰ رکي آهي. هن بابت ڪنهن بہ انسان سان ڳالهہ نہ ڪندا. جيسين سڀ بندوبست ٿئي. ۽ اسين بہ اتي پهچي وڃون. جي قسمت هجي تہ! آينده مولا جي مرضيءَ تي سڀ منحصر آهي.

فدوي، امداد.

[هي خط مون کي فيبروريءَ جي شروعات ۾ پهتو. مون کين اڳي موڪليل خط ۾ پڪو فيصلو ڪري. کين جڻ لاءِ لکيو هو. جنهن بابت احوال مسز قاضيءَ سان بہ ڪيائين. جنهن جو جواب هيٺ ڏجي ٿو. انهن جي جواب ۾ مون کين يڪدم لکيو تہ جلد اچن، ٻيءَ صورت ۾ سن ۾ گرم هوائون لڳڻ

شروع ٿينديون. ڪين ٻڌايم تہ اهو مناسب نٿو ڀانيان تہ گرمين ۾ اچڻ ڪري اوهان کي سن بابت ڀھريان ئي غلط تاثر پيدا ٿين. گرمين ۽، بارشن ۾ ٻن ڇئن ڏينهن لاءِ مڇر بہ ٿين ٿا، اها ڳالهہ بہ ڪين گوش گذار ڪيم.]

[مسز قاضيءَ جو] (20) (انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪريگمور،

48 - پيم بروڪ روڊ،

براملي - ڪينٽ، انگلنڊ.

27 - جنوري، 1932ع

**ڊيئر مسٽرشاه،**

منهنجي مڙس کي اڄ صبح جو اوهان کان خط پهتو. پڙهي نهايت خوش ٿيو. مون معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اها ڪهڙي ڳالهہ هئي جنهن ڪيس ايتري خوشي بخشي هئي. پر جيئن تہ خط سنڌيءَ ۾ لکيل هو، سو سمجهي نہ سگهيس. پر قاضي صاحب ان بابت سموري ڳالهہ مون کي ٻڌائي تہ سيد خواهش ظاهر ڪئي آهي، تہ اسان بيئي اچي اوهان جي ڳوٺ ۾ اوهان سان رهون. ان ۾ اوهان جي بنگلي جي دريا جي ڪناري تي هئڻ جو منظر چٽيل هو. اها دعوت اهڙي دلاويز هئي، جو مون خيال ڪيو تہ دريا جي ڪناري تي ويهي، خوش خواب لهي، شعر لکان، يا رات جو چنڊ جي روشنيءَ ۾ ٻيڙيءَ جو سير ڪريان.

مون کي ياد آهي تہ جڏهين اسان انڊيا ۾ هئاسون، تہ اوهان مهرباني ڪري اسان کي ڪراچيءَ جي بنگلي ۾ رهڻ لاءِ دعوت ڏني هئي. پر وڏا شهر مون لاءِ ايترو دلچسپيءَ جو باعث نہ آهن، جهڙو ڳوٺن جو نظارو. مون کي سنڌ جي ڳوٺاڻي زندگي لاءِ نهايت پيار آهي. مون سدائين ڳوٺن کي شهرن تي ترجيح ڏني آهي. وڏا شهر گندي پاڻيءَ جون کڏون آهن. گوڙ گهمسان جا ڪُنَ آهن ۽ ڪاروبار جا اڏا آهن. پر ڳوٺ آرام جا آستان ۽ پاڪيزه جايون آهن، خاص ڪري ان ماڻهوءَ لاءِ جو خيالي دنيا ۾ رهي، شعر چوڻ گهري- جنهن ڪم لاءِ وڏا شهر بيڪار آهن. بيشڪ اونهاري ۾ اتي گرمي ٿيندي هوندي. پر قوي گمان آهي تہ سنڌ جو ڳوٺ (اُتر سنڌ وانگر) تمام گرم نہ هوندو يا گرميءَ کي جهولڻ سان گهٽائي سگهجي ٿو. مون کي جهولڻا بجليءَ جي پکن کان وڌيڪ

صحبت فيض بخش جو اثر آهي، ورنہ آءٌ هڪ ڳوناٺو اڌ پڙهيل، انهيءَ ڪلاس جو فرد آهيان، جن جي اڪثريت خود مطلب، جاهل، ذهني ۽ دلي خوبين کان محروم آهي. ان جي دليل ۾ مون شيخ سعدي عليہ جو هيٺيون بيت ڪيس لکي موڪليو هو-

گــل خوشبوءِ در حمـام روزي — رسيدم زدست محبوبـي بدسـتم
بدو گفتم ڪہ مشڪ يا عنبيري — ڪہ آز بوئي دلاويـزي تـو مسـتم
بگفتـا مـن گـل نـاچيز بـودم — و ليڪـن مدتـي بـاگل نشـتم
ڪمال هم نشين درمن اثر ڪرد — و گـر نہ مـن همان خاڪم ڪہ هستم

معني: هڪ ڏينهن حمام خاني ۾ خوشبودار مٽي مون کي پنهنجي محبوب کان دستياب ٿي. ان کان تعجب ۾ پڇجي مون پڇا ڪئي تہ چا تون مشڪ يا عنبر آهين، جو تنهنجي دلاويز خوشبوءِ مون کي مست بنائي ڇڏيو آهي! اُن تي ان مٽيءَ جواب ڏنو تہ "آءٌ اُهائي ناچيز مٽي آهيان، ليڪن ڪو زمانو گلن جي صحبت ۾ رهي آهيان، انهن جي صحبت جي ڪمال مون تي اثر ڪيو آهي، نہ تہ اصل ۾ مان اهائي خاڪ آهيان، جا پيرن هيٺ لتاڙجي ٿي! ان جي جواب ۾ مسز قاضيءَ مون کي هيٺيون خط موڪليو.]

(مسز قاضيءَ جو) (21) (انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪريگمور
پيمبروڪ روڊ،
براملي ڪينٽ، انگلنڊ.
12 - اپريل، 1938ع

ڊيئر سيد غلام مرتضيٰ

مٽين [سنڌيءَ ۾ لکيل] اکرن مان توکي پتو پوندو تہ آءٌ ڪوشش ڪري رهي آهيان تہ سنڌي سکان. ير مون کي پڪ آهي تہ اهي اکر صحيح نہ هوندا. منهنجي خيال موجب انهن ۾ ڪيتريون چُڪون هونديون. مون [سنڌيءَ ۾] ڊيئر غلام مرتضيٰ لکڻ گهريو ٿي. مون کي شڪ ٿي پيو تہ شايد تون پڙهي بہ نہ سگهيو هوندين، جو اُن ۾ گهڻيون چڪون هونديون. تنهنجي بنهي خطن لاءِ مهرباني، جو تو اسان بنهي کي چند ڏينهن ٿيا تہ لکيا آهن.

تو جيڪي خط ۾ محبت آميز لفظ اسان لاءِ ڪتب آندا آهن، انهن لاءِ شڪريو ادا ٿي ڪريان. تو پرشن شاعر سعديءَ جون مصراعون، جي لکيون آهن، مسٽر قاضيءَ انهن جو ترجمو ڪري مون کي ٻڌايو آهي. ان جو پنهنجي شاعرانه طبيعت موجب آءٌ پنهنجي طريقي تي جواب موڪليان ٿي.

"جنهن گل، مٽيءَ کي خوشبوءِ ڏني، ان مون سان جا سندس ڳالهه بيان ڪئي آهي، سا هيءَ آهي ته اصل ۾ اهو گل خوشبوءِ کان سواءِ هڪ ٻوٽو هو. هاڻ اهو گل بنجي پيو آهي. جڏهين اُن کان پڇيم ته هو ڪهڙيءَ طرح گلاب بڻيو، ڪنهن منجهس حسن پيدا ڪيو ۽ ڪهڙيءَ طرح ان ۾ خوشبوءِ آئي،" ته گل جواب ڏنو ته "رڳو ڪالهه آءٌ مٽيءَ جي ڪونديءَ جي پر ۾ پيل هوس، جتي مٽيءَ جو ڍير هو. اهو ڍير محبت جي جلوي سان پرپور هو. ان جي پاڪ تجلي آهستگيءَ سان مون ۾ پر جي ويئي، جنهن جي طفيل ئي مون ۾ خوشبوءِ پيدا ٿي آهي. محبت جي غير فاني نور مون کي خوبصورت ۽ چمڪندڙ بنايو آهي. هاڻ آءٌ ٻوٽو نه آهيان. محبت جي نظر مون کي گلاب بنائي ڇڏيو آهي."

سو تون ڏسي سگهين ٿو ته اها محبت جي ڪيميا ئي هئي، جنهن هڪ رواجي ٻوٽي کي رنگين ۽ خوشبودار گلاب ۾ بدلائي ڇڏيو.

تون محبت جي اکين سان، جي محبت جي نشي ۾ مخمور آهن، خدا جي بنايل شين تي نگاهه وجهين ٿو، تنهنڪري توکي سڀ شيون خوبصورت ۽ خوشبودار ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. جڏهين تون پڪين کي قرب ۽ محبت جي نظر سان ڏسين ٿو، ته اهي پکي تنهنجي نگاهه ۾ بهشتي بنجيو پون. اها محبت جي روشني هئي، جنهن مٽيءَ جي ٽُڪري کي خوشبوءِ ۽ حسن واري گلن جي صورت عطا ڪئي. پر مٽيءَ جي ڍير کي انهيءَ حسن پيدا ڪرڻ جو علم ئي ڪونه هو. حَسين کي پنهنجي حسن جو پتوئي نه هوندو آهي.

ايترو سعدي جي شعر لاءِ ڪافي آهي.

مون لاءِ ان بابت راءِ قائم ڪرڻ مشڪل آهي ته جنهن شاعر اهي موتين جهڙا شعر چيا آهن، تنهن وڏيڪ ڪمال ڪيو آهي يا اُن ماڻهوءَ جنهن سهڻا موتي چونڊي انهن کي عمديءَ مالها جي صورت ونائي آهي؟ موتين جي خوبصورت مالها بنائڻ به وڏو فن آهي. بنا شڪ جي خدا تو ۾ اها جادوءَ ڀري ڏات پيدا ڪئي آهي، جو ڪِنَ جيتري عرصي ۾ تون پنهنجو هٿ شعر جي پندار

رهائڻ گهرين ٿو، نهايت ڪشش ڪندڙ آهي. اسان مچرن جون مهاريون ونيو ايندا سون. جيڪڏهين انهن جي پيدا ٿيڻ جي جاين کي صاف رکي سگهجي، ته پوءِ مڇرن جي تڪليف گهٽ ٿي سگهي ٿي.

مون کي خوشي ٿئي ٿي ته باوجود مشڪلاتن جي تون ضلعي لوڪلبورڊ جي عهدي تي هلندو اچين. دادوءَ بابت تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟ ڇو نه ماڻهن کي اُن لاءِ دلچسپي پيدا ڪجي. اسان کي پاڻ ۾ جيئمل جي مشڪلاتن جو نهايت ارمان آهي. هن ۾ وڏي قربانيءَ جو مادو موجود آهي. جيل ۾ وڃڻ وڏيڪ تڪليف ده آهي بنسبت جنگ جي ڪاهين ۾ رهڻ جي. غير مسلم فرقي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته انهن ۾ قرباني ۽ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ جو مادو زياده موجود آهي. اها ڳالهه جدا آهي ته سندن طريقه ڪار ۽ اقليتن ڏي رويو غلط يا صحيح هجي- پر هنن انساني ترقيءَ جي راه ۾ پهرينءَ آزمائش [قربانيءَ] ۾ واقعي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. جنهن ڳالهه کي هو صحيح سمجهن ٿا، ان لاءِ قرباني ڪرڻ جو هنن پاڻ کي اهل ثابت ڪيو آهي.

افسوس ته اسان مسلمانن بابت اهڙي هام هڻي نٿا سگهون. اهي روز بروز پوئتي پئجي رهيا آهن. جن ڪنهن زماني ۾ دنيا کي ثابت ڪري ڏيکاريو. هو ته سندن حياتيون خدا وٽان اُڌار ورتل هيون، جن جي ڪُـهر ٿيڻ تي هو اُهي موٽائي ڏيڻ لاءِ بڏل هئا- اهي جي ٻن جملن ۾ گهيريل هئا: لا قوت الا بالله العلي العظيم، لا غالب الي الله اهي اڄ پيٽ جا پوڄاري ٿيا، چون ٿا ته "نام نم بده و کفش بر سرم بزن." اها سندن پستيءَ جي حالت آهي. پيارا شاهه، منجهن بيداري پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪر. سياست کي حال پاسي رکي، ڪين منظم ڪري ان پستيءَ مان ڪڍين.

ستل قوم جي ڪهڙي پاليسي ٿي سگهي ٿي!

مون کي پتو نه آهي ته ميران محمد شاهه ڇا پيو ڪري. اها به خبر نه اٿم ته سنڌ جي جدا ٿيڻ تائين، پنهنجن افعالن ڪري ڪيترا زميندار ۽ جاين جا مالڪ باقي وڃي بچندا. اها سنڌ جي جدائي سندن لاءِ ڪهڙي فائدي جي ٿيندي، جڏهين سندن قبضي ۾ رهيل زمين جي اراضي روز بروز گهٽجي رهي آهي. غير مسلم فرقي جو نظام ايڏو وڏو آهي، جو ننڍي کان وڏي تائين هو هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهن. ٻئي طرف مسلمان هڪ ٻئي جا ڳلا ڪاٽي رهيا آهن.

تون صحيح آهين تہ حالتون اهڙيءَ ڪڙيءَ تي پهتل آهن، جو اهي هندو، جي تعصب نتا رکن، سي بہ مسلمانن لاءِ ڪجھ ڪري نتا سگهن. پر اسان ڪين کهڙو ڏوھ ڏيئي سگهون تا! جڏهين ڏسو پيا تہ مسلمانن خود خدا کي بہ وساري ڇڏيو آهي. هنن کي دائمي ننڊ ۾ سمھڻ جي خواهش آهي. جو بہ ڪين سجاڳ ٿيڻ لاءِ چوي ٿو، ان کي هو بد ترين دشمن سمجهن ٿا. پر باوجود ان جي، تو جهڙن ماڻهن کي سندن خدمت کان ڪڪ نہ ٿيڻ گهرجي. منادي (دانهن) ضرور هلي اچي. من ڪو ٻڌي سجاڳ ٿئي.

ڪاش اهي صحيح دعا گهري سگهن، تہ بہ چڱو.

وقت بوقت خط لکندو ڪر. اميد تہ اسان جلد توسان اچي ملنداسون.

اسان جا آداب ۽ سلام رسن

تنهنجو مخلص

امداد قاضي

[مٿي ذڪر ڪيل خطن مان قاضي صاحب ۽ مسز قاضيءَ جي هينين ارادن ۽ خواهشن جو پتو پوي ٿو -

(1) قاضي صاحب کي اتحاد انساني ۽ امن عالم جي پيغام لاءِ سنڌ جي سرزمين مان ڪن مخلص ڪارڪنن جي پيدا ڪرڻ لاءِ سن ۾ مرڪز کولي ڪم ڪرڻ جي ڳالھ پسند هئي.

(2) سنڌي عوام، جن ۾ اڪثريت نالي ۾ مسلمان هئي، جي پست پيل حالت جو کيس شديد احساس پيدا ٿيل هو، ۽ انهن جي سماجي حالت درست ڪرڻ جو کيس بيحد اونو وينل هو.

(3) سنڌ جي جدا ٿيڻ بعد هتي جي سياستدانن تي جي جوابداريون پوڻ واريون هيون، ان جو پورو پورو احساس هوس، تنهنڪري سنڌ جي خود مختياريءَ لاءِ سازگار فضا پيدا ڪرڻ جو خواهش مند هو.

(4) مسز قاضي پر فضا مڪان اندر ساڳئي مقصد کي شعر ۽ آرٽ ذريعي زرخيز بنائڻ جا خواب ڏسي رهي هئي.

اسان جي بدقسمتيءَ کان سندن ارادا ۽ خواهشون هنن جي زندگيءَ ۾ سر انجام نہ ٿي سگهيا. ليڪن هن ڳالھ کان انڪار ڪرڻ ڪفر نعمت ٿيندو. تہ باوجود ڪيترن قومي صدمن ۽ رڪاوٽن جي، هن وقت سنڌين جي نئين سر

زنده ڪرڻ لاءِ جا خواهش ۽ جذبو ڪم ڪري رهيو آهي، ان ۾ قاضي صاحب جي تعليم، خواهش ۽ دعائن کي وڏو دخل آهي.]

(23)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

48 - پيمبروڪ روڊ،
براملي ڪينٽ - انگلنڊ.
23 - آگسٽ، 1932ع

پيارا شاه صاحب،

منهنجي گذريل خط جو جواب اجان نہ مليو اٿم. شايد تون مشغول رهيو آهين. مون حاتم ڏي خط لکي جواب گهريو، پر هن بہ تو وانگر جواب نہ ڏنو آهي. سنڌ ۾ اهو رواج ٿي ويو آهي تہ شايد اڻائي آنا ٽڪلين جا وڃائڻ نٿا گهرن. پر جن کي پيار ڪجي ٿو، تن جي احوال معلوم ڪرڻ جي ڳڻتي رهي ٿي. جواب نہ ڏيڻ بخل نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ اسان کي پنهنجي خير و عافيت کان واقف ڪندو ڪر. مون کي توسان گهڻا احوال ڪرڻا آهن. پر اهي تڏهين ڪبا، جڏهين ملنداسون. جواب جلد موڪل.

ڪنهن کي خبر تہ جيڪڏهن خدا گهريو تہ اسان توهان وٽ سياري کان اڳ پهچي وڃون!

جلد احوال موڪل. ٻئي خط جو انتظار نہ ڪر.

تنهنجو پيار ڪندڙ
امداد قاضي

[خبر نہ آهي تہ قاضي صاحب جي اپريل ۾ لکيل خط کان پوءِ ڪو خط آيل هو، جنهن جو جواب ڪونہ ڏنو اٿم. پاڻ خط لکي، ان اثر هيٺ رهيو آهي تہ مون کان ڪيس جواب نہ پهتو آهي.

ان وچ ۾ سنڌ ۾ هيٺيون خاص ڳالهيون ٿي گذريون -

(1) 5 - اپريل 1932ع تي سنڌ جي جدائيءَ لاءِ مالي ڪميٽيءَ ڪراچيءَ ۾ اچي جانچ ڪئي.

(2) 18- اپريل 1930ع تي ڪراچيءَ ۾ سنڌ جي جدائي لاءِ ڪانفرنس ٿي.

(3) 21 - 22 مئي 1932ع تي پنجين سنڌ اسڪول بورڊ ائسوسئيشن جي ڪانفرنس خانبهادر کهڙي جي صدارت هيٺ گڏ ٿي.

(4) 18 - جون کان 21 جون 1930ع تائين ڀٽ شاه جي ميلي جي موقعي ـي ميران محمد شاه ۽ ٻين دوستن جي ڪوشش سان پهريون دفعو هينئين ڪانفرنسن جو انتظام ٿيو.

ائگريڪلچرل نمائش، سوديشي بازار، سنڌ هنري نمائش، ڪوآپريٽو ڪانفرنس، راڳ جي ڪانفرنس ادبي مجلس، زميندارن جي ڪانفرنس ۽ صوفي روح رهاڻ.

(5) سنڌ جي جدائيءَ جي مخالف هندن کي منهن ڏيڻ لاءِ صلاح مشورو.]

(24)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

48 - پيمبروڪ روڊ،
براملي - ڪينٽ - انگلنڊ.
6 - آڪٽوبر، 1932ع

پيارا شاه صاحب،

مون کي هيءَ خبر ٻڌي نهايت افسوس ٿيو ته تنهنجي قبيلي جو هڪ نوجوان وفات ڪري ويو آهي. نندي هوندي ستابي شاه کي سڃاڻندو هوس، جو اڪثري منهنجي والد وٽ ايندو هو. پُر رعب ۽ وجيهه نوجوان هو. اسان ڇوڪرا هن کي ايترو سڃاڻندا هئاسون، جيترو مائٽن کي، هي اڪثري گهمندو رهندو هو. پوءِ ڪن نامناسب واقعات ڪيس تڪليف ۾ آندو. اسان کي ارمان ٿيو، پر شايد قدرت کي اهو منظور هو. منهنجي خواهش هئي ته سندس پٽ شايد تنهنجي اثر هيٺ ڪارائتو ٿي سگهي. پر قدرت جي لکئي کي ڪير موڙي سگهي.

خدا ڪري تون ٻين جي ڀلي لاءِ گهڻو وقت زنده، هميشه نوجوان رهين، مسلمان کي بيدار ڪندو رهين. تون ان خاندان جو فرد آهين، جن ارشاد ڏنو ٿي. خدا ڪري تنهنجي وڏن جو جوهر ۽ حوصلو تو ۾ قائم رهي. اسان کي تو ۾ گهڻيون اميدون آهن.

مون کي ان ڪان ڪابہ وڏي خوشي ڪانہ ٿيندي تہ تو ساڻ گڏجي ڪم ڪريان. خدا ڪري شل اهو ڏينهن اچي مون کي خوشي ٿي آهي تہ تون ڪراچيءَ ۾ بنگلو نهرائي رهيو آهين. اهو سنڌ جي نوجوانن ۾ نئين زندگي پيدا ڪرڻ لاءِ مرڪز ٿي ڪم ايندو.

ڪن سببن ڪري، جي خدا چاهيو تہ روبرو مليس تہ بيان ڪندس تہ اسان هتي رهڻ گهرون ٿا، پر جيڪڏهين حياتيءَ وفا ڪئي، تہ جنهن ڳالهہ جي مون کي تمنا رهي ٿي، سا اهائي آهي تہ توسان گڏجي سنڌين ۾ ذهني تعليم پکيڙيان - ائين نہ ٿئي، جيئن تون موجوده راين کي ڇڏي ڏين. مون کي اميد آهي تہ تون ڪڏهين بہ ائين نہ ڪندين.

مون کي هي معلوم ڪري خوشي ٿي آهي تہ مسٽر چينمل پرسرام هاڻ تندرست آهي ۽ حاتم ۽ مسٽر لالچند بہ خوش آهن. انهن مان ڪنهن کي مون کي ياد ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي جو ان مان ڪين فائدو نہ رسندو. آءٌ ڪين ياد ڪريان ٿو، سا ڳالهہ مون لاءِ ڪافي آهي. آءٌ سندن لاءِ شايد ڪم جو نہ آهيان، تنهنڪري هو مون کي خط نٿا لکن. جنهن صورت ۾ سندن وجود منهنجي لاءِ مفيد آهي، تنهنڪري آءٌ سدائين سندن محبت محفوظ رکان ٿو. اسان سڀ حريص آهيون. تفاوت صرف مختلف شين جي حرص جو آهي. بورچيءَ کي ڪاڏي جو سامان کپي، شاعر کي عمدي نظاري جي ضرورت آهي، اهڙيءَ طرح جيترا ماڻهو اوتريون سندن گهرجون. سڀ ڪنهن کي سندس گهرج جو حصول راضي ڪري ٿو.

مهرباني ڪري پنهنجي تندرستيءَ جو خيال رکندو ڪر. گهڻو ڪم ڪري، پاڻ کي ٿڪائي بيمار ڪري نہ وجهج.

جيڪڏهن تون دوستن مان، جمشيد، پي ايم آڏواڻيءَ، شيخ عبدالمجيد کي ملين، تہ منهنجا ڪين سلام ڏج. مون کي پتو نہ آهي تہ ميران محمد شاهہ هن وقت ڇا ڪري رهيو آهي. مون کيس خط لکيو آهي، پر جواب ڪونہ موڪليو اٿس. مسز قاضي تنهنجي دلچسپ خط لاءِ شڪر گذار آهي ۽ جلد جواب موڪليندي.

ان وچ ۾ اسان جا پيار ۽ سلام قبول ڪر.

تنهنجو مخلص

امداد

اهي مثال منهنجي پياري دوست غلام مرتضيٰ سان لڳي نٿا سگهن. منهنجو تنهنجي لاءِ پيار جدائيءَ ۾ سڪ ڪري پاڻ وڌيو آهي. ڪهڙيءَ طرح تنهنجي محبت گهٽجي سگهي ٿي؟!

دل را بدل است راهي درين گنبذ سپهر.

پر شڪن جي دنيا وري ٻي مصرع ڏيان تي آڻي ٿي -

غلط است آنچ گويند دل رابدل است راهي،

دل مـن زغفـه خـون شـد دل اوخبـر نـدارد!

تنهن ڪري آءٌ پريشان ۽ حيران ٿي پيو آهيان. پر پريشاني هڪ منٽ به رهي نٿي سگهي، جڏهين محبت ان تي ڪلي، برو پلو ڳالهائي، ان کي هڪالي ڪڍي ٿي.

جاءِ الحق و ذهق الباطل الخ

شڪ گم ٿي وڃي ٿو، جڏهين ايمان اچي ٿو. تاريڪي پڇي وڃي ٿي، جڏهين روشني اچي ٿي، خاص ڪري "سراجاً منيرا" بي فداڪ يا رسول الله.

ان ڪري مهرباني ڪري پنهنجي خوش خيرو عافيت جو احوال موڪليندو ڪر.

تنهنجو دعاگو

امداد قاضي

[آڪٽوبر 1932ع کان پوءِ قاضي صاحب جو هيءُ خط محفوظ ٿيل آهي. ان جو مطلب ته 20 مهينا خط قاضي صاحب کان نه آيل آهي. ممڪن آهي مون سندس ڪينٽ واريءَ ائڊريس تي خط موڪليا هجن، جي سندس مڪان بدلائڻ ڪري نه پهتا هجنس، يا ڪو ٻيو سبب هجي. بهر حال جيڪڏهين مون کان خط نه لکڻ جي شڪايت رهي اٿس، ته سندس خط به گهڻي عرصي کان پوءِ آيل آهي. سندس ٻئي خط مان هن عرصي ۾ سندس دلي ڪيفيت ۽ اتي جي اهم مشغولين جي ڪجهه خبر پئجي سگهي ٿي.]

(26)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

28 - اولڊ براڊ سٽريٽ، لنڊن E.C

6 - آگسٽ، 1934ع

پيارا شاهه صاحب،

تنهنجو خط پڙهي خوشي ٿي - نه ان ڪري جو گهڻي وقت کان پوءِ مليو، پر خوشبودار شيءِ هميشه پسنديده ٿئي ٿي. منهنجي فطرت شاذو نادر خوبصورت شين مان ڍاپجي ٿي. مون وٽ اهو معاملو آهي ته "دگربيار" ڪي ماڻهو اهڙا آهن، جن جو دستور آهي ته

حلوه چون يکبار خور دند بس.

پر منهنجو قصو ٻي ارر آهي. حسين شيءِ سدائين خوشي پيدا ڪريم ٿي. هڪ دفعو آءٌ پيار ڪريان ٿو، ته اهو هميشه لاءِ، قائم رهي ٿو. محبت منهنجي زندگيءَ جو جياپو آهي.

ائين مَ هو سچ عام تي جڻن موملِ وسن مينهن،
سندي حشر ڏينهن سوڊو سارينديءَ گهڻون.

آءٌ سيني شين ۾ نيڪي ۽ خوبصورتيءَ کي پسند ڪريان ٿو. ان مان ڪڏهين به ڍؤ نٿو ٿئيم. مون کي خبر آهي ته تو ڇا لکيو آهي. پر جيستائين مسلمانن جي پستيءَ جو سوال آهي، سندن مرض لاعلاج آهي. جيڪڏهين آءٌ گذريل ٽن سالن ۾ جيڪي سندن لاءِ مون محسوس ڪيو آهي، ان جو احوال توکي ٻڌايان، ته تعجب وٺي ويندءِ.

تو مون کي لکيو آهي ته هاڻ تون ادبي ڪتاب پڙهين ٿو. ان مون کي تنهنجي به سال اڳ لکيل ڳالهه ياد ڏياري آهي، ته "مڙس جي ڳالهه هڪ آهي". تو مون کي سنڌ جو 'برنارڊشا' ڪوٺيو هو. مون ان تي جواب ڏنو هو ته جيڪڏهين برنارڊشا وري ان مسئلي تي ڪو ڪتاب لکيو، ته جواب ڏيندس. ان کان پوءِ هن "بلئڪ گرل ان سرچ آف گاڊ" ڪتاب لکيو، اسان ان جي جواب ۾ "برائون گرل ان سرچ آف گاڊ" لکيو آهي. منهنجي مرضي آهي ته تون ٻنهي کي پڙهي ڏس.

مون کي خوشي ٿي آهي ته تنهنجو ڪراچيءَ وارو بنگلو تيار ٿي ويو آهي. اهو سهڻو آهي. جيڪڏهين اسان موٽي آياسون، ته اتي روم ملي ويندو. توکي

خبر آهي يا نہ. تہ آءُ پڪو ملا  تي ويو آهيان. جمعي نماز پڙهائيندو آهيان. سٺ ماڻهن جي جماعت کي هر جمعي تي خطاب ڪندو آهيان. ٻي ماڻهو چون ٿا تہ لنڊن جي تاريخ ۾ 60 ماڻهن جي جماعت اڳي هنن ڪڏهين نہ ڏٺي هئي.

سو جيڪڏهين تون وعدو ڪرين، هڪ مسجد، هڪ خانقاه، هڪ ليڪچر روم پنجاه شاگردن لاءِ ميسر ڪري سگهين، تہ آءُ سياٽي ڪراچيءَ لاءِ روانو ٿي وڃان. ڇرچو ڪونہ ٿو ڪريان. ان ڳالهہ تي پڪو آهيان. اسان مسجد سان گڏ هڪ ليبارٽري قائم ڪنداسون، ۽ آرٽس لاءِ هڪ اسٽوڊيو هوندو، جتي خدا جي "باري المصور" ۽ "حڪيم" جي صفتن سمجهڻ جي ڪوشش ڪبي.

اي ناقص مسلمان، خدا طرفان ڪيڏو نہ انعام توهان کي ڏنو ويو هو، جو توهان خاڪ ۾ اجلائي ڇڏيو آهي!"

پيارا شاهہ، آءُ صبح کان شام تائين دانهون ڪندو رهان ٿو، ليڪن باوجود ان جي فائدو پهچائي نہ ٿو سگهان. مسلمان کهڙا نہ بي شڪر ثابت ٿيا آهن.

ڪان ظلوماً جهولا-

لقد خلقنا الانسان في احسن تقويم ثم رددنا- اسفل سافلين.

اسان کهڙي نہ جليل القدر ۽ سهڻي آخري پيغام کي بي ترتيب ۽ ابتر بنائي ڇڏيو آهي. "سوئر اڳيان موتي" جي ڦٽي ڪرڻ جو مثال اسان سان نهڪي اچي ٿو. اسان جي شامت اعمال نادر جي صورت ۾ نمودار ٿي آهي. اسان ان کان بہ گهڻيءَ سزا جا لائق آهيون. ان جو انتظار ڪرڻو اٿئون. انڌا بہ ان مان اسان کان زياده گهڻو فائدو وٺي سگهن ها. اسان انڌا، ٻوڙا ۽ گونگا ٿي پيا آهيون.

"بل هو اضل سبيلا".

مهرباني ڪري جلد احوال موڪل تہ اسان اتي ڪارائتا ٿي سگهنداسون يا نہ؟ والله معلڪ (خدا تنهنجو مددگار رهي).

تنهنجو مخلص

آءِ. آءِ. قاضي

[مون ڪيس بروقت جواب ڏنو. جنهن ۾ ڄاڻايم تہ ڪراچيءَ ۾ رهڻ لاءِ منهنجي جاءِ حاضر هئي. ليڪن ڪراچيءَ جي شهر ۾ هڪ اسٽوڊيو، ليبارٽري، مسجد ۽ ليڪچر هال ميسر ڪرڻ منهنجي طاقت کان مٿي هو. البت

ليسلي ولسن، مسلم هاسٽل واريءَ مسجد ۾ جي نماز پڙهائيندا، تہ پڙهيل طبقي جا چند ماڻهو ڳڌ تي سگهندا. ان ڪان پوءِ جلدي بنا اطلاع جي ڪراچيءَ پهچي ويو، جتان سکر وڃي مون کي خط لکيو اٿس.]

(27)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

سکر

- ڊسمبر، 1934ع

پيارا شاه صاحب،

تنهنجي مهرباني، جو تو اسان کي پنهنجي بنگلي ۾ رهڻ جي دعوت ڏني آهي. ڪراچيءَ مان بيون بہ ڪيتريون دعوتون رهڻ لاءِ مليل آهن. تنهنڪري حال اسان توکي اسان جي رهڻ جي انتظام ڪرڻ واسطي تڪليف نٿا ڏيون. مهرباني.

اسان هڪ تجويز تي غور ڪري رهيا آهيون، تہ سکر کان ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي لاڙڪاڻي پهچون، جتان پاڻ، دادو ۽ سن مان (جيڪڏهن تون اُتي هوندين) تي، ڪوٽڙيءَ پهچنداسون. آءٌ توکي هتان نڪرڻ جي تاريخ لکندس. اميد تہ توکي سن ۾ ملنداسون.

اميد تہ گهر ۾ سڀ خوش چڱا ڀلا هوندا.

تنهنجو مخلص

آءِ. آءِ. قاضي

[هي تعجب خيز تجويز هئي، ليڪن ڪن سببن ڪري ان تي عمل ٿي نہ سگهيو.]

(28)

134 - برنس روڊ، ڪراچي

جنوري، 1935ع

پيارا سيد صاحب،

خط پهتو، يادگيريءَ ۽ ان ۾ بين لکيل ڳالهين لاءِ مهرباني. اسان لاءِ ايتري تڪليف وٺڻ جو ڪهڙو ضرور هو.

بدقسمتيءَ سان مسز قاضيءَ جي بي چاڪ ٿيڻ ڪري اسان [سکر ڳان ڪوٽڙيءَ واري] پروگرام تي هلي نہ سگهياسون، ۽ سڌو ريل رستي ڪراچيءَ هليا آياسون. اسان کي سن ۾ توسان اچي ملڻ جي نهايت خوشي ٿئي ها. هتي ڪراچيءَ ۾ ڪڏهين ايندين؟ آءٌ سمجهان ٿو تہ اسان انڊيا کان ٻاهر گهڻو وقت رهيا آهيون [۽ هاڻي] اميد تہ جلد ملنداسون.

وري بہ شڪريو.

تنهنجو مخلص

امداد قاضي

(اشتهار) (29)

(اردوءَ مان ترجمو)

انجمن تبليغ اسلام، ڪراچيءَ جو اجلاس 3 - مارچ 1935ع 10 بجي صبح مسلم ليڊيز ائسوسئيشن گڏ ٿيندو. اوهان کي عرض آهي تہ ان ۾ اچي شريڪ ٿيندا.

الداعي، قاضي امداد علي (بارائٽ لا)

(30)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

134 - برٽو روڊ، ڪراچي

18 - اپريل، 1935ع

پيارا شاه صاحب،

شيخ عبدالعزيز ڪتابن ڇاپڻ جو خيال ڪري رهيو آهي، جنهن ۾ مون کي شريڪ ڪرڻ گهري ٿو. اردو ۽ ٻين ٻولين مان بهترين ڪتاب ترجما ڪري ڇپايا ويندا. هي توسان بہ ان مسئلي تي مشورو ڪرڻ گهري ٿو. هيءُ حيدرآباد 22 تاريخ صبح جو پهچندو. تون 21 - تاريخ جي ڪانفرنس کان پوءِ اجا اتي هوندين. افسوس آهي تہ تون هتي نہ آهين، نہ تہ توسان ان بابت مشورو ڪريان ها.

مهرباني ڪري بنا حجاب جي مون کي لکي موڪل تہ اهڙي رٿ ڪامياب ٿيندي يا نہ؟ ٻيو تہ منهنجي ان رٿ ۾ شرڪت منهنجي يا ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ مفيد ٿيندي يا نہ؟ ان تي خيال ڪري جلد پنهنجي راءِ موڪل. سنڌ

۾ بيو ڪوبہ اهڙو نہ آهي جنهن جو مشورو يا تعاون توڪان وڌيڪ گهرندو هجان. اهو انڪري آهي، جو آءٌ توکي پيار ڪريان ٿو.

تنهنجو

امداد قاضي

(31)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

134 - برنس روڊ،

ڪراچي

پيارا شاه صاحب،

شيخ عبدالعزيز اوهان وٽ اچي ٿو. ڪيس ڪا تجويز آهي. مهرباني ڪري ان تي گهرو خيال ڏيئي، حتي الامڪان جيڪي ان معاملي ۾ تي سگهي اهو ڪندا. ڇا اسان جو ان ۾ هٿ وجهڻ ڪاميابيءَ جو باعث ٿي سگهندو يا نہ؟

سلامن سان،

تنهنجو مخلص

امداد قاضي

[هي بيئي خط ڪنهن پبلشر بابت موڪليا اٿس. مون ان ۾ ڪهڙو مشورو ڏنو ان جو پورو پتو نہ اٿم. يقيناً ان نئين ماڻهوءَ جي نئين ڪم لاءِ مون سندن ان ڪم ۾ شرڪت جي خلاف راءِ ڏني هوندي.]

(32)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪئليفورنيا جهاز،

عدن جي ڀر ۾.

25 - اولڊ براڊ اسٽريٽ. لنڊن

پيارا شاه صاحب.

اهو ارمان اٿم تہ توکي ملڻ کان سواءِ اوچتو هليو آيو آهيان. گهڻيون ڳالهيون ڪرڻيون هيون. پر ڪري نہ سگهيا سون. تنهنجي مستقبل بابت مون

دادو اوهان جي قدمن هيٺان هوندو. ڇا يار محمد سچائي اختيار ڪري سگهندو؟ ٻي ڪندو، بشرطيڪ تون ڪيس پيار ڪندو رهندين. اهو مون تي ڀورو ڏيندو، ميڪڏهن تون ان تي هٿ رکندو ايندين، جيئن هو توکي ڇڏي نه سگهي.

خدا حافظ

تنهنجو مخلص

امداد

[قاضي صاحب گذريل سال نومبر ڏاري سنڌ ۾ آيو ڪجهه وقت رهي، حالتن جي سروي ڪري، وري واپس موٽي ساڳئي مهيني ڏاري اوچتو ولايت ويو هليو. سنڌس رهڻ واري عرصي ۾ اڪثر آءٌ دادوءَ طرف ضلعي لوڪلبورڊ جي ڪم سان رهندو هوس. ليڪن جڏهين به ڪراچي ايندو هوس، ته سنڌس خدمت ۾ وڃي ڪجهه پرائڻ جي ڪوشش ڪندو هوس. منهنجو وٽس وڃڻ ٻين سياستدانن وانگر صرف رسمي ملاقات لاءِ نه ٿيندو هو. آءٌ سنڌس خدمت ۾ هميشه زانوئي ادب سان سکڻ ۽ هدايت حاصل ڪرڻ لاءِ ويندو هوس. پاڻ کي طالب ۽ هن کي رهبر ڪري سمجهندو هوس. ان ڪري سنڌس خط ان ڳالهه طرف اشارو آهي. سنڌس صلاح ۽ مشوري سان، سنڌ جي سياستدانن کي. تعميري ڪم لاءِ، سنڌ جي جدا صوبي ٿيڻ بعد، هڪ پليٽ فارم تي ڪٺي ڪرڻ لاءِ، مون 1935ع ڌاري پنهنجي ڪراچيءَ واري بنگلي، سولجر بازار ۾ ميٽنگ سڏائي، جنهن ۾ قاضي صاحب جن حاضر هئا. ليڪن اڪثر ڪارڪنن ۾ خودمطلبي ۽ خود فريبي ايترو اثر انداز ٿي ويئي هئي، جو ان ميٽنگ ۾ ڪوبه سمجهوتو ٿي نه سگهيو.

(2) ان وقت مون ميان يار محمد جوڻيجي کي ضلعي لوڪلبورڊ دادوءَ جي پريزيڊنٽ چونڊجڻ ۾ مدد ڪئي هئي. ۽ گڏجي ڪم ڪري رهيا هئاسون. هو قاضي صاحب جو عزيز هو. ان ڪري قاضي صاحب ان اتحاد تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو آهي.

خود غلط بود آنچہ ما پنداشتيم

ان حالت ۾ توکي هن معمولي ڪم لاءِ تڪليف ڪري اچڻ نہ گهرجي.

خدا توکي مدد ڪري!

تنهنجو پيار ڪندڙ

امداد قاضي

[مون ان لاءِ اڳيئي ميران محمد شاه کي لکيو هو، جو مدرسہ بورڊ جو ميمبر هو. هن سندس 20 - جون 1938ع واري خط ۾ بمبئي مان اچڻ کان پوءِ لکيو آهي تہ 16 جون تي وائيس پرنسپال جو سوال، بورڊ ۾ پيش ٿيڻ وارو هو. وڏيڪ ڪيس خبر نہ هئي، جو هو ڪجهہ وقت کان بمبئي ۾ هو.]

(37)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

برٽو روڊ، ڪراچي

جمع، جولائي 1938ع

پيارا شاه صاحب،

جڏهين جولاءِ 1929ع ۾، پورا نوَ ورهيہ اڳ، تون مون وٽ آيو هئين، ان کان پوءِ جا واقفيت ٿي، ان وقت کان وٺي مون توکي اهڙو پيار سان ڏٺو آهي، جو ٻئي سنڌيءَ کي مائٽن سميت نہ ڏنو اٿم. اهو رڳو گذريل هفتو هو، جو مون تو ۾ ڪجهہ نئين ڳالهہ محسوس ڪئي، جنهن مان اڻ لکيءَ حالت ۾ گهٽ ۾ گهٽ درجي ۾ "پاڻ" جو انديشو ڏسڻ ۾ آيم. پر مون کي پڪ آهي تہ انَ ڳالهہ جو توتي اثر نہ پوندو. تو جهڙن لاءِ اشارو آهي تہ:

"عبادالرحمـن الذين يمشون علي الارض هوناً"

اهوئي سبب هو، جو تو مون کي غير معمولي طرح مضطرب ڏٺو ۽ ڪن سنڌي ليڊرن لاءِ سخت الفاظ ڪتب آڻيندي ٻڌا، جي انهن هزارن ماڻهن کان بهتر نہ آهن، جن کي هر سال 110 قلم هيٺ رجوع ڪيو وڃي ٿو.

تنهنجي دل ۽ بدن جي ٿوري ناچاڪي مون کي ناخوش ۽ پريشان ڪريو ڇڏي.

اس دل بي تاب ڪي ساري خطا تهي، مين نہ تها

[هن مان معلوم ٿيندو تہ جا تجويز مون فيبروري 1931ع کان ڪيس قومي خادمن تيار ڪرڻ لاءِ پيش ڪئي هئي، ان تان باوجود انن سالن جي گذرڻ ۽ سياست سنڌ ۾ ڳچيءَ تائين ڦاسڻ جي هئيو ڪونہ هوس. ڪيس گذريل واعدو ياد ڪرائي پنهنجو ڪيل انجام دهرايو اٿم. پاڻ ڪن مشڪلاتن سبب حال ان ڪم کي هٿ ۾ ڪٽڻ لاءِ تيار نہ هو، جن مان ٻہ ڳالهيون بيان بہ ڪيون اٿس -

(1) عام ماڻهن جي خسيس معاملن ۾ دلچسپي هئي ۽ ڪين روحاني ۽ ذهني ڳالهين طرف توجهہ نہ هو.

(2) حال ڪو بيو شريف ماڻهو ان جي ابتدا ڪري، پوءِ ممڪن هو تہ پاڻ بہ اچي شريڪ ٿئي. ان وچ ۾ ڪراچيءَ ۾ مرڪز قائم ڪري ڪم ڪرڻ جو ارادو هوس.]

(39)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪراچي

26 - آگسٽ. 1939ع

منهنجا پيارا شاه صاحب،

خط لکڻ لاءِ مهرباني. مون کي هي معلوم ڪري خوشي ٿي تہ هاڻ تندرست آهين. اسان ٻنهي کي انفلوئنزا ٿي پيئي آهي. انڪري مون ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جو ليڪچر بہ رد ڪري ڇڏيو.

جيڪڏهين ڪنهن موقعي تي توسان ميان مقبول شاه (پيين وارو) گڏجي، تہ ڪيس چئج تہ مقيم شاه [بخاري شاه واري] جي شادي جلد ڪرائي. آءُ هن بابت نهايت نامناسب ۽ افسوسناڪ خبرون ٻڌي رهيو آهيان. مون کي هن جي راه راست تي آڻڻ جي طاقت نہ آهي. ممڪن آهي جلد هي اُن حد کي پهچي وڃي، جتان هن کي موٽائڻ مشڪل ٿي پوي. مون بہ دفعا هن بابت ڪورٽ آف وارڊس کي گذريل سٺن مهينن ۾ لکيو آهي. تہ هن جي چارج مون کان ڇڏائين. اهو ڇوڪرو ڪهڙيءَ طرح ٻڙهي سگهندو. جيستائين هن کي سنياليندڙ جو خوف نہ هجي- خاص ڪري اهو ڇوڪرو جو 18 سال ڇڙواڳيءَ جي زندگي گذاري چڪو هجي!

رات ڏينهن آءٌ هن جي انتظار ۾ گذاريان ٿو. پر ڪيس دڙڪي داب ڏيڻ جي اختياري نہ هئڻ ڪري ڪوبہ فائدو نٿو ٿئي مسلم چوڪرن کي سڌارڻ لاءِ ڪجھ سختيءَ جي ضرورت آهي. اها افسوسناڪ ڳالھ نہ آهي؟

آءٌ سمجهان ٿو تہ تون خاڪسار ريليءَ وقت هتي ايندين.

اسان جو ننڍو جوان ڪيئن آهي؟

پيار ۽ نيڪ جذبن سان تنهنجو

امداد قاضي

[ان وچ قاضي صاحب کي شاگردن جي رهائش ۽ پڙهائڻ جو ڪم سرڪار طرفان سپرد ڪيو ويو هو.]

(40)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪراچي

19 - سيپٽمبر 1939ع

منهنجا پيارا سيد صاحب.

چو ايترو وقت ماٺ ۾ رهيو آهين؟ محبت جي تقاضا اها نہ آهي. توڪان خبرچار ملڻ لاءِ آءٌ نهايت انتظار ۾ رهان ٿو. تنهنجي تقرير اجا تائين ڪانہ ڇپي آهي. اها ڳالھ تنهنجي شايان شان نہ آهي. ان ۾ ڪن علامن جي تقريرن کان بہ وڌيڪ مواد آهي. ان کي يڪدم ڇپائڻ گهرجي. مون آخر جدا گهر ڳولي هٿ ڪيو آهي. هاڻ منهنجي قديمي خواهش پوري ٿيڻ واري آهي تہ تنهنجو فرزند (امير حيدر) پاڻ وٽ پڙهائڻ لاءِ رهايان. جڏهين بہ گهرين تہ هن کي مون ڏي موڪلي ڏي. يا پاڻ سان گڏ آڻينس- بئي ء بمبئي جي پهرين تاريخ ڌاري. اسان کي ڪڏهين منهن ڏيکاريندين؟

جواب ۾ هڪ سٽ لکيئي. تہ بہ ڪافي آهي. محبت ۽ پيار.

تنهنجو پيار ڪندڙ

امداد قاضي

[ان کان پوءِ ٿورو وقت بعد آءٌ مسجد منزلگاه جي سلسلي ۾ ستياگره جي اڳواڻي ڪندي، جيل ۾ ويس. هندو مسلم فساد ٿيا.

خط ۾ منهنجي ڪهڙي تقرير ڏانهن اشارو ڏنو اٿس، جا ڪيس پسند آئي هئي، ان جو پتو ڪدي نہ سگهيو آهيان.]

(41)

(سنڌيءَ ۾)

ڪراچي
12 - جنوري، 1940ع

نورچشما،

تنهنجو خط برابر مليو هوم. پر آءٌ بيمار هوس- ايترو، جو مسجد ۾ جمعي نماز لاءِ وڃڻ کان بہ قاصر رهيس. هڪ بہ ڏينهن بيمار ٿيڻ کان اڳ ايڊيوڪيشن ڪاميٽيءَ تان استعيفا ڏيئي آيو هوس. پير صاحب [الاهي بخش] گڏيو هوم . جڏهين اٿڻ ويهڻ جهڙو ٿيس، تہ پير صاحب ڪراچيءَ کان ٻاهر هليو ويو. ڇهن هفتن کان جمعي نماز لاءِ بہ ڪونہ آيل آهي. احوال گهڻا آهن، جي اميد تہ روبرو ڪبا. منهنجي طبيعت اڃا تائين ضعيف آهي. حقيقت ۾ نماز پڙهائڻ جيتري بہ طاقت پاڻ ۾ نہ پائيندو آهيان. جواب ڏيڻ جي دير هن ڪري ٿي تہ منهنجي بيماريءَ جي حالت ۾ نوڪر خط بين ڪاغذن سان گڏي رکي ڇڏيو، جو هيٺ مٿي ٿي ويو. جنهنڪري ائڊريس ۽ مطلب تائين پهچي ڪين سگهيس.

بگٽي رياست حقيقت ۾ هڪ رياست آهي ئي ڪانہ- هڪ خانگي اسٽيٽ (جاگير) آهي. صرف بگٽي سردار منهنجي نگهبانيءَ هيٺ رهي ٿو، ۽ سندس خانگي ملڪيت جو سنڀاليندڙ سنڌ گورنمينٽ مون کي ڪيو آهي. تنهنڪري اها غلط فهمي پيدا ٿي آهي.

غلام مرتضيٰ لاءِ تہ منهنجو روح گهڻيون ڇڪون ٿو ڏئي. پر آءٌ مٿس رنج بہ آهيان. ڇالاءِ پاڻ کي اوجهڙ ۾ وجهي وڌائين؟

ما درچہ خياليم فلڪ درچہ خيال ست!

سنڌ ۾ باقي هوسين اهو، تنهن بہ اوندهہ جو رستو اختيار ڪيو. تہ اسان جو حال ڪهڙو ٿيندو؟ 500 مسجدن جي حالت نا گفتہ بہ آهي. سڀ مدرسا ڪراچيءَ. لاڙڪاڻي ۽ ٽنڊي باگي وغيره وارا ردي‌ءَ کان ردي حالت ۾ آهن. سڀ

مسلمان انسٽيٽيوشن (ادارا) مسلمانن هٿان برباد ٿيل آهن. باقي منزلگاه لاءِ ٿيون شهادتون ٿين!

منهنجي صلاح وٺڻ يا نہ وٺڻ جو مون کي ارمان ڪونهي. مگر هيترو ارمان ضرور اٿم تہ هميشہ واريءَ سهٽي سمجهہ کان ڪم نہ ورتئي.

آءٌ اڪيون وجهيو وينو آهيان. تہ ڪڏهين تو اچين، پر اجا تائين تہ ڪونہ آيو آهين. عيد تي ايندين، تہ پوءِ جي حياتي آهي تہ آءٌ بہ ڪراچيءَ هوندس. خود سردار (اڪبر) بگٽي بہ هت رهي ٿو. بگٽي ديري ۾ ڪجهہ نہ آهي.

اميد تہ توسان جلد ملاقات ٿيندي.

الراقم، امداد قاضي عفہ عنہ

[جڏهين مسلم ليگ ۾ داخل ٿي، منزلگاه مسجد لاءِ ستياگره شروع ڪيوسين، تہ قاضي صاحب، مسٽر جمشيد ۽ دادا چيتمل وانگر، ان مان هندو مسلم ڇڪتاڻ پيدا ٿيڻ جي خوف کان، منهنجي اهڙي قدم کڻڻ جي خلاف هو. ليڪن ان وقت آءٌ انڌ جي گهوڙي تي سوار هوس. ڪنهنجي ڪانہ ٻڌيم. نومبر 1939ع کان جيل ۾ ويس. جيل مان ڪيس جو خط لکيم، ان جو هي جواب آهي.]

(42)

(انگريزي مان ترجمو)

ڪراچي

فيبروري 1940ع

پيارا مرتضيٰ،

آءٌ توکي مبارڪون ٿو ڏيان. تنهنجي روح اجا پاڪيزگي نہ وڃائي آهي. اها ڪرامت آهي. ٻارهن سالن جي محنت کان پوءِ ۽ عوام جي هٺڙيءَ حالت ۽ ماحول ۾ دعا گهر ۽ خيال رک تہ ساڳيون حالتون وري پيدا نہ ٿين.

نماز ذريعي دعا گهري، پاڪ ٿيءُ. خدا توتي برڪتون موڪلي. منهنجو سنڌ ۾ تسليٰ ۽ آئت وارو شخص رڳو تون آهن. خدا توکي نوازي. دنيا ۾ ڪجهہ بہ نٿو رهي، سواءِ "وجهہ ربڪ ذوالجلال والاڪرام". روحاني زندگي

گذار، جنهن ۾ حسن ازلي ۽ خوبي مضمر آهن. اها ان ماڻهوءَ جي تولاءِ دعا آهي، جو شايد گهڻو وقت توهان وٽ نہ رهي.

پيار ڪندڙ

امداد قاضي

[جيل مان آزاد ٿيڻ بعد جڏهين هندو مسلم فسادن ۾ ٿيل خونريزيءَ ۽ ملڪيت جي تباهيءَ جا احوال معلوم ٿيم، تہ نهايت ارمان ٿيم. هڪ صوفي منش ماڻهوءَ ڪان سياسي چڪر ۾ اچي اهڙا قدم بزرگن جي مشورن جي خلاف کڻڻ، جنهن جا اهڙا نتيجا نڪرن، تن مون ۾ رد عمل پيدا ڪيو، ۽ برسر عام اعلان ڪيم تہ "گذريل واقعن تي مون کي افسوس آهي، جيڪڏهين مون کي اهڙن واقعن ٿيڻ جو علم هجي ها، تہ اهڙو طريقو ئي اختيار نہ ڪريان ها: انهن حادثن ۾ آيل سيني مظلومن سان همدردي ظاهر ڪريان ٿو، ۽ وعدو ڪريان ٿو تہ حتي الامڪان انهن جي تڪليفن دور ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندس."

قاضي صاحب اهو بيان پڙهڻ بعد، هي خط لکيو آهي، جيتوڻيڪ انتها پسند مسلمانن ۽ هندن اُن کي ناپسند ڪيو.]

(43)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

پيسٽن جي هائوس، گارڊن ايسٽ،

ڪراچي،

8 - جون، 1940ع

پيارا شاهہ صاحب،

مون وٽ مسٽر بورڪر، فزيڪل ٽرينر ۽ فزيڪل ڪلچرسٽ آيو ۽ آءٌ سندس ڪاغذن ۽ لياقتن کان واقف ٿيس.

آءٌ سمجهان ٿو تہ آءٌ پنهنجي پبلڪ ڊيوٽيءَ کان پاسي ٿيندس، جيڪڏهين تنهنجي ڌيان تي هيءَ ڳالهہ نہ آڻيان تہ اهڙي قسم جو ماڻهو ٻن سوَ پگهار تي ملڻ مشڪل آهي. مون کي معلوم ٿيو آهي تہ فزيڪل انسٽرڪٽر جو پگهار 125 روپيہ مقرر ڪيل آهي- تفاوت صرف 75 روپين جو آهي. اهڙو فني لياقت وارو ماڻهو ايتري پگهار تي ملڻ مشڪل آهي. ايڊيوڪيشن ڪميٽيءَ جي

ميمبر طور مون کي ياد آهي تہ اسان سفارش ڪئي هئي تہ سنڌي ۽ انگريزي ماسترن کي ٽرينڊ (تربيت يافتہ) ڪرڻ لاءِ هڪڙو فزيڪل ڪلچرسٽ ماستر رکڻ گهرجي. آءٌ وري بہ چوندس تہ مسٽر بورڪر جهڙين لياقتن وارو ماڻهو ملي ٿو، تہ ان کي ٻن سون روپين پگهار تي رکڻ گهرجي.

مون کي خبر آهي تہ تون [تعليمي ميدان ۾] ان ڪم ڪرڻ جي شروعات ڪرڻ گهرين ٿو. اها نئين ڳالهہ پڻ نہ ٿيندي. جو اهڙين لياقتن واري ماڻهوءَ جي دستياب ٿيڻ ڪري سندس پگهار وڌائي ڪيس مقرر ڪيو وڃي. جو آخر ۾ نهايت ڪارائتو ٿيندو.

تنهنجو مخلص

آءِ. آءِ. قاضي

[اُن وقت آءٌ سنڌ وزارت ۾ تعليمي وزير هوس. فزيڪل انسٽرڪٽر رکڻو هو. ماڻهو قابل مليو، پر گهٽ مقرر ٿيل پگهار تي اچڻ قبول نٿي ڪيائين. مون ڪيس قاضي صاحب ڏي موڪليو. جنهن هن جي مقرريءَ لاءِ مٿيون خط موڪليو. ان تي مون سيڪريٽريءَ کي لکيو تہ هن کي وڏيڪ پگهار تي رکيو وڃي، پر ان تي خرچ جي واڌاري، مڪاني ماڻهو رکڻ جي جذبي، جدا جدا کاتن جي منظوريءَ لاءِ وقت جي ضرورت ۽ هن ٻاهران آيل ماڻهوءَ جي گهٽي وقت لاءِ ترسڻ جي مشڪلات، اُن ماڻهوءَ جي مقرر ٿيڻ رنڊڪ ثابت ٿي، ۽ هو مقرر ٿي نہ سگهيو.]

(44)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

پيٽسن جي هائوس، ڪراچي

12 - ڊسمبر، 1940ع

پيارا شاهہ،

وعدي موجب "مڊل مارچ" جا جلد موڪليان ٿو. اميد تہ پسند ايندا. مون کي ارمان آهي تہ اچوڪيءَ ميٽنگ ۾ شرڪت ڪري ڪين ٿو سگهان. جو 4 بجي مس مسجد مان نماز تان موٽيو آهيان. ٿڪل آهيان. يونيورسٽي ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ شامل ٿي ڪين سگهندس.

ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري مسٽر بي. جي. واسواڻيءَ کي مقرر ڪيو هوم.

ڪاميٽيءَ جا مقرر ٿيل ڪم صاف هئا. بنيادي ڪم هيءُ هو تہ سنڌ ۾ سنڌ يونيورسٽي بنائڻي هئي. ڪهڙي قسم جي ۽ ڪٿي ناهجي، وغيره، بابت غور ڪرڻو هو. هنن هڪ سب ڪاميٽي مقرر ڪئي جا ساري هندستان جون يونيورسٽيون ڏسي، پوءِ رپورٽ ڪرڻ واري هئي. سڀني کي پتو آهي تہ سنڌي هندن منجهان هڪ مفاد پرست گروه فرقيوار بنيادن تي سنڌ جي جدائيءَ جي خلاف هو. جا باوجود سندن مخالفت جي جدا ٿي ويئي. جدا صوبي لاءِ جدا يونيورسٽيءَ جي ضرورت محسوس ڪري، مون ڪاميٽي مقرر ڪئي. ليڪن انهن ميمبرن مان ڪي دل ۾ جدا يونيورسٽيءَ قائم ڪرڻ جي خلاف هئا. جنهنڪري طرح طرح جون رنڊڪون وجهڻ لڳا. ان ڪاميٽيءَ تي جدا ادارن جي لحاظ سان ميمبر مقرر ڪيا هئم— جنهنڪري ان تي 8 هندو ۽ 6 مسلمان ۽ هڪ يوروپين ميمبر هئا. قاضي صاحب ڪن ميمبرن جو نامناسب رويو ڏسي، ڪاميٽيءَ ۾ وڃڻ بند ڪيو. نتيجو اهو نڪتو تہ مسلمان ميمبرن جو تعداد اڳ ۾ گهٽ، باقي بہ قاضي صاحب جهڙي ماڻهوءَ جي گهٽ دلچسپي چيئرمن لاءِ ڏکيائي پيدا ڪئي، جنهن شڪايت ڪئي. ان تي قاضي صاحب مٿيون خط لکيو. ڪاميٽيءَ جون جملي 39 ميٽنگون ٿيون، جن ۾ پرنسيپال بٽاڻي هڪ ۽ قاضي صاحب ٻن ميٽنگن ۾ شريڪ ٿيا. آخر ۾ باوجود سرڪار جي رولنگ جي تہ ڪاميٽيءَ کي يونيورسٽي قائم ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جي ڳالهہ تي غور نہ ڪرڻو هو، پنجن هندو ميمبرن ان قسم جا جدا اختلافي نوٽ ڏنا.

(45)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

پيسٽن جي هائوس ڪراچي

31 - ڊسمبر، 1940ع

پيارا شاه صاحب،

تنهنجو امير لاءِ خط پهتو. مهرباني ڪري عيد ڪان پوءِ ٻن ڏينهن ڪان مٿي ڪيس ڳوٺ نہ رهائج. سبق هلي رهيا آهن. هن گذريل مهيني ۾ گهڻو

پڙهيو آهي. آءٌ ڪيس 7 - جنوري 1941ع تي ڳوٺ موڪليندس، جيئن ڪيس 10- تاريخ موٽائي موڪليو. اميد تہ اوهان سڀ خوش خرم هوندا.

مخلص

آءِ. آءِ. قاضي

[امير حيدر 6 تاريخ پهتو. 11 تاريخ ڪيس واپس موڪليو ويو. ]

(46)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪراچي

19 - فيبروري، 1941ع

پيارا شاه،

مير محمد شاه مون سان ستابي شاه جي پڙهائڻ لاءِ ڳالهہ ڪئي. اڄ ڊاڪٽر دائود پوٽي بہ گفتگو ڪئي. اُن ڏينهن هڪ حاسد دوست هڪ رمارڪ پاس ڪيو. اسان ڇوڪرن جي پاڻ وٽ رکڻ مان گهڻو پئسو ڪمائي رهيا آهيون، جنهن تي مون گذريل ٽن مهينن لاءِ جو حساب تيار ڪرايو آهي. ان جي ڪاپي ملاحظي لاءِ موڪليان ٿو. اهو ضروري آهي تہ اسان جا دوست صحيح حقيقتن کان واقف ٿين. جيئن اسان جا بدخواه جڏهين ڳالهائين تہ انهن جي درستي ڪئي وڃي.

هندستان ۾ يورپين طرز تي رهڻ گهڻو خرچ ٿو ڪائي. ليڪن يورپ ۾ مڊل ڪلاس ڇوڪرو 4 يا 5 پائونڊ هفتي ۾ اسڪول بورڊنگ لاءِ خرچ ڪائي ٿو.

اسان پنهنجي نموني تي ڇوڪرن سان (جهڙو مواد مليو اٿئون) ڪوشش ڪري رهيا آهيون- جيئن اهي بهتر زندگيءَ لاءِ تيار ٿي سگهن. اهو سچ آهي تہ اسان ڪين سنياسي ٿيڻ لاءِ ڪونہ تيار ڪري رهيا آهيون. اسان گهرون ٿا تہ هو زندگيءَ ۾ مهذب طريقي سان رهڻ جا لائق ٿين.

جيڪڏهن اسان وٽ گهڻا ڇوڪرا هجن ها تہ اهڙو انتظام ڪجي ها. جنهن ڪري سراسري خرچ گهٽ ٿئي ها. پر هنن اڌ ڊزن شاگردن لاءِ خرچ گهڻو ٿو ٿئي.

"قليل من عبادي الشكور"

ازانسواء "تربيت نا اهل را چون گرد گان گنبذ است."

بيوقوف سمجهن ٿا تہ نسلي ڇڪ ۽ ٻارهن سالن جي تربيت ڪا معنيٰ رکندي هوندي -

تهيدستان قسمت را چہ سود از رهبر ڪامل
ڪہ خضر از آب حيوان تشنہ مي آرد سڪندر را.

ان کي وڌيڪ وضاحت سان بيان ڪبو تہ-

خــر عيســيٰ اگــر بــہ مڪــہ رود
چــو بيــايد هنــوز خــر باشــد.

اسان هتي ٿڌيءَ موسم ڪري رهيل هئاسون، ڇاڪاڻ تہ ننڍا ڇوڪرا سندن تربيت لاءِ ان کان وڌيڪ عمده آب و هوا ۽ ماحول نہ لهي سگهن ٿا. پر ڪن سببن ڪري اسان کي موٽڻو پيو آهي. اسان پهرين آڪٽوبر ڌاري موٽي ايندا‌سون، اميد تہ ملڻ بعد انهن ڳالهين تي گفتگو ڪري سگهندا‌سون.

امير پوريءَ طرح تندرست آهي. اڳي کان وڌيڪ. اها ڳالهہ سڀ کان وڌيڪ اهميت واري آهي. هي چوطرف سبزي ۽ خوبصورت نظارن ۾ نهايت خوش ٿو گذاري. اهائي صحيح تعليم آهي. ٻي سڀ (Craming) موڙ جوڙ آهي. خط لکڻ لاءِ مهرباني.

تنهنجو مخلص
آءِ. آءِ. قاضي

[ڏسڻ ۾ اچي ٿو ڪن بلوچ زميندار ڇوڪرن کي قاضي صاحب رهائڻ کان انڪار ڪيو هو، جن مون کي سفارش لاءِ چيو هو. هي خط ان جي جواب ۾ آهي.]

(53)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

پيسٽن جي هائوس، ڪراچي
2 - ڊسمبر 1943ع

پيارا سيد صاحب،

جيڪو (تقرير) جو مسودو تو مون ڏي موڪليو آهي، ان مان مطلب ادا نہ ٿي سگهندو. آءٌ بہ ان مسودي کي پسند ڪريان ٿو، جو تو پسند ڪيو آهي.

جيستائين اسٽئنڊنگ ڪاميٽيءَ ڪي غلط مواد کان صاف نہ ڪيو ويو آهي، سيڪريٽري ان کي درست ڪري نہ سگھندو.

تنهنجو مخلص

آءِ. آءِ. قاضي

[سنڌ مدرسي جي خراب حالت کي درست ڪرائڻ لاءِ انتظار ڏيکاريو اٿن. ]

(55)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪراچي

10- مارچ 1944ع

توهان جو خط نمبر 252 سوالنامي جي ڪاپيءَ سميت مليو، جيڪو توهان 9 فيبروري 1944ع تي لکيو آهي. ان جو جواب هيٺ ڏجي ٿو.

ڪيترائي پيرا جڏهن پيغمبر خدا ﷺ جي آڏو (وحي خدا) بابت هڪ وڏو سوال ڪيوويو، ان جو جواب بلڪل سادو ۽ هڪ ئي لفظ هو.

سوال ڪندڙ جي مطمئن نہ ٿيڻ ۽ ٻيهر سوال ورجائڻ تي، ان جو جواب پڻ ساڳيءَ طرح هڪ ئي لفظ ۾ هو. ٽيون دفعو سوال زورائتي انداز ۾ ڪيو ويو. تہ بہ جواب تقريباً ساڳيو ئي هو. هاڻ سوال ڪندڙ ان هڪ لفظي جواب ٻڌڻ کان پوءِ ان بابت ويچارڻ تي مجبور ٿيو.

سوال ڪندڙ لاءِ صحيح جواب هو تعليم ۽ تعليم، بهتر تعليم، ۽ ٻيو دفعو بہ دهرايائون، بهتر تعليم ۽ اڃا ٻيهر چيائون بهتر تعليم. جيڪڏهن ماڻهوءَ جي بهتر تعليم ٿئي تہ بنا ڪنهن گھڻي تڪليف ۽ مشڪلات جي سڀ مسئلا عملي طور پنهنجو پاڻ حل ٿي ويندا.

بهتر تعليم لاءِ بهتر قسم جي استاد جي ضرورت هوندي آهي. استاد ڪٿان حاصل ڪجن ۽ انهن جي تربيت ڪيئن ٿئي؟ زڪوات جي بهتر انتظام ۾ ئي ان جو حل آهي. پر ڳالهہ اها آهي تہ هڪ اڻ پڙهيل ۽ غير ذميوار مجموعي ڪان اهو ٿي سگھندو؟ ان جي جواب لاءِ وري بہ بهتر تعليم لاءِ هڪ مضبوط حلقي ڏانهن موٽڻو پوندو.

جيڪڏھن ڪو شين کي مستقل ۽ مستحڪم بنيادن تي درست ڪرڻ چاھي، تہ پوءِ يقيناً سڀ کان پھريائين ان کي انساني ذھن ۽ دماغ کي درست ڪرڻو پوندو.

(تغيرو ما بانفسهم)

اھو ھڪ سچ آھي تہ سڀ کان اول ۽ بھترين استاد ماءُ آھي. ھن دنيا ۾ نئون جنم وٺندڙ ٻار جيڪي ڪجھ ھو پنھنجي حياتيءَ جي پھرين ستن سالن ۾ ڪمائي پيئي ٿو، زندگيءَ جي انھن ستن سالن ۾ ھو ڪجھ بہ نہ ٿو وڃائي. ان جا اھي ست سال يا تہ ماءُ جي جھوليءَ ۾ يا وري گوڏن تي ننڍ ڪندي گذرن ٿا. ماءُ انھن ستن سالن دوران ٻار جي فطري ۽ حقيقي نگھبان آھي. اھوئي سبب آھي جو، پيغمبر ﷺ، ان ڳالھہ تي زور ڏنو تہ، جنت ماءُ جي پيرن ھيٺان آھي. سو ھتي ئي ٻيٺو ۽ اڃا بہ ٽيٺو مسئلو آھي.

سوچجي تہ نياڻيءَ کي تعليم ڏيارڻ لاءِ ان جي والد کي تعليم ڏيو، ان لاءِ تہ جيئن اھا پنھنجي ٻارن کي پڙھائي سگھي.

پڙھائڻ جو مقصد استاد پيدا ڪرڻ آھي. انھن کي تربيت ۽ روزگار ڏيڻ ضروري آھي. جنھن لاءِ ابتدا ۾ فندن جو ھجڻ ضروري آھي. جيڪڏھن جماعت [مسلم ليگ] (زڪوات) گڏ ڪرڻ ۾ اھليت رکي ٿي، تہ مسئلو سولائيءَ سان حل ٿي سگھي ٿو. پر، جيڪڏھن اھو ناقابل عمل آھي جيئن لڳي ٿو، تہ پوءِ غير منظم، انفرادي مشن جي ذريعي علائقائي طور تي معمولي نتيجا حاصل ٿي سگھن ٿا، ان کان وڌيڪ ٻيو ڪجھ بہ نہ ٿو ڪري سگھجي، جيستائين ڪا انقلابي تبديلي اچي.

مذھب ۽ سياست جي ميلاپ وارو اصطلاح ڪئي مونجھارا پيدا ڪري ٿو، ڪوبہ سنجيده ماڻھو ھن چوڏھين صدي ھجري ۾ ڪنھن بہ مذھب کي ڪيئن پسند ڪري، جيڪو مجموعي طور انسان ذات جي فلاح ۽ بھبود لاءِ ڪم نہ ٿو اچي. سياست جو مقصد، اخلاقيات جي اھا شاخ آھي جنھن کي عام زندگيءَ ۾ خاص طور استعمال ڪري سگھجي. ھڪ لفظ ۾ اھو تہ شھري زندگيءَ کي منظم ڪرڻ. جڏھن تہ اخلاقيات مذھب کان سواءِ بيوقوفي آھي. جيستائين اسان اخلاق جو گھٽ ۾ گھٽ ڪو مقصد ياڪا منزل متعين نہ ٿا ڪريون. تہ پوءِ اخلاق جي اصولن جي ڪا معنيٰ نٿي رھي.

گڏوگڏ، مذهب جو عملي طور متصد (عصبيت) آهي ۽ ڪابہ قوميت ان ڪان سواءِ وجود قائم نہ تي رکي سگهي، قوميت ۾ جيڪي بہ تعلقات موجود آهن اهو ان جو حقيقي مذهب آهي. بيو جيڪو ڪجهہ بہ آهي اهو وجود ڪانسواءِ (خالي) نالو آهي. رياست جي قيام لاءِ باهمي رشتي، تعلق يا ڳانڍاپي جو هجڻ ضروري آهي، ۽ اسلامي رياست سان قرآن جو تعلق يا ڳانڍاپو هجڻ ضروري آهي. قرآن مان ايستائين فائدو نہ تو حاصل تي سگهي، جيستائين ان کي سمجهيو نہ ويو آهي. هڪ ڪان وڌيڪ پيرا جيستائين اسان بهتر تعليم ڏانهن نتا رجوع ٿيون.

سماجي، ثقافتي ۽ تعليمي ڳالهيون سيئي اعليٰ قسم جون پر بي معنيٰ آهن. سچ اهو آهي تہ اها صرف تعليم ئي آهي جيڪا سماج ۽ ثقافت کي جنم ڏئي تي.تعليم ۽ ثقافت بي معنيٰ ۾ ساڳي جنس وارا لفظ آهن، البت سماجي اخلاقيات فقط ساڳي حالت جو نتيجو آهي.

ان ابتدا سان هاڻي آءُ حالتن جي وقتي ۽ عملي ضرورتن ڏانهن اچان تو.

ان ڪان اڳ جو ڏوڪڙ پيسي ۽ تعليمي سرشتي کي مضبوط بنيادن تي منظم ڪجي، وقت جي اها ضرورت آهي تہ اڳواڻن کي گهٽ ۾ گهٽ اسلام جي نظرئي بابت مڪمل طور تي چٽو تيڻ گهرجي. جيستائين اڳواڻن جا ذهن صاف ۽ چٽا ناهن، تيستائين ڪابہ تحريڪ يقينن ڪامياب تي نہ سگهندي ۽ باراڻي خواب وانگر هوندي. انهن کي فرقيواريت ڪان متانهون تي سوچڻ گهرجي، ۽ ان اسلام ۾ داخل تي وڃن جيڪو آفاقي آهي جنهن ۾ فرقن جي ڪابہ گنجائش ناهي. تحريڪ جا اڳواڻ نہ رڳو اهڙي صاف ۽ چٽي سوچ جا مالڪ هجڻ گهرجن، مگر انهن وٽ هڪ مڪمل تصوير آڏو هجڻ گهرجي تہ آخر اهي ڇا حاصل ڪرڻ چاهين تا. ان بعد ئي عملي طور ۽ طريقا سامهون ايندا.

جڏهن اهو سڀ ڪجهہ تي وڃي تنهن ڪان پوءِ تڪڙي ضرورت آهي تہ (ان ڪان اڳ جو اوقاف کي تعليم ۽ خطبن لاءِ استعمال ڪجي) جن ساڳين هڪجهڙن اصولن جي بنياد تي اسلام پڪڙيو، انهن آفاقي اصولن تحت هڪ منظم ۽ متحد پريس جي ذريعي ان کي عوام تائين پهچايو وڃي. هتي وري بہ نڙيل پڪڙيل ليڊر شپ جو باهمي ڳانڍاپو لازمي تئي تو. مضبوط جاندار ليڊرشپ ۽ فرمانبردار پوئلڳ يقيناً اهم ۽ ضروري آهن. سمعنا و اطعنا تي هر

صورت ۾ عمل ڪيو وڃي. ڪنهن بہ ذاتي ڳالهہ کي وقتي طور ڪابہ اهميت نہ هئڻ گهرجي.

پيسي ۽ تعليم جي ان ضروري نظام کي عوام ۾ متعارف ڪرائڻ گهرجي، ان ڇنائي ۽ شدت سان تہ جيئن اهي پنهنجن معاملن ۾ اڳتي اچڻ ۾ پاڻ پرا ٿي سگهن ۽ اڳواڻن کي عملي قدم کڻڻ تي مجبور ڪري سگهن.

تنهنڪري اسلام جي نظرئي بابت گڏيل سوچ جو هجڻ پهرين ضرورت آهي، جيڪا وقتي طور هڪ منظم پريس جي ذريعي پيدا ڪري سگهجي ٿي. ان ڪم ۾ ٻارهن مهينا بہ لڳي سگهن ٿا، ۽ ان جو بيهر ورجاءُ ڪري سگهجي ٿو، جيستائين هي نظريو ماڻهو هضم نہ ڪن. ان لاءِ فقط پريس ئي واحد ذريعو آهي جيڪا صلاحون ۽ مشورا ڏئي سگهي ٿي.

ان دوران اچ تائين واري تعميري ڪم لاءِ هڪ نظرداري ڪنڌڙ ڪاميٽي جوڙي وڃي جيڪا هن نظرئي جو ٻاهرين حملن کان دفاع ڪري سگهي ۽ ڪنهن کي بہ پريس جي معمول مطابق ٿيندڙ ڪم ۾ مداخلت ڪرڻ جي اجازت نہ ڏئي.

اهو پڻ ضروري آهي تہ جيستائين ڪنهن نندي آواز جي پيدا ٿيڻ جو ڪو امڪان ٿئي، تيستائين عام ماڻهو کي اهو سوچڻ نہ ڏنو وڃي تہ ڪو انهن کي اسلام جي ڪنهن خاص نڪتي يا سوچ ڏانهن ڇاٽي واٽي ڏڪيو پيو وڃي.

تنهنجو مخلص

آءِ آءِ قاضي.

[قاضي صاحب پاران سائين جي. ايم. سيد کي هي خط ان وقت لکيو ويو. جڏهن پاڻ صوبائي مسلم ليگ جو صدر هو. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ قاضي صاحب سيد صاحب جي معرفت مسلم ليگي قيادت ۾ قوم جي فلاح ۽ ترقيءَ لاءِ اهليت پيدا ڪرڻ ۽ عوام جي خدمت ڪرڻ جو خواهان هو.

هي خط غلام آءِ آءِ قاضيءَ جي. سنڌي ادبي بورڊ ۾ موجود منتشر پيپرن مان هٿ لڳو. جنهن مان اهو پڻ پتو پوي ٿو تہ 1944ع ۾ لکيل هن خط تائين سيد صاحب علامہ قاضي صاحب کي 252 خط لکيا. پر افسوس. جو انهن خطن جي هاڻ ڪٿي بہ ڪاپي ڪانہ ٿي ملي. هن خط کي سنڌيءَ ۾ آڻڻ لاءِ محترم محمد آدم ٻٽ جو تعاون رهيو. آزاد قاضي]

اسان ٻيئي ٺڪل ۽ بيمار آهيون. مڪمل آرام وٺي، تندرست ٿيڻ گهرون ٿا. جيڪڏهن خدا گهريو ته. ماشاءَ الله.

شهر خالي ست ز عشاق مگر کز طرفي
دستي از غيب برون آيد کاري بکند

مظهر علي شاه کي سلام ڏج. اميد ته هاڻ تون تندرست ۽ بهتر هوندين. حد کان وڌيڪ ڪم نه ڪر. اها غلط بچت آهي. خدا حافظ.

"ننڍي وڏي کي پيار جي نظر سان ڏس، ڇاڪاڻ ته سچي محبت جي تقاضا اها آهي." (شيڪسپيئر)

تنهنجو پيار ڪندڙ
امداد

[هيءُ سولن کان سندن حال احوال ۽ يادگيريءَ جو خط آهي.]

(58)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪراچي
20 - آگسٽ 1944ع

پيارا سيد صاحب،

مهرباني ڪري امير جي بخار جي ڊگريءَ جي خبر موڪليندا. اميد ته هاڻ سندس حالت سڌري هوندي.

پيار ڪندڙ
امداد قاضي

[امير حيدر کي ٽائيفائيڊ ٿي پيو هو، ان لاءِ سندس طبع پرسي ڪن ٿا.]

(59)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪراچي
(تاريخ ڪانهي لکيل)

پيارا شاهه صاحب،

پيغام لاءِ مهرباني. آءٌ اڄ ڏيڍ بجي مسلم هاسٽل ۾ ليڪچر لاءِ وڃي رهيو آهيان. مون کي پتو نه آهي ته توکي اتي مون سان گڏجي هلڻ سهوليت

وارو تيندو يا نہ. منهنجي مرضي آهي تہ تون مون سان گڏجي هلين. گاڏيءَ ۾ اسان مونٽندي ڳالهائي سگهنداسون. هي آءُ انڪري چوان ٿو تہ مون کي 4 بجي بيءَ جڳهہ تي وڃڻو آهي هاسٽل مان مونٽڻ بعد سڌو اوڏانهين هليو ويندس. ڪوشش ڪج جيڪڏهين ملي سگهين. مون کي توسان گهڻو ڳالهائڻو آهي. آءُ گاڏيءَ ۾ پوري ڏيڍ بجي تو وٽ ايندس - انشاءَ الله تعاليٰ. پيار ۽ سلام.

تنهنجو مخلص

امداد قاضي

[قاضي صاحب ڪان ان ڏينهن ملڻ لاءِ وقت گهريو اٿم. ان جي جواب ۾ هي خط موڪليو اٿن.]

(60)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

سن نہ چڏج. منهنجو ماٺهو ايڏاهين اچي ٿو.

آءِ. آءِ. قاضي

[هن تار تي تاريخ ۽ سن لکيل نہ آهي، انڪري پتو نٿو پئجي سگهي تہ ڪهڙي سلسلي ۾ تار ڪيل آهي.]

(61)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪراچي

6 - اپريل، 1945ع

پيارا سيد صاحب،

امير کي چيل هو تہ 4 تاريخ اچي، جو چوڪرن جي داخلا سينٽ پيٽرڪ اسڪول ۾ نوَن ڪلاسن منجهہ 5 تاريخ رکيل هئي.

هي 5 تاريخ پهچي نہ سگهيو. مون پرنسيپال کي لکيو تہ اچ تائين ترسي. پر اچ بہ نہ آئيو. امير کي سستي ڪرڻ نہ ڏني وڃي. تعليم ايتري اهم نہ آهي جيتري تاديب. مهرباني ڪري هن کي جلد تار ڪرائي گهرائي وٺ.

مون کي اميد آهي تہ تو منهنجو ڳڏيل مشورو، توکي ۽ پير صاحب کي ڏنل نہ وساريو هوندو ۽ هڪ ننڍي جڳهہ منهنجي چوڻ موجب پري هونديو. توکي پوءِ معلوم ٿيندو تہ منهنجو اهو مشورو انصاف تي مبني آهي.

تنهنجو مخلص

آءِ. آءِ. قاضي

[سنڌ مدرسہ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جي رکڻ بابت هدايت آهي.]

(62)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪراچي

(تاريخ ڪانہ لکيل)

پيارا سيد صاحب،

مون کي ڪن خانگي ۽ ڪن پبلڪ مسئلن تي توسان گفتگو ڪرڻي آهي. پر مون کي ڊپ آهي تہ تون هن وقت مشغول هوندين. بهرحال جيڪڏهين توکي وقت ملي سگهي، تہ مون کي مل. جيئن تبادلہ خيال ڪري سگهون.

هن سان گڏ هڪ خط پروفيسر گهنشام جو توڏي موڪليان ٿو. جيڪڏهين اڄ وقت ملي سگهي تہ ڪيس ڏج. جيڪڏهين خط ڏيڻ نامناسب نظر اچيئي، تہ پوءِ خط ڏيڻ جي تڪليف نہ ڪج. پوءِ آءٌ ڪنهن ٻئي ذريعي ڪيس موڪلڻ جي ڪوشش ڪندس.

سلام پير صاحب ۽ شاہ صاحب کي رسن.

مخلص

امداد قاضي

[هيءُ خط 1945ع ڌاري جو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جڏهين ڪان اسان جا تعلقات ڪانگريس ڪارڪنن سان وري بيهر پيدا ٿيا. انڪري هن جاء تي آندو اٿم. سنڌ مسلم ليگ ۾ ان وقت اختلاف هئا. ممڪن آهي انهن جي دور ڪرائڻ لاءِ گفتگو ڪرڻ گهري هجين.]

آهي. ان بابت اوهان کوبہ ويچار نہ ڪريو. ٻن مهينن لاءِ نہ خط لکوس، نہ پيسو موڪليوس- ڇو تہ توهين سندس لکڻ مان رنج آهيو. هتي اسان نئون دستور اختيار ڪري، خرچي ڏيڻ جو مستقل دستور ڪڍيو آهي. ڪين نقد پيسا معمولي طريقي سان خرچيءَ لاءِ ڏنا ويندا. توهان ڪان تقاضا ٿي ڪونہ ڪندو. باقي ضرورت رهي تہ امداد کي هڪدم هيڏانهن روانو ڪيو. توهان خود اسان جي سولن وڃڻ ڪان اڳ، هتي نہ اچو تہ بهتر- جيئن امير اوهان کي ڏسي ٿي نہ. مون کي خوف آهي تہ ٻن ٽن مهينن ۾ اوهان کي سخت انتظار سان منهن ڏيڻو پوندو. پوءِ هي ڳالهيون بالڪل خسيس ۽ بي معنيٰ نظر ايندين. بهتر آهي تہ هي ڳالهيون اسان کي فيصل ڪرڻ ڏيو. ٻاراٽيءَ ڳالهہ کي طوالت نہ ڏجي.

مون کي ڏپ آهي تہ اسين خود ٻاراٽپ جي تعريف جي احاطي اندر نہ اچي وڃون! هاڻ في امان الله. امداد کي جلد روانو ڪريو.

انشاءَ الله العزيز 2 مئي اسان سولن روانا ٿي ويندا سون. اوهان ڏهہ منشي موڪليندا، تہ بہ امير اسان سان هلندو. اهو ويچار ٿي لاهي ڇڏيو. هاڻي فيصلو مون کي هٿ ۾ وٺون آهي.

تنهنجو

امداد

(67)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

سولن

10 - جولاءِ، 1945ع

پيارا سيد صاحب،

اسان اسٽيشن تي آياسون ٿي تہ توکي ڏسون، پر هوا سازگار نہ ٿي. جيڪڏهين تون واقف ٿيڻ چاهين ٿو تہ اسان ڪڏهين واپس موٽنداسون تہ انشاءَ الله اسان 3 تاريخ آگسٽ نڪري، چوٿينءَ ڏاري ڪراچيءَ پهچي ويندا سون.

جيڪڏهين مير غلام علي خان سان ملڻ جو موقعو مليئي، تہ مهرباني ڪري ڪيس چئج تہ ڇوڪرا تندرست آهن. هن مهيني جي آخر ڏاري ايندا سون. هن ظاهر ڪيو هو تہ سولن ايندو تنهنڪري وقت اندر ڪين جواب موڪلجي ٿو تہ اسان خود واپس اچي رهيا آهيون.

(69)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪراچي

15 - ڊسمبر، 1945ع

پيارا سيد صاحب،

مون مير غلام علي خان کي گهرايو هو ۽ هو هاڻ موٽي ويو آهي. چوي ٿو ته هي حيدرآباد ۾ هوندو ۽ جڏهين به آءٌ کيس گهرائيندس، هو اچڻ لاءِ تيار رهندو. جيڪڏهين تون سڄي مسئلي تي غور ڪري هڪ ڏينهن لاءِ هتي اچين ته شايد هي جهڳڙو اجا به ٽاري سگهجي.

جنهن ڏينهن تون وئين، ڪهڙي اهو به مناسب نه ڄاتو ته مون کي، توهان ٻنهي ۾ ڪهڙيون ڳالهيون ٿيون، ان بابت اطلاع ڏئي. هو زورآور ماڻهو آهي، تنهنڪري کيس سندس راءِ کان ڦيرائي نه سگهبو. پر توکي ۽ مير غلام علي خان کي مستقبل جو خيال رکڻ گهرجي. حالتن کي درست ڪرڻ لاءِ هي منهنجي آخري ڪوشش آهي. جيڪڏهن پاڻئين ته ڳالهين مان ڪو خاطر خواه نتيجو نڪرندو، ته مهرباني ڪري يڪدم هيڏانهن اچ. اتفاقاً محمد صالح شورو ملي ويو اٿم. کيس توکي وٺڻ لاءِ موڪليان ٿو.

تنهنجو مخلص

آءِ. آءِ. قاضي

[ان وقت مسلم ليگ ۾ چوندن تان اختلاف وڌي ويل هئا. هڪ طرف وزارت ڌُر هئي، جنهن ۾ سر غلام حسين، پير الاهي بخش، خانبهادر کهڙو ۽ مير غلام علي خان هئا. ۽ ٻئي طرف صوبي سنڌ مسلم ليگ جو گروهه هو، جنهن ۾ غلام نبي خان پٺاڻ، سيد ميان خير شاهه، سيد غلام حيدر شاهه، رئيس غلام مصطفيٰ خان ڀرڳڙي وغيره هئا. قاضي صاحب مسلم گروهن ۾ سمجهوتي آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ٿي. هي خط ان سلسلي ۾ هو. پر اختلاف ايتري قدر زور وٺي ويا هئا، جو ڪو سمجهوتو ٿي نه سگهيو.]

---

# فصل ٽيون

## قاضي صاحب جا خط
(1967 - 1946)

(70)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪراچي
(تاريخ ڪانه لکيل)

پيارا ڀاءُ،

خط لکي موڪل ته طبيعت ڪيئن اٿئي؛ آءٌ آيس ٿي، پر توکي طبيعت جي ناسازيءَ جي حالت ۾ تڪليف ڏيڻ نه گهريم. ماڻهن سان ملڻ ۾ توکي ٿڪاوٽ ٿيندي هوندي. پينسل سان هڪ اکر لکڻ ڪافي ٿيندو، ته بخار هن وقت ڪيترو آهي.

تنهنجو مخلص

امداد قاضي

[ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ڪنهن وقت بيمار ٿيو آهيان، ۽ قاضي صاحب خط لکي طبيعت پرسي ڪئي آهي. ]

(71)

پيسٽن جي هائوس ڪراچي
26 - اپريل، 1947ع

پيارا شاهه صاحب،

پنهنجي ڪتاب (نئين سنڌ لاءِ جدوجهد) جو مسودو مون ڏي موڪلڻ لاءِ مهرباني. آءٌ هر روز تنهنجي پروگرام بابت پڇا پيو ڪريان، پر پتو پئجي نه سگهيو آهي. آءٌ گذريل مهيني کان طبيعت ۾ بي چاڪ رهڻ ڪري ڪجهه

ڪري نـ سگهيو آهيان. مون خيال ڪيو هو تـ توهان ڪراچيءَ ايندين، تـ اتي ملڻ جو موقعو ملندو. تنهنڪري هن ڪان اڳ لکي نـ سگهيو آهيان. آءٌ قلمي نسخو موڪليان ٿو. منجهس ڪا درست ڪرڻ جهڙي ڳالهہ نـ آهي. سواءِ ٽائيپ جي چڪن جي. اهو دلچسپ ڪتاب آهي.

پهرين 9 فصلن ۾ وڌيڪ وضاحت ٿيڻ گهربي هئي.

اميد تـ جلد هتي ملڻ ٿيندو.

**تنهنجو مخلص**

**آءِ. آءِ. قاضي**

**[سارو 1946ع جو سال آل انڊيا مسلم ليگ جي پشتيءَ سان وزارت پارٽي ۽ اسان جي وچ ۾ تصادم رهيو. آخر ۾ ضمني چونڊن ۾ سال جي آخر ڌاري اسان جو گروهہ وزارت پارٽيءَ ۽ مسلم ليگ جي مقابلي ۾ شڪست کائي ويو. ان کان پوءِ ڳوٺ ويهي، سنڌ جي گذشتہ سياسي تاريخ تي ڪتاب لکيم، جنهن جو نالو "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد" رکيم. قاضي صاحب ڏي اهو ڪتاب ڏسڻ لاءِ موڪليو هوم. هي ۽ ٻيو خط ان سلسلي ۾ آهن.]**

(72)

**(انگريزيءَ مان ترجمو)**

پيسٽن جي هائوس ڪراچي

27 - اپريل، 1947ع

پيارا شاهہ صاحب،

**جنهن ڏينهن تو پنهنجي لکيل ڪتاب جو قلمي نسخو موڪليو، ان وقت کان تنهنجي پروگرام جي پڇا ڪئي اٿم، پر پتو نـ پيو اٿم. 8 بجي صبوح جو هڪ نوجوان آيو. ڪتاب موٽائي وٺي وڃڻ لاءِ. ان وقت آءٌ غسل خاني ۾ هوس. نوڪر چيس تـ 10 بجي اچي، پر ان کان پوءِ وري ڪونـ آيو.**

مون هڪ نوٽ لکي ڪتاب سان شامل ڪري، موڪلڻ لاءِ رکي ڇڏيو هو. پر پتو ڪونـ اٿم تـ ڪتاب ڪٿي موڪليان. جڏهين ڪراچيءَ اچين، تـ مون وٽ ضرور اچج. هتي جڏهين اچين تو ۽ موٽيو وڃين، تـ ان جو پتو مون کي ڪونـ ٿو پوي.

اميد تـ خوش هوندا.

تنهنجو مخلص

آءِ. آءِ. قاضي

(73)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

پيستن جي هائوس، ڪراچي
4 - سيپٽمبر، 1947ع

پيارا شاھ،

خدا جو شڪر جو مون کي، توکي ٻئي مبارڪن ڏيڻ لاءِ موقعو مليو آهي. هڪڙو تہ امير حيدر تندرست ٿيو آهي. ان کي منهنجو پيار ڏج. ٻيو تنهنجي ڪالهوڪي شام جي بصيرت افروز تقرير تي. تنهنجو تاريخي تجزيو نہ صرف ممتاز هو، پر صحيح پڻ هو. سرهند تي ابن عربيءَ جا رد عمل پوري طرح بيان ڪيل هئا. اهڙي طرح نور محمد ڪلهوڙي جو ڪردار واضع ڪيل هو.

منهنجي خواهش آهي تہ سنڌي پوري طرح بيدار ٿي، لطيف جي پيغام تي عمل ڪن، ۽ ان جو پيغام دنيا تائين هڪ آواز سان پهچائين.

اسان وٽ املهہ ماڻڪ شاعر آهي، جو هر ملڪ جي شاعرن کان گهٽ مٿي بيٺو آهي. هي ڪهڙو نہ روحاني مظهر آهي! هن کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ بعد روحانيت ۾ ڪير نہ مجندو؟ خدا توکي برڪتن سان مالامال ڪري!

تنهنجو پيار ڪندڙ
امداد

[منهنجي جنهن تقرير طرف توجهہ ڇڪايو اٿن. اها مون شاهہ عبداللطيف جي قومي تخيل بنسبت جمشيد لنگر لاج (راڪ هائوس) ۾ 3 سيپٽمبر 1947ع تي ڪئي هئي، جا پوءِ انگريزيءَ ۾ سائيڪلو اسٽائيل ڪري ورهائي ويئي هئي.]

(74)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

پيستن جي هائوس، ڪراچي
24 - آڪٽوبر، 1947ع

پيارا شاهہ صاحب،

عيد مبارڪ ڀهرين توکي، پوءِ ساري ڪٽنب کي ڏيان ٿو.

اصل سبب ڇوڪرن کي هميشہ وانگر، نہ رهائڻ جو اهو آهي، تہ اسان ٻيئي ٻي چاڪ ٿي پيا آهيون، ۽ تندرست ٿيڻ لاءِ آخري علاج ان ۾ ڳوليو

اٿئون، تہ ملڪ جي تبديلي ڪريون. جيڪڏھين خدا گھريو، تہ اسان ھي ملڪ 10 ڏينھن اندر ڇڏي. ولايت روانا ٿي ويندا سون - خدا کي معلوم تہ ڪيتري وقت تائين. مون سڀ ڇوڪرا مائٽن ڏي موڪلي ڇڏيا آھن. مون کي معلوم ٿيو آھي تہ تون 27 تاريخ ڪراچيءِ اچڻ وارو آھين. اميد تہ ولايت وڃڻ کان اڳ توسان ملاقات ٿيندي. ھيءَ خبر مون ڪنھن کي نہ ٻڌائي آھي. خود پنھنجي پيڻ ۽ ڪٽنب جي ڪنھن بہ ڀاتيءَ کي نہ ٻڌائي اٿم. تنھنڪري ان کي مخفي رکج ۽ ڪنھن کي نہ ٻڌائج. آءٌ ان جو سبب توکي ٻڌائيندس، جڏھين روبرو ملنداسون. خود ميان علي محمد کي بہ ان جي خبر نہ آھي. آءٌ توکان معافي وٺان ٿو، ان ڪري جو مون ڇوڪرا اجا موٽائي گھر نہ آندا آھن- يعني امير حيدر ۽ امداد، جو مون کي خبر آھي تہ اھا غلطي ٿيندي، جو جڏھين اسان ولايت وڃي رھيا آھيون، تہ ڪين ھفتي ڏيڍ لاءِ ھتي گھرائي وٺان. اميد تہ امير حيدر ھن وقت بلڪل چاڪ ٿيو ھوندو.

سلام ۽ عيد مبارڪ.

تنھنجو پيار ڪندڙ

امداد

[پاڪستان قائم ٿيڻ بعد ٻنھي ملڪن ۾ مذھب جي نالي ۾ ھندن، مسلمانن ۽ سکن جا نفرت ۽ نفاق جي ھوا پکيڙي، جنھن ۾ لکھا ماڻھو قتل ٿيا ۽ ڪروڙھا ماڻھن کي دربدر ٿيڻو پيو. اُن ھِن حساس دل ۽ صوفي منش کي نھايت صدمو پھچايو. ھو بيٺي ٻي چاڪ ٿي پيا. تنھنڪري لاچار وطن ڇڏڻ جو ارادو ڪيائون.]

(75)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

انگلنڊ

3 - ڊسمبر، 1947ع

پيارا سيد صاحب،

اسان ھڪ ھفتي کان ھتي آھيون. تنھنجي مھرباني، جو اسان کي الوداع ڪرڻ لاءِ جھاز تائين آمائڻ آئين.

اسان سارو وقت درد ڀريءَ دل سان غريب سنڌ، لطيف جي پيغام، اسلام ۽ غريبن جي مستقبل بابت سوچي رهيا آهيون. غريب شيخ عبدالمجيد موجوده حالات ۾ ڪهڙيءَ طرح گذاري رهيو آهي؟ آءُ هن ڪان موڪلائي بہ نہ سگهيس. اسان کي ملڪ ڇڏڻ لاءِ نهايت ٿورو وقت مليو. مهرباني ڪري منهنجي طرفان هن کان معافي وٺج. هن ۽ راشدي صاحب کي سلام ڏج.

اسان جون دليون رت روئن ٿيون، جڏهين فڪر ڪريون ٿا تہ ڇا ٿيڻ گهربو هو ۽ ڇا ٿي پيو! ماڻهو دنيا کي بهشت بنائي سگهي ٿو. پر ان جي عيوض هن کي دنيا کي دوزخ بنائڻ پسند اچي ٿو. ان لاءِ ڪو علاج آهي يا نہ؟ اهو سڀ مذهب ۽ خدا جي نالي ۾ ڪيو وڃي ٿو! وڏي شان وارا مسلمان، سک، سناتني- ڪهڙي نہ عجيب مذهبي تثليث آهي! تن تي خدا جي لعنت هجي، جن اهڙا ڪم ڪيا. انسانيت، فضيلت ۽ شرافت کي تماشو ڪٺي بنايو اٿن. اهي عجيب مذهبي ماڻهو بنيا آهن. جيڪڏهين اهي، جيڪي ڪن ٿا سي مذهب آهن، تہ اهي جيترو جلد ختم ٿيڻ گهرجن اوترو بهتر آهي.

توکي ياد آهي تہ اسان جو ڪرشنا مورتي جڏهين زمان ڪان مٿي ٿيڻ جو ذڪر ڪري رهيو هو، تہ ان جو محرڪ جذبو (Incentive) آڊولف هڪسلي جي ڪتاب (Time Must Have A Stop) مان هو. جيڪڏهين اهو ڪتاب هٿ اچي سگهيئي، تہ پڙهي مون کي خبر موڪل تہ تنهنجو ان لاءِ ڪهڙو خيال آهي. اسان کي پنهنجي ۽ پٽن جي احوال کان واقف ڪندو رهج. مسز قاضي ڪين پيار موڪلي ٿي.

تنهنجو پيار ڪندڙ

امداد

[خط جو مضمون خود وضاحت ڪري ٿو وڌيڪ ضرورت نہ آهي.]

(76)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

انگلنڊ

(تاريخ ڪانہ لکيل)

پيارا شاھ صاحب،

توکان خط نہ اچڻ جي حالت ۾ مون هڪ ڪتاب لکڻ شروع ڪيو آهي، جڏهين پورو ٿيندو تہ موڪلنداسون. اهو پيغمبر اسلام تہ هو، جنهن ٻهريون دفعو ٻڌندڙن لاءِ عجيب پيغام ڏنو-

[هن کان پوءِ پاڻ 1951ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر جي اچي چارج ورتائون. ان کان پوءِ حيدرآباد وڃڻ وقت اڪثر پيو سائن ملڻ ٿيندو هو.]

(78)

(انگريزي مان ترجمو)

حيدرآباد سنڌ،
27 - آگسٽ، 1952ع

پيارا شاهه صاحب،

مون کي پڪ آهي تہ بروهيءَ توکي منهنجو پيغام پهچايو هوندو. جيئن تہ ٿورو وقت هو ۽ خط پهچي نہ سگهي ها. انڪري اهو پيغام موڪليم تہ امداد کي پير محفوظ هٿ ولايت موڪل. اسان کي پياري امير کان سسيڪس مان خط پهتو آهي، اها تعجب جي ڳالهہ هئي. هاڻ اميد تہ اسان جو امير سٺي تعليم وٺي سگهندو. اميد تہ هي طبعيت جو خيال بہ رکندو ۽ ٿڌي هوا کان پاڻ بچائيندو. آءٌ ڪيس اهڙو خط لکان ٿو.

اميد تہ اوهان سڀ گهر ۾ خوش هوندا.

تنهنجو پيار ڪندڙ
امداد

(79) (انگريزي مان ترجمو)

سنڌ يونيورسٽي
20 - سپٽمبر، 1956ع

پيارا سيد صاحب،

خط لاءِ مهرباني. جهڳڙو سنڌ يونيورسٽيءَ ۽ سندس دشمنن جي وچ ۾ آهي ۽ ان جو بنياد صفا ڪوڙ تي رکيل آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ جي خير خواهن لاءِ بهتر آهي تہ هو هينئر ئي سجاڳ ٿين. چاڪاڻ تہ هن دور ۾ اهو ڏکيو نہ آهي تہ ماڻهن کي برغلائي سگهجي.

تنهنجو مخلص
آءِ. آءِ. قاضي
وائيس چانسيلر سنڌ يونيورسٽي.

سنڌ جو حقيقي شاه اُهو هڪڙو آهي. موليٰ تاج بہ سندس سهڻي مٿي تي رکايو آهي. شل سنڌين جي سائس محبت ڏينهان ڏينهن ترقي پذير هجي!

موليٰ هڪ نعمت غير مترقبہ سنڌين کي ڏني آهي. شل انهيءَ جو قدر ڪن، نہ تہ چئبو تہ اکين ۽ دلين تي ڍڪڻ اٿن.

جي انهيءَ سٽ کان هلڪيري مصرع گهرجين، تہ هيءَ آهي-

هلو هلو ڪاڪ تڙين، جتي گهڙجي نينهن،
نڪو رات نہ ڏينهن، هر ڪاپسي پرينءَ ڪي.

چئون تہ قرآني آيت ڪا ڪين ياد اچي ٿي، جنهن جو تعلق هن سٽ سان هجي؟

شل الله خوش رکيوَ ۽ منهنجي امداد ۽ امير ۾ برڪت وجهي- اسان جي اها دعا آهي.

مسز قاضي امير ۽ امداد کي پيار تي ڏئي، ۽ اوهان کي دعائون ۽ سلام.

زياده خير.

تنهنجو

امداد

[آڪٽوبر 1958ع ۾ ملڪ سان مارشل لا لاڳو ٿيڻ ڪري مون کي جيل ۾ موڪليو ويو. 1960ع ۾ بيماريءَ ڪري جيل کان ٻاهر ڪڍي سن جي ڳوٺ ۾ نظر بند ڪيائون. سگهوئي شاه حيدر عليہ الرحمت جي ميلي جي موقعي تي ادبي ڪانفرنس لاءِ چند عالم دوست ماڻهن کي دعوت ڏيئي گهرايو ويو. قاضي صاحب کي عرض ڪيو ويو هو تہ جيڪڏهين پاڻ اچڻ قبولين تہ ساڳئي ڏينهن کين واپس موٽايو ويندو. پر مسز قاضيءَ جي ناچاڪائي ڪري اچڻ کان عذر ورايائون.]

(81)

(انگريزي مان ترجمو)

حيدرآباد

31 - مارچ 1960ع

پيارا امداد،

امير شايد اسان کي وساري ڇڏيو آهي. شاه ۽ ٻيا سڀ گهر ۾ ڪيئن آهن؟ هن وقت ڇا ٿو پڙهين؟ تون هن وقت 25 سالن جو آهين. سن هينئر سهڻو

ڏسڻ ۾ ايندو هوندو. خاص ڪري دريا جي ڪناري سان. مٽرن ۽ ڪٽڪ جا لابارا شايد تي ويا هجن. اهڙيءَ طرح تيلي ٻجن جي پوکن جو نظارو بہ گهڻجي ويو هوندو.

توڏي، امير ڏي ۽ شاهہ ڏي پيار.

تنهنجو پيار ڪندڙ
امداد. آءِ. قاضي

[هيءُ شفقت ڀريو خط قاضي صاحب منهنجي نندي پٽ امداد ڏانهن لکڻ فرمايو.]

(82)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

حيدرآباد سنڌ
20 - نومبر 1960ع

پيارا شاهہ،

امبد آهي تہ مع اولاد خوش خرم هوندين. اسان سنڌ جي عظيم الشان شاعر جي ٻن مصرائن جي معنيٰ ڳولڻ ۾ ڦاٿا پيا آهيون- تون ڪا مدد ڪري سگهندين؟

، تي جا رهاڻ، سا پٽي پهنين نہ ٿئي،
ڪنهن ڪر وڏي ڪاڻ، پاٽا نينهن نکيرئو.

—

رسڻ نہ آهي ريت، پهنين پاهت ناهہ ڪو،
پسو منجهہ پريت، جيهائي جوڙ وهي.

مهرباني ڪري مون ڪي لکي موڪل تہ توکي ان جي کهڙي معنيٰ تي سمجهہ ۾ اچي، اهي ٻئي بيت آسا سر جي آخر ۾ آهن. تنهنڪري ضرور اهم هوندا. اهي چوٿين داستان جي آخر ۾ آهن.

منهنجا پيار امير، امداد ۽ توکي رسن.

پيار ڪندڙ
امداد

[جڏهين 23 مارچ 1966ع تي پاڪستان سرڪار مهرباني ڪري نظربنديءَ جو حڪم لاٿو، تہ مون خيال ڪيو تہ سياست ۽ ملڪ کان ڪناره ڪشي اختيار ڪري، سنڌ جي مکيہ ولين جي درگاهن جي زيارت ڪري، سروي ڪري ڏسان تہ پنهنجي پراڻي تمنا يعني سنڌين جي اخلاقي درستي تزڪيہ نفس ۽ صحيح تعليم لاءِ ڪهڙيءَ طرح ڪم شروع ڪجي- ان واسطي قاضي صاحب جي زيارت، صلاح ۽ مشوري لاءِ مون وٽس وڃڻ لاءِ وقت مقرر ڪري، ڪيس اطلاع ڪيو. ان جي جواب ۾ هي خط لکيو اٿس-

1 - اپريل 1966ع تي 11 بجي حاضر ٿي، ڏيڍ ڪلاڪ کن سندن خدمت ۾ رهي، ساڻن ملاقات ڪيم.

(1) ان ۾ سندن صحبت مان پيش لفظ ۾ بيان ڪيل جن نتيجن تي پهتو هوم، اُن جي تصديق گهريم. ڪم و بيش پاڻ منهنجي اخذ ڪيل نتيجن کي پسند فرمايائون.

(2) سنڌ جي درگاهن جي موقعي تي اهڙي قسم جي ڪم لاءِ بزم صوفياءِ سنڌ قائم ڪري، پرچار ڪرڻ لاءِ اجازت گهريم. پاڻ ان کي سنو ڪم سڏيائون.

(3) سنڌ جي درويشن جي ڏنل پيغام کي دنيا تائين پهچائڻ لاءِ مخلص ڪارڪنن جي گروه جي تعليم ۽ تربيت لاءِ صلاح پڇيم. پاڻ فرمايائون تہ اهو تہ پنهنجو پراڻو پلئن هو، هن وقت آءٌ پوريءَ طرح تندرست نہ رهڻ ڪري عملي طرح ڪارآمد ٿي نہ ٿو سگهان، ليڪن منهنجون دعائون اوهان سان آهن.

ان کان پوءِ اڪثر ساڻن ملي ڪارگذاريءَ جي رپورٽ پيش ڪندو رهندو هوس. بزم صوفياءِ جا خطبا بہ کين موڪليندو هوس.

---

# فصل چوٿون

## سندن ڪي تحريرون

(1) (انگريزي مان ترجمو)

[3 - مارچ 1943ع تي سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جي نهراءَ پيش ڪرڻ وقت تقرير ڪرڻ واسطي ڪين مضمون لاءِ عرض ڪيو هوم- جنهن ۾ پاڻ هيٺيون مواد مون کي ڏنائون.]

بر صغير هند جاگرافيائي طرح هڪ ملڪ شمار ڪري نٿو سگهجي. هندستان جي جاگرافيائي وحدت جو اڪثر ذڪر ڪيو وڃي ٿو، ليڪن ان کي هڪ ملڪ سڏڻ حقيقتن جي برعڪس ٿيندو. انگلنڊ ته ڇڏيو، جيڪڏهين يورپ کي انهيءَ نقطي نگاه کان هڪ ملڪ سڏبو، ته مثال نهڪي ايندو. پر يورپ به هينئر مختلف قومن جو مجموعو آهي. جي اجا گڏجي فيڊريشن جي درجي تي ئي پهچي نه سگهيون آهن. هتي جيڪڏهين گجرات ۽ سنڌ جي صوبن جا مثال ونبا، ته حقيقتن تي پوري روشني پئجي ويندي. باوجود بنهي جي سرحد مشترڪ هئڻ جي، هڪ صوبي مان ٻئي صوبي ۾ پهچڻ تي 28 ڪلاڪ لڳي وڃن ٿا. ڇاڪاڻ جو سندن وچ ۾ هڪ وڏو رڻ پٽ حائل آهي. ٻئي طرف فرانس ۽ جرمنيءَ جو مثال ونبو، ته معلوم ٿيندو ته فرانس مان جرمني پهچڻ ۾ صرف 5 منٽ لڳندا.

مٿئين مثال مان ئي پتو پئجي سگهندو ته جاگرافيائي وحدت جو دليل ڪيتري قدر غلط ۽ بي بنياد آهي.

هندستان برصغير ٽي سگهي ٿو. يورپ، آفريڪا اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا جا مثال ٿي ساتس پوري مشابهت رکي سگهن ٿا. انهيءَ هندستاني جاگرافيائي وحدت واري دليل جي بنياد تي يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف آمريڪا حق بجانب رهندي، جيڪڏهن اها هيءَ تقاضا ڪري تہ ڪئناڊا ۽ ميڪسيڪو، جي جاگرافيائي طور هن سان مليل آهن، سي هن سان شامل ڪيا وڃن. اهڙي طرح ارجنٽائين، پيرو ۽ چليءَ کي هڪٻئي کان جدا رهڻ لاءِ ڪي سبب ڪونہ رهندا. ڪئناڊا ۽ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جا رهاڪو نہ صرف ساڳئي نسل جا آهن، پر ٻولي بہ هڪ ڳالهين ٿا. مذهب هڪ اٿن. لباس، رسمون ۽ رواج سندن ساڳيا آهن. ادب ساڳيو اٿن. پاڻ ۾ مٽي مائٽيءَ رستي ڳنڍجي سگهن ٿا. جاگرافيائي طرح پڻ هڪٻئي سان لاڳو ۽ مليل آهن. ليڪن باوجود انهن ڳالهين جي، ڪئناڊا پنهنجي جداگانہ قومي هستي قائم رکيو وينو آهي. ساڳيءَ طرح ڏکڻ آمريڪا جون مٿي ذڪر ڪيل قومون جي هڪ ئي جاگرافيائي خطي ۾ رهن ٿيون، سي گهڻو ڪري اُسپيني نسل جون آهن. ٻولي ساڳي اٿن. ويس ساڳيو اٿن. مٽي مائٽيءَ ۾ ڳنڍجي سگهن ٿيون. انهن ۾ ظاهري ڪابہ اهڙي ڳالهہ نہ آهي، جا هڪٻئي کان مختلف هجي. تہ بہ هو پنهنجي نموني جدا رهڻ کي پسند ڪن ٿا ۽ منجهن ڪابہ اهڙي نشاني ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي جو هو فيڊريشن ناهڻ يا ڳنڍجي رهڻ لاءِ تيار هجن. ساڳي حالت چين ۽ سائبيريا جي آهي. جاگرافيائي طور هڪٻئي سان نزديڪ، نسل بہ ساڳيا اٿن. تڏهن بہ سائبيريا چين سان ڳنڍجي رهڻ جي عيوض يورال جبلن جي ٻئي طرف واري ملڪ رشيا سان ئي ڳنڍيل آهي.

انهن مثالن کي نظر ۾ رکندي صرف جاگرافيائي وحدت کي متحده قومي وجود لاءِ دليل نهرائي نٿو سگهجي.

هاڻ اچو تہ خود لفظ نيشن جي معنيٰ تي غور ڪريون. لفظ "نيشن" 'نيٽس' ڌاتوءَ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ چاول ٿيندي، جنهن جو لاڳاپو "اصل ۽ نسل" سان آهي. اهو ثابت ٿيل امر آهي تہ جرمن ۽ سلووڪ ماڻهو ساڳئي نسل جا آهن. شارليمئن جي فرانس ۾ ٻيئي شامل هئا. آءٌ مٿي ٻڌائي آيو آهيان تہ فرانس ۽ جرمني جاگرافيائي طور هڪ ملڪ ٿيڻ گهرجن. ساڳي حالت سندن نسل بنسبت آهي. زبان جي نقطي نگاهہ کان، سندن زبانون

انڊوجرمنڪ يا انڊويوروپين گروپ مان آهن. انهن ٻنهي ملڪن جي هڪ جمهوري حڪومت نهي سگهي ٿي. پر جرمن توڙي فرانس ڪڏهين به اها ڳالهه قبول نه ڪندا؟ وڏيڪ اوهان کي ياد ڏياريندس ته فرينچ ادب ٻن صدين تائين، جرمنن پڙهيو ۽ پسند ڪيو. جرمن زبان جي ادب کي ترقي ڏيارڻ ۾، فرينچ ادب جو وڏو حصو آهي. جهڙيءَ طرح فرينچ ادب جرمنيءَ ۾ عام جام پڙهيو ويندو هو، اهڙيءَ طرح جرمن فلاسافي فرانس جي يونيورسٽين ۾ صدين تائين پڙهائي ويندي هئي. هو مٽيءَ مائٽيءَ ۾ گڏجن ٿا. رسم و رواج اڪثري ساڳيا اٿن. انهيءَ هوندي به جيڪڏهين جمهوري طريقي حڪومت ۾ انهن کي ملائڻ جي ڪوشش ڪبي، ته ان جو لازمي نتيجو اهو نڪرندو ته ٽن ڪروڙ فرينچن کي 8 ڪروڙ جرمن ويڙهي ويندا ۽ وري ٿوري وقت کان پوءِ فرينچ هستي وڃائي ويهندا.

ممڪن آهي ته ڪي ماڻهو هي ٻن باهمي مخالف قومن جو مثال نيڪ نه سمجهن. ته ڪين هالنڊ، بيلجم، سوئيڊن ۽ ناروي جو مثال ياد ڏياريندس.

يورپ جي تاريخ تي هڪ سرسري نظر دوڙائڻ سان پتو پئجي سگهندو ته جمهوريت ۽ نيشنلزم ان کي اتحاد ۽ ميلاپ طرف ڇڪڻ جي عيوض جدائيءَ ۽ جداگانه هستين قائم ڪرڻ طرف پئي گهليو آهي.

نئشنل ۽ جمهوري حڪومتن ۾ زوريءَ جو ڳانڍاپو ڪا معنيٰ ئي نٿو رکي. صرف باهمي سمجهوتي ۽ مسلسل لاڳاپن جي ذريعي ئي دائمي اتحاد قائم ٿي سگهي ٿو. نئشنلزم جي اثر هيٺ ملڪن ۾ معاشرتي لاڳاپا به پوريءَ طرح قائم ٿي نه سگهيا آهن- هم جنسيت ۽ هڪ قوميت ته اڃا پري رهي.

فطري قانون پٽاندڙ انساني اتحاد جي ترقي مقرر حد کان مٿي تيز نه ٿي سگهندي، جيڪڏهين انهيءَ درمياني عرصي کي جو قومن ۾ ميلاپ ۽ سمجهوتي لاءِ ضروري آهي، مصنوعي طريقن سان گهٽ ڪبو، ته بجاءِ فائدي جي نقصان ڪار رد عمل پيدا ڪندو. ميوي کي درخت ۾ پچڻ کان اڳ ڪٽيو ٿيٽو پوي ٿو. جيڪڏهين ڪو ماڻهو ان کي قبل از وقت منو ۽ پڪو ڪرڻ گهرندو ته اهو سندس فطري مناس کي ماري ڇڏيندو.

اختلاف جينوٽيڪ اڻ وڻندڙ ڳالهه آهي. ليڪن ترقيءَ جي راهه ۾ مقابلي جو هئڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو. ڪليل مقابلي کان سواءِ مصنوئي اتحاد جو پيدا ڪرڻ قومي زندگيءَ ۾ جمود ۽ موت پيدا ڪرڻ جي برابر ٿيندو.

هتي جي قدامت پسنديءَ جو ثبوت ان مان ملندو ته ٻڌ ڌرم، جو هندن جي مذهب ۾ هڪ ارتقائي قدم هو، جو سوسائٽيءَ جي گهٽين خامين کي مٽائي اڳتي وڌائي سگهيو ٿي، تنهن کي هتان جي قدامت پسند گروه قبولڻ جي عيوض، مخالفت ڪري ٿڏي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ ان وڃي سيلون، برما، چين ۽ تبيٽ ۾ پناهه ورتي. جاهل برهمڻ اڃا تائين چون ٿا ته گوتم ٻڌ هندو ڌرم کي ختم ڪرڻ آيو هو.

بنيادي طرح برهمنزم نان - مشنري ۽ قدامت پسند مذهب رهيو آهي. سندن چوڻ مطابق برهمڻ، صرف ڄمي پيدا ٿيندو آهي. ٻين مذهبن مان شد ٿي برهمڻ بڻجي نٿو سگهي. ڪوبه ماڻهو ڪيتريون به سرويتيون يا سمرتيون ڪٺي چاڙهندو هجي ۽ نسل به آريي مان ڇو نه هجي، پر نه برهمڻ ۽ نه ڪتري ٿي سگهي ٿو. البت ويش يا شودر ٿيڻ لاءِ رستا کليل اٿس.

جڏهين ڪنهن نسل يا فرقي جو جوڙجڪ اهڙو محدود ۽ سخت نهيل هجي، جو ان ۾ ڦير ڦار جي گنجائش نه هجي، ته جيستائين انهن حالتن ۾ تبديلي نه آئي آهي تيستائين اتي جمهوري ۽ نئشنل حڪومت جو نهڻ ۽ آسانيءَ سان ان تي عملدرآمد ٿيڻ مشڪل پيو نظر اچي.

هاڻ اچو هندستان جي ٻن مکيه مذهبن، هندو ڌرم ۽ اسلام تي بحث ڪري ڏسون ته اهي پنهنجن پوئلڳن کي گڏي هڪ قوم بنجڻ لاءِ ڪيتري قدر پاڻ وٽ گنجائش رکن ٿا. انهن جا رسم و رواج، ادب ۽ اقتصادي نظريا علحده آهن. مسلم فلاسافي انسان کي آزاد فرد تسليم ڪندي، هن کي زندگيءَ جي راهه ۾ ترقي ڪرڻ لاءِ ڪشادي ميدان ۽ آزاد عمل جو سبق ڏئي ٿي. ٻئي طرف هندو فلاسافي "ڪرم" جي نظريي ۾ اعتقاد رکندي، فرد جو دائرهٔ عمل محدود رکندي اچي ۽ ڪيس گذريل ڪرمن جي محتاج رهڻ جو درس ڏئي ٿي.

مسلم فلاسافي جماعت ۾ فرد جي فردن سان مساوات ۽ برادريءَ جي اصول تي تعلقات قائم ڪرڻ جي حامي آهي. هندو فلاسافي انسان ذات ۾ مختلف ارتقائي درجن جي حقيقت کي تسليم ڪندي، انهن کي ڪاروبار ۽ عمل ۾ سهوليت خاطر چئن درجن يا جاتين ۾ ورهائڻ کي وڏيڪ ڪارآمد ٿي سمجهي. ايتري قدر جو ڀڳوت گيتا جهڙو ڪتاب لکي ٿو ته "جڏهين جاتين جا فرق ختم ٿيندا (يعني ڪلاس - ليس سوسائٽي نهندي)، " ته ڌرم ختم ٿي ويندو."

مذهبي فلاسافيءَ جي نقطہ نگاهہ کي هڪ طرف ڇڏي جيڪڏهين پنگتي خيال سان ان مسئلي تي غور ڪنداسون، تہ باوجود هڪ هزار سال هڪبئي سان گڏ رهڻ جي، اهي پنگتي طور هڪبئي کان جدا ٿيو بيٺا آهن. نہ پاڻ ۾ مٽي مائٽي ڪن ٿا، نہ کائين پين ٿا. مسلمان جو پاڇو بہ اجا ڪن جي بدن يا کاڌي جي پليٽ ڪريو ڇڏي. سندن کاڌي جي اها حالت آهي، جو هڪ شيءِ جي هڪ ڌر وٽ اجازت آهي تہ ٻيءَ وٽ منع آهي.

اهي اختلاف سندن روزمرهہ جي زندگيءَ تي اثر ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿا سگهن. سو جيستائين ٻنهي مذهبن جي عوام مان مذهبي ڪٽر پڻو گهٽ نہ ٿيو آهي، ان وقت تائين انهن جو گڏجي هڪ قومي قالب ۾ سمائجڻ مشڪل پيو نظر اچي.

پروفيسر رينان، جو نيشنلزم جي موضوع تي ماهر سمجهيو وڃي ٿو، تنهن جو چوڻ آهي تہ "قوميت هڪ روحاني ۽ نفسياتي جذبات تي ٻڌل حقيقت ٿئي ٿي. هر جنسيت جو خيال ٿي مختلف فردن کي هڪبئي جي نزديڪ آڻي ٿو. اها هر جنسيت ٻہ - ڌاري تلوار مثال آهي، جا جيڪڏهين ڪن کي حقيقتن جي بنياد تي گڏي ٿي، تہ ڪن کي هڪبئي کان ڌاريون ثابت ڪري جدا ڪري ٿي."

عام طرح اڄڪلهہ ائين چوڻ ۾ پيو اچي تہ عوام لاءِ اقتصادي مسئلو بنسبت مذهبي ۽ پنگتي نظرين جي زياده اهميت رکي ٿو ۽ انهيءَ مسئلي کي پوريءَ طرح سلجهائڻ سان فرقيوار سوال از خود ختم ٿي ويندا. ليڪن سماج جي موجوده ذهني ۽ پنگتي پست حاليءَ ۾ انهيءَ مسئلي جو ترت حل نظر ڪونہ ٿو اچي.

جيڪڏهين اسان جو آخري مقصد هڪ آزاد ۽ ترقي يافتہ متحده قوم بنائڻ جو آهي، تہ ان جو بهتر ذريعو هي آهي تہ هندن ۽ مسلمانن کي سندن اڪثريت وارين ايراضين ۾ سندن ڪلچر، فلاسافي ۽ روايت جي مدنظر، ترقي ڪرڻ لاءِ مناسب موقعا ۽ سهوليتون ملڻ گهرجن، تہ پوءِ اڳتي هلي، هو خوشنما مرڪب جو مجموعو بنجي پوندا. ليڪن ڪوبہ عارضي ۽ زبردستي جو مڙهيل اتحاد نہ صرف ڪين قبول نہ پوندو، بلڪ رد عمل پيدا ڪري منجهن زياده اختلاف پيدا ڪندو.

(2)

[26 - ڊسمبر 1943ع آل انڊيا مسلم ليگ جي ڪراچيءَ واري ساليانہ اجلاس وقت استقباليہ ڪميٽيءَ جي صدارتي خطبي ۾ قاضي صاحب هيٺينءَ طرح مواد ڏنو.]

فطرت هن زمين جو ماضي نهايت شاندار ڪيو هو ۽ اسان کي اميد آهي تہ ان جو مستقبل بہ اهڙوئي روشن ٿيندو.

ڪيترين ڳالهين ڪري هن زمين جي تاريخ بي نظير پئي رهي آهي. اها قديم تهذيبن جو آشيانو هئي، جنهن جي ثابتي موهن جي دڙي جي آثار قديمہ مان ملي سگهي ٿي. هيءَ ئي سرزمين آهي، جتي دنيا جا ڪيئي نسل گڏجي ملي جلي ويا. دراوڙ، آريا، سامي، منگول نسلن جا نشان هتي آسانيءَ سان ڳولي سگهبا. نہ صرف نسلن جو ميل جول هن زمين ۾ ٿيو، ليڪن مختلف مذهبن ۽ انهن جي فلاسافين جو هڪٻئي تي اثر ۽ ميلاپ پڻ هتي جهڙو بيءَ جاءِ تي چِٽو ٿيو هوندو. ٻڌ ڌرم جيتوڻيڪ وچ هندستان ۾ پيدا ٿيو، ليڪن اهو وڌيو ويجهيو هن سر زمين ۾. هتي جي رهاڪن مهاتما گوتم جو نفيءَ وارو سبق اجا نہ وساريو آهي. جڏهين اسلام هن سر زمين ۾ پير پاتو، تہ ٻڌ ڌرم اجا مروج هو. اسلام صرف اڳينءَ تعليم ۾ اثبات جو اضافو ڪيو. ويدانيت ۽ وحدانيت جا فلسفا ۽ متا هتي ئي هڪٻئي تي اثرانداز ٿيا. هڪ طرف وحدانيت هندو يوگيءَ تي اثر وڌو ۽ بت پرستيءَ کي گهٽايو، تہ ٻئي طرف مسلم درويشن سنياس مان سبق ورتا ۽ راڳ کي تصوف جو جزو بنايو. هندو مسلم عقيدا باهمي سمجهہ ۽ رواداريءَ سان هڪٻئي جي نزديڪ اچڻ لڳا. گرو نانڪ جي سکيا انهي ميل جول جي نچوڙ جو مکيہ مثال ۽ نتيجو آهي.

مسلم صوفين هن ملڪ ۾ شاھ لطيف جي سرڪردگيءَ هيٺ، مذهبن جي بنيادي اتحاد جو پرچار ڪري، مختلف مذهبن جي پوئلڳن ۾ محبت ۽ رواداري پيدا ڪئي، جنهن جو عملي ثبوت هتي جي هندو مسلم رهاڪن جي باهمي خوشگوار تعلقات مان ملي سگهندو.

هندستان جي ٻين حصن وانگر، ڇوت ڇات جو مرض سنڌ ۾ ڳوليو به نه لڀندو. قدرت هن ملڪ کي واپار جي ذريعي، جنهن جو مرڪز ساموندي رستي ديبل جو بندر هو ۽ خشڪيءَ رستي بخارا ۽ سمرقند هو، دنيا جي گهڻي حصي سان ڳنڍي ڇڏيو هو، جنهن ڪري واپار سان گڏ، مختلف ملڪن جون تهذيبون هڪ ٻين تي هن ملڪ ۾ اثر انداز ٿيون.

هن ملڪ جي زرخيزيءَ گهڻن ئي نسلن کي هتي لڏي اچڻ لاءِ ترغيب ڏني، جن اچي ان کي پنهنجو وطن بنايو. ان بابت آثار قديمه ۽ تاريخي ڪتاب ڪافي معلومات ميسر ڪن ٿا. سياسي نقطي نگاه کان هيءَ زمين ڪيترين ئي ڌرين جي ان تي قبضي حاصل ڪرڻ لاءِ، ميدان ڪارزار پئي رهي آهي. هن سر زمين جي شادابيءَ ڪيترن ئي طاقتور قبيلن کي هن طرف اچڻ لاءِ حرصايو. پوءِ کي ان کي ڦري لٽي موٽي ويا ٿي، ته ڪي وري هتي رهي پيا ٿي، ۽ موٽي وڃڻ تي دل نه پئي ٿين. اهڙيءَ طرح هر دور ۾ هتي نوان نسل تازي رت ۽ تازي ولولي سان آباد ٿيندا پئي رهيا آهن. سرسري نظر وجهڻ سان هتي بابل، مصر، ايران، يونان، عرب ۽ افغانستان جا سياسي ۽ ڪلچرل اثر زياده نمايان صورت ۾ ڏسڻ ۾ ايندا.

هن زمين جي قديم شان شوڪت جو ذڪر، صرف معزز مهمانن جي حافظي تازي ڪرڻ جي ارادي سان ڪونه ٿو ڪجي، ليڪن اصل مقصد هن سر زمين جي روشن مستقبل بابت. چند تجويزن پيش ڪرڻ جو آهي.

انسانذات ابتدائي زماني کان وٺي، مختلف ارتقائي دور طي ڪندي، آخري مقصد انساني وحدت خيال ۽ عمل طرف وڌي رهي آهي. اُن جي مختلف گروهن جي مذهبي، سياسي ۽ اقتصادي تحريڪن ۽ ڪوششن ان منزل مقصود کي پهچڻ لاءِ جدا جدا طريقن ۽ واٽن جو ڪم پئي ڏنو آهي. تاريخ جو هر ورق ان ارتقائي جدوجهد جي مثالن سان ڀرپور آهي. شروعات ۾ ماڻهو ننڍن ننڍن

ڪتبن ۾ ورهايل هئا. ٿوري وقت گذرڻ بعد اهي ڪتب وڏي ويجهي، قبيلن جي صورت اختيار ڪري ويا. آخر اهي قبيلا ملي قومون بڻيون.

ماڻهن جي وچ ۾ باهمي اتفاق ۽ ميلاپ جا مختلف بنياد پئي رهيا آهن. جاءِ رهائش، زبان، زندگيءَ جو طريقو ۽ خيالات انهن مان مکيہ آهن.

جيئن وقت گذرندو ويو. تيئن هن باهمي اتفاق ۽ ميلاپ جي پيدا ڪرڻ ۽ قائم رکڻ لاءِ، مادي طريقن جي بنياد جي اهميت گهٽ ٿيندي ويئي ۽ مختلف نمونن ۾ باهمي اتفاق لاءِ خيالات جي بنياد جي اهميت وڌڻ لڳي.

سگهوئي عرب جي سر زمين مان پيدا ٿيل آواز، نئين سر خيالات جي بنياد تي، اتحاد انساني جي تعمير ۾ تازو روح ڦوڪيو، انهيءَ ڪري نسل، رنگ، طريقہ زندگي، جاءِ رهائش، زبان وغيره پنهنجي طاقت وڃائڻ لڳا. جيتوڻيڪ ابتدائي جوش ۾ اهو آواز دنيا جي مختلف حصن ۾ پکڙي اثر پذير ٿيڻ لڳو، ليڪن ٿوري وقت گذرڻ بعد ماڻهو بهرحال قديم مادي طريقن طرف موٽڻ لڳا. بين ڪي ڇڏي خود مسلمانن ۾ ساڳين مادي تفاوتن ويڇو وجهڻ شروع ڪيو. ٻئي طرف مغربي ملڪ وري مادي بنياد تي پيدا ٿيل نئشنلزم جي باهمي جنگ و جدال مان ڪڪ ٿي، امن عالم قائم ڪرڻ جي خيال ڪان، ڪنهن بين الاقوامي جوڙجڪ جي ڳولا ۾ آهن، جنهن جو بنيادي مدار مادي طريقي اتفاق ڪان مٿي چڙهي، ڪن نظرياتي طريقن تي منحصر هجي. "آئيڊيالاجيز" يعني نظريات اڄ ڪلهہ چوطرف فيشن بنيا وڃن، پر اهي نظريا اهڙا ناقص آهن، جو اهي امن آڻڻ جي عيوض موريگو زياده فساد جا ڪارڻ بنجي پيا آهن. جزوي حل، جدا جدا نالن ۾، عارضي عرصي لاءِ مستعد رهڻ کان پوءِ تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي پرکجڻ بعد ازخود بيڪار بنجيو پون.

جيتوڻيڪ عالمگير برادري ۽ اتحاد جي ابتدا شروع ٿي چڪي آهي، ليڪن جيستائين مختلف سياسي، اقتصادي ۽ مذهبي نظرين جي اختلاف مٽائڻ لاءِ حل ڳولي نہ لڌو ويو آهي، دنيا ۾ دائمي امن ۽ ماڻهن ۾ حقيقي اتحاد قائم ٿيڻ مشڪل پيو نظر اچي. انهيءَ حل ڳولي لهڻ لاءِ خاص ماحول ۽ تاريخي روايتن هيٺ ذهني تربيت جي حاصلات هڪ لازمي شرط آهي.

انهيءَ مشن جي سر انجاميءَ لاءِ سنڌ ديس جا رهاڪو زياده موزون آهن. قديم تاريخ جا دفتر ان جا گواه آهن تہ ڪيئن نہ هتي مختلف نسل، تهذيبون، مذهبي فلسفا ۽ سياسي طريقا ملي جلي يڪرنگي اختيار ڪري سگهيا آهن.

دنيا جي نئين تعمير لاءِ، جنهن ۾ مشرق ۽ مغرب جا ويڇا مٽجي هڪ وحدت ۾ گڏجڻا آهن، سر زمين سنڌ کي خاص پيغام پيش ڪرڻو آهي. مون کي هن انڌوڪار جي زماني ۾ بہ ڪي روشنيءَ جا ترورا نظر اچي رهيا آهن. هن جسماني ولوڙ بعد ذهني مکڻ هتان ئي نڪرڻو آهي.

جيڪڏهين رشيا ۽ آمريڪا، باوجود مختلف سياسي ۽ اقتصادي مقصدن ۽ مرادن جي گڏجي ڪم ڪري سگهن ٿا، تہ ان ۾ ڪهڙي ڏکيائي آهي، تہ ملڪ خضر حيات ۽ چوڌري ڇوٽو رام گڏجي ڪم ڪري نہ سگهن. سنڌ جا رهاڪو نہ صرف هندستان جي اتحاد جا طالبو آهن، بلڪ اتحاد عالم ۾ اعتقاد رکندڙ آهن. پر انهيءَ جي حاصل ڪرڻ لاءِ، طريقا عارضي ۽ مصنوعي ڪتب آڻڻ بدران باهمي سمجهوتي، تاريخي حالات ۽ ضروريات پٽاندڙ اختيار ڪرڻا آهن.

خدا اسانکي شل سنئين راهہ ڏيکاري. پرجيڪڏهين سر زمين سنڌ جا رهاڪو هندستان جي صوبن جي تنگ نظريءَ کان پاڻ بچائي ڪو حل ڳولي نہ سگهيا، تہ ان جو نتيجو باهمي نفاق ۽ خطرناڪ صورتن ۾ نمودار ٿيندو.

مون کي اميد آهي تہ سنڌ جي رهاڪن جي ڪثرت بيدار ٿي، دنيا جي تعمير نو ۾ حصي وٺڻ خاطر، انهن غلط ۽ نقصان ڪندڙ خيالن کان پاسو ڪندي.

---

(3)

(انگريزي مان ترجمو)

[شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ، ڪاليج شاگردن جي سامهون نومبر 1944ع ۾ هڪ ليڪچر ڏنو. جو پوءِ "هندستان جي سياسي مسئلن تي هڪ نظر" جي نالي سان علامه آءِ. آءِ. قاضي صاحب جي هيٺئين تعارف سان رسالي جي صورت ۾ ڇپيو.]

منهنجي مصنف دوست مون کي مهرباني ڪري، سندس تقرير جي پيش لفظ لکڻ لاءِ جنهن وقت چيو، ته آءُ ان کان انڪار ڪري نه سگهيس. مون کي اميد هئي ته جنهن صورت ۾ هي شاگردن ڏي خطاب هو، انڪري ضرور علمي بحث هوندو ليڪن مون کي نراسائي ٿي، جڏهين معلوم ٿيم، ته ان ۾ نوس ۽ علمي سياسي تجويزون ڇاڇايل هيون. غلطي منهنجي هئي. مون کان وڏيڪ ٻئي ڪنهن کي پتو هئڻ گهرجي ها ته مصنف سنڌ ۽ هندستان جي سياسي معاملن سان، مسلسل ٽيهن سالن کان واسطو رکندو آيو آهي. هي حقيقت پسند سياستدان هو ۽ اسان مان گهڻن وانگر خواب جي دنيا ۾ رهندڙ نه هو.

سياسي دنيا ۾ هي پنهنجو زاويه نگاه ڇوندي، باوجود مشڪلاتن جي ان کي ڇهٽيو آيو آهي. آخر ۾ صبر ۽ استقلال هن کي، صوبي سنڌ جي مالي وزارت جون واڳون سونپيون.

اول ۾ مون کي پنهنجي پوزيشن صاف ڪرڻي آهي. مون ڄاڻي واڻي هندستان جي سياسي مسئلن کان پاڻ کي ٻاهر پئي رکيو آهي. ڇاڪاڻ ته سياست ڏي نه لاڙو اٿم ۽ نه ان لاءِ ڪو وقت ئي هوم. اهو آهي منهنجي تعارف جو تعارف.

برناردشا افلاطون کان ان ڳالهہ ۾ اختلاف ڪري ٿو. ۽ چوي ٿو تہ "اهو بهتر ٿيندو تہ خدائي تخت خالي ڇڏي ڏجي. بجاء ان جي جو ان تي هڪ ڏوڪي ۽ جهادت جو مجسمو وهاريو وڃي."

ان تي وڏيڪ صفائيءَ سان ذڪر جديد علم معاشره، فلاسافيءَ ۽ تاريخ جي مجدد ابن خلدون ڪيو آهي. هو 15 صدي عيسويءَ ۾ سنڌس مقدمي ۾ لکي ٿو تہ:

"رياست (ملڪ) جو جوڙجڪ، ان جي يڪ وجودي، طاقت ۽ استحڪام، عصبيات (چند بنيادي لاڳاپي پيدا ڪندڙ جزن) تي مدار رکي ٿو." هن صاف سائنسي بنيادن تي ڪي رايا پيش ڪيا آهن. ڪي لاڳاپا پيدا ڪندڙطاقتون، جي جدا جدا مواد کي ڳنڍڻ جو ڪم ڏين، سي بنيادي اصول شمار ڪري سگهجن ٿا. حڪومت ۽ اقتدار جي حاصل ڪرڻ لاء قبيلائي، نسلي، شهري، باهمي مفاد، هر خيالي يا اعتقاد جي يڪ وجودي مکيہ لاڳاپا شمار ڪري سگهجن ٿا.جيتري قدر لاڳاپا مضبوط هوندا اوتري قدر اُهي جدا جدا مواد کي گڏ ڪري سگهندا. جيتري قدر يڪ وجودي زياده هوندي، اوتري قدر حڪومت طاقتور ٿيندي. ابنٌ خلدون جي نظريي کي مڪمل ڪرڻ لاء هيٺئين اضافي جي ضرورت آهي- "آخر ۾ هر هڪ ملڪ کي فيصلو ڪرڻو آهي تہ ڪهڙي قسم جي ڳنڍيندڙ قوت (عصبيت) وڌيڪ ڪارگر ٿي سگهندي، ۽ ان جو مدار انسانذات جي مختلف ارتقائي دورن ۽ جدا جدا ملڪن جي ماڻهن جي تاريخي روايات تي رهندو." دائمي غيرفاني فطري قانون هن عجيب غريب مسئلي تي بہ حاوي آهن، جهڙيءَ طرح بين جسماني ۽ ذهني مسئلن تي بہ حاوي رهن ٿا. بهترين مدبر اهو آهي، جو ماضيءَ کي پوري طرح سمجهي سگهي. حال جون ضرورتون ۽ امڪان پروڙي ۽ مستقبل بابت ذهن صاف رکي ۽ پوءِ ان مطابق عصبيت (لاڳاپا) چوندي. اهوئي طريقو فطري ٿئي ٿو ۽ اُهوئي زماني جي تقاضا مطابق ٺهڪي اچي ٿو. سياسي مدبر کي هيءَ ڳالهہ ڪڏهين بہ وسارڻ نہ گهرجي تہ صحيح عصبيت (لاڳاپي) جو ڳولي لهڻ پائدار رياست جي جوڙجڪ جو بنيادي اصول آهي. ان ۾ سهوليت سان حڪومت هلائڻ جو راز لڪل رهي ٿو. انسان دوست ماڻهو، جيڪو عالمي اتحاد جو خواهشمند آهي، سو شايد لساني اتحاد کي حقارت آميز نظر سان عصبيت جو صرف هڪ جزو سمجهي. پر ان کي هيءَ

# فصل پنجون

## علام قاضي صاحب جو پيغام ... ۽ اسان جون وٿس جوابداريون

علام قاضي صاحب نہ فقط علامۂ دهر، اعليٰ فيلسوف، بلند پايہ مفڪر، اهل دل ۽ صاحب نظر بزرگ هو، پر سنڌ جي پيغام جو شارح، صاحب فيض ۽ مرشد بہ هو.

سندس فيض بخش صحبت ۾ مون کي ڇاليهن ورهين تائين رهڻ جو فخر حاصل ٿيو. مون ۾ جيڪڏهين ڪابہ خوبي آهي، تہ سندس طفيل آهي ۽ سموريون خاميون پنهنجون اٿم.

هو علم ۽ محبت جو بحر ذخار هو، جو سوين موتين سان پرپور هو. مون جهڙي اڌ پڙهيا، گونائي کي سندس صحبت مان جو حاصل ٿيو، ان جي شڪر گذاري مون کان ادا ٿي نہ سگهندي.

قاضي صاحب جي ذڪر ڪيل ٽن لياقتن جي مختصر تشريح منهنجي سمجھ موجب هيٺينءَ طرح آهي-

### 1- سر زمين سنڌ هڪ خاص پيغام جي حامل هئي:

هر ملڪ جي مختلف دورن ۾ ڪي اهڙا بزرگ پئي پيدا ٿيا آهن، جن قومن ۾ سندن خاص پيغام ذريعي خود شناسي ۽ بيداري پيدا ڪئي آهي.

انهن مان هڪڙا اهي صاحب هئا، جن مذهبن جي تعليم ۽ نظام سان ماڻهن کي روشناس ڪرايو. انهن کي پيغمبر، رسول الله، مهاتما، مسيح وغيره لقب سان سڏيو ويو.

نہ صرف نسلن جو ميل جول هن زمين ۾ ٿيو، ليڪن مختلف مذهبن ۽ فلسفن جو هڪبئي تي اثر ۽ ميلاپ پڻ جهڙو هتي ٿيو اهڙو ٻيءَ جاءِ تي چِٽو ٿيو هوندو. ٻڌ ڌرم جيتوڻيڪ وچ هندستان ۾ پيدا ٿيو، ليڪن اهو هن زمين تي وڌيو ۽ ويجهيو. اسلام جڏهين هن زمين تي پير پاتو تہ ٻڌ ڌرم بہ اڃا مروج هو. هتي جي رهاڪن مهاتما گوتم ٻڌ جو نفيءَ وارو سبق اڃا نہ وساريو هو. اسلام صرف اڳينءَ تعليم ۾ اثبات جو اضافو ڪيو. ويدانيت ۽ وحدانيت جا فلسفا ۽ ساهتي ٿي هڪ ٻئي تي اثرانداز ٿيا. هڪ طرف وحدانيت هندو يوڳيءَ تي اثر وجهي، بت پرستيءَ کي گهٽايو، تہ ٻئي طرف مسلم درويشن سنياس مان سبق ورتا ۽ راڳ کي تصوف جو جزو بڻايو. هندو مسلم عقيدہ باهمي سمجهوتہ ۽ رواداريءَ سان هڪبئي جي نزديڪ اچڻ لڳا. گرونانڪ جي تعليم انهيءَ ميل جول جو مکيہ مثال ۽ نتيجو آهي. "مسلم صوفين هن ملڪ ۾ شاهہ عبداللطيف جي سرڪردگيءَ هيٺ مذهبن جي بنيادي وحدت جو پرچار ڪري، مختلف مذهبن جي پوئلڳن ۾ محبت ۽ رواداري پيدا ڪئي، جنهن جو عملي ثبوت هتي جي هندو مسلم رهاڪن جي باهمي خوشگوار تعلقات مان ملي سگهندو. انسانذات ابتدائي زماني کان وٺي مختلف ارتقائي دور طئہ ڪندي، پنهنجي آخري مقصد يعني انساني وحدت خيال ۽ عمل طرف وڌي رهي آهي. انهيءَ لاءِ مختلف گروهن جي مذهبي، سياسي ۽ اقتصادي تحريڪن ۽ ڪوششن منزل مقصود تي پهچڻ لاءِ جدا جدا طريقن ۽ واٽن جو ڪم پئي ڏنو آهي. تاريخ جو هر ورق ان ارتقائي جدوجهد جي مثالن سان ڀرپور آهي. شروعات ۾ ماڻهو ننڍن ننڍن ڪٽنبن ۾ ورهايل هئا. ٿوري عرصي گذرڻ بعد اهي ڪٽنب وڌي ويجهي قبيلن جي صورت اختيار ڪري ويا. آخر ۾ اهي قبيلا ملي قومون بڻيون. ماڻهن جي وچ ۾ باهمي اتفاق ۽ ميلاپ جا مختلف بنياد پئي رهيا آهن. جاءِ رهائش (وطن) زبان، زندگيءَ جو طريقو ۽ خيالات انهن مان مکيہ آهن. "اڄ ڪلهہ نظريا چوطرف فيشن بڻيا وڃن. پر انهن بہ امن آڻڻ جي عيوض مورڳو زيادہ فساد پيدا ڪيا آهن. جزوي حل، جدا جدا نالن ۾، عارضي عرصي لاءِ مستعمل رهڻ ڪان پوءِ، تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي پرکجڻ بعد از خود بيڪار بڻجيو پون. جيستائين مختلف سياسي، اقتصادي ۽ مذهبي نظرين جي اختلاف مٽائڻ لاءِ حل ڳولي نہ ڪڍيو ويو آهي، دنيا ۾ دائمي اتحاد

۽ امن قائم ٿيڻ مشڪل پيو نظر اچي." انهي حل ڳولي لهڻ لاءِ خاص ماحول ۽ تاريخي روايتن هيٺ ذهني تربيت جي حاصلات لازمي شرط آهي. انهيءَ مشن جي سرانجاميءَ لاءِ سر زمين سنڌ جا رهاڪو زياده موزون آهن. قديم تاريخ جا دفتر ان جا گواهه آهن ته ڪيئن نه هتي مختلف نسل، تهذيبون، مذهبي فلسفا، سياسي طريقا ملي جلي يڪرنگي اختيار ڪري سگهيا آهن. دنيا جي نئين تعمير لاءِ، جنهن ۾ مشرق و مغرب جا ويڇا مٽجي هڪ وحدت ۾ گڏجڻا آهن . سر زمين سنڌ کي خاص پيغام پيش ڪرڻو آهي. مون کي هن انڌوڪار جي زماني ۾ ڪي روشني جا ترورا نظر اچي رهيا آهن. هن جسماني ولوڙ بعد مکڻ هتان ئي نڪرڻو آهن."

**پيغام سنڌ:**

اهو پيغام ڪهڙو آهي؟ ڪهڙيءَ طرح اهو مشرق ۽ مغرب جا ويڇا مٽائي، انهن کي هڪ وحدت ۾ گڏيندو ۽ ڪهڙيءَ طرح اُهو مختلف سياسي، اقتصادي ۽ مذهبي نظرين جا اختلاف مٽائي دنيا ۾ دائمي اتحاد ۽ امن قائم ڪندو؟ ان لاءِ آءٌ سندس تحريرن کي پڙهڻ ۽ انهن تي غور ڪرڻ ۽ سائس شخصي گفتگو بعد هيٺين نتيجن تي پهتو آهيان -

- اتحاد انسانيءَ جو حصول (محبت).
- ظاهري ڪثرت پويان بنيادي وحدت جي وجود جي پرکا.
- مساوات انسانيءَ جي حصول لاءِ قومي تفوق ۽ خود مطلبيءَ کي ترڪ ڪرڻ.
- دين فطرت - قانون ارتقا (اسلام) کي چند دستورن ۾ محدود ڪرڻ ان جي روح جي خلاف هو.
- تشدد ۽ هنسا جذبءَ محبت جي خلاف هئا.
- تنازع للبقا جي عيوض تعاون برائي ترقي ۽ دفاع جي راهه اختيار ڪرڻ.

هيٺ مختصر طور آءٌ مٿي ذڪر ڪيل پيغام جي انهن مکيه اصولن جي تشريح ڪندس.

## اتحاد انسانيءَ جو حصول

مٿي ذڪر ڪيل خطبي ۾ قاضي صاحب فرمائي ٿو ته "انسانذات سندس آخري مقصد يعني وحدت خيال ۽ عمل طرف وڌي رهي آهي." سندس ملاقات ۾ هن ڪان اڪثر شيخ سعدي عليه جو هيٺيون بيت اچاريندي ٻڌندو هوس-

ٻئي سنڌي صوفيءَ فرمايو هو تہ:

كفر ۽ اسلام ۾ تا پرن اُبتا پير،
هڪ هندو ٻيا مسلمان، تيون وچ وڏائون وير،
انڌن اونڌه نہ لهي، تن کي سچ چوندو ڪير،
"روحل" راه پرين جي، جان گهمي ڏنوسين گهيڙ،
تہ رب مڙني ۾ هڪڙو، تنهن ۾ ڦند نہ ڦير،
سا ڪيڏي ڪندي پير، جا ستي ڪعبي وچ ۾!

(روحل فقير)

## مساوات انساني

قاضي صاحب جو چوڻ تہ هن وقت دنيا کي مساوات انساني جي تعليم جي جيتري ضرورت آهي ،اوتري ڪڏهين بہ نہ رهي هئي. دنيا جون مختلف قومون باوجود اصولي طرح مساوات ۽ جمهوريت جي دعوائن جي، اجان تائين سڌيءَ ۽ اڻ سڌيءَ طرح تفوق برتريءَ جي مرض ۾ ڦاتيون پيئون آهن. مذهب، جي دنيا ۾ محبت ۽ هڪجهڙائيءَ جي تعليم ڏيڻ آيا، سي بہ ان مرض کان آجا تي نہ سگهيا آهن. فلسفن کي بہ ان ڪم لاءِ ڪتب آندو پئي ويو آهي. پاڪ پليت، ننڍي وڏي، ڏاڍي هيٺي، اڇي ڪاري، شاهوڪار ۽ غريب وغيره جا تفاوت۔ تن انسانذات کي منجهائي ڇڏيو آهي.

ڪيس نهايت ارمان تي ٿيو، جڏهين ڪن مسلمان عالمن اسلام جهڙي مذهب کي بہ ان دوئيءَ يا فرق سان ملوث ڪري ڇڏيو هو. تنازع للبقا جي غلط اصول. کي مڃڻ، فسطائيت جي متن کي اسلامي رنگ ڏيڻ، پاڪ پليت جا عقيدا پکيڙڻ، ان دين فطرت کي چند ماڻهن جي گروه تائين محدود ڪرڻ، عقيدي ۽ عمل موجب اهي ڳالهيون اسلامي تعليم کان سو ڪوه پري هيون. تنهنڪري وحدت الوجود جي بنياد تي صحيح حقيقت معلوم ڪرڻ بعد، هُن سنڌ جي درويشن جي پيغام کي انهن خرابين کان بچڻ لاءِ صحيح حل ڄاتو ٿي۔ ڇي:

"پريان سنڌي پار جي مڙيئي منائي".

چوڻ وارا کهڙيءَ طرح پاڪ پليت جا تفاوت مذهب جي نالي ۾ مجي سگهيا ٿي! اهو ڪو هڪڙو دور هو، جڏهين آريائي مذهب وقتي تقاضائن موجب جاتين ۽ ماڻهن کي ورهايو ٿي. هاڻ اهو دور ختم ٿي چڪو هو. جڏهين ڏنائين ٿي تہ ڪي ماڻهو مذهب جي نالي ۾ تشدد قائم رکڻ لاءِ جهاد جو اکر اچاري رهيا هئا، تہ هن کي شاه لطيف جي مصرع ياد آئي ٿي-

هو چونئي تون مَ چوءُ واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري خطا سو کائي.

پير ۽ سيد، جي اصل ۾ اهل طريقت مان هئا، تن کي انڪساري، محبت ۽ مساوات جي صفتن کان عاري ٿي ڏنائين. تہ نهايت ارمان ٿيس ٿي. انهن ۾ فخر، وڏ ماڻهپائي، سجدلڪرائڻ، ماڻهن جي ڪمائيءَ تي جوڙن وانگر گذر ڪرڻ ڪيس پسند نٿي آيو. ملا کي جڏهين ظاهرداريءَ تي زور ڏيئي، حقيقي مسائل کان پاسيرو ٿي ڏنائين، تہ ارمان ٿي ٿيس، پر باوجود ان جي، سنڌ جي درويشن جي تعليم ۾ هن کي بين جاين کان زياده انهيءَ تعليم جي موجود هئڻ جو احساس ٿي ٿيو.

## دين فطرت

هن قانون ارتقاءَ ۾ دين فطرت محسوس ڪيو هو. اسلام کي دين فطرت سمجهيائين ٿي، پر ان کي چند دستورن، رسمن ۽ رواجن، قانونن ۽ فرسوده عقيدن تائين محدود ڪرڻ ۽ ان کي جدا فرقي بنائڻ جي ڳالهہ، روح اسلام جي خلاف ٿي سمجهيائين. جي، دين فطرت جا بنيادي متا، ڪائنات جو رتا ۽ مقصد سان پيدا ٿيڻ، اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم هئا. قانون ارتقاءَ يا دين فطرت وهندڙ پاڻيءَ وانگر هميشہ تازو رهڻو هو. هر زماني، ملڪي ماحول، ملڪي حالات، وقتي تقاضائن ۽ ذهني ارتقاءَ پٽاندر انسانذات کي وقت بوقت نوان نيا پيا ملندا ۽ نامعلوم راز کلندا هئا. اهو بي انت بحر هو. ان کي جدا فرقو بڻائي، ڪثرت مذاهب مان هڪ مذهب جٽي باهمي خلفشار ۾ ڦاسائڻ نيڪ نہ هو.

ان قسم جي پيغام لاءِ بہ سنڌي درويشن جي تعليم ۾ هن کي ڪيئي نقطا مليا هئا. هن دين فطرت جي ڪنجي محبت ۾ محسوس ڪئي هئي. هو مصري شاه جي هن مصرع کي دهرائيندو هو تہ-

عشق سارو اسلام، مذهب محبت عين مبارڪ.

## اهنسا يا عدم تشدد

هڪ ڏينهن مون هن کان ڊارون جي نئين نظريي تنازع للبقا (سر وائيول آف دي فٽيسٽ) جي مروج سوال کي پيش ڪري پڇيو تہ "اوهان مساوات کي دين فطرت جو مکيہ اصول تا سمجهو. هتي تہ پنج آڱريون بہ برابر نہ آهن. ٻڪري گاه کي کائي ٿي. ٻگهڙ ٻڪريءَ کي کائي ٿو. ڏاڍا هيڻن کي دٻائين ٿا. سامراجي قومون غريب ۽ پنٺي پيل قومن تي راڄ ڪن ٿيون. ان مان ظاهر ۾ ائين پيو معلوم ٿئي تہ دنيا ۾ مساوات آهي ئي ڪانہ. خود قانون فطرت تنازع للبقا جي حمايت ڪري ٿو." پاڻ مون کي پرنس ڪرپاٽڪن جي ڪتاب "ميوچوئل ايڊ" پڙهڻ لاءِ حڪم ڪيائون. ان جي پڙهڻ بعد جڏهين وٽس ويس، تہ فرمايائون تہ "تصوير جو ٻيو طرف ڏنئي. انساني زندگيءَ ۾ هڪ دور هو، جنهن ۾ چٽاپيٽي ۽ تصادم کي فوقيت مليل هئي. هاڻ وقت اچي ويو آهي، جڏهين لا آف جهنگل (حيواني تشدد) کي قٽو ڪرڻو پوندو، نہ تہ دنيا مان فساد، بدامني، نفاق ۽ خود مطلبي نہ نڪرندا. اتحاد انساني، امن عالم ۽ انساني ترقيءَ جي قانون ارتقاءَ جا بنيادي مقصد هئا. حاصل ٿي نہ سگهندا."

پوءِ پڇيم تہ اهي مقصد ڪهڙيءَ طرح حاصل ٿي سگهندا؟ تہ پاڻ فرمايائون تہ "اهي مقصد محبت، تاليف قلوب، ۽ تزڪيہ نفس، حميده اخلاق (معرفت) وڏيڪ سولائيءَ سان حاصل ٿي سگهن ٿا. دنيا ۾ هر ڳالهہ جا تشدد جي ذريعي حاصل ڪئي وڃي ٿي، سا وري تشدد جو شڪار ٿي، ختم ٿي وڃي ٿي. تلوار ذريعي جا شيءِ حاصل ٿيڻ واري هئي، سا تلوار ذريعي وڃڻ واري هئي، اهل سنڌ کي اهنسا جي پيغام جي حمايت ڪرڻي هئي.

## تعاون برائي ترقي

آءٌ مٿي ذڪري ڪري آيو آهيان تہ پاڻ ارتقاي حيات لاءِ تصادم ۽ چٽاپيٽيءَ کي امن عالم لاءِ غير موزون ٿي سمجهيائون، ۽ چيائون ٿي تہ آينده انسانن کي "تعاون برائي ترقي" ميوچوئل ايڊ، رواداريءَ ۽ گڏجي گذارڻ (Co-existance) جي اصولن تي هلي، امن ۽ ترقي حاصل ڪرڻي هئي. ان ڳالهہ لاءِ سنڌي درويشن اڳيئي پيغام ڏيئي ڇڏيو هو- ڇي:

ولر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهوئان ميٺ گهڻو.

حيوانن ۾ بہ ٻن قسمن جا جانور هئا. هڪڙا درندہ ۽ ٻيا سانتيڪا هئا. ڦهريان خونخوار ۽ ڦاڙيندڙ هئڻ ڪري پاڻ ۾ نهي هلي نہ ٿي سگهيا. ٻيا ولر ۾ رهڻ وارا جانور، جي پنهنجي سلامتيءَ ۽ ترقيءَ لاءِ ولرن ۾ رهيا ٿي. ماڻهو ولرن ۾ رهڻ وارن (Gregarious) جانورن مان هو. انڪري سندن ترقيءَ ۽ خوشيءَ لاءِ اتحاد، امن ۽ تعاون جي ضرورت هئي، جي قربانيءَ ۽ محبت سان حاصل ٿي سگهڻ وارا هئا. خود مطلبي ۽ ايثار متضاد شيون هيون. محبت مان ايثار جو مادو پيدا ٿي ٿيو. شاہ چيو آهي تہ-

پائي ڪان ڪمان ۾، ميان مار مَ مُون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

ان مصرع ۾ بني نوع انسان جي يڪ وجوديءَ جو پتو پوي ٿو.

**(2) قاضي صاحب فيض يافتہ بزرگ هو:**

"فيض" جي لغوي معنيٰ اُتل يا سيلاب آهي. جڏهين درياءَ ۾ موج اچي ٿي ۽ پاڻي چڙهي ٿو، تہ اهو ڪنارن کان اُتلي، آس پاس جي زمينن کي ٻوڙي، سيرآب ۽ زرخيز بنائي ٿو. جنهنڪري طرح طرح جا فصل، ٻيلا ۽ سبزہ زار پيدا ٿين ٿا.

اُن وانگر جڏهين ڪو بزرگ علم ۽ محبت جي صفتن سان پربور ٿئي ٿو، تہ سندس صحبت ۽ ڪلام ۾ بہ اهائي صفت پيدا ٿئي ٿي، جهڙي اُتندڙ درياءَ جي ٿيندي آهي.

صاحب فيض کي ولي بہ سڏيو وڃي ٿو. اڪثري عام ماڻهو ولي اُن کي سڏين ٿا، جو ڪرامتون ڏيکاري، اولاد وني ڏئي، بيماري دفع ڪري، دنيا جا مطلب پورا ڪرڻ لاءِ دعا ڪري، دُعا ۽ پِٽ پاراتي جو مالڪ هجي، وظيفا ڪڍي يا عبادتون ڪري، رهبانيت جي زندگي گذاري، مريدن کي ذڪر سيکاري، وغيرہ. پر اهي سڀ ڳالهيون اهل نظر ۽ صاحب دل ماڻهن وٽ رواجي، بيسود ۽ معمولي آهن. هنن جي نظر ۾ ولي يا صاحب فيض صرف اهو شخص ٿي سگهي ٿو، جو حقيقت اشيا جي اسرار کان واقف هجي ۽ ماڻهن جي نفسياتي، اخلاقي، ذهني خامين ۽ بيمارين کان واقف ٿي، انهن کان ڪين بچائڻ لاءِ ڪوشش ڪري. مردہ دلين کي علم ۽ عشق جي

نعمتن سان زنده ڪري ماڻهن کي تزڪيہ نفس، حميده اخلاق ۽ صحيح تعليم جي نعمتن سان مالا مال ڪري.

وليءَ جي لغوي معنيٰ دوست، هادي، استاد، محبوب آهي، پر ان جي حقيقي معنيٰ درويشن جي هيٺين اقوال مان معلوم ٿي سگهي ٿي-

وينـــي جنين وٽ، ڏکندو ڏور ٿئي،
تون تنين سان ڪٺ، اوڏا اڏي پکڙا. (شاهہ)

—

يــڪ زمـانــہ صحبت با اوليا،
بهتر از صد سالہ طاعت بي ريا. (رومي)

اهڙن بزرگن جي صحبت مان روح کي راحت ملي ٿي. ذهني خلفشار نڪري، يقين پيدا ٿئي ٿو. پوءِ انهن جو ست سنگي هن حالت کي پهچي ٿو-

پڇي وڃ گمان، اسان صحيح سڃاتا سپرين

مون کي قاضي صاحب ۾ مٿي ذڪر ڪيل اهل نظر واري معيار جون سڀ لياقتون ڏسڻ ۾ آيون هيون. تنهنڪري جيڪڏهين آءٌ کيس صاحب فيض ولي سڏيان، تہ صحيح ٿيندو ليڪن هر ماڻهوءَ جي نظر ۽ راءِ جدا آهي. شيخ سعدي عليہ فرمائي ٿو تہ-

بــاران کــہ در لطــافت طبعــش خــلاف نيســت
در بــاغ لالــہ رويــد و در شــوره بــوم خــس.

ان ۾ صحيح ڪسوٽي مجنوءَ جي اکين جي ٿي سگهي ٿي، جيئن هڪ شاعر چيو آهي-

ليلا را بہ چشم مجنون بايد ديد.

### (3) قاضي صاحب مرشد ڪامل هو:

"مرشد" لفظ جي معنيٰ بہ جدا جدا پئي ڪئي ويئي آهي. ڪن ماڻهن سنتن، سادن، پرهيزگار عابدن، راهبن ۽ ڪانيءَ ڪرامت وارن کي مرشد ڪري مڃڻ جي راءِ ڏني آهي. تہ ڪن وري بزرگن جي اولاد، سجاده نشين، گاديسرن وغيره کي بہ مرشد يا گروءَ جي برابر يا ڪم از ڪم انهن جو جاءِ نشين سمجهي مرشد پئي ورتو آهي. ڇي، پاڳين جا پاڻ ڪڏهين خالي نہ هوندا آهن.

پوءِ انهي پوئين درجي ۾ ڪي اهڙا بہ ماڻهو ٿين ٿا، جي پيٽ جا پوڄاري، اقتدار ۽ دنياوي عيش آرام جا بکيا ۽ حڪومت وقت جا دلال هوندا آهن- انهن لاءِ شاهہ لطيف فرمايو آهي تہ-

ويا سي وينجهار، هيرو لعل وڻڌين جي،
تنين سندا پوئيان، شيهي لهن نہ سار،
ڪٿين ڪٽ لهار، تنين سندي پيٽڻن.

• ليڪن اهل طريقت ۽ صاحب دل ماڻهن وٽ صحيح مرشد اهو ٿي سگهي ٿو، جو علم ۽ عشق جي اعليٰ درجي تي پهتل هجي، جنهن کي انساني زندگيءَ جي بنيادي مقاصد جي صحيح ڄاڻ هجي، جنهن کي تسلسل حيات جو صحيح راز معلوم ٿيل هجي، جنهن جي زندگي اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم جي حصول لاءِ وقف ڪيل هجي، جنهن جي دل حساس هجي، جنهن جو فڪر سليم هجي، جو مجسمو اخلاص، تهذيب ۽ قربانيءَ جو هجي.

ان ڪان سواءِ مسلمانن مرشد جي صحيح سڃاڻپ لاءِ فنا في الرسول جو درجو پڻ مقرر ڪيو آهي. رسول مان سندن مراد حضرت محمد ﷺ آهي، جنهن کي هو رحمت اللعالمين سڏين ٿا، جنهن ساريءَ دنيا لاءِ اتحاد، امن ۽ ترقيءَ جي رحمتن جو پيغام آندو. صاحب طريقت حقيقت محمديءَ کي "علم ڪل" يا بحر عشق جي معنيٰ ۾ ورتوآهي. تنهنڪري هو ملا وانگر، ان کي ڪنهن خاص مذهبي نظام ۽ قومي گروه سان وابستہ ۽ محدود تعليم جو حامل نٿو ڄاڻي. اهل طريقت جي نظر ۾ جنهن بہ ماڻهوءَ کي انسانذات لاءِ بنا تميز مذهب ۽ ملت جي محبت نہ هئي، جنهن جي عقيدي ۽ عمل مان امن عالم ۾ رڪاوٽ ٿي پيئي، جو نفرت، نفاق، تفوق، فساد ۽ تشدد جو حامي هو، سو ان حقيقت محمدي (رحمت اللعالمين) جي چشمۂ فيض مان سيراب ٿي نٿي سگهيو. بلڪ اهو. باوجود ظاهري زهد، تقويٰ ۽ علم جي، تنگ نظر ۽ بخيل هو- جنهن لاءِ شيخ سعدي فرمايو آهي:

"بخيل بود زاهد و ڪريد، بهشتي نباشد بہ حڪم خبر"

مون مٿي ذڪر ڪيل اهل طريقت جي نظر واريون جملي صفتون قاضي صاحب ۾ موجود ڏٺيون. شاهہ صاحب اهڙن ماڻهن لاءِ فرمائي ٿو تہ-

# ضميمو

قاضي ميان امام علي مرحوم جون ٻه شاديون ڪيل هيون: پهرين شاديءَ مان ٽي نياڻيون ٽيس ۽ ٻيءَ شاديءَ مان ٻه پٽ ۽ 8 نياڻيون.

پٽن جا نالا: 1. قاضي فخرالدين 2. قاضي ميان امداد علي (آءِ. آءِ. قاضي)، نياڻين جا نالا ۽ سندن اولاد:

1. مريم خاتون، زوجه خانبهادر قاضي غلام نبي - اولاد: قاضي آفتاب احمد، قاضي بشير احمد، ٻه نياڻيون آشا بيبي - خالق ڏني.

2. شاهل خاتون، ننڍپڻ ۾ وفات ڪئي.

3. امام زادي، زوجه ميان شمس الدين- اولاد: قاضي غلام مصطفيٰ، ڊاڪٽر علي احمد، محمد ابراهيم ۽ هڪ نياڻي نور جهان.

4. زبيده خاتون، زوجه خانبهادر قاضي غلام نبي - اولاد ڪونه.

5. زلفت - اولاد ڪونه.

6. موتي بيگم، زوجه خانبهادر محمد حيات - اولاد: خانبهادر ميان يار محمد - خداداد ۽ چار نياڻيون بدر النساءِ، مهر النساءِ، زينت، اختر.

7. آمنت خاتون، زوجه قاضي ميان علي محمد - ٻه پٽ اولاد: ميان ممتاز علي، مشتاق علي ۽ ٻه نياڻيون شرف النساءِ، خيرالنساءِ.


8. متل خاتون، زوجه ميان نجم الدين - اولاد ڪونه.

9. حيات خاتون، زوجه محمد عالم ٻه پٽ: گل محمد، عطا الله، ٻه ڌيئرون: مها بيگم، جنت خاتون.

10. ڪمال خاتون، زوجه ميان ولي محمد - ٻه پٽ: گل محمد عطا الله، هڪ ڌي جمال خاتون.

11. امام زادي (؟)

---



# سيد غلام مرتضيٰ شاهہ سيد محمد شاهہ سنائي

## عرف

# جي. ايم. سيد صاحب

- هن ڪتاب جو لائق مصنف: سندس جنم 17- جنوري 1904ع تي، ڇنڇر ڏينهن، سن جي ڳوٺ ۾ ٿيو.

پاڻ مٽياري سيدن مان، سيد شاهہ حيدر عليہ الرحمت جي اولاد مان چوڏهون نمبر سجاده نشين هو. تعليم مڪاني طرح ورتائين.

14 ورهين جي عمر ۾ سن جي شهر ۾ "انجمن مسلمين سن" برپا ڪري، شاديءَ، غميءَ ۽ ٻين رسمن جي اصلاح ڪرايائين.

مارچ 1924ع ۾، سنڌ جي سيدن جي تعليم، معاشرتي اصلاح ۽ تنظيم لاءِ سن ۾ مٽياري سادات ڪانفرنس سڏائي، "انجمن سادات مٽياري" قائم ڪرايائين.

آڪٽوبر 1925ع ۾، ڪراچي ضلعي جي "آبادگار ۽ زميندارن جي ائسوسئيشن" برپا ڪرڻ ۾ سيٺ محمد جعفر خواجہ سان گڏ مکيہ حصو ورتائين.

1926ع ۾، ڪراچي ضلعي لوڪلبورڊ ۽ اسڪولبورڊ جي ميمبريءَ وقت سن جي ڳوٺ ۾ زنانہ اسڪول، انگريزي ڪلاس ۽ شبينہ اسڪول قائم ڪرايائين.

گوڪلي، صدر: چيئمل پرسرام، شيخ عبدالمجيد ۽ جي. ايم. سيد سڪيريٽري هئا.

1930ع کان 1936ع تائين، خانبهادر عظيم خان ۽ جمشيد ميهتا سان گڏ، ڪوآپريٽو تحريڪ ۾ ڪم ڪيائين. سنڌ ۾ چيئمل پرسرام سان گڏ "صوفي سماگم" مجلسن سڏائڻ جو دستور وڌائين.

1931ع کان سنڌ ۾ ديسي هنرن کي زور وٺائڻ ۽ کاڌي تحريڪ کي زور وٺائڻ لاءِ ديسي نمائشن کي قائم ڪرڻ ۾ حصو ورتائين.

1940ع ۾، سنڌ سرڪار جي وزير تعليم، انڊسٽريز ۽ ليبر ٿيڻ بعد، هيٺيان ڪم ڪيائين:

(1) سنڌ ۾ جدا يونيورسٽي قائم ڪرڻ لاءِ ميران محمد شاهه جي صدارت هيٺ ڪميٽي مقرر ڪيائين.

(2) ڊسمبر 1944ع ۾ حيدرآباد ۾ گڏ ٿيل "سنڌ تعليمي ڪانفرنس" ۾ خاص حصو ۽ دلچسپي ورتائين.

(3) سنڌي ادب کي زور وٺائڻ لاءِ "سنڌي ادبي صلاحڪار بورڊ" ميران محمد شاهه جي چيئرمينيءَ ۾ قائم ڪيائين، جنهن جو سيڪريٽري عثمان علي انصاري هو، جو پوءِ غلام نبي پٺاڻ جي تعليمي وزيريءَ جي ڏينهن ۾ وڌي، 1951ع ۾ "سنڌي ادبي بورڊ" نالي سان سڏجڻ لڳو.

(3) اسڪولن ۾ راڳ، رقص، مصوريءَ جي تعليم کي زور وٺائڻ لاءِ ڪميٽي مقرر ڪيائين.

(4) سيڪنڊري تعليم جي زور وٺائڻ لاءِ ڪميٽي مقرر ڪيائين، جا آخر بدلجي "سيڪنڊري ايجوڪيشن بورڊ" جي صورت اختيار ڪري ويئي.

(5) ماڻهن طرفان اسڪولن ۾ زوري مذهبي تعليم رائج ڪرڻ جي سوال تي غور ڪرڻ لاءِ هڪ ڪميٽي علامه آءِ. آءِ. قاضيءَ جي صدارت هيٺ قائم ڪيائين، جنهن سفارش ڪئي تہ (تڏهوڪي صورتحال ۾) مذهبي تعليم جو اسڪولن ۾ رواج فائدي بدران نقصان جو ڪارڻ بڻبو.

(6) مزورن جي آرام ۽ ڪم جي وقت جي عرصي مقرر ڪرڻ لاءِ قانون پاس ڪرايائين.

(7) "انڊين نيشنل پلاننگ ڪميشن" (پنڊت جواهر لعل نهروءَ جي صدارت ۾ قائم ٿيل) تي ڪم ڪيائين.

"سنڌي ادبي بورڊ" جي ورڪنگ ڪميٽيءَ تي چيئرمين طور 1953ع کان 1958ع تائين ڪم ڪيائين.

"شاهه لطيف ڪلچرل بورڊ" قائم ڪرائي، ان تي ميمبر طور ڪم ڪيائين. شاهه لطيف جي درگاهه تي ثقافتي مرڪز جي تجويز تيار ڪري، ان کي بحال ڪرائڻ ۾ سندس مکيه هٿ هو.

هينيان ڪتاب تصنيف ڪيا اٿس، جن مان ڪي ڇپجي ويا آهن ۽ ڪي اڃا نه ڇپجي سگهيا آهن:

1- محال مانجهندن جو تعليمي ۽ تنظيمي پروگرام (ڇپيل)

2- پاڪستان قائم ٿيڻ لاءِ دليل- ترجمو (ڇپيل)

3- جديشري ڪان انتظامي ڪاتي کي جدا ڪرڻ- (علي محمد شاهه راشديءَ جي مدد سان لکيل) (ڇپيل)

4- جنب گذاريم جن سين- ٻه ڇاپا- ٻن جلدن ۾ (ڇپيل، جنهن ۾ 167 مکيه ماڻهن جي حياتيءَ جا احوال آيل آهن).

5- پاڪستان ۾ مسلمان- ترجمو (ڇپيل)

6- سنڌ جا سورما (ڇپيل)

7- سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائي (ڇپيل)

8- ساهڙ جا سينگار- علامه آءِ. آءِ. قاضيءَ جا خط (ڇپيل)

9- سنڌي ڪلچر (ڇپيل)

10- بزم صوفياءَ سنڌ جا خطبا (ڇپيل)

11- چونڊ سياسي مضمون ۽ تقريرون 1962ع (ڇپيل)

12- پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني- خاڪو (ڇپيل)

13- جديد عالمي سياست (ڇپيل)

14- اڄ ٻڙ چڪيم چاڪ (ڇپيل)

15- پيغام لطيف (ڇپيل)

16- شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جون ڪافيون (ڇپيل)

17- رهاڻ: سيد ميران محمد شاهه جا سندس ڏانهن لکيل خطن مان چونڊيل خطن جو مجموعو- ٻه ڇاپا (ڇپيل)

18- سيد علي محمد شاهه راشدي جا سندس ڏانهن لکيل خطن مان

چونڊيل خطن جو مجموعو (ڇپيل)

19- پيغامِ لطيف (درست ٿيل صورت ۾) (ڇپيل)

20- پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني: 5 جلدن ۾ (پهريون جلد ڇپيل باقي جلد اڻ ڇپيل)

21- جيئن ڏٺو آ مون (ڇپيل، سنڌيءَ ۾ ضبط ٿيل ۽ اردو ترجمو ملندڙ)

22- موجوده سياسي مسئلا: قوميت، زبان، مسلم ليگ ۽ سنڌ جي مسئلن تي مضمون (ڇپيل)، جيڪو پوءِ ضبط ٿيو.

23- نئين سنڌ لاءِ جدوجهد- سنڌي ۽ انگريزي (بندش پيل ڇپيل)

24- موجوده سياسي مسئلا (بندش پيل ڇپيل)

25- ديارِ دل ۽ داستانِ محبت (بندش پيل ڇپيل)

26- جديد سياست جا نوَ رتن (بندش پيل ڇپيل)

27- ادبي مضمون (اڻ ڇپيل)

28- اسلامي سربراهي ڪانفرنس- تبصرو (اڻ ڇپيل)

29- جناح سان لکپڙهه (اڻ ڇپيل)

30- سنڌ ۽ هند جي مک سياستدانن ۽ عالمن جا خط (اڻ ڇپيل)

31- تاريخ متعلوي سادات بمع شجره (اڻ ڇپيل)

32- محمد امين کوسي جي خطن جو مجموعو (اڻ ڇپيل)

33- سنڌ جي ساڃاهه (اڻ ڇپيل)

34- مٽياري ۽ سنائي سيدن جي تاريخ ۽ شجرا (اڻ ڇپيل)


35- پنهنجي مکيه سياسي مضمونن جو مجموعو (اڻ ڇپيل)

36- پنهنجن مکيه ثقافتي مضمونن جو مجموعو (اڻ ڇپيل)

37- حالات حاضره تي مضمون: مذهب، ثقافت، جدائيءَ جا ڪارڻ، مستقل وغيره (اڻ ڇپيل)

۽ ٻيا ڪيئي مضمون ۽ ڪتابچا، ڪي ڇپيل ۽ ڪي اڃا اڻ ڇپيل آهن.

---


نئين سنڌ لاءِ جدوجهد
جي ايم سيد
جيئن ڏٺو آهي مون
جي - ايم - سيد
سنڌ ڳالهائي ٿي
جي ايم سيد
سنڌو ديش ڇو ۽ ڇالاءِ
جي ايم سيد
پنهنجي ڪهاڻي
پنهنجي زباني
جي ايم سيد
جنب گذاريم
جن سين
سنڌوءَ جي ساڃاهه
جي . ايم . سيد
ديار دل
داستان
محبت
جي. ايم. سيد
جي ايم سيد اڪيڊمي
سن ضلعو ڄامشورو، سنڌ
Rs. 500/-